# سنڌ- هند جي
# قديم جاگرافي




اليگزينڊر ڪننگهام

عطا محمد ڀنيرو

سنڌي ادبي بورڊ

# سنڌ - هند جي قديم جاگرافي

مصنف:

اليگزينڊر ڪننگهام

مترجم:

عطا محمد ڀنيرو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ

2007ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون		سال 2007ع		تعداد هڪ هزار

قيمت: ٽي سؤ ٽيهه رپيا
[ Price Rs. 330-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www..sindhiab.com

هن ڪتاب کي اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| | مهاڳ | ١١ |
| ١. | سنڌ هند جي قديم جاگرافي | ٢١ |
| ٢. | اتر هندستان | ٣٢ |
| ٣. | ڪائوفو يا افغانستان | ٣۴ |
| ۴. | ڪاپيسيني يا آپياني | ٣۵ |
| ۵. | ڪارسانا، ڪارٽانا يا ٽيٽراگونس | ۴٣ |
| ٦. | ڪاپيسيني جا ٻيا شهر | ۴٧ |
| ٧. | ڪوفيني يا ڪابل | ۴٩ |
| ٨. | آرجوسيا يا غزني | ۵٦ |
| ٩. | لامغان | ۵٩ |
| ١٠. | نگراهار يا جلال آباد | ٦٠ |
| ١١. | گنڌارا يا پاراش وارا | ٦٣ |
| ١٢. | پشڪالاتي يا پيوڪلوٽس | ٦۵ |
| ١٣. | وروشا يا پالو ڍيري | ٦٧ |
| ١۴. | اُتا کنڊ يا اوهند يا ايمبوليما | ٦٨ |
| ١۵. | سلاتورا يا لهور | ٧٣ |
| ١٦. | آرناس يا آرنوس | ٧٣ |
| ١٧. | پاراش وارا يا پشاور | ٩٢ |
| ١٨. | اُديانا يا سوات | ٩۵ |
| ١٩. | بولور يا بالتي | ٩٧ |
| ٢٠. | فاران يا بنو | ٩٨ |
| ٢١. | اويوڪينس ۽ افغان | ١٠٠ |
| ٢٢. | ڪشمير جو مالڪ | ١٠٢ |
| ٢٣. | ڪشمير | ١٠٣ |
| ٢۴. | اراسا | ١١۵ |

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ ۽ هند جي قديم جاگرافيءَ بابت مواد تہ ڪتابن ۾ آيل آهي، پر اهو هڪ تہ جزوي آهي ۽ ٻيو ٽٽل حالت ۾ مليل ٿو. هيءُ اهڙو موضوع آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ خطي جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ حد جو ذڪر تسلسل ۽ ربط سان ڪيو ويندو آهي. ڇو تہ هر دور ۾ هر خطي جون جاگرافيائي حدون تبديل ٿينديون رهيون آهن. ضرورت ان ڳالهہ جي هئي، تہ هر خطي جي تاريخ جاگرافي مختلف دورن مان حاصل ڪري هڪ ڪتاب تيار ڪيو وڃي، جيڪو جاگرافيءَ سان دلچسپي رکندڙ حضرات لاءِ ڪارآمد ثابت ٿئي. جيئن تہ هيءُ موضوع محنت گهرندڙ ۽ ڇيڙهالو آهي، تنهنڪري ان کي هٿ ۾ کڻڻ بہ هڪ اهڙي ئي مَرَ ۾ چڙهڻ جو ڪم هو، جيڪو گوڏو ٻڌي ويهڻ جي هام هڻي چاڻي. مسٽر ڪننگهام اهو چئلينج قبولي قلم کنيو ۽ ڏاڍي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان هن ڪتاب جو مواد تيار ڪيو. هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ هزار جي لڳ ڀڳ ريفرنس ورتا ويا آهن. ان سموري ڪم دوران محقق کي يقيناً ڪافي ڪتبخانا گهمڻا پيا هوندا ۽ اڪيچار ڪتاب نظر مان ڪڍڻا پيا هوندا.

بورڊ، مسٽر ڪننگهام جي انهيءَ محنت کي قدر جي نظر سان ڏسندي هن جو سنڌي ترجمو نهايت قابل مترجم، محترم عطا محمد ڀنڀري صاحب کان ڪرايو. هڪ ٻوليءَ کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ تبديل ڪرڻ وارو ڪم بہ اوترو ئي مشڪل ٿئي ٿو جيترو تحقيقي ۽ تخليقي ڪم. محترم عطا محمد ڀنڀري صاحب هيءُ ترجمو نهايت محنت ۽ لڳن سان ڪيو آهي. هن ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ ئي معلوم ٿيندو، تہ مصنف ۽ مترجم ٻنهي صاحبن پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪيتري احسن طريقي سان نڀايو آهي. بورڊ هن ڪتاب کي ڇپي پڌرو ڪري هن خطي جو ڪجهہ قدر احسان لاٿو آهي.

ڄامشورو، سنڌ
اڱارو ٢٦- ذي الحج ١٤٢٧هہ
بمطابق 16- جنوري 2006ع

**اعجاز احمد منگي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

.٢٥ ٽيسيلا يا تاڪشاسيلا ١١٦

.٢٦ ماڻيڪيالا ١٣٠

.٢٧ سنگهاپور يا ڪيتاس ١٣٣

.٢٨ پونڇا يا پونڇ ١٣٧

.٢٩ راجاپور يا راجوڙي ١٣٨

.٣٠ پنجاب جا جابلو علائقا ١٣٩

.٣١ چمپا يا چمبا ١٤٩

.٣٢ ڪلو ١٥٠

.٣٣ نورپور يا پناڻيا ١٥٢

.٣٤ ستادرو ١٥٣

.٣٥ تاڪي يا پنجاب ١٥٦

.٣٦ جوب نات نگر يا پيرا ١٦٢

.٣٧ بڪي قالا يا دلاور ١٦٢

.٣٨ نڪاياه يا مونگ ١٨٣

.٣٩ سڪالا يا سانگلا ١٨٥

.٤٠ تاڪي ۽ اسرور ١٩٧

.٤١ ران - سي يا نارا سِنها ١٩٩

.٤٢ امباڪپي يا آماڪاتِس ٢٠١

.٤٣ لوهاوار يا لاهور ٢٠٣

.٤٤ ڪساور يا قصور ٢٠٤

.٤٥ چيناپٽي يا پٽي ٢٠٥

.٤٦ شور ڪوٽ ٢٠٨

.٤٧ ڪوٽ ڪماليہ ٢١٣

.٤٨ هڙاپا ٢١٥

.٤٩ اڪبر ٢١٧

.٥٠ ست گهرا ٢١٧

.٥١ ديپالپور ٢١٨

.٥٢ اجوڌن يا پاڪپتڻ ٢١٩

۵۳. ملتان جو علائقو ۲۲۴

۵۴. تلمبا ۲۲۸

۵۵. آتري ۲۳۱

۵٦. ملتان ۲۳۳

۵۷. ڪهرور ۲۴[illegible]

۵۸. اُچ ۲۴۳

۵۹. الهندو هندستان ۲۴۹

٦۰. سنڌ ۲۴۹

٦۱. سرو ۲۴۹

٦۲. مسناءِ ۽ سودراءَ يا سوگدي ۲۵۴

٦۳. ميوسي ڪاني يا الور ۲۵۸

٦۴. پرائيستي - پورتيڪئنس يا اوڪسي ڪئنس ۲٦۰

٦۵. وچولو ۲٦۳

٦٦. سندومان يا سيوهڻ ۲٦۴

٦۷. برهمانا يا برهمڻ آباد ۲٦۷

٦۸. لاڙ ۲۸۰

٦۹. پٽالا - نيرون ڪوٽ ۲۸۱

۷۰. جهرڪ ۲۸۹

۷۱. مين نگر، منحاباري يا ٺٽو ۲۹۰

۷۲. باربريڪي - امپوريم يا ڀنڀور ۲۹۵

۷۳. ديبل سنڌي يا ديبل ۲۹۷

۷۴. ڪيچ ۳۰۲

۷۵. سنڌوءَ جي اولهہ پاسي وارو علائقو ۳۰۴

۷٦. اوريٽاءِ يا هوريٽاءِ ۳۰۷

۷۷. گرجارا ۳۱۰

۷۸. وليادرا مابليپي ۳۱۴

۷۹. سوراشٽري ۳۲۰

۸۰. ٻڙوچ يا باري گزا ۳۲۲

| | | |
|---|---|---|
| .٨١ | وچ هندستان | ٣٢٣ |
| .٨٢ | استانيسور | ٣٢٤ |
| .٨٣ | پيهوئا يا پريٿوداڪ | ٣٣١ |
| .٨٤ | ٻئرات | ٣٣٢ |
| .٨٥ | سروگهنا | ٣٣٨ |
| .٨٦ | ميارپور يا هريدوار | ٣٤٣ |
| .٨٧ | برهماپور | ٣٤٧ |
| .٨٨ | گوويسان يا ڪاشيپور | ٣٤٩ |
| .٨٩ | آهيڇاترا | ٣٥١ |
| .٩٠ | پلوشانا | ٣٥٥ |
| .٩١ | سنڪسيا | ٣٥٩ |
| .٩٢ | مترا | ٣٦٢ |
| .٩٣ | ورينداون | ٣٦٤ |
| .٩٤ | قنوج | ٣٦٥ |
| .٩٥ | ايوٿو | ٣٧٠ |
| .٩٦ | هيہ مکہ | ٣٧٤ |
| .٩٧ | ڪوسامبي | ٣٧٨ |
| .٩٨ | ڪوساپور | ٣٨٣ |
| .٩٩ | ويساک، ساڪيت يا اجوڌيا | ٣٨٦ |
| .١٠٠ | سراوستي | ٣٩١ |
| .١٠١ | ڪپل | ٣٩٧ |
| .١٠٢ | رامگرام | ٤٠٢ |
| .١٠٣ | انوم ندي | ٤٠٥ |
| .١٠٤ | پيپل وڻ | ٤٠٩ |
| .١٠٥ | ڪوسينگر | ٤١١ |
| .١٠٦ | ڪکند کهائون | ٤١٣ |
| .١٠٧ | پاوا يا پڊارون | ٤١٤ |
| .١٠٨ | ورانسي يا بنارس گرج پتي پور | ٤١٧ |

| | | |
|---|---|---|
| ۱۰۹. | وئسالي | ۴۲۱ |
| ۱۱۰. | وريجي | ۴۲۴ |
| ۱۱۱. | نيپال | ۴۲۷ |
| ۱۱۲. | مگڌ | ۴۳۰ |
| ۱۱۳. | ٻڌگيہ | ۴۳۲ |
| ۱۱۴. | ککوت پد | ۴۳۵ |
| ۱۱۵. | کوساگراپور | ۴۳٦ |
| ۱۱٦. | رجگريھ | ۴۴۲ |
| ۱۱۷. | نالند | ۴۴۳ |
| ۱۱۸. | اندر - سيل - گوھا | ۴۴٦ |
| ۱۱۹. | بهار | ۴۴۸ |
| ۱۲۰. | هرينہ- پروت | ۴۵۰ |
| ۱۲۱. | چمپا | ۴۵۱ |
| ۱۲۲. | کانڪجول | ۴۵۲ |
| ۱۲۳. | پاندرورڌن | ۴۵۳ |
| ۱۲۴. | ججهوتي | ۴۵۴ |
| ۱۲۵. | مهوب | ۴۵۷ |
| ۱۲٦. | مهيشور پور | ۴٦۰ |
| ۱۲۷. | اجين | ۴٦۱ |
| ۱۲۸. | مالوا | ۴٦۲ |
| ۱۲۹. | کيدا | ۴٦۴ |
| ۱۳۰. | آنند پور | ۴٦۵ |
| ۱۳۱. | ودري يا ايدر | ۴٦۵ |
| ۱۳۲. | اوير هندستان | ۴۷۰ |
| ۱۳۳. | کامروپ | ۴۷۰ |
| ۱۳۴. | سمتت | ۴۷۲ |
| ۱۳۵. | تامرلي پتي | ۴۷۴ |
| ۱۳٦. | کرن - سوَورن | ۴۷۴ |

| | | |
|---|---|---|
| ۱۳۷. | اودر يا اوڙيسا | ۴۷۹ |
| ۱۳۸. | گنجم | ۴۸۲ |
| ۱۳۹. | ڏکڻ هندستان | ۴۸۳ |
| ۱۴۰. | ڪلنگ | ۴۸۴ |
| ۱۴۱. | ڪوسل | ۴۸۷ |
| ۱۴۲. | آنڌرا | ۴۹۴ |
| ۱۴۳. | دونڪ ڪوٽ | ۴۹٦ |
| ۱۴۴. | چوليا يا چوريا | ۵۰۹ |
| ۱۴۵. | دراويد | ۵۱۲ |
| ۱۴٦. | ملڪوت يا مدود | ۵۱۳ |
| ۱۴۷. | ڪونڪن | ۵۱٦ |
| ۱۴۸. | مهاراشٽريه | ۵۱۷ |
| ۱۴۹. | سريلنڪا | ۵۲۰ |
| | ضميما . | |
| ۱۵۰. | ضميمو - الف | ۵۲٦ |
| ۱۵۱. | ضميمو - ب | ۵۳٦ |
| ۱۵۲. | ضميمو - ج | ۵۴۲ |
| | حاشيا | |
| ۱۵۳. | (مهاڳ) | ۵۴۴ |
| | وڏيڪ حاشيا | |
| ۱۵۴. | (مڪمل ڪتاب) | ۵۴۵ |
| ۱۵۵. | ضميمن جا حاشيا | ۵۸۴ |
| | نقشا | |

مهاڳ

# سنڌ - هند جي قديم جاگرافي

سنڌ - هند جي جاگرافيءَ کي پنهنجي سهوليت خاطر ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ورهايــو ويو آهي. هر هڪ ڀـاڱي کي ان وقت جي مـذهب ۽ حڪومت جي نالي پٺيان سڏيو ويو آهي، جيڪو برهمڻ، ٻڌ ۽ مسلمان دور تي مشتمل آهي. برهمڻ دور کي ان وقت کان شروع ڪيو ويو آهي جڏهن آريا اتر هندســتـان تي ڇانئجي ويا ۽ پهريون ڀيـرو پنجاب جي ڌرتيءَ تي والار ڪئي هئـي. ان کـان پوءِ وري ٻڌن پنهنجي ٻاري ٻڌي، پير پختا ڪيا ۽ سياسي سگهه جو سهرو سر تي ڌريائون. اهو سنڌن تاريخ جو قـبل از تاريخ سـان لاڳاپيل دور آهي يا تاريخ جي ناتي سـان اهو زمـانو قـديم ڇئي سگهجي ٿـو. ان سـمي ملڪ ۾ ويدن واري ڌرم جي ساري ۽ سرسي هئي.

هندستان جي قديم جاگرافي، ٻڌ ڌرم جي اوسر ڪمال ۽ زوال واري دور تي مشتمل آهي، جيڪو مهاتما گوتم ٻڌ کان وٺي شروع ٿئي ٿو ۽ محمود غزنويءَ جي حملن تائين هلي ختم ٿئي ٿو. هن وچ واري عرصي جو وڏو حصو هن ملڪ تي ٻڌ ڌرم ڇانيو رهيو.

هندستـان جي جديد جاگرافي يا مسلمـان دور، اسلامي سگهه جي اوسر ۽ ملڪ تي ڇانئجي وڃڻ واري دور تي مشتمل آهي، جيڪو محمود غزنويءَ کان هلي پلاسيءَ جي جنگ تائين ختم ٿئي ٿو ۽ اهو ساڍا ست سو سال آهي. ان زماني ۾ مسلمان هندستان جي مهان سياسي سگهه هئا. ويدن جي دور جي ڏنل مثالن کي موضوع بڻائي، ايم - ووين ڊي سئنٽ مارٽن M. Vivien de saint Martin هڪ جدا تصنيف لکي آهي. هن قديم دور تي ليکڪ موصوف ڏاڍو ڪارائتو مضمون لکيو آهي (١) جنهن جو هندستان جي پراڻي جاگرافيءَ سان واسطو آهي. هـن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته جيڪڏهن جاڪوڙ

۽ کوجنا ڪجي تہ ويدن جي شلوڪن مان بہ گھڻي لاياڻتي ڄاڻ ملي سگھي ٿي.

قديم دور سان لاڳاپيل ٻيو ٿورو گھڻو مواد اسان کي ايچ. ولسن (H.H. Wilson) جي تصنيف "آريانا ائنٽيڪئا (Ariana Antiqua) ۽ پروفيسر لئسن (Lassen) جي ڪتاب، 'پينٽا پوٽاميا انڊيڪا' (Penta potamia Indica) مان ملي سگھي ٿو. هنن ڪتابن ۾ مواد گھڻو اتر- اولهہ هندستان جو ملندو. قديم هندستان(۲) جي جاگرافيءَ جي ناتي سان پروفيسر لئسن جو ڪتاب ڪارائتو آهي. پر هن ڪان وڌيڪ ڄاڻ اسان کي ايم. ڊي سئنٽ مارٽن جي لکيل ٻن مضمونن مان ملي ٿي. هڪ مضمون هندستان جي جاگرافيءَ بابت آهي ۽ يوناني ۽ لاطيني ذريعا سندس مواخذ آهن. ٻيو مواد اسان کي سندس لکيل ضميمي (Appendix) مان ملي ٿو، جيڪو هن جولين (Julian) طرفان چيني سياح شين سئنگ (۳) (Hewn Tsang) جي حياتي ۽ سفرنامي جي ڪيل ترجمي سان شامل ڪيو هو. هن ايڏيءَ جاکوڙ ۽ کوجنا ڪئي آهي جو شين سئنگ جا بيان ڪيل ٿاڪن ٿاڻن جي گھڻي قدر سڃاڻ ٿي وئي آهي ۽ باقي ٿورا وڃي ڪي رهيا آهن. هن اهڙي تہ سهڻي نموني ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي جو جتي اسان جا نقشا ڪارگر ثابت نہ ٿيا، اتي سندس مضمونن جا بيان اسان لاءِ هن سڄڻا سونهان بڻيا. ۽ تن جي سهائتا ۽ آڌار سان ٿوري پنڌ تي وڃي گھربل پڊن تي پهتاسين.

ٽئين يا پوئين دور لاءِ مسلمان ملڪن جون ججهيون تاريخون موجود آهن. جيستائين مون کي ڄاڻ آهي تہ ڪنهن جتن ڪري اها جاکوڙ ڪانہ ڪئي آهي تہ پندرهينءَ صدي ۾ جڏهن تيمور حملو ڪيو تہ هندستان ۾ ڪيتريون آزاد رياستون موجود هيون. خاص نقشن نہ هئڻ ڪري هن دور جي تاريخ گھڻو مُنجهيل آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو پتو ڪونہ ٿو پوي تہ مسلمانن جي مختلف ملڪن جهڙوڪ: دهلي، جونپور، بنگال، مالوا، گجرات، سنڌ، ملتان ۽ هندن جي ملڪن جهڙوڪ: گواليار ۽ ٻين آزاد رياستن جون ان دور ۾ سرحدون ڪهڙيون هيون. ماڙ کوجنا واسطي ٻڌ دور يا هندستان جي قديم جاگرافيءَ جي موضوع جي چونڊ

اونداهي دور کي روشن ڪري ڇڏن ٿا. انهن جي وڙائتي واهر ۽ سهائتا سان هندستان جي قديم جاگرافي جا ٽڙيل پکڙيل ذرا پرزا ميڙي چونڊي گڏ ڪري وٺون ٿا.

چيني ياتري فا - هيان Fa - Hian ٻڌ ڀڪشو هو، جنهن سن ٣٩٩ع کان ۴١٣ع تائين، سنڌو جي مٿئين پاڳي کان وٺي گنگا جي ڇوڙ تائين اتر هندستان جو سفر ڪيو، افسوس جي ڳالهه اها آهي جو سندس سفرنامو مختصر آهي ۽ ان جو فقط سندس ڌرم سان لاڳاپيل پوتر آستانن ۽ پوتر شين سان واسطو آهي. پر هن ڇا ڪيو آهي جو مکيه ٿاڪن ۽ ٿاڻن کان طرف ۽ پنڌ جي فاصلي جو وچور ٻڌايو اٿائين ان ڪري سندس هي اختصار به ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو آهي. ٻيو چيني ياتري سنگ - ين Sung - yun هو، جنهن ٥٠٢ع ڌاران سفر ڪيو. پرسندن احوال ڪابل ماتري ۽ اتر پنجاب سان لاڳاپيل آهن، تنهن ڪري اهي ڪجهه گهٽ اهميت رکن ٿا. ٻي ڳالهه اها به آهي ته سندن لکڻين ۾ جاگرافيءَ سان واسطو رکندڙ ڄاڻ ڪانه آهي. (٥)

ٽيون چيني ياتري شين سئنگ آهي. هي به ٻڌ ڀڪشو هو. هن پنهنجي زندگيءَ جا پندرهن سال هندستان ۾ هن مقصد سان گذاريا ته جيئن پنهنجي ٻڌ ڌرم جي ڪتابن جو چڱي ريت مطالعو ڪري سگهي. ان ارادي سان هن ٻڌ ڌرم سان واسطو رکندڙ سڀئي پوتر آستان پيتيا هئا. هن ياتريءَ جي سفرنامي جي ترجمي واسطي اسان ايم استانس لاس جولين M. Stanislas Julien جا ٿورائتا آهيون، جنهن اڻ ٿڪ پورهئي، اڻٿڪ ۽ پاڻ ارپڻ واري ارادي سان ويهه سال لڳاتار سنسڪرت ۽ چيني ٻولي سکڻ ۾ گذاريا. انهيءَ نيت سان ته جيئن هن چيني ياتريءَ جو سفر نامو صحيح طريقي سان ترجمو ڪري سگهي (٦) شين سئنگ ٦٢٩ع کان ٦۴٥ع تائين هندستان جو سفر ڪندو رهيو. هن عرصي دوران هو ڪابل کان ڪشمير ويو، گنگا ۽ سنڌوءَ جي ڇوڙ جا ٿاڪ ڏٺائين ۽ نيپال کان مدراس ويجهو ڪنچاپور تائين به ويو. هي ياتري مئي سن ٦٣٠ع ۾ اتر - اولهه کان باميان Bamian طرف کان ڪابل جي حدن ۾ پهتو هو. گهمندو گهتندو پنهنجي پسند جي شهرن ۾ رهندو، نيٺ ٻئي سال جي اپريل مهيني ۾ اوهند

وٽان اچي سنڌوپار ڪئي هئائين. هوڪجهه وقت ٽيڪسلا ۾ ٽڪيو ۽ چوڏاري ٻڌ ڌرم جا پوتر آستان پيٽيائين. اتان ڪان پوءِ هو ڪشمير اسهيو، جتي هو پورا ٻه ورهيه ترسيو؛ اتي پنهنجي ڌرم سان واسطو رکندڙ ڪتابن جو مطالعو ڪيائين. اتان پورب پار پنڌ ڪري سانگالا Sangala جا ٿرڙ ڏٺائين، جيڪو سڪندر جي زماني جي تاريخن جو مشهور شهر هو. ان ڪان پوءِ مطالعي جي مقصد سان چوڏهن مهينا چينا پتي Chinapati ۾ چار مهينا جولانڌارا Jolandhara ۾ رهيو. تنهن ڪان پوءِ سن٦٣٥ع ۾ سرءُ جي رت ۾ ستلج پار اڪريو. بعد ۾ سندس سفر جو احوال ڏنگو ڦڏو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو اوير ڏانهن سنڌو هلندي ياترا واسطي ڪنهن ڌرمي آستان ڏانهن لڙي پوي ٿو. ڪڏهن ته وري وڪڙ ڪري موٽي به ٿو. ڇاڪاڻ ته اهو سندس اڻ ڏٺو ڏيهه هو ۽ اڳتي وچي ڪيس پتو پوندو هو ته ڪو ڌرمي آستان سندس زيارت ڪان رهجي ويو آهي. اهڙيءَ ريت هو مترا وٽ پهچي وري اتر - اولهه ڏانهن لاڙو ڪري ٻه سو ميل پنڌ هٽي ٿانيسر وٽ پهتو. اتان وري هو اوير طرف هلي ٿو ۽ جمنا درياءَ تي سروگهنا Srughna نالي ٿاڪ وٽان لنگهي، گنگا جي ڪناري آباد شهر گنگا دوارا Gangadwara ڪان ٿيندو پنچالا يارو هيلکنڊ جي راڄڌاني آهچترا Ahichhtra وچي نڪتو. اتان هلي گنگا پار ڪري دوآبي جي مشهور شهرن سنڪيسه Sankisa قنوج ۽ ڪوسمبي Kosambi کي ٻه ڏوري ڏٺائين. بعد ۾ اتر طرف هلي اوڌ جي شهرن اوڌيا ۽ سروستيءَ جي يلاري پونءِ پيٽيائين. هنن ماڳن جي اوير طرف پنڌ پڄائي وچي ڪپل وستو ۽ ڪسي نگرا Kusinagara پوتر پڊن تي پهتو، جتي مهاتما ٻڌ ڄائو ۽ وفات ڪئي هئي. ڪپل وستوءَ جون زيارتون ڪري وري الهندي بنارس ڏانهن موٽيو. هي اهو ماڳ آهي جتي مهاتما ٻڌ پنهنجي ڌرم جي پهرين سکيا ڏني هئي. اتان ڪان هن وري اوير طرف ترهٽ Tirhut جي حدن ۾ موجود مشهور شهر وئساليءَ Vaisali جي زيارت ڪئي. اتي ڪجهه وقت ترسڻ ڪان پوءِ نيپال روانو ٿيو ۽ وري موٽي وئسالي پهتو. اتان گنگا اڪري پراڻي شهر پٽالي پترا Pataliputra يا پالي بوترا Palibothra ۾ اچي زيارتون ڪيائين. اتان ڪان پوءِ سفر ڪري گايا

Gaya جي چوڌاري ڪيترن مشهور آستانن جون زيارتون ڪيائين. هن "ٻڌ گايا" پرسان هڪ انجير جو وڻ هو جنهن هيٺان مهاتما ٻڌ، پورا پنج سال ويهي غور ۽ فڪر ڪيو هو. هتان ڪان پوءِ هي چيني ٻڌ ڀڪشو گريئيڪ Giriyek نالي هڪ ٽڪرائتي علائقي ڏانهن روانو ٿيو، جتي گوتم ٻڌ، اندر ديوتا کي پنهنجي ڌرم جا متا سمجهايا هئا. انهن زيارتن ڪان پوءِ هو مگڌ جي پراڻي شهر ڪساگراپور Kusagarapura ۾ ويو ۽ اتان ڪان هڪ شهر راجا گريها Raja g riha پهتو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ مگڌ جي راڄڌاني هو. نالنندا Nalnanda ۾ تعمير ٿيل ٻڌ جي مشهور اسٽوپا ڏنائين. سڄي هندستان جي ٻڌ ڌرم سان واسطو رکندڙ وڏي ۾ وڏي پاٺ شالا ۾ هئي، هتي هو پندرهن مهينا تڪي سنسڪرت ٻولي سکڻ لڳو. سن٦٣٨ع جي پڇاڙيءَ ڌاران هن وري ٻه اوڀر طرف سفر شروع ڪيو ۽ گنگا جو ڪنارو ڏئي وڃي موداگري Modagiri ۾ چمپا پهتو. ان ڪان هلي درياءَ اکري اتر طرف هليو ۽ پندرا وارڌانا Pundra Vardhana يا پبنا ۽ ڪاما روپا Kamarupa يا آسام ڏانهن نڪري ويو.

هندستان جي صفا اوڀر واري علائقي ۾ پهچي هن ڏکڻ ڏس ڏانهن منهن موڙيو ۽ ساماتاتا Samatata يا جيسور ۽ تامراليپتي Tamralipti يا تاملوڪ مان لنگهي سن٦٣٩ع جي شروعات ۾ وڃي اودرا يا اوڙيسا پهتو هو. سندس سفر جو رخ اڃان ٻه ڏکڻ هو ۽ گنجم Ganjam ۽ ڪالنگا Kalinga کان ٿيندو، هو وري اتر - اولهه طرف روانو ٿيو ۽ هندستان جي پوري وچ تي موجود شهر ڪوسالا يا برار اچي نڪتو، تنهن کان پوءِ ڏانا ڪاڪاتا يا امرا واتي ڏانهن وينديءَ انڌرا يا تلنگانا وٽان گذريو. ان دور ۾ ڏانا ڪاڪاتا جي پرسان ڪستنا Kistna ندي وهندي هئي. هن ٻڌ ڌرم جي مطالعي واسطي ڪافي وقت هتي گذاريو ۽ سن٦٤٠ع جي اڳياڙيءَ ۾ هتان روانو ٿيو. ان کان پوءِ سندس سفر جو رخ ڏکڻ طرف تي ڪانچي پور Kanchipura يا ڪانجوي رام Konyeve ram ڏانهن ٿئي ٿو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ دراويدا Dravida علائقي جي راڄڌاني هو. بعد ۾ سندس سفر جو ڏکڻ وارو رخ ختم ٿي وڃي ٿو. شايد ڪيس اتي اها سڌ پئي ته سري

ڪوسمبي مان ٿيندو، وڃي قنوج رسيو. مختلف جڳهن تي جيڪي ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل وڏن ڏينهن جون رسمون ٿيون، تن جو ذري پرزي جو احوال ڏيڻ ڪونہ وساريو اٿائين. انهن حقيقتن مان اسان کي اهو پتو پوي ٿو تہ تن ڏينهن هڪ عام ماڻهو ٻڌ ڌرم جون ريتون رسمون ڪهڙي نموني ادا ڪندو هو. قنوج مان هن راجا هرش وارا ڌانا ڪان موڪل ورتي ۽ جالنڌارا Jalandhara جي راجا اڌيتا سان گڏجي اتر - اولهہ رخ تي سفر ڪرڻ لڳو. سندس راڄڌانيءَ ۾ هو مهينو ڪن ترسيو. هن پيري سندس سفر جي رفتار ڍري ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هاٿي هن سان گڏ مهاتما ٻڌ جون مورتيون ۽ ڌرم جا ڪتاب ۽ ٻيون بہ گهٽيون ئي ڌرمي شيون هيون، جيڪي هاٿين تي لڏيل هيون (٨) پنجاه ڪن قلمي نسخا تہ اوهنديا اتا خاندا Uta khanda وٽان سنڌو پار ڪندي ناس ٿي ويا هئا. هن ياتريءَ سنڌو بہ هاٿيءَ چڙهي پار ڪئي هئي. سنڌوءَ کي اهڙي طريقي سان ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروريءَ ۾ ئي پار ڪري سگهبو آهي. ان ڪان پوءِ برف رجڻ ڪري درياءَ ۾ چاڙهہ اچي ويندو آهي. منهنجو انومان آهي تہ هن سنڌو سن٦٤٣ع جي پڇاڙيءَ ۾ اڪري هوندي. هن اتاخاندا ۾ پنجاه ڏينهن ترسي سنڌوءَ جي پاٽيءَ ۾ ناس ٿيل ڪتابن جي جاءِ تي ٻيا ڪتاب هٿ ڪيا. بعد ۾ ڪاپيسا Capisa جي راجا سان گڏجي لامغان Lamghan روانو ٿيو. هن سفر ۾ ڪيس مهينو ڪن لڳي ويو هوندو، تنهن ڪري انومان آهي تہ هو لامغان ۾٦٤٤ع مارچ مهيني جي وچ ڌاران پهتو هوندو. يا ٿي سگهي ٿو تہ جڏهن هندوڪش جبل جا لڪ لنگهڻ جوڳا نہ رهيا هوندا، تنهن رت ڪان ٿي مهينا ڪن اڳ ۾ اتان مٽيو هوندو. هيءَ حقيقت ڪافي آهي، جنهن مان سمجهي سگهون ٿا تہ هڪدم ڏکڻ ڏانهن پندرهن ڏينهن سفر ڪري فالانا يابنو جي علائقي ۾ جو آيو ۽ ڪابل ۽ غزنيءَ ڪان ٿيندو جولاءِ جي شروع ۾ ڪاپيسا پهتو هو. هو هتي پهتو تہ ٻڌ ڌرم جون ريتون رسمون ملهائجي رهيون هيون. اندازو آهي تہ هن ڪاپيسا وچ جولاءِ سن٦٤٤ع ڪان اڳ ڪونہ ڇڏيو هوندو. چوڏهن سال اڳ جڏهن هو باميان ڪان هندستان جي حدن ۾ پهچي رهيو هو تہ بہ اهائي ساڳي موسم هئي. ڪاپيسا مان هو پنجشير ماٿريءَ مان اڪري

خواڪ Khawak لڪ مــان لنگهي آنديراب Anderab آيو هوندو. معلوم ٿئي ٿو تہ هو آنديراب ۾ جولاءِ جي پڇاڙيءَ ۾ پهتو هوندو. اها برفاني لڪ لتاڙڻ واسطي شروعاتي موسم هوندي. اهڙي ريت جبلن جون چوٽيون ۽ وچان پنڌ ۽ پيرن جا پيٽ جميل برف سان چانيل ڏٺائين ۽ اتان گـذريو. ســال جي پڇاڙيءَ واريءَ رت ۾ هو ڪاشــغر، ياركند Yɑrkand ۽ ڪوتان Kotan پهـــتـــو ۽ آخر سن٦٤٥ع جي چيٽ جي چگيريءَ رت ۾ هوخير سان اولهہ چين جي راڄڌانيءَ ۾ وڃي رسيو هو.

هي شين سٽنگ جي سفر جو هڪ مختصر احوال آهي، جيڪو اوهان جي سامهون رکيو ويو آهي، پر ان ۾ هندستان جي سفر جو ذڪر گهٽي تفصيل سان ڏنو ويو آهي. جيستائين منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي تہ هندستان بابت ڪنهن بہ سياح هن ياتري ڪان وڌيڪ تفصيل نہ ڏنا آهن. بچانان هئملٽن Buchanan Hamilton بہ هن ملڪ جي ذري پرزي جي احــوال ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ان جو واسطو اتر هندســتان جي گنگا مــاٿريءَ جي هيٺين عـلائقن ۽ ڏکڻ ميـسـور واري ايراضيءَ ســان آهي. جئڪيـومـانٽ Jacquemont جو سفر بہ ڪن محدود علائقن تي مشتمل آهي. هن فرينچ ڏاهي ماٺهوءَ جو گهڻو ڪري واسطو جيالاجي ۽ باٽنيءَ جي مـوضوعن سان هو، تنهن ڪري سندس هندستان جو سفر جاگرافي متعلق گهٽ نظر اچي ٿو. اتر هندستان جو سفر مون بہ گهڻو ڪيو آهي. پشاور ڪان سنڌوءَ جي ڪناري سان آباد ملتان ۽ اتان ڪان رنگون ۽ پروم Prome-هوڏانهن ڪشمير ۽ لداخ ڪان وٺي سنڌوءَ جي چوڙ تائين ۽ اتان هلي نربدا جون ڪنڌيون ڪنارا بہ گهمي گهتي ڏنا اٿم. مون ڏکڻ هندستان ڪونہ گهميو آهيِ. اولهہ هندستان مان رڳو ممبئي ڏٺي اٿم. مشـهور غارن مان ايلورا، اجنتا ۽ ڪانهري Kanhari وارا غار ۽ گفائون ڏٺيون آهن. هندستان ۾ ٽيهن ڪان وڌيڪ ســالن جو عـرصـو نوڪري ڪندي گذاريو اٿم. ان ســاري عــرصي دوران جڏهن بہ واندو ٿـيندو هوس تہ هندســتــان جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ تي سوچيندو ويچاريندو هوس. اتي رهائش جا پويان چار سال تہ منهنجو ڌنڌو ۽ موضوع ئي اهي مضمون هئا. ڇاڪاڻ تہ هندستان جي حڪومت مون کي قديم آثارن جو سروير Surveyor مقرر ڪيو

هو ۽ حڪم ڪيو ويو هو تہ مان ملڪ جي پراڻن پدن، تاڪن ۽ ترڙن جي جاچ ڪري حڪومت کي اهڙي جاڻ ڏيان، مون کي ملڪ جي جاگرافيائي مطالعي جو سونهري وجهہ مليو هو ۽ ان جو پرپور لاڀ پرايم ۽ پنهنجي لياقت کي پرکي ڏسڻ جو بہ موقعو مليو هو. قديم آثار سان لاڳاپيل حقيقتون اجان گهٽيون لڪل آهن پر مون کي خوشي هن ڳالهہ جي آهي تہ منهنجي کوجنا (تحقيق) هن ڏس ۾ ڏاڍي سوياري ثابت ٿي، جو ان جي سهائتا سان قديم هندستان جي مشهور شهرن جو ڏس پتو پيو. اهي سيئي ماڳ مڪان ايندڙ صفحن ۾ بيان ڪيا ويندا، پر انهن مان ڪن اهم ماڳن جو ذڪر هتي بہ ڪرڻ گهران ٿو. انهيءَ مقصد سان تہ مون هي ڪم بنا اڳوات تياريءَ جي شروع ڪونہ ڪيو آهي.

(١) آراناس Aornos هڪ مشهور جبل، جيڪو پنهنجي حملي دوران سڪندر فتح ڪيو هو.
(٢) ٽيڪسيلا - هي شهر اتر - اولهہ پنجاب جي راڄڌاني هو.
(٣) سانگالا Sangala_وچ پنجاب ۾ ٽڪريءَ تي اڏيل هڪ قلعو، جنهن کي سڪندر فتح ڪيو هو.
(٤) سروگهنا Srughna-جمنا درياءَ جي ڪناري سان آباد هڪ شهر.
(٥) آهي ڇاترا Ahichhtra-اتر پنچالا جي راڄڌاني.
(٦) بئرات Bairat دهليءَ جي ڏکڻ ۾ متسہ Matsya علائقي جي راڄڌاني.
(٧) سنڪيسہ Sankisa-قنوج پرسان اها مشهور جاءِ جتي مهاتما ٻڌ آسمان تان هيٺ زمين تي لٿو هو.
(٨) سرا واستي - راپتي جي ڪناري هڪ مشهور جڳهہ، جتي مهاتمابڌ پرچار ڪندو هو.
(٩) ڪوسمبي Kosambi-الله آباد پرسان جمنا جي ڪناري آباد هڪ شهر.
(١٠) پرماوتي_هن تي ڀاوڀوتي Bhavabhuti شاعري ڪئي آهي.
(١١) وئسالي Vaisali_هي ماڳ پٽنا کان اتر ڏس تي واقع آهي.
(١٢) نالندا Nalanda-ٻڌ ڌرم جي مشهور پاٺ شالا جيڪا سڄي هندستان ۾ مشهور هوندي هئي.

# سنڌ - هند جي قديم جاگرافي

يونانين جي احوالن مان پتو پوي ٿو تہ هندستان وارن کي پنهنجي ملڪ جي شڪل صورت ۽ پکيڙ جي ڄاڻ هئي. اسٽرئبو (١) (Strabo) جي حوالي موجب سڪندر اعظم اهڙن ماڻهن کي پاڻ وٽ گهرائي ڪانئن سنڌن ملڪ جي پڇاڳاڇا ڪئي هئي، جن کي ساري ملڪ بابت پوري ڄاڻ هئي. اهي احوال شاهي بادشاهن جي خزانچيءَ زينوڪلس (Zenokles) بعد ۾ سربستي نموني پٽروڪلس کي ٻڌايا. سيلوڪس نيڪاٽر (Seleukus Nekator) جي حڪمرانيءَ هيٺ اتر شام جي ڪن صوبن جو حاڪم هو. انٽيوڪس ساٽر (Antiochus Soter) جي زماني ۾ بہ کيس ساڳين علائقن جو حاڪم بحال ڪيو ويو هو. هن جيڪا بہ هندستان ۽ ٻين اوڀارين علائقن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي هئي، سا ايڏي تہ کري ۽ سچي هئي جو بعد ۾ اراٽوس ٿينز ۽ اسٽرئبو ان کي پنهنجو ماخذ بنايو هو. ٻيو حال احوال اسٽاٿمي (٢) (Stathmi) يا روزانو پيش قدميءَ بابت جيڪا ڏهاڙي (ڊائري) مسوڊونا جي امينٽاس (Amintas) رکي هئي، ان تان بہ فائدو ورتو ويو هو. ان ڏهاڙيءَ جي سچائيءَ جي پنيرائي ميگاستينز، (Megas thenes) بہ ڪئي هئي، جيڪو پاڻ جڏهن سليوڪس نيڪاٽر جي طرفان سفير هو، تڏهن پاليبوٿرا (Plibothra) پاڻ ڏٺو هئائين. اهڙن سچن ۽ کرين لکڻين جي آڌار تي اراٽوس ٿينز ۽ ٻيا مصنف هندستان کي گهٽ وڌ پاسن سان چوڪنڊو بيان ڪن ٿا، جنهن جي اولهہ ۾ سنڌو وهندو آهي. اتر ڪان جبل اٿس، اوڀر ۽ اتر پاسي کان سمنڊ آهي (٣). اولهہ وارو پاسو ماپ ۾ ٻين کان ننڍو آهي. پٽروڪلس جو اندازو آهي تہ اهو پاسو ٻارنهن هزار اسٽاڊيا ۽ اراٽوس ٿينز جو چوڻ آهي تہ ٽيرنهن هزار اسٽاڊيا (٤) آهي. هن ڳالهين تي سڀ مصنف متفق آهن تہ سڪندر جنهن ماڳ وٽان پل جوڙائي هئي، اتان کان وينڌي سمنڊ تائين سنڌوءَ جي ڊيگهہ هڪ هزار يا ٻارنهن سو اٺونجاهہ انگريزي ميل آهي. پر انهيءَ فاصلي تي سنڌن اتفاق راءِ ڪونہ

آهي، جتان سنڌو برفاني علائقن مان گذرندي آهي، جيڪو ان پل کان وٺي مٿي هماليه يا ڪاڪسس Caucas us يا پئروپاميسس Paropamisus واري علائقي تي مشتمل آهي. سنڌوءَ کان وٺي پاليبوترا تائين ملڪ جو اولهه کان وٺي اوڀر ڪل فاصلو ڏهه هزار اسٽاڊيا يا يارهن سو اٺونجاه انگريزي ميل آهي. پاليبوترا کان وٺي سمنڊ تائين ڇهه هزار اسٽاڊيا يا ڇهه سو اٺانوي انگريزي ميل فاصلو ٿيندو. اهڙيءَ ريت سنڌوءَ کان گنگا جي ڇوڙ تائين ڪل فاصلو سورهن هزار (٥) اسٽاڊيا يا ارڙهن سو انٽيهه انگريزي ميل آهي. پليني Pliny (٦) موجب پاليبوترا کان وٺي گنگا جي ڇوڙ تائين فقط ٦٣٧.٥ رومي ميل فاصلو آهي. پر سندس ڏنل انگن اکرن تي ويساهه ڪري ڪونه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته اهي غلط آهن. مان سندس ڏنل فاصلي کي وڌائي ٧٣٧.٥ رومي ميل بيهاريان ٿو، جيڪي وڃي ٦٧٨ انگريزي ميل ٿيندا. گنگا جي ڇوڙ کان وٺي راس ڪماري Cape comorin تائين اوڀارئين سامونڊي ڪناري جو فاصلو سورهن هزار اسٽاڊيا يا ارڙهن سو انٽيهه انگريزي ميل آهي. راس ڪماري کان وٺي ويندي سنڌوءَ تائين ڏاکڻون (يا ڏکڻ - اولهه وارو) سامونڊي ڪنارو ٽي هزار اسٽاڊيا آهي (٧) جنهن جو ڪل جوڙ وڃي اٺويهه هزار اسٽاڊيا يا ايڪيهه سو ٽياسي انگريزي ميل ٿئي ٿو.

هندستان جي هن پيڪيڙ کي جڏهن سڪندر واري مليل معلومات سان ڀيٽائي ڏسجي ٿو ته بئي نهڪي بيهن ٿيون. هن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته قديم هندستان وارن کي به پنهنجي ملڪ بابت ڪيڏي ڪريءَ ترجماني هئي.

هندستان جي اولهه پاسي کان، اوهند کان مٿان اٽڪ کان وٺي سمنڊ جي ڇوڙ تائين سنڌوءَ جو فاصلو ساڍا نو سو ميل ڪن ٿيندو. پاٽيءَ سان اهو پنڌ وڃي ٻارنهن سو ميل بيهندو. اتر واري پاسي سنڌوءَ کان پاٽنا تائين يارهن سو ٽيتاليهه ميل آهي، جيڪو فوج جي چرپر وارن ڪتابن ۾ درج ٿيل آهي. اهو فاصلو، سنڌوءَ کان پاليبوترا تائين ويندڙ شاهي رستي کان فقط ڇهه ميل ننڍو آهي. هن رستي جو ذڪر ميگاس ٿينز جي ذريعي سان اسٽرئبو بيان ڪيو آهي. هن کان اڳتي

اناويهہ هزار استاديا ۽ اتر کان ڏکڻ پتيهہ هزار استاديا ماپ آهي، جيڪا ڪل سٺ هزار استاديا وڃي بيهندي.

هن ڪان پوئين دور ۾ لکيل مهاڀارت ۾ هندستان جي شڪل صورت هڪ جهڙن پاسن واري ٽڪنڊي جهڙي ٻڌائي وئي آهي. راس ڪماريءَ کي ٽڪنڊي جي چوٽي ٻڌايو ويو آهي. ان ٽڪنڊي کي وري چئن ننڍن ٽڪنڊين ۾ ورهايو ويو آهي (١١)۾ راس ڪماريءَ کي ان ٽڪنڊي جي مٿين ڪنڊ ۾ ترليڪ (ٽري واري ليڪ Base) هماليہ جبل جي قطار کي سمجهيو ويو آهي. هتي نہ پکيڙ ڏني وئي آهي ۽ نہ وري ڪن ماڳن جوئي ذڪر ڪيو ويو آهي. پر هندستان جي ننڍن نقشن مان نقشي نمبر٢ ۾ مان هڪ جيترن پاسن وارو ٽڪنڊو ڪڍيو آهي، جنهن جي ليڪ دوارڪا ۽ گجرات وچان ۽ اوپر طرف کان گنجناءِ Ganjane وٽان لنگهي ٿي. ان جي ٽنهي پاسن تي وري ٽي ٽڪنڊا ڪڍيل آهن، جيئي اتر- اولهہ، اتر - اوپر ۽ ڏکڻ طرف ڏسي سگهجن ٿا. اهڙيءَ ريت اسان هڪ وڏي ۽ هڪ جيترن پاسن واري ٽڪنڊي اندر هندستان جا چار ڀاڱا ناهي ورتا آهن. جيڪڏهن ان ٽڪنڊي جون غزنيءَ ڏانهن اتر - اولهہ خدون وڌائبيون ۽ هڪ ڪنڊ راس ڪماري ۽ ٻي ڪنڊ آسام جي ساديا Sadiya کي مقرر ڪنداسين تہ اها شڪل صورت چڻ تہ هندستان جي نهي پوندي. اسان جو اندازو آهي تہ مهاڀارت پهرين صدي عيسويءَ ۾ لکي پورو ڪيو ويو هو. ان زماني ۾ سنڌوءَ جي الهندي ڪناري سان موجود ملڪ اندو - سٿين حڪمرانن جي هٿ هيٺ هئا. ان هوندي بہ انهن علائقن کي بہ هندستان جي اصلي حدن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

هندستان بابت پيا بہ ڪي بيان آهن، جن مطابق هندستان کي نون ڪندن يا نون ڀاڱن ۾ ورڇيو ويو آهي. اهڙو پهريون ذڪر علم نجوم جي ماهرن پاراسرا Para sara ۽ واراها - مهرا Varaha-Mihira ڪيو آهي. اهي ٻئي قديم دور سان واسطو رکن ٿا. (١٢)۾ ان ڪري پراڻن جي لکڻهارن کين ماخذ ٻڌايو آهي. هن جوڙجڪ موجب پنچالا وچ هندستان جو مکيہ علائقو هو. مگڌا اوپر علائقي جو، ڪالنگا Kalenga، ڏکڻ - اوپر، آونتا Avanta ڏکڻ،

پتو ڪونہ ڏنو ويو آهي ۽ اهي "وراهَا مهرا" جي بيان ڪيل نون ڀاڱن جي نالن کان ماڳهين ڀيا آهن. چاڪاڻ تہ اندرا اوپر، ورونا اولهہ، ڪماريڪا وچ، ڪيسرو ضرور اتر هوندو. وايپوءِ برهمندا جي پراڻن ۾ بہ اهو ذڪر موجود آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هندستان جا پنج ڀاڱا عيسوي صديءَ جي شروعات ۾ مشهور هئا. چين کان آيل پانڊيئڙن ۽ مصنفن بہ ائين لکيو آهي. وشنو جي پراڻ موجب (١٩) وچ وارو علائقو ڪرس Kurus ۽ پنچالا جي قبيلن اچي ولاريو هو. اوپر ۾ ڪامروپا يا آسام هو. ڏکڻ ۾ پندراس Pundras، ڪالنگا ۽ مگڌ هئا. اولهہ ۾ سوراشترا، سورا Suras، ابيرا Abhira، اربودا Arbuda ڪاروشا Karusha، مالوا، سوويرا ۽ سنڌوا آهن. اتر ۾، هُن Huna سالوا Salwa، ساڪالا Sakala، راما Rama اباشيتا Abashita ۽ پراستڪا آهن.

ٽالمي جي جاگرافي ۾ هندستان جي شڪل صورت بگاڙي وئي آهي. ٻنهي طرفن کان سامونڊي ڪنارا اچي راس ڪماريءَ وٽ ملن ٿا ۽ سنڌن ناهيل ڪنڊ گوني ڪنڊ کان بہ ننڍي آهي. پر ٽالمي ان کي هڪ ئي سامونڊي ڪنارو ڏيکاريو آهي ۽ سنڌوءَ جي ڇوڙ کان وٺي ويندي گنگا جي ڇوڙ تائين سڄي سامونڊي ڪناري کي سڌو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. هي غلطي گهڻو ڪري ان سبب آهي جو ٽالمي خط استوا جي هر درجي Degree واسطي ڇهہ سو اولمپڪ استاديا بدران پنج سو استاديا ڏنا آهن. ٻيو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ٽالمي رستي جي فاصلي ۽ نقشي ۾ ڏنل فاصلي جي اندازي ڪرڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. پر مکيہ ڪارڻ هيءُ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هن خشڪيءَ جي فاصلي کي سمنڊ جي سفر کان وڌائي پيش ڪيو آهي (٢٠).

جيڪڏهن سامونڊي سفر جو فاصلو بہ ساڳيءَ ريت وڌايو وڃي ها يا ان جو اندازو بہ ساڳئي نموني ڪيو وڃي ها، جهڙيءَ ريت هن خشڪيءَ جي سفر جي فاصلي بابت اندازو لڳايو آهي تہ هڪ علائقو ۽ شهر پنهنجي اصلي جاءِ تي بيٺل ڏسڻ ۾ اچي ها. پر ٽالمي جي خشڪي ۽ سامونڊي فاصلي جي گهٽ وڌ اندازي ڪري شهر پنهنجي اصلي جاين کان گهڻو پري اوپر طرف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيئن

هيءُ لفظ مورخ متوان لن Matwan lin به هتان ئي ورتو آهي . ٿنگ Thang گهراڻي جي بادشاهن جي ڪاغذن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هندستان پنجن حصن ۾ ورهايل آهي. هي گهراڻو ستين صديءَ ۾ چين تي حڪمراني ڪندو هو. انهن حصن جا نالا اوياريون، اولاهيون، اتريون، ڏاکڻيون ۽ وچون هو ۽ انهن کي پنج انڊيز Five Indies جي نالي سان سڏيو ويندو هو. مون کي پتو ڪونه ٿو پوي ته ملڪ کي پنجن حصن ۾ ورهائڻ وارو طريقو ڪڏهن استعمال ڪيو ويو هو. پر ان بابت پراڻي ۾ پراڻو ڏس پتو اسان کي سنه٤٧٧ع ۾ ملي ٿو (٢٣)۰ان زماني ۾ اولهه هندستان جي راجا، چين جي حڪمران ڏانهن پنهنجو سفير موڪليو هو. وري سنه٥٠٣ع ۽ ٥٠٤ع ۾ هن راجا جي نقش قدم تي هلندي اتر ۽ ڏکڻ هندستان جي راجائن به پنهنجا سفير چين روانا ڪيا (٢٤) هئا. چين جي قديم ڪتابن ۾ هندستان جي حصن پاڱن جو ذڪر موجود ڪونه آهي. پر ان جي ڌار ڌار صوبن جو ذڪر ضرور ملندو، باقي اهڙي لکت ڪانه ملندي ته ڪهڙو صوبو ڪٿي ۽ ڪهڙي طرف آهي. اهڙيءَ ريت اسان کي سنه٤٢٨ع ۾ ڪپل Kapila جي راجا يو - گائي Yue gai ۽ سنه٤٥٥ع (٢٥) ۾ گنڌارا جي راجا جو پڻ ذڪر ملي ٿو. هن مان اسان کي اها به جاڻ ملندي ته هندستان کي ڪڏهن مگڌ جي نالي به سڏيو ويندو هو. اهو هندستان جي نهايت شاهوڪار ۽ دولتمند صوبي جو نالو آهي. ڪنهن زماني ۾ هن کي "برهمندا جي حڪومت" نالي به سڏيو ويندو هو، چاڪاڻ ته هن علائقي ۾ اهو قبيلو گهڻو آباد هو (٢٦)۰هنن بادشاهن مان پهرئين نالي وارو حڪمران ٻيءَ يا ٽينءَ صدينءَ عيسوي ڌاران هتي راڄ ڪندو هو. ان زماني ۾ هندستان جي وڏي حصي تي گپتا گهراڻي جي حڪومت هئي.

ستين صدي عيسويءَ ۾ هندستان اينڌڙ چيني ياتري شين سئنگ Hwen Tsang به هندستان جي حصن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن حصن جا نالا اوياريون، ڏاکڻيون، اولاهيون، اتريون ۽ وچون ٻڌائي ٿو،جهڙيءَ ريت اهي هڪ ٻئي سان طرفن جي ناتي سان لاڳاپيل هئا (٢٧)۰مذڪوره ياتري هن ملڪ جي شڪل ستين تاريخ جي چند جهڙي ٻڌائي ٿو، جنهن جو ويڪرو پاسو اتر ۽ نهايت سوڙهو پاسو ڏکڻ

ڏانهن آهي. ٽالمي جي جاگرافي ۾ به هندستان جي شڪل صورت ائين آهي. پر وڌيڪ صحي بيان هڪ چيني سياح فاهه - ڪاءِ - لي - تو fah-kai-lih-to جو آهي، جنهن جو چوڻ آهي تہ: "هن ملڪ جو سوڙهو پاسو ڏکڻ ۽ ويڪرو پاسو اتر طرف آهي." وري چرچو گهپو ڪندي اڳتي چوي ٿو: "هتان جي رهواسين جا مهاندا بہ پنهنجي ملڪ وانگي آهن" (٢٨)شين سئنگ جو چوڻ آهي تہ هندستان جو گهيرو "نوي هزار لي" آهي (٢٩)، پراهوحقيقي انگن اکرن کان بہ ٻيڻو آهي. پر چين جي سرڪاري ڪاغذن ۾ (٣٠) هندستان جو گهيرو ٽيهہ هزار لي لکيل آهي. جيڪڏهن اسان انگريزي ميل ۾ ڇهہ لي جو حساب ڳڻنداسون تہ هندستان جي گهيري جي هيءَ ماپ تمام ٺوري آهي . چيني ياتريءَ اهو فاصلو رستي جي پنڌ جي ماپ مطابق ڏنو آهي. پر جيڪڏهن فاصلو نقشن تان ورتو ويندو هوندو، جنهن جو امڪان بہ آهي تہ پوءِ هيءُ امڪان بہ آهي تہ هڪ لي "Li" ۾ ڏهہ سو اٺاسي ڏهائي ٻارهن 1079.12 فوٽ جو ماپو رکيو ويندو هوندو. انهن صديءَ ۾ لي Li جو اهو ماپو هوندو هو. ان ليکي سان ٽيهہ هزار لي وجي ڇهہ هزار هڪ سو ٽيهہ انگريزي ميل ٻيهندا. اها ماپ اسٽرئبو جي ڏنل انگن اکرن کان ست سو چوهٺ ميل گهٽ آهي، جيڪا هن سڪندر جي دور تي لکيل ڪتابن مان ورتي هئي ۽ اهڙي ساڳي ماپ ميگاس ٿينز ۽ پئٽروڪلس جي ڇپيل ڪتابن ۾ بہ موجود آهي.

چين جا ماڻهو هندستان جي پنجن ڀاڱن کي پنج هندستان Five Indies ڪري سڏيندا هئا. اهي هن ريت هئا جيڪي نقشي نمبر 1 ۾ ڏسي سگهجن ٿا:

(١) اتر هندستان، سڄي پنجاب، ڪشمير، اوسي پاسي جي جابلو علائقي، سنڌوءَ کان پار اوپر افغانستان، ستلج ۽ سرسوتي درياه جي وچ تي موجود علائقن تي مشتمل هو.

(٢) اولهہ هندستان سنڌ، راجپوتانا جي اولاهين حصي، ڪڇ، گجرات ۽ نربدا جي چوڙ واري سامونڊي ڪناري واري علائقي تي مشتمل هو.

(٣) وچ هندستان ۾ هي علائقا شامل هئا: گنگا جي سڄي ماٿري - دوآبي جي سري ٿائين ٿانيسر وارو علائقو - هماليہ جبل کان وني نربدا

جي ڪناري تائين سارو علائقو.

(۴) اوپر هندستان ۾ آسام، بنگال، گنگا جي چوڙ وارو علائقو، سمبل پور، اوڙيسا ۽ گنجم.

(۵) ڏکڻ هندستان اولهه کان ناسڪ (Nasik) تائين اوپر کان گنجم تائين ۽ هيٺ ڏکڻ راس ڪماريءَ تائين پکڙيل هو. ان کان سواءِ موجوده دور وارا بهار، تلنگانا، مهاراشٽر، ڪون ڪان (Konkan)، حيدرآباد (دکن) ميسور ٽراونڪور، ويندي نربدا ۽ مهاندي جي ڏکڻ تائين سارا علائقا منجهس شامل هئا.

چين وارن هندستان کي پنجن ڀاڱن ۾ ورهايو هو جيڪو هتان جي ڏيهي جوڙجڪ کان وڌيڪ سولو هو، جنهن جا نو حصا هئا، جهڙيءَ ريت وراهامهرا ۽ پراڻن ذڪر ڪيو آهي. اها ڳالهه پوريءَ پڪ سان چئي سگهجي ٿي، تہ اهو طريقو هندن کان ورتو ويو آهي، جيڪي پنهنجي ملڪ کي ڪنول گل جيان سمجهندا آهن. وچ ۾ وچ هندستان وارو علائقو ۽ انن پنکڙين جيان چوڌاري ٻيا علائقا ڏيکاريا ويندا آهن (٣١). چين واري جوڙجڪ ۾ وچين حصي جي چوڌاري چار ٻيا علائقا ڏيکاريا ويا آهن، جيڪو وڌيڪ سولو ۽ ياد رکڻ جوڳو بہ آهي ۽ مان بہ ان کي ئي موجوده بيان ۾ ورجايان ٿو.

شين سئنگ هندستان ۾ ستين صدي عيسويءَ ۾ آيو. ان زماني ۾ هندستان اسي بادشاهين ۾ ورهايل هو (٣٢). هر هڪ کي پنهنجو جدا حڪمران هو. ڪي راجائون وڏن ملڪن جا ڏن ڀرو بہ هئا. اهڙيءَ ريت اتر هندستان، ڪابل، جلال آباد، پشاور، غزني ۽ بنو جي علائقن تي مشتمل هو. اتان جا سڀئي حڪمران ڪاپيسا (Kapisa) جي مهاراجا جا ڏن ڀرو هئا، جنهن جي راڄڌاني گهڻو ڪري چاريڪار (Charikar) يا اليگزينڊريا

(سڪندريہ) ۾ هئي. اصلي پنجاب ۾، ٽيڪسيلا جو جابلو علائقو، سنگهارا پور، اراسا (Urasa) پونڇ ۽ راجوڙي شامل هئا. جيڪي ڪشمير جي راجا جي ماتحت هئا. ٻيا ميداني علائقا هئا. انهن جي وسعت ۽ طاقت جو اندازو هن مان بہ ڪري سگهجي ٿو تہ هن اتر- اولهہ طرف ڪشمير تي ان ڪان پوءِ ڏکڻ - اولهہ مهاراشٽريہ جي راجا بہ ڏکڻ اوڀر طرف گنجم تي زبردست حملا ڪيا هئا. (٣٣) هيءُ راجا ستينءَ عيسوي صديءَ جي پهرئين حصي ۾ هندستان جي مذڪوره حدن جو هڪ مشهور حڪمران هو.

ڏکڻ هندستان وارو علائقو ستن هڪ جيترن ملڪن ۾ ورهايل هو. جيڪي هي هئا: اتر ۾ مهاراشٽرا ۽ ڪوسالا- وچ ۾ ڪالنگا، انڌارا، ڪون ڪانا، ڌاناڪاڪتا (Dhanakakta) ۽ ڏکڻ ۾، جوڙيا، درويدا ۽ مالاڪوتا (Malakuta) جا ملڪ هئا. هن سان اسي ملڪن وارو چڪر پورو ٿئي ٿو جنهن ۾ ستين صدي عيسويءَ دوران هندستان ورهايل هو.

## اتر هندستان - ١

هندستان جون قدرتي سرحدون، هماليہ جبل، سنڌو ۽ سمنڊ آهن. پر اولهہ پاسي کان ڪيترن ئي طاقتور حڪمرانن هن سرحد کي بار بار پٺي اورانگهيو آهي. سڪندر کان وٺي ويندي تمام پوئين دور تائين ڪن مُصنفن اوڀر آريانا (Ariana) ، جنهن ۾ افغانستان جو وڏو حصو اچي وڃي ٿو، تنهن کي بہ هندستان جو ڀاڱو ڀانيو آهي. اهڙيءَ ريت پليني (٣٥) چوي ٿو تہ "ڪيترا مورخ سنڌوءَ کي هندستان جي سرحد ڪونہ ٿا سمجهن. پر ان سان گيدروسي (gedrosi)، آرجوٽاءِ (Archotae)، آري (Arii) ۽ پئرپامي سئڊاءِ جا چار ملڪ بہ ڳڻين ٿا. اهڙيءَ ريت ڪابل نديءَ کي هندستان جي حد قرار ڏيندا آهن." (٣٦) اسٽرئبو جو بہ اهڙو ساڳيو خيال ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ چوي

تو تہ ”هندستان وارن سنڌوءَ جي ڪناري سان آباد ملڪن کي والاري ڇڏيو آهي. جيڪي اڳ ۾ ايران جي ملڪيت هئا. سڪندر آرياني (Arani) جو علائقو کانئن فتح ڪري اتي پنهنجا ماڻهو وسايا هئا. پر سيليوڪس نيڪاٽر اهو علائقو شاديءَ بدلي چندر گپتا جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ ان جي عيوضي ۾ پنج سو هاٿي ورتا هئائين. هيءُ موريا گهراڻي جو مشهور راجا چندرگپتا آهي، جنهن جي پوٽي آسوڪا، ٻڌ ڌرم جي واڌاري واسطي ٻڌ ڀڪشو پرچار لاءِ ڏيهه سان ڏور موڪليا هئا. السدا (Alasadda) يا اليگزينڊريا ائڊ ڪاڪسم (Alexandria ad Caucasum) ان يوناني علائقي جي راڄڌاني هو جنهن کي يونا (Yona) سڏيندا هئا. اهو بہ اسوڪا جي حڪمرانيءَ ۾ پريري پنڌ تي واقع هو. شين سئنگ جو بيان آهي تہ اوسي پاسي ڪيترائي اسٽوپا نهيل هئا، جيڪي اسوڪا جي ڪوشش سان نهرايا ويا هئا. اسان کي هن ڳالهہ جي پوري ثابتي ملي آهي تہ هندستان وارن ٽين ۽ چوٿين صدي قبل مسيح ۾ افغانستان ڪابل ماٿريءَ تي وڃي قبضو ڪيو هو. هندستان وارن جو پورو قبضو باختري يوناني سڪن تي لکيل هندستاني ٻولي مان بہ ظاهر ٿئي ٿو. سڪن تي هندستاني لکت ١٠٠ع يا ان کان بہ پوءِ واري دور تائين بہ هلندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اها لکت ٻن ٽن صدين تائين گم ٿيوجي ٿي. پر سفيد هنس White Huns واري دور يعني ڇهين صديءَ ۾ اسان کي بيهر ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ا کان پوءِ ستينءَ صديءَ ۾ اسان کي بيهر ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان کان پوءِ ستينءَ صديءَ عيسويءَ ۾ چيني ياتريشين سئنگ آيو هو. جنهنوسيلي اسان کي پتو پوي ٿو تہ ڪاپيسا Kapisa جو

حڪمران ڪشتريہ يا چندرراجپوت هندو هو. ڏهين صدي عيسوي ۾ ڪابل ماتريءَ تي هڪ هندو برهمڻ حڪمران هو. سندس حڪمراني محمود غزنويءَ جي شروعاتي دور تائين هلي. تنهن ڪري اسان ڪي اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ اوير افغانستان جي هن دور واري انساني آبادي انهن پراڻن هندستاني آبادڪارن جو اولاد هئي ۽ هو ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا. غزنوي جيڪي بعد ۾ مسلمان ٿيا هئا، سي هنن ٻڌن کان نفرت ڪندا هئا ۽ کين قتل ڪرڻ کي پنهنجي روحاني راحت ۽ فرض سمجهندا هئا. اهڙين ڳالهين ڪري بت پرستي ختم ٿي وئي ۽ هندستاني نسل جيڪو صدين تائين اوير آريانا ۾ آباد هوسو ہميشہ لاءِ ختم ٿي ويو.

# اتر هندستان

## ڪائوفو Kaofu يا افغانستان

ڪيترين صديون عيسوي سن ڪان اڳ ۽ ان ڪان پوءِ، سنڌوءَ ڪان پار اتر هندستان جا علائقا جن ۾ هندستاني مذهب ۽ ٻوليءَ جو غلبو هو، تن ۾ باميان ڪان وٺي قنڌار تائين اولهه طرف سارو افغانستان ۽ بولان لڪ تائين ڏکڻ پاسي وارو علائقو به شامل هو. اهو وڏو خطو ڪنهن زماني ۾ ڏهن (٣٧) ملڪن ۾ ورهايل هوندو هو. انهن مان مکيه ملڪ هي هئا: اولهه ۾ ڪابل ۽ غزني. اتر ۾ لامغان ۽ جلال آباد - اوڀر ۾ پشاور ۽ سوات - اتر - اوڀر طرف بلور Bolor ۽ ڏکڻ ۾ بنو ۽ اوپوڪين Opokien. هن سڄي ساري علائقي جو گڏيل نالو ڪائوفو Kaofu هوندو هو، جنهن لاءِ بيان آهي ته ٻي صدي قبل مسيح ۾ هي علائقو پارٿين، هندستانين ۽ ڪپين Kipin جي ساڪاءِ Sacae جي وچ ۾ ورهايو ويو هو. ان بيان موجب ڏکڻ - اولهه وارو قنڌار (٣٨) جو علائقو پارٿين، پشاور، سوات ۽ بنو وارو اڀرندو علائقو هندستان وارن کي مليو. ڪابل ڪان اتر - اولهه، غزني، لامغان ۽ جلال آباد وارا علائقا سيٿين جي ساڪاءِ قبيلي جي حوالي ڪيا ويا. نالي جي هڪ جهڙائي ۽ جاگرافيائي صورتحال مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪائوفو، ڪابل آهي. هن ڳالهه کي سياسي طور تي صحيح سمجهي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪابل جون الهندي پاسي سرحدون پارٿيا ڏانهن ۽ اڀرندي هندستان ڏانهن وڌي سگهن ٿيون. تنهن ڪري چيني ماڻهن جي نقطهءِ نظر موجب ڪائوفوجو علائقو ساري موجوده افغانستان تي مشتمل آهي. لغوي طور به امڪان آهي ته ٻنهي لفظن جي معنيٰ هڪ جهڙي هجي. ڇاڪاڻ ته يو چي يا توچاري Tochari جي پنجن قبيلن مان هڪڙي جو نالو ڪائوفو Kaofu هو، جن هن شهر تي قبضو ڪري پنهنجو نالو ڪائوفو رکيو هو ۽ اهو ٻي صدي قبل مسيح وارو زمانو هو. چيني مصنفن جي هن بيان جي پٺڀرائي سڪندر جا مورخ به ڪن ٿا،

جن "اورتوس پانا" Ortospana شهر جو ذڪر ڪيو آهي، پر ڪابل شهر جو نالو به ڪونه ڪنيو اٿائون. ٽالمي ئي پهريون شخص آهي، جنهن هن شهر ڪابل جو نالو وٺي ذڪر ڪيو آهي ۽ لکي ٿو ته اورتوس پانا يا ڪابورا Kabura، پئروپنمساڊاءِ Paropnmisadai جي راڄڌاني آهي. هن حقيقت کي نظر ۾ رکي مان هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اورتو سپانا هن ملڪ جي راڄڌانيءَ جو اصلي نالو هو. سڪندر پنهنجي حملي دوران هن جو اهو نالو مٽائي اليگزينڊريا رکيو هو. ان کان پوءِ اندو - سٿين حڪمران وري ساڳيو نالو رکيو. ستين صدي عيسويءَ دوران جڏهن ڪاپيسيني Kapisene جي راڄڌاني اوپياني Opiani هو ته سندس نالو وري تبديل ڪيل ٿو ڀائنجي.

## ڪاپيسيني يا آپياني

چيني ياتريءَ جي لکت مـوجب ڪياپشي Kiapishe يا ڪاپيسيني Kapisene جي چوڙاري گهيرو چار هزار لي يا ڇهه سو ڇاهٺ ميل آهي. جيڪڏهن اسان هن ماپ کي ٿورو گهٽ وڌ يا صحيح سمجهون ته هي علائقو ڪافرستان، غوربند ۽ پنجشير واريون ايراضيون پاڻ ڏانهن گهلي وٺندو. ڇاڪاڻ ته اهي ٽئي جڻ ته گڏيل علائقا آهن ۽ ٽنهي جو گهيرو ٽي سو ميل مس ٿيندو. ڪياپشي بابت وڌيڪ بيان آهي ته هن علائقي جي چوڌاري جبل آهن. اتر طرف کان هڪ برف پوش جبل اٿس، جنهن جو نالو پو - لو - سي[١] - نا Po-lo-se-na آهي ۽ باقي ٽن پاسن کان ڪاري رنگ جون ٽڪريون آهن. پولوسينا جو نالو زنداويستا[(٣٩)] Zend Avesta ۾ بيان ڪيل جبل پاريش Paresh يا اپارسين Aparasin سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. يونان وارن هن کي پئروپاميسس Paropamisus نالي سان سڏيو آهي، جنهن هندوڪش Indian Caucasus جي جابلو سلسلي کي پاڻ سان ملائي ڇڏيو آهي. شين سئنگ اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته راڄڌاني کان اٽڪل پنج سو لي يا ٽيٽيهه ميل پري اتر - اولهه طرف، هڪ جبل آهي، جيڪو برف سان ڇانيل آهي. سندس چوٽيءَ تي مٿي هڪ وڏي ڍنڍ موجود آهي. ڏسجي ٿو ته اهو پاڻ هندوڪش جبل آهي، جيڪو چاريڪار Charikar ۽ اوپياني

ڪان پنجنيھہ ميل اتر- اولهہ طرف موجود آهي. مان تہ گهٽائي هٽ پير هنيا آهن پر مون ڪي ڪنهن اڏوري سڌوري ڪتاب مان معلوم ڪونہ ٿيو آهي تہ افغانستان جي هن علائقي ۾ ڪا ڊنڊ بہ موجود آهي.

ڪاپيسيني جو پهريون پيرو ذڪر پلينيءَ ڪيو آهي. سندس بيان آهي تہ هن علائقي جي قديم راڄڌاني جو نالو ڪاپيسا (Capisa) آهي، جنهن کي سائرس (Cyrus) ڊاهي ناس ڪري ڇڏيو. هن جي اتاري ڪرڻ واري سالينس (Solinus) بہ ساڳيءَ حقيقت کي ورجايو آهي. پر هن شهر کي ڪافوسا (Caphusa) سڏي ٿو، جنهن کي، سندس ڪتاب جي مرتب ڊيلفن (Delphine) ڦيرائي ڪاپيسا (Capisa) بڻائي ڇڏيو. ٿورو عرصو پوءِ، ٽالمي هن شهر ڪاپيسا کي پٽروپامي ساداءِ جيان ڪابورا (Kabura) يا ڪابل ڪان اڀائي درجا اتر ڏيکاري ٿو، جيڪو حقيقت ۾ بہ درجا وڌيڪ ڏيکاريل آهي. سنہ ٦٣٠ع ۾ چين جو هي ياتري باميان ڪان ڇهہ سو لي يا هڪ سو ميل اوپر هڪ برفاني جبل ۽ ڪارين ٽڪرين واري علائقي مان سفر ڪيو هو، جن کي ڪوهہ - بابا ۽ پاغمان (Paghman) ۽ جابلو سلسلو چيو ويندو آهي ۽ جبل جهاڳيندو ڏونگر ڏوريندو اچي راڄڌاني ڪياپنشي يا ڪاپيسيني پهتو هو. چوڏهن سالن ڪان پوءِ جڏهن هندستان ڪان موٽيو هو تہ ڪابل ۽ غزنيءَ ڪان ٿيندو ڪاپيسيني رسيو ۽ اتان اتر- اوپر ڏس تي سفر ڪري پنجشير ماٿريءَ مان اڪري آنديراب (Anderab) پهتو. هي اهڙي قسم جا بيان آهن جيڪي راڄڌاني کي خود اوپياني يا ان جي ويجهو اوڏو ڪاٽي بڌائن ٿا. هي ماڳ هاجياڪ لڪ (Hajiak pass) ۽ گور بند ماٿريءَ واري رستي، باميان ڪان هڪ سو ميل اوپر طرف ۽ ان ڪان سواءِ غزني ۽ ڪابل ڪان آنديراب (Anderab) ڏانهن ويندڙ سڌي رستي تي واقع آهي. اها ايراضي هن حقيقت ڪري وڌيڪ پڌري ۽ چٽي ٿي سجاڻي وڃي جڏهن چين جو هي ياتري ڪاپيسيني جي راڄڌاني کي آخري سلام ڪري بادشاهہ سان گڏجي ڪيو-لو-سا-پئنگ (Kiu-lu-sa-Pang) شهر پهچي ٿو، جيڪو هڪ يوجانا (Yogana) يعني اٽڪل روءِ ستن ميلن جي پنڌ تي اوپر- اتر طرف واقع هو. هن شهر ڪان پوءِ رستو سڌو اتر طرف وڃي رهيو هو. هيءُ فاصلو ۽ طرف اوپياني

ڪان بيگرام Begram جي ميداني علائقي جي اترئين ڪناري واري فاصلي سان بلڪل سورهن آنا سهمت آهي، جيڪو اوپياني ۽ چاريڪار ڪان ڇهه، ست ميل اوپر - اتر - اوپر طرف واقع آهي. مان سمجهان ٿو ته چين جي ٻڌ ياتري جنهن شهر کي ڪيو - لو - سا - پئنگ يا ڪارساوانا Karsawana سڏيو آهي. اهو بيگرام وارو ماڳ آهي. ٽالمي هن ٺاڪ کي ڪارسوانا ۽ پليني ڪارتانا Cartana سڏيو آهي. جيڪڏهن ان زماني ۾ راڄڌاني بيگرام هجي ها ته اتان جو حڪمران اتان ڇهه ست ميل پنڌ ڪري پنجشير ۽ غوربند واري گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي ٻه اکري وڃي ها. اها ندي هيٺ اونهي آهي ۽ سندس رفتار تيز آهي، ان ڪري راجا اکري ڪونه سگهيو هوندو. معلوم ٿئي ٿو ته اتان جي حڪمران چيني ياتري کي فقط الوداع ڪرڻ لاءِ نديءَ اڪرڻ وارو ڏچو سر ئي ڪونه ڪنيو هوندو، ان جي بدران جيڪڏهن اوپياني کي علائقي جي راڄڌاني ۽ چيني ياتريءَ جي ڪيو - لو - سا - پئنگ کي بيگرام سمجهجي ٿو ته سارو قصو لوڻ پاڻي ٿي وڃي ٿو. هتان جو بادشاه پنهنجي مان ۽ مريادا واري مهمان کي اڳتي ڪرڻ لاءِ ڇهه ست ميل پنڌ ڪري پنجشير ندي جي ڪناري تائين آيو ۽ اتان موڪلائي ڪيس روانو ڪيو هوندائين، ۽ جنان چيني ٻڌ ياتري اتر طرف روانو ٿيو.

انهن شاهدين جي بيانن ڪانپوءِ اسان کي اها پڪ ٿئي ٿي ته ستينءَ صديءَ دوران ڪياپشي يا ڪاپيسيني جي راڄڌاني يا ته خود اوپياني هئي يا اوپياني جي بلڪل ويجهو اوڏو ڪو ٺاڪ هو. هي ماڳ پاڻ مئسن Masson (٤٠) ٻرڀڻ ڏوري ڏنو هو. جنهن جو بيان آهي ته هيءُ ماڳ هترادو وڏن دڙن ڪري ڇتو ۽ نرالو نظر اچي ٿو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته جڻ مختلف وقتن ۾ هتان قديم آثارن سان لاڳاپيل قيمتي شيون ڪوٺي پٽي ڪڍيون ويون آهن. وري ٻيءَ جاءِ (٤١) تي چوي ٿو ته منجهن قديم آثارن جا گهڻا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر اهي گهڻو ڪري مقبرن سان لاڳاپيل آهن ۽ سندن واسطو ڪنهن مذهب سان آهي. اهو پراڻو شهر جنهن جو مٿي اشارو ڏنو ويو آهي، سو ملڪ هوپيان Malk Hopian نالي هڪ ڳوٺ جي پرسان ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو

حملو ڪيو هو ته ان به اهو رستو اختيار ڪيو هو. ليفٽيننٽ ووڊ جڏهن آمون Oxus درياه جي پاٽيءَ جو ذريعو ڏسي موٽيو هو ته ان به اهو ساڳو رستو اختيار ڪيو هو.

سڪندر جڏهن بئڪٽيريا مان موٽيو هو ته ٻيو نمبر رستو ورتي اچي ساڳي جبل وٽ پهتو هو. اسٽرئبو (۵۰) به ساڳي ريت بيان ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته: ”سڪندر ٻيو رستو ڏٺي جيڪو اڳئين ڪان وڌيڪ سڌو هو، اچي ساڳي جبل وٽ پهتو هو. تنهن ڪري اها پڪ ٿئي ٿي ته هو باختر (بئڪٽيريا) ڪان باميان رستي واپس ڪونه ٿيو هو، ڇاڪاڻ ته اهو سيڌي رستن ڪان وڌيڪ ڊگهو آهي. ان سان ٻي ڳالهه اها به آهي ته هي رستو هندوڪش جبل جي وچان ڪونه ٿو لنگهي پر پاسي سان ڦري ٿو اچي.مگر تاريخي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته سڪندر موٽ تي اهو رستو اختيار ڪيو هو، جيڪو جبل وچان اڪري رهيو هو. ڊاڪٽر لارڊ ۽ ليفٽيننٽ ووڊ به ان رستي سان سفر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر سخت برفباريءَ ڪري ڪين واپس ٿيڻو پيو هو. ٽيون رستو ته تمام سڌو ۽ سولو آهي ۽ سفر واسطي هرڪو اهو رستو اختيار ڪندو آهي. چنگيز خان به باميان کي فتح ڪرڻ واسطي هن رستي سان پيش قدمي ڪئي هئي. هن ئي رستي سان مور ڪرافٽ Moor Croft ۽ برنس سفر ڪري بلخ ۽ بخارا پهتا هئا. ڊاڪٽر لارڊ ۽ ليفٽيننٽ ووڊ Wood ڪشان لڪ ڪان پوءِ وري هيءُ رستو اختيار ڪيو هو. هن رستي جي سروي سنه ۱۸۴۰ع ۾ اسٽرٽ Sturt ڪئي هئي. ان ڪان پوءِ فوج جو گهوڙيسوار دستو آرام سان اڪريو هو. ٽالمي جيڪا پٽرو پاميساداءِ جي شهرن جي پنوتري ڏني آهي، انهيءَ ۾ اليگزينڊريا جو شهر موجود ڪونه آهي. پر نفانڊا Niphanda جو شهر، جنهن کي هن ڪاپيساجي پرسان ڏيکاريو آهي، توري ڦير گهير ڪرڻ سان اوفيانڊا ٿي سگهي ٿو. مان سمجهان ٿو ته هن يوناني راڄڌاني کي نالي ۾ ٿوري تبديلي آڻي سجائي سگهون ٿا. اوپيان جو شهر ايترو پراڻو آهي جو پنجين صدي قبل مسيح ۾ به موجود هو. ڇاڪاڻ ته هيڪاٽايس ٻڌائي ٿو ته اوپيائي قبيلي جا ماڻهو سنڌوءَ جي مٿئين حصي ۾ الهندي ڪناري سان آباد هئا. اهڙي قسم جي ڪابه لکت دارا جي زماني ۾

نظر ڪانہ ٿي اچي. پر اسان کي ٿاٽاگست Thatagus نالي قبيلي جو ذڪر ضرور ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي هيروڊوٽس ساٽا گداءِ Satta gudai سڏيو آهي. شين سئنگ (٥١) Hwen Tsang بہ شايد هن ئي قـــبـــيلي کي سي - پي - تو - فـــا - لا - سي Si-pi-to-fa-la-sse ڪوٺي ٿو. هي ماڳ ڪياپشي نالي راڄڌاني کان فقط ستن ميلن جي پنڌ تي واقع هو. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ طرف جو ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي. پر اها ڳالهہ ضرور ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ هڪ جبل ارونا Aruna جو نالو ڪنيو ويو آهي، جيڪو هن ٿاڪ کان پنج ميل ڏکڻ ڏس تي آهي. تنهن ڪري اسان کي ڄڻ پڪ ٿئي ٿي تہ بيگرا جي مشهور ماڳ تي ئي اهو شهر هوندو، جتان کان ڪوه - سياه جي اترين ڪنڌ شروع ٿئي ٿي جنهن کي "چهل دختران" سڏيو ويندو آهي ۽ اهو جبل هن ماڳ کان پنج يا ڇهہ ميل ڏکڻ طرف ٿيندو. مئسن بيگرام جي هن ترڙ جي ڏکڻ - اولهہ پاسي کي تاتار انگار Tatar angar جي نالي سان سڏي ٿو، امڪان آهي تہ ان جو اصلي نالو ٿاٽاگش يا ساٽاگداءِ هجي. اها حقيقت آهي يا نہ،اها بي ڳالهہ آهي پر اسان کي پوري پڪ آهي تہ دارا جي زماني ۾ ڪابل درياه جي مٿئين حصي ۾ رهندڙ قبيلي کي ٿاٽاگش سڏيو ويندو هو، جنهن کي هيروڊوٽس ساٽاگداءِ ڪوٺيو آهي ۽ اوسي پاسي وارين قومن کي ٻنهي ذريعن ساڳين نالن سان سڏيو آهي.

## ڪارسانا، ڪارتانا يا ٽيترا گونس

پليني جڏهن اليگزينڊريا جو ذڪر ڪيو آهي تہ تمهيد وانگي ان کان ٿورو اڳ ۾ ڪارتانا جو بيان ڪيو اٿس. جنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهو شهر اليگزينڊريا جي بلڪل پرسان ۽ جبل جي ڪڇ ۾ واقع هو. مان ان سڄي ٽڪري کي هتي بہ ورجائڻ گهران ٿو .(٥٢)۰ڪارتانا اوپيڊم سب ڪاڪسو ڪوڊ پوسٽيا ٽيترا گونس ڊڪٽم. هيڪ ريجيو ايسٽ ايڪس ائڊورسو بئڪٽرياءِ اوپيورم (ريجيو) ڊينڊي ڪيوجس اوپيڊم الگيزينڊريا اي ڪنڊيٽور ڊڪٽم. Cartana oppidum sub Coucaso quod postea Tetrgonis dictum. Haec regio

est ex adverso Bactreae opiorum (regio) deinde جنهن cujus oppidum alexandria a condi tore dietum. جي معنيٰ آهي تہ ڪارتانا، ڪاڪيشيا جبل جي ڪڇ ۾ واقع آهي. جنهن جو بعد ۾ نالو متائي تيتراگونس رکيو ويو (يعني چؤڏڳي) هيءُ علائقو باختر (بئڪٽيريا) جي سامهون آهي. هن ڪان پوءِ او پيOpii جو شهر اچي ٿو، جنهن جو نالو بدلائي اليگزينڊريا رکيو ويو. سولينس Solinus ڪارتا جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري. پر ٽالمي ڪارسانا Karsana شهر جو نالو ڪنيو آهي، جنهن کي هو ڪارناسا بہ سڏي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهو درياه جي ڪناري سان آباد آهي، پر درياه جو نالو ڪونہ ٿو ڏئي. باقي ايترو سو لکي ٿو تہ اهو درياه ڪاپيسا ۽ نيفاندا Niphanda (يا اوپيان) ڪان اچي ٿو ۽ ناگرا Nagara جي سامهون لوچارنا Locharna يا لوه ڳڙهہ جي درياه سان سنگم ڪري ٿو. مان پاڻيءَ جي هن وهڪري کي پنجشير ۽ غور بند وارو گڏيل وهڪرو سمجهان ٿو، جيڪو ڪابل ۽ جلال آباد جي وچ تي لوه ڳڙه نديءَ سان وڃي ملندو آهي. هيءَ سڃاڻپ گهٽو ڪري تہ پڪي آهي. چاڪاڻ تہ لامباتاءِ Lambatae يا لامپا ڪايا لامغان Lamghan قبيلي جي ماڻهن کي ان گمنام درياه جي ڪناري سان آباد ٻڌايو ويو آهي. ان ڪري اهو ڪُنار Kunar درياه ڪونہ ٿو ٿي سگهي، جيڪڏهن اهو ڪنار هجي ها تہ ناگرا جي سامهون لوه ڳڙه درياه سان سنگم ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ها.

هي مامرو اتي وڃي بيهي ٿو تہ ٽالمي وارو ڪارسانا، پليني وارو ڪارتانا هڪ ماڳ آهي. ٻنهي مصنفن جي بيان ڪيل هڪ جهڙين حقيقتن مان اسان کي هن ڳالهہ جي جاءِ وقوع جو سولائيءَ سان پرو پئجي ويندو. پليني جو بيان آهي تہ اهو شهر ڪاڪشيا جبل جي ڪڇ ۾ ۽ اليگزينڊريا جي ويجهو هو. ٽالمي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اهو شهر پنجشير درياه جي ساڄي ڪناري سان آباد هو. اهي ڏس پتا تہ بيگرام سان ٺهڪي اچن ٿا، جيڪو پنجشير ۽ غوربند جي گڏيل وهڪري جي ساڄي ڪناري سان وسندڙ شهر، ڪوهستان جبل جي ڪڇ ۾ اوپياني يا اليگزيندريا (اوپياني) ڪان فقط ڇهہ ميلن جي وٿيءَ تي واقع هو.

منهنجي نظر ۾ بي اهڙي ڪابہ جڳهہ ڪانہ آهي، جنهن ۾ اهڙيون نهڪندڙ ڳالهيون موجود هجن. وڏو امڪان ان ڳالهہ جو آهي تہ اهي ضرور بيگرام وارو علائقو هوندو. اوپياني جي پرپاسي ۾ پروان (Parwan) ۽ ڪشان (Kushan) جا بہ قديم ماڳ آهن. پر اهي غور بند درياءَ جي ڪابي ڪناري واقع آهن. شايد پهريون شهر پاروان ثالمي جو بئبورانا (Baborana) ۽ ٻيو هن جو ڪاپيسا آهي. بيگرام پليني جي بيان مطابق ڪارتانا يا ٽيٽراگونس (چوسول) سان نهڪي اچي ٿو. چاڪاڻ تہ مئسن ترڙ سان لاڳاپيل احوال ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اهو دڙو ڪافي وڏو ۽ وسيع آهي ۽ اتي موجود هڪ چوسول بہ آهي، جيڪو گهٽو ويڪرو آهي (٥٣).

جيڪڏهن منهنجي خيال مطابق بيگرام جو ماڳ چيني ياتري جو بيان ڪيل شهر: ڪيو - لو - سا - پئنگ آهي ۽ مون ان کي صحيح نموني سڃاتو آهي تہ ان جو اصلي نالو ثالمي وارو ڪارسانا هجڻ گهرجي، پر پليني وارو ڪارسانا نہ. اهو ساڳيو نالو هڪ ناياب سڪي تي لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جو تعلق يوڪرا ٽيڊس (Ukratides) جي حڪمرانيءَ سان آهي. سڪي تي لکيل لفظن جي پڙهٽي "ڪاريسيہ نگر" (Karisiye Nagara) آهي، جنهن مان ٻڌ تذڪره ۾ بيان ڪيل هڪ شهر "ڪالاسي" جو پتو پوي ٿو، جتي راجا "ميلندو" (Mileindu) ڄائو هو. ساڳي تذڪره جي ٻئي ٽڪري ۾ (٥٤) وري اهو ٻڌايو وڃي ٿو تہ راجا ميلندو الاسندا (Alasanda) ۾ ڄائو هو، جنهن کي اليگزينڊريا بہ چيو ويندو هو. جيڪو يونا يا يونان علائقي (Greek country) جي گاديءَ جو هنڌ هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڪالاسي شهر يا تہ پاڻ ئي اليگزينڊريا هوندو يا اهو ڪالاسي جي بلڪل ويجهو هو. نيٺ اسان وڃي ان حقيقت تي پهچون ٿا تہ اهو شهر بيگرام آهي، جيڪو اوپياني کان ٿوري پنڌ تي اوير ۾ واقع آهي. اهي اهڙيون جدا جايون آهن، جيئن دهلي ۽ شاهہ جهان آباد يا لنڊن ۽ ويسٽ منسٽر. منهنجو خيال آهي تہ جيئن جيئن اوپياني ۽ ڪارسانا آباديءَ ۾ وڌندا ۽ ترقي ڪندا ويا تہ هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا ويا ۽ نيٺ هڪ وڏو شهر ٺهجي ويو هوندو. آريانا جي قديم يوناني بادشاهن جهڙوڪ: يوٿي ڊيمس (Euthy demus) دميٽرس

(Demetrius) ۽ يوڪراٽيس جي سڪن تي اسان کي انهن ٻنهي شهرن جو مونوگرام اُڪريل ڏسڻ ۾ ايندو. يوڪراٽيڊس جي دور کان پوءِ سڪي تي اوپيانا ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي پر ڪارسانا (Karsana) جو مونوگرام سو جام جام پيو پسبو. سڪن تي ٻنهي شهرن جو گڏيل مونوگرام هجڻ مان هيءَ حقيقت ثابت ٿئي ٿي، ته اهي ٻئي شهر ساڳي ئي وقت موجود هئا. ان کان پوءِ سڪن تان اوپيانا جو نالو هڪدم گم ٿي وڃي ٿو، جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو ته يوناني حڪومت جي پوئين دور ۾، ٿوري وقت لاءِ اليگزينڊريا مٿان ڪارسانا جو شهر ڇانئجي ويو هوندو.

منهنجي خيال ۾ بيگرام جو مطلب هڪ "وڏو شاندار شهر" آهي. اهڙي قسم جا نالا ٻين ٿن ماڳن لاءِ به چيا وڃن ٿا، جيڪي راڄڌانين جي پرسان موجود آهن. جهڙوڪ: ڪابل، جلال آباد ۽ پشاور. مئسن بي (be) جي لفظ کي ترڪيءَ ٻوليءَ جو لفظ سمجهي ٿو، جنهن جي معنيٰ "مکيه" (Chief) ٻڌائي ٿو. وڏيڪ چوي ٿو ته 'گرام' هندي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ 'شهر' آهي ۽ گڏيل لفظن جي معنيٰ ٿيندي مکيه شهر. (٥٥) پر وڌيڪ سولي معنيٰ سنسڪرت واري آهي، جنهن ۾ وي (vi) جو مفهوم "پڪ" يا "تحقيق" نڪري ٿو. جيئن وڄيه (Vijaya) جي معنيٰ 'سوڀ' يا 'سرسي' وغيره آهي. جيڪڏهن 'ڄئه' کي زوردار لفظن ۾ بيان ڪيو ته 'وڄيه' ٿي ويندو. اهڙيءَ ريت وي (vi) جي اڳياڙي سان 'وگرام' جو به لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، 'شهر'، جيڪڏهن ان جو بيان زوردار لفظن ۾ ڪبو ته راڄڌاني واري شهر جو مفهوم نڪرندو. بيگرام لفظ، هن جي هندي شڪل آهي. اهو ائين آهي جيئن وڄئه کي بڄئه ۾ بدلايو ويندو آهي.

بيگرام جي اتر ۽ ڏکڻ پاسي پنجشير ۾ ڪوهه - دامن واريون نديون آهن. اولهه کان ماهي گير واهه اتس ۽ اوير پاسي کان جلگها (Julgha) واريون آباد ٿيڻ جوڳيون زمينون آهن، جيڪي ٻنهي دريائن جي ٻيگهوءَ ۾ اچي ويون آهن. بايان (Bayan) کان ماهيگير واهه تائين سندس ڊيگهه اٺ ميل ۽ قلعا بلند کان يزبشي (Yaz Bashi) تان منڊو چار ميل کن ٿيندو. هن ساري ايراضي مان قديم آثارن سان لاڳاپيل ڪيتريون نادر شيون هٿ آيون آهن،

جهڙوڪ: نِنديون مورتيون، مهرون، سڪا، مٽيا، واليون، چوڙيون، ڏڦن جا ٽڪر، نڪر وغيره. جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ اهو ميداني علائقو هڪ وڏو شهر هوندو. هتان جي ماڻهن جي روايت موجب اهو يوناني شهر هو، جنهن کي ڪنهن قدرتي آپدا ناس ڪري ڇڏيو.(٥٦) مئسن کي ماڻهن جي هن روايت ۾ شڪ آهي. اتان ڪيس ڪيترائي اهڙا سڪا نظر آيا، جن تي ڪوفي اکر لکيل هئا. هن مان سندس اندازو آهي تہ هيءُ شهر مسلمانن جي حملي کان پوءِ بہ ڪيترو وقت سلامت هو. مان بہ مئسن جي هن راءِ سان متفق آهيان. ايئن پائنجي ٿو تہ شهر جي تباهي ماڻهن جي هوريان هوريان ڇڏي وڃڻ ڪري ٿي آهي. ڇاڪاڻ تہ مسلمانن جي فتح کان پوءِ ملڪ جي راڄڌاني وڃي غزني جو شهر بڻيو هو. ڇاڪاڻ تہ هن ماڳ تان ڪابل جي هندو راجا ۽ غزنيءَ جي مسلمان بادشاهن جا سڪا تمام گهڻا لڌا آهن. پر غزني گهراڻي جي پوئين حڪمرانن جا سڪا هتان تمام ٿوري انگ ۾ لڌا ويا آهن. غوري گهراڻي جي پهرئين حڪمران جا سڪا مليا آهن، پر اهي تمام ٿورا آهن. هنن حقيقتن مان اسان اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ جڏهن سبڪتگين ڪابل فتح ڪيو تہ هيءُ شهر هوريان هوريان تباهہ ٿيڻ شروع ۽ ٽيرهين صديءَ جي شروع ۾ پوري ريت ناس ٿي ويو هو. هن شهر جو پوين دور چنگيز خان جي حملن سان همعصر آهي. وڏو امڪان اهو آهي تہ هن علائقي کي چنگيز خان جي حملي ويران ڪري ڇڏيو. مئسن بہ اڳيئي اهڙو خيال ڏيکاري چڪو آهي تہ هيءُ شهر ڪنهن بي رحم ۽ سفاڪ جي هٿن سان تباهہ ٿيو آهي

## ڪاپيسيني جا ٻيا شهر

مان ڪاپيسيني علائقي جي انهن ٿورن شهرن جو ذڪر ڪري پنهنجو احوال ختم ڪندس، جن جو قديم مؤرخن پنهنجي ڪتابن ۾ احوال ڏنو آهي. پليني هڪ شهر جو هن ريت ذڪر ڪيو آهي

"ائڊڪاڪاسم ڪئڊرسي اوپيڊم ائب اليگزينڊرو ڪنڊيٽم" "ad Caucasum cadrusi, oppidum ab Alexandro Conditum" سولينس

هن بيان کي ٿورو تبديل ڪري ڇڏيو آهي. پر ٻئي مصنف هن شهر کي ڪاڪيشيا جبل ۾ ڪڇ ۾ ٻڌائن ٿا. ان ۾ سولينس فقط ايترو واڌارو ڪري ٿو ته هيءُ شهر اليگزينڊريا جي (٥٧) ويجهو واقع هو. هنن ٻنهي جي ڏنل نشان پٽن مان پڪ سان سمجهان ٿو ته ڪئڊرسي جو شهر پراڻي شهر ڪوراٽس Koratas جي ماڳن وٽ هو، جنهن جي ٿرڙ ڪي مئسن ڳولي لڌو هو جيڪو بيگرام کان ڇهه ميل اوير - اتر ۽ ڪوهستان جي ڪڇ ۾، پنجشير درياه جي اترئين ڪناري تي واقع هو (٥٨).اتان به اهڙيون وٿون هٿ لڳيون جيڪي عام طور تي قديم شهرن جي کنڊرن مان ملنديون آهن. ٿرڙ جا سيئي ڏڙا نڪراٽي سان ڇانيا پيا آهن. پراڻا سڪا به پڻ گهڻا لڌا آهن. ٽڪرين جي پاسن اوسن ۾ اوساريءَ ۽ اڏاوت جو ڪم به ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن کي هتان جا ماڻهو ڪافر ڪوٽ سڏيندا آهن. تبصره نگارن سولينس تي الزام هنيو آهي ته هن پليني‌ءَ کي غلط سمُجهيو آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن شي کي پليني ڪاڊرس يا ڪئڊرسي سڏي ٿو سو ڪو شهر نه پر قبيلي جو نالو آهي، جن جو "اوپيدم انٿ اليگزيندور ڪنديتم" مان مطلب اليگزينڊريا شهر آهي (٥٩).پر فليمون هالند Philemon Holland هن جملي جو مطلب اجا ڪجهه پيو سمجهيو آهي سو هن ريت آهي: "ڪاڪيشيا جي هڪ ٽڪري مٿان ڪاڊرسي جو شهر آهي، جيڪو مذڪوره سڪندر آباد ڪرايو هو." يونان وارن جو اهو دستور رهيو آهي ته جن ماڻهن سان هنن جهيڙيو آهي تن کي سندن مکيه شهرن جي نالن پٺيان سڏيو اٿائون. جهڙوڪ ڪابورا Kabura ڪابولائي تاءِ Kabalitae، ڊريپسا Drepsa ۽ ڊريپسياني Drepsiani ٽيڪسيلا مان ٽيڪسلي، ڪاسپيرا ۽ ڪاسپيراءِ Kaspeiraei وغيره. اهڙيءَ رت امڪان اهو آهي ته اهو ڪاڊروسيا شهر جو نالو هو ۽ اتان جي رهواسين کي ڪاڊرسي سڏيو ٿي ويو. هن اندازي جي پنيرائي هن ڳالهه مان به ملي ٿي ته نالي ۽ جاءِ وقوع جي لحاظ کان ڪورتاسا پليني جي ڪاڊرسي يا ڪندرسي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو.

ٻين شهرن ۽ قبيلن جا نالا به تالمي لکيا آهن. پر انهن مان ڪي ٿورا مس سڃاڻي ٿا سگهجن. اسان سان نالن کان سواءِ ڪوبه ڏس پتي

ڏيڻ وارو سوتهون ساڻ ڪونہ آهي. هڪ قبيلي جو نالو پارسي Parsi آهي. سندن شهرن جا نالا پارسيا Parsia ۽ پارسيانا آهن. مان هنن ماڻهن کي پاشائي Pashais سمجهان ٿو، جيڪي پنجشير ماٿريءَ جا رهاڪو هئا. سندن قبيلي جو صحيح نالو شايد تہ پنچير Panchir آهي. عرب پنچير جي هندستاني نالي پنجشير جي هجي ۾ لکندا آهن. برنس، ليچ ۽ ٻين مصنفن پنجشير جي اصلي هجي لکڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ڏسجي ۽ انهن افغاني "چ" Ch جي اچار کي وائکي ڪرڻ جا جتن ڪيا آهن ۽ ان کي ts ۾ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهڙيءَ طرح پنجشير Pantsir جي هجي ۾ لکيو آهي. عرب جي قديم جاگرافيدانن پنجهير Punjhir شهر جو ذڪر ڪيو آهي. ابن بطوطہ قندوزءَ Kundua کان پرروان (٦٠) ڏانهن ويندي هڪ جبل پاشاءِ Pashai اڪريو، جنهن جو هن ذڪر بہ ڪيو آهي.

ٻيا قبيلا ارسٽو فيلي Aristo phyli نالي آهن، جيڪي خالص يوناني معلوم ٿين ٿا. امبتاءِ Ambautae جو هڪ قبيلو آهي، تنهنجو تہ پتو ئي ڪونہ ٿو پوي تہ ان جو واسطو ڪهڙيءَ قوم سان هو. اڳي جن شهرن جو ذڪر ڪونہ آيو آهي سي اتر طرف آرٽورٽا Artoarta ۽ بارزارا Barzaura آهن. ڏکڻ طرف وري ڊراسٽوڪا Drastoka ۽ ناليبس Naulibis آهن. تن مان بارزارا تہ بازرڪ شهر آهي، جيڪو پنجشير ماٿريءَ جو هڪ وڏو شهر آهي ۽ ناليبس غوربند جو شهر نيلاب آهي. ڊراسٽوڪا جو شهر گهٽو ڪري ڪوه - دامن جي ماٿري ۾ موجود درن (لکن) Daras وٽ اڏيل ڪو شهر ٿي سگهي ٿو.

## ڪوفيفي يا ڪابل

تالمي پهريون ماڻهو آهي جنهن ڪابل واري علائقي جو پنهنجي تصنيف ۾ ذڪر ڪيو آهي، جتان جي ماڻهن کي هو ڪابوليتاءِ ۽ سندن راڄڌاني کي ڪابورا سڏي ٿو، جنهن کي ڪڏهن اورٽوسپانا بہ ڪوٺيو ويندو هو. اسٽرئبو ۽ پليني بہ هن کي اورٽوسپانا ڪوٺين ٿا. هتان کان آرچوسيما جي راڄڌانيءَ تائين فاصلي جي ماپ سڪندر جي ماڻهن

ڊايونيــــٽس Diognetes ۽ باشن Bation ڪئي هئي. پليني جي تصنيف جي ڪن نقلن ۾ اورٿـــاس پئنمر Orthospanum بہ لکيل آهي. مسٽر ايچ - ايچ ولسن (٦١) هن حقيقت ڏانهن اشارو ڏنـو آهي ۽ ان ۾ ٿـوري تبـديلي ڪري اورٿـوس تانا Orthostana بڌايو آهي. سندس چوڻ آهي تہ هي لفظ سنسـڪرت ٻولي سـان واسطو رکي ٿـو ۽ اصلي لفظ ارڌاس تانا آهي، جنهن جي مـعنيٰ اعليٰ يا شـاندار شـهـر "High place" or "Lofty city" ٿي سـگهي ٿي. چين جي ٻڌ ياتري شين سئنگ ڪابل کي بہ ساڳيو نالو ڏنو آهي. پر مون کي شڪ آهي تہ اتفاقي طور عـلائقي ۽ راڄڌاني جي نالي ۾ مٽ سٽ جي غلطي ٿي وئي آهي. هيءُ ياتري غزنيءَ کان اتر هليو ۽ پنج سؤ لي يا سٺياسي مـــيـل پنڌ هلي فـــو - لي - شي - ســـا - ٽئنگ - نا Fo-le-shi-sa-tang-na پهـتـو، جنهن جي راڄڌاني هو - في - نا Hu-phi-na هو. غزني ۽ ڪابل جي وچ ۾ فـاصلو ٻن مـختلف رستن وسيلي ڪڇيـو ويو آهي، جيـڪو هڪ سان ايڪاسي ۽ ٻئي سان ساڍا انـاســـي مـــيل ٻيـهي ٿـو. تنهن ڪري هن ڳالهہ ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ئي ڪانہ آهي تہ جيـڪو شهر چيني ياتريءَ ڏوري وجي ڏنـو هو سـوڪابل ڪان سـواءِ ٻيـو ڪونہ هو. ٻئي هنڌ وري هيءَ حقيقت بيان ڪئي وڃي ٿي تہ باميان کان راڄڌاني ست سو لي يا هڪ سـو سـورهن مـيل پري هئي. اهو بيـان بہ ڪابل ۽ بامـيـان جي وچ ۾ موجود فـاصلي سان ٺهڪي اچي ٿو. جيـڪو هڪ سو چار ميل آهي ۽ اهو سڌو رستو آهي.

هن راڄڌانيءَ جو جيـڪـو نالو چيني ياتريءَ ڏنو آهي سـو ئي ايم . ووين ڊي مـارٽن M. Viveinde Martin بہ ٻڌايو آهي يعني وارداس تانا Vardastana ۽ ان کي وردڳ قـبيلي جو علائقو قرار ڏنو ويو آهي ۽ عـلائقي کي هوپيـان يا اوپيـان جو نالو ڏنو اٿس. پر وردڪ قبيلي جو وردڪ ماتريءَ سان لاڳاپو آهي ۽ ان ماتريءَ تي نالو بہ وردڪ قبيلي ڪري پيو آهي. مذڪوره ماتري لوه ڳڙه ندي جي مٿئين حصي ۾ ۽ ڪابل ڪان ڪجهہ پنڌ ڏکڻ ۽ غزنيءَ ڪان چاليهہ ميل اتر طرف آهي. هپيـان اي اوپيان ڪابل ڪان سـتاويهہ مـيل اتر طرف آهي. اهڙيءَ طرح

هوپيان يا اوپيان وردڪ کان اٽڪل ستر ميل پري آهي(٦٣). منهنجي تحقيقات موجب اهي ٻئي نالا ڪابل جي پرپاسن وارن علائقن سان واسطو رکن ٿا.

پروفيسر لئسن Lassan پنهنجي راءِ جو هن ريت اظهار ڪيو آهي ته ڪپين Kipin جو نالو ٻين چيني ياترين ته گهڻو ڪتب آندو آهي، پر شين سئنگ جي سفرنامي ۾ ڪونه ٿو ملي. ريميوسٽ Remusat جو خيال آهي ته ڪپين جو علائقو ڪوفس Kophes يا ڪابل درياه جي ڪناري سان واقع آهي. سندس هن راءِ کي قديم هندستان جي موضوع تي لکڻ وارن عالمن متفق راءِ سان قبول ڪيو آهي ته جنهن علائقي کي هاڻي ڪوفن Kophene سڏيو وڃي ٿو، سو برابر ڪابل درياه جي ڪناري سان موجود هو. اچار جي لحاظ سان مان گذارش ڪندس ته چيني ياتري جنهن لاءِ هوفينا Hu-Phi-Na جو لفظ ڪتب آندو آهي، سو اهوئي ڪپين Kipin آهي. مون کي ائين معلوم ٿئي ٿو ته اهو علائقو ڪنهن زماني ۾ تمام گهڻو مشهور هو. پر شين سئنگ واري دور ۾ ايترو گهڻو اهم ڪونه رهيو هو. بهرحال هو ان منجهان گذريو هو. پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي جو هن، مذڪوره علائقي جو نالو ڪونه ڪنيو هوندو. هن کان علاوه اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته شين سئنگ کان پوري صدي پوءِ به هيءَ علائقو هن نئي نالي سان مشهور هو (٦٤). هن شڪ جو مان ته اڳ ئي اظهار ڪري آيو آهيان ته صوبي ۽ راڄڌانيءَ جا نالا هڪ ٻئي سان تبديل ٿي ويا ٿا ڀائنجن. منهنجي شڪ جي وڌيڪ پنيرائي تڏهن ٿئي ٿي جڏهن نالن جي وري متا ستا ڪجي ٿي ته مونجهارو پاڻ هرتو ختم ٿي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت هو - في - نا ڪوفين يا ڪپين Kipin ۽ اهو ڪابل درياه تي موجود هڪ علائقي جو نالو آهي. فو - لي - شي - سا - ٽنگ، يا اُرڌا ستانا يا اورٿو ستانا آهي، جنهن لاءِ قديم ۽ معتبر ڪتابن ۾ ثابتيون موجود آهن ته اهو صوبي جي راڄڌانيءَ جو نالو هو. منهنجو خيال آهي ته چيني ياتري ڪوفين جو ترجمو هفنيا ڪيو آهي، جيڪو صحيح آهي. جيڪڏهن هپئان جو ترجمو هفيان ڪيو وڃي ها ته غلط ٿئي ها. ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان لفظ جي هڪ ماترا جي پوري نمائندگي ڪانه

ٿيءَ حرف صحيح مان "P" جو اڪيلو اکر اچي لفظ ۾ بيهي ٿو.
هپيان Hupian جو چيني زبان ۾ هم وزن لفظ هو - پي - يان - نا Hu-pi-yan-na وجي ٿئي ها.

هن ڳالهه تي مسٽر ورن ڊي سئنٽ مارٽن اعتراض ڪيو آهي (٦٥) ته اهو لفظ ارڌاستانا Urdhastana نه آهي ۽ هڪ اندازو ڪري لفظن جو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جو مقصد ۽ معنيٰ ته نڪري ئي ڪانه ٿي. پر مان انهيءَ معنيٰ ڪري بلڪل مطمئن آهيان ته هن لفظ جي پڙهڻي هينئن سببن ڪري بلڪل صحيح آهي:

(١) اورٿو سپانا نالو فقط پٿرو پامساداءِ لاءِ مخصوص ڪونه آهي، پر اهو ڪرمانيه ۽ ايران - Persia ۾ به ڏنو وڃي ٿو. تنهن ڪري هن جو وردڪ قبيلي سان ڪو لاڳاپو واسطو ڪونهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته اهو ڪو اصلي نالو آهي، جيڪو ڪن حالتن جو بيان ڪري ٿو، اها جڻ هڪ ضرورت هئي جيڪا ارڌاس تانا جي نالي جڻ پوري ڪئي. هن لفظ جي لغوي معنيٰ "متاهين جاءِ" تي سگهي ٿي ۽ اهو لفظ ان قلعي لاءِ ڪتب ايندو هو جنهن کي مٿي ڪنهن ٽڪريءَ تي تعمير ڪيو ويو هجي.

(٢) هي لفظ بدلجي پورٿوس پانا Portospana ٿي ويو، جنهن مان هن ڳالهه جي ثابتي ملي ٿي ته اها هڪ بيان سان لاڳاپيل معنيٰ آهي، جنهن جو مان مٿي به ذڪر ڪري آيو آهيان. پشتو ٻوليءَ ۾ پورٿو Porto لفظ معنيٰ "متاهين" آهي. تنهن ڪري اها هڪ فطري ڳالهه هئي ته عام ماڻهن سنسڪرت لفظ "ارڌا" ڪان وڌيڪ "پورٿو" جو استعمال ڪيو.

اورٿو سپانا جي جاءِ وقوع اهڙي آهي جو سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته اها ڪابل آهي. ان جي قلعي کي "بالاحصار" يعني High fort سڏيو ويندو آهي. اهو ارڌاس تانا جو فارسي ترجمو آهي. سڪندر جي فتح ڪان اڳ ۾ هي شهر پنهنجي علائقي جي راڄڌاني هو. گهڻو وقت پوءِ به اهو ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. ڏهين صدي عيسويءَ تائين به ائين سمجهيو ويندو هو ته جيڪو بادشاهه ڪابل ۾ (٦٦) اچي تخت نشينيءَ جي رسم ادا نه ٿو ڪري سو چڱيءَ ريت

ملڪ هلائي سگهڻ جي لائق ڪونہ ٿيندو. هيڪتايس جو هن شهر بابت بيان هن ريت آهي تہ:اوپيائي (٦٧) جي شهرن ۾ هيءُ اهڙو شهر آهي جنهن ۾ بادشاه رهندو آهي. پر اسان سندس نالي ۽ جاءِ وقوع جو ڪوبہ وچور ڏئي ڪونہ ٿا سگهون. ڏسڻ ۾ائين اچي رهيو آهي تہ هن مان مراد ڪابل ئي ٿي سگهي ٿو.

سائرس هٿان ڪاپيسا - Capisa تباه ٿيڻ کان پوءِ ڪابل کان سواءِ ٻيو اهڙو قابل ذڪر شهر رهيو ئي ڪونہ هو، جيڪو ملڪ جي راڄڌانيءَ جي لائق هجي. تنهن ڪري انهن حالتن کي نظر ۾ رکي ڪابل کي اوپيائي جي حدن ۾ شامل ڪيو ويو هوندو.

ان هوندي بہ اچرج هن ڳالهہ تي ٿئي ٿو تہ سڪندر جي دور وارين تاريخن ۾ ڪابل جو مورڳو ذڪر ئي ڪونہ ملندو. پڪ بہ پئي ٿي تہ آرچوسيا Archosia کان اليگزينڊريا ڏانهن ويندي هن شهر منجهان ضرور لنگهيو هوندو. وڌو امڪان ان ڳالهہ جو نظر اچي ٿو تہ سڪندر باختر مان واپسيءَ وقت هن نئين شهر مان پيش قدمي ڪري پهرين منزل نڪائيا Nikaia ۾ ڪئي هئي. نونس Nonnus جو بيان آهي تہ نڪائيا جي شهر جي اڏاوت پٿرن سان ڪيل هئي ۽اوڏو ڍنڍ هئس. هن شهر کي درياه ۽ جهنگل جي ديوي نائيمف Nymph جي نالي پنيان بئڪس Bacchus شاعر استاڪيہ سڏي گهٽ وڌ بہ ڳالهايو آهي (٦٨).ڍنڍ جو شهرن پرسان موجود هجڻ اتر هندستان يعني ڪابل کان وٺي ڪشمير تائين هڪ ضروري ڳالهہ سمجهي ويندي آهي. هن شهر جو ٻيو نالو هندستانين جو موت Indian Killer يا Indo phone بہ آهي. چاڪاڻ تہ هتي بئڪس هندستانين جو گهڻو قتل عام ڪيو هو ۽ سوپ ماڻي هئي. هندوڪش يا Indian killer يا Indo phane جي نالي مان سمجهي سگهجي ٿو، نونس کي هن لفظ جي معنيٰ جي چڱيءَ ريت خبر هئي. اهڙيءَ معنيٰ ٻڌڻ سان ئي هو ان لفظ کي ڪتب آڻي ٿو، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڊايونيسس Dionysius جي هندستان جي فتح واري ڳالهہ کي تائيد ملي سگهي.

هن علائقي جي اوپر کان اولهہ ڏيگهہ بہ هزار لي يا ٽي سو

ٽيٽيهہ ميل ۽ اتر کان ڏکڻ منڊو هڪ هزار لي يا هڪ سو ڇاهٺ ميل آهي. امڪان اهو آهي تہ هيءَ ماپ ان زماني جي آهي، جڏهن هتان جو حڪمران سڄي اولهہ افغانستان جو بادشاه هو. ان زماني ۾ غزني ۽ قنڌار بہ هن علائقي ۾ شامل هئا. باقي اڪيلي ڪابل واري علائقي جي پکيڙ مٿين انگن اکرن جي اڌ جيتري بہ مس ٿيندي. هن علائقي جي وڌ ۾ وڌ ڊيگهہ هيلمند درياهہ کان جگدلڪ Jagdalak لڪ تائين هڪ سو پنجاه ميل ۽ استاليف Istalif کان وٺي لوه ڳڙه نديءَ تائين منڊو فقط ستر ميل ٿيندو.

ڪوفس Kophes جو نالو ويدن جيترو پراڻو آهي، جنهن ۾ اهو ذڪر آهي تہ ڪوبا ندي سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ شاخ آهي. پر اهو آريائي زبان جو لفظ ڪونہ آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ آرين جي وِلار کان اڳ ۾ اهو ڪابل درياه جو نالو هوندو هو.اهونالو گهٽ ۾ گهٽ ٢٥٠٠ ق.م پراڻو آهي. قديم مؤرخن جي ڪتابن ۾ هن درياه جو نالو ڪوئس Khoes ڪوفس Kophes ۽ ڪوسپس Khoaspes درياه ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو سنڌوءَ جي اولهہ طرف ٻڌايو ويو آهي. موجوده دور ۾ ڪنار Kunar، ڪرم Kuram ۽ گومل درياه سنڌوءَ جي اولهہ ۽ درياه ڪنيهار Kunihor اوپر طرف آهي. اهي سيئي لفظ ستين ٻولي جي هڪ لفظ ڪو - Ku مان نهيل آهن، جنهن جي معنيٰ پاڻي آهي. اهڙيءَ ريت آشوري ٻوليءَ جو لفظ Hu جيڪو Euphrates فرات ۽ Eulaeus يولاس جي نالن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳيءَ ريت ترڪي ٻوليءَ جو Su ۾. تبتي ٻوليءَ ۾ Chu جو اکر بہ پاڻيءَ لاءِ ڪتب ايندو آهي. ڪوفيني علائقي تي نالو بہ وچان وهندڙ درياه ڪري پيو هوندو. سنڌ ملڪ تي نالو بہ سنڌوءَ ڪري پيو آهي. اهڙيءَ ريت مارگس Margus درياه ڪري مارگيانا، آرس Arius درياه ڪري آريا Aria، آرچوٽس Archotus درياه ڪري آرچوسيا Archosia ملڪ تي نالو پيو آهي. سڪندر جي سيني مورخن هن درياه Kophes کي وهندو ڏٺو، پر ان جو ٿورو بہ ذڪر ڪونہ ڪيو اٿن.

ٽالمي جي جاگرافيءَ ۾ ڪابورا، ڪابوليٽاءِ جو ذڪر ملندو. آرگوڊا Arguda يا آرگنڊي Argandi ۽ لوچرنا Locharna يا لوگڙه

Logarh شهرن جا نالا ملندا. پر اهي پئرپاميسادإ يعني ڪاڪيشيا واري علائقي ۾ آهن، جيڪو ڪابل درياه جي مٿئين پاسي واقع آهي. هن درياه جي ڪنار سان مٿئين حصي ۾ موجود بيگردا شهر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو نالي ۽ جاءِ وقوع جي لحاظ سان وردڪ ماترين سان نهڪي ٿو اچي. بنهي لفظن ۾ اکر بہ ساڳيا آهن. جيڪڏهن تڙيءَ مان نڪرندڙ اکرن جي آوازن کي يوناني نموني سان اچاربو تہ موجوده دور جهڙا نالا سامهون اچي ويندا. ان لحاظ سان برگادا Bargada جو لفظ بيگاردا Bagarda وڌيڪ حقيقت جي ويجهو معلوم ٿئي ٿو. ايلفين اسٽون (٦٩) جي بيان موجب، وردڪ قبيلو لوگڙه ماتريءَ جو وڏو حصو والاري ٿو. مئسن (٧٠) بہ سنڌس بيان جي پنيرائي ڪئي آهي، جيڪو بہ دفعا وردڪ علائقا گهمي گهتي ڏسي آيو آهي. ان سان گڏ وائين Vigne (٧١) بہ سنڌس تائيد*ڪري ٿو، جيڪو غزني کان ڪابل ويندي سنڌس علائقن مان لنگهيو هو. بيگردا جي سڃاڻ ۾ فقط هڪ اعتراض جو امڪان ٿي سگهي ٿو. اهو آهي وئڪريتا Vaekereta جو يوناني طريقي ســـان اچار ڪرڻ جو نمونو. هي زند اويســـتـــا Zind Avesta ۾ ستين ملڪ جو ڏنل نالو آهي، جنهن کي هوريان هوريان آرين والاري ڇڏيو. سنڌس جاءِ وقوع هن ريت ڏنو ويو آهي تہ هن جي هڪ پاسي باختر، آريا ۽ آرچوسيا ۽ ٻئي پاسي هندستان آهي. ان لحاظ سان وئڪريتا وارو صوبو ڪابل ئي سمجهي سگهجي ٿو. پارسس Parsis وارن جو پنهنجو خيال بہ ائين آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ وئڪريتا ضُحاڪ جو وطن هو. هنن حقيقتن مان وڌيڪ تصديق ٿي وڃي ٿي تہ اها ڪابل جي ڌرتي ئي هئي جيڪا ضحاڪ جو وطن هئي. جيڪڏهن اڳي ڪڏهن وردڪن جو قبيلو حڪمران ٿيو آهي تہ پوءِ وئڪريتا جو لفظ وردڪ مان نڪتل آهي. اسان کي هن قبيلي جي تاريخ بابت ڪا ڄاڻ ڪانہ آهي، پر اها حقيقت ضرور آهي تہ بنهي نالن ۾ گهڻي هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ستين صدي عيسويءَ ۾ ڪوفينيءَ Kophene جو حڪمران هڪ ترڪ هو ۽ ملڪ جي ماڻهن جي زبان غزنيءَ جي ماڻهن جهڙي ڪانہ هئي. شين سئنگ جو بيان آهي تہ ڪاپسينيءَ Kapisene جي ٻولي

وقـوع مـان پتـو پوي ٿـو تہ اهو مـاڳ گـزارسـتـان آهي. باقي اجا Tsau-ku-ta زائوڪوتا جي نالي کي سـمـجهـائڻ رهجي ويو آهي. مٿين سچاڻ مطابق ۽ قديم دور جي مورخن موجب اها آرچوسيا سان هڪ جهڙائي رکي ٿي. عرب جاگرافيدانن هن کي اروخاج Arokhaj يا روخاج Rokhaj ڪري لکيـو آهي. ائرين Arrian جي ڪتـاب پيـري پلس آف ايري ٿـراين سي Peri plus of the Erythraean sea ۾ "روخاج" جو لفظ لکيل آهي. شين سـئنگ کان اڳ ۽ پوءِ ان لفظ جي پهرئين اچار وارو اکر ڪيـرائي ڇڏڻ کا اڻ ٿيـٽي ڳالهہ بہ ڪانہ هئي. سنسڪرت جي لفظ جي اصلي شڪل صورت سر سوتي Saras wati آهي. زنداويستا ۾ اهو لفظ هيراڪئتي Haraqaiti بڻجي ويو ۽ يونان وارن وري هن کي Alazwco's لکي ڇڏيو. ٻنهي قـسـمن جون اهي لکٽيـون چيني لکت جي پوين زائو - ڪو- تا مـاترن جي برابر آهن. اهڙي ريت زائو Tsau چيني اچار ٻين جي را Ra اچار جي هم وزن ۽ هم اچار آهي. اهڙي مٽ سٽ لاءِ، ترڪي ٻوليءَ جو مـثـال ڏئي چڱيءَ ريت سمجهائي سگهجي ٿو، جنهن جي ر "R" جو اچار ز "Z" ۽ ش "Sh" ۾ سـولائيءَ سان بدلائي سگهبـو آهي. جيـڪڏهن ترڪي ٻوليءَ ۾ انگريزي زبان جو اکـــر Sea اچارڻو پوندو تہ ان کي "Dengiz" ڪري ۽ Ox کـي Okuz اچاربـو. هـنـگـري زبـان ۾ هـن کـي تـيـنـجـر Tenger ۽ اوڪر Ok'ır(٧٣) اچارڻو پوندو آهي. هند- ســٿين جي سـڪن تي اسـان کي ترڪي نالا ڪنشـڪـا Kanishka، هويشـڪـا Huvishka ۽ ڪشـانا Kushana ملندا، جن کي يونان وارن ڦيـرائي ڪئنرڪي Kanerke، هو ورڪي Hoverke ۽ ڪورانا Korana ڪري لکيو آهي. تنهن ڪري امڪان اهو نظر اچي ٿو تہ چيني هم وزن اچار Tsan، ترڪيءَ زبان ۾ هندسـتـاني لفظ را Ra جو هم وزن اچار آهي. پهرين صدي عيسوي ۾ توچاري ترڪـي قبيلي هن ملڪ تي اچي والار ڪئي هئي، تنهن ڪري هو هندسـتـانيءَ ٻوليءَ جا لفظ بہ ڪتب آڻڻ لڳا هئا. جيڪا هڪ فطري ڳالهہ هئي.

ستين صدي عيسويءَ ۾ غزنيءَ جو راجا ٻڌ هو. سندس گهراڻو ڪن صدين کان وٽي هتان جو حڪمران رهندو پئي آيو هو. چيو وڃي

تو تہ هتان جي ماڻهن جي الف، ب ۽ ٻولي، ملڪ جي ٻين ماڻهن کان نرالي هئي. شين سئنگ هندستاني ۽ ترڪي ٻوليءَ جو ڄاڻو هو. منهنجو خيال آهي تہ اتان جي ماڻهن جي ٻولي پشتو هئي. جيڪڏهن اها ڳالهہ سچي آهي تہ اهي ماڻهن ضرور افغان هوندا. پر بدقسمتي اها آهي، جو اسان جي رهبريءَ واسطي ڪو صحيح رهنما ڪونہ آهي جو هن دلچسپ ۽ مُنجهيل مسئلي ۾ اسان جي سهائتا ڪري ۽ غزنيءَ کان ڏکڻ- اوير وارو پاسو جنهن کي او-پو- ڪين O-po-Kien چيو ويو آهي، ان کان افغان ثابت ڪري. هن مسئلي تي اڳتي هلي بحث ڪيو ويندو.

هيلمند درياءَ جي ڪناري گزارستان بابت مون کي ڪابہ ڄاڻ ڪانہ آهي. ڄاڪاڻ تہ اوستائين ڪو يورپي جاکوڙي پهتو ئي ڪونہ آهي. غزنيءَ جو ماڳ ايترو تہ مشهور معروف آهي، جو اُن تي لکڻ جي گنجائش ئي موجود ڪانہ آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو شهر ستينءَ صديءَ ۾ بہ شاهوڪار ۽ سکيو ستابو هوندو. شين سئنگ هن شهر جو چوڌس گهيرو ٽيهہ لي يا پنج ميل ٻڌائي ٿو. موجوده دور ۾ قلعي اندر شهر جي پکيڙ بہ سوا ميل کن ٿيندي. وائين هن قلعي جي بيهڪ کي ڦڏو سِڌو پنجڪندو ٻڌائي ٿو. قلعي جي پٽين جي ڊيگهہ بہ سؤ فوٽن کان چارسؤ فوٽ ٻڌائي ٿو، جنهن کي وچ تي چبوترا ڏئي وڏيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي. هو وڏيڪ ٻڌائي ٿو (٧٤) تہ افغان هن قلعي جي مضبوط ديوارين ڪري گهڻو ٽڏندا آهن. اويارين ملڪن ۾ غزني پنهنجي مضبوطيءَ ۽ بچاءَ ڪري گهڻو مشهور معروف آهي. هن سبب ڪري فارسيءَ ۾ هن کي غازا يعني "خزانو" ڪري سڏيو ويندو هو. هن پنجين صدي عيسويءَ جي مؤرخ پنهنجي مُنجهيل سُنجهيل عبارت ۾ ان کي ڊايونيسا ڪا (Deonysiaca) سڏيو آهي ۽ ٽئين صدي عيسويءَ جو مؤرخ ڊايونيسس وري هن کي بارساريڪا (Barsarica) ڪوٺي ٿو. ٻنهي مصنفن هن قلعي کي ناقابل تسخير سمجهيو آهي. ڊايونيسس جا لفظ هن ريت آهن: "جنگ وقت هو ايڏو مضبوط آهي، جو ڄڻ ڪنجهي (Brass) جو نهيل آهي". نونس (Nonnus) (٧٥) چوي ٿو: "انهن قلعي جي-تعمير ائين ڪئي آهي، جو ديوار ۾ لڳل پٿرن جي چار جيان ڄڻ اٽت ڪئي آهي. ان ڪري قلعو ايڏو

مضبوط تي ويو آهي، جو ڪنهن دشمن هن جي مضبوط ۽ ڪشادن بنيادن ڪي ڪاٽ هٽي ڊاهي اندر وڃڻ جي سگهه ڪانہ ساري آهي". هي حوالا ٽالمي جي مشهور ۽ قديم شهر غزاڪا (Gazaka) جا آهن، پر غلطيءَ وچان ٽالمي هن شهر کي ڪابل جي اتر ۾ پٿرو پاميساداءِ واري علائقي ۾ ٻڌائي ٿو، حقيقت ۾ اهو شهر ڪابل جي ڏکڻ ڏس تي آهي. بزنتم (Byzantum) جو اسيٽفانس (Stephanus) جنهن جو هن هندستان شهر (Indian town) لاءِ مواخذ ڊايونيسس جو "باساريڪا" (Bassarica) آهي، تنهن جو خيال آهي تہ هيءُ شهر هندستانين جو آهي. منهنجو ويچار آهي تہ هن مؤرخ مذڪوره شهر ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي سمجهيو آهي.

## ۴. لامغان

شين سئنگ لکيو آهي تہ لئن- پو (Lan-po) جو علائقو، ڪاپيسين کان ڇهہ سؤ لي يا هڪ سؤ ميل اوير طرف واقع آهي. مذڪوره علائقي مان سارو رستو ٽڪرين جي ڪچ ڏئي لنگهندو آهي. سندس چواڻيءَ موجب ڪي ٽڪريون گهٽيون اتاهيون بہ آهن. سڄو علائقو ٽڪرين ۽ ماترين جي ٻيهڪڙ سان ڀريو پيو آهي. موجوده بيان اهڙو آهي جو اهو اوپيان کان وٺي لامغان تائين پکڙيل علائقي سان نهڪي ٿو اچي. جاءِ وقوع ۽ فاصلي مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ اهي ڏس پتا لامغان جا آهن. هن ڳالهہ ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش بہ ڪانہ آهي تہ مٿئين بيان موجب ٻنهي علائقن جي چڱي سڃاڻ ٿي وئي آهي. ٽالمي لامباتاءِ قبيلي جي ماڻهن جي ملڪ لاءِ بہ ساڳي جاءِ وقوع ٻڌائي آهي. ٻنهي نالن: لامباتاءِ (Lambatae) ۽ لامغان (Lamghan) ڪي جيڪڏهن پيٽائي ڏسبو تہ گهڻو فرق ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو ۽ انهن ٻنهي لفظن جو بنياد سنسڪرت جو لفظ لامپاڪا (Lampaka) آهي. ان ڪري مان ٽالمي جي لفظ 'لامباتاءِ' کي 'لامباگاءِ' ٻڌايان ٿو، جيڪو وڌيڪ صحيح ٿيندو. موجوده دور وارو نالو اصلي نالي جي ننڍڙي صورت آهي. هن لفظ جي وچواري حرف صحيح ۾ تبديلي ڪري لاغمان بہ اچاريو

ويندو آهي. مشرق ۾ اهڙيون ڳالهيون عام هونديون آهن. مسلمان اهو نالو لئيڪ کان شروع ڪندا آهن، جنهن جو مقبرو لامغان جي ماڙيءَ ۾ موجود آهي. اهو مقبرو بابر ۽ ابوالفضل بہ ڏٺو هو.

شين سئنگ جي بيان مطابق هن علائقي جو گهيرو هڪ هزار لي يا هڪ سؤ چاهٺ ميل آهي. اتر پاسي کان برف سان ڇانيل جبل اٿس. ٻين ٽن پاسن کان ڪاريون ٽڪريون ڦري ٿيون اچنس. هنن پارن پٽن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو Lan-po وارو علائقو لامغان آهي، جيڪو هڪ سوڙهو پٽو آهي ۽ ڪابل درياءَ جي اترئين ڪناري سان واقع ڪيس اتر پاسي کان برف سان ڇانيل جبل بہ آهن ۽ اوير - اولهہ پاسي کان ڪنار ۽ آلين گر (Alengar) نديون آهن. زمين جي هيءَ ننڍڙي ايراضي هر پاسي چاليهہ ميل آهي ۽ چورس گهيرو هڪ سؤ سٺ ڪن ميل اٿس. ڪنهن زماني اها هڪ جدا ۽ آزاد رياست هئي. ستين صدي عيسوي ڏاران هتان جي بادشاهہ جو خاتمو ڪري هن علائقي کي ڪاپيسيني سان ملايو ويو.

## نگراهارا يا جلال آباد

شين سئنگ لامغان مان هڪ سؤ لي يا اٽڪل سترنهن ميل ڏکڻ- اوير پنڌ ڪري هڪ وڏو درياءُ اُڪري 'نگر هارا' جي علائقي ۾ اچي پهتو. طرف جاءِ وقوع ۽ فاصلو اهو آهي جيڪو تالمي 'نگر هارا' لاءِ ٻڌايو آهي، جيڪو ڪابل درياءَ کان ڏکڻ پاسي ۽ جلال آباد جي پر پاسي ۾هو. چيني ياتري هن جو نالو نا- ڪي- لو- هو (Na-ki-lo-ho) لکيو آهي. مسٽر جلين (٧٦) (Mr Julien) هن شهر جو، سونگ (Song) گهراڻي جي تاريخ ۾ سنسڪرت ۾ لکيل نالو لڌو آهي، جيڪو ننگ- گو- لو- هو- لو (Nang-go-lo-ho-lo) آهي. هن شهر جو نالو بهار (٧٧) جي گوسراوا (Gosrawa) جي ماڳن تان ميجر ڪٽوءِ (Major Kittoe) لڌو آهي، جيڪو سنسڪرت ٻوليءَ ۾، ۽ لکت جي صورت ۾ مليو آهي. 'نگرهارا' علائقي جي اولهہ کان اوير ڊگهائي ڇهہ سؤ لي يعني هڪ سؤ ميل آهي ۽ اتر کان ڏکڻ بہ سو پنجاهہ لي يا ٻائيتاليهہ

ميل مُنڊيو اٿس. قدرتي حدون هن ريت اٿس: اولهه پاسي جاگڏالڪ (Jagdalak) وارو لڪ (Pass) اوپر ڪان خيبر لڪ. اتر ۾ ڪابل درياءُ ۽ ڏکڻ ۾ برف سان ڇانيل جبل. مذڪوره حدن اندر هن علائقي جي ڪل ماپ پنجهتر ميل ڊيگهه ۽ ٽيهه ميل منڊو آهي. رستي سان ايترو ئي مفاصلو آهي، جيترو شين سئنگ ٻڌايو آهي.

معلوم ائين ٿئي ٿو ته ڇڻ هن علائقي جي راڄڌاني بيگرام هو، جيڪو جلال آباد کان ٻه ميل اولهه پاسي ۾ هِڊا (Hidda) کان پنج يا ڇهه ميل اولهه - اتر - اولهه ڏس تي هو. جنهن کي هر جاڪوڙيءَ متفق طور تي چيني ياترين جي بيان ڪيل شهر هيلو (Hi-lo) سمجهيو آهي. ان هي- لو شهر جو گهيرو چار يا پنج لي يا منو ميل کن مس هو. پر هن شهر جي نمايان حيثيت ان ڪري هئي، جو هتي مهاتما ٻڌ جي کوپڙيءَ جو هڏو رکيل هو. جنهن کي هڪ اسٽوپا ۾ حفاظت سان رکيو ويو هو.جڏهن ڪو ياتري پيٽا طور ڪجهه سون ڏيندو هو، ته کيس مهاتما ٻڌ جي کوپڙيءَ جي هڏي جي زيارت ڪرائي ويندي هئي. هِڊا هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جيڪو جلال آباد کان پنج ميل ڏکڻ طرف آهي، پر اتي اسٽوپا گهٽي انگ ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. غار يا غفائون به جام آهن. انهن سيني جي مسٽر مئسن چڱيءَ پر کوجنا ڪئي آهي. ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل نادر شيون ۽ اسٽوپا وغيره هِڊا (Hidda) شهر ۾ موجود آهن. جيڪو چيني ٻن ياترين جو هيلو آهي ۽ چيني اچارن موجب اهو لفظ هيرا (Hira) يا هڊا (Hidda) وجي بيهي ٿو. تنهن ڪري معلوم ائين ٿئي ٿو ته هڪ علائقي جي راڄڌاني ضرور بيگرام هوندو. جيڪو مئسن (٧٨) جي چوڻ موجب اسٽوپائن، دڙن ۽ اتاهين قبرن سان پريو پيو آهي. هيءُ صاحب وڌيڪ چوي ٿو ته اهي تدفين سان لاڳاپيل ڪي قديم يادگار آهن. اسٽوپائن جي گهٽائين مان پائنجي ٿو ته هي ڪو وڏو شهر يا ڪو پوتر ڌرمي آستان هوندو. ٿي سگهي ٿو ته وڏي شهر هجڻ سان گڏ پوتر ڌرمي آستان به هجي." منهنجو ويچار آهي ته هِڊا (Hidda) جو لفظ هڏيءَ مان ورتل آهي، ڇاڪاڻ ته ڪتاب جي هڪ ٽڪري (٧٩) ۾ هيءُ بيان ڏسڻ ۾ ايندو، ته اتي هڏي جي مٿان هڪ اسٽوپا ٺهيل هئي، جيڪا هيلو شهر ۾ تعمير ٿيل هئي.

ڪتـــاب جي بـئـي ٽـڪـــري ۾ فـــو - تـنـگ - ڪـو - چنـگ Fo-ting-ko-ching جنهن جو مطلب آهي: "ٻڌا جي هڏي وارو شهر" سانگي سان اوهان ڪي هي ڳالهه ٻه ٻڌائيندو هلان ته هن تحقيق دوران هتي اسان کي اهڙا ٻه نالا مليا، جيڪي ٻڌ ڌرم جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. هتي مون کي اها به خبر پئي ته ٻڌ ڌرم جا عالم ۽ اڪابر ماڻهو هن شهر کي "آستي پور" ۽ عام ماڻهو "هڏي پور" سڏيندا هئا. اهڙيءَ ريت شِو ديوتا کي پاتل کوپڙين مالا کي به استي - مالا Asthi mala چيو وِيندو آهي.

پروفيسر لئسن هن شهر کي گهڻو وقت اڳ نگرهارا سمجهيو ۽ سچاتو هو. ۽ تالمي هن کي ناگر ۽ ڊايوني سوپولس Dionysopolis سڏي ٿو، جيڪو ڪابورا ۽ سنڌو جي وچ تي واقع هو. هن جو ٻيو نالو نائسا Nyas هڪ امـــڪـــاني نالو آهي. ائرين Arrian ۽ ڪرٽس Curtius به هن کي انهيءَ نالي سان سڏيو آهي. ابو ريحان (٨٠) هن کي دنس Dinus يا ڊنئي Dinuy ڪري لکيو آهي، جيڪو هو ڪابل ۽ پاراش وارا Parashwara جي وچ تي ٻڌائي ٿو. ماڻهن جي روايت موجب پراڻي شـهـر کي اجونا (٨١) ڪري سـڏيو ويندو هو. مان سمجهان ٿو ته يونان وارن هن نالي کي هن ريتDLJV لکيو آهي، اهو ائين آهي جيئن تالمي يمونا Yamuna يا جمنا Jumna کي ڊيامنا Diamuna ڪري لکيو آهي. اهڙي ريت سنسڪرت ۾ ذڪر کي ياماس Yamas يا جاماس Jamas چيو ويندو آهي. پر پليني (٨٢) ان کي ڊياماسا Diamasa ڪري لکيو آهي. گهڻو ڪري امڪان اهو آهي ته جيڪڏهن اجونا Ajuna جي لفظ ۾ حرف علت جي مٽ سٽ ڪئي وڃي ته پالي ٻوليءَ جو هڪ بگڙيل لفظ اُجونا Ujjuna ۽ سنسڪرت جو لفظ اديانا Udyana نـهي پوندو، جيڪو نگرهارا (٨٣) جو پراڻو نالو هو. جيڪڏهن هيءَ سچاڻپ صحيح آهي ته راڄڌاني وچي بيگرام وارو ٿاڪ ٿيندو، جنهن جو مان اڳ ۾ اشارو ڏئي آيو آهيان. يونان جي حڪمرانيءَ وارو سارو عرصو هن شهر تي "ڊايوني سو پولس" نالو رهيو. آريانا جي يوناني بادشاهن جي سڪن تي ΛTON جا اکر ڏسڻ ۾ ايندا. اهڙو نالو ان شهر جو ڪونه ٿو سونهين، جنهن جو

هندستاني نالو هجي ۽ قديم مؤرخن لکيو هجي. تنهن ڪري اهو نالو فقط ڊايونـي سو پولس Dionyso polis ڪنهن ٻئي شهر جو ٿي ڪونہ ٿو سگهي. پنجين صديءَ جي شروعات ڌاران هن ڪي فا - هيان فقط نا - ڪاءِ Na-kie ناگرا Nagara سڏيو آهي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ان زماني اهو هڪ آزاد ملڪ هو ۽ ان مٿان پنهنجو ئي حڪمران راڄ ڪندو هو. سن ٦٣٠ع ۾ جڏهن شين سئنگ هتي آيو تہ اتي ڪوبہ بادشاه ڪونہ هو ۽ اهو ڪاپسيني سان شامل هو. ان ڪان پوءِ شايد ڪابل جي برهمڻ بادشاه جو ڏن پرو ملڪ ٻڻجي ويو ۽ ان ڪان بعد وري غزنيءَ جي مسلمان بادشاهن جي ماتحت ٿي ويو.

## گنڌارا يا پاراش وارا

سڪندر جي مورخن مان ڪنهن بہ هن علائقي جو نالو ڪونہ ڪنيو آهي. اسٽرئبو Strabo ئي پهريون ماڻهو آهي جنهن هن جو گنڌاريٽس Gandharitis جي نالي سان ذڪر ڪيو آهي، جيڪو سندس بيان موجب چوسپس Choasps ۽ سنڌوءَ جي وچ تي ڪابل درياه جي ڪنار سان واقع هو. ٽالمي ساڳي ئي جاءِ وقوع تي گنڌاراءِ Gandare نالي هڪ علائقي جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهو علائقو ڪوفس درياه جو سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪرڻ واري ٿاڪ ڪان وٺي مٿي ۽ ڪوفس جي ٻنهي ڪنارن سان واقع هو. راجڌاني جنهن کي پو - لو - شا - پولو Pu-lu-sha-pulo "يا پاراش وارا" چيو ويندو هو، سا سنڌوءَ ڪان ٽن يا چئن ڏينهن جي سفر تي پري واقع هئي. هيءُ بيان پشاور جي جاءِ وقوع سان پورو پيچي ٿو اچي، جنهن جو اڪبر بادشاه جي دور تائين نالو "پاراش وارا" هو. بابر ۽ ابو الفضل بہ هن شهر کي انهيءَ نالي سان سڏيو آهي. پر ڏهين صديءَ عيسويءَ جي عرب جاگرافيدانن ۽ خود ابو ريحان بہ اهو نالو لکيو آهي. فاهيان هن کي رڳو فو - لو - شا Fo-lu-sha يعني پاراشا سڏيو آهي ۽ ٻڌائي ٿو تہ هي شهر نگر هارا Nagra hara ڪان سورنهن يوجان Yojans يعني هڪ سو ٻارهن ميل پري آهي. شين سئنگ فقط پنج سو لي يعني ٿياسي ميل ٻڌائي ٿو. ڪانئس غلطي ٿي وئي آهي. جلال آباد ۽ پشاور

چاڪاڻ ته نيلاب ڪابل درياه جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. مان انهن شهرن ۽ ننڍين ڳوٺن جون به ڳالهيون اوهان سان اوريندس جتان جتان چيني ياتري گذريا هئا.

## پشــڪـــالاوتي يا پيوڪـلوٽس
## Pushkalavati or peukeloatis

گنڌارا جي راڄڌاني ”پشــڪلاوتي“ نالي هڪ شـهر هو. چيـو ويندو آهي ته ان شهر جو بنياد پشڪارا Pushkara رکيو هو، جيڪو ڀرت جو پٽ ۽ رام جو ڀائيٽو هو (٨٤). هن شهر جي قدامت ۾ ڪنهن شڪ شـبهي جي گنجائش ئي ڪانه آهي. سـڪندر جي حـملي وقت به راڄڌاني هن شهر ۾ قائم هئي. شهر جو يوناني نالو ”پيوڪلوٽس“ يا ”پيو ڪولوٽس“ پڪالوتي Pukkaeoati تان ورتل آهي، جيڪو پالي ٻوليءَ جو لفظ آهي. اصلي سنســـڪـــرت لفظ پشـــڪــــالاوتي Pushkalavati آهي. ائرين هن شــهـر کي پيــوڪيـلاس Peukelas لکيو آهي. هتان جي رهواسين کي ڊايونيسس پيري گيٽس Dionysis periegetes پيوڪالي Peukalei سڏي ٿو، جيڪو پاليءَ ٻوليءَ جي لفظ پڪالا Pukkala تان ورتل آهي. ”پروڪلائس“ جو اکر اسان کي ائرين جي ”پيـري پلس آف دي ايري ٿـراين سي“ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿـو. تالمي به ساڳي لفظ کي ورجايو آهي. هن سنسڪرت لفـــظ پشڪارا Pushkara لکڻ بدران هندي پوکهـــــار Pokhar لفظ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ائرين جي بيـان مـوجب پيـوڪيلا جو وڏو ۽ ڳتـيل شـهـر هو، جيڪو سنڌوءَ (٨٥)کان گهڻو پري ڪونه هو. اتان جي بادشاه جو نالو آسـتس Astes هو (٨٦).ٿي سگهي ٿـو هاسـتي Hasti هجي. هن راڄڌانيءَ مٿان سڪندر جي هڪ جنرل هيفاشن Hephaestion اچي گهيرو ڪيو، جيڪو پورو مهينو هليو. هيءُ راجا بهادريءَ سان مقابلو ڪندي مارجي ويو. آسيٽس جي وفات کان پوءِ اهو قلعو سـڪندر جي حوالي ڪيو ويو، جيـڪو ان وقت سنڌوءَ ڏانهن پيش قدمي ڪري رهيـو هو. ائرين ۽ اسٽرئبو هن جي جاءِ وقوع کي گهڻو منجهائي ڇڏيو آهي.

حڪمرانن جي بہ اها مشهورمعروف عادت هئي تہ پنهنجي راڄڌانين کي وڏيڪ نالن سان پڻ سڏيندا هئا. هن معاملي ۾ اندرا ساتا ۽ دهليءَ جو مثال اسان جي اکين آڏو آهي، جنهن کي ڪڏهن ڪوٽ پٿورا، قلعئہ علائي، تغلق آباد، فيروز آباد ۽ شاه جهان آباد بہ سڏيو ويندو هو. اها هڪ حقيقت آهي تہ عام ماڻهو "هشت نگر" يعني اٺن شهرن جي نالي ڏانهن اشارو ڏيندا آهن، جيڪي سوات ندي جي ڪناري سان آباد آهن. پر هاڻي وڌندي پاڻ ۾ ويجهو اچي پهتا آهن. هن معاملي ۾ منهنجو هيءُ خيال آهي تہ هن نالي جي تبديليءَ ۾ ماڻهن جي بہ ڪجھ مرضي شامل آهي ۽ هاستي نگر کي ٿورڙو ڦيرائي "هشت نگر" ڪري ڇڏيائون. ڇاڪاڻ تہ هتان جي مسلمان آبادي فارسي ٻولي وڌيڪ ڄاڻي ٿي، پر هو سنسڪرت ڪونہ ڄاڻين ٿا. انهن لاءِ "هشت نگر" جي معنیٰ سمجهڻ لائق هئي. "نگر هارا" Nagra hara جو نالو متائي ننگ نهار Nang-Nihar جي نالي ۾ بہ ساڳيو مقصد ڪارفرما آهي جنهن جي "معنیٰ پاڻيءَ جا نو وهڪرا" آهي(٨٩).

پوئين دور ۾ پشڪالاوتي وڏي استوپا ڪري گهڻو مشهور هوندو هو. چيو ويندو آهي تہ هيءُ استوپا ان جاءِ تي اڏيو ويو هو، جتي مهاتما گوتم ٻڌ پنهنجي اکين جو دان ڏنو هو. اها هڪ تصديق ٿيل حقيقت آهي تہ شين سئنگ جي ياترا تائين مختلف وقتن ۾ هڪ هزار اکين جو دان ڏنو ويو هو. فا - هيان جيڪو پنجين صديءَ ۾ آيو هو ۽ سنگ - ين Sung - yun جيڪو ڇهين صديءَ آيو، ٻنهي ياترين فقط هڪ اهڙي واقعي جو ذڪر ڪيو آهي.

## ورو شايا پالو ڊيري

ان کان پوءِ اٿين معلوم ٿئي ٿو تہ شين سئنگ پو - لو - شا جي شهر آيو هو. منهنجي خيال ۾ اهو ماڳ پالو ڊيري هوندو يا پالي جو ڳوٺ هوندو جيڪو ڊيريءَ تي اڏيل هو. ڊيري جو مطلب ڪندر يا دڙو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو دڙو ڪنهن قديم شهر جي دڙي تي ناهيل هجي. هن شهر کان ويهہ لي يا سوا ٽي ميل ڪن اوير - اتر طرف دانتالوڪا Dantaloka نالي هڪ ٽڪري آهئ، جنهن ۾ هڪ گفا

آهي. چيو ويندو آهي تہ هتان جي راجا سدانا Sudana ۽ راڻي هتي
اچي سر بچاءُ ڪيو هو. پالو ڊيري کان پشڪالاوتيءَ (٩٠) تائين فاصلو
شين سئنگ جي ٻڌايل پنڌ سان سهمت آهي. جيڪو چاليهہ ميل آهي.
جنرلڪورٽ General Court هن مـاڳ کي پيلي Pelley سـڏيو
آهي. هن شهر جي صحيح سڃاڻ جي پنيرائي هن حقيقت مان بہ ٿئي
ٿي تہ هن شهر جي اوير - اتر - اوير طرف هڪ ٽڪري بہ موجود آهي،
جنهن ۾ غار يا گفا بہ آهي جنهن کي ڪشميري غار جي نالي سان
سڏيندا آهن ۽ اها ٽڪري پالو ڊيري کان ٽن چئن ميلن جي مفاصلي تي
آهي. مان سمجهان ٿو تہ دانتالوڪ ٽڪريءَ کي جسٽين (٩١) Justin
ڊيڊالي ٽڪري Montes Dædali ڪري لکيو آهي. دانتا واري لفظ ۾
جيڪو نڪ مان اچار نڪري ٿو، سو ڊيڊالي جي لفظ ۾ لکي ويو آهي
۽ اهو وري "داتن" Dattan جي لفظ ۾ ويٺو ٿي وڃي ٿو.

## اُتا کنڊ يا اوهند يا ايمبوليما

يو- لو -شا کان بہ سو لي يا ٽيٽيهہ ميل ڏکڻ - اوير پنڌ
ڪري شين سئنگ وڃي ا - تو-ڪيا - هان - چا U-to-kia-han-cha
پهتو هو. ايم جلين M.Julien چيني اچار جي ناتي سان اداکند
Udakhanda سمجهيو آهي، ايم. ووين ڊي سئنٽ مارٽن وري هن
کي اوهند لکي ٿو، جيڪو سنڌوءَ جي ڪنار سان وسندڙ هو. چيني
ياتريءَ جو بيان آهي تہ هن شهر جو ڏاکڻيون پاسو وڃي سنڌوءَ سان
لڳندو هو. هن شهر جي جاءِ وقوع جو بيان اوهند شهر جي بيهڪ سان
هڪ جهڙائي رکي ٿو، جيڪو سنڌوءَ جي اترئين ڪناري سان ۽ اٽڪ کان
پندرهن ميل متي آباد آهي. جنرل ڪورٽ ۽ برنس هن ماڳ کي هند
Hund سڏن ٿا. مسٽر لو وينٿل Mr Loewenthal هن ٿاڪ کي
وري اوهند سڏيو آهي. هن لفظ ۾ اچار جي ڪجهہ غلطي محسوس ٿئي
ٿي. پر ابوريحان سن ١٠٣٠ع ۾ هن شهر جو نالو ويهند Waihand
لکيو آهي. مرزا مغل بيگ سن ١٧٩٠ع ۾ ساڳي شهر جو نالو اوهند
Ohind لکي ٿو. منهنجي ڪنن بہ وئُهند Wahand جو نالو ٻڌو.
رشيد الدين کي بہ سن١٣١٠ع ۾ ساڳي قسم جو اچار ويهند (٩٢)

Wehaud ٻڌڻ ۾ آيو هو. هن مصنفن جي بيانن موجب ويُهند گنڌار جي راڄڌاني هو. رشيد الدين اسان کي ٻڌائي ٿو ته مغل ان کي ڪاراجنگ Karajang ڪوٺيندا هئا. هتان جو فقط اڪيلو ڏيهي مؤرخ نظام الدين، طبقات اڪبري ۾ هن شهر جو اختصار ۾ نالو ڏئي ٿو ۽ لکي ٿو ته محمود غزنويءَ سن ١٠٠٢ع ۾ "هند" جي قلعي تي گهيرو ڪيو ۽ راجا جئپال قلعي ۾ اندر موجود هو. پر فرشته هن ماڳ بابت ڪجهه مختلف بيان ڪيو آهي ۽ سندس نالو "ٻٺندا" Bithanda ٻڌائي ٿو. اسان ٻيهان ڪيل پوئين نالي وسيلي اسان اٽاڪنڊا جي پراڻي قلعي جي پرسان پهچي ويا آهيون، جنهن جو ذڪر شين سئنگ به ڪيو آهي. هن سيني مثالن مان، اندازو لڳايو اٿم ته اٽاڪنڊا يا اٽڪنڊ جو اصلي ۽ پهريون نالو ات هند Uthand يا ٻت هندا Bit-handa هو. پوءِ نندڙيءَ صورت ۾ وڃي اُهند Uhand يا اوهند Ohind ٿيو. ٻنهي لفظن ۾ فقط ٻئي نمبر اکر تي اعرابن جو فرق آهي. جنرل جيمس ايبٽ James Abbát "گرئيدس ائنڊ آرنان Gradusad Aornon ۾ هن ماڳ جو نالو "اوند" Oond ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو ته قديم زماني ۾ هن کي اورا Oora جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن مان سندس خيال آهي ته اهو سڪندر جي مورخن وارو ماڳ اورا Ora آهي. مان مرهيات آئسيڊور لوئنٿل Isidor loenthal جي ڄاڻايل ڪن ڳالهين ڪري ڪجهه وستار ۾ هليو ويو آهيان. اوهند جي ماڳ لاءِ سندس خيال گهڻو ڪري صحيح پيو معلوم ٿئي. پر هن مامري ۾ ڪجهه بي خيالي کان ڪم ورتو اٿائين ته اٽاڪنڊ جو قديم ماڳ موجوده دور وارو اٽڪ آهي. پر اها ڄاءِ سنڌوءَ جي ٻئي ڪپر سان ٻڌائي وئي آهي. ان کان علاوه جيتري مون کي ڄاڻ آهي ته هن ماڳ جو نالو اڪبر دور کان اڳ ڪنهن به مؤرخ جي تصنيف ۾ ڏسڻ ۾ نئي ڪونه ٿو اچي. ابوالفضل لکي ٿو ته هن جو نالو اٽڪ بنارس Attak Banaras آهي ۽ اڪبر بادشاه جي دور ۾ ان جي تعمير ٿي هئي. بابر، نيلاب جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي، پر اٽڪ جو نالو ڪونه ڪنيو اٿائين. رشيد الدين جو بيان آهي ته پاراش وارا ندي سنڌوءَ سان تنڪور Tankur جي ماڳن وٽ ملندي آهي. منهنجو خيال آهي ته سندس اشارو خيرآباد جي

برهمڻ ڪجورا مان نڪري پنهنجي بادشاهيءَ جو بنياد اچي سنڌوءَ جي ڪنارن سان رکيو هجي. هنن پهريائين پنهنجي بادشاهي سنڌ ۾ قائم ڪئي. ان ڪان پوءِ اڳتي وڌي وڃي اوهند ۽ ڪابل ۾ پير ڄمايائون. شين سئنگ جي زماني ۾ هي شهر ويهه لي يا ٽن ميلن جي گهيري ۾ پکڙيل هو. منهنجو خيال آهي ته برهمڻ راجائن جي دور ۾ اهو ضرور وڌيو ويجهيو هوندو. معلوم ٿئي ٿو ته چنگيز خان جي نسل مان بادشاهن جي دور ۾ به هن چڱي موچاري ترقي ڪئي. هنن سندس نالو بدلائي ڪارا جانگ Kara jang رکيو هو. پر آمدرفت وارو رستو اتان وڪڙ ڪري منٽي ويو. سنڌوءَ به هن شهر سان ڪوئش ڪرڻ شروع ڪئي. ان ڪري هي شهر هوريان هوريان ناس ٿيندو ويو. پتو پوي ٿو ته سنڌو هن شهر جو پورو اڌ پائي وهائي ڪٽي ويو (٩٥).ان ڪان پوءِ اٽڪ شهر جي تعمير شروع ٿي. شهر جو پنجهو درياه جي واريءَ سان گڏجي دڙا ٿي ويو. ڏوڙڏنا سونجهڙيا سون ڳولڻ وقت هنن ماڳن مان ننڍا وڏا سونا زيور ۽ سڪا به لهي وٺندا آهن. هنن اهڃاڻن مان پتو پوي ٿو ته مذڪوره شهر ڪيڏو نه سکيو ستابو هو. مون به اتي ٿوري جتن سان هڪ ڳچي جو زيور، ڪٽ جون سرمي پائڻ جون ڪيتريون ئي سرايون هند - ستين ۽ ڪابل جي برهمڻ گهراڻي جا جهجها سڪا هٿ ڪيا. هند - ستين راجائن جا سڪا ته گهڻي وقت ڪان وٺي لڳاتار ملندا اچن ٿا. هن حقيقت مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته هيءَ شهر پهرين عيسوي صديءَ ڪان اڳي آباد هو. ان ڪري اسان کي ابوالفداء Abul feda جي هن روايت کي سچو مڃڻو پوندو ته ويهند يا اوهند، انهن شهرن مان هڪ آهي جن جو بنياد سڪندر رکيو هو.

ائرين جو بيان آهي ته پيوڪلوٽي Peukeloati جي آڻ مڃڻ ڪان پوءِ سڪندر، ڪابل درياه جي ڪناري سان آباد بيا شهر به فتح ڪري ورتا. پوءِ پيش قدمي ڪندو اچي ايمبوليما Embolima وٽ پهتو. هي شهر آرنوس Aornos جبل ڪان گهڻو وٿيرڪو ڪونه هو. هتي ڪراٽيرس Kraterus کي ڪاڌي خوراڪ جي شين ڪٺي ڪرڻ لاءِ ڇڏيو ويو. چاڪاڻ ته شهر جي گهيري جي وڌي وڃڻ جو امڪان هو. بازاريا ڏانهن وڌڻ ڪان اڳ ۾ سڪندر دوراند يشيءَ ڪان ڪم وٺي

ياندا پري اتي رکيا هوندائون، ڇاڪاڻ تہ پل ۾ ان سامان جي حفاظت واسطي فقط هڪ ئي فوجي چوڪي ڪافي هئي.

## سلاتورا Salatura يا لهور

هن ماڳ وٽان ٿيندو شين سئنگ سو - لو - تو - لو So-lo-tu-lo ڏانهن روانو ٿيو هو. هي هنڌ، گرامر جي مشهور ڄاڻو پاڻني Panini جي جنم ڀومي هو. جيڪو اوهند کان ويهہ لي يا سوا ٽي ميل اتر - اولهہ طرف تي واقع هو. سن ۱۸۴۸ع ۾ هڪ ڏينهن جي وسرام لاءِ اچي هن ننڍڙي ڳوٺ لهور ۾ ترسيو هوس. مون جاچي ڏٺو تہ واقعي اوهند کان ٽي چار ميل اتر - اولهہ ڏس تي هو. مون هن جاءِ تان يونانين ۽ هند - سٿين دور جا سڪا لڌا هئا، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هي ماڳ قديم آهي يا گهٽ ۾ گهٽ پاڻني جي دور جيترو پراڻو آهي، جيڪو ۳۵۰ ق.م تي گذريو آهي. تنهن ڪري مون کي اهو چوندي هٻڪ ڪانہ ٿي ٿئي تہ سلاتورا جو ماڳ لهور ئي آهي. هن لفظ مان جيڪڏهن پهريون اکر ڪڍي ڇڏجي تہ هي لفظ تارونءَ بدران حلق مان اچاري سگهبو. اولهہ هندستان جا ماڻهو تارونءَ جي اچار کان حلق جي اچار کي وڌيڪ پسند ڪندا آهن. جهڙيءَ ريت سنڌو درياہ Sindhu river کي هندو دريا Hendu river يا اندس سڏيندا هئا. سنڌوءَ جي ڪنڌين ۽ ڪنارن سان وسندڙ ماڻهن کي هندو يا Indians ڪوٺيو ويندو هو. اهڙي ريت سلاتورا وري هلاتورا Hala tura يا آلاتورا Ala tura ۾ متجي ويو، جيڪو بگڙي لهور تي ويو. ان حساب سان جنرل ڪورٽ هن ڳوٺ جو نالو لئوِر Iavor لکيو آهي.

## آرناس يا آرنوس Aornos

سنڌوءَ جي اولهہ پار وارن علائقن جو بيان ڪندي آرنوس جي اڻ ڄاتي جاءِ وقوع بابت بہ ٽي لفظ چوڻ چاهيان ٿو. هن موضوع تي جنرل ڪورٽ سن ۱۸۳۶ع ۾ هيٺينءَ ريت لکيو آهي: جيستائين آرنوس جو تعلق آهي تہ هيءُ قلعو اٽڪ جي سامهون هو. ان جا اهڃاڻ جبل جي چوٽيءَ تي اج بہ ڏسي سگهجن ٿا. هن قلعي جو بنياد راجا هودي

جي خيال مطابق تہ اهو يوناني اچار آهي. پر اهو ڪو اهڙو نئون لفظ ڪونہ آهي، جنهن جي ايجاد يونان وارن ڪئي هجي. اهو لفظ ضرور ڏيهي هوندو، جنهن کي يوناني اچار ۾ يونان وارن بدلايو هوندو. مسٽر لووينٽل جو خيال آهي تہ اهو اصل سنسڪرت جو لفظ وارناسي Varanasi آهي، جيڪو بدلجي بنارس Banaras تي ويو آهي. سڪندر جي دور ۾ يونان وارن هن لفظ کي حرف علت اڳيان ڏئي اچاريو هو، ان نقطہ نظر سان اهو لفظ آوارناس Avaranas يا آراناس تي پيو. پر هن مان پيو بہ گهٽو ڪجهہ ثابت ٿئي ٿو. هن لفظ آراناس جو پويون اکر تہ پڪ سان يوناني پڇاڙي Termination وارو آهي. تنهن ڪري ڏيهي لفظ جي شڪل صورت اها ساڳي ڪانہ رهي هوندي. اهو گمان بہ ٿئي ٿو تہ يونان وارن ڏيهي نالي جو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، اصلي ماڳن کي يوناني ٻٽائي ڇڏيو هوندو: هن ماڳ جو اصلي نالو تہ بناراس وناراسي هو. تنهن ڪري لازمي ڳالهہ اها ٿي پئي آهي تہ ڪاڪيشيا جبل جي ٻئي پار بنارس نالي ڪنهن ٿاڪ جيَ ڳولها ڪريون. چاڪاڻ تہ ائرين جو بيان آهي تہ "سڪندرڊراپ ساڪا Drap saka يا اندراب Andarab وٽان اکري آرانٰاس ۽ باختر تي حملو ڪيو هو. اهي ٻئي باختر ملڪ جا اهم شهر هئا، جن سڪندر جي آڏو هڪدم آڻ مڃي هئي. هن آراناس جي قلعي ۾ پنهنجي فوج رکي" (١٠٣).

جيڪڏهن ائرين جي ڏنل نالن کي ٽالمي جي نقشي سان ڀيٽائي ڏسبو تہ اها حقيقت چٽي ۽ وائکي ٿي پوندي تہ ائرين جا آرناس ۽ باختر Bactra ۽ ٽالمي جا زارياسپا Zariaspa ۽ باختر ريجيا Bactra regia ساڳيا شهر آهن. پوئين شهر کي وارني Varni جي حدن اندر ڏيکاريو ويو آهي، جنهن کي يونانيءَ ٻوليءَ ۾ Ovapyoi ڪري لکيو ويو آهي. منهنجو ويچار آهي تہ اهو آرنامي جو نالو آهي. هتي يوناني Aopvoc لفظ Ovapvoc کان ٿورو تبديل ٿيل آهي ۽ پوئين لفظ جي هجي وارناس Varnos آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اها تبديلي سڪندر سان گڏ ايندڙ ماڻهن ڪئي آهي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هيءُ اهم نالو يونانيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي يوناني معلوم ٿئي.

ساڳيءَ ريت مان راجا وارا (Raja vara) کي بيو آراناس سمجهان ٿو. چاڪاڻ تہ هشت نگر کان وٺي اوهند تائين قلعن جا جيڪي بہ ٿرڙ آهن، انهن سيني ۾ هن جو نالو ضرور اچي ٿو. اهڙيءَ ريت هشت نگر کان پندرنهن ميل اتر - اوير تخت - بهائي (Takht- Bahai) جو قلعو ۽ شهر آهي، تنهن کي بہ هن راجا وارا ڏانهن منسوب کيو ويندو آهي. پر سندس نالو، "نوگرام" جي ڳوٺ مٿان جبل تي راڻي - گهاٽ واري قلعي سان وڌيڪ لاڳاپيل نظر ايندو آهي. چيو ويندو آهي تہ هن قلعي جي اتر ڪناري سان هڪ اُتاهون ۽ ويڪرو پٿر هوندو هو، جنهن تي راڻي ۽ راجا وارا ڏهاڙي اچي ويهندا هئا. هيءُ قلعو خود راجا وارا جي نالي منسوب آهي. قلعي واري اتاهينءَ ٽڪريءَ کان هيٺ جن جاين جا کنڊر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تن لاءِ چيو ويندو آهي، تہ اهي سندس گهوڙن جو ڪڙهيون هيون. ڪي ماڻهو هن کي راجا ويرات (Raja Virat) نالي بہ سڏيندا آهن. پر اهي ماڻهو هن راجا کي پنجن پاندون جي ڪهاڻي سان ملائي جڏيندا آهن، تنهن ڪري مون کي شڪ آهي تہ هن راجا جو نالو بہ پنهنجي مرضيءَ سان ڦيرائي جڏيو هوندائون. صحيح ويرات جي علائقي جي جاءِ وقوع متسيہ (Matsya) يا ماچيري (Macheri) آهي، جيڪا دهليءَ جي ڏکڻ ۾ هئي. باقي بيون سڀ اجايون ڳالهيون آهن. انهيءَ ڪري مان سمجهان ٿو تہ ٽڪري وارو قلعو آرناس، گهٽو ڪري 'راجا وارا' جي نالي تان ڪنيو ويو آهي. راڻي- گهاٽ (Rani gat) واري نشاني بہ هن جي سُجاڻ لاءِ گهٽي آهي تہ اهو سڪندر وارو آراناس آهي. جنرل ائبٽ جي بيان ڪيل ماهابان واري ٽڪري يا جنرل ڪورٽ ۽ مسٽر لووينٽل وارو راجا هودي (Raja Hodi) وارو قلعو، مٿينءَ بيان ڪيل حقيقت کان وڌيڪ اهميت ڪونہ ٿا رکن.

مان، ماهابان جي ٽڪري واري قلعي کي هيٺين سببن ڪري آراناس جو قلعو ڪونہ ٿو سمجهان:

(١) هيءُ هڪ ويڪرو ڪشادو جبل آهي. چڙهڻ ۾ گهڻو سولو آهي. ان جي اهڙي ايڪيري چڪ (Spur) بہ ٻاهر نڪتل نہ آهي، جنهن جي مهاڙي سنڌوءَ ڏانهن هجي.

(٢) ماهابان جبل جو گهيرو پنجاهہ ميلن ۾ آهي، پر آراناس لاءِ

چيو وڃي ٿو تہ ان جو گهيرو بہ سو اسٽاڊيا يا ٻاويهہ ميل ٿِمس هو. ان بابت اثرين جو بيان آهي تہ هڪ سو اسٽاڊيا يا ٻارهن ميل گهيرو هوس. ڊايو ڊورس ان جو گهيرو فقط ٽي ميل ٻڌائي ٿو. سن ٦٣٠ع ۾ شين سئنگ بہ مهابان ٽڪري ڏٺي هئي. سندس چوڻ آهي تہ هي هڪ ويڪري ٽڪري آهي، سندس اصلي نالو مهاوان Mahavana آهي. ان تي هيءُ نالو هڪ ٻڌ مڙهيءَ ڪري پيو آهي، جنهن ۾ مهاتما گوتم ٻڌ راجا ساروندا(١٠۴) Raja Sarvvanda جي نالي سان اچي رهيو هو. اها ٻڌ مڙهي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي قائم ٿيل هئي. اها حقيقت سندس بيان مان ئي ظاهر ٿئي ٿي. چاڪاڻ تہ هو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هو ان ٽڪريءَ جي اتر - اوپر طرف واري پاسي ٽيهہ يا چاليهہ لي پنڌ ڪري ان جاءِ وٽان هيٺ لٿو، جتي ماسورا Masura نالي هڪ ٻي ٻڌ مڙهي ٺهيل هئي. مان سمجهان ٿو تہ اهو سورا Sura وارو وڏو ڳوٺ هوندو، جيڪو مهابان جبل جي اتاهين چوٽيءَ کان ڏهہ ميل کن اتر - اولهہ طرف چمبلا ماٿريءَ ۾ موجود آهي. هن ٽڪري تي جيڪڏهن ڪو قلعو ٺهيل هجي ها تہ هيءُ ياتري ان جي نالي جو ذڪر ضرور ڪري ها. جتي هن ٽڪري جي ويڪرائي جو بيان ڪيو آهي تہ اتي چڙهڻ ۾ اوکائي هئڻ جي حالت ۾ ٽڪريءَ تي مٿي چڙهڻ واري تڪليف بيان ڪرڻ بہ ڪڏهن ڪونہ وساري ها. سندس اهڙي خاموشي مان مون کي لڳي ٿو تہ مهابان ٽڪريءَ تي مٿي قلعو موجود ڪونہ هو، نہ اصلي تعمير واري حالت ۾ ۽ نہ ڪنڊرن جي صورت ۾.

"مهابان ٽڪريءَ کي ڪافو جي اهميت ڪانہ آهي." هن ڳالهہ تي مسٽر لووينٽل کي فوجي نقطہ نظر کان تمام گهڻو اعتراض آهي. هن پنهنجي فائدي ۾ ڪيترائي نڪتا بيان ڪيا آهن. پر پوءِ بہ ائين نظر ٿو اچي تہ حقيقت کان گهٽو پري آهي. جنرل ائبٽ، مسٽر لووينٽل کي مناسب جواب ڏيڻ واسطي گهٽي جاکوڙ ڪئي آهي. پر سندس جواب ڇپجڻ کان ڪجهہ مهينا اڳ مون بہ دوستن سان گفتگو دوران ڪيس اهڙي جواب ڏيڻ جا جتن ڪيا آهن ۽ خود مسٽر لووينٽل ڏانهن خط لکي ڪيس جواب ڏيڻ جي بہ ڪوشش ڪئي اٿم. موضوع اهو آهي تہ مسٽر لووينٽل کي هن ڳالهہ تي اعتراض آهي تہ "مهابان کي ڪافو جي

اهميت ڪانہ آهي." مان ڪيس خط ۾ جواب ڏيندي لکيو آهي تہ مهابان ٽڪريءَ جي بس ايتري اهميت آهي تہ جيڪڏهن حملي ڪيل ملڪ جا ماڻهو پڇي وڃي مٿي پناهہ وٺندا تہ انهن کي هلڪو سلڪو تحفظ ڏئي سگهندي. پر چيو وڃي ٿو تہ ان ڳالهہ جو تہ ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ماڻهو پڇي اچي اتي لکن ها تہ سڪندراعظم ان ٽڪريءَ کي فتح ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪري ها. ٻي ڳالهہ تہ مهابان جي ٽڪري وارن سڪندراعظم جي سنڌوءَ (١٠٥) ڏانهن پيش قدميءَ خلاف مزاحمت بہ ڪانہ ڪئي هئي. سندس مکيہ اعتراض جو نچوڙ اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سڪندراعظم جو اصل مقصد سنڌوءَ ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ هو. پر هن کان اڳ ۽ پوءِ وارين جنگي ڪاروائين مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ .هن پنهنجي پويان ڪو دشمن ڇڏڻ ڪونہ ٿي گهريو. هو بيسس (Bessus) جو پيڇو ڇڏي، ايشيا درانجيانا (Drangiana) ۽ آراچيسيا (Arachosia) فتح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو هو. هن مقصد حاصل ڪرڻ واسطي اسپيتامينس (Spitamenes) جي موت تائين سرديانا (Sordiana) ۽ بئڪٽريانا ۾ ٻہ سال رهي پيو ۽ پوئتي ڪوبہ دشمن ڪونہ ڇڏيائين. اهڙي ساڳي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌوءَ ڏانهن ويندڙ رستو ڇڏي آراناس قلعي تي انهن ماڻهن مٿان هلان ڪئي هئائين، جن سندس آڻ ڪانہ مڃي هئي ۽ وڃي آراناس ۾ سر بچاءُ ڪيو هئائون. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ واسطي هن راوي درياءَ اڪري سانگلا جي قلعي تي حملو ڪيو هو، جيڪو هڪ اڪيليءَ ٽڪريءَ تي اڏيل هو. جنهن جي چوڌاري جهنگ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

مسٽر لووينٽل جي بحث ۾ مول مقصد اهو آهي تہ راجا هودي وارو قلعو سڪندراعظم وارو آراناس آهي. خاص طور تي انهيءَ ڪري جو ٻنهي ۾ بنارس (Banaras) جي نالي جي هڪ جهڙائي آهي ۽ ٻيو انهيءَ ڪري بہ تہ سر نيويل چينبرلين (Neville Chamber lain) جو خيال آهي تہ خيرآباد واري قلعي واري دوست دشمن لاءِ هڪ جهڙي ڪليل آهي. پلي گهمي قري حقيقتن مان اندازو بہ لڳائي سگهجي ٿو. ان کان سواءِ هيءُ هڪ اهڙو تاڪ آهي، جتان حملہ آور فوج اڳتي سنڌوءَ ڏانهن وڌي اٽڪ تي حملو بہ ڪري پئي سگهي." آراناس تي هلندڙ بحث تہ اڃا ئي ختم تي ڇڪو آهي. ٻئي بحث ۾ مکيہ شيون بہ آهن. پهريون

تہ سڪندر اٽڪ وٽان سنڌو اُڪريو هو. تنهن ڪري هن درياءَ ڏانهن وڌڻ کان اڳ راجا هودي (Raja Hodi) وارو قلعو فتح ڪيو هوندو. ٻي ڳالهہ تہ سڪندر جي مقابلي ڪرڻ واسطي اوسي پاسي جا ماڻهو مڙي اچي آرناس جي قلعي ۾ گڏٿيا هئا. پوئين ڳالهہ تہ بلڪل بي بنياد آهي. هن بابت ائرمن جو بيان آهي تہ بازاريا جي ماڻهو وڙهڻ جو ست نہ ساري ڀڄي اچي آرناس جي قلعي ۾ سرپچاءَ ڪيو هو (١٠٦). هن بيان مان اسان کي معلوم ٿيندو تہ بازاريا جا ماڻهو سڪندر جي مقابلي کان لهرائي رهيا هئا ۽ ڪين سڪندر سان مهاڏي اٽڪائڻ جو ڪوبہ خيال ڪونہ هو. هن بيان مان اها حقيقت بہ ثابت ٿئي ٿي تہ سنڌوءَ ڏانهن ويندڙ رستو آرناس قلعي جي انتظامي حدن ۾ ڪونہ هو، نہ وري ان جي پرسان گذري اٽڪ پرسان بيڙين واريءَ پل ڏانهن وڃي رهيو هو. هن سبب ڪري مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ راجا هودي جي قلعي وارا کنڊر آرناس قلعي جا ماڳ نہ آهن. ٻي ڳالهہ تہ هودي ڳڙهي (Hodi garhi) جو هڪ اڇار بہ آرناس جي اچارن جهڙو ڪونہ آهي.

انهن ڳالهين تي غور ويچار ڪرڻ کان پوءِ مان هن ڳالهہ جو قائل ٿي ويو آهيان تہ آرناس جي ماڳن کي ڳولڻ واسطي يوسف زئي واري ميداني علائقي اتر- اوير واري ڪنڌ کي وڃي ٽڙولڻو پوندو. موجوده دور ۾ بہ ماڻهو ڪنهن حملي کان ڊڄي ايڏانهن وڃي لڪندا آهن. اتي شايد اهڙو ڪو ماڳ ملي پوي، جيڪو سڪندر جي مؤرخن جي بيان ڪيل حقيقتن جهڙو هجي. هن موضوع جو جن مطالعو ڪيو آهي، تن سڀني جي اتفاق راءِ بہ اها آهي، تہ آرناس وارو قلعو انهيءَ طرف واقع ٿي سگهي ٿو.

سڪندر جي مؤرخن جا بيان مُنجهيل آهن. ڪڏهن وري هڪ ٻئي جي مختلف آهن. پر اسان ڪوشش ڪري هڪڙن بيانن کي ٻين وسيلي صحيح ڪري سمجهڻ جوڳو ڪري وٺندا آهيون. جنهن بيان تي اهي مطمئن هوندا آهن تہ اسان اڪيون ٻوٽي اعتبار ڪندا آهيون ۽ اهو سمجهندا آهيون تہ جن ماخذن تان هنن حقيقتون ورتيون آهن، سي ان واقعي تي اتفاق راءِ رکن ٿا. آرناس جي قلعي وٽ پهچڻ کان اڳ سڪندر جي فوجي چرپر بابت بہ سڀئي مؤرخ خوش قسمتيءَ سان متفق آهن. ائرين جو بيان آهي تہ سڪندر

سان اهم آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو قديم زماني ۾ ڪو تجارتي شهر هو. هن ماڳ جي اهميت کي نظر ۾ رکندي مون کي گمان ٿئي ٿو ته هي ماڳ گهڻو ڪري بازاريا Bagaria آهي. پر نالي جي هڪ جهڙائي ۽ سندس جاءِ وقوع مان ته اهو گمان پڪ ۾ بدلجي وڃي ٿو ۽ يقين ٿئي ٿو ته هي ئي اهو بازاريا جو شهر هو، جنهن جو سڪندر گهيرو ڪيو هو. هن جي پنيرائي هن حقيقت مان به ٿئي ٿي ته سندس ويجهڙائيءَ ۾ دانتالڪ جبل آهي. شايد اهوئي ساڳيو جابلو سلسلو آهي، جنهن کي يونان وارن مونٽس ڊيڊالي Montes Daedali ڪري لکيو آهي. هاٿي اهو پالي ٻوليءَ جو "داتا لوڪ" Dattalok لفظ بڻجي ويو آهي. جسٽين (١٠٨) هن ڊئڊالي جبل بابت ٻڌائي ٿو ته اهو جبل ڪليوفس Cleofis يا ڪليوپس Cleopes جي راڻيءَ جي ملڪ جي ڏنگ سان واقع آهي. ڪرٽس جي بيان موجب اها راڻي مساگا جي راجا آساڪئنس جي ماءُ هئي (اها سندس غلطي آهي - اصل ۾ سندس زال هئي) مان اڳ ۾ اهڙو بيان ڪري آيو آهيان ته داتالوڪ ٽڪريءَ ۾ هڪ غار هو، جتي راجا سدانا وڃي رهندو هو. شين شئنگ به ان غار جو ذڪر ڪيو آهي ۽ نالو ڪشمير غار ٻڌايو اٿس، جيڪو بازار کان اٺ ميل ڪن اتر - اوڀر ڏس تي آهي. جڏهن يونان وارن سوات جي مساگا مان بازار تي حملو ڪيو هوندو ته دانتالڪ وارو جابلو سلسلو سندن ساڄي طرف تي هوندو. هنن سڀني حقيقتن ڪري مان هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اهو ماڳ پڪ ئي پڪ سڪندر وارو بازاريا آهي ۽ اوهند وارو ماڳ ايمبوليما آهي، جنهن جو بيان اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

راڻي - گهاٽ Rani-gat قلعي جي ڪندرن جي پراڻي ماڳ جي آراناس طور سڃاڻ، منهنجي خيال ۾ پوري ڪانه آهي. مان قبول ڪريان ٿو ته ڪي ڳالهيون ڪُتن ضرور ٿيون. سن١٨٤٨ع ۾ منهنجو اندازو هو ته راڻي گهاٽ قلعي واري جبل جي عمودي ماپ هڪ هزار ڪن فوٽ ٿيندي. مسٽر لوويٽل منهنجي ان اندازي جي تائيد ڪئي آهي. پر ائرين (١٠٩) ان جي ماپ يارنهن اسٽاڊيا يعني ڇهه هزار ڇهه سو ستيتاليهه فوٽ ڏني آهي. جڏهن مان پنهنجي اندازي واري ماپ ائرين جي ڏنل انگن اکرن سان ڀيٽائي ٿو ڏسان ته پنهنجي سڃاڻ واري

ڪوشش ڪان گهبرائجي ٿو وڃان. مان سمجهان ٿو ته ائرين ماپ ٻڌائڻ ۾ گهٽي وڌاءُ ڪان ڪم ورتو آهي. فلاس ترائس (١١٠) Philos tratus هن جي ماپ وري پندرهن اسٽاڊيا ٻڌائي ٿو. ڊايو ڊورس (١١١) هنن ٻنهي ڪان ٻه رتيون ڪسر آهي، چوي ٿو ته ان جبل جي اوچائي سورهن اسٽاڊيا آهي، جيڪا نو هزار ست سو اٺ فوٽ ٿئي ٿي. هو مذڪوره جبل جي تري جو گهيرو هڪ سو اسٽاڊيا ٻڌائي ٿو، جيڪو ائرين جي ڏنل ماپ ڪان اڌ جيترو آهي. مان سمجهان ٿو ته ان جي اوچائي به ان نسبت سان هوندي. اسان ان کي سورهن بدران فقط ڇهه اسٽاڊيا پڙهون ته مناسب ٿيندو، جيڪا فوٽن جي حساب سان نو هزار ست سو اٺ بدران ٽي هزار ڇهه سو چاليهه فوٽ بيهندي. هن مان اها پڪ ٿئي ٿي ته ڊايوڊورس جي ڏنل انگن اکرن ۾ ڪاٽي ٿاڪاٽو آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ سو اسٽاڊيا يا ست هزار ڇهه سو پنجهتر فوٽ جي گهيري جو قطر Diameter اٽوويهه هزار ٻه سو فوٽ ٿئي ٿو، جيڪو وڌ ۾ وڌ اوچائيءَ ۾ نو هزار ست سو اٺ ڪان بيٺو آهي ۽ ان جو لاهه Seope ٤٥ درجن تي ٿيندو. ان حساب سان ٽڪري سڌي سنوت واري مٿاڇري بدران صفا نوڪدار هجي. هن معاملي ۾ ائرين جو بيان آهي ته هن ٽڪري جي چوٽيءَ تي ڪيتي ڪئي ويندي هئي. اسان جي هنن ٻنهي مصنفن ۾ گهٽو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. منجهن ايڏو وڌاءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو ڦير گهير ڪري صحيح ڪرڻ جو امڪان به گهٽ نظر اچي ٿو. منهنجو خيال آهي ته اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ڏنل ماپ کي ترجيح ڏيڻ گهرجي ۽ ٻي ڳالهه ته ٽڪري جي اُوچائي کي ايڪپري بدران لهنواري سمجهڻ کپي ته قصو سولو ٿي پوندو. جيڪڏهن ڏنل گهٽ ۾ گهٽ ماپ به سمجهون ته آراناس واريءَ ٽڪريءَ جي اوچائي ۽ ويڪرائي پوءِ به جبرالٽر کان بيٺي وڃي ٿي بيهي، جنهن جو تري ۾ گهيرو ست ميل ۽ اوچائي سورهن سو فوٽ اٿس.

گواليارجي وڏي قلعي جو مثال به آهي. هڪ انگريز سيلانيءَ وليم فنچ William funch جو بيان آهي ته هي قلعو هڪ ايڪپري ۽ نوڪدار ٽڪريءَ تي نهيل آهي. ان جو گهيرو ڇهه ڪوهه آهي. ڪي چون ٿا ته يارهن ڪوهه اٿس. وليم فنچ هتي شاهي ميل Imperial

ڪوهن جو استعمال ڪيو آهي، جيڪو ڏيڍ ميل جو هوندو آهي. ان حساب سان گواليار قلعي جو گهيرو نو ميل يا پنجن ميلن جي ٻيڻ تي سگهي ٿو. هن قلعي لاءِ عام مشهور آهي تہ سندس گهيرو متينءَ ماپ کان ڇوٽو وڌيڪ آهي. انهن انگن اکرن ۾ فرق گهٽو ڪري هن ڪري آهي جو شاهي ميل ڪجهہ وڏا آهن. پر اڪبري ميل وري انهن کان بہ وڏا يعني ٻيڻا وڏا آهن. هتي گواليار قلعي جو گهيرو ڇوڏنهن يا پندرنهن ميل ٻڌايو ويو آهي، جيڪو حقيقت کان ٽيڻو وڌيڪ آهي. فنچ گواليار جي متين اوچائي بيان ڪونہ ڪئي آهي، فقط ايترو ٻڌائي ٿو تہ: ”هي قلعو ناروار (Narwar) کان وڌيڪ ايڪيرو آهي، جنهن جي اوچائي هڪ ميل کان متي آهي. اهو بہ حقيقي ماپ کان ٻيڻ تي وڌيڪ ٻڌائي ٿو. هتي مذڪوره سياح ايڪپرائيءَ جي ڳالهہ ڪري ٽڪريءَ جي اوچائي ٻيڻ تي وڌيڪ ٻڌائي ٿو. پر آراناس جي معاملي ۾ يونان وارن وڌيڪ ماپ ٻڌائي پنهنجي فتح جي شان کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي خيال ۾ ڊايوڊورس جي ڏنل ماپ سورنهن اسٽاڊيا ۽ ائرين جي ڏنل ماپ ٻارنهن اسٽاڊيا، ان ڪري آهي جو سندن ذريعن بہ انگ ڇوٽا يا گهٽ ۾ گهٽ ٽيڻ تي وڌيڪ ٻڌايا آهن. يعني ڊايوڊورس، جنهن کي بہ پنهنجو ذريعو يا ماخذ ٻڌايو، تنهن حقيقي ماپ کي چئوڻ تي وڌيڪ ٻڌايو آهي ۽ ائرين جي ماخذ ٽين يا گهٽ ۾ گهٽ ٻيٽي وڌيڪ لکي آهي. ان حساب سان جيڪي سورنهن اسٽاڊيا يا ٻارنهن اسٽاڊيا اوچائي ٻڌائي وئي آهي، سا سوا ٽي يا چار اسٽاڊيا يا ساڍا پنج اسٽاڊيا هوندي، جيڪا ٽيويهن سون کان ڇوٽيهہ سون فوٽن جي وچ تي وچي بيهي تي ۽ لهواريءَ صورت ۾ اها ماپ مناسب ٿيندي. گهيري کي بہ اسان گهٽائي پنجاهہ اسٽاڊيا بيهاريون ٿا، جيڪو وچي سوا پنجن ميلن جي برابر ٿيندو. اها ماپ گواليار قلعي جي ڇوڏاري نڪتل رستي کان فقط ٽيهہ هزار تي سو فوٽ وڌيڪ ٿيندي. ٽي فوٽ لهواري چاڙهي وچي بہ فوٽ عمودي چاڙهي ٿيندي، ان حساب سان، ٽيويهہ سو جي لهواري چاڙهي وچي ٻارنهن سو پنجاهہ فوٽ عمودي چاڙهي ٿيندي. ڪتابن ۾ لکيل فرق کي سمجهائڻ واسطي ڏنل انگن اکرن کي گهٽائڻ منهنجو مقصد نہ آهي. منهنجو ارادو فقط اهو آهي تہ جيئن ٻنهي ڪتابن ۾

ڏنل وڏايل ماپ کي گھٽائي اعتبار جوڳو بنائي سگهجي.

آرناس متعلق سپيئي بيان اهڙا آهن جنهن مان اسان کي پتو پوي ٿو تہ اها ٽڪري تمام اتاهين ۽ ايڪپري آهي. جسٽن هن کي نهايت اتاهين ۽ هيٺ متاهين واري ٽڪري (١١٢) ٿو سڏي. ڊايو ڊورس اسٽرئبو، ائريل، ڪرٽس ۽ فلاس ٽرانس هن کي "جبل تي اڏيل قلعو" سمجهي ٿو. آرناس قلعي جي خاص خوبي ۽ سڃاڻپ اها هئي تہ اهو جبل تي نهيل هو ۽ ان جو متاڇرو سئون سڌو نہ پر هيٺ متاهون (Rugged) هو. ائرين جو بيان آهي تہ مٿي قلعي ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ نهايت ڏکيو رستو هو، جيڪو ماڻهن پاڻ گهڙي تيار ڪيو هو. مٿي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ جهرڻو هو، جنهن جو پاڻي تمام سنو ۽ ٿڌو هو. وڏو ٻيلو ۽ کيتيءَ لائق گهٽي ڪجھہ زمين هئي. هزار کن ماڻهن جي هر لاءِ گهٽي هئي. هندستان ۾ هن اصطلاح کي ڪتب آڻڻ جو عام رواج آهي. هر جيتري زمين جو مطلب اهو هوندو آهي تہ ايتري زمين جنهن کي هڪ ماڻهو هڪ ڏينهن ۾ کيڙي سگهندو هجي. ننڍي ۾ ننڍيو هر ڪاهڻ جيترو زمين جو ٽڪرو هڪ سو همچورس فوٽ هوندو آهي. جنهن جي ڪل ماپ ڏھ هزار هر چورس فوٽ وڃي بيهندي. هزار ماڻهن جي حساب سان اها زمين هڪ ڪروڙ همچورس فوٽ ماپ ٿئي ٿي ۽ ڊيگھہ ۽ مندي جي ماپ مطابق اها چار هزار فوٽ ڊيگھہ ۽ مندي ۾ بہ هزار پنج سو فوٽ ٿيندي. يعني هڪ ميل ڊگهي ۽ اڌ ميل ويڪري يا بہ ميل ڊگهي ۽ ميل جو چوٿون حصو موڪري. گواليار قلعي جي پکيڙ بہ ايتري آهي، جيڪڏهن گواليار جيترو وڏو قلعو الهندي هندستان جي دنگ سان هجي ها ۽ مسلمان فاتحن جي بہ متس مهر جي نظر پئجي وڃي ها وري جنرل ڪورٽ ۽ جنرل ائبٽ جهڙن محققن جي مهرباني تي وڃي ها تہ رنگ لڳي وڃن ها. آرناس جبل تي هزار هرن جيتري زمين جي موجود هجڻ جو ذڪر بہ مان سمجهان ٿو تہ سڪندر جي مؤرخن جو وڌاءُ آهي ۽ اهو ان ڪري ڪيو ويو آهي تہ جيئن سڪندر کي وڏ ۾ وڏ سورمو ڪري پيش ڪجي. مان اها ڳالھہ قبول ڪريان ٿو تہ مٿي قلعي ڏانهن وڃڻ لاءِ فقط هڪ رستو هو. اهو بہ مڃان ٿو تہ مٿي هڪ جهرڻو هو. جنهن جو پاڻي ڏاڍو عمدو هو. چاڪاڻ تہ اهو قلعو مضبوط

فوجي ڇانوڻي هو. پر هن ڇوڻ کان ڪيباپان ٿو تہ اتي هزار هرن جيتري تہ نهيو پر هڪ سو هرن جيتري زمين بہ ڪانہ هئي. ڇاڪاڻ تہ مون کي هن ڳالهہ جو اعتبار ئي ڪونہ ٿو اچي تہ اهڙي خشڪ علائقي ۾ مٿي ٽڪريءَ تي هزار هرن جيتري آباد زمين بہ هوندي ۽ پوءِ اهڙو اهم ماڳ ماڻهو ڇڏي هليا ڇو ويا؟

آرناس جي ماڳ کي ووڙڻ ولاڙي لهڻ واسطي اهڙن هنڌن کي ڏسڻو پوندو، جن کي آرناس واريون خوبيون ۽ خاصيتون هونديون. پر بدقسمتيءَ سان ان جو دائرو تمام محدود آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ يورپ وارن اهڙين وصفن وارا ماڳ تمام ٿورا ڏنا آهن. مهابان واري ٽڪريءَ کي بہ آرناس سمجهيو پئي ويو، جنهن بابت هن کان اڳ ۾ بحث ڪري آيا آهيون. منهنجي خيال ۾ بيا امڪاني ماڳ هي ٿي سگهن ٿا:

(١) تخت بهائيءَ جا ٿرڙ.

(٢) ڪارامار (Karamar) جي اڪيلي ۽ اتاهين ٽڪري.

(٣) پنچيري واري ٽڪري

(٤) راڻي - گهاٽ جي قلعي وارا ٿرڙ.

ذڪر ڪيل ماڳن مان پهريون تاڪ هڪ اڪيلي ٽڪري آهي، جيڪا بازار ۽ هشت نگر جي اڌ پنڌ تي واقع آهي. مسٽر لووينٽل جو بيان آهي تہ هي خشڪ ٽڪري آهي ۽ اوچائي بہ گهڻي ڪانہ اٿس. سندس شڪل ڪنهن همچورس جا ٽي پاسا پئي ڏسڻ ۾ ايندي ۽ ڪليل پاسو اتر - اولهہ ڏانهن (١١٣) اٿس. ٽڪندي ماپ مطابق تخت بهائي سمنڊ جي سطح کان ١٨٥٩ فوٽ ۽ يوسف زئي جي ميداني علائقي کان ساڍا ڇهہ سو فوٽ مٿي آهي. مسٽر لووينٽل هن جي چاڙهي ڏاڍي سولي ٿو ٻڌائي تہ سنڌوءَ کان گهٽ ۾ گهٽ پنجٽيهہ ميل پري آهي. پر هن کي هڪدم ان ڪري رد ڪري سگهجي ٿو تہ سندس چاڙهاڪو سولو آهي. ٻيو تہ اهو ايمبوليما کان بہ گهڻو پري آهي. بازار کان ڇهہ ميل ڏکڻ ۽ اولهند کان ارڙهن ميل اتر - اولهہ ڪارامار جي اڪيلي ۽ جدا بيٺل ٽڪري آهي. سمنڊ جي سطح کان هن جي اوچائي ٽي هزار چار سو اسي فوٽ ۽ يوسف زئي ميداني علائقي کان ٻہ هزار ٻہ سو

اسي فوٽ بلند آهي. جيڪڏهن هن جبل جي چوٽيءَ تي ڪنهن پراڻيءَ آباديءَ جا نشان آهن تہ هن تي غور ڪري سگهجي ٿو. پر حقيقت اها آهي تہ متس ڪنهن قديم آباديءَ جا کنڊر وغيره ڪونہ آهن، نہ وري هتان جا ماڻهو ڪي اهڙيون روايتون ڪن ٿا. ساڳيءَ ريت پنج پير واري ٽڪري آهي. سندس اوچائي ڪجهہ گهٽ آهي، سمنڊ جي سطح کان ٻہ هزار هڪ سو چاليهہ ۽ يوسف زئي ميدان جي متاچري کان سندس بلنديءَ فقط نوسو چاليهہ فوٽ آهي. ان جي چوٽي نوڪدار آهي ۽ متان فقط هڪڙي نهيل جڳهہ جا نشان اٿس، جيڪا پنج پير ڏانهن منسوب ٿيل آهي، جيڪي مسلمانن جا پنج بزرگ آهن. انهن مان قديم بهاؤالدين ذڪريا ملتاني آهي، جنهن کي عام طور تي بهاؤالحق ڪري سڏيندا آهن، پر هندن جو چوڻ آهي تہ اها جڳهہ پهريائين پنجن پانڊون ڏانهن منسوب ٿيل هئي، جن کي مهاڀارت ۾ پنج پائر ڪري سڏيو ويو آهي. منهنجي نظر ۾ آخري ۽ امڪاني هنڌ راڻي -"گهاٽ"قلعي جي ترڙن وارو ماڳ آهي. سن ١٨٤٨ع ۾ هيءَ ٿاڪ ڏوري وجي ڏٺو هيم سن ١٨٦٣ع ۾ گشت ڪندي ارادو ڪيو هيم تہ جيڪر وري وڃي اهي ساڳا ٿاڪ ترڙ ڏسان. پر برما جي سرحدن تي اوچتو جنگ ڇڙي پئي ۽ مون کي اوڏاهين وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪرڻو پيو. سن ١٨٤٨ع ۾ جيڪو ٿورو گهڻو مواد مون ڪٺو ڪيو هو. ان جي ناتي سان ٻہ اکر چئي سگهان ٿو، پر هن ماڳ بابت ڪو مواد ڇپجي عوام جي آڏو ڪونہ آيو آهي ۽ ٻيو تہ مسٽر لووينٿل کان سواءِ اتي ڪو ٻيو اڃان پهچي ڪونہ سگهيو آهي. ان ڪري ايترو چئي سگهجي ٿو تہ منهنجو مواد ڪورو آهي. راڻي - گهاٽ جو قلعو نوگرام نالي هڪ ڳوٺ پرسان موجود اتاهين ٽڪريءَ تي آهي، جيڪو بازار کان ٻارهن ميل ڏکڻ - اوڀر ۽ اولهند کان سورهن ميل اولهہ آهي. تنهن ڪري هن قلعي جي جاءِ وقوع آرناس قلعي سان هڪ جهڙائي رکي ٿي. هيءَ ٽڪري مهابان جابلو سلسلي جي ڪڙي آهي، هن جي تري جي اتر کان ڏکڻ ماپ ٻن ميلن کان متي آهي ۽ ويڪر اڌ ميل کن ٿيندس. ٽڪريءَ جي پڪيڙ ٻارهن سو فوٽ ڊيگهہ ۽ اٺ سو فوٽ منڊيو آهي. سن ١٨٤٨ع ۾ هن جي اوچائيءَ جو اندازو هڪ هزار فوٽ ڪيو هيم. پر ماڻهو متفق طور تي روايت

کن ٿا تہ سندس اوچائي پنج پير کان وڌيڪ آهي. جيڪا ٻارهن سو فوٽن کان گهٽ ڪانہ ٿيندي. ٽڪريءَ جي پاسن تي پٿرن جا وڏا دو ڳ ڏسڻ ۾ ايندا. جنهن مان سمجهہ ۾ ايندو تہ ڏاڍي هيٺ مٿاهين اتس ۽ مٿي وڃڻ جوڳي بہ ڪانہ آهي. مٿي وڃڻ لاءِ فقط هڪ رستو ڏسڻ ۾ آيو. جيڪو ماڻهن ڪٽي ناهيو هو. ٻيو رستو بہ آهي، پر اهو ڏاڍو ڏکيو آهي. آرناس واري قلعي لاءِ بہ ائين چيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ سڪندر جو هڪ جنرل ٽالمي اهڙن دوڳن ۽ نوڪدار پٿرن مان جوڙيل هڪ خطرناڪ (١١٤) ڏکئي رستي سان چڙهي مٿي پهتو هو. باقي سڪندر عام رستي سان پنهنجي فوج وٺي آرناس جي قلعي تي حملو ڪيو هو. جيڪو ماڻهن مٿي وڃڻ لاءِ هٿ سان ٺڪي تيار ڪيو هو. (١١٥) ان قلعي جي ڊيگهہ پنج سو فوٽ ۽ ويڪر چار سو فوٽ آهي. اوير پاسي کان سواءِ چوڌاري ديوارين ڏنل اتس ان پاسي کان مهابان جي جابلو سلسلي جي هڪ ٽڪري ديوار وانگي اڙ ڏئي بيهي ٿي جيڪا اتر ڏانهن وڌندي وڃي ٿي ۽ هوريان هوريان مٿي بہ ٿيندي وڃي ٿي. هن جابلو قلعي جا پاسا چوڌاري رهڙيل صاف ٿيل ڏسڻ ۾ ايندا. ٻن پاسن کان قلعو ڳهارن رستي ٽڪرين کان الڳ آهي. اتر وارو ڳهارو يا ڪاهي هڪ سو فوٽ هيٺ ڳهري آهي. اولهہ پاسي کان ان جي اونهائي پنجاه فوٽن کان هڪ سو پنجاه فوٽ ٿيندي. قلعي جي اتر - اولهہ واري ڪنڊ تي ڪاهين يا ڳهارن جي پاسي سان بند يا دڪا ٻڌل نظر ايندا. انهن بندن ٻڌڻ جو مقصد پاڻيءَ کي روڪي بيهارڻ هو. ان ڪري الهندي ڳهاري ۾ پاڻيءَ جو هڪ وڏو تلاءُ ٻڌجي پيو هو. اتر واري ڳهاري ۾ راڻي - ڳهاٽ واري وڏي پٿر ۽ قلعي جي وچ تي ٺي همچورس کوهہ آهن ۽ اتر - اولهہ واري پاسي هڪ کوهہ هيٺ بہ هوندو. مان سمجهان ٿو تہ اجان بہ کو بند هوندو. جيڪو قلعي جي ٻاهرئين پاسي هوندو. قلعي جي ٻاهرئين پاسي جو گهيرو ساڍا چار هزار فوٽ يا هڪ ميل کان ٿورو گهٽ آهي.

مسٽر لووينٽل قلعي جو ذڪر هن ريت (١١٦) ڪيو آهي. ٽڪري جي چوٽي سنوت واري آهي. جيڪا چڱي موچاري ويڪري ڪشادي آهي. ٽڪريءَ جي ڪناري سان چوڌاري مضبوط قلعو اڏيل آهي ۽ جڳهون بہ تعمير ڪيون

ٽڪريءَ جي ٻئي نمبر متاچري ڏانهن وڃي رهي هئي. منهنجي خيال ۾ اهو شاهي محلات جو ٻاهريون اڱڻ هو. محلات جو متيون اڱڻ ڊيگهه ۾ ٻه سو ستر ۽ منڊي ۾ هڪ سو فوٽ هو. هينيون اڱڻ ڏاکڻ سميت اڌ جيترو يعني 100x130 فوٽ هو. اها ڪليل ايراضي چوڏس هر ماپ جي مورتين ۽ بتن جي ڀڳل پرزن سان پري پئي هئي. انهن مان گهڻيون مهاتما گوتم ٻڌ جون مورتيون هيون. جيڪي پرچار واري وينل ۽ بيٺل طرز ۾ هيون. ڪن ۾ وري هن کي پپل جي وڻ هيٺان فڪر ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. مهاتما جي ماتا مايا (Maya) جي مورتي به هئي، جنهن کي سال (Sal) وڻ هيٺان بيٺل ڏيکاريو ويو هو. ٻين مورتين جا پرزا پٽ تي پکڙيل ڏسڻ ۾ آيا. جيڪي ڪنهن ڌرم سان لاڳاپيل ڪونه هئا. مثال طور ماٿوءَ جي قد جيتري وڏي مورتي جنهن کي متان مئسوڊونيا جو ننڍو چوغو پيل هو جيڪو آڏو چاتي وٽان بند ٿيل هو. جهڙيءَ ريت عام طور پائي آڏو بند ڪيا ويندا آهن. ڪن مورتين جون فقط چاتيون هيون جن تي چوغا ڍڪيل ۽ هار پاتل ۽ سينگاريل سنواريل هئا. جن جي ٻنهي سرن جي ملڻ واري جاءِ تي اهڙي جانور جي تصوير هئي، جنهن جو متو ماٿهوءَ جهڙو. چار پير اڏامڻ لاءِ پاسن ۾ پر هئا. اهي سڀ مورتيون ڪاري - نيري رنگ جي نرم مٽيءَ تي ڪنهن تکي اوزار سان اڪريل هيون.اهي پرٿيون هيون. ٿوري ڌڪ لڳڻ سان پرزا ٿي ويون ٿي. بت شڪن مسلمانن هنن کي سولائيءَ سان پڃي پوري ڇڏيو. پر انهن مورتين جو متاچرو ناهوڪي نموني سان صاف ڪيل ۽ چمڪايل هو. تنهن ڪري انهن جا ڪجهه ٽڪرا تباهه ٿيڻ کان بچي ويا آهن. انهن ڀڳل مورتين مان هڪ مهاتما ٻڌ جو سرُ هو. جنهن متان وار گهنڊيدار معلوم ٿي رهيا هئا جيڪو ڏاڍو خوبصورت ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مهاتما گوتم جو اهو بت جمال ڳڙهيءَ مان هٿ آيو هو. مون سنگ تراشي جي فن جي نقطہ نظر سان سڄي هندستان ۾ اهڙو بت ڪاٿي به ڪونه ڏٺو. سندس منهن تي ماٺ ۽ ڳنڀيرتا يوناني فن جو هڪ نادر نمونو هئي. سندس منهن جي سڄي سونهن هندستاني ڪاڏي ڪري غارت ٿي وئي آهي.

مان اڳ ۾ ٻه اها ڳالهه ڪري آيو آهيان ته راڻي گهاٽ واري

پاڙيءَ جي جهرڻي جي موجودگي - انهن گهارن جو هجڻ جنهن جبل کي قلعي کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي. اهي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي ٻنهي ۾ هڪ جهڙائي رکن ٿيون. مٿي قلعي جي ويڪرائي ۾ به ڪو گهڻو فرق موجود ڪونه آهي. ان ڪري مان پوريءَ پڪ سان چئي سگهان ٿو ته هيءُ راڻي گهاٽ جو قلعو ئي آرناس آهي. ويڪرائي واري نڪتي تي يونانين جي وڌائي پيش ڪيل ماپ ۽ حقيقي ماپ ۾ ڪجهه فرق آهي. پر هن مامري ۾ اسٽرئبو جي قول ڪي هتي وسارڻ نه گهرجي، جنهن جو بيان آهي ته آرناس جي فتح کي سڪندر جي خوشامدڙين گهڻو وڌائي پيش ڪيو آهي. هيءَ حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته سڪندر آساڪئنس تي حملو "تهه سياري" (١١٧) ۾ ڪيو هو. ٽيڪسيلا ۾ مئسوڊوينا، چيٽ جي شروع ۾ آيو هو تنهن ڪري اندازو اهو ٿئي ٿو ته آرناس تي حملو وچ سياري ۾ ڪيو ويو هوندو. ان وقت مهابان جبل جنهن جي اوچائي سمنڊ جي سطح کان ست هزار چار سو ايڪهتر فوٽ بلند آهي ۽ ٻيا اوسي پاسي وارا جبل به برف سان ڍڪيل هئا. تنهن ڪري اسان کي اها پڪ ٿئي ٿي ته پارهن اسٽاڊيا يا يوسف زئي واري ميداني علائقي کان ڇهه هزار ڇهه سو چوهتر فوٽ ۽ سمنڊ جي سطح کان ست هزار اٺ سو چوهتر فوٽ بلند جبل يونان وارن وڌائي پيش ڪيو آهي. ڏٺو ويو آهي ته هتي سياري جي رُت ۾ جيڪو جبل يوسف زئي ميدان واري متاڇري کان ٻه هزار اٺ سو فوٽ ۽ سمنڊ جي سطح کان چار هزار فوٽ مٿي هوندو آهي ته اهو به برف سان ڍڪيل هوندو آهي. يونان وارن جو پنهنجو بيان آهي ته آرناس جي چوڏاري جبل تي برف ڄميل هئي. پر آرناس لاءِ ماٿ آهن. سندن هن خاموشي مان ائين سمجهجي ٿو ته آرناس تي برف ڄميل ڪانه هئي. ان ڪري سندس اوچائي ايتري اتاهين ڪانه هئي، جيتري وڌائي ٻڌائي وڃي ٿي. اها حقيقت مهابان واري ٽڪري سان به لاڳو ٿئي ٿي ۽ انهن جبلن سان لاڳو سمجهڻ کپي، جن جي چار هزار فوٽ بلندي آهي. سيئي قديم مورخ هن ڳالهه تي متفق آهن ته آرناس جي چوڌاري نوڪدار ٽڪريون هيون. شڪل صورت ۾ ايڪيرو ۽ مٿي وڃڻ لاءِ هٽرادو بٺايل فقط هڪ پيچرو هو. مهابان وارو جبل قديم مورخن جي بيان ڪيل

وصــفن مــان هڪ وصف جو به مــالڪ ڪونه آهي. اهو هڪ وڏو جبل آهي، جنهن جو چاڙهاڪو ڏاڍو سولو آهي. سندس ويڪرائي، سڪندر جي خوشامدڙين جي وڌايل ماپ کان پيٽي وڌيڪ آهي. سندس نالو به آراناس سان هڪ جهڙائي ڪونه ٿو رکي. ان کان سواءِ راجا وار ۽ راٺي گهاٽ بابت جيڪي ماٺهو روايتون ڪندا آهن، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ ماڳ آراناس ئي آهي.

## پاراش وارايا پشاور

هاڻي جنهن وڏي شهر کي پشاور جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، تنهن جو پهريون پيرو ذڪر فا - هيان سن ٤٠٠ع ۾ ڪيو آهي. هيءُ چــيني ياتري هن شــهـر جو نالو فــو -ليــو - شــا (١١٨) Fo-leu-sha ٻڌائي ٿو. هن شهر کي وري سنگ - ين سن ٥٠٢ع ۾ ڏٺــو هو. ان زمــاني ۾ گنڌار جو بادشــاه ڪپين Kipin يا ڪوفين جي بادشاه سان جنگ ۾ مصروف هو، جيڪو هاڻوڪي ڪابل ۽ غزني وارن علائقن جو راجا هو. سنگ - ين هن شهر جي نالي جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري پر ان کي راڄڌاني سڏي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته اتي ڪيا - ني - سي - ڪيا يا ڪنسڪ بادشاه جو ٺهرايل هڪ وڏو استوپا موجود آهي. سندس سجاڻپ لاءِ اهڙا پڪا پار پتــا ئي ڪافي آهن (١١٩). جڏهن شين سئنگ سن ٦٣٠ع ۾ هتي آيو ته هتان جو شاهي خاندان ختم ٿي چڪــو هو ۽ عــلائقــو ڪاپيــسا Kapisa يا ڪابل جو ڏن پرو هو. پر راڄڌاني جنهن کي هي پو - لو - شا - پو - لو Pu-lu-sha-pu-lo سڏي ٿو، سو ان وقت به هڪ وڏو شهر هو، جنهن جي پڪيڙ چاليهه لي يا پوڻا ست ميل هئي (١٢٠). هن کان پوءِ مسعودي ۽ ابو ريحان ڏهينءَ يارهين صديءَ ۾ هن شــهـر جو ذڪر ڪيــو آهي ۽ سندس نالو پاراشوار ٻڌائن ٿا. ان کان پوءِ سورهينءَ صديءَ وري بابر هن جو ساڳي نالي ســان ذڪر ڪيــو آهي ۽ سندس ســجي ڪتــاب ۾ اهو ئي نالو ملندو. هن شهر جو نئون نالو اڪبر جي دور ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪيس نيون شيون پيداڪرڻ جوخفت هو. هن جو قديم نالو پاراشوار جنهنجي مطلب ۽ معنيٰ جي ڪيس بيٺ هئي ڦيرائي پشاور "يعني سرحدي شهر"

رکي ڇڏيو. ابوالفضل هن شهر جا ٻئي نالا ڏنا آهن (١٢١).
"پاراش وار" جي شهر کي مهاتما گوتم ٻڌ جي پنڻ واري ڪشڪول (ڪستو) ڪري نهايت ادب ۽ احترام جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٻه ٽي ڀيرا اچي چڪو آهي. ٻي ڳالهه اها هئي ته هن شهر جي ڏکڻ پاسي اٺ يا نو لي يا ميل سوا پنڌ تي پپل جو پوتر وڻ هوندو هو. هن وڻ جي هڪ سو فوٽ اوچائي هوندي هئي ۽ ڇانو ۾ گهٽيءِ پکڙيل هوندو هو. چيو ويندو آهي ته هي وڻ ايترو پراڻو آهي، جنهن وقت ٻڌ ڌرم جي هڪ ڀکشو جنهن جو نالو ساڪ Sak هو، هڪ وڏي راجا ڪنشڪ جي اچڻ جي اڳڪٿي ڪئي هئي ته هيءُ ڀڪشو تنهن مهل ان پپل جي ڇانو هيٺان ويٺل هو. فاهيان هن وڻ جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. پر سن - ين هن پپل جو بيان ڪيو آهي ۽ ان کي فوهو - ٽي Pho-thi يعني ٻُڌي وڻ ڪري لکي ٿو. هو وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته هي وڻ چوڏس پکڙيل آهي. سندس گهاٽن پنن آسمان کي ڍڪي ڇڏيو آهي. ان وڻ جي ڇانو ۾ ٻڌ سنتن جون مورتيون رکيل هونديون هيون. سندس بيان آهي ته هي پپل پاڻ راجا ڪنشڪ پوکيو هو. ان وڻ هيٺان ٽامي جو هڪ ٿانو پوريو هو، جيڪو موتين سان ڀريل هو، مٿانس اسٽوپا جي تصوير اڪريل هئي. ڪيس ڊپ هو ته ماڻهو سندس مئي پڄاڻا سندس مقبري مان اها دولت چورائي ڪٽي ويندا. هن وڻ کي سن ١٥٠٥ع ۾ بابر پاڻ هلي وڃي ڏٺو هو. سندس بيان آهي ته:
"اهو بيگرام جو هڪ عظيم الشان وڻ آهي. جڏهن هن کي خبر پئي ته ان کي ڏسڻ لاءِ هڪدم روانو ٿيو " (١٢٢).اهو وڻ ان زماني ۾ پندرهن سو سالن کان گهٽ پراڻو ڪونه هوندو. پر ابوالفضل (١٢٣) جڏهن ١٥٩٤ع ۾ پشاور پرسان گور - ڪتري Gor-katri جو ذڪر ڪري ٿو ته ان پپل جي وڻ جو بيان ڪونه ٿو ڪري. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته مذڪوره وڻ ڪجهه عرصو اڳ پراڻي ٿيڻ ڪري ناس ٿي ويو هوندو.
هن پوتر پپل جي ڏکڻ پاسي راجا ڪنشڪ جا نهرايل ڪيترا اسٽوپا هوندا هئا، جن جو هرچيني ياتري ذڪر ڪيو آهي. سن ٥٠٠ع ۾ فاهيان چوي ٿو ته هن وڻ جي اوچائي چار سو فوٽ هئي ۽ هر قسم جي قيمتي شيءِ سان سينگاريل هو. اهو ايڏو ته مشهور هو جو

هندستان ۾ ڪنهن ٻئي سنت جي مقبري جي به ايڏي شهرت ڪانه هئي.
هڪ صدي ڪن پوءِ سن - ين جو بيان آهي تہ: "هتان جي اولهہ پاسي
وارن ملڪن ۾ ٻڌن جو هي هڪ مشهور يادگار آهي." آخر ۾ شين
سئنگ ٦٣٠ع ۾ هتي آيو. سندس چوڻ آهي تہ هن پپل جي اوچائي
چار سو فوٽ آهي. سندس ٻانو ڏيڍ لي يعني ميل جي چوٿين حصي
جيتري آهي. هن سان ٻڌرم ڌرم جا ڪنيتڪا يادگار وابستہ
آهن. وڏو استوپا جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، سو هاڻي موجود
ڪونہ آهي.

ان وڏي استوپا جي اولهہ پاسي، پڪ شن جي پوڄا پاٺ
واسطي هڪ مٺ هي Monastery هوندي هئي، جيڪا سيني ٻڌن ۾
آريا پارس ويڪا، Arya parswka, مانورهيتا ۽ واسو بندو
Vasubandha و Manorhita جي نالن ڪري مشهور هئي.
اهي ٽئي عيسوي صديءَ جي شروعاتي دور ۾ پنهنجي ٻڌ فرقي جا
مشهور عالم هئا. ان مٺهيءَ جا چبوترا ۽ سهٽي عمارت بہ ماڙ تي
مشتمل هئي. پر جنهن زماني ۾ شين سئنگ هتي آيو تہ مذڪوره
مٺهي ڊهي ناس ٿي چڪي هئي. تنهن زماني ۾ هتي پڪشن جو تمام
ٿورو انگ رهندو هو. ٻڌ تعليم واسطي هيءَ ماڳ نائين يا ڏهين صديءَ
تائين بہ مشهور هو (١٢٤). ان دور ۾ اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ مگڌا
جي ويرا ديوا کي ڪنشڪ جي تعمير ڪرايل وڏي وهار ڏانهن ان مقصد
سان موڪليو ويو هو تہ جيئن هواتي وڃي وڏن ٻڌن عالمن کان علم حاصل
ڪري. اهو ماڳ ياترين جي دلي سڪون واسطي وڏو مقام رکندو هو.
منهنجو خيال آهي تہ ٻڌن جي پاٺ شالا بابر ۽ اڪبر جي زماني تائين
سلامت هئي ۽ ان کي گور - ڪوٺڙي Gor - Kotri يا واڻڪو گهر
Baniya - house سڏيندا هئا.

هن بابت بابر جو چوڻ آهي تہ، "مان ڳڙه - ڪتري
Gurh-katri جي شهرت بابت ٻڌو. هي ماڳ هندو جوڳي فقيرن جو
تيرٿ آهي. اهي پري پنڌ تان ڪهي هتي رسندا آهن ۽ ڳڙه ڪتري وٽ
اچي مٿو ۽ ڏاڙهي ڪوڙائيندا آهن. ابوالفضل جو بيان تہ هن کان بہ
مختصر آهي. پشاور بابت لکندي هو چوي ٿو تہ، "هتي هڪ مندر

temple آهي جنهن کي گور- ڪتري Gor-katri سڏيو ويندو آهي. هيءُ جوڳين جو هڪ تيرٿ آهي." ارسڪن Erskine جو بيان آهي ته پشاور پرسان جيڪا قافلہ سراءِ تعمير ڪئي وئي آهي سا گور - ڪتري جي ماڳن تي آهي.

## اُديانا يا سوات

شين سئنگ اتاڪنڊ کان روانو ٿيو ۽ ڇهہ سو لي يا هڪ سو ميل اتر طرف پنڌ ڪري ا- چانگ - نا U-chang-na يا اديانا اچي پهتو، جيڪو سو - پو - فا - سو - تو So-po-fa-so-tu درياه جي ڪناري تي واقع هو، جنهن کي سنسڪرت ۾ سياوستو يا سواستو Subha vasta or Suvastu چيو ويندو هو، جنهن کي ائرين سواستس Suastus ڪري لکيو آهي. موجوده دور ۾ هن نديءَ کي سوات ندي چيو وڃي ٿو. پهرين چيني ياترين فاهيان ۽ سنگ ين هن کي ا- چانگ U-Chang ڪوٺيو آهي، جيڪو اچار موجب اجانا Ujjana ٿئي ٿو. هيءُ لفظ اڏيانا جي پالي شڪل آهي. هن علائقي لاءِ ٻڌايو وڃي ٿو ته ڏاڍو سڪيو ستابو ۽ سائو ڊائو آهي. ڏيهي تذڪرن ۾ هن علائقي لاءِ ائين لکيو آهي. شادابي جي لحاظ سان سوات جو علائقو ڪشمير ثاني سڏيو ويندو آهي. شين سئنگ هن علائقي جو گهيرو پنج هزار لي يا اٺ سو ٽيٽيهہ ميل ٻڌائي ٿو. جيڪڏهن هن علائقي ۾ سوات ندي تي آباد ٿيندڙ سڀ ايراضيون شامل ڪبيون ته انگ ذري گهٽ وڃي صحيح بيهندو. اڏيانا ۾ موجوده دور سان واسطو رکندڙ هي چار علائقا شامل آهن: پنج ڪورا Panj kora بجاوار Bijawar، سوات ۽ بنير Bunir، جن جي نقشي مطابق سڌي ماپ پنج ميل آهي. پر جيڪڏهن رستي سان انهن جي گهيري جي ماپ ونبي ته وڃي اٺ سو ميل بيهندي. فا - هيان جو بيان آهي ته سو - هو - تو Su-ho-to اڏيانا جي ڏکڻ ۾ ننڍڙو علائقو آهي. عام طور تي هن کي سوات سمجهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن هن جي جاءِ وقوع کي ڏسجي ته هيءُ علائقو اڏيانا کان ڏکڻ ۽ پاراش وارا کان اتر آهي، ان ڪري سمجهجي ٿو ته هيءُ علائقو سوات ماٿري جيترو ڪشادو ڪونه

ڳالهائيندڙ نسل سنڌوءَ جي ڪناري گلگت، چيلاس (Chilas) داريلي (Dareli) ، ڪوهلي (Kohli) ۽ پالاس (Palas) جي علائقي ۾ رهندا آهن. هن علائقي ۾ مستقبل جي ايندڙ مهاتما ٻڌ جي ڪاٺ مان نهيل هڪ عاليشان مورتي رکيل هوندي هئي، جنهن جو ذڪر ٻنهي ٻڌ ياترين ڪيو آهي. هن بابت فاهيان اسان کي ٻڌائي ٿو تہ مذڪوره بت مهاتما گوتم جي نرواڻ کان اٽڪل ٽي سو سال يا اڍائي سو سال قبل مسيح جوڙيو ويو هو. ـي اسوڪا جو زمانو هو، جنهن ۾ ٻڌ ڌرم سڄي هندستان ۽ اوسي پاسي جي ملڪن ۾ پکڙجي ويو هو. شين سئنگ هن بت جي اوچائي هڪ سو فوٽ ٻڌائي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ اهو مڌيانا تيڪا (Madhyana tika) نصب ڪرايو هو (١٢٥). ٻنهي ياترين جو ڏنل نالو ۽ دور هڪ ٻئي سان سهمت آهي. پالي ٻوليءَ هن کي ماجهيما (Majjhima) ڪري لکيو آهي. هي ٻڌ ڌرم جو وڏو عالم هو. اسوڪا جي دور ۾ ٽئين سيوڊ (Synod) کان پوءِ هن کي ڪشمير ۽ هيما ونتا (١٢٦) ملڪ م ٻڌ ڌرم جي پرچار لاءِ موڪليو ويو هو. گهٽو ڪري اهو زمانو آهي جڏهن اديانا جي راڄڌاني داريل هئي، جنهن جو شين سئنگ بہ اشارو ڪيو آهي.

## بولور (Bolor) يا بالتي (Balti)

شين سئنگ پنج سؤلي يا ٽياسي ميل جابلو علائقي مان سفر ڪري سنڌو ماٿريءَ جي ماڳ پو - لو - لو (Po-lu-lo) پهتو هو. هن علائقي جو چار هزار لي يا ڇهہ سو ڇاهٺ ميل گهيرو هو. ان جو وڏو پاسو اوير کان اولهہ طرفو. جوڙاري برف سان ڍڪيل جبلن جون قطارون هيس. مذڪوره جبلن مان سون بہ ملندو هو. رستي جو بيان، فاصلو ۽ پار پتا اهڙا آهن، جن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ پو - لو - لو موجوده دور واري بالتي (Balti) آهي، جنهن کي ننڍو تبيٽ (Little tibet) بہ سڏيو ويندو آهي، جيڪو بلڪل صحيح آهي. سنڌوءَ جي ڪنڌي واري داردو (Dardu) علائقي جا ماڻهو بالتي واري ايراضيءَ کي پولولو سڏيندا آهن (١٢٧). بالتي وارو علائقو سون ڪري بہ مشهور آهي. جتان ڏوڙ - ڏٺا سون لهندا آهن. هن علائقي جو نالو پراڻو ڏسجي

ٿو. ٿالمي به هن کي Bufrat يا Byliae ڪري لکيو آهي. ويڪرائي ۽ جاءِ وقوع جي لحاظ کان بالنٽي واري ايراضي بنهي ياترين جي بيان مطابق آهي. چاڪاڻ ته هي علائقو سنڌوءَ جي ڪناري سان هڪ سو پنجاه ميل اوپر کان اولهه پکڙيل آهي. منديو اٽڪل اسي ميل ڪن ٿيندس، جيڪو ديوسيهه Deoseh جبل کان قوا قرم تائين پکڙيل آهي. جنهن جو چوڌس گهيرو چار سو سٺ ميل ٿيندو. اها نقشي موجب سڌي ماپ آهي، جيڪا رستي سان ڇهه سو ميل ٿئي ٿي.

## فالان Falana يا بنو

شين سنگ فا - لا - ن Fa-la-na نالي جو ذڪر ڪيو آهي. هيءُ علائقو غزنيءَ کان ڏکڻ - اوير ۾ لامغان (١٢٨) کان پندرهن ڏينهن جي سفر تي ڏکڻ پاسي هو، جنهن جو گهيرو چار هزار لي يا ڇهه سو چاهٺ ميل هو. سندس متاچرو جبلن ۾ گهاٽن ٻيلن سان ڍڪيل هو. ڪئپي سينيءَ Kapisenee جو ڏن پرو هو؛ هتان جي رهواسين جي ٻولي وچ هندستان جي ماڻهن سان ٿوري ملندڙ جلندڙ هئي. ان جي فاصلي ۾ پارن پتن مان اها پڪ ٿئي ٿي ته اهو بنو Banu جو علائقو هو. شين سنگ جي ڏنل حقيقتن مان پتو پوي ٿو ته ان جو قديم نالو وارانا Varana يا نا Barna هو. فاهيان به ان حقيقت جي پنيرائي ڪري ٿو ۽ هن علائقي جو نالو پونا Pona يا بانا Bana ٻڌائي ٿو، هيءُ چيني ياتري، نگرهار کان تيرهن ڏينهن ڏکڻ پنڌ ڪري مذڪوره علائقي پوني ۾ پهتو هو. اهو به چيو ويندو آهي ته اها ايراضي سنڌوءَ کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. اها بنو يا ڪرم نئن جي هيٺئين اڌ جي مڪمل سڃاڻ آهي. فاهيان واري زماني ۾ بنوءَ وارو ملڪ ننڍو هو. چاڪاڻ ته هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪرم نئن جي مٿئن پاسي وارو هڪ جدا ملڪ هو، جنهن کي هو "روهه" (١٢٩) يا لوءِ Lo-i جي نالي سان سڏي ٿو. جڏهن شين سنگ هتي آيو هو ته هن علائقي جو گهيرو ڇهه سو ميل هو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪرم نئن ۾ گومل نئن وارو وڏو علائقو ان ۾ شامل هو. هي ملڪ سفيد ڪوه (جنهن کي فاهيان ننڍڙو ۽ برف سان ڍڪيل جبل سڏيو آهي) کان ڏکڻ سيوستان،

اولهہ غزني، قنڌار ۽ اوپر طرف کان سنڌوءَ تائين پکڙيل هو.

اها ڪا اڻ ٽيٽي ڳالهہ بہ ڪانہ آهي تہ هن ملڪ جو نالو فالانا يا راڻا جو ڪجهہ واسطو لاڳاپو غلجي Ghilji گهراڻي جي نک مان برنا Burna واري قبيلي سان نہ هجي. ڇاڪاڻ تہ ڪرم ۽ گومل ماٿرين جي مٿئين پاڳي، غزنيءَ ۽ سليمان جبل جي وچ تي هاڻي سليمان خيل جا قبيلا رهندا آهن، جيڪي برنا ڇاڙهہ جو مکيہ قبيلو آهن. برنا جي وڏي پٽ اريوب Iryub جي نالي پنيان ڪرم نئن جي ماٿريءَ جي مٿئين پاسي جو نالو پيو. سندس پٽ جو نالو سليمان هو.

ايم - ووين ڊي شنٽ مارٽن (١٣٠) فالانا کي واڻي Waneh, Wanch سمجهي ٿو. ايلفن اسٽون (١٣١) بہ هن جي ساڳي نالي واڻي Waneh or Vanch سان سڃاڻ ڪئي آهي. افغانستان جا رهواسي بہ هن علائقي کي وانا Wana سڏين ٿا. پر اهو غير اهم علائقو آهي، جنهن جي آدم شماري تمام ٿوري آهي. ان جي پيٽ ۾ بنو سنڌوءَ جي ڪناري سان هڪ وڏو، زرخيز ۽ شاهوڪار علائقو آهي. وانا غزنيءَ کان ڏکڻ، ڏکڻ - اوپر ۽ بنو اوپر، ڏکڻ - اوپر ڏس تي آهي. اهي ٻئي علائقا شين سئنگ جي ڏنل بيان سان هڪ جهڙائي رکن ٿا، جنهن ۾ هن ڏکڻ - اوپر جو طرف ٻڌايو آهي. پر وانا لامغان کان 20 کان 25 ڏينهن جي پنڌ تي آهي. پر بنون اتان کان چيني ياتري جي ٻڌايل فاصلي موجب پندرهن ڏينهن جي فاصلي تي آهي. بنون بابت فاهيان جو ذڪر پنجين صديءَ سان واسطو رکي ٿو. منهنجي خيال ۾ سندس بيان ڪيل علائقو ٽالمي وارو بانگرا Banagara آهي، جيڪو هن موجب هند - سٿين جي علائقي کان اتر ۽ ناگرا Nagara جنهن کي پوءِ جلال آباد سڏيو ويو، کان ڏکڻ، ڏکڻ - اوپر طرف واقع آهي. ساڳئي طرف ٻيو شهر، جنهن جو نالو هو اندرا پانا Andrapana ٻڌائي ٿو، سو گهٽو ڪري، ديري اسماعيل خان جي پر وارو شهر درابند Drαband يا ديرابند Dera band آهي.

شين سئنگ، فالانا جي علائقي کان اولهہ پاسي ٻئي ملڪ جو نالو ڪنيو آهي. جنهن کي هو ڪي - کيانگ - نا Ki - Kiang - Na سڏي ٿو. سندس جاءِ وقوع کي مقرر ڪونہ ڪيو ويو آهي. ايم .

ووين، ڊي سينٽ مارٽن ۽ سر ايچ اليٽ ان کي عرب مؤرخن وارو سنڌ جو علائقو ڪيڪانان يا ڪيڪَان سمجهن ٿا (١٣٢). پر بدقسمتي جي ڳالهہ اها آهي تہ خود ڪيڪانان جي جاءِ وقوع اجا تائين مقرر ڪونہ ڪئي وئي آهي. ٻڌايو وڃي ٿو تہ اهو ڪجھ گنداوا کان اتر يا اتر - اوڀر طرف هو. پر ڪي ڪيانگ نا بنڌ کان اولهہ پاسي هوندي هئي، جنهن مان هيءَ حقيقت وڌيڪ وائکي ٿي بيهي ٿي تہ مذڪوره علائقو ڪوئٽہ ۽ پشين جي اوس پاس هو. شين سئنگ جو بيان آهي تہ اهو علائقو وڏي جبل جي وچ تي موجود هڪ ماٿريءَ ۾ هو. مان ان کي خود پشين وارو علائقو سمجهان ٿو، جنهن جي اتر ۾ خوجا امران ٽڪريون ۽ ڏکڻ ۾ تڪاتو Takatu جبل آهي. هي علائقو بلاذري (١٣٣) جي بيان موجب ڪيڪان Kaikan آهي. سندس چوڻ آهي تہ هي خراسان طرف سنڌ جي سرحدن ۾ موجود هو. هن حقيقت جي تائيد هن بيان مان بہ ملي ٿي تہ هي علائقو ملتان کان ڪابل ويندڙ رستي تي واقع هو. ٻنهي ماڳن جي وچ وارو رستو سليمان جبل جي سخي سرور لڪ مان گذرندو هو ۽ پشين کان ٿيندو قنڌار ويندو هو. گومل نديءَ وارو غزنيءَ ڏانهن ويندڙ رستو ننڍو ضرور هو پر ڏاڍو اوکو آهي. گومل ماٿري فلانا جي حدن ۾ واقع هئي، تنهن ڪري اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ سولي آهي تہ ڪي - ڪيانگ - نا جو مذڪوره علائقو پشين جي اوسي پاسي هوندو. هاڻي هن ماٿريءَ ۾ خاڪس Khakas جو قبيلو رهندو آهي، تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو تہ هن علائقي کي ڪيڪان يا ڪيڪانان سڏيو ويندو هجي.

## اوپوڪينس Opokiens يا افغان

شين سئنگ مٿيون اوپوڪينس جو نالو فقط هڪ پيرو ڪتب آندو آهي. چيني ياتري هن علائقي کي فالانا ۽ غزنيءَ جي وچ تي ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اهو فلانا کان اتر - اولهہ ۽ غزنيءَ کان ڏکڻ - اوڀر طرف آهي. هن بيان مان اسان کي اٿين معلوم ٿئي ٿو تہ مذڪوره علائقو اهو آهي جنهن کي فاميان لو - ئي ٺ-٥-اهندستان جا مؤرخ "روه" Roh سڏن ٿا. اوپوڪينس جو وورگن Vorgun يا ورگهن Verghin

سان ڪونہ ڪو لاڳاپو ضرور آهي. چاڪاڻ تہ ولفورڊ جو سرويئر مغل بيگ ٻڌائي ٿو تہ هي ماڳ ڪرم نديءَ جي چاڙهہ تنچي (Tunchi) يا توچي (Tochi) جي آبي ذريعي جي پرسان آهي. برنس (Burns) جي ڪتاب "ٽريولس" ۾ ائرو سمٿ (Arrowsmith) جيڪو نقشو ڏنو آهي تنهن ۾ بورغون (Borghoon) جو لفظ لکيل آهي. منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ اوپوڪين يا مسٽر جولين جي خيال موجب آواڪان (Avakan) جو لفظ افغان آهي. مان هن خيال جو آهيان تہ چيني اچار ڪيان (Kian) غان جي برابر آهي. جيڪڏهن شين سئنگ جي بيان تي اتاچري نظر ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ اهو فالانا علائقي جو هڪ ڀاڱو هو. اها بہ پڪ ٿئي ٿي تہ اهو جابلو علائقو هو جو ان کي "روهہ" جي نالي سان سڏيو آهي، جنهن کي ڏکڻ - اوپر افغانستان ۾ ڪوٺيندا هئا ۽ اهو افغاني ماڻهن جو قديم علائقو آهي. ميجر ربورٽي (١٣٥) "روهہ" کي "افغانستان ۽ بلوچستان جو جابلو" يا سنڌو. قنڌار ۽ غزنيءَ جي وچ وارو علائقو سڏي ٿو. مرو ۽ بلخ جي غوري افغانن کان اڳ سجاڻ واسطي هنن کي روهيلا افغان چيو ويندو آهي. فرشتہ جو چوڻ آهي تہ خلجي، غور ۽ ڪابل جي افغانن سن ٦٣هہ ۾ روهہ واري علائقي کي فتح ڪيو هو يعني شين سئنگ جي اچڻ کان ٿيهہ سال پوءِ سن ٦٨٢ع ۾. پر سندس هي بيان ويساهہ جوڳو ڪونہ آهي. چاڪاڻ تہ شين سئنگ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ فالان يا ٻنون جي رهواسين جي ٻوليءَ ۾ وچ هندستان جي ماڻهن سان ٿوري هڪ جهڙائي هئي. تنهن ڪري اهو سمجهي سگهجي ٿو تہ مذڪوره ٻولي هندستاني ڪانہ هوندي. جيڪڏهن اهي هندستاني نہ هوندا تہ افغاني هوندا. (١٣٦) فرشتہ جو بيان هن ريت آهي تہ جابلو علائقي جي مسمان افغانن حملو ڪري ڪرمان (Kiriman)، شيواران (Shivaran) ۽ پشاور کي فتح ڪيو ۽ ڪرمان ۽ پشاور جي وچ تي موجود ميداني علائقو هندستانين ۽ افغانن جي وچ ۾ جهيڙي جو پڙ هو. هتي جنهن ڪرمان جو ذڪر آهي سو اهو ڪرمان يا ڪارمانيہ (Karmania) نہ آهي جيڪو هندي وڏي سمنڊ جي ڪناري سان آهي. پر هي اهو علائقو آهي جنهن کي تيمور جا مؤرخ

ڪرمان يا ڪرماش (Kurmash) ڪري لکن ٿا. ڪرم نئن واري ايراضي سمجهڻ گهرجي. هن مونجهاري کي هن ريت نبيري سگهبو تہ اسان ڪرمان واري علائقي کي ڪرم نئن جي ماٿري سان لاڳاپيل سمجهون ۽ افغان ملڪ جي حدن کي ڪابل ۽ غزني کان اڳتي خيال ڪريون. اهڙي ريت اسان ڪرم نئن جي ماٿري جو احاطو ڪرڻ ۾ سوپارا ٿينداسون. پشاور جو حڪمران سياسي طور تي ڪوهاٽ ۽ بنوءَ جو ۽ ڪابل جو حڪمران ڪرم ماٿريءَ جي مٿينءَ پاڱي جو حڪمران هوندو آهي. پر اهو تيموري مؤرخن جو ولفبورڊ جي سروير مغل بيگ جو هريوب جو اريوب (Aryub) ۽ ايلفن اسٽون جو هريوب آهي. هاڻي سليمان خيل جي برن (Buran) قبيلي جي غلجي (Ghalgi) قريءَ وارن جوانگ پنهنجي سڄيءَ ڪم جو چوٿون حصو آهي. تنهن ڪري هن ڏس ۾ منهنجو ويچار آهي تہ غلجي قبيلي جي اصل ڌرتي اوير پاسي کان گومل نئن جي مٿئين پاسي تائين ۽ اولهہ طرف کان غزني قلعات غلجي تائين پکڙيل آهي. اهڙيءَ ريت هريوب خلجي يا غلجي افغانن جي ملڪ جو هڪ پاڱو آهي، جنهن جي ڏاکڻين حدن کي پشاور جي روپ ۾ سولائي سان سڃاڻي سگهجي ٿو.

مون کي اهو پتو ڪونہ آهي تہ فرشتہ جا اهي تاريخي بيان ڪوڙا آهن يا سچا، پر مان سمجهان ٿو تہ شين سئنگ جو استعمال ڪيل لفظ او- پو- ڪين جو مطلب افغان آهي. سندس چيني اچار آواغان جي برابر وجي بيهندو ۽ چين وارا افغان جي لفظ کي ائين ئي اچاري سگهندا آهن. جيڪڏهن هي خيال صحيح آهي تہ منهنجي ڄاڻ مطابق هو ”افغان“ نالي جو ذڪر پهريون پيرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

## ڪشمير جو ملڪ

چيني ياتريءَ جي بيان مطابق ستينءَ صديءَ ۾ ڪشمير جي ملڪ ۾ نہ رڳو ڪشمير واري ماٿري هئي پر ڏکڻ طرف سنڌوءَ جي ڪناري کان وٺي چناب تائين ويندي نمڪ سر (Salt Range) جي ڪچ بہ ڪشمير جي حڪمراني ۾ شامل هئي. شين سئنگ مختلف مڪل ڏوري

ڏنا هئا. اراسا Urasa ڪشمير جي ڏکڻ ٽيڪسيلا ۽ سنهاپور ڏکڻ - اولهه - پونڇ ۽ راجوڙي ان جي ڏکڻ ۾ هئا. اوير ۽ ڏکڻ - اوير پاسي موجود جابلو علائقن تي مشتمل ملڪن جو ذڪر ڪونه ٿو ملي. پر اسان وٽ اهڙيون ثابتيون موجود آهن جن جي آذار تي چئي سگهون ٿا ته انهن طرفن تي به جيڪي ملڪ موجود هئا سي به ڪشمير جا ڏن ڀرو هئا ۽ ستين صدي عيسويءَ ۾ ڪشمير جو ملڪ سنڌوءَ جي ڪناري کان وٺي راويءَ تائين پکڙيل هو. بياس جي مٿئين پاسي ڪولو Kullu هڪ ننڍڙو ملڪ هو جيڪو آزاد هو. ان جو سبب اهو هو ته گهٽو پري هو. بياس جي هيٺئين پاسي جلنڌر جو هڪ سکيو ستابو ۽ آزاد ملڪ هو، جيڪو قنوج جي حڪمران "هرشاوارڌانا" جي ماتحت هو. پر نائين صدي ۾ ڪانگرا Kai ngra ماتري تي شنڪرورماجي حڪومت هئي ۽ ڪشميرجي راجا جو راڄ سنڌوءَ کان وٺي ستلج (١٣٧) تائين پکڙيل هو.

شين سئنگ جو بيان آهي ته ڪشمير جي چوڦير اتاهان جبل آهن. ڪشمير جي ماتريءَ لاءِ هي بيان صحيح آهي.پر جڏهن هو چوي ٿو ته هن ملڪ جو گهيرو ست هزار لي يا يارهن سو ڇاهٺ ميل آهي ته سندس اشارو ڪشمير جي فتح ڪيل واڌو ايراضيءَ ڏانهن آهي. ڇاڪاڻ ته ڪشمير جي ماتريءَ جو پنهنجو اصلوڪو گهيرو ٽن سون ميلن کان وڌيڪ ڪو نه آهي. هن ملڪ جي ٻڌايل سياسي حد جيڪا ڏکڻ پاسي سنڌوءَ کان نمڪ سر تائين ۽ اوير طرف سنڌوءَ کان راوي تائين آهي،ان جو ڪل گهيرو نو سو ميل ٿيندو جيڪو چيني ياتريءَ جي ٻڌايل انگن اکرن کان ٿورو ڪجهه گهٽ آهي.

## ڪشمير

شين سئنگ ڪشمير جي ماتريءَ ۾ سن ٦٣١ع سيپٽمبر مهيني ۾ اولهه پاسي کان گهڙيو هو. ماتري ۾ اندر وڃڻ واري جاءِ وٽ پٿر جو ٺهيل هڪ وڏو ڦاٽڪ هو، جتي هتان جي راجا جي ننڍي مامي سندس آجيان ڪئي هئي.ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل پوتر آستانن جي ياترا ڪري هن چيني ياتريءَ ٻڌن جي هڪ ٽڪاڻي هو-سي-ڪيا- لو هـ-ا Hu - Se Kia - La ۾ وچي رات گذاري هئي، اهو چيني اچارن جي برابري موجب هوشڪارا

(١٣٨) تي، سگهي ٿو. (١٣٩) ابوريحان هن جو نالو اشڪارا Ushkara ٻڌائي ٿو. سندس چوڻ آهي ته اهو ماڳ بارامولا Baramula آهي جيڪو درياءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان آباد آهي. راجا (١۴٠) ترنجيني Tarangini جي احوال ۾ ٻڌايو ويجي ٿو ته هشڪارا جو ماڳ وارا Varah يا وارامولا Varamula جي پرپاسي ۾ هو. هي نالو بارامولا جو سنسڪرتي روپ آهي. هشڪارا يا اسڪار Uskar جو ماڳ جهلم درياءَ جي ڪابي يا اپرندي ڪناري ۽ بارامولا کان ٻه ميل ڏکڻ-اوڀر هڪ ڳوٺ جي روپ ۾ اڄان به آباد آهي. ڪشمير جا برهمڻ چوندا آهن ته هي راجا ترنجيني وارو هشڪاپورا آهي، جنهن جو بنياد پهرين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ تروشوڪا گهراڻي جي راجا هشڪار رکيو آهي.

راجا ترنجيني تاريخي سلسلي موجب سن ٦٣١ع ۾ ڪشمير جو راجا پراتا پاديتيا PrataPaditya هو، پر سندس (١۴١) مامري جي ذڪر مان اهو پتو پوي ٿو ته اتان جي ڏيهي تاريخ ۾ ڪجهه غلطيون آهن. چاڪاڻ ته گاديءَ جي اصل وارث راڻي هئي، جنهن کي ڪو پٽ وغيره ڪو نه هو. هن مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته پراتا پاديتيا شين سنگ جي وڃڻ کان پوءِ سن ٦٣٣ع ۾ گاديءَ تي ويٺو هوندو. اهڙيءَ ريت اسان کي تاريخي سلسلي ۾ ٽن سالن جي غلطي ملي ٿي. پر سندس پٽن چندرا پيدا ۽ مڪتا پيدا جي حڪومتن ۾ اسان کي وقت جو وڏو فرق معلوم ٿئي ٿو، جن عربن جي (١۴٢) حملي خلاف چين جي شهنشاهه کي واهر ڪرڻ لاءِ ٻاڏايو هو. اهڙي پهرين درخواست سن ٧١٣ع ۾ ڪئي وئي هئي. پر ڏيهي تاريخ ۽ گاديءَ جي سلسلي موجب راجا چندرا پيدا سن ٦٨٠ع کان ٦٨٨ع تائين حڪومت ڪئي هئي. انهيءَ ڪري اسان کي پنجويهن سالن جو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر چين جي تاريخن ۾ هي حقيقت به لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته چين جي شهنشاهه سن ٧٢٠ع ۾ راجا چندرا پيدا جي تخت نشينيءَ کي منظور ڪيو هو. ٿي سگهي ٿو ته چندرا پيدا سن ٧١٩ع تائين زنده هجي. پر ان هوندي به ڪشميري راجائن جي تاريخي سلسلي ۾ ايڪٽيهن سالن جي پوءِ به غلطي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪڏهن هن غلطي وارن سالن کي سندس

پڙڏاڏي "درلڀ"Durlabhaجي حڪومت ۾ جوڙ ڪجي تہ سَندس دور سن ٦٢٥ع کان ٦٦١ع بيهي ٿو. ان حساب سان اسان سولائيءَ سان سمجهي سگهون ٿا تہ سن ٦٣١ع ۾ جڏهن شين سئنگ ڪشمير آيو هو تہ هن راجا جو راڄ هو. راجا درلڀ اڳئين راجا جو نياٽو هو ۽ اڳيون راجا وري راجا ناڳا جو پٽ هوءِ جنهن گهراڻي جو هن بنياد وڌو تنهن کي ناڳا يا ڪارڪوٽا خاندان چيو ويندو هو. هن گهراڻي جي اهڙي نالي مان اسان سولائيءَ سان سمجهي سگهون ٿا تہ هي راجائي خاندان ناڳن جي پوڄا ڪندو هو ۽ انهيءَ قسم جو مذهب قديم زماني کان ڪشمير جو ڄڻ سرڪاري مذهب هو. شين سئنگ هن گهراڻي کي ڪي - لي - ٽو Ki - li - To سڏي ٿو. پروفيسر لئسن ۽ ايم اسٽينلاس هن گهراڻي کي ڪريتيا Kritya يا ڪري تيا Kritiya سڏن ٿا. هي ٻڌن جا ويري هئا. هنن ڪين ڪيترا ڀيرا اقتدار کان الڳ ڪيو هو ۽ ٻين ڪيترن حقن کان محروم ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري چيني ياتري چوي ٿو تہ ان وقت راڄ ڪندڙ راجا ٻڌ ڌرم جي مُٺ ۾ وسياهه ڪونہ رکندو هو. هو ملحد هو ۽ برهمڻن جي ديوتائن ۾ سندس ايمان گهٽ هو. سندس هن بيان کي ڏيهي تاريخ مان بہ هٿي ملي ٿي تہ راڻيءَ آننگا ليکا Ananga Lekha پنهنجي نالي سان ٻڌ ڌرم جو وهار تعمير ڪرايو هو جنهن جو نالو آننگا ڀاونا Ananga Bhavana هو. راجا وري وشنوءَ جو مندر نهرايو هو، جنهن جو پنهنجي نالي پٺيان درلڀ سوامينا Dur labha - Swamina (١٤٣) نالو رکيو هئائين. هن حقيقت مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ راڻي پنهنجي وڏڙن جي پر وارو ڌرم رکندي هئي. راجا هندو هو ۽ ٻڌ ڌرم ڏانهن سندس رويو ڪجهہ ٿڌو هو.

ڪشميري ماڻهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهي ڏسڻ ۾ سهڻا، سولا، طبيعت ۾ ڦوڪا گهرٽا ڪائر ۽ گنيدي هوندا آهن، تنهن ڪري ٺڳي ۽ ٻچاڙائي (منافقت) سندن سرشت ۾ داخل هوندي آهي. سندن ڪردار اڄ بہ ساڳيو آهي. ان حساب سان سڄي هندستان ۾ جيڪڏهن وڏ ۾ وڏ بداخلاق قوم آهي تہ اها ڪشميري آهي. شين سئنگ جو بيان آهي تہ اوسي پاسي جا راجائون ڪشميري نسل جي بڻ بٺياد کي ٻچان جي

نظرن سان ڏسندا هئا ۽ ساڻن هر قسم جي وهنوار رکڻ کان پيا لهرائيندا آهن. ڪين بچان سبب ڪي - لي - تو Ki - Li - To يا ڪريتيا Kritya سڏيندا آهن.

هن حقيقت مان هيءُ نڪتو ظاهر ٿئي ٿو ته "ڪريٽيا" جو لفظ نفرت ۽ بچان جي علامت آهي، جيڪو گندي سوچ ٺڪر، غداري، چسي ۽ هر قسم جي بداخلاقي ڪرڻ واري لاءِ مخصوص هوندو آهي. مون هن لفظ ڪي ڪر - مليڇ Kir - Mlechha جي اچار ۾ ٻڌو آهي. جهنگلي ماڻهو هن لفظ کي ڪيراس Kiras اچاريندا آهن. ولسن ڪشمير جي ماتري کي ڪيرا Kira سمجهي ٿو ۽ ماتريءَ جي رهواسين کي ڪيراش سڏي ٿو.

ستين صديءَ ۾ هن ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ درياءَ جي اوپر ڪناري سان ۽ اڳين راجڌانيءَ کان ڏهه لي يا ٻه ميل کن اتر - اولهه طرف هو. ابوريحان (١٤٤) گاديءَ واري هن شهرجو نالو آدشتان Adishtan ٻڌائي ٿو. هن جو سنسڪرتي نالو آدشتانا Adishthana آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "مکيه شهر". اهو موجوده دور وارو شهر سري نگر آهي، جنهن کي ڇهين صديءَ عيسويءَ جي اڳياڙيءَ ۾ راجا پراوارسينا Pravar sena تعمير ڪرايو هو. شين سئنگ جڏهن هندستان آيو هو تنهن وقت اجان اهو نئون اڏيل شهر هو ۽ ڪيس جڙئي کو گهڻو عرصو ڪونه ٿيو هو. پراڻي راڄڌاني کي مون اڳ ئي سڃاڻي ورتو آهي جيڪا "تخت سليمان" کان ٻه ميل کن ڏکڻ - اوپر طرف آهي. جنهن کي پاندري ٿان Pandre than چيو ويندو آهي. هي اصلي لفظ پراڻ دش ٿانا Puranadish than جو ڪشميري نموني جو بگاڙ آهي. جنهن جي معنيٰ پراڻو مکيه شهر ٿيندي. ڪشميري پراڻي کي پاڻ چوندا آهن. پراڻي دراس Dras ڳوٺ کي نئين دراس ڳوٺ کان الگ ڪرڻ واسطي "پاڻ دراس" يعني پراڻو دراس سڏيندا آهن. (١٤٥) نئون دراس ڳوٺ درياهه جي لدڻاري طرف هيٺ تعمير ڪيو ويو آهي. پراڻي راڄڌاني پرسان هڪ استوپا آهي جيڪو مهاتما ٻڌ جي ڏند مٿان سن ٦٣١ع ۾ اڏيو ويو هو. شين سئنگ جڏهن سن ٦٤٣ع ۾ پنجاب ڏانهن موٽيو هو ته ڪشمير جي راجا اهو ڏند

قنوج جي راجا هرش وارڌانا کي ڏني ڇڏيو هو. قنوج جو مذڪوره راجا پنهنجي وڏي فوج وٺي اچي ڪشمير جي (١۴٦) سرحدن تي ڪڙڪيو هو ۽ ڪشمير جي راجا کي "ٻڌ" جي ڏند ڏيڻ کان سواءِ ڪو بيو گس ئي ڪونہ هو. راجا درلڀ پاڻ هندو هو پر مهاتما گوتم جو ڏند هن جي آمدنيءَ جو وڏو ذريعو هو.

قديم زماني کان وٺي ڪشمير ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن مان هڪ کي ڪامراج ۽ ٻئي کي مراج سڏيندا آهن. ڪامراج ڪشمير جو اتريون ڀاڱو آهي جيڪو هيٺ سنڌوءَ -جهلم جي سنگم تائين هليو وڃي ٿو ۽ ڏاکڻو اڌ اتان کان هيٺ شروع ٿئي ٿو. اڄان بہ هڪڙو ننڍڙو ڀاڱو رهي ٿو جنهن جو ذڪر ڪرڻ مان ضروري ڪونہ ٿو سمجهان. مان اوهان جو هڪ اچرج جهڙي ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندس جيڪا مذهب جي تبديليءَ ڪري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهي هندو جيڪي سج جي پوڄا ڪندا آهن، تن لاءِ اوير وارو پار، پوترهوندو آهي. سج صبح جو سوير پنهنجو منهن انهيءَ پار کان ڪيندو آهي، انهيءَ ڪري ان طرف کي اوير يا پارا Para چيو ويندو آهي. پنئين پاسي کي اپارا Apara يا اولهہ. ڪابي هٿ يا اتر واري پار کي واما ۽ ساڄي هٿ واري پاسي کي ڏکڻ يا دکشنا چوندا آهن. مسلمان وري پنهنجو منهن اولهہ پار مڪي ڏانهن ڪندا آهن. ان ڪري اهي لفظ بہ جڻ ابتا ٿي پيا آهن. ساڄي هٿ کي ڪشميري ٻوليءَ ۾ داڇين Dachin چوندا آهن، تنهن کي اهي وري اتر پار سڏيندا آهن. ڪوار Kawar جي معنيٰ ڏائو هٿ آهي. ڪشميري ان جو مطلب ڏکڻ ڪري سمجهندا آهن. اهڙيءَ ريت لدار Lidar نديءَ جي ڪنار سان هڪ محلات آهي جنهن کي "داڇين پار" سڏيندا آهن ۽ اهو هن وهڪري جي اتر پار آهي. ڪوار نالي محلات هن نديءَ جي ڏکڻ پار آهي. داڇين لفظ جي معنيٰ ۾ "ڏکڻ" مان "اتر" ڏي تبديلي اڪبر واري دور کان اڳي آئي ٿي پائنجي، ڇاڪاڻ تہ ابوالفضل (١۴٧) ان جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي تہ داڇين پار وڏي ٿبيٽ جي پاسي ۽ جبل جي وٽ ۾ آهي يعني لدار نديءَ جي اترئين پار.

ڪشمير جا قديم شهر هي آهن: پراڻي راڄڌاني سرينگر، نئين راڄڌاني پراوارا سيناپور، ڪجيندرپوره Khaj andar pura ڪناما شا

Khunemusha. اهي اسوڪا جي دور کان پهريائين تعمير ٿيل هئا. وجي پارا Viji para ۽ پاٽنا سوڪ شهرن جي تعمير اسوڪا ڏانهن منسوب ڪئي وئي آهي. قديم ڪمباوا کي سورا پور Surapura سڏيو ويندو آهي. ڪنشڪ پور، هشڪاپور ۽ جشڪاپور جي شهرن کي هند - سٿين جي بادشاهن ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. مٿين ٽنهي شهرن جو بنياد مذڪوره نالن وارن بادشاهن رکيو هو. پاريهاس پور شهر راجا لاليتا دتيا Lalita ditya تعمير ڪرايو هو. پدماپور، راجا وريهاس پتي Vrihaspati جي وزير پدمان جي نالي پٺيان آباد ڪيو ويو هو ۽ آونتي پور جي شهر جو بنياد راجا آونتي ورما رکيو هو.

چيو ويندو آهي ته ڪشمير جي نئين راڄڌاني پرواراسينا پور جي تعمير ٿيڻ کان اڳ، ڪشمير جي گادي سرينگري Sri nagri ۾ هوندي هئي، جنهن جو بنياد اسوڪا اعظم (١٤٨) پاڻ رکيو هو. هن ٢٦٣ ق - م کان ٢٢٦ق - م تائين حڪومت ڪئي اهو موجوده پاندري ٿان جي ماڳ تي قائم هو. چيو ويندو آهي ته هي شهر تخت سليمان کان پاٽنا سوڪ تائين درياه جي ڪنار سان تي ميل کن وڏيو آهي. تخت سليمان جبل جي چوٽيءَ تي هڪ پراڻو مندر موجود آهي، تنهن لاءِ سڀئي برهمڻ متفق طور چوندا آهن ته هن جو نالو جشيتاردرا Jyeshta Rudra آهي. جنهن جي تعمير سرينگر جي راجا جلوڪا (١٤٩) اسوڪا جي پٽ ڪرائي هئي. هيءَ حقيقت هن بنياد جي آڌار تي معلوم ڪئي وئي آهي ته هن تخت سليمان جبل کي پهريائين جيشتيسوارا Tyeshtesawara سڏيو ويندو هو. پاٽنا سوڪ ڳوٺ پرسان هڪ پراڻي پل جا باقيات آهن. چيو ويندو آهي ته اها پل راجا اسوڪا تعمير ڪرائي هئي. اوسي پاسي ٻن مندرن جا ترڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ٿن لاءِ چيو ويندو آهي ته راجا اسوڪا ٺهرايا هئا. هنن مندرن جو ذڪر ڪشمير جي تاريخ ۾ به ملي ٿو. پروارا سينا پهرئين جي دور ۾ ڪشمير جي راڄڌاني اجا به سرينگر هو. پنجين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن هن شوديوتا جو بت نصب ڪرايو ته هن شهر کي پنهنجو نالو ڏنائين. هي شهر ٦٣١ع ۾ چيني ياتريءَ جي ڪشمير اچڻ وقت به موجود هو پر ملڪ جي راڄڌاني نه رهيو هو. هو پنهنجي دور

واري راڄڌاني، جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته اهو نئون شهر آهي.
وڌيڪ اهو به لکي ٿو ته پراڻو شهر نئين کان ڏکڻ - اوڀر طرف ڏهه لي
پنڌ تي واقع آهي، جيڪو اٽڪل ٻه ميل ڪن ٿيندو ۽ اتر ۾ اتاهون جبل
اٿس. سندس هيءُ احوال ايترو پڪو پينو آهي جو "پاندري ٿان" نئين
راڄڌاني ۽ اتر ۾ تخت سليمان جبل جي جاءِ وقوع معلوم ٿي وڃي
ٿي. ان ڪري قديم شهرن ڪي سڃاڻڻ ۾ ڪابه ڏکيائي ۽ مونجهارو
ڪونه ٿو ٿئي. مذڪوره پراڻي راڄڌاني سن ٩١٣ع ۽ ٩٢١ع تائين
بهموجود هئي. منجهن گهٽا ماڻهو اڃان به رهندا هئا. ان دور جي راجا
پارٿا Partha جي وزير ميرو Meru پراڻادش ٿانا Purana dish
thana يعني پراڻي مکيه شهر ۾ پنهنجي نالي پٺيان هڪ مندر تعمير
ڪرايو هو جنهن کي "ميرو وارڌانا سوامي" Meru Vardhana
Savami سڏيو ويندو هو. مان سمجهان ٿو ته اها جاءِ"پاندري ٿان"
آهي. پنڊت ڪلهان Kalhan جي بيان (١٥٠) موجب ته جڏهن راجا
آڀيمانو Abhimanyu پنهنجي راڄڌاني کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو ته
ورڌانا سوامي واري مندر کان پڪ شوڪي پراڪا (هن ۾ يڪشو رهندا
هئا) تائين کو پانجهر به ڪونه بچيو. مان سمجهان ٿو ته هي مندر پٿر
جو نهيل هو ۽ تلاءَ جي وچ تي جوڙيو ويو هو ان ڪري باهه کان بچي
ويو هوندو. باقي بيون شاندار عمارتون سڙڻ کان بچي ڪونه سگهيون
هونديون. منهنجو ويچار آهي ته راڄڌاني جي هن ساڙ ٻار کان پوءِ
جڏهن اهي عاليشان عمارتون سڙي رک ٿي ويون هونديون ته ويچارا
عام ماڻهو لڏي هي شهر ڇڏي ڪيڏانهن ڪک پن تي ويا هوندا.

پرواراسينا جو شهر ڇهين صديءَ عيسويءَ جي اڳياڙي ۾
راجا پرواراسينا ٻئي تعمير ڪرايو هو. ان جو ماڳ موجوده راڄڌاني
سرينگر وارو هو. اهي حقيقتون شين سئنگ جي بيانن ۽ ڪشمير جي
مورخ ڪلهان پنڊت جي احوالن تان معلوم ڪيون ويون جن ۾ ڪنهن
شڪ ۽ شبهي جي گنجائش نه آهي. شين سئنگ جي بيانن جو حوالو
پراڻي راڄڌاني جي سڃاڻ دوران ڏئي آيو آهيان. ان سان گڏ هيءَ به هڪ
حقيقت آهي ته هي چيني ياتري ڪشمير جيجيندراوهار Jayendra
Vihara (١٥١) ۾ پورا به سال ترڪيوپيو هو. هن وهار جي تعمير

پراواراسينا جي نامي جبيندرا ڪرائي هئي. هندو مورخ جو هن شهر بابت بيان آهي تہ اهو ندين جي سنگم واري جاءِ تي اڏيل هو. هيءُ بيان هوبهو سرينگر لاءِ آهي، جنهن جي وچ تي ”هري پربت“ نالي هڪ ٽڪري آهي. ان منجهان هارا Hara يا آرا نالي هڪ ندي وهندي آهي جيڪا هن شهر جي (ترئين ڇيڙي) ۾ وڃي جهلم يا بهات سان ملندي آهي. (١٥٢).
هتي هاڻي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ نئين شهر پراواراسينا جو اصلي ۽ پراڻو نالو ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت پراڻي شهر سرينگري Srinagri جي نالي پٺيان سڏجڻ لڳو؟ منهنجي خيال ۾ هن مونجهاري کي هن ريت نبيري سگهجي ٿو تہ ٻئي جاڙا شهر هتا ۽ پنجن صدين تائين گڏجي وڌندا ويجهندا رهيا. دهلي ان جو مثال آهي. راڄڌانيءَ جو نئون شهر تہ اڏيو ويو پر عام ماڻهوءَ جي وات تان دهلي لفظ ڪونہ لٿو. ٻي ڳالهہ اها بہ ٿي تہ هر نئين حڪمران پنهنجي نالي پٺيان نئين راڄڌاني جوڙائي جيڪا دهليءَ جي بلڪل پرسان هئي. دهليءَ جو نالو اڳي مشهور هو پر پويان گهڻا نالا ماڻهن کي ياد ئي نہ رهيا، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جونيٺ ٻيا نالا دهليءَ ۾ جذب ٿي ويا. اهڙيءَ ريت سرينگر جو پراڻو نالو ”پراواراسيناپور“ جي نئين نالي کي ڳهي ويو.
ڪلهان (١٥٣) پنڊت، ”ڪاجي پور“ ۽ ”ڪنامشا“ جا شهر راجا ڪجندراءِ ڏانهن منسوب ڪري ٿو. هي راجا اسوڪا جي پيڙهيءَ مان ڇهون حڪمران هو ۽ سندس حڪومت جو دور ٤٠٠ ق - م هوندو. ولسن ۽ ٽرائر Troyer هنن کي اهي شهر سمجهن ٿا. مسلمان مؤرخن هنن جا نالا ڪاڪاپور ۽ گائوموها Gaumoha لکيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ ڪاڪاپور وارو ماڳ تہ بلڪل صحيح آهي ۽ اهو اڄان بہ جهلم درياءَ جي کابي ڪناري سان تخت سليمان کان ڏهہ ميل ڏکڻ ۽ پامر پور Pam pur کان بہ پنج ميل ڏکڻ ڏس تي واقع آهي. پر گائوموها جو ماڳ پوءِ ڪٿي اهو ڪٿي بہ آهي، تنهن جي سڃاڻ بلڪل غلط ڪئي وئي آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪنامشا کي هاڻي ڪنامو هہ Khunamoh سڏيو ويندو آهي، جيڪو ٽڪرين جي ڪڇ ۾ ۽ پامر پور کان چار ميل اتر - اوڀر طرف واقع آهي. بج بيار Bij Biara يا وجي پارا جو قديم شهر راڄڌانيءَ کان پنجويهہ ميل ڏکڻ - اوڀر درياءَ

هشڪا، جو شهر هند - ستين جي بادشاهه هشڪا يا هوشڪا (Huvishka) تعمير ڪرايو هو. هيءُ حڪمران راجا ڪنشڪ جو پاءُ هو. معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ اهو شهر آهي، جنهن کي 'وارا مولا' يا 'بارا مولا' چئجي ٿو. جيڪو جهلم درياءَ جي ڪنڌي سان آباد آهي. ابوريحان (١٥٨) هن کي اشڪار (Ushkar) لکيو آهي، جيڪو جهلم درياءَ جي ٻنهي ڪنڌئين آباد آهي. چيني ياتريءَ شين سئنگ به هن شهر کي ساڳيءَ هجي ۾ لکيو آهي، جيڪو ڪشمير ماتريءَ ۾ پتر مان جوڙيل ڦاٽڪ وسيلي اولهه طرف کان داخل ٿيو هو ۽ هو - سي - ڪيا - لو يا هشڪارا جي اسٽوپا ۾ رهي پيو هو. 'بارا مولا' جي نالي بين قديم نالن کي جڻ ته هاٽي ڍڪي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اشڪارا جي نالي سان هاٽي هڪ ننڍو ڳوٺ آهي، جيڪو موجوده شهر کان ٻه ميل ڏکڻ طرف ۽ ٽڪرين جي وٽ ۾ موجود آهي. منهنجي خاص گذارش تي ريو - جي - ڊبليو - ڪواءِ (Rev - G - W Cowie) هن ماڳ کي ڏوري ڏنو هو. هن اتي وجي اهو اسٽوپا ڏٺو، جيڪو اجا چڱي حالت ۾ هو. هيءُ گهٽو ڪري اهو اسٽوپا آهي جيڪو راجا لاليتادتيا (١٥٩) (Lalita Ditya) سن ٧٢٣ع ۽ ٧٦٠ع جي وچ ڌاران تعمير ڪرايو هو. هن شهر جو ذڪر ڏيهي تاريخن ۾ بہ ملي ٿو (١٦٠). هن بابت اهو بيان ڏسڻ ۾ ايندو ته سن ٩١٣ع ۾ هتي راڻي سڳنڌي (Sugandha) رهندي هئي. هنن حقيقتن مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن شهر کي يارهين صدي عيسوي تائين اصلي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ ابوريحان به هن کي پنهي نالن سان لکيو آهي. هن کان پوءِ اسان کي ڏيهي تاريخ ۾ فقط بارا مولا جو نالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. بارهين صدي عيسويءَ جي اڳياڙيءَ ۾ جڏهن هتي راجا هوشا ۽ سوسالا (Sussala) جو راڄ هو ته هن شهر کي فقط بارامولا سڏيو ويندو هو. منهنجو ويچار آهي ته هشڪارپور شهر جو مکيہ پاڳو درياءَ جي کابي يا ڏاکڻي ڪناري سان آباد هو ۽ بارامولا ان جي پرسان ڪو ننڍو ڳوٺ هو. جيڪو درياءَ جي ساڄي ڪنڌيءَ سان وهندو هوندو. جڏهن ٻڌ ڌرم جو اهو زور نہ رهيو ۽ ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل اڏاوتون ڊهي پٽ پئجي ويون ۽ هشڪارپور کي ماڻهو ڇڏي هليا ويا ته پراڻو شهر به ٿورو گهڻو خالي ٿي ويو هوندو. ماڻهن جي لڏپلاڻ ايستائين جاري هوندي جيستائين هندن جو وسايل ننڍڙو ڳوٺ بارامولا

پوري ريت آباد نہ ٿي ويو هوندو.

جشڪاپور شهر جو بنياد بہ هند - ستين گهراڻي جي راجا جشڪا (Jushka) وڌو هو. هيءُ راجا بہ راجا ڪنشڪ يا راجا مشڪا جو ڀاءُ هو. ڪشمير جا برهمڻ هن ماڳ کي زڪرو (Zukru) يا زڪور (Zukur) سڏيندا آهن. اجا بہ چڱو خاصو شهر ۽ راڄڌاني کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي اتر طرف آهي. اهو پتو پڊرو اسڪيڪرو (Scecroh) آهي، جنهن کي ٽرائر ۽ ولسن (١٦١) هشڪاپور سمجهن ٿا. مان بہ هيءُ ماڳ سن ١٨٤٧ع ۾ پاڻ وڃي اکئين ڏٺو هو. پراچين اهڃاڻن ۾ پٿرن جا ٿلهہ، اڏاوتن ۾ ڪشميري طرز جا ناليسر ڏٺا هئا، جن کي وڏيڪ گهڙي ۽ تراشي مسلمانن پنهنجن بزرگن جي مقبرن ۽ مسجدن ۾ ڪم آڻي جڙيا هئا. پاريها ساپور جو شهر راجا لاليتا دتيا (١٦٢) جوڙايو هو، جيڪو سن ٧٢٣ع کان ٧٦٠ع تائين ڪشمير جو راجا هو. مذڪوره شهر موجوده دور جي سنبل ڳوٺ جي ويجهو ۽ جهلم درياءَ جي ايرندي يا ساڄي ڪنڌيءَ سان آباد هوندو هو. اوسي پاسي وارن دڙن تي پراڻين پٽين جا نشان ۽ پڳل پٿرن جا ٽوٽا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، جن مان اهو چڱي ريت ڄاڻي سگهجي ٿو، تہ ڪنهن سمي هتي ڪو وڏو شهر هوندو هو. جهلم درياءَ جي مٿان ٺاهيل پل اڃا بہ چڱيري روپ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سوپور ڏانهن سڌو ويندڙ هڪ واهہ بہ موجود آهي. اهو رستو انهيءَ کان سڌو آهي جيڪو درياءَ سان وولر ڍنڍ جو پاسو ڏئي ور وڪڙ ڪندو لنگهندو آهي. ڏيهي تاريخ ۾ پاري هاساپور (Parihasapur) جو تہ ذڪر ٿي موجود ڪونہ آهي. سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ هيءُ شهر، ان جي اڏيندڙ جي مرتئي کان سنت ئي پوءِ ماڻهن کان وسري ويو. سندس پوٽي جاياپيدا (Jayapida) نئين راڄڌاني اڏي هئي، جنهن جو هن نالو جاياپور رکيو هو. شهر ۽ قلعو وچ ڍنڍ ۾ ٺاهيو ويو هو. قلعي جو نالو "سري دوار وتي" (Sri dwara vati) رکيو ويو هو. عام ماڻهو هن کي "اندريون قلعو" (١٦٣) ڪري سڏيندا هئا. شاهي محلات جي جاءِ وقوع جو پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي. منهنجو ويچار آهي تہ اها جهلم درياءَ جي ڪاٻيءَ ڪنڌيءَ سان ۽ پاري هاساپور جي سامهون جوڙي وئي هوندي، جتي هاڻي انتر - فورٽ (Iner fort) وارو قلعو اڄ بہ موجود ڏسڻ

۾ اچي ٿـو. هن شـهـر جي تبـاهي سنگڪـارا ورمـا Sangkara varma a جي لشـڪـر ڏانهن منسـوب ڪئي ويندي آهي، جنهن سن ٨٣٣ع کان ٩٠١ع تائين ڪشمير تي حڪومت ڪئي. چيو ويندو آهي ته هن شهر جا پٿر ۽ ٻيو سامان پنهنجي ناهيل نئين شهر سنگڪارا پور جي اڏاوت ۾ ڪتب آندو، جيڪو اڄ به موجود آهي پر سندس نالو پٽڻ Pathan ۽ سبل واري پل کان ست ميل اولهه ڏکڻ طرف آهي، پاري هاسا جو مشهور مندر هڪ ڪيهه پرور ۽ ساڙيلي مسلمان حڪمران سـڪندر ڊاهي ناس ڪري ڇڏيو. هن مندر لاءِ مـسلمـان مـؤرخ اڇرج جهـڙيون ڳالهـيـون لکيون آهن. پاري پور Pari Pur بابت ڳالهـائيندي ابوالفـضل (١٦٤) لکي ٿـو تـه: ” هتي هڪ مندر هوندو هو، منجهس ڪيترائي بت رکيل هوندا هئا. سڪندر هن مندر کي ڊاهي ناس ڪري ڇڏيو. ان مندر جي ڪندرن مان ٽامي جي هڪ ٿالهي لڌي هئي جنهن تي لکيل هو ته ٻارهن سؤن سالن کانپوءِ هڪ ماڻهو هيءُ مندر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندو جنهن جو نالو سڪندر هوندو.“ فرشته (١٦٥) به ساڳي ڳالهه ٻڌائي آهي پر مـتـرجم راجا بلنٽ Blant جي نالي جو به ذڪر ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ اها سندس غلطي آهي. چاڪاڻ ته سندس اصلي نالو لاڏيت Ladit آهي ۽ ڪشميري انکي لاديتا سڏيندا هئا. هن راجا ۽ سـڪندر جي وچ ۾ ستن سـؤ سـالن جي وٿي آهي، پر اڇرج جهـڙي ڳالهه اها آهي هتـان جون روايتـون پنهنجي ڏيهي تاريخن کـان مختلف آهن، جيڪي گادي نشيني واري سلسلي جي لحاظ کان ڏيهي تاريخن سان سهمت نه آهن.

پدماپور کي هاڻي پامر پور سڏيو ويندو آهي. هي شـهـر راجا وريهاس پتي جي وزير پدما تعمير ڪرايو هو. هن راجا سن ٨٣٢ع کان ٨٤٤ع (١٦٦) تائين ڪشمير تي حڪومت ڪئي. هي شـهـر راڄڌاني آونتي پور جي وچ تي راڄڌاني کان اٺ ميل ڏکڻ - اوير ۽ جهلم درياهه جي ڪناري سان آباد آهي. اڄ به هن مـاڳ تي گـهـٽا مـاڻهـو رهن ٿا، سڄي ماڻري زعفران جي پوک ڪري مشهور آهي.

آونتـــي پـــور Avantipur شـــهـر جـــو بنيـــاد راجـــا آونتـــي ورما(١٦٧) رکـيـو هو، جنهن سن ٨٥٤ع کـان ٨٨٣ع تائين حـڪـومت

ڪئي هئي. هي شهر موجوده راڄڌاني کان سترهن ميل ڏکڻ - اوڀر ۾ جهلم درياهه جي ساڄيءَ ڪنڌيءَ سان آباد آهي. ان جاءِ تي هاڻي وانتي پور Wantipur نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. پر ٻن عاليشان مندرن جي باقيات ۽ قلعي جي ڪنڊرن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ هتي ڪو وڏو شهر آباد هوندو. نئون نگر يعني نئين شهر نالي هڪ ماڳ آهي، جيڪو درياءَ جي سامهون متاهين هموار ٽڪريءَ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته اهو آونتي پور جو شهر آهي، جيڪو پنهنجي پهرئين دور ۾ درياه جي پنجين پارين آباد هوندو هو.

## اراسا Urasa

شين سئنگ لکيو آهي ته اُ - لا - شي U - La - shi يا اراسا ڪشمير ۽ تيڪسيلا جي وچ تي هو. ان جي جاءِ وقوع مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو ٽالمي وارو وارسا ريجيو Varsa Regio آهي. موجوده دور ۾ هن کي راش Rash سڏيو ويندو آهي، جيڪو مظفرآباد جي اولهه ۾ ڌانتاوار Dhantawar جي علائقي ۾ موجود آهي. ڪشمير (١٦٨) جي ڏيهي تاريخ ۾ بيان آهي ته ڪشمير جي ماتري جي ويجهو جابلو علائقي ۾ هيءَ اها جاءِ آهي جتي راجا سنگڪاراورما کي سن ٩٠١ع ۾ گهٽا ڦٽ رسيا هئا ۽ مري ويو هو. ابوالفضل جنهن شهر جو نالو پڪالي Pakhali لکيو آهي تنهن سان سهمت آهي، جيڪو سنڌوءَ کان وٺي ڪشمير تائين علائقي تي مشتمل آهي ۽ اٽڪ تائين اڳتي هليو وڃي ٿو. موجوده دور ۾ هن علائقي جا مشهور شهر اتر - اوڀر مانسرا، وچ تي نوشهرا ۽ ڏکڻ - اولهه پاسي ڪشن ڳڙه يا هري پور آهي. چيو ويندو آهي ته شين سئنگ واري زماني ۾ اهو علائقو راڄڌاني تيڪسيلا کان ٽي سو يا پنج سولي يعني پنجاه يا ٽياسي ميل پري هو. فاصلي ۾ ايتري فرق ڪري ستين صديءَ واري راڄڌانيءَ جي ماڳ جي سڃاڻ ڏاڍي مشڪل آهي. منهنجي ويچار موجب راڄڌانيءَ جو شهر منگلا Mangali هوندو. هتان جي ماڻهن جو به اهو خيال آهي ته هن علائقي جي راڄڌاني به اهو شهر هوندو هو. هن شهر جو

ماڳ مانسرا ۽ نوشهرا جي وچ تي ۽ ٽيڪسيلا کان پنجاه ميل اتر-اوڀر طرف آهي.

شين سئنگ جي بيان موجب هن علائقي جو گهيرو ٻه هزار لي يا ٽي سو ٽيٽيهه ميل هو، جيڪو گهٽو ڪري صحيح آهي. ڪينهار نديءَ جي آبي ذريعي کان گنڌ ڳڙه Gandgarh جبل تائين هن علائقي جي ڊيگهه هڪ سو ميل ۽ سنڌوءَ کان وٺي جهلم تائين منديو پنجونجاه ميل آهي. ڪشمير جي دنگ کان ان جو فاصلو هڪ هزار لي يا هڪ سو ستهٺ ميل ٻڌايو وڃي ٿو. ان حساب سان علائقي جي راڄڌاني نوشهري جي اوسي پاسي ۽ منگلا Mangala جي اوڏو وڃي بيهندي جنهن لاءِ هتان جون روايتون آهن ته ڪنهن زماني ۾ اهو شهر هن علائقي جي راڄڌاني هو.

## ٽيسيلا يا تاڪشاسيلا

هن وقت تائين مشهور شهر ٽيڪسيلا جي جاءِ وقوع جو پتو پئجي ڪونه سگهيو آهي. ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته پليني‌ءَ ان جو فاصلو غلط ٻڌايو آهي. ٻي ڳالهه اها به آهي ته شاهه ڍيري Shah Dheri ماڳ پرسان جيڪي ٿرڙ آهن تن جي معلومات ملي ڪانه سگهي آهي. پليني‌ءَ جي تاريخ جا سيئي اتارا اسان کي اهو ٻڌائن ٿا ته ٽيڪسيلا پيوڪولائٽس Peucolaitis يا هشت نگر کان سٺ ميل اوري ۽ پنجونجاه انگريزي ميل پري آهي. ان حساب سان سندس جاءِ وقوع هارو Haro نديءَ جي اوسي پاسي ۽ حسن ابدال کان اولهه ۾ وڃي بيهندي، يا سنڌوءَ کان ٻن ڏينهن جي سفر تي پري. چيني ياتريءَ جي سفر نامي جي احوال مطابق اهو ماڳ سنڌوءَ کان ٽن ڏينهن جي سفر تي (١٦٩) اتر اوڀر ۽ ڪالاڪاسراءِ Kala kasarai جي اوڏو ٿئي ٿو. اها جاءِ مغل شهنشاهن جي ٽين منزل هوندي هئي ۽ اڄ به سنڌوءَ کان ٽن منزلن تي واقع آهي. واپاري قافلا يا فوجون به اتي ٽين منزل ڪنديون هيون. جڏهن شين سئنگ چين ڏانهن موٽيو هو ته ساڻس هاٿي گڏ هئا. هن به ٽيڪسيلا کان سنڌوءَ جي اتاڪنڊ يا اوهند تائين سفر ۾ ٽي ڏينهن ورتا هئا. منهنجو ويچار آهي ته موجوده دور ۾

فاصلو اهو ساڳيو هوندو. تنهن ڪري ٽيڪسيلا جي ماڳ کي ڪالاڪاسراءِ جي ويجهو ڪاٿي ڳولڻ کپي. هيءُ ماڳ شاهه ڍيري جي اوڏو ڪالاڪاسراءِ کان هڪ ميل اتر اوڀر آهي. مون هن ماڳ جي چوڌس پنجونجاه اسٽوپائن جا اهڃاڻ ڏٺا هئا. جن مان ٻه اسٽوپا ايڏا وڏا هئا جيترا مانڪيالا Mankyala ۾ ڏٺا هيم. ان کان سواءِ اناويهه مڙهيون ۽ نو مندر ٻه هئا. هاٿي اوهند ۽ شاهه ڍيري جي وچ تي ڇٽيهن ميلن جو پنڌ آهي ۽ اوهند کان هشت نگر انٽيهن کان ٿورو وڌيڪ فاصلو ٿيندو. ڪل ملائي چوهتر ميل ٿئي ٿو. پليني جيڪو پيوڪو لئٽس Peuko lai tis ۽ ٽيڪسيلا جي وچ ۾ فاصلو ٻڌايو آهي تنهن کان اٺويهه ميل وڌيڪ آهي. حقيقت تائين پهچڻ واسطي اسان کي هيئن ڪرڻو پوندو ته پليني جيڪي سٺ ميل LX ٻڌايا آهن، تنهن کي اسي LXXX پڙهڻ گهرجي، جيڪي وچي ساڍا ٽيهتر انگريزي ميل ٿيندا. ۽ پوءِ ٻنهي فاصلن ۾ اڌ ميل جو فرق ٿيندو.

پراڻا مؤرخ هن ڳالهه تي متفق آهن ته ٽيڪسيلا شاهوڪار ۽ وڏو شهر هو. اٿرين جو بيان آهي ته ٽيڪسيلا جو شهر وڏو شاهوڪار هو، منجهس گهڻا ماڻهو رهندا هئا ۽ سنڌوءَ ۽ جهلم جي وچ (١٧٠) تي واقع هو. اسٽرئبو ٻه هن کي وڏو شهر سڏي ٿو. وڌيڪ چوي ٿو ته هن جي چوڌس علائقو آباد هو ۽ منجهس ماڻهو جهجها رهندا هئا(١٧١). پليني هن کي مشهور شهر سڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته اهو متي جبل تي نه، پر هيناهينءَ ۾ سڌي ذرتيءَ تي اڏيل آهي ۽ ان علائقي کي آمندا (Amanda) سڏيو وڃي ٿو. (١٧٢)-اهي بيان شاهه ڍيري لڳ ٽرڙ سان سهمت آهن، جيڪو ڪيترن همچورس ميلن ۾ پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندو.

سڪندر کان پنجاه سال پوءِ هتان جي ماڻهن مگڌا Magadha جي راجا بندوسار Bundusara خلاف بغاوت ڪئي هئي، جنهن پنهنجي وڏي پٽ سوسيما Susima کي هن شهر تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو، پر اهو سوڀارو ڪونه ٿيو. ان ڪري جنگي مهم سندس ننڍي ڀاءُ جي حوالي ڪئي وئي، جيڪو بعد ۾ اسوڪا جي نالي سان مشهور ٿيو. ان وقت هن شهر جي ماڻهن اڍائي يوجانا Yojana يا ساڍا

سترهن ميل ٻاهر اچي هن راجڪمار جي آڻ مڃي هئي (١٧٣). جڏهن اسوڪا تخت تي ويٺو ته هن شهر جي دولت ۽ شاهوڪاري رهندو وڌي وئي هئي. اتان جو ڪل خزانو ڇٽيهه ڪوٽس Kotis يا ڪنهن نامعلوم سڪي جو تي سؤ سٺ ملين انگ هو، جيڪو تي سگهي ٿو ته چانديءَ جو هجي. ان حساب موجب اها دولت نوي ڪروڙ روپين جي برابر ٿيندي. هندستان جي مؤرخن امڪان ڏيکاريو آهي ته اهو سڪو سون جو هو. ان ليکي سان اها دولت نوي يا هڪ سؤ ملين پائونڊ وچي ٿيندي. مون ثابتيءَ طور هيءُ حوالو ان ڪري ڏنو آهي ته سڪندر جي وڃڻ کان پنجاهه سال پوءِ هي ڪيترو نه شاهوڪار شهر هو. فتح کان پوءِ به پنهنجي پيءُ جي جيئري ئي اسوڪا هن ئي شهر ۾ رهڻ پسند ڪيو هو. هن کان پوءِ سندس پٽ ڪنالا Kunala "سهڻين اکين وارو" به هتي رهيو، جيڪو ٻڌ ڌرم جي آکاڻين ۾ هڪ جهونجهار طور مشهور آهي. سندس ذڪر اڳتي ايندو.

ٽين صدي قبل مسيح جي گذرڻ کان ٿورو اڳ، موريا گهراڻي جي نسل جا ماڻهو باختر جي يوناني ڊيٽرس پٽ اينٿي ڊيمس Enthi demus يونانيءَ سان ضرور مليا هوندا. ٻي صدي قبل مسيح ۾ ٽيڪسيلا وارو علائقو يوڪراٽيڊسEukratides جي هندستاني حڪومت ۾ به ضرور شامل هوندو. سن ١٢٦ ق. م ڌاران هي علائقو هند- سٿين جي حڪمران سس sus يا ابارس Abars يونانين کان کسي ورتو هو. هن گهراڻي وٽ مذڪوره علائقي جي حڪومت مني صدي کن رهي هئي. ان کان پوءِ هند- سٿين جي هڪ ٻئي گهراڻي جنهن کي ڪشن چيو ويندو آهي، اچي هتي پير ڄمايا ۽ راجا ڪنشڪ جي اڳواڻيءَ ۾ پنهنجي خاندان جي شروعات ڪئي. هند- سٿين گهراڻي جي حڪومت دوران "پراش وار" ملڪ جي راڄڌاني رهيو ۽ ٽيڪسيلا تي گورنر راڄ ڪندو هو. شاهه ڍيري ۽ مانيڪيالا جي پراڻن ڦڊن تان ڪيترا سڪا ۽ اتان جي گورنرن جون لکتون لڌيون آهن. انهن لڌل شين مان ٽامي جي ٿالهي وڏيڪ دلچسپ آهي، جنهن تي پالي رسم الخط ۾ "تاڪشا سيلا" جولفظ لکيل آهي، جنهن تان يونان وارن ٽيڪسيلا جو اچار ڪڍيو آهي (١٧٤).

پارٿيا جي بارڊينس Bardanes جي راج دوران(يعني سن ۴٢ع کان ۴٦ ع تائين) تيانا Tyana جو اپولونس Apollonius ۽ سندس آشوري ساٿي ڊمس Damis هتي آيا هئا، جن جي سفر جو احوال فلاسٽراٽس Philostratus اپولونس جي جيئري ئي لکي پورو ڪيو هو. پر اهو احوال تاريخ ۽ فلسفي جي نقطئه نظر کان گهٽ وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. مگر ماڳن بابت ڏنل حقيقتون سچيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جيڪڏهن اهي احوال ڊمس جي سفرنامي تان ورتل نه آهن، ته سڪندر سان گڏ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڏنل احوال تان ضرور ورتل هوندا. ٻنهي حالتن ۾ اهي احوال ڏاڍا لاڀائتا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ جتي تاريخون مات آهن، اتي مٿيان حوالا ذري پرزي جون حقيقتون ٻڌائي سگهن ٿا. فلاسٽراٽس جو بيان آهي ته ٽيڪسيلا هوبهو نينس Ninus يا نينوا Nineveh جهڙو هو. ان جو قلعو به ٻين يوناني شهرن (١٧٥) جهڙو هو. نينس يا نينوا لاءِ اسان کي بابل جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اسان کي هن آشوري شهر بابت ڪا ڄاڻ ڪانه آهي. ان جو سبب اهو آهي ته هيروڊوٽس Herodotus کان به صديون ڪن اڳ هي مشهور شهر تباهه ٿي ويو هو. اسان کي ڪرٽس Curtius وٽان هيءَ ڄاڻ ملي ٿي ته هيءُ شهر ڄاڏي ڪاڏي هڪ جهڙو وڏيل، سهولتن جي لحاظ کان مناسب ۽ پراڻو هو. بابل جي سيني شهرن مان سڪندر کي هن شهر وڌيڪ متاثر ڪيو هو. اهي ماڻهو جيڪي هن شهر کي پهريون ڀيرو (١٧٦) ڏسندا هئا، ڪانئس گهڻو متاثر ٿيندا هئا. هن مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته جڏهن يونان وارن هن کي ڏٺو هوندو ته ڪين بابل ياد اچي ويو هوندو، جيڪو هنن جي نظر ۾ هڪ مناسب شهر هو. فلاسٽراٽس جو بيان آهي ته شهر جون گهٽيون سوڙهيون پر ڪنهن اصول ۽ ضابطي سان ٺهيل هيون. هيءُ هڪ مندر جو به ذڪر ڪري ٿو، جيڪو قلعي کان ٻاهر ٺاهيل هو. ان ڪانسواءِ اهو به بيان ڪري ٿو ته شاهي محلات به قلعي کان ٻاهر هيو ، غاصب راجا اتي موجود هو، جنهن جو گهيرو ڪيو ويو هو. وڌيڪ اهو به ٻڌائي ٿو ته ٻاهر هڪ باغيچو هو، جنهن جي ڊيگهه هڪ اسٽاڊيا هئي، جنهن جي وچ تي پاڻيءَ جوتلاءُ هو، جيڪو ٿڌي ۽

۾ پنهنجو سر بليدان ڪيو هو. ڪي چون ٿا ته هن مختلف جنمن ۾ پنهنجا هڪ هزار سر هتي بليدان ڪيا هئا. هيءُ اتر هندستان جي چئن وڏن استوپائن مان هڪ آهي (١٧٩). شين سئنگ موٽ تي هن استوپا جي ييهر ياترا ڪئي، جتي مهاتما پنهنجو سر هڪ هزار ڀيرا قربان ڪيو هو (١٨٠). موجوده دور ۾ هن علائقي جو نالو چڇ - هزارا Chàch Hazara آهي. منهنجو ويچار آهي ته اهو سرشا - سهس را Sirsha - sahas ra جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ "هڪ هزار سر" آهي. تيڪسيلا مان گورنر لياڪو ڪجلوڪا Liako، Kujuluka جي دور جي ٽامي جي هڪ ٿالهي لڌي آهي جنهن تي "ڇاهارا - چوکسا" Chhahara - Chukhsa جا لفظ لکيل آهن. منهنجي خيال ۾ ان نالي جي ٻئي طريقي جي هجي آهي.

چيني ياتريءَ جي اهڙن احوالن مان اسان کي پتو پوي ٿو ته تيڪسيلا ٻڌڌرم وارن جو وڏو مرڪز هو، جنهن سان هي ڏند ڪٿائي آکاڻي پڻ وابسته آهي ته هتي مهاتما پنهنجي سر جو بليدان ڏنو هو. هن ڏند ڪٿائي ڪهاڻي جي اصليت اها آهي ته "تاڪشا سيلا" جي معنيٰ آهي "ڪپيل پٿر". پر جيڪڏهن هن لفظ کي بدلائي "تاڪشا سيرا" لکبو ته ان جو مطلب "وڍيل سر" ٿي پوندو. پتو نه آهي ته اهو نالو ان ڏند ڪٿائي آکاڻيءَ مان نڪتو آهي يا نالي واسطي اهڙي آکاڻي گهڙي ٻڌائي وئي آهي. (١٨١)، منهنجي خيال ۾ پوئين ڳالهه سچي آهي. چاڪاڻ ته ساڪايا Sakayaجي اڳين جنم بابت ٻڌن جي بي شمار ڏند ڪٿائي ڪهاڻين گهڙڻ کان اڳ ۾، يونان وارن هن نالي جي اصلي هجي لکي محفوظ ڪري ڇڏي آهي. اهڙو بيان اسان کي ڪٿي به ڪونه ملندو ته مهاتم ٻڌ پنهنجو سر وڍي ڪنهن کي ڏنو هو؟ مان سمجهان ٿو ته هن پنهنجو سر هڪ بکئي چيتي کي ڏنو هو، جنهن جا ست ٻچا بکونڪاڻ مرڻ تي هئا ۽ سندس رت چٽي بچي ويا هئا (١٨٢). مون کي هن حقيقت ڪري اهو ويچار ٿيو آهي ته هن قديم شهر جي اتر پاسي کي ببرخانه Babar khana چيو ويندو آهي. اهو نالو محمود يا ابوريحان جي دور جيترو پراڻو آهي. چاڪاڻ ته ابوريحان لکيو آهي ته ببرخانه سنڌوءَ ۽ جهلم جي وچ تي آهي (١٨٣). هيءُ

بيان قديم ٽيڪسيلا واري ٻبرخانہ ڏانهن بہ منسوب ڪري سگهجي ٿو. هيءُ لفظ ترڪي ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿو، تنهن ڪري راجا ڪنشڪ جي دور جيترو پراڻو چئي سگهجي ٿو. هيءُ لفظ لڳاتار استعمال ٿيندو رهيو آهي، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ان اسٽوپا جي پرسان جتي ٻڌ پنهنجو سر قربان ڪيو هو، هڪ ٻيو اسٽوپا هو، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ مهاتما ٻڌ پنهنجو سر هڪ بکئي چيتي کي ٻليدان ڏئي رهيو آهي. فطري طور هن وهار کي ترڪن ٻبرخانہ ئي سڏيو هوندو. جڏهن ٽيڪسيلا ڊهي ناس ٿي ويو تہ وهار واري هيءَ وسندي مشهور ٿي وئي. مهاتما جي هن ٻليدان کي ياد رکڻ واسطي "مارگلا" Margala جو نالو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي وڍيل سر "Beheaded" هي نالو ٽڪرين جي هڪ سلسلي تي رکيل آهي، جيڪي شاهه ڍيري کان فقط ٻن ميلن جي فاصلي تي واقع آهن. "مارگلا" جي لغوي معنيٰ "سر وڍڻ" يا "گلو مارڻ" آهي جيڪو ڪنڌ ڪپڻ جو اصطلاحي مطلب آهي.

شاهه ڍيري پرسان جنهن قديم شهر جي ٿرڙ جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، جنهن کي ٽيڪسيلا سمجهان ٿو، تنهن جي ڏکڻ کان اتر ڊگهائي ٿي ميل ۽ اوڀر کان اولهہ منڊو بہ ميل آهي. هن ماڳ جي چوڌس ڪيترن ميلن تائين اسٽوپائن ۽ مڙهين، مهايانن جا ڪنڊر نظر ايندا. پر شهر جون اصلي حدون ائين آهن جهڙيءَ ريت مٿي بيان ڪيون ويون آهن. هن ٿرڙ جا ڪي حصا اهڙا بہ آهن جن جا نالا اڄ تائين بہ موجود ڏنا وڃن ٿا (١٨٤)٠انهن اڏاوتن جو عام رخ ڏکڻ - ڏکڻ اولهہ کان اتر - اتر اوير ڏس تي آهي. سندس نالا هيءَ آهن ۽شروع ڏکڻ کان ڪريان ٿو:

١- ٻير يا ڦير Bir or Pher

٢- هتيال Hatial

٣- سر - ڪپ - ڪاڪوٽ Sir Kap - Ka - Kot

٤- ڪچا ڪوٽ

٥- ٻبرخانہ

٦- سر - سک - ڪا - ڪوٽ Sir - Suk - Ka - Kot

ماڻهن جي خيال موجب هن ٽرڙ جو نهايت پراڻو ڀاڱو اهو اتاهون دڙو آهي جنهن تي هاٽي بير يا ڦير Bir or Pher جو ننڍو ڳوٺ آباد آهي. هن دڙي جي اتر کان ڏکڻ ڊيگهه چار هزار فوٽ ۽ منديو اوير کان اولهه چويهه سو فوٽ اٿس. سندس ڪل گهيرو ڏهه هزار اٺ سو فوٽ ٿيندو، جيڪو ٻن ميلن کان ٿورو وڌيڪ ٿيندو. اولهه پاسي، جتي ٽڪريءَ تي شاه ڊيري جو ڳوٺ آباد آهي، اتي مذڪوره دڙي جي اوچائي ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان پنجويهن يا پنجٽيهن فوٽن کان ڪنهن به ريت گهٽ ڪا نه ٿيندي. اوير پاسي تابرا Tabra يا تامرا Tamra نالي گهاري وٽان هن دڙي جي ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان اوچائي اٺهٽ فوٽ ٿيندي. اولهه ۽ اوير پاسي ڀتين جا اهڃاڻ وچو واڙيءَ ڪاٽي ڏسڻ ۾ ايندا نه ته ٽرڙ جو سڄو مٿاڇرو پٿرن جي ڀڳ، سروٽن جي ڍيرن ۽ ٺڪراڻي سان پريو پيو آهي. ٽرڙ جي هن ڀاڱي تان سڪا، ٻين جاين جي نسبت وڌيڪ مليا آهن. هتان هڪ ماڻهو ٻن ڪلاڪن ۾ لاج ورد aguli ساپٽر جو ٻڪ ڪن ميڙي ورتو. هن قسم جا قيمتي پٿر ٻيءَ جڳهه تان ڪونه مليا آهن. هن جوءِ جي ويڪر ۽ جاءِ وقوع ڏسي پڪ سان چئي سگهان ٿو ته شهر جو هي ڀاڱو شين سئنگ جي دور ۾ موجود هوندو، جنهن جو چوڻ آهي ته شهر جو گهيرو پوٽا به ميل ڪن هو. هن ڳالهه جي تائيد هن حقيقت مان به ٿي وڃي ٿي ته وڏو استوپا ٻبرخانه واري ٿاڪ جي وچ تي هو، جيڪو بيرواري دڙي جي چيڙي کان اٺ هزارفوٽ اتر، اتر - اوير ۽ پراڻي شهر جي وچ واري لنگهه کان ڏهه هزار فوٽ يا به ميل پري هو. شين سئنگ جو بيان آهي ته ”سردان“ وارو استوپا شهر کان ٻارنهن، تيرنهن لي يا به ميل اتر طرف هو (١٨٥). تنهن ڪري مان پوري پڪ سان چئي سگهان ٿو ته شين سئنگ جي دور وارو شهر بير واري دڙي تي موجود هو. مان هن دڙي جي اتر ۽ اوير پار کان ننڍين استوپائن جا اهڃاڻ ڏنا آهن، جيڪي مون کان اڳ ڳوٺاڻن کوٽي لڌا هئا. منهنجي پڇڻ تي هنن ٻڌايو ته اها کوٽائي هنن نه پر جنرل ائبٽ ۽ ميجر پيئرس Major Pears ڪرائي هئي.

هتيال Hatial مارگلا ٽڪرين جي سلسلي جي هڪ ٽڪريءَ تي قلعو آهي، جيڪو بير واري دڙي جي لڳو لڳ اوير - اتر طرف واقع

جي چوڪي آهي. ان کان پوءِ ٻئي ٽڪريون اولهه طرف مڙن ٿيون ۽ پندرهن سو فوٽ اڳتي هلي لهنواريون ٿينديون وڃي ڏرتيءَ جي مٿاڇري سان لڳن ٿيون. ان ٿاڪ وٽان قلعي جي ڦاٽڪن ڏانهن ويندڙ ٻه رستا نڪرن ٿا ، جن مان هڪ، ٻئي ڪان سر اتر آهي. اتر واري ٽڪري اتان وري هوريان هوريان مٿي ٿيڻ شروع ڪري ٿي، جيڪا اولهه، ڏکڻ - اولهه آهي. ٻه هزار فوٽ هلي، همچورس دڙي وٽ پهچي ختم ٿي وڃي ٿي، جنهن جي ڌرتيءَ جو مٿاڇرو هڪ سو ٽيهه فوٽ اتاهون آهي. هن ٽڪريءَ جو مٿاڇرو پراڻين جاين جي ننڍن سان پريو پيو آهي، جتان نور نالي هڪ ڳوناٽي تامي جو هڪ سڪو لڌو هو. هاتيال جي نالي بابت مون کي ڪتان ٻه جاڻ ملي ڪانه سگهي. پر اهو ماڳ قديم ضرور آهي. ٿي سگهي ٿو اهو هتيار لئنڪ Hatiar lank هجي، جنهن کي ابو الفضل سنڌ ساگر دو آبي ۾ ٻڌائي ٿو. هن لفظ جي هجي "هٽ" Shop ڏانهن اشارو ڪري ٿي. هٽي - يالا Hatti-ala جو مطلب منڊي يا بازار ٿيندو. پر هتيال قلعو آهي. هڪ قديم ماڳ ٻه آهي. مون کي سنڌس هن معنيٰ ۽ مطلب ۾ شبهو آهي.

سر - ڪپ Sir-kap جو قلعبند شهر، هتيال جي هينان هڪ وڏي دڙي تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. معلوم ائين ٿيندو ته جڻ هي شهر ٻه هتيال جو هڪ حصو آهي. سندس قلعي جون پٽيون ٻه هتيال جي قلعي سان اچي گڏجن ٿيون. اتر کان ڏکڻ هن جي ڊيگهه اڌ ميل ۽ مُنڊو هڪ پاسي کان ٻه هزار کن فوٽ ۽ ٻئي پاسي کان چوڏنهن سو فوٽ ٿيندو. اوپر ۽ اتر واريون پٽيون سڌيون آهن، پر اولهه واريءَ پٽ ۾ هڪ جاءِ تي وڏو وڪڙ آهي. هرهڪ پٽ ۾ ٻه وڏيون وٿيون آهن. معلوم ائين ٿئي ٿو ته اهي قديم ڦاٽڪن جا نشان آهن. هن جي اترئين ڦاٽڪ جو منهن هتيال قلعي جي اُن رستي ڏانهن آهي جيڪو سندس اترين ٻانهينءَ ۾ سراتر طرف ۽ ٻيرخانه جي ڏاکڻين ٺن قديم دڙن ڏانهن آهي. اوپر واري ڦاٽڪ جا نشان پڪا آهن، چاڪاڻ ته رستي وارين پٽين جا ننڍ اجان ٻه بينا آهن. ٻيو پڪي ٽيل رستي جا ڪجهه حصا ساڳي صورت ۾ نظر اچن ٿا. اولاهينءَ پٽ وارو ڦاٽڪ، پچاڙيءَ ۾ بيان ٿيل ڦاٽڪ جي بلڪل مخالف آهي. ان ڏانهن ويندڙ رستي جا نشان ٻه پڪا آهن. چاڪاڻ ته

شهر اندر سيني جا بنياد ڏاڍي خبرداريءَ سان گوني ڪنڌ تي رکيل آهن، جن مان هڪ اتر ۾ ڏکڻ ڏانهن ويندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سرڪپ جي جاءِ وقوع ٻن جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سندس چوڌس پٿيون ڏاڍيون مضبوط آهن. ڏکڻ کان هٿيال جو مضبوط قلعو اٿس. اولهه پار کان تابرا گهارو آهي. اوڀر ۾ اتر کان گائو نالا گهارو اٿس. ٻنهي قلعن جي پٿرن جو گهيرو چوڏهن هزار ٻه سو فوٽ آهي، جيڪو پوڻا ٽي ميل ڪن ٿيندو. ڪچا ڪوٽ، سرڪپ کان اتر طرف آهي. پنهنجي بيهڪ ۾ اڪيلو آهي پر جاءِ وقوع جي لحاظ کان وڌيڪ مضبوط آهي. تابرا گهارو، گائو نالا گهاري سان ملڻ ڪانپوءِ اوڀر ڪانوءِهنجيچوڌاري ٻه پيرا ڦري اچي ٿو. ڪچو ڪوٽ جيئن نالي مان معلوم ٿئي ٿو، سچو ئي مٽيءَ جو چو آهي، جيڪو پاٽيءَ جي گهاري کان ٽيهن کان پنجاهه فوٽ مٿي آهي. اوڀر پاسي کان قلعي جي ڪنهن پٿ جا نشان ڏسڻ ۾ ڪونه ايندا. اندرئين پاسي ڪنهن ٻه تعمير جو نشان پتو ڪو نه ملندو، تنهن ڪري اهو پتو پئجي نه ٿو سگهي ته هن جي تعمير ڪهڙي مقصد واسطي ڪئي وئي هئي. پر هڪ ڳالهه ته گائو نالا هن منجهان اندران گذري ٿو، جنهن مان انومان ڪري سگهجي ٿو ته حملي دوران منجهس هاٿي يا ٻيا جانور رکياويندا هوندا. سندس گهيرو ڇهه هزار ست سو فوٽ يا سوا ميل ڪن ٿيندو. عام طور تي هن ماڳ کي ماڻهو ڪوٽ جي نالي سڏيندا آهن. سرڪپ واري ماڳ کي ڪوٽ جي نالي سڏيو ويندو آهي. پر ٻنهي کي الڳ سڃاڻڻ لاءِ هن کي "ڪچا ڪوٽ" ڪوٺيو وڃي ٿو. تزڪ بابري ۾ آئين اڪبري ۾ ٻه اهو نالو لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هارو نديءَ کي "ڪچا ڪوٽ" واري ندي ٻه سڏيندا آهن. هن مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته هي ٻه ڪو وڏو شهر هوندو، جيڪو هن نديءَ جي ڪناري آباد هوندو. مون کي شڪ آهي ته مذڪوره شهر حسن ابدال پرسان يا هيئنئين پاسي ڪٿي هوندو.

ٻبرخانه واري جوءِ لنڊي Lundi ناله تابرا ۾ گائونالا جي وچ تي آهي. ڪچا ڪوٽ ٻه هن جوءِ ۾ شامل آهي ۾ هن قلعي جي الهندي ۾ اڀرندي ٻانهينءَ سان ميل ڪن جي ايراضي ۾ پکڙيل آهي. اتر اولهه واري پاسي کان سيري - ڪا - پنڊ ڳوٺ اٿس اوڀر پار کان گنگو

Gangu نالي پڌ ڌرم جي ٽوپن Topes جا ٽرڙ پکڙيل اٿس. هن جوءِ جي وچ تي جتي "لنڊي" واهي (نالـ) ۽ تابرا واهي جي هڪ هزار فوٽ جيترو ويجهو اچي پهچندا آهن، اتي پنجيتاليهه فوٽ اتا هون دڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ماڻهو هن کي جهنڊيالا پنڊ Jhandiala Pind ڪري سڏيندا آهن ۽ پرسان هڪ ڳوٺڙو آباد اٿس. انهيءَ پنڊ يا دڙي جي اوڏو ٽرڙن جو هڪ مچلو ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو گهٽي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. سندن اوچائي اٺتيهن فوٽن کان وڌ ڪانہ ٿيندي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ڪنهن وڏي مهايانا جا ڪنڊر آهن. هڪ ڳالهہ ياد رکڻ جوڳي آهي تہ اهو گس جيڪو هٽيال جي بنهي ڦاٽڪن وچان مٿي ٿو ۽ سري ڪپ قلعي جي اترئين ڦاٽڪ وٽان لنگهندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو سڌو اتر ڏس تي وڃي هتن بنهي دڙن وچان لنگهي وڏيءَ اسٽوپا جي ٽرڙ وٽ رسي ٿو. جيڪو ڪنهن زماني ۾ "لنڊي" واهيءَ جي ڪناري تي آباد هوندو هو ۽ جهنڊيالا پنڊ هن کان ٻارهن سو فوٽ اورتي آهي. منهنجو خيال آهي تہ جهنڊيالا پنڊ تي جنهن وڏي اسٽوپا جا ٽرڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا سو "سر بليدان اسٽوپا" Head gift stupa آهي جيڪو ٽي صديون قبل مسيح اسوڪا تعمير ڪرايو هو. مان هن حقيقت جو اشارو اڳي بہ ڏئي آيو آهيان تہ شين سئنگ جو بيان هن اسٽوپا جي جاءِ وقوع سان سهمت آهي. مان هن خيال جي تائيد ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪريان ٿو تہ ٽيڪسيلا شهر جو مکيہ رستو جهنڊيالا اسٽوپا ڏانهن سڌو اتر هوندو هو. هن حقيقت کان ڪو انڪار ڪري نہ سگهندو تہ هن اسٽوپا جو ماڻهن وٽ وڏو مان ۽ مريادا هو. هن ڳالهہ مان بہ هن حقيقت جي هٿي ملي ٿي تہ اتر - اولهہ طرف ڇٽيهہ سو فوٽ پري هڪ ٻئي اسٽوپا جا ٽرڙ آهن. ان دڙي جو نالو سيري - ڪي - پنڊ آهي، جنهن جو سئون اشارو سر بليدان ڏانهن آهي، جنهن کي "سرسهادانام" Sirshadanam يا پڌ جو سر دان ڏيڻ چيو ويندو آهي. سيني نڪتن کي سامهون رکي مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ هي ماڳ ٻبرخانہ واري اسٽوپا جا ٽرڙ آهن، جن ۾ پڌ جي "سر دان" واري اسٽوپا جو ڪنڊر بہ موجود آهي.

سر سک Sir suk جو قلعو ٻبرخانہ جي اتر - اوير واريءَ

ڪنڊ تي لنڊي واهي جي هن پار آباد هو. سندس شڪل صورت ذري گهٽ همچورس آهي. اتر ڪان ڏکڻ ڏيگهہ چار هزار پنج سو فوٽ
اوڀر ڪان اولهہ منڊو ٽي هزار فوٽ
آهي . ان ڪري سندس گهيرو پندرهن هزار ٽي سو فوٽ آهي، جيڪو ذري گهٽ ٽي ميل ڪن ٿيندو. ڏکڻ پاسي ڪان لنڊي واهي اٿس هن جي اڏاوت سرڪپ قلعي جهڙي آهي. قلعي جون ڀتيون پٿر جون آهن، جن کي ٻاهرئين پاسي کان گهڙي لسو ڪيو ويو آهي. ڀتين جي ٿولهہ ارڙهن فوٽ آهي ۽ هڪ سو ويهن فوٽن جي وٿيءَ تي همچورس چبوترا جوڙيل آهن. هنن چبوترن کي ڏاڍي ڏيان سان جوڙيو ويو آهي. سندن بنيلون وارا بار ٻاهرئين پاسي کان لهنوارا آهن. اهي اهڙيءَ خبرداريءَ سان تيار ڪيا ويا آهن جو سندن لهنوارو پاسو ڏاڍو لسو ۽ ترڪٽو آهي. ڏکڻ - اوڀر ڪنڊ تي ناهيل چبوترو مٿاهين پاسي تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو اندرئين پاسي واري مٿاڇري کان ڏهہ فوٽ ۽ هيٺئين پاسي کان پنجويهہ فوٽ اوچو ۽ واهي جي ڪناري مٿان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اولهہ واري چيڙي ڏانهن پٿر نڪتل آهن، جيڪي اندرئين پاسي کان ٻہ يا ٽي فوٽ مس مٿي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اوڀر ۽ اولهہ واري پاسي کان قلعي جي ڀتين جا اڌ سلامت آهن. اتر واري ٻانهين ٻنهي ڪنڊن وٽ، ڪن دڙن کان سواءِ، ڊهي ناس ٿي وئي آهي. قلعي اندر ٽي ڳوٺ، مير پور ، ٽپڪيا Tupkia ۽ پنڊ آهن. پرسان ئي پنڊورا نالي ترڙ جو هڪ دڙو آهي، جنهن جي ويڪر ڇهہ سو فوٽ همچورس ٿيندي. پنڊورا جي ڏکڻ پاسي لڳو لڳ هڪ ننڍو دڙو آهي جنهن تي مسلمانن جي ڪنهن بزرگ جي خانقاه آهي. هيءَ خانقاه همچورس پٿرن مان جوڙيل آهي، جنهن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ اها ٻڌ ڌرم جي ڪا استوپا يا ٽوپ آهي. ٽپڪيا ڳوٺ تي ٻہ ٽي سگهي ٿو تہ ٽوپ جي ڪري اهو نالو پيو هجي. پنڊورا جي وڏي دڙي جي روپ مان وسهي سگهجي ٿو تہ اها پنهنجي دور جي ڪا وڏي مهايانا هوندي. مون ٻہ وڏا پٿر لڌا آهن جن ۾ ناهيل ناليءَ وسيلي مينهن جو پاڻي، اڱڻ جي چوڏاري ڏنل ڀتين کان ٻاهر نيڪال ٿيندو هو. اولهہ پاسي اٽڪل اڌ ميل جي پنڌ تي مٽيءَ جي دڙن جي هڪ قطار آهي، جيڪا ڏکڻ کان سر اتر وڃي ٿي، جنهن جي

(Khatar) ۾ پنهنجي وانڊ هڻئي هئي. سندس بيان آهي تہ مذڪوره ڳوٺ ان ماترئيءَ جي منهن وٽ ۽ ٽڪرين جي ڪڇ ۾ هو (١٨٦). سندس بيان اسٽربئو ۽ پليني سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. جن ٻڌايو آهي تہ ٽيڪسيلا ميداني علائقي جي ان ٿاڪ وٽ آهي جتي جابلو علائقو اچي ڪٽي ٿو. عثمان ڪٽر بابت برنس جو ذڪر هن ريت ملندو تہ هتان جي وين ۽ ولهارن ڪي جبل جي جهرڻن جو صاف شفاف ۽ منو پاڻي ملندو آهي. سندس بيان جو پهريون پاڱو صحيح آهي. پر پوئين پاڱي ۾ ڏني وائڻي غلطي ڪري ويو آهي. چاڪاڻ تہ اهي ڪڙيا ۽ ڪسيون هاروندي‍ءَ مان ڪوٽي ڪڍيون وينديون آهن. هن قديم شهر جي ترڙ جي ٻہ ميل کن ڏاکڻين پاسي ڪيتيءَ جي پيچ ”لندي“ واهي مان ڪڙ يا ڪسيون ڪوٽي ڪئي ويندي آهي. پر پاڻيءَ جو وڏو حصو هارو نديءَ مان حاصل ڪيو ويندو آهي. حقيقت اها آهي تہ هن علائقي ۾ ڪيتيءَ جو سارو دارومدار هاروندي‍ءَ جي پاڻيءَ تي آهي.

شين سئنگ جو بيان آهي تہ ٽيڪسيلا جو گهيرو ٻہ هزار لي يا ٽي سو ٽيتيهہ ميل آهي. اولهہ کان سنڌو، اتر کان اراسا (Urasa) جو علائقو، اوير ڪان ٻهاٽ يا جهلم ۽ ڏکڻ ۾ سناپور اتس. سناپور علائقي جي راجڌاني نمڪ سر جي جابلو علائقي ۾ واقع هئي. ڏکڻ - اولهہ پاسي کان ٽيڪسيلا علائقي جي حد ڪيتاس (Ketas) پرسان سوهان (Suhan) نديءَ تائين پکڙيل هئي. ڏکڻ - اوير کان بڪرالا (Bakrala) ٽڪرين جو سلسلو اتس. جيڪڏهن اسان گهٽ وڌ اهي حدون قبول ڪريون تہ سنڌوءَ وارو پاسو اسي ميل، جهلم وارو پنجاهہ ميل، اتريون سٽ ۽ ڏکڻيون هڪ سو ويهہ ميل ٿيندو. جوڙ ڪبو تہ گهيرو وڃي ٽي سو ڏهہ ٿيندو، جيڪو شين سئنگ جي ڏنل ماپ جيترو آهي.

## ماڻيڪيالا (Mankyala)

ماڻيڪيالا جي اسٽوپا بابت اسا ڪي پهريون پيرو احوال ايلفن اسٽون جي سفر نامي معرفت مليو (١٨٧). ان کان پوءِ جنرل وينچور (Ventura) ۽ جنرل ڪورٽ انهن پراڻن پڊن جي کوٽائي ۽ کوجنا ڪئي. راجا ”ماڻ“ جو اصلي نالو راجا ماڻڪ (١٨٨) (Manik) آهي، جنهن

لاءِ چيو ويندو آهي ته هن مذڪوره اسٽوپا تعمير ڪرائي هئي. مان سمجهان ٿو ته هيءَ روايت سچي آهي. مان علائقي جي گورنر جيهونيا Jihoniya يا زيونيسس Zeionises پٽ مانيگل Manigal جو سڪو ۽ ان سان لاڳاپيل تبرڪ. شهر جي اوير پاسي هڪ ٽوپ مان لڌا هئا. قديم شهر کي ماڻڪ پور يا ماڻڪ نگر سڏيو وڃي ٿو. هن جوءِ سان هڪ ڏند ڪٿا مشهور آهي ته راسلو Rasalu نالي هڪ ماڻهو هو جنهن هتان جي رهواسين کي سرڪپ نالي راڪاس ۽ سندس ڪنورپا کان ڇوٽڪاريو ڏياريو هو.

چيني ياترين مان ڪنهن به ماڻڪيالا جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي، پر هن ماڳ جي جاءِ وقوع جو بيان ضرور ڪيو اٿن. فاهيان جو بيان آهي ته ٽيڪسيلا کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي اوير ۾ هڪ اهڙو ماڳ آهي، جتي مهاتما ٻڌ پنهنجو سر بکايل چيتي کي ڏنو هو. (١٨٩). پر سنگ - يون هن ماڳ کي گنڌارا جي راڄڌاني کان اٺن ڏينهن جي پنڌ تي ڏکڻ - اوير طرف (١٩٠) ٻڌائي ٿو، جيڪو پشاور يا هشت نگر کان ماڻيڪيالا جو صحيح طرف فاصلو ۽ جاءِ وقوع آهي. شين سئنگ ٻڌ جي هن ڏڙ ڏان Brryo-ffering واري ٿاڪ کي ٽيڪسيلا کان ڏکڻ - اوير ۾ سو لي يا ڇوٽيهه ميل ٻڌائي ٿو (١٩١).اهو شاه ڍيري کان ملاٽيڪيالا تائين صحيح فاصلو آهي. پر سندس هيءُ بيان ته هو اوڏانهن ويندي سن - تو يا سنڌو اڪريو هو، سو غلط آهي. هو ضرور سوهان ندي اڪريو هوندو، جيڪا ٻنهي ماڳن جي وچان وهندي آهي (١٩٢).

مان ان ڏڙ ڏان Brryo-ffering واري وڏي اسٽوپا کي اهو ماڳ سمجهان ٿو، جنهن جي ڪورٽ ڪوٽائي ڪري ڪوجنا ڪئي هئي.(١٩٣) ان اڏاوت جي اندران هڪ لکت ملي هئي، جنهن مطابق هي اسٽوپا هند - سٿين گهراڻي جي مشهور راجا ڪنشڪ پنهنجي حڪومت جي ويهين سال تعمير ڪرائي هئي. اها عيسوي سن جي اڳياڙي هئي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ماڻيڪيالا جو ماڳ پراڻو ۽ پنجاب جو مشهور معروف شهر هو. منهنجو خيال آهي ته هيءُ ٿاڪ وڏي شهر هجڻ کان وڌيڪ اسٽوپائن ۽ مهايانائن جو به ماڳ هوندو.

آهي تنهن جو پتو ڪونہ ٿو پوي، پر ان حقيقت جي پنيرائي هن ڳالهہ مان بہ ٿئي ٿي تہ سيني ڪريل جڳهن مان چار ۽ ڪوئلو مليو آهي. جنرل ڪورٽ جي کوٽائي ڪيل ٽوپ جي اتر پاسي وڏي مهايانا دڦل جڳهہ جي کوٽائي ڪري ڏٺم تہ معلوم ٿيو تہ واقعي اها حقيقت هئي. مان ڏٺو تہ ڪتب آندل ڳچ گارو باه جي ڪري ڪارو ٿي ويو هو ۽ پٿر سڙي ويو هو. جنتر جو ڪاٺ سڙي وڃڻ ڪان پوءِ چڱيءَ ريت سجاپرو هو. بدقسمتي جي ڳالهہ اها آهي تہ مان تحقيق دوران اهڙي ڪابہ شي نہ لڌي جنهن مان دور جو تعين ڪري سگهجي تہ کهڙي زماني ۾ هن وسنديءَ کي باهہ ساڙي رک ڪري ڇڏيو. پر تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن علائقي کي شين سئنگ جي اچڻ کان اڳ ڪشمير جي راجائن فتح ڪيو هو. تنهن ڪري امڪان اهو آهي تہ هيءُ ماڳ مسلمانن جي تعصّب جي ور چڙهڻ کان اڳ برهمڻن جي ساڙ ۽ ڪيني جو بک ٿي ويو هجي.

## سنگهاپور يا ڪيتاس Ketas

شين سئنگ جي بيان موجب سينگ - هو - پو - لو Seng - ho - pu - lo يا سنگهاپور ٽيڪسيلا کان ست سو لي يا هڪ سو سترهن ميل ڏکڻ - اوڀر طرف هو. پارن پٽن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو ماڳ سنگوهي آهي، جيڪو جهلم جي ڪنڌيءَ سان آباد آهي. ايم - ووين ڊي سئنٽ مارٽن امڪان ڏيکاريو آهي تہ اهو سنگهاپور آهي. پر سنگوهي هڪ ميداني علائقي ۾ موجود آهي جڏهن تہ چيني ياتري جو هن شهر لاءِ بيان آهي تہ اهو ٽڪريءَ تي مٿي اڏيل هو،جتي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. پرسان صاف ۽ شفاف پاڻيءَ جا ڏهہ تلاءَ ۽ چوڌاري مندر ۽ ڏيوريون آهن، جنهن مان پتوپوي ٿو تہ اهي ڪيٽاش يا ڪيتاس جي پوتر جل جا تلاءَ آهن. سڄي هندستان مان ياتري کهي اچي هنن ماڳن جي ياترا ڪندا آهن. مان سمجهان ٿو تہ ڪيتاس لفظ سنسڪرت جي سوي تاواسا Swetavasa لفظ کان ٿورو مختلف آهي جنهن جي معنيٰ سفيد ويس White robe آهي. شين سئنگ ڌرم جي اهڙي فرقي جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو سنگها پرسان رهندو ۽ سفيد ويس

آهي تہ اهو شهر متي ٽڪريءَ تي هو ۽ اتي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. آب هوا ٿڌي هوندي هئي. هن بيان مان اسان کي پڪ ٿئي ٿي تہ هي شهر نمک سر جبل جي ڏکڻ، ڏکڻ - اوڀر واري ڪنهن اتاهين چوٽيءَ تي يا بال ناٿ جي جابلو سلسلي جي اوڀر، ڏکڻ - اوڀر واري ڪنهن چوٽيءَ تي واقع هوندو (١٩٦). پر بال ناٿ سلسلي جي جابلو علائقي جي ڪنهن ٽڪريءَ تي صاف ۽ شفاف پاڻيءَ جا تلاءُ موجود ڪونہ آهن جن ۾ ميڇي بہ هجي. ان ڪري شين سئنگ جي تلائن واري بيان کي نظر ۾ رکي، هن جاءِ کي سڃاڻڻ ۾ ماڻهو منجهي پوي ٿو. ڇاڪاڻ تہ انهن تلائن کي قديم زماني کان وٺي پوتر سمجهيو ويندو هو.

سنگهاپور علائقي جي راڄڌاني لاءِ چيو ويندو آهي تہ انهن پوتر تلائن کان چاليهہ يا پنجاهہ لي يا ست اٺ ميل اتر - اولهہ طرف واقع هئي. فاصلي ۽ ان جي جاءِ وقوع سان هڪ جهڙائي رکندڙ اهڙو ماڳ مون کي نظر ڪونہ آيو آهي، جنهن کي هن علائقي جي گادي سمجهي سگهجي. قديم زماني ۾ جنجوها (Janjhas) جي گاديءَ جو هنڌ مالوٽ (Malot) هوندو هو. پر ان جي جاءِ وقوع ڏکڻ - اوڀر طرف آهي ۽ فاصلو بہ ٻارنهن ميل اٿس. پر جيڪڏهن اسان چاليهہ پنجاهہ لي بدران چار يا پنج لي پڙهون تہ پوءِ اها راڄڌاني واري جاءِ، ڪوٽيرا (Kotera) جا ٿرڙ ٿي سگهي ٿي، جيڪي اولهہ پار ہہ سو فوٽ اتاهين ٽڪري تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ مذڪوره ٽڪري چڙهڻ ۾ ايڪيري ۽ ڏکي بہ آهي، جيڪا شهر ۽ مذڪوره تلائن مٿان اوچو ڳاٽ ڪيو بيٺي آهي. چيو ويندو آهي تہ هيءُ هڪ قديم شهر آهي. قلعو متي ٽڪريءَ تي بہ اڏيل آهي، جنهن جي ايراضي ٽيرنهن سو فوٽ ڊگهي ۽ ٽي سو فوٽ ويڪري آهي. هيٺ بہ قلعو اٿس، جنهن جي ڊيگهہ اٺ سو فوٽ ۽ ويڪر ساڍا چار سو فوٽ آهي. ٻنهي قلعن جو ڪل گهيرو ساڍا ٽي هزار فوٽ آهي، جيڪو مني ميل کان ڪجهہ گهٽ ٿيندو. پر ڪيٽاس جو، موجوده دور جي شهر سميت (جيڪو درياءَ جي ٻنهي ڪنڌئين آباد آهي) ڪل گهيرو بہ ميل ٿيندو. اهو شين سئنگ جي ٻڌايل گهيري کان گهٽ آهي، جيڪو سندس بيان موجب چوڏهن پندرنهن لي يعني اڍائي ميل هجڻ کپي. گهيري جي اختلاف کان سواءِ ٻين سيني ڳالهين ۾ سندس بيان

وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. تسيڪيا Tsekia يا تاڪي Taki جي ڊنگ لاءِ به چيو ويندو آهي ته سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تائين پکڙيل هو. سنگهاپور جون حدون جيڪي مون ٻڌايون آهن، انهن کي جيڪڏهن ڪجهه اڳتي سرڪائبو ته ائين ممڪن ٿي ڪونه ٿي سگهندو.

## پونچا Puncha يا پونڇ

شين سئنگ جو بيان آهي ته پونڇا جو ماڳ ڪشمير کان ست سو لي يا هڪ سو سترهن ميل پري ڏکڻ طرف واقع هو (١٩٨). ڪشميري هن لفظ کي پنٽس Punats ڪري اچاريندا آهن ۽ چ ch جي اچار کي نرم ڪري س جي اچار ۾ بدلائي ڇڏيوا آهي. پنجابي پنچال کي پيرپنتسال Pir Pantsal سڏيندا آهن. مور ڪرافت (١٩٩) Moor croft هن کي پرونڇ Prunch يا پرونز pruntz ڪري اچاري ٿو. ڪشميري به هن کي ساڳي آواز سان اچاريندا آهن. جنرل ڪورٽ به هن لفظ کي پرونڇ اچاريو آهي. ولفورڊ جو سروير مغل بيگ مرزا هن لفظ کي پونجي Punje ۽ وائين Vigne پونڇ اچاري ٿو. هن ٻنهي ڄڻن پاڻ ڏوري وڃي هي شهر ڏٺو هو. نقشن وسيلي، ڪشمير کان بارا مولا ۽ اري Uri رستي هن ماڳ تائين فاصلو پنجهتر ميل ٿئي ٿو، جيڪو رستي جي حقيقي فاصلي مطابق وڃي هڪ سو ميل بيهي ٿو (٢٠٠).

شين سئنگ جو بيان آهي ته پونڇ جي علائقي جو گهيرو ٻه هزار لي يا ٽي سو ٽيٽيهه ميل آهي. جيڪو سندس حقيقي گهيري کان ٻيڻو وڌيڪ آهي. اولهه کان جهلم، اتر پار کان پير پنچال وارو جابلو سلسلو، اوير ۽ ڏکڻ - اوير کان راجوڙيءَ جو ننڍڙو ملڪ آهي. هن علائقي جو گهيرو جنهن ۾ ڪوٽلي Kotali واري جوءِ به شامل آهي، ڪل هڪ سو ستر ميل آهي. جيڪڏهن اهو علائقو به هن ۾ شامل ڪيو وڃي، جتان پونڇ نديءَ جو منهن آهي ته به سندس گهيرو ٻن سون ميلن کان ڪونه وڌندو. پر هڪ ڳالهه جو ڌيان رکڻ ضروري آهي ته جابلو علائقي جي ماپ رستن وسيلي ڪئي ويندي آهي. تنهن ڪري هن علائقي جو رستي سان ڪٿيل گهيرو ٽي سو ميل ٿي سگهي ٿو.

ستينءَ صديءَ دوران پونڇ تي ڪنهن به راجا جي حڪمراني

ڪانہ هئي، پر ڪشمير جو ڏن پيرو هو. پوئين دور ۾ هن ڪي پنهنجو راج هو. بعد ۾ جموںءَ جي گلاب سنگهہ مذڪوره حڪمران جي پوئينرن شيرخان Shir Khan ۽ شمس خان کي قتل ڪري هن ننڍڙي علائقي کي ڪمشير سان ملائي ڇڏيو.

## راجاپور يا راجوڙي

شين سئنگ پونڇ مان اسهيو ۽ ڏکڻ - اوير ڏس تي چار سو لي يا ستهٺ ميل پنڌ هليَ، ڪو - لو - شي - پو - لو Ko-Lo-She-Pu-Lo يا راجاپور (٢٠١) پهتو، جنهن کي ڪجهہ وقت ٿيندو جو مان راجوڙي جي روپ ۾ سڃاتو اٿم، جيڪو ڪشمير کان ڏکڻ ڏس تي واقع آهي. بيان موجب ان جو گهيرو چار هزار لي يا ڇهہ سو ستهٺ ميل آهي، هي انگ اکر حقيقت کان ٻيٽا آهن. پر اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ ڪانہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن راويءَ جي ڪنارن تائين جابلو علائقي کي هن ۾ شامل ڪبو تہ گهيرو وڃي ذري گهٽ ساڳيو رهندو. اسان کي ڪشمير جي ڊيهي تاريخ مان پتو پوي ٿو تہ هن ماترِيءَ جي ڏکڻ ۽ ڏکڻ - اوير واريون ننڍڙيون رياستون ڪشمير جون ڏن پرو هيون. اهڙو ڪو سبب نہ آهي جو سمجهي سگهجي تہ شين سئنگ جي زماني ۾ اهي آزاد ملڪ هئا.

راجوڙيءَ جو اصل علائقو هم چورس آهي. سندس هر پاسو چاليهہ ميل آهي. اتر کان پيرپنچال اولهہ کان پونڇ، ڏکڻ کان ڀمبر Bimbar ۽ اوير کان رهاسي Rehasi ۽ اکنور (٢٠٢) آهن. پر جيڪڏهن هن جي دنگ کي اوير پاسي کان چناب تائين ۽ ڏکڻ پار کان ميداني علائقي تائين وڌائبو تہ مذڪوره ننڍڙيون رياستون هن ۾ شامل ٿي وينديون. ان هوندي بہ سندس گهيرو ٻہ سو چاليهہ ميل ٿيندو ۽ رستي سان وڌي وڃي ٽي سو ويهہ ميل ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪشمير جي ڏن پرو هن جابلو رياستن جي سرحد اوير طرف راويءَ تائين وڌائبي تہ نقشي تي گهيري جو فاصلو چار سو ويهہ ميل ۽ رستي سان پنج سو سٺ ميل ٿيندو.

ڪشمير جي وچين دور وارين تاريخن ۾ راجوڙي جو ذڪر

گهٽو ملي ٿو. پر ٻارهين ۽ ٻارهين صديءَ ۾ جڏهن هو هڪ آزاد ملڪ هو ۽ هتان جي ڏيهي راجائن جو راڄ هو ته سندس ذڪر رهندو به وڌيڪ ملي ٿو. پندرهين صديءَ ۾ ڪشمير جو حڪمران مسلمان هو، جنهن هتان جي هندو راجائن جو خاتمو ڪيو. ڪشمير جي راجا گلاب سنگهه وري سندس پونئرن جو خاتمو آندو. هو سن ١٨٤٦ع ۾ انگريز حڪومت سان ڪانگڙا ۽ راجوڙيءَ جي متاسنا ڪري ڏاڍو خوش ٿيو.

## پنجاب جا جابلو علائقا

چيني ياتري پنجاب جا جابلو علائقا ڪجهه گهمي ڏٺا هئا. انهن بابت مون به پنهنجي طرفان معلومات جي ميڙا چونڊي ڪئي آهي، جنهن جو تت ڏيڻ چاهيان ٿو:

عام خيال اهو آهي ته پنجاب جي جابلو علائقي ۾ ٻاويهه مسلمان ۽ ٻاويهه هندو سرداريون آهن. مسلمان سرداريون چناب کان اولهه ۽ هندو سرداريون چناب کان اوير ۾ واقع آهن. هنن کي پراڻي دور ۾ ٽن گروهن ۾ ورهايو ويو هو. انهن مان هر هڪ ملڪ ان راجا جي نالي مشهور هوندو هو، جنهن جا ننڍڙا ملڪ ڏن ڀرو هوندا هئا، جيڪي ڪشمير، ڊوگرا ۽ تريگارتا (Trigartta) هئا. پهريون ملڪ ڪشمير جي ماتري تي مشتمل هو، جنهن ۾ سنڌوءَ کان جهلم تائين موجود ننڍڙيون ڏن ڀرو رياستون به شامل هيون. ٻئي ملڪ کي جمون سڏيو ويندو هو. ان ۾ جهلم کان راوي تائين ننڍڙيون رياستون شامل هيون. ٽيون جلنڌر جو ملڪ هو، جنهن ۾ راويءَ کان ستلج تائين موجود ننڍڙيون رياستون شامل هيون.

ٿنهي ملڪن جي صورتحال ستين صديءَ کان اڳ ائين هئي جهڙيءَ ريت مٿي بيان ڪئي وئي آهي. چاڪاڻ ته ان زماني ۾ راوي کان اوير پار واريون رياستون ڪشمير کان الڳ ۽ آزاد هيون. پونڇ، اراسا ۽ راجوڙي جو ذڪر به اهڙي طريقي سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جهڙوڪر اهي ڪي آزاد ملڪ هجن ۽ ڪشمير جي ماتحت هجڻ کان اڳ ۾ سندن پنهنجا راجا هئا. تريگارتا ملڪ جو ڪشمير جي تاريخن ۾ ذڪر ائين ڪيو ويو آهي، ڄڻ ته اهو هڪ آزاد ملڪ هو. هن

علائقي جي تاريخي بيانن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ جلنڌر جي جابلو علائقن جا ننڍڙا حڪمران هڪ گهراڻي سان تعلق رکن ٿا.

هيٺ هڪ پنوتري ڏجي ٿي، جنهن ۾ ڪشمير يا پنجاب جي الهندي جابلو علائقي جي نالن ۽ ان جي ماتحت علائقن جو وچور ڏنو ويو آهي:

ڪاڪابامبس (Khaka Bambus)
(١) ڪشمير
(٢) جهلم جي ڪناري سان گنگال (Gingal)
(٣) مظفر آباد
(۴) ڪنهار ندي جي ڪناري سان ڪاغان
(۵) ڳڙهي

افغان
(٦) پاڪلي ندي جي ڪناري سان راش (Rash)
(٧) دور (Dor) نديءَ جي ڪناري سان ڏانتاوار
(٨) گند ڳڙهہ (Gand garh)
(٩) سنڌوءَ جي ڪناري سان دار بند (Dar band)
(١٠) توربيلا (Torbela)

گکر (Gakars)
(١١) جهلم پرسان - ڦاڙ والا (Pharwala)
(١٢) جهلم جي ڪناري سان سلطان پور
(١٣) هارو نديءَ تي خانپور

ڪاڪا بامبا جو راجا 'بارا مولا' کان هيٺ جهلم جي ماٿري ۽ ڪشمير کان اتر- اولهہ طرف ڪنهار نديءَ جي سڄي ماٿريءَ جو حڪمران هو. هتان جا رهاڪو سڀ مسلمان آهن ۽ گهڻو انهن مسلمانن جي نسل مان آهن، جيڪي قديم زماني ۾ افغان حملي آورن سان گڏ آيا هئا ۽ هتي رهجي ويا هئا.

افغان سردار پاکلي ۽ دور (Dor) نديءَ جي ماٿرين وارن ايراضين جا حڪمران آهن، جيڪي ڪشمير جي ڏکڻ - اولهه پاسي واقع آهن. اهي سيئي مسلمان آهن. سنڌن آبادڪاري ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. ابوالفضل جو بيان آهي تہ اڪبر جي دور کان اڳ پاڪلي جو راجا ڪشمير جو ڏن ڀرو هو. هو وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ تيمور پنهنجي فوج جو ٿورو حصو هن علائقي ۾ رهايو هو، جن جو اولاد هن علائقي (٢٠٣) ۾ رهي ٿو. گکر نسل جا سردار، جهلم جي ماٿري ۽ هارو نديءَ جي مٿئين پاسي جا حڪمران آهن، جيڪو ڪشمير کان ڏکڻ - اولهہ پاسي واقع آهي. اهي بہ سڀ مسلمان آهن. اهي تازي دور ۾ هندن مان مسلمان ٿيا آهن. تيمور جي دور ٿائين سنڌن نالا هندن وارا هوندا هئا. هنن گهڻي زماني کان وٺي هنن علائقن تي قبضو ڪيو آهي. هي آريانہ پر تُوراني نسل سان واسطو رکن ٿا. منجهن اهو رواج آهي تہ گکر، گکر ذات مان سڱ وٺندو ۽ ڏيندو آهي. هي رسم هندن جي مذهب خلاف ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ اها رسم منع ڪيل آهي تہ ڪوبہ پنهنجي قبيلي مان شادي ڪري نہ ٿو سگهي. هنن ايرندي دوآبي جا گهڻا ڀاڱا پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ڇڏيا آهن. جهڙوڪ: گجر خان پرسان گليانا (Guliana) ۽ بال ناٿ جبل جي وٽ وارو بگيال (Bugial) واري جوءِ وغيره. ستين صديءَ ۾ جڏهن شين سئنگ هتي آيو هو، تہ اهي علائقا ڪشمير جي جابلو ايراضي سان لاڳاپيل ڪونہ هئا. توڙي جو اهي ڪشمير جا ڏن ڀرو هئا. هيٺ پنوتري ڏجي ٿي، جنهن مان واضح ٿيندو تہ ڪهڙيون رياستون وچ ڇمون يا پنجاب جي جابلو علائقي ۾ شامل هيون:

هندو

(١) ڇمون چناب کان ايرندي پاسي
(٢) ڀائو (Bhao)

(٣) چناب جي ڪناري سان رهاسي
(٤) اڪنور (Aknor)

(٥) پونڇ ندي جي ڪناري سان پونڇ
(٦) توهي نديءَ جي ڪناري سان راجوڙي
(٧) پونڇ نديءَ جي ڪناري سان ڪوٽلي
(٨) ٽڪرين جي ڪڇ ۾ ڀمبر
(٩) ڀمبر پرسان ڪاريالي Khariali
(١٠) چناب جي مٿئين پاڱي سان ڪشت وار Kashtwar
(١١) ڪشتوار کان ڏکڻ طرف پدر وار

هنلو

(١٢) پدر وار کان اولهه طرف چانني Chaneni
(١٣) چانني کان ڏکڻ پاسي بندرالتا Bandralta
(١٤) بندرالتا کان ڏکڻ - اولهه ساما Samba

هنلو

(١٥) بندرالتا جي ڏکڻ جسورتا
(١٦) جسورتا پرسان تيري ڪوٽ Tiri kot
(١٧) بندرالتا جي ڏکڻ مانڪوٽ Mankot
(١٨) بادوال Badwal يا وادي واسا Vaddiwasa
(١٩) بلاوار Ballawar يا بسو هلي Bisohli

جمون ۾ پائو جي شهرن جو بنياد ٻن پائرن رکيو هو، جيڪي توهي نديءَ جي ڪنارن سان هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آباد آهن. مذڪوره ندي پاٽيءَ جو هڪ ننڍڙو وهڪرو آهي، جيڪو ٽڪرين جي ڪڇ ۾، چناب سان وڃي ملندو آهي. مسلمانن جي تاريخ ۾ جمونءَ جو ذڪر تمام گهٽو ملي ٿو. اهو تڏهن کان وٺي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جڏهن تيمور هتان جي راجا کي زوريءَ مسلمان ڪيو هو. ان راجا جو اولاد اڳين صديءَ تائين هتي جو حڪمران رهيو. رنجيت سنگهه جي دربار جا تي مکيه راجوڙا، گلاب سنگهه، ڌيان سنگهه ۽ سچيت سنگهه ان گهراڻي سان تعلق رکن ٿا. هاڻي گلاب سنگهه جو پٽ ڪشمير جو راجا آهي. ان سان گڏ پنجاب جي وچ ۾ اولهه وارا جابلو علائقا به هن جي ماتحت آهن.

رهاسي اکنور جا سردار بہ جمون واري شاهي گهراڻي سان تعلق رکن ٿا ۽ ان حکمران جا ڏن ڀرو هئا. پونچ ڪڏهن ڪڏهن آزاد بہ رهي آهي. پر جيئن تہ اها رياست ڪشمير جي پرسان آهي، ان ڪري سندس آزاد حيثيت پنهنجي پاڙيسري سگهاري ملڪ جي رحم ڪرم تي رهي آهي. راجوڙي ۽ ڪوٽلي ڪشمير جي شاهي گهراڻي جي ڦريءَ مان ٻن خاندانن جي هٿ هيٺ رهي آهي ۽ اهي قديم دور کان وٺي سندن ڏن ڀرو رهنديون پئي آيون. وچين دور ۾ جڏهن هتان جا حکمران هندو هئا تہ ڪوٽلي پونچ جو حصو هئي. ڇاڪاڻ تہ اها پونچ جي ماٿريءَ جو هڪ ڀاڱو آهي. ڀمبر ۽ ڪاريالي ڇڀ يا ڇڀان جو حصو آهن ۽ اهي ڪانگڙا ۽ جلنڌر جي سومرُ وسني راجائن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهيون آهن. پراڻي دور ۾ ڀمبر جو نالو ايڏو مشهور ڪونہ هو. پر ان جي جاءِ تي ڇڀان Chibhan گهٽو ڄاتو سڃاتو ويندو هو. شريف الدين جي تاريخ تيموريءَ ۾ هن کي جڀال Jibhal ڪري لکيو ويو آهي. فرشتہ جي بيان موجب ڀمبر جي راجا هائونس Howns وارو (٢٠٤) شاهي گهراڻو ١٤٨٦ء ڌاران مسلمان ٿيو هو. پر هتان جا گهڻا هندو سردار مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بہ پنهنجا هندڪا نالا رکندا هئا. اهو نہ سمجهيو وڃي تہ سندن نالا ساڳيا هندن وارا هئا تنهن ڪري اهي مسلمان ڪونہ هئا. ڪشتوار ۽ ڀدوار، ڪشمير کان ڏکڻ - اوڀر طرف چناب جي مٿئين حصي ۾ سندس ٻنهي ڪنڌين سان آمهون سامهون آباد ۽ ڪشمير جا ڏن ڀرو هئا. اهڙيءَ ريت وچ واري حصي جي نون سردارن وٽ ٽيرهن ننڍڙيون رياستون هيون. انهن مان مسلمانن جون ٻاويهہ رياستون جڙيون. عام طور تي هن علائقي کي پنجاب جي جابلو علائقي جوالاهيون اڌ ڇيو ويندو هو. باقي انهن رياستن جي سردارن يا حڪمرانن بابت مون کي ڄاڻ ڪانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن مان گهڻا سک شاهي جي دور جي اڳياڙي ۾ ختم ٿي ڪشمير جو حصو بڻجي ويا هئا. جسروٽا Jasrota جابلو علائقي جي ٻاهرئين پاسي جو حڪمران هو. ڪنهن زماني ۾ هن جي رياست جي چڱي خاصي اهميت هوندي هئي. اتان جا سردار پنجاب جي جابلو علائقي جي راجپوتن سان سڱاونديون ڪندا رهندا هئا. پر مون کي هن جو ذڪر ڪنهن بہ تاريخ

۾ ڪونہ مليو آهي. ڪنهن زماني بالاوار (Ballawar) ۽ بدوال هڪ راجا ڪالاسا پٽ تڪا (Tukka) جي حڪمرانيءَ هيٺ رهيون. سندس ذڪر راجا ترنجيني (٢٠۵) (Tarangini) واري باب ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن کي والاپور (Valla pur) جو حڪمران بہ چيو ويندو آهي. سندس نالو راجائن جي پنهي گهراڻن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪي ١٠٢٨ع کان ١٨١٠ع تائين راڄ ڪندا نظر اچن ٿا. اها بہ حقيقت آهي تہ وادي واسا (Vaddi Vasa) جو ذڪر بہ ساڳئي تاريخ ۾ هڪ الڳ علائقي جي حيثيت ۾ ڏسڻ ۾ ايندو (٢٠٦) پر ان جي حڪمران جو نالو نظر ڪونہ ايندو. هن مان اندازو ٿئي ٿو تہ والاپور رياست جو حصو هوندو. شجرن جي ٻن فهرستن جي نالن کي پيٺائي ڏسجي ٿو تہ ڪالاسا کان هيٺ گهٽو فرق نظر اچي ٿو. جنهن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ هن جي مرتئي کان پوءِ سندس رياست بہ ختم ٿي وئي هوندي. پڪ اها بہ ٿئي ٿي تہ اها رياست ڪشمير جي سياست ۾ گڏمس ٿي وئي آهي. جهڙيءَ ريت پر واري رياست چئوبا (Chauba) جي حڪمران کي ڪشمير جي راجا آنتا (Anata) قتل ڪري سندس ملڪ کي ڪشمير سان ملائي ڇڏيو هو. انهن حالتن کي نظر ۾ رکي مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ هن رياست کي بہ ساڳي دور ۾ ڪشمير سان ملايو ويو هوندو.

اها ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي تہ وچين علائقي جي جن حڪمرانن جو شجرو مون کي هٿ آيو آهي، تن جي نڪ بمبر جي راجا کان سواءِ وچي سورج ونسي راجائن سان ملي ٿي. جمون، جسروٽ ۽ بالاوار ۽ ٻين ننڍين اهن رياستن جي حڪمرانن جي نڪ وچي سورج سان ملي ٿي. پر وارا راجپوت حڪمران سندن اها دعويٰ مڃيندا آهن.

هيٺ ڏنل پنوتريءَ ۾ رياستن جا نالا ۽ سندن جاءِ وقوع پيش ڪيو ويو آهي. جيڪي پنجاب جي اوپارئين پاڱي يا جلنڌر واري حصي ۾ موجود هيون.

سوم ونسي

(١) ڪانگڙا يا ڪاٽوچ (Katoch)
(٢) ڪانگر ڏکڻ اولهہ گلر (Guler)
(٣) جسوال

(٤) ڏاترپور Datar Pur جيڪا بياس جي هيٺئين پاسي واقع هئي.
(٥) سيبا Siba

## سورج ونسي

(٦) راجي جي ڪناري سان واقع - چمبا
(٧) بياس جي مٿئين پاڱي سان واقع ڪلو Kullu

## پانڊيا

(٨) بيانس جي وچ واري پاڱي سان آباد - مندي Mandi
(٩) مندي کان ڏکڻ پار سڪيت Sukhet

(١٠) راوي ۽ بياس جي وچ تي نورپور
(١١) نورپور کان اوپر پار ڪوٽلا Kotila
(١٢) ڪوٽليهار Kotlehar

مٿي بيان ڪيل ٻارهن رياستن مان پنجن کان وڌيڪ اهڙيون رياستون بہ آهن جيڪي جلنڌر جهڙي شاهوڪار ملڪ جي محالن جيتريون مس وڏيون آهن، جيڪي هن علائقي جي جابلو ايراضيءَ ۾ وکوڙيل آهن. بياس ۽ ستلج وارو دوآبو مذڪوره رياستن تي مشتمل آهي. راوي کان وٺي ڍولاڍار Doaladhar جبل جي ڏکڻ تائين ۽ سڪيت ۽ مندي جي ڏنگ وارو حصو بہ هنن ۾ شامل سمجهڻ گهرجي. نورپور، ڪوٽلا، ڪوٽليهار، مندي، سڪيت واريون ايراضيون ڪنهن زماني ۾ هڪ راجا جي راڄ ۾ هونديون هيون. ڪنهن زماني ۾ پنجاب جي اوپر جابلو علائقي ۾ چار رياستون، جهڙوڪ: جلنڌر، چمبا، ڪلو ۽ مندي هونديون هيون.

## جلنڌرا

جڏهن هن علائقي ۾ مسلمان اچي آباد ٿيا تہ جلنڌرا جي قديم حڪمراني سوڙهي ٿي وڃي جابلو علائقي تائين محدود ٿي، جنهن کي مشهور قلعي ڪانگڙ جي نالي پٺيان ڪانگڙا سڏيو ويندو هو. هن

علائقي کي ڪاتوچ نالي سان بہ ڪوٺيو ويندو هو، جنهن جي معنيٰ جي خبر ڪانہ آهي. هن کي تربگارتا (٢٠٧) جي نالي بہ سڏيو ويندو هو، جيڪو سنسڪرت جو لفظ آهي، پراڻن ۽ ڪشمير جي تاريخ ۾ بہ اهو لفظ مليو آهي.

چيني ياتري (٢٠٨) ستين صديءَ ۾ جلنڌر جو ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي تہ هن علائقي جي اولهہ کان اوڀر ڊيگهہ هڪ هزار لي يا هڪ سو ستهٺ ميل ۽ اتر کان ڏکڻ ويڪر اٺ سو لي يا هڪ سو ٽيٽيهہ ميل آهي. جيڪڏهن اسان هن ويڪر کي صحت جي ويجهو سمجهنداسون تہ اتر کان چمبا جي رياست، اوڀر کان منڊي ۽ سڪيت ۽ ڏکڻ - اوڀر کان ستادرو، جلنڌر جي ملڪ ۾ شامل سمجهڻ گهرجن. آخر ۾ بيان ڪيل علائقو ستلج جي اوڀر پاسي واقع آهي، جيڪو اتر هندستان ۾ شامل ڪيو ويو آهي. منهنجو ويچار آهي تہ اهو علائقو جلنڌرا جي ملڪ ۾ شامل هوندو. جيڪڏهن اسان هن علائقي کي شامل ڪنداسون تہ هن ملڪ جي ايراضي ايتري ٿي ويندي جيتري چيني ياتري بيان ڪئي آهي.

شين سئنگ واري دور ۾ هن علائقي جي راڄڌاني جلنڌرا هو، سندس بيان موجب ان شهر جو گهيرو ٻارهن تيرهن لي يا ٻن ميلن کان ڪجهہ مٿي هو. هيءُ هڪ قديم شهر آهي، جنهن لاءِ ڪنهن کي بہ شڪ شبهو نہ آهي. ٽالمي بہ هن شهر جو ذڪر ڪلندرائين (Kulindrine) جي نالي سان ڪيو آهي، جنهن جو صحيح تلفظ سلندرائين (Sulendrine) آهي. ڇاڪاڻ تہ يوناني ٻوليءَ ۾ K ۽ E جو اچار هڪ ٻئي سان بدلائي سگهبو آهي. پدما پراڻ (٢٠٩) جي بيان موجب جلنڌرا هتان جي راجا دائيتا (Daitya) جي ملڪ جي راڄڌاني هئي. هي راجا جوڳ پڄائي اهڙو طاقتور ٿي ويو هو جو هن کي ڪير بہ جيتي ڪونہ سگهندو هو. نيٺ شوِ ديوتا هن کي، ننگي ڪري ماري ڇڏيو ۽ سندس مٿ کي يوجيني (Yogini) نالي هڪ ڏائڻ ڳڙڪائي وئي. ڏيهي پراڻ (٢١٠) ۾ هن ڪهاڻيءَ کي ٻئي نموني سان لکيو ويو آهي. ان جو بيان آهي تہ شوِ ديوتا هن کي شڪست ڏني ۽ هڪ وڏو پٿر اڇلي ڪيس ماري ڇڏيو. هن جي وات مان باهہ جا شعلا ٻڪڻ لڳا

جيڪو جوالا مکيءَ هينان پيو هو. سندس پٺي دوآبي جي مٿئين حصي جي هينان هئي، جنهن کي جلنڌرا پيٺا يا جلنڌرا اپيٺ چيو ويندو آهي. سندس پير وري دوآبي جي هيٺئين حصي جي هينان دٻجي ويا، جيڪو ملتان جي اوسي پاسي ۾ هو. اڪبر بادشاه هن ڏندڪٿا کي دوآبن جي نالن ۾ ڪتب آندو آهي ۽ ستلج ۽ بياس جيٰ دوآبي کي بست جلندر يا بٽ جلندر Bit Jallandher سڏيو آهي. پر ان جي بدران هي دوآبو ساب نالي سان هجي ها، جهڙيءَ ريت باري دوآبو آهي، جنهن ۾ بياس ۽ راوي جا پهريان اکر پاڻ ۾ ملايا ويا آهن يا جيئن چڄ دوآبو آهي.

جلنڌرا ۽ ڪانگڙا جو شاهي گهراڻو، هندستان جي پراڻي خاندان مان آهي. سس راما چندر ڪان وٺي اڳتي ڏنل شجرو راجپوتانا جي طاقتور گهراڻي ۾ ڏيڪاريل نالن جي فهرست ڪان، اسان جي خيال مطابق شجري ۾ ڏنل نالن سان وڌيڪ سهمت آهي. هن گهراڻي جون مختلف چاڙهون دعويٰ ڪنديون آهن ته سندن تعلق سومر ونسي پيڙهيءَ سان آهي. سندن اها به دعويٰ آهي ته سندن وڏا مهاڀارت واري جهيڙي ۾ دريو ڌن جو پاسو ۽ پاندون جا مخالف هئا، تنهن زماني ۾ ملتان سندن وڏن جي حڪمرانيءَ هيٺ هو. شڪست ڪان پوءِ پنهنجو ملڪ سندن هٿان نڪري ويو. ان ڪان پوءِ سس راما چندرا جي اڳواڻيءَ ۾ هنن جلنڌرا واري دوآبي ۾ وڃي پنهنجو راڄ قائم ڪيو ۽ ڪانگڙا نالي قلعو اڏيائون. سڪندر جي جنگي مهم بياس ڪان اڳتي وڌي ڪانہ سگهي. پر بياس جي هن پار واري راجا ڦيگيلاس Phegelas (٢١١) يا فيگايس Phegaeus سندس آڻ مڃي هئي ۽ هيءُ جلندر دوآبي جو حڪمران هو. پنجين صدي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪشمير جي راجا (٢١٢) تري گارتا وارو علائقو راجا پراواريسا کي ڏنو هو. ستين صديءَ ۾ جڏهن شين سئنگ هتي آيو ته هتان جي راجا اتيتو U-ti-to يا اديتا (٢١٣) Udita هن جو ڪليءَ دل سان آڌرياءُ ڪيو ۽ مهيني تائين سندس ٽهل ٽڪور ڪندو رهيو، جنهن کي پيڙهيءَ جي پنوتريءَ ۾، مان آديما Adima سمجهان ٿو. هن ڪان هڪ سو سٺ سال پوءِ ٨٠٤ع جي هڪ لکت موجب جلنڌرا جي راجا جو نالو جايا چندرا Jaya chandra ملي ٿو. شجري موجب جيامالا چندرا ۽ آديما Adima ڪان پوءِ ستون راجا

آهي. آخر ۾ ڪشمير جي راجا آونتا (١٠٨١ع-١٠٢٨ع) اندو چندرا(٢١٤) جي ٻن ڌيئرن سان شادي ڪئي هئي، جيڪو ان زماني ۾ جلنڌرا جو راجا هو. سنڌس نالو ڪانگڙا جي راجائن جي شجري ۾ اندرا چندرا لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هنن حقيقتن مان اسان کي معلوم ٿيندو ته مسلمانن جي فتح ڪان ڪيترين صديون اڳ جلنڌرا هڪ آزاد ملڪ هو.

گولر Guler ، جسوال - ڌاترپور ۽ سيبا جا حڪمران، ڪانگڙ جي راجا جي پيڙهيءَ مان آهن. گولر يا هريپور جي رياست راجا هري چندرا جي دور ۾ آجپو ماٿي ورتو هو. هيءُ راجا سن ١٤٠٠ع ۾ هن ملڪ جو حڪمران هو. تنهن کان پوءِ هن ڪانگڙا جي حڪومت پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڪرما چندرا جي حوالي ڪئي هئي. ٻين رياستن جو بنياد ڪڏهن پيو، تنهن جو پتو ڪونہ آهي. منهنجو ويچار آهي تہ اهي رياستون مسلمانن جي اچڻ تائين پنهنجي اباڻي ملڪ جون ڌن پرو هيون. محمود غزنوي جي ڪانگڙا فتح ڪرڻ ڪان پوءِ جلد ئي ڪين آزاد ملڪ قائم ڪرڻ جو وري وجهہ مليو هو.

فرينچ سياح ٿيونات (٢١٥) دهليءَ جي شهنشاه جي حڪمرانيءَ جو ذڪر ڪندي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هندستان ۾ ڪيترائي راجا آهن، جيڪي مغل شهنشاه جا ڍن پرو نہ آهن. مان سمجهان ٿو انهن راجائن جا ملڪ دهليءَ کان دور جابلو علائقي جي وچ ۾ ڪاٿي هوندا. پر اهي راجا جن جون رياستون جابلو علائقن کان ٻاهر هيون، سي مغل شهنشاه جي ضرور ماتحت هئا. ٿيونات اسان کي وڌيڪ اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ آيود Ayoud يا هائود Haoud جو علائقو مغل شهنشاهيت ۾ شامل آهي، ان ۾ ڪيترين اترين رياستون جهڙوڪ ڪاڪاريس Caucares، بانڪش Bankish، نگر ڪٽ Nagar cut ۽ سيبا شامل آهن. مان سمجهان ٿو تہ ڪاڪاريس ضرور گکر وارو علائقو هوندو، جيڪو جهلم ڪان اولهہ واري جابلو علائقي جو هيٺيون پاڳو آهي. ٽيري (٢١٦) Tarry هن کي ڪاڪاريس Caucares وارو علائقو ٿو سڏي ۽ چوي ٿو تہ هن ايراضيءَ جا مکيہ شهر ڊيڪالي Dekalee ۽ پرهولا Purhola آهن. شايد سندس اشارو ڏنگالي

Dangali ۽ ڦــاڙوالا Pharwala ڏانهن آهي. بانڪش Bankush ٽيري وارو (٢١٧) Banchish آهي، جنهن جو مکيه شهر بشور Bishur (پشاور) آهي، جيڪو ڪشمير کان اوير پر ٿورو ڏکڻ (هتي اولهه پڙهڻ گهرجي) طرف واقع آهي ۽ سنڌوءَ جي وهڪري سبب هن کان الڳ آهي. نگرڪٽ Nagar cut، ڪانگڙا يا نگر ڪوٽ Nagar Kot آهي. ابوريحان (٢١٨) به هن کي ساڳي نالي سان سڏيو آهي. محمود غزنويءَ جڏهن هي شهر فتح ڪيو هو تڏهن هو سانس هتي گڏ هو. سيبا ڪانگڙا پرسان ڪا ننڍي رياست ڪانه آهي، جهڙيءَ ريت اسان ان کي سمجهيو آهي، پر گنگا درياه جي ڪناري سان هڪ علائقو آهي. ٽيريءَ موجب جنهن جو مکيه شهر هردوار (يا هرد وارا) آهي. هتان درياه جبلن ۾ ور وڪڙ ڪندو لنگهندو آهي. هنن احوالن مان اسان کي پتو پوي ٿو ته اولهه پاسي پشاور کان اوير پاسي گنگا درياه تائين جابلو علائقي جو هينيون پاسو دهليءَ جي شهنشاهه جو ماتحت هو. جنهن علائقي کي ٽيونات آيود Ayoud يا هائود Haoud سڏي ٿو، تنهن جو آءُ فقط اندازو ڪري سگهان ٿو ته اهو لفظ هماوات Himavat يا هموات Himwat جي بگڙيل صورت آهي. هي هماليه جبل جو هڪ مشهور نالو آهي، يونان وارن هن جبل جو نالو ٻن نمونن جي هجي ۾ ايموڊوس ۽ ايموس ڪري لکيو آهي.

## چمپا يا چمبا

چمبا هڪ وڏو علائقو آهي، جنهن ۾ راوي ۽ ان جي پرتي ڪنڌڙ شاخن سميت سندس ماٿري، ان کان سواءِ لهول Lahul ۽ ڪشتوار جي وچ واري ۽ چناب جي مٿئين حصي واري ايراضي به شامل آهي. شين سئنگ هن جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. شايد هن چيني ياتريءَ مذڪوره علائقي کي ڪشمير سان شامل ڪري ڇڏيو آهي. هن جي قديم راڄڌانيءَ جو نالو ورماپور يا برماپور هو، جيڪو بڌل Budhil نديءَ جي ڪناري سان واقع آهي. هتي اسان کي ڪيترا عاليشان خوبصورت مندر ۽ ڪنجهي مان نهيل ڏاند جي پوري مورتي ڏسڻ ۾ اينديي. هنن حقيقتن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هي علائقو سکيو

رستي سان ماپ ڪبي ته هن جي ڊنگ جي ماپ پنج سو ميل ٿيندي.

هن مـاٿـريءَ جي مـوجوده راڄڌاني سلطان پور آهي. پر ان هوندي به پراڻي راڄڌاني مـاڪارسـا Makarsa کي اڃان تائين نگر Nagar سـڏيو ويندو آهي. هن شـهـر جو هيءُ اهو نالو آهي، جيـڪـو ڪيس راڄڌانيءَ هجڻ وقت سڏيو ويندو هو. هاڻي به عام طور تي هن ئي نالي سان مشـهـور آهي. شين سـئـنـگ جو بيان آهي ته سون، چاندي ۽ ٽامون هن علائقي مان جام ملندو آهي. سندس هن بيان ۾ ٿوري ڪجهه سچائي آهي. هتان واري ڌوئي صاف ڪري جيڪو سون هٿ ڪيو ويندو آهي سو تمام ٿورو هوندو آهي. چانديءَ ۽ ٽامي جون کاڻيون به وقت ٿيو ته خالي پيون آهن.

شين سئنگ جو بيان آهي ته ڪلو جي اتر - اوپر پاسي لو - هو - لو Lo-hu-lo آهي. جنهن مان ظاهر اهو ٿئي ٿو ته ٿبيٽ وارا هن کي لهو - يال Lho-yal ۽ ڪلو جا ماڻهو هن کي لهول Lahul سڏيندا آهن. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته هن کان ٿورو اتر مو - لو - سو Mo-lo-so آهي جيڪو جاءِ وقوع ۾ ڏس پتي جي نقطه نگاه کان لداخ وارو علائقو آهي. مان چيني ياتري جي ڏنل نالي ۾ ٿوري مٽا سٽا ڪندس ۽ ان کي مـو - لو - پو Mo-Lo-Po چوندس. اها مـار - پو لفظ جي صـحـيح صورتخطي آهي. لداخ جو اهو اصلي نالو آهي، ڪنهن زماني ۾ لداخ کي مار - پو - يول يعني ”ڳاڙهو علائقو“ Red district سڏيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته هن عـلائقي جي مـٽي ۽ جبلن جو رنگ ڳاڙهو آهي. چيني ٻوليءَ جا سو So ۽ پو Po جا اچار هڪ جهڙا هوندا آهن ۽ اهي هڪ ٻئي سان بدلجي سگهندا آهن. جهڙيءَ ريت اسان پاڻنيءَ جي جنم ڀومي سالاتورا Salatura ۾ ڏسون ٿا، جيڪو شين سئنگ جي اصلي سـفـرنامي ۾ پو-لو-تو- لوPo-Lo-Tu-Lo يا پالاتورا Palatura لکيل آهي.

## مَنڊي ۽ سُڪيت

منڊي ۽ سڪيت جون به ننڍڙيون رياستون ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏي رياست هئي. اولهه پار کان ڪانگڙا، اوپر کان ڪلو، اتر پار کان

## ستادرو Satadru

چيني ياتري (٢٢٥) جو بيان آهي ته هن علائقي شي - تو - لو - پو She-to-lu-po يا ستادرو جو گهيرو ٻه هزار لي يا ٽي سو ٽيٽيهه ميل آهي، جنهن جي اولهه پاسي کان وڏو درياه آهي. هن علائقي جي راڄڌاني ڪلو کان ست سو لي يا هڪ سو سترهن ميل ڏکڻ ۽ بئرات Bairat کان اٺ سو لي يا هڪ سو ٽيٽيهه ميل اتر - اوير طرف آهي. فاصلي ڳڻڻ ۾ ڪافي غلطي ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته ڪلو ۽ بئرات جي وچ ۾ ٽي سو ڇتيهن ميلن جي وٿي آهي. اِهو فاصلو نقشي مطابق سنڌو بيهي ٿو. جيڪڏهن رستي سان ماپ ڪبي ته ٻنهي جو وچ وارو فاصلو ٽي سو سٺ ميل ٿيندو. هن حساب سان هڪ سو ڏهن ميلن يا ست سو لي جي سڌي رستي وارو فرق ٿئي ٿو ۽ رستي واري فاصلي سان فرق وجي ڏيڍ سو ميل ٿيندو، جيڪو هڪ هزار لي ٿئي ٿو. اهڙيءَ ريت سندس موٽ واري مٿرا کان ٿانيسر جي سفر ۾ فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو چيني ياتري جي حساب موجب پنج سو لي يا ٽياسي (٢٢٦) ميل آهي. پر حقيقت ۾ اهو ٻارهن سو لي يا ٻه سو يا هڪ سو نوانوي ميل ٿيندو. ڏنو وڃي ته ٻنهي رستن جو پنڌ وڌائي پيش ڪيو ويو آهي ۽ ان جو سبب ٻه ڪونه ٿو ٻڌايو وڃي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته رستي جي ڏکڻ واري ستادرو کان بئرات واري حصي ۾ ڪاٽي غلطي آهي، جيڪو مٿرا ۽ ٿانيسر جي وچ واري رستي سان پورو پورو ٿي هلندو وڃي ٿو. مان ستادرو ۽ بئرات جي وچ تي فاصلي ۾ پنجاه ميل جوڙ ڪيان ٿو ۽ ان کان پوءِ ڪل پنڌ ٻه سو ٽياسي ميل يا اٺ سو لي بدران ارڙهن سو لي ٿئي ٿو. بئرات وارو هي صحيح فاصلو، ڪلو واري هڪ سو سترهن ميلن ۾ جوڙ ڪجي ته ستادرو جي جاءِ وقوع ۽ جاگرافيائي بيان سرهند جي شهر سان سهمت ٿئي ٿو. تاريخي حوالا ۽ ماڻهن جون روايتون هن حقيقت کي هٿي ڏين ٿيون ته سرهند ٻه نهايت قديم شهر آهي.

سرهند جي ٿرڻ کي جاچي ڇتائي ڏسجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته انهن جڳهن جو واسطو قديم مسلمان دور سان آهي. پر ان جو نتيجو اهو ٿو ٿئي ته هندو دور ۾ ٻه هيءُ نهايت اهم شهر هوندو، ان

ڪري ته مسلمان اچي اتي آباد ٿيا. دهليءَ جي پهرئين (٢٢٧) مسلمان حڪمران محمد غوريءَ هن شهر جو گهيرو ڪري آخر فتح ڪيو هو. سرهند لفظ جي معنيٰ هند جي سرحد آهي. مذڪوره شهر ڪي هيءُ نالو ڪنهن پراڻي زماني ۾ ڏنو ويو ٿو ڀائنجي. امڪان آهي ته غزنوي گهراڻي جا پويان حڪمران جن غزنيءَ مان تڏا تئوربون ڪٽي اچي لاهور ۾ لڏا لاٿا هئا، تن ۽ هندو حڪمرانن جي وچ ۾ هي شهر دنگ هوندو. ڏسجي ٿو ته نالو هن دور کان به گهڻو پراڻو آهي. چاڪاڻ ته مشهور جوتشي ورها مهرا Varaha Mihira کلو کان هڪ دم پوءِ برهماپور ۽ (٢٢٨) پوءِ سائرنڌا Sairindha جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو چيني ياتري جي بيان موجب هردوار جي اتر ۾ موجود جابلو علائقي جي راڄڌاني هو. احوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سائرنڌا جا ماڻهو اتي وچي آباد ٿيا، جتي هاڻي سرهند جو شهرآباد آهي. هن ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي ٻرگنجائش موجود نه آهي. چاڪاڻ ته ٻنهي نالن ۾ هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر ورها مهرا جيڪا جاگرافيائي ماڳن جي پنوتري ڏني آهي، سا ڪنهن اڳاٽي جوتشي پاراسار Para Sara جي ڪتاب تان نقل ڪيل آهي، گمان آهي ته اهو پهرين صدي عيسويءَ ڌاران (٢٢٨) زنده هو.

جيڪڏهن اسين صحيح ڪيل هڪ سو ڏهه ميل يا ست سو لي کلو ۽ ستادرو واري اترئين اڌ ۾ شامل ڪنداسين ته ستادرو جي جاءِ وقوع وچي هانسي بيهندي، جنهن جو قلعو سرهند جي قلعي کان وڌيڪ مضبوط ۽ شهر به سرهند جي شهر کان وڌيڪ پراڻو آهي. پر شين سئنگ جو بيان هن حقيقت ڏانهن اسان جو ڌيان ڪرائي ٿو ته ستادرو واري علائقي جو گهيرو به هزار لي يا ٽي سو ٽيٽيهه ميل آهي ۽ اولهه پاسي هڪ وڏو درياهه اٿس. اهو درياهه ستلج يا ستادرو ئي ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري اهوامڪان ڪونهآهي ته ستادرو ڪا هانسي آهي. چاڪاڻ ته هيءُ ماڳ ستلج جي ويجهي ۾ ويجهي حصي کان هڪ سو ٽيهه ميل پري آهي.

هن جي ڀيٽ ۾ ڀٽنير Bhatner جو مشهور قلعو وڌيڪ هڪ جهڙائي رکي ٿو، چاڪاڻ ته هن نديڙي علائقي جي اولهه پاسي کان به

ستلج وهندي آهي ۽ ڪلو کان صحيح ڪيل هڪ سو ڏهه ميل جوڙ ڪبا تہ فاصلو هن شهر سان وچي پورو بيهندو، پر طرف ڏکڻ بدران ڏکڻ - اولهہ ٿئي ٿو. ان کان سواءِ ٻترات کان پتنير تائين فاصلو ٻہ سو ميل ٿئي ٿو، جڏهن تہ چيني ياتري اٺ سو لي يا هڪ سو ٽيتيهہ ميل ٻڌايو آهي. ٻترات جي جاءِ وقوع پتنير سان هڪ جهڙائي رکي ٿي، پر چيني ياتري طرف جي غلطيءَ وچان ڏکڻ - اوير ۽ ڏکڻ - اولهہ طرف ٻڌائي ٿو. ان بيان مطابق ٻترات کان مترا تائين فاصلو پندرهن سو لي يا ٻہ سو پنجاهہ ميل ٿئي ٿو. ان بدران چيني ياتري فاصلو پنج سو لي يا ٽياسي ميل ٻڌائي ٿو. جيڪڏهن مترا کان هانسي رستي سفر ڪبو تہ چيني ياتريءَ جي بيان موجب ٻترات يا پتنير جو فاصلو وچي ٻہ سو پنجاہ ميل ٿيندو. اهو ٻہ امڪان آهي تہ چيني ٻوليءَ جي اچارن ڪري اها غلطي ٿي وئي هجي. ڇاڪاڻ تہ مذڪوره ٻوليءَ جو شي She يا سا Sa جو اچار پو Po يا ڀا Bha جي برابر آهي. ان ڪري چيني ٻولي جي هن اچارن پو - ٽو - ٽُو - لو Po-to-tu-lo جي معنيٰ ڀاٽاس ٿالا Bhatasthala يا پتنير بہ ٿي سگهي ٿي. پتنير جو مطلب پتين جو قلعو آهي. شهر کي بند Band يا بندو Bando سڏيو ويندو هو، جيڪا ڀاٽاس ٿالا جي ننڍي صورت ٿي سگهي ٿي. ان جو مثال مارو Maru آهي، جنهن جو پورو نالو ماروس ٿالا آهي. نالن ۽ جاءِ وقوع جي هڪ جهڙائي هوندي بہ مان هن ڳالهہ ۾ چيني ياتريءَ جي بيان جي تائيد ڪريان ٿو تہ سرهند ستادرو جي قديم علائقي جي گاديءَ جو هنڌ هو. هن حقيقت جي پنيرائي چيني ياتريءَ جو بيان بہ ڪري ٿو تہ هن علائقي ۾ سون بہ پيدا ٿيندو هو. جيستائين منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي تہ سون هينئين جابلو علائقي مان ملندو هوندو، جيڪو سرهند جي اتر ۾ واقع آهي، جتي ستلج جي مختلف ڇاڙهن مان اجان تائين سون لڌو ويندو آهي.

سرهند کي ستادرو جي راڄڌاني ٻهمن کان پوءِ هن علائقي جي ڏنل پڪيڙ موجب سندس دنگ جو يقين بہ ڪيو ويندو. اولهہ ۽ اتر واري پاسي کان ستلج ڦري ٿي آئي. ڇاڪاڻ تہ اها سملا کان ٿهارا ۽ هيٺ لڌيانا تائين هن علائقي جي اتر ۽ اولهہ پاسي کان وهندي هئي، جنهن

جي ڏيگهه هڪ سو ميل کان به مٿي هئي. ڏکڻ پار کان تهارا کان وٺي انبالا تائين هڪ سو ميل هيٺ هلي ويئي هئي. اوپر پاسي انبالا کان سملا تائين هڪ سو کن ميل ۾ پکڙيل هئي. اهڙيءَ ريت سندس گهيري ۾ ڪجهه جابلو رياستون به اچي ٿي ويون، جيڪي سملا کان اولهه ۽ ڏکڻ طرف هيون. ميداني علائقن مان سرهند ۽ لڌيانا هن ۾ شامل هئا. هي اهو علائقو آهي جيڪو ستلج جي اوپرپار ۽ اتر هندستان ۾ شامل آهي، تنهن ڪري منهنجو اندازو آهي ته هي علائقو پرواري ملڪ جلنڌر جي ماتحت هوندو.

## ٽاڪي Taki يا پنجاب

شين سئنگ هن ملڪ کي تسي - ڪيا Tse - Kia يا ٽاڪي سڏي ٿو. سنڌوءَ کان وٺي بياس تائين ۽ اتر پاسي کان جبل جي ڪڇ کان وٺي (٢٢٩) ملتان کان هينان پنجن درياهن جي سنگم واري ماڳ تائين پکڙيل هو. شين سئنگ موجب چيني ٻوليءَ جو "Tse" جو اچار سنسڪرت جي "T" جي اچار جي برابر آهي، جيڪا ڪنهاري Kanhari ۽ ڪارلي (٢٣٠) Karli جي پنجن مان هڪ غار مان لڌل لکت "دانا ڪاڪتا" Danakakata ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. شين سئنگ جي سفرنامي ۾ هي لفظ تو _ نو _ ڪيا _ تسي _ ڪيا To-no-kia-tse-kia جي هجي ۾ لکيل آهي، جنهن جي پوين ٻن اچارن ۾ مٿ ست ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ابوريحان هن کي داناڪا Danaka ڪري لکيو آهي، گهڻو ڪري هي اهو شهر آهي جيڪو موجوده دور جي شهر امروتي Amaravati جي پرسان ۽ ڪستنا Kistana نديءَ جي ڪناري تي آباد هو ۽ سندس نالو ڌاني ڪوٽا Dharani - kotta آهي. تنهن ڪري تسي - ڪيا Tse-kia جو مطلب ٽاڪي ٿيندو. هي نالو پنجاب جي علائقي ۽ ان جي راڄڌانيءَ جي به معنيٰ ڏيکاري ٿو. جهڙيءَ ريت رنجيت سنگهه جي زماني ۾ لاهور ملڪ ۽ راڄڌاني جي معنيٰ لاءِ هڪ جهڙو ڪتب آندو ويندو هو. راڄڌانيءَ جي جاءِ وقوع تي بحث اڳتي ڪيو ويندو. هتي ايترو بيان ڪرڻ ڪافي ٿيندو ته هي شهر پراڻي راڄڌاني شي - ڪي - لو

She-Kie-lo کان ٻن ٽن ميلن جي وٿيءَ تي موجود هو. پروفيسر لئسن هن کي مهاڀارت ساڪالا Sakala ۾ ائرين جو سانگالا Sangala سمجهي ٿو. مهاڀارت ۾ ساڪالا جي ماڻهن کي مدراس Madras، آراتاس Arattas،جارتيڪاس Jarttikas ۾ باهيڪاس (٢٣١) Bahikas سڏيو ويو آهي. هيمچندرا جي لغت ۾ ٽاڪا (٢٣٢) کي باهيڪا سڏيو ويو آهي. وري راجا ترنجيني جي ذڪر ۾ ٽاڪا جي علائقي بابت ٻڌايو ويو آهي ته اهو گُرجارا Gurjjara (يعني چناب جي پرسان گجرات واري علائقو) جي ملڪ جو حصو آهي. هيءُ علائقو سن ٨٨٣ع ۾ ٩٠١ع (٢٣٣) جي وچ ڌاران راجا الاناکا ڪشمير جي راجا جي حوالي ڪيو هو. هنن بيانن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته ساڪالا، ٽاڪا جي طاقتور قبيلي جي راڄڌاني هئي، جنهن جي ملڪ کي ٽاڪاديسا (٢٣٤) چيو ويندو هو. شين سئنگ نئين راڄڌانيءَ جو نالو ڪونه ڪنيو آهي، پر مان سمجهان ٿو ته ان جو نالو ٽاڪي يا ٽاڪاوار هوندو. جيڪو پينٽينگيرين Pentingerian جي چارٽ مطابق ٽاهورا Tahora آهي. هن لفظ ۾ موجود ”ڪ“ جي ”نڙي مان نڪرندڙ“ اچار کي صاف ڪري ”هه“ جي اچار ۾ بدلايو ويو آهي. مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ ٽاهورا کي اسپاٽورا Spatura جي سامهون ”اليگزينڊريا بيوسي فالس“ کان ستر رومي ميل يا $\frac{1}{2}$٦٤ نگريزي ميل پري ڏيکاريو ويو آهي.

هاڻي مان قديم مسلمان مؤرخن جا حوالا ڏيندس، جن سنڌ ۽ ڪشمير جو پنهنجن ڪتابن ۾ ذڪر ڪيو آهي. مون کي پڪ آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ تي موجود پنجاب جهڙي اهم ملڪ کي هنن لکڻ کان ڪونه وساريو هوندو. سر هينري اليٽ (٢٣٥) جي ترجمي موجب المسعوديءَ سن ٩١٥ع ۾ سنڌوءَ جو بيان هن ريت ڪيو آهي: ”سنڌ جو مهراڻ سنڌ جي هڪ وڏي مشهور جبل مان نڪري، ٻڌ جي ملڪ قنوج، ڪشمير، قنڌار ۽ ٽاڪين مان وهندو ايندو آهي. سندس پرتي ڪندڙ شاخون ٻين علائقن مان وهي ملتان ڏانهن ايندين آهن ۽ اتي وچي پاڻ ۾ ملنديون آهن. ان کان پوءِ پاڻيءَ جي گڏيل وهڪري کي مهراڻ سڏيو ويندو آهي. مٿين فقري ۾ ٽاڪين جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي، جيڪو

پنجاب جي جابلو علائقي ڏانهن اشارو آهي. سنڌو ۽ ڪابل ندي گنڌارا جي علائقي مان وهنديون آهن. جهلم ڪشمير مان، بياس ۽ ستلج جلنڌر ۽ ڪهلور Kahlor جي وچان اينديون آهن. شين سئنگ جي اچڻ واري زماني ۾ جلنڌر وارو علائقو قنوج ۾ شامل هو ۽ ان جو ڏن پرو هو. هن حقيقت مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته سنڌوءَ جون پرتي ڪنڌڙ شاخون چناب ۽ راوي تاڪي (پنجاب) مان وهنديون هيون. گنڌارا ۽ قنوج جي ذڪر مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته المسعودي پاڻيءَ جي اصلي ذريعي ڪي بيان ڪونه ٿو ڪري، پر جڏهن درياه جابلو علائقي مان نڪري ميداني علائقن ۾ اچن ٿا ته ان وقت سندن ذڪر جي شروعات ڪري ٿو. المسعوديءَ جي زماني ۾ پنجاب جو علائقو ملتان جي اتران شروع ٿيندو هو، جيڪو شين سئنگ جي زماني ۾ ڪابل جي برهمڻ راجا جي حڪومت ۾ شامل هو.

سر هينري اليٽ هن نالي کي طاقين Takin ۽ گلڊي ميسٽر Gilde mister هن کي طافن Tafan (٢٣٦) سڏي ٿو. هن به المسعوديءَ وٽان اقتباس ڪنيا آهن. هن لفظ جي پهرين پڙهڻيءَ جي تائيد ابوريحان ۽ رشيد الدين به ڪئي آهي. ٻنهي جا بيان هڪ جهڙا آهن. سندن چوڻ آهي ته ڪيلارجڪ يا لارجڪ جبل - جيڪو شايد ڊماويند Demavend جبل آهي، جنهن جون اتاهيون ۽ برف سان ڍڪيل چوٽيون تاڪيشار Taki shar ۽ لوهاوار (٢٣٧) Lohawar وٽان ڏسڻ ۾ اينديون آهن. اهڙي تڪري ۾ اليٽ تاڪيشار کي ڪشمير سمجهيو آهي ۽ هن اهڙي تصحيح به ڪئي آهي، پر سندس تصحيح قابل قبول ڪانه آهي. ڇاڪاڻ ته متي بيان ڪيل جبل ڪشمير کان فقط ٻن فرسنگن يعني فقط اٺن ميلن جي پنڌ تي آهن. اهو ائين آهي، جيئن ڪو چوي ته سئنٽ پال جي ديول لجيٽ تڪري Ludgate hill ۽ ونڊسر Windsor وٽان ڏسي سگهبي آهي. هتي جنهن جبل جو ذڪر ڪيو ويو آهي سو وڏو ديامور Dayamur يا ناگا پربت آهي، ڪشمير جي اولهه ۾ سندس اوچائي ٢٦,٦٢٩ فوٽ آهي. مان پنهنجي سر پاڻ چناب درياه جي ڪناري سان واقع رام نگر وٽان ببهي ڏٺو آهي، جيڪو هن جبل کان به سو ميل پري آهي. ٻئي تڪري ۾ سر هينري اليٽ هن

کي ڪالارچل (٢٣٨) جبل سڏي ٿـو ۽ ٻئي جايون جن تان اهو جبل ڏسي سگهبو آهي، سي تاڪاس ۽ لوهاوار ڀڃائي ٿو. مان هن تاڪاس کي شين سئنگ وارو تسي ـ ڪيا Tse - kie يا تاڪي ۽المسعودي جو تاڪين (طاقين) سمجهان ٿو.

قديم مسلمان مؤرخن جن تاڪي جو ذڪر ڪيو آهي، تن مان هڪ سليمان تاجر آهي. هو سن ٨٥١ع ۾ هتي آيو هو. هن طافڪ جو ٻه ذڪر ڪيو آهي ۽ ٻڌائي ٿو ته هي ملڪ تمام ننڍڙو آهي. راجا ڪمزور ۽ پـر واري ملڪ جو ڏن پـرو آهي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿـو تـه هن راجا جي زال ڏاڍي سـهـڻي آهي جو سـڄي هند ملڪ ۾ هن جهـڙي ٻي ڪانـه آهي (٢٣٩).جيڪڏهن ڏسجي ته خط نستعليق ۾ طافڪ ۽ طاقين جي بنا نقطن جي لکٽي هڪ جهڙي آهي. مان بنا ڪنهن هٻڪ جي طافڪ کي پنجاب سمجهان ٿـو، جتان جون عـورتون خاص طور هيـنئين جابلو علائقي واريون، سڄي هندستان ۾ خوبصورت ٿينديون آهن.

ابن خرزدابـه ٩١٢ع ۾ وفـات ڪئي هئي. سندس بيـان آهي تـه طافا (٢٤٠) جو راجا بلهاراءِ کان پوءِ اهم ۽ وڏو حڪمران هو. قزويني هن جو نالو طيـفند ٻڌائي ٿـو. سندس بيـان آهي تـه هيءُ ملڪ سن ١٠٢٣ع ۾ محمود غزنويءَ فتح ڪيو هو. سندس قلعو هندستان جي مضبوط قلعن مان هڪ هو، جيڪو هڪ اتاهينءَ ۽ ايڪيري ٽڪريءَ تي اڏيل هو. (٢٤١) هي بيان سانگلا ٽڪريءَ سان هڪ جهڙائي رکي ٿو، جنهن تي تن پاسن کان چڙهي ڪونـه سگهبو آهي ۽ چوٿين پاسي کان پاڻي پريل هڪ ڪاهي موجود آهي.

هنن نالن ۾ ٿـورو ٿـورو فـرق آهي، جهـڙوڪ طاقين (تاڪين) طافاڪ، طافا، طاقاس ۽ تاڪي شار وغيره. سيني جي اصلي صورت ظاقي يا ظاقين آهي، جيـڪڏهن هن کي بنا نقطن جي لکبـو تـه ان کي گـهـٽن نمونن ۾ پڙهي سگهـبـو. ايم ـ ريناد M.Reinaud طابان Taban جي هڪ جدا هجي ڏني آهي. هن لفظ کي ٻه جيڪڏهن نقطا نـه ڏبا تـه مٿئين مثال جيان سندس پڙهـئيون ٻه گهٽيون ٿي وينديون. هنن حقيقتن کي نظر ۾ رکي مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تـه هن ملڪ جي نالي جي اصلي صورت تاڪي يا تاڪا آهي، جهڙيءَ ريت شين سئنگ

لکيـــو آهي. هن ملڪ جي گـــاديءَ جو هنڌ تاڪي يا تڪـــاوار Takkawar هو، جيـڪـو قـزويني جي بيـان ڪيل طيـفند Taifand جهڙو آهي ۽ پيننگيين چارٽ ۾ لکيل تامورا لفظ جهڙو آهي. مون کي پڪ آهي ته اهو نالو مـتس تاڪ يا تاڪا ڪل جي مـاڻهن ڪري پيـو آهي، جيـڪي ڪنهن زماني ۾ موجوده پنجاب جا حـڪمران هئا. اڄ به جهلم ۽ راوي درياه جي وچ واري ڻاڪرو ايراضيءَ ۾ پوکي راهيءَ جو ڌنڌو ڪندا آهن. هن قـريءَ سـان لاڳاپيل مـاڻهن جو انگ هن جوءِ ۾ جهجهو ڏسبو.

هن بيـان جي اڳوڻي اهـميت هن ڳالهـه مـان نروار ٿي ٿـئي ته باميان Bamiyan کان وٺي جمنا درياه جي ڪنارتائين سڄي علائقي ۾ جيـڪا ناگـري لپي جهـڙي لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تنهن کي اڄ سـوڌو تاڪري Takari لپي ڪري سـڏيو ويندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته هيءَ لپي تاڪ يا تاڪا ڪُرَ جا ماڻهو گهڻي ڪم آڻيندا هئا. مون ڏٺو آهي ته هيءَ لکت سنڌوءَ جي اولهه ڪناري جا اناج جا واپاري به ڪتب آڻيندا آهن. ڪشمير ۽ ڪانگڙا جا برهمڻ ۽ ستلج جي اوپر ڪناري جا ماڻهو به لکپڙهه هن لپيءَ ۾ ڪندا آهن. ڪشمير ۽ ڪانگڙا جي سڪن تي به هيءَ لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ماندي Mandi جي ستيءَ وارن يادگارن، پنجور Peinjor جي لکتن ۾ بـه هن لپيءَ کي ڪم آندو ويو آهي. هاڻي فقط تاڪريءَ لپيءَ جو هڪ نسخو آهي جيـڪو ڪشمير جي راجا تارانجني Tarangni وٽ محفوظ آهي. مون پشاور ۽ سملا جي وچ واري علائقي مـان هن لکت سـان لاڳاپيل الف ـ بي جا ڪيـترا ئي نمونا حـاصل ڪيـا آهن. ڪيـتـرين ئي جاين تي هيءَ تاڪري لکت منڊي Mundi ۽ لنڊي Lunde بـه سـڏبي نظر آئي، پر هنن ٻنهي لفظن جي معنيٰ مـون کي سـمجهه ۾ ڪانه آئي. هن الف ـ ب ۾ خاص ڳالهـه هيءَ ڏسبي ته سُر ۽ آواز Vowels وينجن Consonants سان گڏيل ڏسڻ ۾ ڪونه ايندا ۽ نندي الف کان سواءِ سيـئي الگ لکيا ويندا آهن. هن الف ـ ب ۾ خاص ڳالهـه اها بـه آهي ته هڪ کـان نوَ انگ لکڻ لاءِ هن لکت جا شـروعاتي اکر بـه هنن انگن جهڙا هوندا آهن ۽ اهي انگ اڄ به استعمال ڪيا ويندا آهن.

جنهن کي آءٌ هاٿي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. تاريخ جي حوالي سان نڪايا Nikaea اهڙو ماڳ ٿي سگهي ٿو، جتي پورس سڪندر هٿان هار کاڌي هئي. پنڊ دادن خان نالي پوڻ کان اڳ، پيرا هن علائقي جو مکيه شهر هوندو هو. چيني ياتري فاهيان سن ٤٠٠ع ۾ پيرا (٢٤٣) وٽان جهلم پار ڪيو هو. ان کان ٻارهن سو سال پوءِ بابر مغل هندستان تي ڪاهيندي هن ساڳئي پيرا تي هلان ڪئي هئي.

راجا سوفيٽس جي ملڪ بابت پراڻا تاريخي حوالا ڏاڍا متضاد آهن استرئبو (٢٤٤) جو بيان هن ريت آهي: ”ڪن مؤرخن ڪاٿيا Kathaea ۽ سوپيٽس جي ملڪ کي جهلم ۽ چناب درياه جي وچ واري علائقي ۾ ٻڌايو آهي. ڪن وري لکيو آهي ته اهو علائقو چناب جي ويجهو پر راويءَ واري پاسي آهي، جيڪو پورس جي ڀائٽي پورس ٻئي جو ملڪ هو. سڪندر ڪيس قيد ڪيو هو. سندس ملڪ کي گندارس Gandaris جي نالي سڏيو ويندو هو. منهنجو خيال آهي ته اهو نالو هاٿوڪو گوندل - بر Gundal-bar يا گوندر - بر Gundar-bar آهي. بر هڪ اهڙو لفظ آهي جيڪو هر دوآبي جي وچ واري علائقي کي سڏيو ويندو آهي، جيڪو پاسي وارن ٻنهي درياهن جي پاڻيءَ جي پهچ کان پري هوندو آهي. اهڙي ريت سندل Sandal-bar يا سندر بر Sandar-bar به اهو علائقو آهي جيڪو جهلم ۽ چناب جي وچ تي آهي. گوندل بر جو مٿيون پاسو، جنهن ۾ هاٿي گجرات اچي وڃي ٿو، ان پورس جي حڪمرانيءَ ۾ شامل هو، جنهن سڪندر سان مقابلو ڪيو هو. پر سندل بر جو مٿيون پاسو پورس جي ڀائٽي پورس ٻئي جو ملڪ هو، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن ڀڄي وڃي گنداري ڏرو Gandaridae وارن وٽ سر بچاءُ ڪيو هو. ڪن تبصره نگارن هن نالي کي بدلائي گنگاري ڏاءِ ڪري سمجهيو آهي، يعني گنگا جي ڀرپاسي وارو علائقو. منهنجو ويچار آهي ته ڏايوڊورس(٢٤٥) جي ڪتاب ۾ ڏنل نالو شايد صحيح آهي. گنداري ڏاءِ اشارو ضرور گندارس جي اوسي پاسي جي رهواسين ڏانهن هوندو، جيڪي سوفيٽس جي رعيت هئا.

هن راجا جو ملڪ رڳو جهلم ۽ چناب واري دوآبي تائين محدود ڪونہ هوندو. هن بابت اسٽرئبو Strabo (٢۴٦) جو بيان آهي تہ، ”سوفيٽس جي ملڪ ۾ لوڻ جو جبل موجود آهي جيڪو سڄي هند ۽ سنڌ لاءِ ڪافي آهي.“ هي تاريخي اشارو ان جابلو سلسلي ڏانهن آهي، جنهن ڪي لوڻ وارن جبلن جو سلسلو Salt Range سڏيو ويندو آهي. ان سان گڏ سنڌ ساگر دوآبي جو مٿيون پاسو بہ سوفيٽس جي راڄ ۾ شامل هوندو هو. هن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هن راجا جو راڄ اولهہ پاسي کان سنڌوءَ جي ڪنار ڪان وٺي، اوپر ۾ چناب جي ڪنڌين تائين قائم هو، جنهن ۾ پنڊ دادن خان ۽ شاهپور وارا موجوده علائقا بہ اچي وڃن ٿا. پليني جي ڪتاب ۾ بہ هڪ اهڙو جملو موجود آهي، جنهن مان پڻ سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ لوڻ جون اهي قيمتي کاڻيون راجا سوفيٽس يا سوپيٽس جي راڄ جي حدن اندر موجود هيون. جيڪڏهن هن مَلڪ جي نالي ۾ رڳو ٻن اکرن جي مٽ سٽ ڪئي وڃي تہ جيڪر سڄو مونجهارو نبري وڃي، جنهن هيل تائين سيني ماڻهن کي گائون مائون ڪري وڌو آهي. پليني Pliny جو بيان آهي تہ: ”سڪندر اعظم جڏهن هند ـ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي هئي تہ البانيا Albania جي راجا کيس هڪ ڪتو سوکڙيءَ ڪري ڏنو، جيڪو وڏي قد ڪاٺ جو هو، جنهن سڪندر جي سامهون شينهن ۽ هاٿيءَ تي حملو ڪيو ۽ کين ماري مڇايائين. (٢۴٧) هن ڪتاب جي اتاري ڪرڻ واري سولينس Solinus (٢٤٨) بہ ساڳي ڳالهہ ورجائي آهي ۽ ملڪ جو نالو بہ ساڳيو ڏنو اٿس. اسٽرئبو، ڊايو ڊورس ۽ ڪرٽس جي متفق بيانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سڪندر کي سوکڙيءَ طور شڪاري ڪتا راجا سوفيٽس ڏنا هئا ۽ ضرور اهوئي البانيا جو راجا هوندو. مان هتي هيءَ صلاح ڏيندس تہ ان لفظ کي ليبانيا پڙهيو وڃي ۽ اڳيان اکر ڪديا وڃن. ان کان پو ΑΛΒΑΝ جو لفظ مٽجي ΛΑΒΑΝ تي پوي ٿو، جيڪو سنسڪرت جي لفظ لوڻ Salt lavana ڏانهن اشارو ڪري ٿو. پليني (٢۴٩) هن لوڻ واري جبل کي اورومينس Oromenus جي نالي سان سڏيو آهي. وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ هن ملڪ جي راجا کي سون ۽ موتين کان وڌيڪ اپت هن جابلو لوڻ مان ٿيندي آهي. گهٽو ڪري هيءَ

سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ رؤماڪا (Raumaka) ڏانهن اشارو آهي، پنڊتن جي ٻڌايل معنيٰ موجب اهو لوڻ جيڪو رما (Ruma) ملڪ جي تاڪرو علائقي مان آندو ويندو آهي. ايچ. ايچ. ولسن رما کي سامڀر (٢٥٠) (Sambhar) سڏي ٿو ۽ رؤما جي معنيٰ "لوڻ" ٻڌائي ٿو. امڪان آهي ته هيءَ لفظ سامڀر ڍنڍ سان لاڳاپيل هجي، جيڪا راجپوتانا ۾ به آهي ته پنجاب جي لوڻ واري جابلو سلسلي ۾ به موجود آهي. (٢٥١)

سڪندر جي مؤرخن سوفيٽس راجا جي ملڪ جي ماڻهن بابت گهڻي ڪجهه ڄاڻ محفوظ ڪري ڇڏي آهي. ڪرٽس (٢٥٢) (Curtius) جو بيان آهي ته هو ڏاڍو سهڻو هو. ڊايوڊورس (٢٥٣) ٻڌائي ٿو ته سندس قد ڇهه فوٽ هو. مون وٽ هڪ سڪو آهي، جيڪو يوناني ڪاريگر جو نهيل پائنجي ٿو. مهر واري پاسي تي ماڻهوءَ جو هڪ مٿو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي خود (Helmet) پاتل آهي. سڪي جي پٺئين پاسي ڪڪڙ ڏسجي ٿو، جيڪو بيٺل آهي. مٿس لکت هن ريت آهي: WQPToY

منهنجو خيال آهي، جنهن لاءِ موزون سبب به آهي ته هيءُ سڪو سوفيٽس راجا سان لاڳاپو رکي ٿو. سندس منهن جي منجهي ڏاڍي ڊولائتي، سهڻي، سوپياوان ۽ نمايان نظر اچي ٿي. سندس رعيت به سونهن ڪري سيني کان نرالي هوندي هئي. ڊايو ڊورس چوي ٿو ته اهي ماڻهو پنهنجي سونهن کي بچائڻ واسطي ڪوجهن ٻارن کي ڄمڻ سان ئي ماري ڇڏيندا هئا. اسٽرئبو ڪانيا قبيلي لاءِ به ساڳي ڳالهه ٻڌائي ٿو. سندس وڏيڪ بيان آهي ته اهي ماڻهو بادشاهه به اهڙو چونڊيندا هئا، جيڪو سيني کان وڌيڪ سهڻو هوندو هو (٢٥٤). منهنجو خيال آهي ته سندس اشارو سوفيٽس جي رعيت ڏانهن آهي. ڇاڪاڻ ته سانگلا واري جابلو علائقي جو ڪو راجا هوندو ئي ڪونه هو. جتي ڪانيا قبيلي جا ماڻهو رهندا هئا. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سوفيٽس جي رعيت ۽ ڪانيا قبيلي جي ماڻهن بابت مختلف مؤرخن جا بيان منجهيل

آهن. ان لاءِ منهنجو خيال آهي ته سوفيٽس جي رعيت ۽ ڪاٺيا قبيلي وارا ماڻهو هڪڙي ڳالهه آهن. بيان مان پڪ اها ٿئي ٿي، ٻنهي نياتن جا ماڻهو پرسان رهندا هئا. سندن اٿڻ ويهڻ، ريتون رسمون ساڳيون هونديون هيون ۽ هو ڪاٺ ۽ سونهن سوڀيا ۾ هڪ جهڙا لڳندا هئا. مان ويچار ڪري هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اهي ماڻهو ٻين کان الڳ ساڳيءَ ڪُر ۽ نيات سان واسطو رکندا هئا.

## بڪي ڦالا يا دلاور

جن ماڳن تي سڪندر ۽ راجا پورس جي ويڙهاند ٿي هئي، تن بابت وقت جي سڄاڻ ۽ سڄيت ماڻهن پروڙيو پرجهيو سوچيو ۽ لوچيو آهي. ايلفن اسٽون (٢٥٥) جهڙو ڏاهو ماڻهو انهن ماڳن کي جلال پور جي سامهون سمجهي ٿو. برنس (٢٥٦) جو ويچار هو ته اهي ماڳ جهلم جي پرسان آهن. ان جو ڪارڻ اهو ٻڌائي ٿو ته مذڪوره ماڳ تاتار کان اينڊڙ رستي تي آهي ۽ سندس خيال پٽاندر سڪندر به اهو ساڳيو گس وٺي آيو هوندو. سن 1936ع ۾ جنرل ڪورٽ (٢٥٧) سان هن مامري بابت خيالن جي ڏي وٺ ٿي هئي. هو فوجي سکيا جي ڏس ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پنجاب ۾ گهڻو عرصو رهڻ ڪري ڪيس هنن ماڳن جي مشاهدي ۽ مطالعي لاءِ هڪ سونهري وجهه مليو هو. ان ڪري ڪيس پنهنجو الڳ نقطه نظر هو. هو ٻڌائي ٿو ته سڪندر جهلم پرسان فوجي واند هنئي هئي. هن ڪيلي پٽم Khilipatam کان درياهي سفر شروع ڪيو هو، جيڪو جهلم کان ٽي ڪوهه يا ڇهه ميل مٿان آهي. سندس خيال موجب سڪندر ۽ راجا پورس جي جنگ جهلم کان اٺ ميل اوير، جاباندي Jabanadi پرسان پٽي ڪوٽي Patti-koti وٽ لڳي هئي. نڪايا جو ماڳ ويسا Vessa يا بيسا Bessa جي پرسان آهي، جيڪو پني ڪوٽ يا پٽي ڪوٽ کان ٽي ميل ڏکڻ - اوير آهي. سرڳواسي لارڊ هارڊنج Lord Hardinge هن موضوع ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. هن سن ١٨٤٦ع ۾ مون سان به ڪيترا ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. هو مون سان متفق هو ته سڪندر پنهنجي فوجي واند انهن ماڳن تي هنئي هئي، جن جي اوسي پاسي اڄ جلال

ر جو شهر آباد آهي. ٻئي سال جنرل ائبٽ (٢٥٨) سڪندر ۽ راجا
رس جي جنگي ميدان بابت هڪ تحقيقي مقالو لکيو، جنهن ۾ هن
هو تہ سڪندر پنهنجي فوجي واند جهلم پرسان هنئي هئي ۽
سندس دشمن راجا پورس جي فوجي واند پار سامهون ان جاءِ هئي
هاٽي اورنگ آباد جو شهر آهي. وڌيڪ لکيو اٿائين تہ سڪندر
درياهي سفر پوٽا Bhuna کان شروع ڪيو هو، جيڪو جهلم کان ڏهہ
ميل مٿي آهي. ٻنهي ڌرين جي جنگ پڪرال Pakral پرسان لڳي
هئي، جيڪو سکچين پور Sukchenpur کان ٽي ميل اتر آهي. اهو
سال ١٨٦٣ع تائين جيئن جو تيئن پيو رهيو. ان وقت مون کي پنجاب
جي دوري ڪرڻ جو وجهہ مليو، جنهن ناتي جلال پور کان جهلم
تائين جهلم درياه جا ڪنارا ڪنڌيون جاچي پرکي ڏٺم.

سڪندر جي چرپر بابت احوال اورڻ کان اڳ آءٌ بهتر ائين ٿو
سمجهان تہ جلال پور کان وٺي جهلم تائين درياه جي ڪنار سان جيڪي
ماڳ آهن، تن جي وارتا ڪريان. مان مذڪوره ماڳن وٽ اولهہ طرف
کان پهتو آهيان، تنهن ڪري احوال بہ ان نقطہ نظر سان ڪندس. اسان
کي جڏهن پڪ ٿيندي تہ اهو ماڳ بڪي ڦالا جي ڏنل احوال سان هڪ
جهڙائي رکي ٿو تہ ان کان پوءِ اسان صحيح نموني سان فيصلو ڪري
سگهنداسين تہ سڪندر جي فوجي واند جهلم ويجهو هئي يا جلال پور
جي پرسان. هن بحث ۾ جيڪو فاصلو ڪتب آندو ويو آهي، سو مون
پاڻ ماپيو آهي (٢٥٩).

جهلم جو شهر، جهلم درياه جي اولاهين ڪنڌيءَ سان ۽ جلال
پور کان اتر - اوير ٽيهن ميلن جي پنڌ تي ۽ لاهور کان هڪ سو ميل پري
اتر، اتر - اولهہ طرف آهي. قديم شهر هڪ وڏي دڙي جي صورت ۾
ڏسجي ٿو، جيڪو موجوده شهر جي اولهہ پاسي آهي. دڙي جي
همچورس ماپ تيرهن سو فوٽ ۽ اوچائي ٽيهہ فوٽ کن ٿيندي، چوڌاري
سروٽن جا ڍير ۽ ٺڪرانو پيو ڏسبو. همچورس دڙي کي مان قلعي جا
ترڙ سمجهان ٿو، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن کي پٽا Puta سڏيو
ويندو آهي. مينهن پوڻ کان پوءِ ڪئين سڪانروار ٽي پوندا آهن. پر اهڙا
سڪا مان ٿورا هٿ ڪري سگهيس، جن جو واسطو هند - سٿين جي

هتان اڻ ميل ڪن پري ٿيندي. ٻنهي جي وچ تي هڪ اونهون گهارو آهي، جنهن کي ڪاندار Kandar ڪري سڏيندا آهن. ان سان گڏ ڪي اتاهيون ۽ ايڪپريون ٽڪريون به آهن، جن جي اولاهينءَ ڪڇ ۾ دلاور آباد آهي. برنس هن قديم ماڳ جي ڏيگهه "ٽي يا چار" ميل ٻڌائي ٿو. پر مون کي پڪ آهي ته اهو وڌاءُ آهي. مون کي وڏي جاکوڙ ڪرڻ جي باوجود مذڪوره ماڳ جي ڊيگهه هڪ ميل ۽ ويڪر اڌ ميل کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. اهي ٽرڙ ٻن وڏن دڙن جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جن جي وچ تي اڌ ميل ڪن جيتري وٿي آهي. به ننڍڙا دڙا به ٻنهي وڏن دڙن جي وچ تي ڏسڻ ۾ ايندا. ڏاکڻيون دڙو جنهن تي دلاور آباد آهي، تنهن جي مٿي همچورس پکيڙ ٥٠٠ فوٽ ٿيندي. هيٺ تري ۾ ١١٠٠ کان ١٢٠٠ فوٽ ۽ اوچائي ٥٠ کان ٦٠ فوٽ آهي. اتر وارو دڙو جنهن تي داراپور Dârâpur آباد آهي، تنهن جي هم چورس پکيڙ ٦٠٠ فوٽ ۽ اوچائي ٢٠ کان ٣٠ فوٽ آهي. ٻنهي دڙن جي وچ تي ساري ڌرتي سروٽن ۽ ٺڪرين سان ڍڪيل ڏسڻ ۾ ايندي ۽ سمجهيو ويندو آهي ته اهي ڪندر هڪ ئي قٽي جا آهن. دلاور جي وسنديءَ جا گهر دڙي مان ڪوٽيل ڊگهين سرن مان جوڙيا ويا آهن. انهن وڏين سرن جون به ماپون آهن. سرن جي هڪ وڙ جي ماپ سوا اڻ باءِ سادا يارهن ضربيان ٽي انچ آهي. ٻيو وڙ به ساڳيءَ ماپ جو آهي، پر ٿولهه اڌ گهٽ اٿس. دلاور واري دڙي مان ڪوڙ سارا پراڻا سڪا لڌا ويا آهن. جلال پور جي بازار ٺاهڻ لاءِ هن دڙي مان سرون ڪڍيون ويون هيون، جهڙيءَ ريت پنڊ دادن خان جي اڏاوت لاءِ جوب ناٿ نگر جون سرون ڪٽب آنديون ويون هيون. هتان مون کي مختلف دورن جهڙوڪ هند-سٿين جو پهريون دور، ڪابل جي برهمڻ حڪمران جو دور، ڪشمير جي راجائن وارو دور، هزارا ڪرلڪي Karluki خاندان حسن ۽ سندس پٽ محمد جا سڪا هٿ لڳا. هن حقيقت مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته هيءُ شهر عيسوي سن کان اڳ ٻيءَ صديءَ ۾ آباد ٿيو آهي. چيو ويندو آهي ته هن شهر جو بنياد راجا ڀرتي Bharati رکيو، جنهن جي دور جو ڪوبه پتو ڪونه آهي. مان هن نتيجي تي پهتو آهيان ته جنهن ماڳ تي دلاور اڏيل آهي، سو جهلم درياه واري رستي جي ڏينهي تي

ڏاڍو اهم آهي. هتان اولهه کان ايندڙ رستو ٽڪرين تان هيٺ لهي ميداني علائقي ڏانهن وڃي ٿو. مذڪوره جاءِ بنهار Bunhar نئن جي چوڙ کان ٿورو هيٺ آهي. صورت حال جي اهميت مان سمجهي سگهجي ٿو ته هي وسندي ڪنهن قديم دور کان آباد هئي.

جلال پور جي وسندي جهلم درياه جي اولهه ڪناري انهيءَ هنڌ واقع آهي جتي ڪندار وارو گهارو اچي جهلم جي پراڻي پيٽ سان ڳنڍجي ٿو. درياه جو هاڻوڪو وهڪرو پراڻي پيٽ کان ٻه ميل پري آهي. پر وچ وارو علائقو توڙي جو وٽن سان ڪٽان ڍڪيل آهي، پر پوءِ به واريا سو پيو لڳندو. هن شهر کي اڪبر بادشاه جي نالي پٺيان جلال پور سڏيو ويو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته هي شهر سندس دور ۾ گهٽو وڌيو ويجهيو هو. جڏهن جهلم پنهنجو وهڪرو مٽي ويو ۽ پاسي ۾ پنڌ دادن جو به بنياد پيو ته هن جو به زوال شروع ٿيو. هاڻي منجهس ٧٣٨ گهر ۽ آدشماري چار هزار کن آهي. پراڻن کنڊرن کي ڏسي ائين پائنجي ٿو ته هيءُ ڪڏهن موجوده شهر کان ٽيڻو چوڻو وڏو هوندو. گهر لوڻ واري جابلو سلسلي جي صفا اوڀارئين چيڙي وٽ ۽ آخري لاهيءَ ۾ ناهيل آهن. هيءُ ٽڪري رستي وٽان هوريان هوريان مٿي ٿيندي وڃي ١٥٠ فوٽ جي اوچائيءَ تي پهچي ٿي. هن جو اصلي نالو گيرجهڪ آهي. ابوالفضل آئين اڪبريءَ(٢٦٢) ۾ هن کي ڪير چاڪ Kirchak ڪري لکيو آهي، جيڪو سنڌ ساگر دوآبي ۾ موجود آهي. اسان کي ثابتي ملي ٿي ته ان دور تائين مٿس اهو نالو قائم رهيو ۽ بعد ۾ ڦيرائي ان جو نالو جلال پوررکيو ويو. پر هتان جا ماڻهو اڃا به "منگل دي" نالي هڪ ٽڪريءَ تي موجود کنڊرن کي گيرچڪ سڏيندا آهن، جيڪا جلالپور شهر کان ٻارهن سو فوٽ مٿي اوچي آهي. هتان جا ماڻهو ڳالهيون ٻڌائيندا آهن ته گيرچڪ شهر اولهه،اتر - اولهه ڏس تي باگهڙ والا Baghar wala تائين پکڙيل هو، جيڪو ٻارهن ميل فاصلو ٿئي ٿو. هيءُ به هڪ اهڙو وڏاءُ آهي جيڪو ماڻهو اٽڪلاٽائيءَ کان پراڻن شهرن لاءِ هرويرو ڪندا آهن. هن ڳالهه ۾ ته ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ئي ڪانه آهي ته شهر اولهه پاسي گهٽي فاصلي تائين وڌيل ضرور هو. چاڪاڻ ته انهيءَ طرف اڌ ميل جي فاصلي تائين ٺڪرانو پکڙيل ڏسبو،

هن شهر جي پراچينتا بابت ڪنهن کي شڪ ڪونہ آهي. هتان لڌل سَڪا سڪندر کان پوءِ سندس جانشين جي دور جيترا ڪونہ آهن. منهنجو ويچار آهي تہ اهو شهر ان دور کان وڌيڪ جهونو آهي. چاڪاڻ تہ ذڪڻ ـ اوڀر پاسي وٽان هيٺ لهندڙ رستو ايترو اهم آهي جو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ان شهر جي اڏاوت جي لوڙ تمام اڳاٽي جڳ ۾ ٿي محسوس ڪئي وئي هوندي. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ هيءُ شهر رامائڻ وارو گريوراجا Girivraja ماٺهن جي پڙايل ڳالهين ۾ رڳو هڪ راجا ڪام ڪام ارٿا Kam kam aratha جو محفوظ رهجي ويو آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو مونگ Mong شهر جي بنياد رکندڙ راجا موگا Moga جو پاٽيجو هو. مغل بيگ (٢٦٣) هن جو نالو گير جيهاڪ Gir jehak لکيو آهي. هتان جا ڪي ماڻهو هن لفظ جي هجي ائين لکندا آهن، جڻ اهو گيري ـ زوهاڪ Giri-zohak هجي، يعني زوهاڪ جي ٽڪري. پر عام هجي ۾ اچار جيهاڪ آهي.

جهلم کان جلال پور تائين درياه جي وهڪري جو رخ اتر ـ اوڀر کان ذڪڻ اولهہ ڏي آهي. ان جوءِ منجهان درياه ٻن پورو چوٽ ٽڪرين وچان لنگهندو آهي، جن مان هڪ کي ٽيلا Tila ٻيءَ کي پبي Pabhi سڏيندا آهن. ٽيلا جو سلسلو ٽيهہ ميل ڊگهو آهي، جيڪو منگلا کان هيٺ اوڀر واري موڙ کان وٺي، جلال پور کان ٻارهن ميل اتر بنهار نئن جي پيٽ تائين درياه جي اولاهين ڪنڌي ڏئي يڪو هلندو اچي ٿو. ٽيلا جي معنيٰ ٽڪريءَ جي چوٽي يا ٽڪري آهي. هن ٽڪريءَ جو سڄو نالو گورکنات ـ ڪا ـ ٽيلا Gorakhnath-ka-tila آهي. ان جو اصلي ۽ جهونو نالو بال نات ڪاٽيلا Bae nath ka tila آهي. هن ٽڪريءَ تي اهي ٻئي نالا چوٽيءَ تي موجود مندر جي ڪري پيا آهن. هن مندر جو پهريون نالو بالنات هو جيڪو سورج ديوتا جي پوڄا سان لاڳاپيل هو. بعد ۾ هن جو نالو مٽائي گورگنات رکيو ويو ۽ منجهس شو ديوتا جي پوڄا ٿيندي آهي. مغل بيگ جنهن ١٧٨٤ع کان ١٧٩٤ع تائين هن علائقي جي سروي ڪئي، سو هن کي جوڳيون ـ دي ـ ٽبي Jogion-di-T ibi سڏي ٿو ۽ چوي ٿو تہ سندن گروءَ جو نالو بيل نات Bilnath هو. اهڙيءَ ريت ابوالفضل (٢٦٤) هن کي بالنات جو

پير چارو هوندو هو، جيڪو جهلم کان ڏهه ميل پري ڏکڻ - اوڀر، کاريان جي لڪ مان لنگهندو هو. هاڻي هڪ مکيه رستو کاريان جي لڪ وچان لنگهندو آهي پر وڏن وسڪارن ۾ اهو بند ٿي ويندو آهي.

سڪندر، اولهه پاسي کان وڏي اچي جهلم درياهه جي ڪنڌيءَ تائين پهتو هو. اڳتي چرپر لاءِ وٽس ٻه رستا هئا، جن کي پوءِ بابر مٿئين ۽ هيٺئين رستي ۾ نروار  ڪري چڙهيو آهي. سنڌوءَ کان حسن ابدال يا شاهه ڍيري Shahdheri تائين هڪ رستو آهي. شاهه ڍيري کان ٻه رستا نڪرن ٿا. مٿيون رستو مارگالا لڪ کان لنگهي راولپنڊي، مانڪيالا Manikyala، ڏامڪ Dhamak ۽ باڪرلا Bakarla تائين پهچي ٿو ۽ اتان کان ڪهان Kâhan نئن اڪري، ٿاڪرو سلسلي جي هڪ لنگهه مان وچي روهتاس پهچي ٿو. بعد ۾ جهلم جو ميداني سنئون علائقو شروع ٿئي ٿو. باڪرلا کان هڪ پير چارو Foot path ٻه جهلم ڏانهن ويندو آهي، جيڪو روهتاس کان ڇهه ميل اتر - اوڀر هڪ ٿاڪرو سلسلي مٿان لنگهي ٿو. هيءُ گس انن ۽ گهوڙن وسيلي سفر لاءِ ڏاڍو ڀوائتو آهي، پر پانڌين لاءِ پڻ ڏاڍو اٿانگو آهي. شاهه ڍيري کان روهتاس ۽ جهلم تائين هيءُ مٿيون رستو ٩۴ ميل هوندو هو. هاڻي هيءُ ڏگ روهتاس ۽ ڏامڪ Dhamâk وارا پروڪڙ ڪاٽي ٨٧ ميل ٿي ويو آهي. هيٺيون رستو شاهه ڍيري يا ٽيڪسيلا مارگالا جي لڪ مان لنگهي جنگي Jangi رسي ٿو ۽ اتان کان چونترا Choantra کان ٿيندو ڊڊمال پهچندو آهي. هتان ٻه ڏگي ٿينديون آهن. ڏکڻ ڏانهن ويندڙ ڏگ، چڪوال پوءِ لوڻ - کاڻين کان ٿيندو پنڊ دادن خان ۽ احمد آباد رسي ٿو. ٻيو ڏگ اوڀر ڏانهن اسهندو آهي، جيڪو آسانوٽ Asanot وٽان مٿي ۽ بنهارنئن کان اڪري راسل جي سامهون دلاور پهچندو آهي يا وري آسانوٽ ۽ ونگ Vang کان مٿي جلال پور پهچي ٿو. بنهي جو پنڌ ايڪيهه ميل ٿيندو ۽ ڪل فاصلو ١١٨ ميل آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو لوڻ واري جبل جي ڪچ مان سڌو جلال پور ايندو ته هي فاصلو چار ميل گهٽجي ١١۴ ميل ٿي ويندو آهي. هنن ٻن رستن کان سواءِ هڪ ٽيون ڏگ ٻه آهي، جيڪو ماڻڪيالا جي چوٽيءَ کان ڇهه ميل ڏکڻ طرف مندرا Mandra وٽان مٿئين رستي کان ڇڄندو آهي، جيڪو

چڪوال، پنڊ دادن کان مٿيندو جلال پور پهچندو آهي. شاه ڊيري کان جلال پور تائين هيءُ رستو $116\frac{1}{2}$ ميل آهي. جيڪڏهن لوڻ واري جبل جي ڪچ وٽان ماٿهو سڌو جلال پور ايندو ته ڪل فاصلو وڃي $112\frac{3}{4}$ ميل بيهندو. مذڪوره ٽنهي ڏکڻ سان فاصلو ١٠٩، ١١٤ ۽ $112\frac{3}{4}$ ميل ٿئي ٿو ۽ وچولو پنڌ $112\frac{3}{4}$ ميل آهي.

ٽيڪسيلا کان جهلم درياه تائين فاصلو پليني (٢٦٦) ٻه ٻڌايو آهي، جيڪو سڪندر اعظم جي سرميرن ڊايوگينٽس ۽ بيٽن مطابق ١٢٠ رومي ميل آهي، جيڪي تقريباً $110\frac{1}{4}$ انگريزي ميلن جي برابر ٿيندا. هيءُ حساب سمٿ جي ”ڊڪشنري آف انٽيڪئٽيز“ مطابق آهي، جنهن ۾ هڪ رومي ميل انگريزي 0.٩١٩٣ ميل برابر ڏيکاريو ويو آهي. جيئن ته پليني جا سيئي نسخا ميلن جو هڪ جيترو انگ ڏيکارين ٿا، تنهن ڪري اسان هن رستي جي ماپ ٻه اها قبول ڪريون ٿا. هن ثابتيءَ جي آڌار تي پڪ ٿئي ٿي ته سڪندر ٽيڪسيلا کان وٺي جهلم جي ڪنار تائين هيءُ ڏگ وٺي سفر ڪيو هو ۽ اتي پهچي پنهنجي فوجي وانڍ هڻئي هئائين. جيڪڏهن اسان هن فاصلي ڪي مٿي ڏنل شاه ڊيري کان جهلم ۽ جلال پور وارن فاصلن سان ڀيٽائي ڏسنداسين ته شاه ڊيري - جهلم واري رستي ڪي بنا ڪنهن هٻڪ جي رد ڪري ڇڏينداسين، ڇاڪاڻ ته ٻنهي فاصلن ۾ ١٦ ميلن جي وٿي ۽ ويڇاندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر جلال پور واري فاصلي ۾ ٻن ميلن جو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻيون ٻه ڪي اهڙيون حقيقتون آهن، جيڪي جهلم واري فاصلي جي خلاف معلوم ٿين ٿيون. اسٽرئبو (٢٦٧) جو بيان آهي ته: ”سڪندر جي جهلم درياه ڏانهن سفر جو طرف گهڻي پنڌ تائين ڏکڻ رهيو. ان کان پوءِ اوير ڏس تي هلڻ لڳو “جيڪڏهن نقشي تي سنڌوءَ تي اوهند Oh ind واري ماڳ تان هڪ ليڪ ڪڍي ٽيڪسيلا کان جهلم تائين پهچائي اِڪتي وڌائبو ته اها گجرات، ۽ سوڌرا Sodhra وٽان لنگهي جالنڌر ۽ سرهند وٽ وڃي پهچندي. هي گنگا ماٿريءَ ڏانهن ويندڙ سڌو رستو آهي، جيڪو سڪندر اعظم وٺي سگهيو ٿي. پر هيءُ ڏگ صفا اتر وارو پاسو وٺي وڃي ٿو جيڪو اسٽرئبو طرفان ڏنل واضح بيان جي خلاف آهي، پر جيڪڏهن اسان سمجهون ته سڪندر جلال پور

وارو رستو اختيار ڪيو هوندو ته اها مشڪل ڪجهه آسان ٿي وڃي ٿي ۽ اوپر طرف ڏانهن ويندڙ رستي ۾ ٢٥ ڊگرين جو واڌارو اچي وڃي ٿو (٢٦٨)٠جهلم واري رستي اختيار ڪرڻ خلاف ٽيون دليل به آهي، جيڪو اڳين ٻن دليلن جيترو اهم ته ڪونه آهي، پر پوءِ به اضافي شاهديءَ طور هن جي پنهنجي اهميت ضرور آهي. ائرين جو بيان آهي ته ”درياه رستي فوج نڪايا وٺان پنهنجو سفر شروع ڪيو هو، جيڪو هاڪاري ٽئين ڏينهن اچي راجا سوفيٽس جي راڄڌاني پهتو.“ مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته راجا سوفيٽس جي راڄڌاني جوب ناٿ نگر يا احمد آباد هو، جيڪو اڄ به جلال پور ڪان ٽن ڏينهن جي ٻيڙين جي سفر جيترو پري آهي، پر اهو ماڳ جهلم ڪان ڇهن ڏينهن جي سفر جيتري پنڌ تي ٿيندو. مٿيون شاهديون جيتري قدر جلال پور جي فائدي ۾ آهن، ايترو وري جهلم جي خلاف آهن، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سڪندر اعظم پنهنجي فوجي واند جلال پور ۾ هنئي هئي.

هاڻي اسان ڪي جاچي پرکي ڏسڻو پوندو ته جلال پور جي اوسي پاسي درياه ۽ علائقو، سڪندر جي درياه سان اڳتي وڌڻ، راجا پورس سان جنگ جوڙڻ وارن بيانن سان هڪ جهڙائي رکي ٿو يا نه. ائرين (٢٦٩) جي بيان مطابق، ”فوجي واند کان ١٥٠ اسٽاڊيا يا ساڍا ١٧ ميل مٿي ڌرتيءَ جي هڪ نوڪ درياه ڏانهن وڌيل هئي، مٿس گهاٽو گجگاه ٻيلو نظر ٿي آيو، ان جي بلڪل سامهون ٻيٽ هو. ڪرٽس (٢٧٠) پڻ اهڙي ٻيٽ جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو گهاٽي ٻيلي سان ڍڪيل هو ۽ جنگ دوران لڪ ڪرڻ لاءِ ڏاڍو ڪارائتو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته، ”فوجي واند پرسان ٽڪرين جي وچ تي هڪ اونهون گهارو هو، جنهن نه رڳو پيادي فوج کي پوريءَ ريت لڪائي ڇڏيو هو، پر ان ڪري گهوڙيسوار به نظر ڪونه ٿي آيا.پر ائرين (٢٧١) جي حوالن وسيلي اسان کي پتو پوي ٿو ته اهو گهارو درياه ويجهو ڪونه هو. چاڪاڻ ته، ”سڪندر درياه جي ڪناري کان ٿورو پنڌ اڳتي نڪري ويو هو، انهيءَ لاءِ ته جيئن دشمن ائين نه سمجهي ته هو ٻيٽ ۽ درياه ۾ وڌيل ڌرتيءَ جي نوڪ تي موجود ٻيلي ڏانهن وڌي رهيو آهي.“ جلال پور جي اتر ۾ هڪ اهڙو گهارو آهي، جيڪو مذڪوره ٻنهي مؤرخن جي بيان سان

هڪجهڙائي رکي ٿو. اهو گهارو ڪندار نئن جو پيٽ آهي، جيڪو ڇهه ميل ڪن وهي جلال پور وٽ وارياسي پَٽَ ۾ اچي ڇوڙ ڪندو آهي. متئين طرف هيءُ گهارو لنگهڻ جوڳو آهي. پر جهلم ڏانهن وڃڻ لاءِ اڪرڻ ايڏو سولو ڪونه ٿيندو. ڪندار نئن جو منهن سمنڊ جي متاڇري ڪان ١٠٨٠ فوٽ ۽ درياءَ جي سطح ڪان ٣٤٥ فوٽ متي آهي. اهو رستو ٿي ميل ڪن اتر - اولهه هڪ ٻئي گهاري سان ملندو آهي، جنهن جو نالو ڪاسي (Kasi) آهي. پوءِ وري نونٽ وڪڙ ڪري ٢/١-٤ ميل ڪن اوپر طرف هلي ٿو. بعد ۾ ڏيڊ ميل ڪن ڏکڻ هلي دلاور ڪان هُيئان جهلم سان ملي وڃي ٿو. جلال پور ڪان هي سڄو فاصلو ١٧ ميلَ ڪن ٿيندو. هن گهاري واري رستي سان مون پاڻ بہ سفر ڪيو آهي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڏسجي تہ سڪندراعظم اها امڪاني پيش قدمي ڪيئن ڪئي هوندي. مون کي هن رستي ۾ سواءِ هن جي ڪابہ ڏکيائي ڪانہ لڳي تہ رستي جو پهريون اڌ لاهيون چاڙهيون لهي چڙهي ۽ پويون اڌ وري واريءَ مان ڏوري ڏاڍو تڪجي پيس. اهو گهارو درياءَ ڪان ڪجهہ وتيرڪو آهي ۽ ائين آهي جهڙيءَ ريت ائرين لکيو آهي. چاڪاڻ تہ ڪاسي نئن وارو ڪٽ جهلم ڪان ست ميل پري ٿيندو. ان نئن وارو گهارو وڏيڪ اونهون آهي، جهڙيءَ ريت ڪرٽس بيان ڪيو آهي. چاڪاڻ تہ هن نئن جي ٻنهي پاسن ڪان هڪ سو ڪان اڍائي سو، ڪٿي ٿي سو فوٽ اوچيون ٽڪريون آهن. مين معلومات مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن گهاري ۾ مکيہ ٿي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي قديم مؤرخن جي بيانن سان هڪ جهڙيون آهن (٢٧٢).

پر هڪ ننڍڙي ڳالهہ اهڙي بہ آهي جيڪا جلال پور ڪان متان واري گهاري سان نهڪي اچي ٿي. ائرين جو بيان آهي تہ سڪندر درياءَ تي سنتري بيهاريا هئا، جيڪي سندس حڪم احڪام ٻڌي ٻين کي سڏي ٻڌائي سگهن. مون کي پڪ آهي تہ جنگ سان لاڳاپيل هي ڪم ڪار دشمن جي سامهون ڪلئي عام درياءَ جي ڪناري سان تہ نہ ٿو ڪري سگهجي، پر ائين فقط جلال پور ۽ دلاور جي وچ واري پاڳي واري درياءَ جي ڪناري سان ڪري سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ ٻين پاڳن ۾ دريائي ڪنار ڪُلي نروار پئي ڏسبي. پر متي بيان ڪيل ڪناري جو ٽڪرو ٽاڪرو ۽ ونن سان ڍڪيل ڏسبو، جيڪو درياهہ ڏانهن هوريان هوريان لهندو ڏسڻ ۾ ايندو. هڪ هڪ سنتري جو لکي بيهڻ مناسب معلوم ٿئي ٿو.

درياه جي ڪناري سان اهو فاصلو ڏهن ميلن کان گهٽ ۽ فوجي وانڊ جي اوپارئين پاسي کان سٺن ميلن کان وڏيڪ ڪونہ ٿيندو. هن کان پوءِ هيءَ ڳالهہ سمجهڻ سولي ٿئي ٿي تہ سڪندر سنترين کي ان ڊگهي رستي سان ڇونہ بيهاريو هو، جنهن سان هن پاڻ پيش قدمي ڪئي هئي. ان کان سواءِ هڪ ننڍڙي ڳالهہ اها بہ آهي تہ ٽڪري بہ درياه ۾ موجود آهي. ڪرٽس جو بيان آهي تہ هڪ بيڙي درياهي وهڪري سبب وچي هڪ ٽڪري سان لڳي هئي، درياه جي وچ وهڪري ۾ اهڙيون ٽڪريون ڪوٽيڙا Kotera مريالا Meriala، مالڪ پور Maikpur ۽ شاه ڪبير وٽ ڏسجن ٿيون، جيئن سيئي دلاور ۽ جلال پور جي وچ تي ڏسبيون آهن. ڪوٽيڙا جو ڳوٺ درياه ۾ ڌرتيءَ جي هڪ ڊگهي نوڪ تي آباد آهي، جيڪو بيلي جي وٽن سان ڍڪيو پيو آهي. منهنجي خيال ۾ ڌرتيءَ جي اها وڏيل چُڪَ جنهن جي سامهون درياه ۾ موجود ٽڪري آهي، سا اها آهي جنهن کي ائرين Akoya ۽ ڪرٽس Petra سڏيو آهي. ان ٽڪريءَ جي پريان هڪ بيٽ هو جنهن تي ڏاڍا گهاٽا وڻ هئا. درياه جي ٻئي ڪپر تان نظر ڪبي تہ ڌرتي جي وڏيل چُڪَ جي هيٺئين پاسي کي ڏسي ڪونہ سگهبو . جهلم درياه جي هن ڀاڱي ۾ بيٽ بہ گهڻا آهن. پر هڪ سال اندر انهن مان هڪ نہ هڪ ڊهي ختم ٿي ويندو آهي ۽ وري ڪنهن ٻئي هنڌ اهڙو ئي واريءَ جو ڍڙو ڏسبو آهي، تنهن ڪري ٻن هزارن سالن کان پوءِ سڪندر وارو اهو ساڳو بيٽ موجود هجڻ ممڪن ئي ڪونہ آهي. پر ١٨٤٩ع ۾ ڪوٽيرا جي سامهون هڪ اهڙو بيٽ هو،جيڪو اڍائي ميل ڊگهو ۽ اڌ ميل موڪرو هو، وڏن ۽ گهاٽن وڻن سان ڇانيل هو، سو اجان تائين بہ موجود آهي. سڪندر اعظم اتان

مينهوڳيءَ جي وچ موسم ڏاران رستو بنايو هوندو. ان وقت تائين واريءَ جو اهـــــو دڙو ســـين لوَن جي گهاٽن وڻن سان ڍڪجي ويو هوندو. وڻ ايترا وڏا ٿي ويا هوندا، جو پيادي فوج ۽ گهوڙيسوار جيڪڏهن گهوڙن تان لهي بيهن ته ڪين ڪير ڏسي ڪونه سگهي.

منهنجي خيال ۾ پنهي فوجي واندين جي بيهڪ هن ريت ٿي سگهي ٿي (٢٧٣).سڪندر پنهنجي پنجاه هزار فوج سان جنهن ۾ ٽيڪسيلا جي راجا موفس Mophis جو پنج هزار لشڪر به شامل هو، جهلم جي ڪنار سان واند هنئي هئي، جنهن جي پڪيڙ ڇهه ميل ڪن هئي. گمان آهي ته اها جلال پور کان به ميل اتر - اوڀر شاهه ڪبير جي ماڳن وٽان شروع ٿي هئي ۽ جلال پور کان چار ميل هيٺ اولهه، ڏکڻ - اولهه سعيدپور تائين هلي وئي هوندي. فوجي صدر مقام جلال پور ۾ هوندو. ٻئي پاسي راجا پورس به پنهنجي فوج وٺي اچي محبت پور ۾ ترسيو هوندو، جيڪو مونگ کان چار ميل اولهه، ڏکڻ - اولهه ۽ جلال پور کان ٽي ميل ڏکڻ - اوڀر طرف هو. سندس فوج ۾ به پنجاه هزار ڪن ماڻهو، هاٿي سوار ۽ تير انداز ۽ رٿن وارا هوندا. سندس فوجي واند جي پڪيڙ به ايتري هوندي، جيتري سڪندر جي فوجي واند جي هئي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اها محبت پور واري جاءِ کان به ميل مٿي ۽ چار ميل هيٺ تائين پکڙيل هوندي. فوجي واندين جي انهيءَ جوڙجڪ موجب سڪندر جي فوجي واند جو ڪابو پاسو ڪوٽيڙا واري ڏرتيءَ جي چڪ کان ڇهه ميل پري هوندو، جيڪا وڻن سان ڍڪيل ٻڌائي وڃي ٿي. جتان سڪندر چاهيو پئي ته اهڙيءَ ريت درياه اڪري وڃي جو پورس جي جونءَ کي به پتو نه پوي. پورس جي فوجي واند جو ساڄو پاسو مونگ کان به ۽ پار ڪوٽيڙا جي ماڳ کان ڇهه ميل پري هوندو.

هتي منهنجو مقصد نڪتن ۾ ڪو تضاد ٻڌائڻ نه پر سڪندر ۽ پورس جي وچ ۾ لڳل جنگ جو ميدان ڳولڻ آهي. ان نقطه نگاه کان سڪندر جي لکيل خطن جو حوالو ڏئي رهيو آهيان، جنهن کي پلوتارڪ پنهنجي ڪتاب ۾ نقل ڪيو آهي: ”هن رات جي اونداهين طوفان جو پورو فائدو ورتو. هو پنهنجي چونڊ گهوڙيسوارن ۽ پيادل فوج

کي ساڻ ڪري، هڪ ٻيٽ ۾ وچي ترسيو جيڪو راجاپورس جي فوج کان ڪجهه فاصلي تي هو. هو ان ٻيٽ تي ٽڪيل هو جو ڪيس ۽ سندس فوج کي اچي طوفان ورايو. مينهن ڏاڍو، ڪنوڻين ۽ گوڙين جون گجڪارون هيون. پر هن ۽ سندس فوج ڪا به پرواهه ڪانه ڪئي. ڇاتيءَ جيڏو پاڻي جهاڳي سلامتيءَ سان وچي پار پهتا. پلوٽارڪ جو (٢٧٤) انهن خطن موجب بيان آهي ته جڏهن هو درياه جي ٻئي ڪناري تي پهتا ته سڪندر پنهنجو گهوڙيسوار دستو وٺي اڳتي نڪري ويو. ساڻس گڏ پيادل فوج جو حصو هو، جيڪو ويهه اسٽاڊيا پوئتي هو. سڪندر جو خيال هو ته جيڪڏهن دشمن جي گهوڙيسوار فوج حملو ڪيو ته هو ڪانئن ڏاڍو آهي. جيڪڏهن دشمن جي پيادل فوج حملو ڪيو تيستائين سندس پيادل فوج به مقابلي لاءِ پهچي ويندي." ائرين (٢٧٥) جي بيان مان پتو پوي ٿو ته جڏهن سڪندر ۽ سندس فوج ٻيٽ کان پاڻي جهاڳي ٻئي ڪناري ڏانهن اچي رهي هئي ته راجا پورس جي جاسوسن کي پتو پئجي ويو، جيڪي راجا پورس کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ وٺي ڊوڙيا. سڪندر جڏهن پنهنجل ماڻهن سان ڏکيو سکيو ڪناري لڳو ته هڪدم ڇهه هزار پيادن ۽ ڏهه هزار گهوڙيسوارن جي صف بندي ڪيائين. پوءِ سڪندرپنج هزار گهوڙيسوار ساڻ ڪري اڳتي وڌيو. باقي پيادن ۽ گهوڙيسوارن کي چيائين ته آرام سان سندس ڪڍ هلندا اچن پر صفبندي هرصورت ۾ برقرار رهي. ٻئي پاسي کان پورس پنهنجي پٽ کي ٻه هزار گهوڙيسوار ۽ هڪ سو ويهه رٿ ڏئي سڪندر سان مهاڏي اٽڪائڻ لاءِ روانو ڪيو. ٻئي فوجون ان جاءِ کان ويهه اسٽاڊيا يا ٢½ ميل پري اچي هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون، جتان سڪندر درياه اڪريو هو. اها جاءِ مونگ کان ٻه ميل اتر - اوڀر طرف هئي. زمين آلي ۽ گپ هئي، ان ڪري رٿ ته بيڪار ثابت ٿيا ۽ گهڻو ڪري سيئي دشمن جي قبضي ۾ اچي ويا. مقابلو ضرور تيز ٿيو هوندو. راجا پورس جي پٽ سڪندر جي گهوڙي بيوڪي فالس کي سخت زخمي ڪري وڌو، پر پاڻ به پنهنجي چئن سون جوانن سميت مارجي ويو. جڏهن راجا پورس کي سندس پٽ جي مارجي وڃڻ جو پتو پيو ته هڪدم فوج وٺي اچي سڪندر جي سامهون ٿيو. فوج جو وڏو حصو ساڻس گڏ هو. پر جڏهن هو ان ميدان

تي پهتو جتي ڏرتي آلي، پوسل ۽ گپ ڪانہ هئي ۽ سمجهيائين تہ جنگ ۾ رٿ
جگّيءَ ريت ڪم ڏئي سگهندا تہ پنهنجيءَ فوج کي بيهڻ جو حڪم ڏنائين ۽
لشڪر جي صفبندي ڪري جهيڙڻ لاءِ تيار تي بينو. ٻہ سو جنگي رٿ بہ آٽي
پيادل فوج جي آڏو بيهاريا ويا هئا. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ سو فوٽ جيتري وٿي
ڇڏي وئي هئي، گهوڙيسوار دستن کي پاسن کان بيهاريو ويو هو. جڏهن فوج
کي هن ترتيب سان بيهاريو تہ ان جو منهن اوڀر - اتر هوندو ۽ درياءُ جي ڪناري
ڪان وني لکنا والي (Lakna wali) تائين پورا چار ميل لشڪر پکڙيل
هوندو. امڪان آهي تہ ان فوجي ميدان جو وچ ان جاءِ تي هوندو، جتي هاٽي
مونگ جو شهر آباد آهي. هن ماڳ جي اوسي پاسي زمين پڪي (Sound)
آهي. پر اتر - اوڀر پاسي جتي راجا پورس جي پٽ ۽ سڪندر جي وچ ۾ مقابلو
ٿيو هو، اتي پٽ اهڙو هو جو مينهن وسڻ کان پوءِ ترڪڻ تي پئي هئي (٢٧٦).

جڏهن سڪندراعظم ڏٺو تہ راجا پورس جي فوج پڙ ۾ صفبندي ڪري
بيٺي آهي تہ هو پنيان ايندڙ پيادل فوج جي اوسيئڙي ڪرڻ ۽ دشمن جي فوجي
ترتيب جي جاسوسي ڪرڻ لاءِ اتي بيهي ويو. جيئن تہ هو گهوڙيسوار فوجي
دستن جي نقطہ نگاهہ سان راجا پورس کان وڌيڪ سگهارو هو، تنهن ڪري هن
سوچيو تہ ڪيس دشمن فوج جي قلب تي حملو نہ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اتي
هاٿي - فوج جا خونخوار دستا متعين ڪيا ويا هئا، جن کي بي شمار پيادل
فوج جي واهر هئي، تنهن ڪري پاسن تي هلان ڪري دشمن لشڪر کي ڏانوان
ڏول ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيائين. سڪندراعظم ميسره جي پاڻ ڪمان تي
ڪئي. هن حملو ڪري دشمن فوج جي گهوڙيسوار دستن کي پوئتي هٽائي وجي
هاٿي - سوار فوج جي صفن ۾ ڇڏيائين. هاٿي - سوار فوج اڳتي وڌي، ٿوري وقت
لاءِ سڪندراعظم کي پيش قدمي ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. جڏهن راجا پورس ڏٺو تہ
دشمن فوج جا گهوڙيسوار دستا تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن تہ هن هاٿي -
سوار فوج کي سندن مقابلي لاءِ اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪيو. هي جانور نہ ايڏا
تيز رفتار هئا، نہ وري محفوظ. تنهن ڪري هو دشمن گهوڙيسوارن جي تيز رفتار
پيش قدمي سان برميچي ڪونہ سگهيا (٢٧٧). ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ هاٿي
سخت گهائجي ۽ گهبرائجي وني پوئتي ڀڳا ۽ پنهنجا پراوا لتاڙي ماري وجي مٿي

چڙهيا. راجا پورس جي گھوڙيسوارن جو انگ گھٽو ڪونہ هو، تن جي چوڌاري سڪندر جا گھوڙيسوار ڪڙو چاڙهي ويا ۽ گھٽو ڪري سيئي مارجي ويا، جيڪي بچيا سي پنهنجون مقرر جايون ڇڏي صفون ٽوڙي پٺي هليا ويا. ان بابت ائرين (٢٧٨) جو بيان آهي تہ: "ڪرٽس ۽ ٻيا فوجي مهندار سڪندر جي حڪم مطابق درياه پار بيٺل هئا، تن جڏهن ڏٺو تہ يوناني فوج جي سرسي ٿي آهي تہ اهي بہ وهلو ڏئي درياه پار ڪري اچي پنهنجي فوج سان جنگ ۾ شريڪ ٿيا. تن بہ راجا پورس جي ياچوڪڙ فوج جي ڪڍ پئي سندن ڏاڍو قتل عام ڪيو."

مٿي ڏنل پوئين بيان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ جنگ جو ميدان سڪندر جي فوجي وانڍ کي ويجهو هو ۽ وانڍ ۾ ويٺل ماڻهو سارو جنگي ڏيک پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هئا. مونگ جي اوسي پاسي وارو ميدان هن بيان سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. سڪندر جي فوجي وانڍ جي اوپارئين پاسي شاه ڪبير وٽان جنگي ڪاروايون ڏسي سگھجن ٿيون. اتان کان جنگي ميدان جو ويجهو پاسو بہ ميل کن پري ٿيندو. هيءَ هڪ مضبوط شاهدي آهي جنهن جي آڌار تي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ سڪندر جي فوجي وانڍ جلال پور پرسان هئي. مان هن دلچسپ سوال بابت بحث کي هتي ڇڏي ڏيان ٿو. پر يوناني تاريخ جا پڙهندڙ بہ مسٽر گروٽي (٢٧٩) Grote جيان سوچيندا هوندا ۽ سندن خيال ائين هوندا، جهڙيءَ ريت جنرل ائبٽ Gen.Abbot لکيو آهي تہ سڪندر پنهنجي فوجي وانڍ جهلم وٽ هڻي هئي ۽ انهيءَ جا ڪي مناسب سبب بہ آهن. مان هتي اوهان جو ڌيان هن نڪتي ڏانهن ڇڪائڻ چاهيان ٿو تہ هن جنهن پابرل Pabrâl ڳوٺ کي جنگ جي ميدان جو وچ سمجهيو آهي سو جهلم کان چوڏهن ميلن کان گھٽ وٿيءَ تي ڪونہ آهي، تنهن ڪري سڪندر جي فوجي وانڍ ۾ ويٺل ماڻهو جي نظر پڻ کان گهٽو پري آهي. مان هاڻي جنرل ائبٽ جو پنهنجو حوالو ڏيڻ چاهيان ٿو، جيئن هو پاڻ قبول ڪري ٿو تہ: "سڪتر Sukheter نئن جو پيٽ وارياسو ۽ هڪ ميل کن ويڪرو آهي. مينهوڳيءَ جي رُت ۾ اها وهي ويندي آهي ۽ اها واري چورگپ quck sand ٿي ويندي آهي تنهن ڪري جنگ لاءِ مناسب ميدان ڪونہ رهندو آهي." اها نئن

جنهن جو ذڪر هلي رهيو آهي سا مذڪوره پاربل ڳوٺ ۽ راجا پورس جي فوجي وانڍ جي وچ تي جهلم جي سامهون موجود آهي. تاريخي حوالن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته جنگ کان اڳئين رات طوفان سان گڏ برسات به پئي هئي، تنهنڪري پوري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سڪتر نئن جو پيٽ جنهن ۾ برساتي پاڻي وهي آيو هجي، سو جنگي ميدان تي ئي ڪونه ٿو سگهي. جادا (Jada) نئن جو به ... ڳيو حال هوندو، جيڪا سڪتر کان ٿورو هيٺان جهلم درياءُ ۾ چوڙ ڪندي آهي. اهي ٻئي نيون پاڻيءَ وهڻ واري صورت ۾ سڪيءَ حالت ۾ راجا پورس جي فوج واسطي جنگي نقطه نگاهه کان هاڃيڪار آهن. ڇاڪاڻ ته اهي فوجي رهگذر يا رٿن جي جنگي چرپر واسطي وڏي رنڊڪ هيون. مان هن ڳالهه کان بلڪل مطمئن آهيان ته جنگي ميدان سڪتر نئن کان اتر پاسي ڪڏهن به ٿي ڪونه ٿو سگهي.

بڪي ڦالا جي بيهڪ تي به اجان بحث ڪونه ڪيو اٿئون. اسٽرئبو (٢٨٠) جو بيان آهي ته بڪي ڦالا درياءُ جي اولاهين ڪنار سان انهيءَ جاءِ تي هو، جتان سڪندراعظم درياءُ اڪريو هو. پلوٽارڪ (٢٨١) چوي ٿو ته هيءَ جاءِ جهلم درياه جي ويجهو آهي، جتي سڪندراعظم جو گهوڙو بڪي فالس دفن ڪيو ويو هو. ائرين (٢٨٢) جو حوالو هن ريت آهي ته بڪي ڦالا يادگار سڪندراعظم جي گهوڙي بڪي فالس جي ياد ۾ سڪندراعظم جي فوجي وانڍ تعمير ڪئي وئي هئي. ڊايوڊورس، ڪرٽس ۽ جسٽين هن موضوع تي ڪوبه فيصلو ڪري ڪونه سگهيا آهن. پر سڀ هن ڳالهه تي متفق آهن ته اهو درياءُ پار نڪايا واري پاسي هو. مون کي پڪ آهي ته اهو يادگار جنگي ميدان ۾ تعمير ڪيو ويو هو. تاريخي حوالن وسيلي ڪنهن حقيقت تائين پهچي سگهبو آهي، پر هن موضوع تي تاريخي حوالا متضاد آهن، تنهنڪري آخري نتيجي تي پهچڻ ممڪن ئي ڪونه ٿو لڳي. جيڪڏهن اسان اسٽرئبو ۽ ائرين جي نقطه نگاهه سان متفق ٿينداسون ته بڪي ڦالا وارو ماڳ دلاور يا جلال پورو ۾ ٿيندو. ٻئي ماڳ مونگ واري جنگي ميدان کان هڪ جيتري پنڌ تي آهن، جنهن ڪَي آءُ بنا ڪنهن ٻڌتر جي يقين سان نڪايا سمجهان ٿو. جيڪڏهن اسان انهن ٻنهي جاين کي هڪ ئي نقشي تي ليکنداسين

جيڪو ممڪن بہ ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ بکي ڦالا لاءِ سيني کان وڌيڪ مناسب ماڳ دلاور آهي. چاڪاڻ تہ ان ٿرڙ واري دڙي جي ماپ ۽ اوچائي بہ مونگ واري دڙي جيتري آهي. مان اڳي بہ هن ڳالهہ جو ڪٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ جنهن ايراضيءَ ۾ دلاور واقع آهي، ان علائقي کي بڳياڙ يا بڳيال سڏيو ويندو آهي، امڪان آهي تہ اهو بکي ڦاليہ جي بڳڙيل ۽ مختصر صورت هجي ۽ منجهانئس ڦ Ph جو اچار بہ حذف ڪيو ويو هجي. پر هيءَ ڳالهہ ذڪي کان وڌيڪ ڪجهہ بہ ڪانہ آهي. مان هن موضوع تي هن کان سواءِ وڌيڪ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهان تہ جلال پور جو قديم نالو پڪ سان گيرجڪ Girjâk هو. دلاور لاءِ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي، چاڪاڻ تہ ادينگر Udinagar بہ پرپاسي جي ٿن ماڳن جو نالو آهي. سڪندر جي فوجي واند جي نقطہ نظر کان جلال پور ۽ دلاور هڪ جهڙي صورت حال رکن ٿيون. پر اهميت جي نقطہ نگاهہ کان هڪ خاص نڪتو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي نظر ۾ رکي پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اها جاءِ جلال پور آهي. جڏهن اليگزينڊريا شهر جي پائي وجهندر اهميت جي نقطہ نگاهہ کان صورت حال تي سوچيو هوندو تہ سندس نگاهہ هن ماڳ تي ضرور پئي هوندي. مان سمجهان ٿو تہ جلال پور بکي ڦالا شهر لاءِ مناسب ماڳ آهي.

## نڪاياهہ يا مونگ

مونگ شهر جي جاگرافيائي بيهڪ جو بيان تہ اڳيئي اچي چڪو آهي. پر مان ان کي ورجائڻ چاهيان ٿو تہ اهو جلال پور کان ڇهہ ميل اوپر پاسي آهي. دلاور کان بہ ساڳئي پنڌ تي ڏکڻ ڏس تي وسندڙ آهي. هن شهر جو نالو مونگ Mong يا منگ Mung بہ اچاريو ويندو آهي. لکت ۾ ن غني جو اچار ڪونہ ايندو آهي. چيو ويندو آهي تہ هن شهر جو پايو راجا موگا Moga يا مُوگا Muga وڌو هو. هن کي راجا سنڪار Sankhar بہ سڏيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو ساڪن Sakas ياSacae جو راجا آهي. هن جي پاءُ راما Rama رامپور شهر جو بنياد رکيو هو، جنهن کي هاٿي راسل Rasal ڪونيو

ويندو آهي، جيڪو مونگ کان ڇهه ميل اتر ـ اوڀر ۽ دلاور جي بلڪل سامهون آهي. سندس ڀاٽيجي جو نالو ڪام ـ ڪامرات Kam Kamarath هو، جيڪو گيرجڪ يا جلال پور جو راجا هو. ڦٽي شهر جو دڙو جنهن تي هاڻي مونگ آباد آهي، سو ڇهه سو فوٽ ڊگهو، چار سو فوٽ ويڪرو ۽ پنجاه فوٽ اوچو آهي. ماٺهو ڪيترائي ميل پري هوندو ته هيءُ دڙو ڏسبو آهي. مونگ جي شهر ۾ هاڻي ٩٧٥ گهر آهن. آدمشماري پنج هزار کن اٿس، جيڪي گهٽو ڪري جاٽ آهن. قديم زماني جا منجهس اڪيچار کوه آهن. منهنجي خيال ۾ انهن جو انگ پوڻا ٻه سو ٿيندو.

مان اڳيئي بيان ڪري آيو آهيان ته مونگ نڪايا شهر جو ماڳ آهي، جيڪو سڪندر پورس سان ڪيل جنگ جي ميدان تي اڏايو هو. هن نڪتي لاءِ شاهدي ايڏي ته مڪمل آهي، جيتري هجڻ گهرجي. ان هوندي به مان اها صورت حال سمجهائڻ گهران ٿو ته ڪيئن نڪايا ڦري مونگ بڻجي وئي. اها روايت ته هيءُ شهر راجا موگا اڏايو هو، سا هڪ حقيقت آهي ۽ مسٽر رابرٽ مطابق ٽيڪسيلا مان اهڙي لکت به ملي آهي. موگا ۽ موئا Moa ساڳو نالو آهي، جيڪو سڪن تي موئا يا مائو Maua جي صورت ۾ ڏسجي ٿو ۽ اهڙا سڪا اجان سوڏا مونگ واري دڙي تان ليندا آهن. هن سڪن تي يوناني دورجو هڪ طغرو Monogram ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن ۾ هي اکر NIK لکيل پيا پانئبا. منهنجي خيال ۾ هيءُ نڪايا نالي جو اختصار آهي، جتي سڪا ضرب ڪيا ويندا هئا. جيڪڏهن منهنجو هيءُ اندازو صحيح آهي ته پوءِ اهو صحيح سمجهڻ گهرجي ته نڪايا موگا راجا جي راڄ جو برک ۽ مکيه شهر هو، تنهن ڪري هن شهر کي ڪا خاص اهميت حاصل هوندي. روايتن مطابق هن شهر کي راجا موگا ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي ته هن شهر جو بنياد ان راجا رکيو هو، پر منهنجو اندازو اهو آهي ته هن راجا موگا ـ گراما جي نالي سان مذڪوره شهر جي نئين سري سان اڏاوت ڪئي هوندي يا ڪنهن پاسي کان وڌايو هوندو يا ڪنهن ڊٺل پاسي جي مرمت ڪئي هوندي. موگا ـ گراما Moga-grama نالي جي گهٽي استعمال سبب اهو موگائون

Mogoon ۽ نيٺ مونگ Mong بڻجي ويو هوندو. هند - سٿين گهراڻي جي سيني راجائن جا سڪا ججهي انگ ۾ مليا آهن. تنهن ڪري پڪ ٿئي ٿي ته هيءُ شهر سڪندر جي زماني ۾ موجود هيو. مونگ جي ماڳن تان ٿامي جا اهڙا سڪا به لڌا ويا آهن جن تي ڪنهن به راجا جو نالو نظر ڪونه ٿو اچي. اهي سڪا ايڏا ته مشهور ٿي ويا آهن، جو انهن کي مونگا - شاهي سڪا سڏيو ويندو آهي.

گجرات

گجرات جو شهر چناب درياه کان اولهه پاسي نو ميل پري، جهلم کان لاهور ويندڙ رستي تي آباد آهي. هن شهر جو قديم نالو هيرت Hairat هو ۽ هيرت ديس (٢٨٣) Hairatdes جو مکيه شهر هوندو هو. چيو ويندو آهي ته هن شهر جو بنياد سورج ونسي ڪُرِ جي هڪ راجا بچن پال Bachan pal رکيو هو، جنهن بابت وڌيڪ ڪجهه به معلوم ڪونه آهي. هن شهر جو پويون نالو گجرات علي خان گوجر جي نالي پنيان پيو آهي. اڇرج جهڙي ڳالهه آهي ته سندس نالو آلاڪانا Alakhâna گرجارا Gurjjara سان هڪ جهڙائي رکي ٿو، جنهن کي سانگ ڪارا ورما Sangkara varma سن٨٨٣ع ۽ ٩٠١ع جي وچ ڌاران شڪست ڏني هئي. هن بعد وري گوجرن گجرات کي ١٣٠٠ع ۾ پيلي پينگ ڪيو جنهن جي پيهر اڏاوت اڪبر دور ۾ ٩٩٦هه يا ١٥٨٨ع ۾ گوجرن ڪئي هئي.

## سڪالا يا سانگلا

سڪندر جي دور وارو سانگلا اهو شهر آهي، جنهن کي برهمڻ سڪالا Sâkala ۽ ٻڌ سنگال سڏيندا هئا، پر جيڪڏهن چيني ياتري شين سئنگ ٦٣٠ع ۾ هتي نه اچي ها ته هن جي جاگرافيائي بيهڪ جي ڄاڻ جي پڪ ڪانه پوي ها. ائرين ۽ ڪرٽس جو بيان آهي ته هي شهر سانگلا، راوي کان اوڀر پار آهي. پر شين سئنگ جي سفر واري رستي مطابق اهو ماڳ راوي کان اولهه طرف آهي ۽ ان جي جاگرافيائي بيهڪ موجوده سانگلا والاٽبا Sanglawala-Tiba

جهڙي آهي. مان هن ماڳ بابت پهرين ڄاڻ مغل بيگ جي مخطوطي ۾ موجود هڪ نقشي وسيلي حاصل ڪئي، جنهن کي ولفورڊ Wilford سن١٨٣٩ع ۾ ترتيب ڏنو هو. هن ماڳ جو ولفورڊ "ايشياٽڪ ريسرچز (٢٨٤) ۾ ٽي ڀيرا ذڪر ڪيو آهي. پر هن بابت پيرائتو احوال ١٨٥٤ع تائين ڪونه ملي سگهيو هو. ان زماني ۾ ڪرنل جي . هئملٽن G.Hamilton مذڪوره ماڳ ڏسي چڪو هو ۽ ان سان لاڳاپيل ڪجهه احوال مون کي به ڏنو هئائين. ڪئپٽن بلاگريو Blagrave به ان بابت ڪجهه ڳالهيون ٻڌايون، جيڪو سروي دوران اهو ٽاڪ ڏسي چڪو هو. هن ٻڌايو ته سانگلا هڪ ٽڪري آهي، جنهن جي چوٽيءَ تي اڏاوتن جا ڪجهه نشان آهن. ان جي هڪ پاسي کان هڪ جهرڻو آهي. جڏهن مون پنجاب جو دورو ڪيو ته پاڻ به اهي ماڳ ڏوري وڃي ڏٺم. ڏسڻ کان پوءِ مون کي پڪ ٿي آهي ته سچ پچ اها سڪندر واري سانگلا آهي. پر سڪندر جي مورخن جيڪا هن ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ ٻڌائي آهي، تنهن سان سهمت نه آهي.

شين سنگ جي ڏهاڙن ۾ هيءُ ماڳ شي - ڪي - لو She-Kie-Lo يا سڪالا ناس ٿي ويو هو. ان جي جاءِ تي علائقي جي ٻئي شهر ٽسي - ڪيا Tse-kia يا چيڪيا Chekia کي اهميت حاصل هئي، جنهن جي پڙهٽي ڊاڪا Dhaka يا ٽاڪا Taka ٿي سگهي ٿي. چيني ياتري هن نئين ماڳ کي ١٥ لي Li يا اڍائي ميل سڪالا کان اتر - اوڀر ٻڌائي ٿو. ان ٻُڌايل دائري اندر ڪنهن به آڳاٽي ماڳ جا اهڃاڻ نظر ڪونه ٿا اچن، ڇاڪاڻ ته سڄو علائقو ميداني ۽ سنئون پٽ آهي. پر ساڳي پاسي اٺويهن ميلن يا هڪ سو پندرهن لي جي پنڌ تي، مون هڪ وڏي شهر جا ٿرڙ ڏٺا ، جنهن کي اسرور ٿي سڏيائون، جيڪو هن چيني ياتريءَ جي بيان ڪيل نئين شهر ٽس - ڪيا سان سهمت آهي. صورتحال ۾ ياتري جي اچڻ ۽ وڃڻ واري فاصلي جي ماپ مان صحيح اندازو ڪري سگهجي ٿو. اهو شهر سڪالا نه پر پڪ سان بستي - ڪيا آهي. مذڪوره ياتري ڪشمير جي پونڇ مان راجاپورا Rajapura ڏانهن اسهيو هو، جيڪو ٽاڪرو علائقي ۾ هڪ ننڍڙو شهر هو. جنهن کي هاڻي راجوڙي سڏيو ويندو آهي .تنهن کان پوءِ هن

ڏکڻ - اوڀر ڏس تي هڪ جبل مٿان سفر ڪيو ۽ هڪ درياه چين - تا - لو پو-ڪيا.kia.Chen-ta-lo-po يعني چندر ڀاگا جنهن کي هاڻي چناب ڪوٺيو ويندو آهي، پار ڪري شي - بي - پُو - لو - يا جياپورا Jaya pura (ممڪن آهي حافظ آباد هجي) پهتو. رات اتي ترسيو ۽ ٻئي ڏينهن هو نُسي - ڪيا پهتو. اهو سارو پنڌ ست سو لي يا هڪ سو سورهن ميل هو. هن ياتريءَ جو سفر ڏکڻ - اوڀر ڏس تي آهي، تنهن ڪري هو اچي راويءَ واري اپرندي علائقي ۾ پهتو هوندو. سنڌس هن پوئين پنڌ ۾ هڪ اهڙو جاتل سڃاتل ماڳ ڳولي ڪڍجي جنهن وسيلي غلطيءَ کي درست ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. منهنجي خيال ۾ اهو مقرر ماڳ شي - لان - تو - لو She-lan-to-lo آهي، جيڪو جالنڌر Jalandhara جي نالي سان مشهور آهي، جنهن کي هيءُ ياتري ٥٠٠+٥٠+١٤٠ يا ١٥٠ لي پري ٻڌائي ٿو. اهو فاصلو ملائي سلاٽي ٦٩٠ ۽ ٧٠٠ لي ٿئي ٿو. هيءُ ٻڌائي ٿو ته هن اهو فاصلو ٽِسي - ڪيا ڪان اوڀر طرف ڪيو هو. تنهن ڪري هيءُ ماڳ راجوڙي ۽ جلنڌر کان گهٽ وڌ هڪ جيتري پنڌ تي واقع هو. جيڪڏهن نقشي تي هڪ سڌي ليڪ ڪڍبي ته اسرور ٻنهي ماڳن کان هڪ جيتري پنڌ تي ڏسڻ ۾ ايندو. هن کان سواءِ هيءُ هڪ پراڻو ۽ ڪافي ايراضيءَ تي پکڙيل شهر هو. مون کي پڪ آهي ته اهو شهر اسرور آهي، جنهن کي شين سنگ ٽِسي - ڪيا ڪري لکيو آهي.

هن چيني ياتريءَ سن 630ع ۾ سڪالا شهر جون ڀتيون ڪِريل ڀڙيانگ ٿيل ڏٺيون پر انهن جا پيڙهين وارا نند اڃان به بيٺا هئا، جنهن مان هن پتو لڳايو ته شهر ويهه لي يا ساڍا ٽي ميل موڪرو هو. ڪنڊرن جي وچ تي قديم شهر جو هڪ ٿورو حصو هو، جنهن ۾ ماڻهو رهندا هئا. ان جي پکيڙ ٦ يا ٧ لي هئي، جيڪا اٽڪل هڪ ميل جي برابر ٿيندي. شهر ۾ هڪ مڙهي هئي، جنهن ۾ هڪ سو کن ٻڌ ڀڪشو رهندا هئا، جيڪي اتي ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل هناياناـ جي تعليم حاصل ڪندا هئا، جنهن جو مقصد هو ته ٻڌ ڌرم کي عام فهم مذهب ڪيئن بڻائجي. هن کان به سو فوٽ اتاهون هڪ اسٽوپا به هو، جنهن ۾ اندر اڳئين زماني جي ڪن چئن مشهور ٻڌ فقيرن جي پيرن جا نشان

ساڻديل هئا. اتر - اولهہ پاسي ٥ يا ٦ لي پري (جيڪو ميل ڪان گهٽ فاصلو ٿيندو) هڪ ٻيو اسٽوپا بہ موجود هو، جنهن جي اوچائي بہ بہ سو فوٽ هئي. هي اسٽوپا راجا اشوڪ ان جاءِ تي ٺهرايو هو، جتي ڪنهن زماني ۾ چار ٻڌ فقير ٻڌ ڌرم بابت ماڻهن کي سمجهائيندا هئا.

سانڪلاوالا ، هڪ ننڍڙي ٽڪري آهي، ان جي ٻيهڪ اهڙي آهي جو ڪنهن ٽڪنڊي جا ٻہ پاسا پيا ڏسڻ ۾ ايندا. سنڌس ٽيون ڏکڻ - اوڀر وارو پاسو کليل آهي. اتر پاسي کان ٢١٥ فوٽ ۽ اتر - اولهہ کان ١٦٠ فوٽ اوچائي اٿس. اندريون پاسو ڏکڻ - اوڀر ڏانهن هوريان هوريان لهنوارو ٿيندو ٣٢ فوٽن جي اوچائي تي پهچي، هڪدم ٻيهي وڃي ٿو. ڪنهن زماني ٽڪريءَ جي ان ڪناري سان سرن جي ٺهيل پٽ هوندي هئي، جنهن جا اهڃاڻ مون کي فقط اوبارئين چيزڙي وٽ لڳا. جتي اها پٽ ٽڪري جي اوچي حصي سان ملايل ٿي ڏسڻ ۾ آئي. سڄي ايراضي سرون سان ڇانئي پئي آهي، جتي مون کي ٻن همچورس پيڙهين جا نشان بہ ڏسڻ ۾ آيا. سرون وڏي ڪارب جون هيون، سندن ماپ ١٥x٩x٣ هئي. گذريل ١٥ سالن ۾ ڪي شاهينگ اهي سرون ججهي انداز ۾ ڊوئي ڪٽي ويا آهن. اهڙيون ٤٠٠٠ سرون ٦ ميل اتر هڪ وڏي ڳوٺ ماره Marh ڏانهن ماڻهو ڊوئي ويا. ايتريون مٿي ٽڪريءَ تي ڪٽي وڃي سروي ڪرڻ لاءِ هڪ منارو ناهيائون. تري ۾ ٽڪريءَ جو هر پاسو ١٧٠٠ يا ١٨٠٠ فوٽ ۽ ڪل پکيڙ هڪ ميل کن ٿيندي. اوڀر ۽ ڏکڻ پاسي کان پاڻيءَ جي هڪ وڏي ڇر ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪا اڌ ميل ڊگهي ۽ چوٿائي ميل ويڪري آهي. گرمين ۾ سڪي ويندي آهي. مينهوڳيءَ جي رُت ۾ ٣ فوٽ پاڻي بيهي ويندو اٿس. سڪندر جي زماني ۾ هتي گهڻو پاڻي بيهندو هوندو ۽ وڏيڪ صاف ۽ شفاف هوندو. هائيٽن ترائيءَ جو ترو ٽڪرين مٿان لهي ايندڙ لٽ ڪري پرجي ويو آهي، ان ڪري گهڻو پاڻي بيهي ڪونہ ٿو سگهي. ٽڪريءَ جي اتر - اوڀر پاسي ٻن وڏين جڳهن جا نشان ڏسڻ ۾ آيا، جتي مون کي وڏي ماپ ٣x١١x١٢ ١/٢ انچ جون سرون نظر آيون. پرسان ئي قديم زماني جو هڪ کوهہ آهي، جنهن کي ويجهڙائيءَ ۾ ڪنهن سانگي قبيلي صاف ڪيو ٿو پائنجي. اتر - اولهہ پاسي اٽڪل هڪ هزار فوٽ پري هڪ ننڍي

ٽڪري آهي، جنهن کي منڊا - ڪا - پورا، Munda-ka-pura سڏيو وينڊو آهي، جيڪا ٢٥ يا ٣٠ فوٽ اوچي ۽ ٥٠٠ فوٽ ڪن ڊگهي ٿيندي. مٿانئس پڪين سرن جي جڳهن جا نشان ملن ٿا. پوٽا ٻه ميل ڪن ڏکڻ پاسي ٽي ٻيون ٽڪريون آهن، جن کي ارنا Arna ۽ ننڍي سانگلا سڏيو وينڊو آهي اهي ٽڪريون چناب جي اولهه پاسي، چنيوٽ ۽ ڪارنا Karana جي ٽڪرين جيان رنگ جون ڪارسريون آهن. منجهن لوهه گهڻو آهي، پر پارڻ نه هجڻ ڪري انهن کي ڪم آڻي ڪونه ٿو سگهجي. هتي جي لوهه جي پيداوار جو ذڪر شين سئنگ به ڪيو آهي.

هن احوال ۽ چيني ياتريءَ جي بيان کي جيڪڏهن پيٽائي ڏسبو ته اسان ٻن ماڳن کي سڃاڻڻ ۾ سوپارا ٿينداسين. هڪ ته اهو موجوده زماني جو شهر آهي، جيڪو ڪنڊرن جي وچ تي ميل ڪن ۾ پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندو. مان هن کي هڪ ٽڪري سمجهان ٿو ۽ چيني ياتريءَ جي بيان سان به سهمت آهي. ماٿهن سربچاءَ خاطر ميداني علائقن کان وڌيڪ هن ٽڪريءَ کي اهميت ڏني ۽ مٿي وڃي پنهنجا جهڳا جوڙيا. ٻيو ماڳ راجا اشوڪ جو نهرايل اسٽوپا آهي. جيڪو وچ شهر واريءَ ٻڌ مڙهيءَ کان ميل کن اتر - اولهه طرف ٿيندو. مان سمجهان ٿو ته هيءَ اها اتر - اولهه واري ٽڪري آهي، جنهن کي منڊا - ڪا - پورا سڏيو ويندو هو. ان ٽڪريءَ جي اتر الهندي پاسي واري چوٽي ڪجهه اتاهين آهي جيڪا ٽڪندي ڳوٺ جي وچ کان ٤٠٠ فوٽ يا منو ميل ڪن پري آهي. ٽڪري جي اتر ۽ الهندي وارو پاسو گهٽي پنڌ تائين نڪراني ۽ سروٽن سان سٽيو پيو آهي. هن وايومنڊل مان پائنجي ٿو ته مذڪوره شهر بنهي پاسين پکڙيل هو. هن قديم شهر جي پکيڙ سوا ميل يا ڏيڍ ميل کان وڌيڪ ڪانه ٿيندي، يا ائين ڪٿي چئجي ته هن شهر جي جيڪا پکيڙ شين سئنگ ٻڌائي آهي تنهن جو اڌ ٿيندي.

ساڪالا Sakala بابت برهمڻن جا حال احوال پروفيسر لئسن Lassan مهايارت مان ميڙي چونڊي پنهنجي تصنيف "پينٽا پوٽاميا انڊيڪا" (٢٨٥) Penta potamia indica ۾ ڏنا آهن. ان تصنيف مطابق ساڪالا Sakala مدرا Madra جي راڄڌاني هوندي هئي.

هتان جي رهاڪن کي جرتيڪا Jartika ۽ بهيڪا Bahika سڏيو ويندو هو. هيءُ شهر راويءَ يا اراواتي جي اولهہ پاسي هڪ نئن اپاگا Apaga جي ڪنڌيءَ سان آباد هوندو هو. شهر جو لنگهہ اوير پاسي کان هو. ڪبڙن جي گهاٽن وڻن وچان لنگهندڙ پيچرا ڏاڍا سهڻا پيا لڳندا هئا. اصلي سٽ هن ريت آهي:

سامي - پيلو ڪريرانم ونيشو سڪاوارت ماسو

Sami-pilu kari ranam vaneshi sukla Yartmasu

پنجاب جي هن علائقي ۾ ڪبڙ جو جهنگ تمام گهڻو آهي. پرچنا دوآبي ۾ تہ رهندو بہ گهڻو آهي پر ڪبڙن وچان لنگهندڙ انهن خوبصورت پيچرن لنگهندي چيني ياتري ڏاڍيلن هتان پنهنجو سامان قرائي وينو هو. مهاڀارت جي مٿئين بيان کي شين سئنگ جي ٦٣٠ع واري لکيل بيان ۾ ١٨٦٣ع ۾ لکيل منهنجي احوال کي پيٽائي ڏنو ويو. هن ساڪلا مان رواني ٿيڻ وقت اوير طرف سفر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪبڙن جي گهاٽي جهنگ مان لنگهيو ، جنهن کي هو پو - لو - شي Po-lo-she سڏي ٿو. اتان لنگهندي هن سان گڏ سيني ماڻهن جو سامان ڏاڙيل ڦري ويا (٢٨٦)٠نومبر ١٨٦٣ع ۾ مان بہ ساڪلا ۾ اوير کان داخل ٿيو هوس ۽ اوڏانهن ويندڙ رستو ڪبڙن جي گهاٽي جهنگ مان لنگهي رهيو هوس،جيڪو گهڻي ايراضيءَ تي پکڙيل هو. مان پنهنجا تنبو بہ ٽڪري جي ڪچ ۾ وجي هٽايا. رات جو تي پيرا ڏاڙيل منهنجي تنبوءَ پرسان آيا ، پر منهنجي ڪتي ڪين ڊوڙائي ڇڏيو. ايم جولين M.Julien چيني ياتري جي بيان ڪيل وڻن پو - لو - شي کان سواءِ پالسايا ڍاڪ وڻ Dhak tree جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو پڻ صحيح آهي. پر شين سئنگ جي اچڻ کان اڳ ۽ ان کان پوءِ بہ هتي ڪبڙن جو جهنگ هو، تنهن ڪري آءٌ پو - لو - شي کي ڪبڙن جو جهنگ ٿو سمجهان، جيڪو صحيح بہ آهي. منهنجو اندازو آهي تہ چيني ياتريءَ جي زندگيءَ جي احوال جو مرتب، ڪبڙن جي نالي ۽ جهنگ کان شايد اڻ ڄاڻ هو، تنهن ڪري هن پيلو Pilu جي جاءِ تي پالسا Palasa لکيو آهي. شين سئنگ بہ ڪبڙ بدران هرهنڌ پالسا لکيو آهي. هو شايد

سمجهي ٿو تہ هن ائين ڪري هڪ وڏي غلطي درست ڪري ورتي آهي.
هن علائقي کي مادر - ديس Madr-des سڏيو ويندو آهي.
يعني اهو علائقو جتي مدرا نيات جا ماڻهو رهندا آهن. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اهو علائقو بياس کان وٺي جهلم تائين پکڙيل آهي. پر ڪي چون ٿا تہ مذڪوره علائقي جي حد جهلم کان فقط چناب تائين آهي.
جيتري قدر اپاگا ندئن جو تعلق آهي تہ مان هن کي اياڪ ندي Ayak Nadi سمجهان ٿو. پاڻيءَ جو هيءُ هڪ ننڍڙو وهڪرو آهي، جيڪو سيالڪوٽ جي اتران جموںءَ جي ٽڪرين مان وهي هتي رسندو آهي. سيالڪوٽ کان اياڪ ندي الهندو رخ اختيار ڪري سوڊر Sodhra پرسان لنگهي ٿي. مينهوڳيءَ رُت ۾ جڏهن منجهس پاڻي گهٽو ٿي ويندو آهي تہ سندس واڌو پاڻي وڃي چناب ۾ پوندو آهي. تنهن کان پوءِ هن جو منهن ڏکڻ - اولهہ ٿي ويندو آهي ۽ بنڪا Banka نندن وا Nandanwa مان متيندو پوتلا Bhutala پهچي ٿو ۽ اسرور جي اوسي پاسي تائين سندس وهڪري جو رخ اهو ساڳيو رهندو آهي. انهن ماڳن وٽ هن جو وهڪرو ٻن ڇاڙهن ۾ ورهائجي ويندو آهي. انهن مان هڪ اسرور جي اولهہ ۽ ٻيو اوپر مان وهندو آهي ۽ سانگلا والاٿبا جي اڍائي ميل ڏکڻ ۾ اهي ٻئي ڇاڙهون پاڻ ۾ وري ملي ويندیون آهن. هن جو وهڪرو روينيو کاتي جي نقشن ۾ سانگلا کان ١٥ ميل ڏيکاريو ويو آهي. ان علائقي ۾ پاڻيءَ جي هن وهڪري کي ننان وا Nananwa واهہ سڏيو ويندو آهي. اسرور جي هڪ ڏاهي ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو تہ هن ننان- وا واهہ جو پيٽ ٢٠ ڪوهہ اڳتي ڏکڻ - اولهہ وڃي جاچي ڏٺو آهي. اهوبہ چيائين تہ هن هميشہ ماڻهن کان ٻڌو آهي تہ پاڻيءَ جو اهو وهڪرو گهٽو اڳتي وڃي راويءَ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. منهنجي خيال ۾ پاڻيءَ جو هيءُ اهو وهڪرو آهي، جنهن کي ائرين "ننڍي نئن" Small rivulet سڏيو آهي. هيءُ وهڪرو چناب کان ١٠٠ استاديا، يا ساڍا ١١ ميل اوپر، جهلم (٢٨٧) سان سنگم واري جاءِ کان هيٺ آهي. جنهن پرسان سڪندر پنهنجي فوجي واند هنئي هئي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ان زماني ۾ اياڪ وارو وهڪرو سانگلا کان گهٽو هيٺ وهندو هو ۽ راويءَ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اسرور جي ماڻهوءَ بہ مون کي ائين ٻڌايو. هاڻي اسرور ۽ سانگلا جي وچ تي اياڪ وارو وهڪرو

سدائين سڪل رهندو آهي. ڪنهن زماني هن وهڪري جو پاڻي اسرور ڪان ٢۴ ميل مٿي ڍاڪ والا Dhakawala تائين پهچندو هو، جيڪو شاهجهان جي دور تائين هلندو آيو. ان زماني ۾ سندس پٽ دارا شڪوه هتان هڪ واه کوٽائي شيخوپورا جي اوسي پاسي پنهنجي شڪارگاه ڏانهن پاڻي ڪاهي ويو هو. پاڻيءَ جي ان وهڪري کي ٻه اياڪ يا جهيلري Jhilri واه سڏيو ويندو هو.

ساڪلا جي لاءِ جيڪي ٻڌ روايتون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، سي ٻڌ ڌرم جي تاريخ سان لاڳاپيل ٿيون ڏسجن. ماٿهن واتان هتي هڪ ڏند ڪٿا به ٻڌڻ ۾ آئي آهي ته راجا ڪوسا (٢٨٨) Kusa جي زال پراڀاوتي Prabhavati کي ڪٽڻ لاءِ ست راجا سگال Sagal ويا هئا. راجا کي خبر پئجي وئي، هو هاٿيءَ تي سوار ٿي شهر جي ٻاهران وڃي سندن سامهون ٿيو ۽ ڏاڍيان رڙ ڪري چيائين "ڪوسا مان آهيان" انهن لفظن جو ايڏو پڙاڏو ٿيو جو ساري جڳ ٻڌو. ستن بادشاهن کي ايترو ته پؤ ٿيو جو ڀڄي هليا ويا. ٿي سگهي ٿو ته هن ڏند ڪٿا جو اشارو امبا - ڪپا Amba-kapa جي ستن ڀائرن ۽ ستن ڀينرن ڏانهن هجي، جيڪو سانگلا کان ۴٠ ميل اوڀر پاسي آهي. عيسوي سن کان اڳ ساگال Sagal راجا ملندا Milinda جي راڄڌاني هو. هيءُ راجا ناگا سينا (٢٨٩) Nagasena جي ڏاهي دشمن طور سيني ٻڌ ملڪن ۾ مشهور آهي. ان جي ملڪ کي يانا Yana يا ياوانا Yavana سڏيو وڃي ٿو، جنهن مان اسان کي اهڃاڻ ملي ٿو ته سندس لاڳاپو يونانين سان يا هند - ستين سان هو. هن سان گڏ اهو به ڄڻيو وڃي ٿو ته ناگاسينا مهاتما ٻڌ کان ۴٠٠ يا ۵٠٠ سال پوءِ ٿيو آهي، تنهن ڪري راجا ملندا جي زماني جو پورو پتو پئجي ڪونه ٿو سگهي. راجا ملندا جو پنهنجو بيان آهي ته هو السادا Al Sadda ۾ ڄائو هو، جيڪو ساگال Sagal کان ٢٠٠ يوجنا Yojana يا ١۴٠٠ ميل پري هو. تنهن ڪري سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته هو ڌاريو هو. فاصلو تمام گهٽو وڌائي ٻڌايو ويو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته سندس ڄمڻ جي جاءِ سڪندر واري اوپياني Opiane آهي، جيڪا ڪابل جي اتر ۾ ۴٠ ميل ۽ هندوڪش جبل جي ڪڇ ۾ آهي. ٿوري عرصي کان پوءِ ساڪالا Sakala وارو علائقو، مهرڪل Mahir kul يا Milir kul جي راڄ

سان شامل ٿي ويو. هو مگڌ جي راجا بالادتيه (Baladitya) سان جنگ ڪري پنهنجو سارو راڄ ياڳ وڃائي ويٺو. ٿوري وقت ڪان پوءِ فاتح راجا ڪيس آجو ڪري ڇڏيو. ان ڪان پوءِ هن دغا ڪري ڪشمير وارو علائقو هٿ ڪري ورتو. ان ڪان پوءِ ساڪالا جي باري ۾ ٦٣٣ع تائين ڪجهه به ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ان زماني ۾ شين سئنگ هتي آيو هو. سندس بيان آهي ته تسي - ڪيا هڪ وڏي ملڪ جي راڄڌاني آهي. جيڪو هڊ پاسي ڪان سنڌوءَ ڪان وٺي بياس تائين ۽ ٻئي پاسي جبل جي ڪڇ ڪان وٺي ان جاءِ تائين جتي پنج درياهه پاڻ ۾ ملن ٿا، پکڙيل آهي.

سانگلا بابت معياري حوالا اسان کي ائرين ۽ ڪرٽس ذريعي ملن ٿا، ڪجهه ذڪر وري ڊايو ڊورس وسيلي به ملي ٿو. ڪرٽس جو بيان آهي ته: "هيءَ هڪ وڏو شهر آهي. هن شهر جو بچاءُ نه رڳو قلعو ڪري ٿو، پر پاڻيءَ جي هڪ تلاءَ جي ڪري به محفوظ آهي. اها ڇر تانگهي نه پر اونهي هئي. سڪندر جي حملي دوران هن شهر جي ڪيترن رهواسين هن ڇر کي جهاڳي اڪرڻ بدران تري پار ڪيو هو. ائرين هن کي ڍنڍ سڏي ٿو. پر اهو به چوي ٿو ته اها ڪا خاص اونهي ڪانه هئي، قلعي جي ڀرپاسي ۾ هئي ۽ قلعي جو هڪ ڦاٽڪ انهيءَ طرف ڪان کلندو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته شهر قدرتي طور محفوظ جاءِ هئي ۽ ماڻهن به ڪوشش ڪري ان کي وڌيڪ محفوظ بڻايو هو. يعني پاڻيءَ سان ڀريل ڍنڍ ڀرسان ۽ سرن جو ٺهيل مضبوط قلعو هو. شهر جي ٻاهران هڪ ننڍي ٽڪري به هئي، جنهن تي ڪاٿيا جي قبيلي گاڏين جون ٽي قطارون بيهاري پنهنجي فوجي وانڊ جو بچاءُ ڪيو هو. اها ٽڪري مان سڄاڻي ورتي آهي، جيڪا اتر - اولهه طرف تي موجود آهي، جنهن کي منداپا پور (Mundapa Pura) سڏيو ويندو آهي. پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اها ٽڪري شهر واري قلعي ڪان ٻاهران هوندي، چاڪاڻ ته سروٽا ۽ ٽڪريون گهٽي هند تائين پري ڏسڻ ۾ ڪونه ٿيون اچن.

مان سمجهان ٿو ته ٽڪريءَ واري وانڍ انهن ماٿهن قائم ڪئي هئي، جن يونانين جي خوف کان اوسي پاسي کان لڏي هتي اچي سربچاءُ ڪيو هوندو. چاڪاڻ ته شهر ۾ اڳي ئي گهٽيل آبادي هئي ۽ سنڌن رهڻ لاءِ وڌيڪ جاءِ ڪانه هوندي، اها ٽڪري ضرور قلعي جي ڪوٽ پرسان هوندي. چاڪاڻ ته جڏهن يوناني فوج گاڏين جي ناهيل ٻي قطار کي ڀڃي ڇڏيو ته هو قلعي جو ڦاٽڪ اڪري اندر هليا ويا ۽ پٺيان ڦاٽڪ بند ڪري ڇڏيائون. تنهن ڪري سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ٽڪريءَ تي ٽن پاسن کان گاڏين جون قطارون بيهاريون ويون هونديون ۽ چوٿون پاسو ڪليل ڇڏيو ويو هوندو، جيڪو شهر واري پاسي کان هوندو. اهڙيءَ ريت عارضي طور مذڪوره ٽڪري شهر جو ڇڻ حصو بڻجي ويئي هئي. سوڙهه پوڻ جي حالت ۾ ٽڪريءَ کي موجود ماٿهو قلعي ۾ اندر وڃي پنهنجو سربچاءُ به ڪري پئي سگهيا. بچاءَ خاطر جيڪي گاڏيون ڪتب آنديون ويون هيون، سي سڪندر جي فوج جي قبضي ۾ اچي ويون هيون، تن جو انگ فقط ٣٠٠ هو. هن صورتحال مان سمجهه ۾ اچي ٿو ته ٽڪري به ننڍي هوندي. جيڪڏهن في قطار ۾ هڪ سو گاڏي هوندي ۽ في گاڏي ڏهه فوٽ جاءِ والاريندي هوندي، ته گاڏيءَ جي هر قطار هڪ هزار فوٽ کان وڌيڪ ڪونه والاريا هوندا. اها هڪ هزار فوٽ ماپ ٽڪريءَ جي ٽن پاسن جيتري هوندي. پنجاه فوٽن جي وٿيءَ تي جيڪڏهن گاڏين جي اهڙي ٻي قطار بيهاري وئي هوندي ته ان ٻارهن سو فوٽ جاءِ والاري هوندي. اهڙيءَ ريت گاڏين جي ٽينءَ قطار چوڏهن سو فوٽ والاريا هوندا يا اها ايراضي هڪ ميل جي چوٿين حصي کان ٿورو وڌيڪ به ٿي سگهي ٿي ۽ ايتري ايراضي "منداپا پورا" ٽڪريءَ جي آهي. مون کي پنهنجي هن سڃاڻ تي گهڻو ڪجهه اعتماد آهي. ڇاڪاڻ ته بعد ۾ ٽالمي به ساڳيءَ ريت ان ڍنڍ جي پرسان گاڏين جي هڪ قطار ائين بيهاري ڏني هئي، جهڙيءَ ريت سڪندر جي دور ۾ سنڌس فوج کي روڪڻ لاءِ بيهاري وئي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن گاڏين جي انهيءَ قطار جي ڊيگهه معلوم ڪري سگهجي ۽ اهو به سمجهي سگهجي ته ١٧ فوٽ في گاڏيءَ جي حساب سان ٣٠٠ گاڏيون، ٥٠٠٠ فوٽ کان وڌيڪ جاءِ ته ڪونه ٿيون والارين. اهڙيءَ ريت جڏهن

حساب لڳائڻ سان تہ معلوم ٿيو تہ ٣٠٠ گاڏيون ٦٠٠٠ فوٽ کان بہ وڌيڪ ڊگهي جاءِ والاري بيٺيون. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ ڍنڍ جي ڪناري وٽن جو انگ ججهو هو. اهم ڳالهہ اها آهي تہ منهنجي سروي موجب گاڏين جي ٻاهرينءَ قطار واري ڊيگهہ اها ساڳي ۽ بلڪل صحيح هئي. مينهوڳيءَ جي موسم ۾ جڏهن هيءَ ڍنڍ پاڻيءَ سان تار ٿي ويندي آهي تہ ان جي پکيڙ مٿي ڏنل ماپ مطابق ٿي ويندي آهي. اتي مون کي قلعي چوڌاري ڪوٽيل ڪاهيءَ ۾ دمدمي جا ڪي اهڃاڻ ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيا. جن جي چوڌاري فوج ڦيرائي سڪندر شهر تي ڪڙو چاڙهيو هو. پر مان سمجهان ٿو تہ گذريل ٻن هزارن سالن ۾ وسندڙ مينهن اهڙا نشان گهڻو وقت اڳيئي ميساري ڇڏيا هوندا.

ڪانيا ڪُو جي ماڻهن شهر مان رات جي وڳڙي ۾ ڍنڍ وسيلي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر گاڏين واريءَ رنڊڪ جيڪا هنن پاڻ سڪندر جي حملي کي روڪڻ لاءِ ٺاهي هئي کين بہ روڪي ڇڏيو. سڪندر جي فوج کي جڏهن سندن ڀڄڻ جي ڪڙڪ پئجي وئي تہ کين ڊوڙائي قلعي اندر ڇڏي آيا. قلعي جي پٿين کي ڪاٽ هڻي ڪيرائي قلعي تي حملو ڪيو ويو. جنهن ۾ ائرين مطابق ڪانيا قبيلي جا ١٧٠٠٠ ماڻهو قتل ٿيا ۽ ٧٠٠٠٠ قيد ڪيا ويا. ڪرٽس جو بيان آهي تہ ٨٠٠٠ ماڻهو قتل ٿيا. مان سمجهان ٿو ائرين جا ڏنل انگ اکر غلط آهن. هن اهي انگ اکر ڏنا ئي غلط آهن يا وري وڌاءَ کان ڪم ورتو اٿائين. چاڪاڻ تہ شهر تمام ننڍڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن ٥٠٠ يا ٤٠٠ همچورس فوٽ في ماڻهوءَ کي ڏجن تہ هن شهر ۾ وڌ ۾ وڌ ١٢٠٠٠ ماڻهو رهي سگهن ٿا. جيڪڏهن سمجهون تہ اوسي پاسي جي ٻيٽن يا ٽيٽن ماڻهن ڀڄي اچي هتي سر بچاءُ ڪيو هوندو تہ پوءِ ماڻهن جو انگ وڌ ۾ وڌ ٣٠٠٠٠ هجڻ گهرجي. تنهن ڪري مان ائرين جي ڏنل انگ کي ٧٠٠٠ قتل ۽ ١٧٠٠٠ قيدي سمجهان ٿو جيڪو مناسب بہ لڳي ٿو. اهو انگ ڪرٽس جي بيان ۾ ڏنل انگ سان سهمت بہ آهي ۽ سندس ڏنل انگ اکر ڪجهہ ممڪن بہ لڳن ٿا.

ڪرٽس ۾ ائرين ٻئي مؤرخ هن ڳالهہ تي متفق آهن، تہ سڪندر جهلم پار ڪري پوءِ سانگلا تي ڪاهي ويو هو. تنهن مان اسان کي پتو

پوي ٿو ته سانگلا جو قلعو راويءَ جي اوڀارئين طرف واقع هو. پر شين سئنگ وڏيڪ تفصيل سان ماپون ڏنيون آهن. مهاڀارت جو بيان به نروار نظر اچي ٿو. نالن ۾ ساڳيائپ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تنهن ڪري هن کي وڌيڪ اهميت ھجڻ کپي. ائرين ۽ ڪرٽس جو بيان آهي ته سڪندر گنگا ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو هو، پر ڪيس پتو پيو ته ڪانيءَ بين ماٿهن هڪو ۽ اتحاد قائم ڪيو آهي. سندن ارادو آهي ته جيڪڏهن سڪندر هن طرف وڌيو ته اهي سڀ گڏجي ساڻس مهاڏو اٽڪائيندا. سڪندر کي جڏهن هي سڻس ڪنين پئي ته هو گنگا ڏانهن وڌڻ لشڪر کي ساڻ ڪري ڪانين تي ڪاهي ويو. هن بيان مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته سڪندر پهريائين گنگا ڏانهن وڌي رهيو هو، پر پوءِ ارادو بدلائي وڃي سانگلا تي خملو ڪيو هئائين. هن جڏهن ايشيا تي حملو ڪيو هو ته پنهنجي رٿابندي ۽ حڪمت عملي يڪسان ۽ غير متبدل بنائي هئي ۽ ان رٿابنديءَ تحت پنهنجي دشمن کي پنيان زنده ڪونه ڇڏيندو هو. جڏهن هن ايران تي حملي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو ته ان کان اڳ ۾ لشڪر کي وٺي وڃي صور Tyre تي ڪڙو چاڙهيائين. اهڙيءَ ريت جڏهن دارا جي قاتل بيسس Bessus جو پيڇو ڪري رهيو هو، ان کي اڌ ۾ ڇڏي درانجيانا Drangiana ۽ آرچوسيا Archosia کي فتح ڪرڻ لاءِ مٿن ڪاهي ويو. جڏهن هندوستان جي سرحدن ۾ گهڙڻ لاءِ واجهه وجهي رهيو هو ته اوڏاهين ويندڙ سڌي رستي کي ڇڏي آؤرنوس Aornos تي وڃي ڪڙو چاڙهيائين. ڪانيا قبيلي تي حملو به ان قسم جو لڳي ٿو ۽ ڪيس هن ئي پاڻ تي حملي ڪرڻ لاءِ اياريو هو. هن به صور، درانجيانا ۽ بازاريا جي ماڻهن جيان سڪندر جي مقابلي ڪ ن لهرايو ٿي، پر پڪو پهه ڪيو هئائون ته جيڪڏهن سڪندر مٿن ڪ هيو ته پوءِ هو مڙس ٿي ساڻس منهن ڏيندا. تن ڏينهين سڪندر راويءَ جي اوڀرندي ڪناري واري علائقي ۾ موجود هو. درياه پار اڪري ٻئي ڏينهن اچي پم پراما Pim prama نالي هڪ شهر وٽ ترسيو. انهيءَ لاءِ ته جيئن سندس تڪل فوج ساه پٽي. ٽئين ڏينهن اچي سانگلا پهتو. سندس اڳيون به منزلون ڏگهيون يعني ٢٥ ميلن جون هونديون. باقي پوئين منزل عام هوندي، جيڪا ١٢ يا

١٥ ميلن واري ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته راوي جي ڪنار سان سڪندر واري پهرين منزل ڪان سانگلا ٦٠ يا ٦٥ ميل پري هوندو. اهو ساڳيو فاصلو لاهور ۽ سانگلا ٽڪريءَ جي وچ ۾ آهي. چيو وڃي ٿو ته لاهور جو شهر، سڪندر جي اُن فوجي واڏ جي اوسيٰ پاسي آهي، جيڪا هن راوي اڪري ڪناري ويجهو قائم ڪئي هئي ۽ اتي ئي هو جو ڪانيا قبيلي جي باغيانه سرگرمين بابت ڪيس اطلاع مليو هو. تنهن ڪري مان پوري اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته سڪندر گنگا تي ڪاهڻ جو ارادو ترڪ ڪري، راوي اڪري پوئتي موٽيو ۽ سانگلا جي ماڻهن کي اچي سندن سرڪشيءَ جي سيڪت ڏنائين.

# ناڪي ۽ اسرور

اسرور جو ذڪر مان مٿي ڪاٽي ڪري آيو آهيان. امڪان آهي ته اهو شهر شين سئنگ جو ٻڌايل ماڳ، ٽسي - ڪيا آهي، جيڪو ٦٣٣ع ڌاران پنجاب جي راڄڌاني هو. مذڪوره ماڳ لاهور کان پنڊي ڀٽيان ڏانهن ويندڙ رستي کان ٻه ميل ڏکڻ ڏکڻ آهي، جيڪو لاهور کان ۴۵ ۽ پنڊي ڀٽيان کان ٢۴ ميل پري ٿيندو (٢٩٠). جيڪڏهن رستي سان سفر ڪبو ته هي ٿاڪ سانگلا کان ١٩ ميل وٿيرڪو آهي. جيڪڏهن علائقي مان سڌو سفر ڪبو ته پنڌ ١٦ ميلن کان وڌيڪ ڪونه ٿيندو. هن جي قديم تاريخ بابت ڪابه ڄاڻ ڪانه ملي آهي. پر ماڻهو چوندا آهن ته هن جو اصلي نالو اُدم نگر Udam nagar هو. ڪي ماڻهو هن کي ادانگري Uda nagari به سڏيندا آهن. صدين تائين اهو ماڳ ڦٽل هو. پر اڪبر جي دور ۾ ان کي وري آباد ڪيو ويو. ان زماني ۾ اگر شاهه Ugar Shah ڊوگر هتي دڙي تي هڪ مسجد تعمير ڪرائي، جيڪا اڄان تائين موجود آهي. هيءُ ماڳ گهٽو اڳاٽو ڏسجي ٿو، جنهن جي تصديق ڊگهين سرن مان ٿئي ٿي جن جي ماپ ١٨x١٠x٣ انچ آهي. اهڙيون سرون کنڊر ۾ هر جاءِ تي پکڙيل ڏسبيون. ان کان سواءِ مينهن وسڻ کان پوءِ هند - سٿين دور جا سڪا به جام لڀندا آهن. هنن ڳالهين ڪري سمجهه ۾ اچي ٿو ته هيءُ ماڳ عيسوي سن کان هڪ

امڪان آهي تہ صحيح انگ اڪر ١١يا ١٥يا ڪي ۽ گهرجن ، جيڪي ١٩ ميل ٿين ٿا ۽ اهو روڊ رستي فاصلو اسرور ۽ سانگلا وچ ۾ بہ ٿيندو. جيڪڏهن رستي ڪان سواءِ سڌ ڪبو تہ ڪل پنڌ وچي ١٦ ميل بيهندو. ٽسي - ڪيا جي پڪيڙ ٢٠ لي ٻڌائي وڃي ٿي، جيڪا ٽن ميلن ڪان ٿورو وڌيڪ ٿيندي. اسرور جي منهنجي ٻڌايل ماپ سان پورو ٺهڪي اچي ٿي، جيڪا ١٥٦٠٠ فوٽ يا ٣ ميل ڪن آهي. شين سئنگ جي سفر واري زماني ۾ هتي ڏهہ مڙهيون هونديون هيون. انهن مان ڪي ٿوريون ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل هيون نہ تہ گهڻن جو هندو ڌرم سان واسطو هو. شهر ڪان اتر-اوڀر ڏهہ لي يا گهٽ وڌ ٻن ميلن جي فاصلي تي راڄا اسوڪاجو جوڙايل ٻڌ استوپا هو، جنهن جي اوچائي ٢٠٠ فوٽ هئي. چيو ويندو آهي تہ هتي مهاتما ٻڌ ڪجهہ وقت رهيو هو ۽ منجهس ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل ڪي متبرڪ شيون رکيل هيون، منهنجي خيال ۾ هيءُ استوپا اهو آهي، جيڪو اسرور جي اتر ۾ بہ ميل، ٺٽ سيدان Thata syadon جي ويجهو ۽ سالار Sâlâr جي پرسان هڪ ننڍي دڙي جي صورت ۾ موجود آهي.

# ران - سي يا نارا سِنها

ٽسي-ڪيا ڪان پوءِ، شين سئنگ، اوڀر پاسي نا-لو-سينگ-هو Na-lo-seng-ho يا نارا سنها ڏانهن اسهيو هو. ان ماڳ ڪان پوءِ، پو-لو-شي Po-lo-shĕ پيلو Pilu يعني ڪبڙن جي جهنگ مان لنگهيو هو ۽ ڪيس ڏاڙيلن جي هڪ ٽولي ڦريو هو. اهڙو ذڪر مٿي اچي ويو آهي. منهنجو ويچار آهي تہ نارا سنها جو قديم شهر ران-سي Ran-si وارا دڙا آهن، جيڪي شڪره پورا ڪان ٩ ميل ڏکڻ ۽ اسرور ڪان ٢٥ ميل اوڀر-ڏکڻ-اوڀر آهن ۽ لاهور ڪان بہ ساڳئي پنڌ تي اولهہ طرف آهن. (٢٩١) سي Si سيهہ Sih سنهہ Sinh جي مختصر شڪل آهي. ران ۽ نار اهڙا لفظ آهن، جن جا اچار هڪ ٻئي سان مٽ سٽ ٿي سگهندا آهن. جهڙيءَ ريت رانود Ranod مان نارود Narod بڻجي ويو. هي گواليار علائقي جو مشهور شهر آهي. جيڪو نارواڙ Narwar ڪان ٣٥ ميل ڏکڻ ڏس تي آهي. روهيلکنڊ يا ڪٽيهار

Katehar جي راڄڌانيءَ به اهڙو مثال آهي جيڪا نڪلور Nakhlor مان بدلجي لکنور Lakhnor بڻجي وئي. ران-سي ۽ نارا-سنها ۾ نه رڳو جاگرافيائي بيهڪ جي هڪ جهڙائي آهي، پر سنڌن نالن ۾ ڪجهه ساڳيائپ ڏسجي ٿي. هي سڄاڻپ وڏي اهميت رکي ٿي. چاڪاڻ ته هن وسيلي شين سئنگ جي ان بيان جي تصديق ٿي وڃي ٿي ته سانگلا راويءَ جي اولهه پاسي آهي. ان جي بدران پراڻي دور جا مؤرخ مذڪوره ماڳ راويءَ جي اوڀر پار ٻڌائن ٿا.

ران-سي جا ٿرڙ هڪ وڏي دڙي تي موجود آهن، جنهن جي اتر ڪان ڏکڻ ڊيگهه ٦٠٠ فوٽ ۽ اوڀر کان اولهه ٥٠٠ فوٽ ٿيندو اوچائي ڪٿي ٢٠ ته ڪٿي ٢٥ فوٽ آهي. سڄو دڙو وڏي ماپ جي سرن جي ٽوٽڻ سان ڀريو پيو آهي. هتان شورو ناهيندڙ ڪاريگرن کي سڪا تمام ٿورا هٿ لڳا آهن. پنجاب جي پراڻن دڙن جهڙوڪ ملتان شورڪوٽ ۽ هڙاپا مان شورو تمام گهٽو ليندو آهي. شورو ليندو به انساني آباديءَ جي دڙن مان آهي. هن مان اسان کي اها ثابتي ملي ٿي ته ران-سي هڪ قديم شهر آهي، پر قدرتي دڙو نه آهي. ماڻهو اتي گند غلاظت به اڇليندا هئا. صدين گذرڻ کان پوءِ ان جاءِ تي شورو پيدا ٿيڻ لڳو. ران-سي ۾ نوگجا Naogaja نالي هڪ مقبرو به آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نَوَ گز. مان سمجهان ٿو ته اهو مهاتما گوتم جو بت آهي، جيڪو ليٽيل صورت ۾ هتي موجود آهي. گوتم ٻڌ جي وفات يا نرواڻ کان پوءِ سندس بت کي هن صورت ۾ رکيو ويو ٿو ڀانئجي. سرن ۽ گاري گپ سان ايڏن وڏن بتن ناهڻ جو رواج اڄان سوڏو برما ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙا بت پراڻن دڙن ۾ هوبهو ائين ڏسبا آهن، جهڙيءَ ريت نوگجا جو مقبرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چيو ويندو آهي ته جنهن وقت مهاتما ٻڌ وفات ڪئي هئي ته سندس منهن اوير طرف هو. ان ڪري جيڪي نرواڻ سان لاڳاپيل بت آهن، تن کي اتر ڏکڻ دفن ڪيو ويو، انهيءَ لاءِ ته جيئن سندن منهن اوير طرف رهي. اهڙيءَ طرح مسلمانن جون قبرون به اتر ڏکڻ طرف هونديون آهن. مان سمجهان ٿو ته اڳئين زماني ۾ جڏهن مسلمان جنگ ۾ ماريا ويا هوندا تن کي ٻڌن جون اهڙيون قبرون اڳيئي تيار ٿيل مليون. مان هن موضوع تي اڳتي گهٽو ڪجهه لکيو آهي ۽

رانسي جي قدامت لاءِ بي ثابتي هيٺ بہ ڏني وئي آهي.

# امباڪپي يا آماڪانس

امبا ۽ ڪپي ٻن مختلف دڙن جا نالا آهن. اها قديم شهرن جي باقيات آهي، جيڪي ڪنهن زماني ۾ هڪ ياءُ ييڻ جي نالي پنيان آباد هئا. مان هنن بابت ڳالهہ ماڻڪيالا جي قصي ۾ اڳيئي ڪري آيو آهيان. ڏندڪٿا موجب هڪ ڪتنب جا ني پائر هئا، جن جا نالا سيرڪپ Sir- Kap سر سُڪ Sir-suk ۽ امبا هئا. ڪين چار پينر ڪالپي، Kalpi ڪاپتي Kapti منڊي Munde ۽ منديهي Mandehi نالي هيون. انهن مان هرهڪ رانسي جي پرسان ۽ شڪوهپورا جي ڏکڻ ۾ شهر آباد ڪيو. انهن سيني شهرنجي ٿرڙن جا بيان هيٺ ڏجن ٿا.

پهريون: سيرڪپ جو دڙوبالاڙه Balarh ڳوٺ جي ويجهو ۽ شڪوهپورا کان ڇهہ ميل ڏکڻ پاسي آهي. هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي تہ بالاڙه جو نالو سنڌ ساگر ڏند ڪٿا ۾ سير ڪپ سان لاڳاپيل نظر اچي ٿو، جنهن ۾بالاڙه ڪي راجا جي گاديءَ جو هنڌ ٻڌايو ويو آهي.

ٻيو: سير سُڪ جو دڙوشڪوه پورا ڪان سادا ٣ ميل ڏکڻ ۽ سيرڪپ دڙي ڪان اڌائي ميل اتر طرف آهي.

ٽيون: امبا جو دڙو جيڪو هاٿي هڪ ڳوٺ جي صورت ۾ نظر اچي ٿو، سرشڪوه پورا کان ٩ ميل ڏکڻ ۽ ران-سي کان هڪ ميل اوير پاسي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

چوٿون: ڪاپتي ياڪانپتي جو دڙو آهي. هي نالو ٻنهي صورتن ۾ لکيو ۽ اچاريو ويندو آهي. هيءُ دڙو امبا کان اڍائي ميل اوير ۽ لاهور ڏانهن ويندڙ هڪ پراڻي رستي تي ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

پنجون: ڪالپي دڙو. هيءُ هڪ ننڍو ۽ گهٽ اوچو دڙو آهي، جيڪو ڀوءِ پور Bhui pur نالي هڪ ڳوٺ ويجهو، سير ڪپ ۽ امبا نالي دڙن جي وچ ۾ ڏسبو آهي.

ڇهون: منڊي جو دڙو باگهہ-بچا Bagh - bachha نئن ڪناري، ران-سي ۽ امبا دڙن کان ٨ ميل ڏکڻ پاسي آهي.

ستون: هيءَ دڙو، جيڪو هاٿي هڪ ڳوٺ جي شڪل ۾ نظر اچي ٿو، سو امبا ۽ ڪاپتي کان ڏکڻ - اوڀر ۾ ٻنهي کان ساڍا ۳ ميل پري ٿيندو.

مٿيان سيئي دڙا پاڳ - ٻچانئڻ جي اولهه ڪناري سان ڏسبا آهن ۽ لاهور کان ۲۵ ميلن جي پنڌ تي اولهه پاسي آهن. هيءُ ڳوٺ، جنهن جو ذڪر اسان هاٿي مٿي ڪري آياسين، سو ضلع لاهور جي نقشي ۾ ڏسي سگهجي ٿو. پر درن جا نشان سارڪ پور (Sarak pur) واري وڏي نقشي ۾ لڳايا ويا آهن. مان اڳي ڪٿي اهڙو ذڪر ڪري آيو آهيان، ته پاڳ - ٻچانئڻ چيتي جي ستن بڪايل ٻچن واري ڏندڪٿا سان لاڳاپيل آهي، جن جا نالا مٿي ڏنل ستن دڙن تي رکيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان ڳالهه کي اسان هتي ورجايون ٿا، چاڪاڻ ته هيءَ ڳالهه سنڌ ساگر دوآبي ۾ تمام گهڻي مشهور آهي. ڳالهه ڪندا آهن ته ڪنهن زماني ۾ سيالڪوٽ جو هڪ راجا هوندو هو. سندس نالو رس لو (Rasalu) هو. هڪ ڏينهن هو سير ڪپ سان ڀاري راند ڪيڏي رهيو هو. ٻنهي ۾ اها ڳالهه طئي ٿي هئي ته جيڪو هارائيندو، تنهن جو سر وڍيو ويندو. راند ۾ سير ڪپ هارايو. راجا رسلوءَ سيرڪپ جو سر ڪونه وڍيو. ان جي بدران ڪانئس ڏيءُ ڪوڪيلا (Kokila) جو سڱ ورتائين. هتان جا ماڻهو هن ڳالهه کي بلڪل سچو سمجهندا آهن. ڪنهن ماڻهوءَ هن ڳالهه تي بيت به چيا آهن، جن مان هڪ ڏوهيڙو هيٺ ڏجي ٿو:

امبا ڪاپاپٽي لڙائي
ڪلپي پيڻ چڙواڻ آئي

هيءُ ڏوهيڙو اسان کي اهڙي ڄاڻ ڪونه ٿو ڏئي، ته ٻنهي ڀائرن وچ ۾ جهڳڙو ڪهڙيءَ ڳالهه جي ڪري ٿيو. ان کان سواءِ هيءُ ڏوهيڙو ستن ڀائرن ۽ ڀينرن جي ڪابه ڄاڻ ڪونه ٿو ڏئي. پر مان سمجهان ٿو ته امبا ۽ ڪلپي نالا گهڻو ڪري ٽالمي جي دور جيترا قديم آهن. چاڪاڻ ته هو ٻڌائي ٿو ته آماڪيٽس (Amakats) يا آماڪيپس (Amakapis) جو شهر، راويءَ جي الهندي پاسي ۽ لابوڪلا (Labokla) يا لاهور جي بلڪل ويجهو هو (۲۹۲).

امبا وارو درو همچورس نو سو فوٽ ٿيندو ۽ سندس اوچائي

٢٥ کان ٣٠ فوٽ آهي. ويڪر واري پاسي کان اٽڪل ٦٠٠ فوٽن تائين سڄي ايراضي ٺڪراٺي سان پري پئي آهي. هن قديم شهر جي ساري پکيڙ ٨٠٠٠ فوٽ يا ٣ ميل همچورس ٿيندي. دڙي جو مٿاڇرو وڏين سرن جي ٽوٽ سان ڇانيو پيو آهي، جن مان هڪ اکريل سرجا ٽڪرا بہ مليا. ان سان گڏ مون کي هتان ڇاهين رنگ جو هڪ پٿر نڪر لڌو. هن دڙي تي مون کي سانگلا ۾ ڪرنا (Karana) ٽڪرين جيان اهڙا نشان مليا. جن مان سمجهيم اهي لوهہ جون ڪاٽيون هيون. هتان جي ماڻهن ٻڌايو تہ اهو شهر راجا امبا اٽڪل ١٨٠٠ يا ١٩٠٠ سال اڳ تعمير ڪرايو هو. جيڪو عيسوي سن جي شروعات وارو زمانو آهي. هن ڳالهہ جي ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هيءُ دور ٽنهي پائرن هشڪا (Hushkka)، جشڪا (Jushka) ۽ ڪنشڪا جو سهيوڳي هوندو. هيءُ راجا هند - سٿين جي يوچي (Yuchi) يا 'ڪشن' قريءَ سان واسطو رکن ٿا. مان ڇاهيان ٿو هن قريءَ جي راجائن لاءِ بہ ٻہ ٻول ڳالهايان. پر جيڪڏهن سندن ڪُر ۽ قريءَ کي نروار ڪبو تہ بحث گهڻو ڊگهو ٿي ويندو.

## لوهاوار يا لاهور

هيءُ مشهور ۽ وڏو شهر نو سؤ سالن تائين پنجاب جي راڄڌاني رهيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ راما جي پٽ لاوا (Lava) يا لو (lo) هن شهر جو بنياد رکيو هو. تنهن ڪري هن کي لوهاوار (Lohawar) سڏيو ويندو هو. ابو ريحان بہ هن کي انهيءَ نالا سان سڏيو آهي. موجوده دور ۾ هن شهر کي لاهور نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو. هن شهر کي مذڪوره نالي سان پهريائين مسلمانن سڏڻ شروع ڪيو. هاڻي تہ سڄيءَ دنيا ۾ انهيءَ نالي سان ڄاتو سُڃاتو وڃي ٿو. مسٽرٿارنٽن (Mr. Thornton) هن شهر جي مفصل تاريخ لکي آهي. سندس خيال آهي تہ لاهور ٿالمي جي لابوڪلا (Labokla) آهي. منهنجي خيال ۾ هو بلڪل صحيح آهي. هن لفظ جا پهريان ٻئي پد لابو (Labo)، لاوا (Lava) جي نمائندگي ڪن ٿا. پر مان لفظ جي پڇاڙي ڪلا (Kla) لڪا (lka) يا لاڪا (Laka) ۾ تبديل ڪرڻ چاهيان ٿو. اهڙيءَ ريت سڄو لفظ

ٽيندو لابو لاڪا (Labolaka) جنهن جو ڏيهي اچار ٽيندو: ”لاوا لاڪا“ يعني ”لاوا جي رهڻ جي جاءِ.“

شين سئنگ ته لاهور جو ذڪر ئي نه ڪيو آهي، پر اسان کي پڪ آهي ته هو ٽاڪي (Taki) کان جالنڌر ويندي هتان ضرور مَتِيو هوندو. پر ايترو سو ٻڌائي ٿو ته ٽاڪيءَ جي ايرنڊي دنگ سان واقع هڪ وڏي شهر ۾ هيءُ پورو هڪ مهينو ترسيو هو (۳۰۳). پر اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ته ان ملڪ جي اوير وارو سنڌو راوي ٽائين نه بياس درياءَ ٽائين هو. تنهن ڪري ان وڏي شهر کي بياس جي ڪنڌين ڪنارن سان جاچڻ گهرجي. وڏو امڪان آهي ته اهو شهر قصور جو هوندو. اسان کي ’لاهور‘ نالي جو ذڪر پهريون پيرو محمود غزنويءَ حملي دوران ملي ٿو. ان زماني ڪابل ماتريءَ جا برهمڻ حڪمران پشاور ۽ اوهند ۾ رهندا هئا. انهن راجائن اتان نڪري پهريائين جهلم ڪناري پيرا ۾ راڄڌاني قائم ڪئي. پوءِ وري اچي لاهور ۾ پير پختا ڪيائون. فرشته راجا جئپال ۽ سندس پٽ انندپال کي لاهور جو راجا ٿو سڏي. هنن پيءُ ۽ پٽ، ٻنهي محمود غزنويءَ سان زبردست مقابلا ڪيا هئا. سنه ۱۰۳۱ع ڌاري هن برهمڻ خاندان جي حڪومت ختم ٿي وئي ۽ لاهور ۾ محمود غزنوي طرفان مقرر ڪيل گورنر (۳۰۴) رهڻ لڳو. جڏهن سنه ۱۱۵۲ع غور جي افغانن بهرام شاهه کي غزني مان ڪڍي ڇڏيو ته سندس پٽ خسرو اچي لاهور وسايو. لاهور ۾ سندس گهراڻي جي حڪومت ٻن پيڙهين ٽائين مس هلي ۽ آخري حڪمران خسروءَ کي ۱۱۸٦ع ۾ گرفتار ڪيو ويو.

## ڪساور يا قصور

ماڻهن جي روايتن مطابق ڪساور جي شهر جو بنياد راما جي پٽ راجا ڪوسا رکيو هو ۽ ان ڪري هن شهر کي سهيوڳي شهر لوهاوار جيان ڪوساوار يا ڪساوار نالي سان سڏيو ويندو هو. ان کان پوءِ سنڌن نالن جي اچارن ۾ سر آوازن جي اڳتي پوئتي ٿيڻ ڪري ڪجهه تبديلي آئي آهي. هيءُ شهر بياس درياءَ جي ڇڏيل واريءَ جي هڪ دڙي تي آباد آهي، جيڪو لاهور (۳۰۵) کان ۳۲ ميل ڏکڻ، ڏکڻ - اوير طرف

آهي. عام مشهور ڳالهہ اها بہ آهي تہ هن شهر کي ٻارنهن قلعا Twelve forts هوندا هئا. انهن مان هاڻي باقي ست قلعا وڃي بچيا آهن. هن شهر جي قدامت ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي. منجهس ڪابہ وڏي عمارت نظر ڪانہ ٿي اچي. باقي ڏڙو گهٽيءَ ايراضيءَ ۾ پکڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو (٢٩٦)۔جيڪو لاهور ويندڙ رستي تي ان جاءِ تي آهي، جتي ڪڏهن ستلج ۽ بياس پاڻ ۾ سنگم ڪنديون هيون. فيروز پور سامهون اٿس. هن شهر جي جاگرافيائي بيهڪ اهڙي اهم آهي جو معلوم ٿئي ٿو تہ سندس تعمير قديم زماني ۾ ڪئي وئي هوندي. هيءُ شهرفدرتيطرح ڏاڍو محفوظ هو، ڇاڪاڻ تہ ان جي ڏکڻ پاسي کان بياس ڦري اچي ٿي، باقي ٻين طرفن کان وڏا گهارا اٿس. هيءُ شهر ڪيترو وڏو هو، تنهن لاءِ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ موجوده شهر جون گهٽيون وستيون زبون حال مقبرن ۽ مسجدن ۽ ٻين جڳهن سان ڀريون پيون آهن. منهنجو خيال آهي تہ هي قديم شهر همچورس هڪ ميل کان ڪڏهن بہ گهٽ ڪونہ هوندو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ قلعي واري شهر جي پکيڙ چار ميل ضرور هوندي. ٻي ڳالهہ تہ پراڻا مقبرا موجوده شهر کان ميل کن جي وٿي تي ضرور هوندا. گهٽ ۾ گهٽ وچ واري اڌ جاءِ پراڻن دڙن سان ڀري پئي آهي. هن مان بہ اهو معلومٌ ٿئي ٿو تہ هيءَ ايراضي بہ مذڪوره قديم شهر سان لاڳاپيل هوندي. هن صورتحال مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ٽاڪي ملڪ جي اوير سرحد وارو شهر جيڪو بياس جي ڪناري هو ۽ جتي شين سئنگ ٽاڪي جي راڄڌاني کان چينا پٽي Chinapati ڏانهن ويندي هڪ مهينو ترڪيو هو، سو هي ماڳ آهي. پر بد قسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ هن اڳي جيان تفصيل کان ڪم ڪونہ ورتو آهي ۽ شهر جو نالو ڪونہ ڏنو اٿائين. پر سندس بيان مان هڪ حقيقت ضرور واضح ٿئي ٿي تہ اهو شهر بياس جي ساڄي ڪناري ۽ لاهور جي سامهون هو. هن بيان مان اسان کي اهو پتو پوي ٿو تہ هن شهر جي جاگرافيائي صورتحال ڪهڙي هئي.

## چيناپٽي يا پٽي

شين سئنگ جي بيان موجب چيناپٽي جو ماڳ ٽاڪي کان

٥٠٠ لي اوپر هو. جيڪو ٨٣ ميل فاصلو ٿئي ٿو. سنڌس بيان پٽي (Patti) سان سهمت آهي. جيڪو قصور کان ٢٧ ميل اتر اوير ۽ بياس (٣٠٧) کان ڏهه ميل اولهه پاسي هڪ قديم وڏو شهر آهي. هن چيني ياتري جي سفرنامي ۾ فاصلي جو فرق آهي، نه ته مشهور شهر جالنڌر کان پنڌ جي ڏينهن ۽ جاگرافيائي بيهڪ ڪري اهو ماڳ چيناپٽي ٿي سگهي ٿو. پر شين سئنگ جي حياتي بابت لکيل (٣٠٨) ڪتاب ۾ ڄاڻايو ويو آهي، ته چيناپٽي تامس وانا مڙهي (Tamasavano Monastery) کان ٥٠ لي يا ٨ ميل اتر اوير آهي، جيڪا جالنڌر واري مشهور ماڳ کان ١٥٠ لي يا ٢٥ ميل اتر اولهه ۾ تيندي، پر شين سئنگ جي سفر نامي (٣٠٩) ۾ لکيل آهي ته اها مڙهي چيناپٽي ماڳ کان ٥٠٠ لي يا ٨٣ ميل پري هئي. مون کي ٨٣ ميل وارو فاصلو ممڪن نظر ڪونه ٿو اچي. هن پنڌ موجب چينا پٽي، تاڪي کان ٣٠ ميل اتر وجي بيهندي، پر سفرنامي ۾ اسان کي چيني ياتري ٻڌائي ٿو ته اها تاڪي کان ٨٣ ميل اوير پاسي آهي، ٻيءَ جاءِ تي اهو فاصلو ٨ ميل ڏيکاريو ويو آهي. جيڪڏهن ماڳ کي بياس جي ڇڏيل هڪ وارياسي ۾ وجي بيهاريندو، جتي ڪنهن شهر جو نالو نشان ئي ڪونه آهي. مان ١٥٠ يا ٢٥ ميلن واري پنڌ کي مناسب سمجهان ٿو. جنهن ناتي چيناپٽي وارو ماڳ وجي پٽي شهر وٽ بيهي ٿو. تاڪي کان سنڌس فاصلو ۽ سنڌس جاگرافيائي بيهڪ بابت بيان به اهڙو آهي، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

'پٽي' هڪ وڏو ۽ قديم شهر آهي. ان جون جايون پڪ سريون آهن. برنس (٣١٠) جو بيان آهي ته هيءُ شهر اڪبر جي دور ۾ تعمير ٿيو آهي. مان سمجهان ٿو ته هو غلط آهي. ڇاڪاڻ ته هي شهر همايون جي دور ۾ پرڳڻي جو صدر مقام هو، جنهن پنهنجي ملازم "جوهر" (٣١١) کي ڏنو هو. ابوالفضل هن کي پٽي هيبت نگر سڏيو آهي (٣١٢). اجا تائين هن شهر کي هيبت نگر پٽي ڪوٺيو ويندو آهي. ماڻهن جي ٻڌايل ڳالهين مطابق ان شهر جو نالو 'هيبت خان' پنيان پيو آهي. سنڌس دور بابت ته ڪجهه به چئي ڪونه ٿو سگهجي. ٿي سگهي ٿو ته اهو هيبت خان شيرواني هجي، جيڪو سڪندر لوڌيءَ جي زماني

۾ مشهور نواب هو. جڏهن همايون ايران کان موٽيو هو ته افغان بادشاهه جي فوج وٽي وڃي سنڌس سامهون ٿيو هو. پٽيءَ جي قدامت هن مان به ثابت ڪري سگهجي ته اتي سروٽن جا ڍير ڏسڻ ۾ ايندا ۽ پراڻن ڪوهن جو انگ به ججهو ڏسبو. انهن پراڻن ڪوهن جو ذڪر "جوهر" (٣١٣) به ڪيو آهي، جيڪو شهنشاهه همايون جو خدمتگار هو. سروٽن جا ڍير ڏسي برنس (٣١٤) گهڻو متاثر ٿيو هو ۽ لکيو اٿائين ته، "گهر پڪا نهيل هئا، شهر جي گهٽين جي فرشبندي ٿيل هئي. ڪن ماڻهن پرپاسي ۾ کوهه پٽي ڪنيو ته ڪوٽيندي هڪ پراڻي کوهه جي اڏاوت تي اچي بيٺا، جنهن مان لڌل هڪ سر تي هندو طرز جي لکت ٿيل هئي، جنهن مان پتو پيو ته اهو کوهه اگرتوتا (Agurtuta) نالي هڪ ماڻهوءَ کوٽايو هو. پر ان بابت ڪوبه احوال هٿ اچي ڪونه سگهيو." مان هن ماڳن ڪي برنس کان ٿورو پوءِ سنه ١٨٣٨ع ۾ ڏوري ڏٺو هو. پر مون کي اها لکت هٿ ڪانه لڳي.

هن شهر جي قدامت جي ٻي نشاني اها آهي ته هتي هڪ ڊگهي قبر آهي، جنهن کي ماڻهو "نوگجا" يعني "نون گزن" واري قبر سڏيندا آهن. بار (Barr) (٣١٥) جو بيان آهي ته "پٽي نوَ گجا" اڪبر جي دور تائين آباد هئي. پر اهڙي قسم جون قبرون جيڪي اولهه اتر هندستان ۾ گهٽيون ڏسبيون آهن، تن لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي غازين (Ghazis) جون آهن، جيڪي اسلام جي اوائلي دور ۾ ڪافرن سان وڙهندي ماريا ويا هئا. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته هيءَ قبر محمود غزنوي جي دور جي آهي پر هن مٿان جيڪو پڪ سرو مقبرو آهي، سو اڪبر جي دور ۾ تعمير ڪيو ويو ٿو ڀانئجي.

شين سئنگ جو بيان آهي ته چيناپتا جو علائقو ٢٠٠٠ لي يعني ٣٣٣ ميلن تي پکڙيل آهي. هن ڏنل پکيڙ مطابق مذڪوره علائقي ۾ ٻاري دو آبي جو شيون ڀاڱو اچي وڃي ٿو، جيڪو نڪرين جي ڪچ کان وٺي فيروزپور پرسان بياس ۽ ستلج جي قديم سنگ واري جاءِ تائين پکڙيل هو. چي- نا- پو- تي (chi-na-po-ti) يا چيناپٽي جو نالو هند - ستين گهراڻي جي مشهور راجا ڪنشڪا جي دور ڏانهن اهڃاڻ ڏئي ٿو، جنهن پنهنجي چيني يرغمالين کي هن علائقي ۾ رکيو

هو. چيني ياتري وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته سنڌن رهڻ کان اڳ هندستان جا ماڻهو ناسپاتين Pears ۽ آڙن Peacrhes کان اڻ واقف هئا. ان وڻن جا ٻئي ميوا چيني يرغماليِن پاڻ سان آندا هئا. ناسپاتين کي ”چي- نا- ني Chi-na-ni چيناني کوٺيو ويندو هو يعني ”اها شيءِ جيڪا چين مان آندي وئي هجي.“ آڙوءَ يا شفتالوءَ کي ”چي- نا- لو- شي- فو- تا- لو Chi-na-lo-she-fo-ta-lo يا چينا راجا پترا يعني ”چين جي راجا جو پٽ“ سڏيو ويندو هو. منهنجي خيال ۾ هيءَ ڳالهه هرو ڀرو صحيح ڪانه آهي، ڇاڪاڻ ته پر وارين ٽڪرين ۾ جهنگلي ناسپاتيون ۽ آڙو ٿيندا آهن. هاڻي هتي ٻن قسمن جا آڙو ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي پوکيا ويندا آهن. انهن مان هڪ گول ۽ ڪٽو منو هوندو آهي ۽ ٻيو ڪجهه وينوڙو ۽ منو ٿيندو آهي. پهرئين کي هنديءَ ۾ آڙو ۽ فارسيءَ ۾ شفتالو سڏيو ويندو آهي. اهو قسم گهڻو ڪري هتان جو آهي. اهو آڙو جنهن کي چيني ياتري چيني شفتالو سڏي ٿو، ٿي سگهي ٿو ته ان جو تعلق چين سان هجي.

## شورڪوٽ

شين سئنگ وچ پنجاب واري علائقي کي پو- فا- تو Po-fa-to يا پو- لا- فا- تو Po-la-fa-to سڏيو آهي. ايم. اسٽنسلاس جولين M.Stanislas Julien جو خيال آهي ته اهو لفظ پاروتا Parvata آهي. مذڪوره لفظ لاءِ هيءُ اعتراض ٿي سگهي ٿو، ان جي معنيٰ ”ٽڪري“ آهي، جيڪا ٿي ئي ڪانه ٿي سگهي. ڪنهن ميداني علائقي ۾ ڪنهن ايراضيءَ جو اهڙو نالو هجڻ ممڪن ئي ڪونه آهي. ان علائقي جي راڄڌاني ملتان کان ٧٠٠ لي يا ١١٢ اتر- اوڀر هئي. هن ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ اهڙي آهي، جهڙي چناب ڪناري تي جهنگ شهر جي آهي. پر هيءُ ماڳ چناب ۽ جهلم جي سنگم واري ٿاڪ کان ڪجهه پنڌ مٿان آهي. تنهن ڪري هيءُ علائقو ٺاڪي ملڪ جو اترين ڀاڱو ٿي سگهي ٿو. هن معاملي ۾ جيڪو فاصلو شين سئنگ ٻڌايو آهي، سو تمام گهڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته چيني ياتريءَ هن علائقي جي ڪوهه واري فاصلي کي

نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. سنگهاپورا Singhapura جي احوال دوران مان هن نڪتي تي ڪافي سمجهاڻي ڏئي چڪو آهيان. هتان جو ڪوهه هڪ ميل ۽ $٢\frac{١}{٢}$ فرلانگن جي برابر آهي، جيڪو عام ڪوهه جي $\frac{٢١}{٣٢}$ جي برابر ٿيندو. ان حساب سان شين سئنگ جو ڏنل فاصلو وڃي ٧٦ ميل بيهندو ۽ اهو شورڪوٽ جي اوسي پاسي وارو علائقو ٿيندو. آئين اڪبريءَ ۾ هن شهر جو نالو شُور ڪوٽ Shur kot لکيو ويو آهي. جيڪڏهن هن لفظ جي شروعاتي پو Po تي ويچار ڪبو ته هن جو اچار وڃي سو So جي برابر بيهندو. جنهن جو مثال پو- لو- تو- لو Po-lo-tu-lo آهي، جيڪو سو- لو- تو- لو So-lo-tu-lo آهي، جيڪا سلاتورا جي هجي آهي. هيءُ ماڳ گرامر جي مشهور ماهر "پاينني" جي جنم ڀومي آهي، تنهن ڪري امڪان آهي ته پو- لو- فا- تو Po-lo-fa-to ۽ سو- لو- فا- تو So-lo-fa-to ۾ ٻه اهڙي ئي مت سمجهڻ گهرجي جنهن جو اچار سوراوتي Soravati ٿئي ٿو، جيڪو شورڪوٽ جي برابر آهي. هيءُ ان زماني جي راڄڌاني جي نالي بابت چيني ٻوليءَ جي اچار موجب هڪ امڪاني احوال آهي. هيءُ فاصلو پرڳڻي جي سڃاڻ تي ڪو اثر انداز ڪونه ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته اها پڪ آهي ته اهو علائقو ملتان کان اتر- اوڀر پاسي هو، جيڪو شور ڪوٽ واري علائقي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. اتان جا ماڻهو سودرا ڪاءِ Sudrakae ڪُر سان لاڳاپو رکن ٿا. قديم مؤرخن هنن ماڻهن کي اوڪسو ڊراڪاءِ Oxu drakae ڪري لکيو آهي. هن نڪتي کي اجوڌن جي بيان ۾ وڌيڪ نروار ڪري لکيو ويو آهي.

شين سئنگ جي بيان موجب هي علائقو ٥٠٠٠ لي يعني ٨٣٣ ميلن تي پکڙيل هو. منهنجو ويچار آهي ته هي انگ اکر به وڌائي پيش ڪيا ويا آهن. هن علائقي جو اوڀاريون سنڌو ستلج جو وهڪرو هو، جنهن جو هڪ سو ميل ڪنارو گرجارا Gurjjara جي راڄ ۾ شامل هو. اتر پاسي ٽاڪي راڄ هو، جيڪو سنڌوءَ کان بياس ۽ ستلج جي اڳاٽي سنگم واري ٿاڪ فيروز پور تائين ٻن سون ميلن ۾ پکڙيل هو. ڏکڻ واري پاسي ملتان وارو علائقو هو، جيڪو ڏيڍ سو ميلن جي ڊگهيءَ ايراضيءَ تي مشتمل هو. اهو علائقو ديرادين پناه وٽان سنڌوءَ

ڪان وٺي پاڪپتڻ ڪان هيٺان ستلج تائين هوندو هو. اولهہ پاسي ڪان سنڌو سنئون جو وهڪرو هوندو هوس، جيڪو ٥٠ ميل ڊگهو هو. ليکو ڪري ڏسبو تہ ان علائقي جي ڪل پکيڙ ٥٢٠ مس ٿئي جيڪا شين سئنگ جي ڏنل انگ کان گهٽو گهٽ آهي. اهو فرق ڪوه جي ماپ ۾ گهٽ وڌائي ڪري آهي. هن علائقي جي ڪوه جي اصلي ماپ مطابق چيني ياتريءَ جا ٻڌايل ٨٣٣ گهتجي وڃي ٥٣١ ميل بيهندا. هي پنڌ اصلي فاصلي جي ذري گهٽ وڃي برابر ٿيندو.

هن ٻڌايل ڊنگ اندر ڪيترا اهم شهر ڏسڻ ۾ ايندا. جيڪي ڊڙن ۽ قديم شهرن جي زبون حال صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. جن آڳاٽي دور ۾ پنجاب جي تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| رچنا دو آبي ۾ | (١) شور ڪوٽ<br>(٢) ڪوٽ ڪماليا |
| باري دو آبي ۾ | (٣) هڙاپا<br>(۴) اڪبر<br>(٥) ست.گهرا |
| دوآبو جالنڌر پٿ (Pith) | (٦) ديپال پور<br>(٧) اجوڌن |

## شور ڪوٽ

هيءُ ماڳ وڏي ڊڙي جي روپ ۾ موجود آهي. هن پرڳڻي تي، هن قديم شهر جو نالو آهي، جنهن کي شور پرڳڻو چيو ويندو آهي، جيڪو رچنا دو آبي جو هيٺيون پاڳو آهي (٣١٦). هيءُ ڊڙو برنس بہ ڏنو هو (٣١٧). سندس چوڻ آهي تہ، "هيءُ مٽيءَ جو هڪ وڏو ڊڙو آهي. چوڌاري پڪ سرو قلعو اٿس. گهڻو اوچو آهي. سندس پکيڙ چهن

ڪان اٺ ميل ٿيندي." اڳتي هلي ٻڌائي ٿو تہ هيءُ دڙو پڪيڙ ۾ سيوهڻ ڪان وڏو آهي، جيڪو ڊي لا هوزي (De la Hoste) موجب ڊيگهہ ۾ ١٢٠٠ ۽ ويڪر ۾ ٧٥٠ فوٽ آهي (٣٠٨) . پر منهنجي ڄاڻ موجب شورڪوٽ وارو دڙو هڙاپا ۽ اڪبر (Akbar) ڪان ننڍو آهي، جيڪو ٢٠٠٠ x ١٠٠٠ فوٽ ٿيندو. پر هنن ڪان اوچائي ۾ ضرور وڏيڪ آهي. چوڌاري وڏين سرن سان اوساريل قلعو اٿس، جيڪو سندس قدامت جو اهڃاڻ آهي. برنس کي ماڻهن ٻڌايو هو تہ سندس شهر کي اولهہ پاسي ڪان اينڊرُ ڪنهن حڪمران ١٣٠٠ سال اڳ اجاڙي ناس ڪري ڇڏيو هو. ماڻهن کيس ڇڻ اها ڄاڻ ڏيڻ پئي چاهي تہ هيءُ اهو قلعو آهي، جتي سڪندراعظم زخمي ٿيو هو ۽ سڪندراعظم پاڻ هن شهر تي حملو ڪري اهو فتح ڪيو هو. مون پاڻ بہ هن شهر جي تباهي بابت ساڳي روايت ٻڌي. مان سمجهان ٿو تہ ڇهين صدي عيسويءَ ۾ سفيد هن (Hun) قوم اولهہ طرف ڪان حملو ڪري پنجاب فتح ڪيو هو. يا ٿي سگهي ٿو تہ اهو دور هجي جيڪو ماڻهو ٻڌائن ٿا.

چيو وڃي ٿو تہ هن شهر جو بنياد شور (Shor) نالي هڪ راجا رکيو هو. هن راجا جي نالي ڪان وڌيڪ ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي. منهنجو ويچار آهي تہ شورڪوٽ اسٽيفنس بزنٽينس (Stephans Byzantinus) جو اليگزينڊر يا سورياني (Alexandria Soriane) آهي. هيءُ مؤرخ هن شهر جي ڪابہ جاگرافيائي بيهڪ ڪونہ ٿو ٻڌائي، باقي ايترو سو چوي ٿو تہ هندستان ۾ موجود آهي. نالا اهڙي هڪ جهڙائي رکن ٿا جو مان بہ هن ڳالهہ جو قائل آهيان تہ شورڪوٽ سڪندراعظم فتح ڪيو هوندو. پر هن شهر کي وڏايو فلپ هوندو. قلعو بہ ان ئي جوڙايو هوندو. سڪندراعظم جڏهن واپس وطن ڏانهن وريو تہ پنيان کيس اوڪسوڊراڪاءِ ۽ مالي (Malli) جو گورنر مقرر ڪيون ويو هو. ان ڳالهہ جو قوي امڪان بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ سڪندراعظم جهلم ۽ چناب واري ٿاڪ وٽان مالي نيات جي راڄڌانيءَ تي حملو ڪيو هو ۽ شورڪوٽ جو ماڳ ان رستي سان هو، جيڪو سڪندراعظم ورتي مذڪوره راڄڌاني تي ڪاهي ويو هو. پڪ آهي تہ اهو شهر مالي قوم جو هوندو، جنهن ڊايو ڊورس ۽ ڪرٽس جي بيان موجب ٽورن ڏينهن جي ناڪہ بنديءَ ڪانپوءِ آڻ مڃي هئي (٣٠٩) . ڪرٽس ان شهر لاءِ لکي ٿو تہ

ٿيو هوندو. هند - ستين راجائن جي زماني ۾ وڏيو ۽ ويجهو هوندو. جيڪو عيسوي سنہ کان ١٢٦ سال کان اڳ شروع ٿيو. ٢٥٠ع تائين هلي ختم ٿيو. يا ٿي سگهي ٿو ڪجهہ عرصو پوءِ بہ هليو هجي. پر مان جيڪي هندو دور جا سڪا لڌا تن جو واسطو ڪابل جي برهمڻ راجائن سان آهي، اهو گهراڻو پنجاب تي بہ راڄ ڪندو هو. منهنجو ويچار آهي تہ وچين عرصي ۾ يا تہ ماڻهو پاڻمرادو ڇڏي هليا ويا يا ڪنهن دشمن ڪيس اجاڙي پينگ ڪري ڇڏيو. پر ڏهين صدي عيسويءَ ۾ مذڪوره برهمڻ راڄائن هن شهر کي ٻيهر آباد ڪيو ٿو ڀانئجي.

## ڪوٽ ڪماليہ

هي شهر ننڍو پر قديم آهي جيڪو راوي جي ساڄي اترئين ڪناري تي آباد آهي. هن درياهہ جو لاهہ چاڙهہ هتي اچي جڻ ختم ٿيندو آهي. (٣٢٢) هيءُ ماڳ چناب ۽ جهلم جي سنگم واري ٽاڪ کان ٤٤ ميل ڏکڻ - اوير ڏس تي ۽ شورڪوٽ کان ٣٥ ميل اوير- ڏکڻ آهي. پرسان هڪ قديم دڙو آهي، جنهن تي سروٽن جا ڍير ڏسڻ ۾ ايندا. هن بابت بہ شورڪوٽ ۽ هڙاپا جيان ڳالهہ ڪئي ويندي آهي تہ ڪنهن بادشاهہ اولهہ پار کان ڪاهي اچي هن وسندڙ شهر کي اُجاڙي ويران ڪري ڇڏيو. هن ٽاڪ جو پوئيون نالو مسلمان نواب ڪمال الدين پنيان رکيو ويو ٿو ڀانئجي پر پڪ ڪانہ آهي. پر مان هن ڳالهہ جو امڪان ضرور سمجهان ٿو تہ هيءُ شهر مالي ينات جي ماڻهن سان لاڳاپو رکي ٿو، جيڪي اڄ سوڏو هن علائقي ۾ موجود آهن. اهو پتو ڪونہ آهي تہ نالو قديم آهي يا نہ پر ماڳ گهڻو اڳاٽو آهي. ان ڪري مان هن ڳالهہ جو قائل آهيان، هي اهو شهر آهي جنهن کي مالي قبيلي تي ڪاهہ دوران سڪندر پهريون حملو ڪيو هو.

ائرين جو بيان ڏاڍو تہ نروار، ڇتو ۽ مختصر جنهن کي آءُ هوبهو ڏئي رهيو آهيان. (٣٢٣) "سڪندر درياهن جي سنگم واري ٽاڪ کان روانو ٿيو ۽ هڪ ويران علائقي وچان لنگهي پهرين منزل اچي پاڻيءَ جي هڪ ننڍي وهڪري پرسان ڪيائين. جيڪو چناب درياهہ کان هڪ سو اسٽاڊيا پري هو. هتي پهچي هن پنهنجي فوج کي ٿوري

آرام ڪرڻ جو حڪم ڏنو. بعد ۾ ڪين چيو ويو ته وٽن جيڪو به ٿاڻهُ آهي سو پاڻيءَ سان پري هلن. باقي رهندڙ ڏينهن جو حصو ۽ رات لڳاتار سفر ڪندا رهيا. صبح جو سوير اچي هڪ شهر وٽ پهتا. مالي قبيلي جي ڪيترن ماڻهن اتان ڀڄي جان بچائي، تنهن جو پتو نه آهي. پر اهو شهر چناب کان ١٤٠٠ اسٽاڊيا پري هو." منهنجي خيال ۾ پاڻي جو ننڍو وهڪرو اياڪ نئن آهي، جيڪا مٿان جبلن مان نڪري سيالڪوٽ جو پاسو ڏيندي سانگلا جو رخ ڪندي هئي. ان جو پراڻو پيٽ سانگلا کان هيٺ تائين اڄ به ڏسي سگهجي ٿو. اڳتي هلي ان جو وهڪرو جهنگ شهر کان ١٨ ميل اوپر ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان ڪانپوءِ شورڪوٽ کان ١٢ ميل اوپر ۾ نظر ايندو آهي ۽ بعد ۾ سندس نشان ڪا تي به ڏسڻ ۾ نه ايندا (٣١٤). مٿي بيان ڪيل ہنهي ماڳن جي وچ تان ڪٿان سڪندر، هن اياڪ جي وهڪري کي پار ڪيو هوندو. ان کان پوءِ هڪدم ئي رڻ پٽ اچي وڃي ٿو، جنهن کي سڪندر پار ڪري اڳتي روانو ٿيو هو. جيڪڏهن سڪندر هن ماڳ وٽان سر ڏکڻ ڏس تي پيش قدمي ڪري ها ته وڃي شورڪوٽ پهچي ها. چاڪاڻ ته ان طرف کان چناب جي ماتريءَ وارو ڪاڏڙ (Khadar) جو هيناهون علائقو هو. جيڪڏهن ڏکڻ طرف رخ ڪري ٤٦ ميل اڳتي وڌبو ته راويءَ جي ڪنڌي سان وڃي نڪربو. حقيقت ۾ اهوئي ٿاڪ آهي جتي سڪندر ٻي رات به سفر ڪري پهتو هو. (٣١٥) ۽ ائرين جو بيان به ائين آهي. ٻي روايت وارو سفر سمهڻيءَ کان وٺي سج ايرڻ تائين هليو، تنهن ڪري سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته اهو طئي ڪيل فاصلو ١٨ يا ٢٠ ميلن کان گهٽ ڪونه هوندو. ائين سفر ڪرڻ سان ڪوٽ ڪماليا مان هلي راويءَ پرسان ان اڳ وٽ پهچي وڃبو. جنهن جي سامهون ٻيءَ پر تي تُلمبا آهي. هن جو مطلب اهو ٿيئي ٿو ته سڪندر جي سفر جو رخ ڏکڻ - اوپر طرف هو. پاڻيءَ جي وهڪري اياڪ وٽ ڪجهه وقت آرام لاءِ ترسيو. بعد ۾ فوج کي پاڻي پري هلڻ جو حڪم ڪيائين، چاڪاڻ ته اڳيان رڻ پٽ هو. منهنجي خيال ۾ اهو رڻ پٽ سندر - بر (Sandar-bar) يعني سندر وارو برپٽ ٿي سگهي ٿو، ته اهو لفظ چندرا هجي يعني چندرا نديءَ وارو بَرُ. اهڙيءَ ريت پاڻيءَ جي نندي وهڪري جي جاگرفيائي

بيھڪ. برپٽ جو ذڪر ۾ ان سان گڏ ٻنهي دريائن جي سنگم کان فاصلو ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو، تہ جنهن قلعي تي سڪندر حملو ڪيو هو، سو ڪوٽ ڪماليا هو.

ائرين جو بيان آهي تہ شهر قلعبند هو. هڪ پاسي کان متاهين هيس جنهن تي پهچڻ ڏکيو هو. قلعو بہ اُتي اڏيل هو. هتان جا ماڻهو گهڻي وقت تائين مقابلو ڪندا رهيا. پر هڪ زوردار حملي کان پوءِ شهر فتح ٿي ويو. اتي ڪل ٢٠٠٠ فوجي هئا، جن جو قتل عام ڪيو ويو.

## هڙاپا

سڪندر مٿي بيان ڪيل قلعي چوڌاري ڪڙو چاڙهيو وينو هو تہ هن پرڊيڪس (Perdikkus) نالي هڪ جنرل کي گهوڙيسوار دستا ڏئي مالي نيات جي هڪ ٻئي قلعي جي فتح لاءِ روانو ڪيو، جتي اوسي پاسي ماڻهو پڄي اچي لڪا هئا (٣٢٦). سڪندر ڪيس هدايت ڪئي هئي تہ سندس اچڻ تائين شهر جي چڱيءَ ريت ناڪا بندي ڪئي وڃي. اتان جا ماڻهو پرڊيڪس جي پهچڻ جو ٻڌي قلعي مان نڪري وڃي پاڻيءَ جي ڇَرَ اندر محفوظ جاين ۾ لڪا هئا. مان ڀانيان ٿو تہ اهو هڙاپا جو شهر هو. پاڻيءَ جي ڇر مان سمجهي سگهجي ٿو تہ اهو راويءَ جي ڀرپاسي ۾ هو. پرڊيڪس کي سڪندر جي هر اول دستي طور ان طرف موڪليو ويو، تنهن مان معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ ڪوٽ ڪماليا کان اوير يا ڏکڻ- اوير ڏِس تي هوندو. ڏنو وڃي تہ هڙاپا ڪوٽ ڪماليا کان ان پاسي آهي، جيڪو ڪوٽ ڪماليا کان سورنهن ميل اوير، ڏکڻ - اوير طرف ۾ ٻيءَ پر راويءَ (٣٢٧) جي ڇڏيل واريءَ جي دڙي تي موجود آهي. اڄ بہ هن ڦٽي جي پرسان ترايون پاڻيءَ سان ڀريون بيٺيون هونديون آهن.

ٻـن سـيلانين برنـس ۾ مئسـن (Masson) هڙاپـا جـو ذڪـر ڪيو آهي. مان سندن بيانن ۾ ڪجهہ ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهيان توڙي جو آءٌ هنن ماڻهن تي ٿي ڀيرا اچي بہ چڪو آهيان (٣٢٨). برنس هن دڙي جي پکيڙ ٽي ميل ٻڌائي ٿو. منهنجو انومان آهي، تہ سندس پکيڙ

برنس جي ٻڌايل پکيڙ کان اڌ جيتري ٿيندي. هن دڙي جي شڪل ڏنگي ڦڏي همچورس جهڙي آهي ۽ سندس هرهڪ پاسو اڌميل ڊگهو ٿيندو. ان ليکي سان ڪل پکيڙ وچي ٻه ميل بيهي ٿي. پر هيءَ ماپ قلعبند شهر جي آهي. جيڪڏهن پر واريون وستيون به ان ۾ شامل ڪجن، جن تي سروٽن جا ڍير ۽ ٻيون شيون پيل ڏسجن ٿيون ته پوءِ سڄي شهر جي پکيڙ برنس جي قول مطابق تي ميل ٿي ويندي. مئسن (٣١٩) هڪ روايت جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته اولهه پاسي کان هڙاپا چيچاوطنيءَ تائين پکڙيل هو، جيڪو ١٢ ميل فاصلو ٿئي ٿو. پر مان سمجهان ٿو ته ماڻهن ڪي پنهنجي شهر جي پکيڙ ۽ اهميت بابت اجايو وبساهه وڌل آهي.

اولهه پاسي کان دڙو گهٽو اتاهون آهي. وچ تي ان جي اوچائي سٺ فوٽ کن ٿيندي. هن هنڌ ويکريون پٽيون ڏسڻ ۾ ايندين جيڪي وڏيءَ ماپ جي سرن سان اوساريل آهن. پائنجي ائين ٿو ته اهي پٽيون ڪنهن وڏي عمارت سان واسطو رکن ٿيون. دڙي جي ٻين پاسن جي اوچائي ٣٠ کان ٥٠ فوٽ ٿيندي. هتي سروٽن جا ڍير ڏسڻ ۾ ايندا. ماڻهن جي بيان ڪيل روايتن مطابق هن شهر جو بنياد راجا هڙاپا رکيو هو، جنهن جي دور بابت ڪنهن کي پتو ڪونه آهي. سنڌس تباهيءَ لاءِ شورڪوٽ جي تباهي واري ساڳي ڳالهه ٻڌائي وڃي ٿي ته ڇهين صدي عيسويءَ ۾ ڪونئيم آيو، جنهن هر شهر کي اجاڙي ناس ڪري ڇڏيو. منهنجو ويچار آهي ته هن قبيلي جي ڪنهن حڪمران ڪاهي هن شهر کي پيلي پينگ ڪري ڇڏيو. اهو به چيو ويندو آهي ته هتي هڪڙو حڪمران هوندو هو، جيڪو شادي جي پهرين رات ڪنوار پاڻ وٽ رکندو هو ۽ اهو پنهنجو راجائي حق سمجهندو هو. راجا جي اهڙن ڪڌن ڪرتوتن ڪري قدرت ڏمرجي پئي ۽ شهر ناس ڪري ڇڏيائين. ڪيترين صدين کان وني هيءُ ويران لڳو پيو آهي. هن دڙي تان به اهڙا ساڳيا سڪا لڌا ويا آهن جيڪي شورڪوٽ جي ماڳن تان مليا هئا. منهنجو ويچار اهو آهي ته هنن ٻنهي شهرن کي ڪنهن هڪ هٿ ويران ڪيو آهي. مون کي يقين آهي ته هنن ٻنهي شهرن کي عربن پيلي پڙيانگ ڪري ڇڏيو. هنن جڏهن ٧١٣ع ۾ ملتان فتح ڪيو ته سارو

هيٺيون پنجاب پڻ ڦري لٽي داڙا ڦاڙا ڪري ڇڏيائون.

## اڪبر

هي ننڍو ڳوٺ ملتان- لاهور واري رستي سان آباد، گگيرا ڪان ڇهہ ميل ڏکڻ- اوڀر ۽ لاهور ڪان اسي ميل پري آهي. هن ڳوٺ جي پرسان هڪ وڏو دڙو آهي، جنهن جي پکيڙ همچورس هڪ هزار فوٽ ٿيندي. هڪ پاسي ڪان قلعي جا نشان بہ ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪو بہ سو فوٽ همچورس ٿيندو. اتر واري ڇيڙي وٽ هن دڙي جي اوچائي پنجهتر فوٽ ڪن ٿيندي. ڏکڻ واري ڇيڙي ڪان هڪ ٻيو ننڍو دڙو آهي، جنهن جي ڊيگهہ ٨٠٠ فوٽ ۽ ويڪر ٤٠٠ فوٽ ٿيندي. مون کي هيءَ ماڳ گهڻو اڳاٽو ڏسڻ ۾ آيو. ڇاڪاڻ تہ هتي ڪتب آندل سرن جي ماپ ٢٠x١٠x ساڍا ٣ انچ هئي. ڪيترين صدين ڪان وٺي اهي سرون ٺڪيون ئي ڪوٺہ وينديون هيون. هيءُ شهر سن ١٨٢٣ع ڌاران ڦٽي ويو. ان دور ۾ گلاب سنگهہ پرونديا Providia اڪبر نالي هڪ ٻيوشهر آباد ڪيو. پراڻو نالو تہ هاڻي ڪنهن کي بہ ياد ڪونہ آهي، جنهن لاءِ جيترو ڏک ڪجي ايترو ٿورو آهي. دڙي تي سرن جوجيترو انگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تنهن مان ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو هتي جون جڳهون شاندار نموني تعمير ڪيون ويئديون هونديون.

## ست گهرا

هيءُ ماڳ گگيرا ڪان ١٣ ميل اوڀر طرف راويءَ جي ڇڏيل واريءَ جي هڪ دڙي تي قائم آهي. هتان راوي گهنڊي هٽي اوڀر تي وهڻ شروع ڪري ٿي. نالي جي معنيٰ آهي "ست قلعا" پر هاڻي هن جو هتي ڪو نالو نشان بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو. دڙي تي هڪ پراڻو قلعو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پرپاسي ۾ بہ ڪيتراڪيلا اڪيلا دڙا ڏسڻ ۾ ايندا، جن مٿان سرون جا ڍير ۽ ٻيون شيون پيل ڏسبيون، جن مان پتو پوي ٿو تہ هيءُ ڪو قديم شهر آهي. هتان پراڻا سڪا بہ جججها لڌا آهن، جن جو واسطو هند- ستين ۽ ان ڪان پوءِ جي دور سان آهي، تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ هيءُ شهر عيسوي سن جي شروعات ڪان وٺي

اڄ زماني سوڌو لڳاتار آباد رهندو آيو آهي.

## ديپالپور

دهليءَ جي پادشاهن جي راڄ دوران ديپال پور اتر پنجاب جي راڄڌاني هئي. فيروز شاه به هن ماڳ کي گهڻو چاهيندو هو، جنهن شهر جي ٻاهران هڪ عاليشان مسجد جوڙائي هئي ۽ ستلج درياه مان به هڪ واهه کوٽائي هن علائقي جون زمينون آباد ڪرايون هئائين. تيمور جي زماني ۾ اهميت ۽ پکيڙ جي لحاظ کان ملتان کان پوءِ ٻئي نمبر تي هو. چيو ويندو آهي ته ان زماني ۾ هن شهر ۾ چوراسي مسيتون، چوراسي کوهه ۽ چوراسي منارا هوندا هئا. هاڻي ته ڦٽي اجاڙ ٿي ويو آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي ماڻهو رهن ٿا. ٻن ڦاٽڪن جي وچ تي رڳو هڪ گهٽي آهي، جنهن ۾ ماڻهو رهن ٿا. هن شهر جي پکيڙ همچورس سورنهن سو فوٽ آهي. ڏکڻ- اوير پاسي همچورس پنج سو فوٽ ايراضيءَ جو اضافو به هن سان شامل سمجهڻ کپي. ڏکڻ الهندي طرف ڏاڍو ڪجهه وڌيڪ اوچو آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها قلعي جي ايراضي آهي. مذڪوره قلعي کي هڪ پل وسيلي شهر سان ڳنڍيو ويو آهي، جنهن کي ونگ سان ٽي دروازا آهن. اها پل اڃا سوڌو سلامت آهي. هن ايراضيءَ جي وڌيڪ اوچائي ۽ اهم جاگرافيائي بيهڪ ڪري مان به سمجهان ٿو ته هيءَ هڪ قلعو آهي. ڏکڻ ۽ اوير پاسي به ڊگها ڊڙا ڏسڻ ۾ ايندا. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته هن شهر سان لاڳاپيل ڪي ويجهيون وستيون آهن، جن جي ڊيگهه منو ميل ۽ ويڪر اڌ ميل ڪن ٿينديون. ليکو ڪبو ته ڪل پکيڙ اڍائي ميل ڪن ٿيندي. پر پنهنجي اوج جي زماني ۾ سندس پکيڙ اڃان به وڌيڪ هوندي. چاڪاڻ ته اوير پاسي ويندي واه جي ڪنڌيءَ تائين جتي فيروز شاه مسجد جوڙائي هئي اتي سروٽن جا نشان ۽ ڍير ڏسڻ ۾ اچن ٿا. قلعي کان ٻاهر گهڻي ايراضيءَ ۾ شهر پکڙجي ويو هو. هن جي ثابتي اسان کي تيمور جي حملي مان به ملي ٿي ته جڏهن هن حڪمران ديپالپور تي ڪاهيو هو ته قلعي کان ٻاهر آباد ماڻهن ڀڄي وڃي ڀٽنير Bhatner جي قلعي ۾ پناه ورتي هئي. جيڪڏهن ڪين پنهنجي شهر جي قلعي ۾ سر بچاءُ ملي وڃي ها ته ڀٽنير

ڏانهن. پڇڻ جي ڪين لوڙ ئي ڪانه هئي.

چيو ويندو آهي ته هن شهر جو بنياد راجا ديوا پالا (Deva Pala) رکيو هو. پر سندس دور بابت ڪوبه پتو پئجي ڪونه سگهيو آهي. سندس قدامت تي ڪنهن به قسم جو شڪ نه ٿو ڪري سگهجي. چاڪاڻ شهر ۾ اندر گهرن جي اڏاوت اهڙين جاين تي ٿيل ڏسڻ ۾ ٿي اچي، جتي چبوترا ناهي ٿوبون بيهاريون ويندون هيون. انهن ماڳن تان پراڻا سڪا به جام ليندا آهن، جنهن مان پتو پوي ٿو ته ديپالپور هند - ستين جي شروعاتي دور ۾ به موجود هو. تنهن ڪري مان هن خيال جو قائل آهيان ته هيءُ شهر اهو آهي، جنهن کي ٽالمي ڊاءِ ڊالا (Daidala) ڪري لکيو آهي، جيڪو لابوڪالا ۽ آماڪيٽس يعني لاهور ۽ امبا ڪاپي جي ڏکڻ طرف ستلج جي ڪنار سان قائم هو.

## ست گهرا

هيءُ ماڳ گگيرا کان ١٣ ميل اوپر طرف راويءَ جي پڇڙيل واريءَ جي هڪ دڙي تي قائم آهي. هتان راوي گُهندي هٽي اوپر تي وهڻ شروع ڪري ٿي. نالي جي معنيٰ آهي: "ست قلعا" پر هاڻي هنن جو هتي ڪو نالو نشان به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو. دڙي تي هڪ پراڻو قلعو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پرپاسي ۾ به ڪيترا اڪيلا اڪيلا دڙا ڏسڻ ۾ ايندا، جن مٿان سروڻن جا ڊيل ۽ بيون شيون پيل ڏسبيون. جن مان پتو پوي ٿو ته هيءُ ڪو قديم شهر آهي. هتان پراڻا سڪا به ججها لڌا آهن، جن جو واسطو هند- ستين ۽ ان کان پوءِ جي دور سان آهي. تنهن ڪري پڪ سان ئي چئي سگهجي ٿو هيءُ شهر عيسوي سن جي شروعات کان وٺي اڄ زماني سوڌو لاڳاتار آباد رهندو آيو آهي.

## اجوڌن يا پاڪپٽڻ

اجوڌن جو قديم شهر ديپالپور کان ٢٨ ميل ڏکڻ - اولهه، ستلج جي موجوده وهڪري کان ڏهه ميل پري ۽ ان ئي درياءَ جي هڪ پراڻي وهڪري جي پڇڙيل واريءَ جي هڪ دڙي تي اڏيل آهي. چيو ويندو آهي ته هن شهر جو بنياد هڪ راجا رکيو، پر ڪن جو چوڻ آهي ته هڪ ساڌوءَ رکيو هو، جنهن جو نالو اجوڌن هو.

جيڪا اسٽرئبو جي سودراڪاءِ جي ويجهو آهي. ڊايوڊورس هن کي سورا ڪائو سباءِ لکي ٿو. ائرين ۽ ڪرٽمس هن ساڳئي لفظ کي اوڪسوڊراڪاءِ لکن ٿا. اسٽرئبو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته اهي ماڻهو بئڪس Bacchus (۳۲۰) جي ڦريءَ مان آهن. مائٽيلن Mytilene جي ڪئرس Chares جو بيان آهي ته هندستان جي هڪ ديوتا جو نالو اهڙو آهي جنهن جي معنيٰ آهي مڌ جو گڙنگ موالي Wine-bidder آهي. منهنجو انومان آهي ته جيڪي ماڻهو ٻناڪ هٽي چوندا هئا ته بئڪس ديوتا جي ڦريءَ مان آهن سي پاڻ کي سوراڪاس يا بئڪيداءِ سڏائيندا هوندا. باقي سودراڪاءِ ۾ جيڪو "د" جو واڌارو آهي، سو رڳو يونانين جو ڪارنامو آهي. اهڙو ساڳيو مثال ائرين جي لفظ آدراءِ ستاءِ Adraistae ۽ ڊايو ڊورس جي آندريستاءِ Andrestae ۾ ڏسون ٿا جن ۾ پڻ "د" جو اضافو ڪيو ويو آهي. سنسڪرت جي هنن ماڻهن لاءِ آراشتراڪا Arashtraka جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهي ماڻهو جن جو ڪو راجا نه هجي. هن لفظ کي جسٽين ڪنهن حد تائين صحيح لکيو آهي ۽ سندس هجي آريستاءِ Arestae تحرير ڪئي اٿائين. سوراڪاءِ جي معنيٰ آهي سوراجي ڦريءَ سان واسطو رکندڙ ماڻهو. هن لفظ کي يوناني طرز ۾ لکڻ جو اهو صحيح طريقو آهي. ڊايوڊورس هن لفظ کي ٺورو وڌائي لکيو آهي، جيڪو سنسڪرت جي لفظ سورا جو روپ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مڌ (شراب) جنهن ۾ ڪوسا Kusa جو لفظ گڏايو ويو آهي، جنهن جو مفهوم آهي مست Mad يا مدهوش Inebfriated آهي، جنهن جو سڌو سئون مطلب "مڌ جا متوالا" وجي ٿيندو. هنن ماڻهن کي اهو لقب پنهنجي پر وارن آريان جي ماڻهن ڏنو هو جيڪي پنجاب ۾ رهندڙ توراني نسل جي ماڻهن کي انهن گندن لقبن سان سڏيندا هئا. اهڙيءَ ريت مهاڀارت ۾ ڪانيا نسل جي ماڻهن کي چور هجڻ، شراب پيئڻ ۽ ڳئونءَ جي گوشت کائڻ جو مهٽو ڏنو ويو آهي (۳۲۱).ڪين اهڙين ٻين نالن جهڙوڪ مدرا ٻهيڪا Madra bahika ، آراتا ۽ جارتيڪا سان به سڏيو ويو آهي. پر ڪين ڪڏهن به اصلي ذات سان ڪونه سڏيو ويو آهي. پر سڪندر جي مؤرخن سندن اصلي ذات کي پنهنجي تاريخ جي

۾ سانديڻ چڙهيو آهي ۽ ڪين سندن اصلي ذات ڪاٺيا ڪوٺيو آهي. انهيءَ نسل جي ماڻهن کي اڄ سوڌو ڪاٺي (Kathi) سڏيو ويندو آهي. مان هيءَ ڳالهہ بہ قبول ڪريان ٿو، تہ آريا برهمڻ پنهنجي پاڙيسري تورانين تي ڇتر طور جيڪي گندا لقب ۽ نالا ڏيندا هئا، سي بہ يوناني مؤرخن لکي ڇڏيا آهن. مثال طور: ائرين راويءَ ڪناري سان رهندڙ ماڻهن کي ڪامبستولي (Kambistholi) ذات جي نالي لکيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو لفظ سنسڪرت جي ڪئپساس ٿالا (Kapisasthala) لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: "مڱ جو ملڪ". جيڪو سُراڪوسا ملڪ جو ڇڻ صحيح لقب آهي. اهڙيءَ ريت آءٌ اهو بہ سمجهائيندس تہ اوڪسو ڊراڪاءِ کي اسوراڪا يا نيم ديوتا چو سڏيندا هئا. گمان اهو ٿئي ٿو تہ انهن ماڻهن جي اصلي سروڪا تي سگهي ٿي يا نہ. ائرين جي خيال مطابق اوڪسو ڊراڪيا جا ماڻهو چناب ۽ جهلم جي سنگم واري علائقي جا رهواسي هئا. ڪرٽ هن علائقي کي سوبي (Sobii) سڏي ٿو. ڊايوڊورس ان جو نالو آبوءِ (Iboe) لکيو آهي. اسٽرئيو هن کي سباءِ (Sibae) ڪوٺيو آهي. هن اختلاف جي باري ۾ فقط هيترو چئي سگهان ٿو تہ ڪراٽس جي سوبي ۽ فرشتہ (٣٣٤) جي چوبيا (Chobiya) بدران اهو لفظ سوري (Sorii) يا سراڪا آهي. اڳيون نالو سوفيٽس يا سوپيٽس راجا جي رعيت جي ماڻهن جي ذات هئي، جنهن جو راڄ چناب ۽ جهلم جي سنگم واري ڦاڪ ڪان مٿان، لوڻ واري جبل تائين پکڙيل هو. پوئين نالي لاءِ مان ايترو چئي سگهان ٿو تہ اهو شور ڪوٽ جو نالو آهي، جنهن کي مان اليگزينڊريا سوررياني جي روپ ۾ اڳيئي سڃاڻي چڪو آهيان. اهڙو بيان مٿي ڪا تي اڳي چڪو آهي. اهو ماڳ اڄ بہ شورڪوٽ واري علائقي جو صدر مقام آهي ۽ چناب ۽ جهلم جي سنگم ڪان ٿورو ڪجهہ هيٺ آهي. سوبي ۽ سوري ٻئي هڪ ٻئي جا پاڙيسري ماڻهو هئا. امڪان آهي سوبي نيات جا ماڻهو ٻنهي دريائن جي سنگم ڪان مٿئين علائقي جا رهواسي هئا ۽ سوري ڪُر جا وري اُن ڪان هيٺئين علائقي ۾ رهندا هئا.

سوري يانسرڪاءِ واري علائقي جي جاگرافيائي بيهڪ مان

ائرين (٣٢٥) جي بيان کي سمجهي سگهجي ٿو ته ڪائنيا نيات جا ماٺهو اوڪسي ڊراڪاءِ ۽ مالي قبيلي جي ماڻهن جا اتحادي هئا. اهي سيئي پاڻ ۾ پاڙيسري قومون هيون. سدائين پاڻ ۾ جنگ ڪندا رهندا هئا ۽ جڏهن وري گڏيل دشمن ايندو هو، مڙئي مچلو ٿي بيهندا هئا ۽ ان جو گڏجي مقابلو ڪندا هئا.

پليني ٻڌائي ٿو ته سڪندر جي جنگي مهم سودراڪاءِ جي ملڪ وٽ ختم ٿي وئي هئي، ۽ ان لاءِ Alexandri termino جو حملو ڪتب آڻي ٿو (٣٢٦) ۽ بياس درياه جي پار جيڪو قربانگاه ناهيو ويو هو، تنهن لاءِ به چوي ٿو ته متي بيان ڪيل ملڪ ۾ هو. هو هن ماڳ ڪان وٺي سائيڊرس Sydrus يا هيسيڊرس Hzridrus يا ستلج تائين فاصلو ١٦٨ رومي ميل ٻڌائي ٿو، جيڪو ١٥٤ انگريزي ميلن جي برابر ٿيندو. ستلج يا سائيڊرس درياه کان وٺي جمنا تائين به اهو ساڳيو هڪ جيترو پنڌ ٻڌائي ٿو. پر بياس کان وٺي جمنا تائين فاصلو مختلف ٻڌايو وڃي ٿو، جيڪو ١٥٠ ڪان ١٦٠ ميل آهي، جيڪو قصور شهر جي پرسان ٽڪريءَ وٽان بياس کان شروع ٿئي ٿو ۽ جمنا درياه جي ڪنڌيءَ سان ڪرنال جي ماڳن وٽ ختم ٿئي ٿو. منهنجو انومان آهي ته پليني جي اصلي ڪتاب ۾ بياس کان وٺي جمنا تائين فقط هڪ فاصلو ڏنو ويو آهي. بياس درياه جي اوڀارئين ڪناري تي اهو ماڳ وڌيڪ مشهور آهي، جتي سڪندر اڳتي وڌندي رڪجي بيهي رهيو ۽ ڏاڍو رنو هو (٣٢٧) سو ضرور بياس ۽ ستلج درياه جي وچ تي ڪنهن هيٺاهين پٽ ۾ هوندو ۽ ان ٿاڪ ڪان ٿورو متي هوندو، جتي ستلج ۽ بياس درياه قصور ۽ بازيد پور سامهون پاڻ ۾ ملنديون هيون. مذڪوره ماڳ ڪان ٢٠ ميل متي ٻنهي درياهن جا وهڪرا پورروچوٽ تي وهندا هئا، ٻنهي وهڪرن ۾ ٿورن ميلن جي وٿي هوندي هئي. اهو سلسلو اڳاٽي دور ڪان وٺي ١٧٩٦ع تائين هليو. ان زماني ۾ ستلج وڪڙ ڪري هري- ڪا- پتڻ Hari-ka-patar ڪان ٿورو متان وڃي بياس سان ملندي هئي. جڏهن متيان درياه ويهن ميلن جي فاصلي تائين پورروچوٽ تي وهندا هئا ته ٻنهي وهڪرن ۾ وٿي ناليخاطر ٿوندي هئي. تنهن ڪري سڪندر جي فوجي واڌ کان جمنا تائين بيان ڪيل فاصلي

جي مذڪوره فرق کي نظر انداز ڪيو ويو ٿو ٿو پائنجي . منهنجي ويچار موجب سڪندر جي مؤرخن هن حقيقت کي پنهنجي تصنيف ۾ درج ڪيو آهي. پليني جمنا تائين فاصلي جو بيان ڪندي هن ريت لکي ٿو ته: ”ڪي نسخا پنج ميل وڌائي لکن ٿا“ (٣٢٨). هاڻي جيڪڏهن بياس جي ايرندي ڪناري کان وٺي فاصلي جي ماپ ڪبي، جتان ستلج جو پراڻو پيٽ شروع ٿئي ٿو ته رومي ميلن مطابق جمنا تائين فاصلو بلڪل پورو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي ڪيترن اڳين مورخن غير اهم سمجهي ڌيان ئي ڪونه ڏنو آهي. مٿي ڏنل انگن اکرن تي نظر وجهڻ کان پوءِ مون کي ائين معلوم ٿئي ٿو ته جتي سڪندر قربانگاه تعمير ڪرايو هو، تنهن کي ستلج جي موجوده وهڪري تي موجود هري- ڪا- پتڻ ماڳ کان ٿورو پنڌ هيٺ مشهور ٿاڪ سوبران Sobraon کان گهڻو پري سمجهڻ نه گهرجي. هيءُ ماڳ ستلج جي ڪيترن ئي پراڻن پيٽن کان وڌ ۾ وڌ پنج ميل وٿيرڪو ٿيندو. تنهن ڪري مان وسهان ٿو ته سڪندر واري دور ۾ سودراڪاءِ ياسرو ڪاس وارو علائقو هن ماڳ تائين پکڙيل هوندو.

اجوڌن ڪيترن صدين تائين ستلج جو مشهور پتڻ هوندو هو. هن ٿاڪ تي ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل کان ايندڙ ٻه شاهي رستا اچي پاڻ ۾ ملندا هئا. پهريون رستو مانڪيرا Mankira شورڪوٽ ۽ هڙاپا کان ٿيندو هتي پهچندو هو ۽ ٻيو رستو ملتان کان ٿيندو هتي رسندو هو. هن پتڻ تان ٻن مشهور فاتحن محمود ۽ تيمور ۽ هڪ مشهور سياح ابن بطوطه ستلج پار ڪيو هو. چيو ويندو آهي ته هن قلعي کي سبڪتگين سن٣٦٧هه يا ٩٧٧ع ۾ فتح ڪيو هو. تيمور جي ڪاهه وقت ماڻهن ڀڄي وڃي ڀٽنير ۾ پناه ورتي هئي. جيڪي ماڻهو هتي رهجي ويا، تن کي هن وحشي حملي آور خواجه فريد الدين گنج شڪر جي احترام خاطر ڪجهه ڪونه چيو، جيڪو اجوڌن شهر ۾ دفن آهي. هن درويش جي مزار هجڻ ڪري مٿس پاڪ پتڻ جو نالو پيو آهي. هن بزرگ پنهنجي زندگيءَ جا پويان ڏينهن هتي اچي گذاريا هئا. هو روزا رکي ۽ چلا ڪڍي ايترو ته صاف ۽ پاڪ ٿي ويو هو جو جيڪڏهن پٿر ۽ مٽي به وات ۾ وجهندو هو ته کنڊ ٿي ويندي هئي، تنهن ڪري سندس نالو ئي شڪر گنج ٿي ويو. فارسي جي هيٺ ڏنل دوهي ۾ سندس ڪاني ڪرامت جو اشارو ڏنل آهي.

سنگ در دست او گوهر گردد
زهر در کام او شکر گردد

جنهن جي معنيٰ آهي:

هن جي هٿ ۾ پٿر آيا ته ويا گوهر بڻجي
زهر سندس وات ۾ پهتو ته ٿيو ماکي

فارسيءَ ۾ ٻيو به هڪ دوهو آهي، جنهن ۾ سندس وفات جي تاريخ ڏنل آهي، جيڪا ٦٦٤هه يا ٦٦-١٢٦٥ع ٺهي ٿي. قمري سالن موجب سندس ڄمار ٩٥ سال هئي. هن شهر جو پراڻو ۽ اصلي نالو اجوڌن آهي. جيڪو ابن بطوطه ١٣٣٤ع ۽ تيمور جي مؤرخن ١٣٩٧ع ۾لکيو آهي. سندس موجوده نالو پاڪپتڻ ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿو، جيڪو اڪبر دور کان گهڻو پراڻو ڪونه آهي. خواجه فريد الدين گنج شڪر جي پونير خواجه نور الدين جي دعا سان اڪبر کي پٽ ڄائو هو. هيءُ بزرگ پنهنجي دور جو مشهور متقي ۽ پرهيزگار شخص هو. بعد ۾ اڪبر ان شهر اجوڌن جو نالو مٽائي پاڪپتڻ رکيو هو.

# ملتان جو علائقو

پنجاب جو ڏاکڻيون صوبو ملتان آهي. شين سئنگ موجب هن علائقي جو گهيرو ٤٠٠٠ لي يعني ٦٦٧ ميل هو. هي علائقو پڪيڙ ۾ ايڏو وڏو هو جو سيئي درياه ان ۾ شامل هئا ۽ سمجهه ۾ اچي ٿو ته درياهن کان به گهڻو اڳتي پکڙيل هو. اڪبر جي دور ۾ هن علائقي ۾ سترهن پرڳڻا شامل هوندا هئا. منهنجي خيال مطابق اُچ، ديراوال، موج ۽ ماروت Morut پرڳڻا ستلج جي اوڀر پار هوندا هئا. اهو ڏيکارڻ لاءِ ڪافي ثبوت آهن ته ملتان جو صوبو گهگهر درياه کان ٻئي پار بيڪانير واري رڻ جي صفا ڪناري تائين پکڙيل هوندو هو. هاڻي اهي پرڳڻا بهاولپور ۾ اچي وڃن ٿا. وچ تي وڏي رڻ پٽ هجڻ ڪري گهٽيءَ اپٽ وارا ايرندا پاڳا هن ۾ شامل ڪونه آهن. جيستائين حڪومت سگهاري هئي ته بهاولپور، ملتان صوبي جو هڪ حصو هئي جڏهن دهليءَ جو مسلمان راج ڪنا ڪيڙا ٿيو ته بهاولپور ملتان کان ڇڃي ڌار ٿي ويئي ۽ بهاول خان پنهنجو هڪ ننڍڙو آجو ۽ الڳ ملڪ ٺاهي ورتو. تنهن ڪري منهنجو ويچار آهي ته ستين صديءَ ۾ ملتان صوبي ۾ درياهن جي وچ

وارن علائقن کان سواءِ بهاولپور جو اتريون پاسو بہ شامل هوندو هو. ملتان صوبي جي اترئين سَنڌي بابت ذڪر مٿي اچي ويو آهي تہ اهو ديري دين پناه کان وني ستلج درياه جي ڪناري پاڪپتڻ تائين پکڙيل هوندو هو، جيڪو ١٥٠ ميل فاصلو ٿيندو. اولهہ وارو ڊنگ ١٦٠ ميل ڊگهو هو، جيڪو سنڌوءَ جي ڪنار سان هيٺ خانپور تائين هليو ويندو هو. ڏکڻ وارو پاسو خانپور کان گهگهر درياه تائين هليو ويندو هو، جيڪو ٢٢٠ ميل ڊگهو هو. اهڙيءَ ريت سيني پاسن جي ڊيگهہ کي جيڪڏهن جوڙ ڪبو تہ گهيرو ٦١٠ ميل ٿئي ٿو. جيڪڏهن شين سئنگ جو ڏنل فاصلو پنجاب جي ننڍن ميلن مطابق آهي تہ پوءِ هاٺوڪو فاصلو $667 \times \frac{21}{32} = 437$ ميل ٿيندو. ان ڏينپي تي هن صوبي جو ڏاکڻيون حصو منڻ ڪوٽ کان اڳتي نہ سمجهڻ گهرجي.

ملتان جي جاگرافي بيان ڪرڻ وقت هن صوبي مان لنگهندڙ سيني وڏن درياهن جي وهڪرن جي تبديلين کي بہ ضرور نظر ۾ رکيو وڃي. تيمور ۽ اڪبر جي زماني ۾ سنڌوءَ ۽ چناب جو سنگم، منڻ ڪوٽ واري موجوده سنگم کان ٦٠ ميل مٿي اچ جي سامهون ٿيندو هو. رينيل Rennel ١٧٨٨ع "جاگرافي آف انڊيا" نالي هڪ ڪتاب لکيو هو. ان زماني ۾ بہ سنگم اهو ساڳيو هو. سن ١٧٩٦ع ۾ ولفورڊ Wilford جو سروير مرزا مغل بيگ هن علائقي ۾ آيو، تنهن بہ پنهي درياهن جو سنگم مٿي بيان ڪيل ٺاڪ تي ڏنو هو. پر هلندڙ صديءَ جي منڍ واري پاڱي ۾ اُچ کان ٢٠ ميل مٿي سنڌوءَ جو وهڪرو تبديل ٿي ويو ۽ سندس رخ ڏکڻ- ڏکڻ-اولهہ ڏانهن موڙوڪائي هيٺ منڻ ڪوٽ وٽ پهچي پنهنجي هڪ پراڻي پيٽ ۾ وڃي داخل ٿيو.

موجوده دور ۾ راوي ۽ چناب جو سنگم ديوانا سنندم Diwano Sanadim جي ٺاڪ وٽ ٿيندو آهي، جيڪو ملتان کان ٣٠ مٿي آهي. پر سڪندر جي زماني ۾ انهن پنهي درياهن جو سنگم مالي قبيلي جي راڄڌاني کان هيٺ ٿئي ٿو، جنهن کي مان ملتان سمجهان ٿو. اهو پراڻو پيٽ اڃان بہ ڏسي سگهجي ٿو ۽ ملتان واري علائقي سان لاڳاپيل نقشو بہ موجود آهي. اهو پراڻو پيٽ درياه جي موجوده وهڪري کان سراءِ سڌو Sarai siddhu کان ڇڇي ڏار ٿيندو آهي. اتان کان ڏکڻ،ڏکڻ – اولهہ ڏانهن ٣٠ ميلن جو وڏو وڪڙ ڪري پوءِ سر اولهہ منهن ڪري ١٨ ميل وهي ملتان پهچي ٿو ۽ قلعي جي چوڌاري ڦيرو ڪري ٿو. ملتان

ڪان پنج ميل هيٺ سندس وهڪري جو رخ الهندي هوندو آهي. پوءِ وري گـهندي هٽي ڏکڻ - اولهه طرف ٿي ويندو آهي ۽ ڏهه ميل اڳتي وڃي چناب ڪنهن پلاٽي ڊوري ۾ گر ٿي ويندو آهي، پر راوي اڄ ڏينهن سوڌو پنهنجي قديم وهڪري سان وهندي ڏسبو آهي. منجهس جڏهن وڏو چاڙهه هوندو آهي تہ پاڻي پراڻو پيٽ وٺي اچي ملتان پهچندو آهي. ٻن موقعن تي تہ مان پاڻ بہ ڏٺو آهي. اهي دريائي تبديليون ڪهڙي دور ۾ آيون. تنهن جو پتو ڪونہ آهي. منهنجو ويچار آهي تہ محمد بن قاسم متان سنہ ٧١٣ع ۾ ملتان فتح ٿيڻ کان پوءِ اهي تبديليون آيون ٿيو يانئجن. پراڻن واهن جي موجودگيءَ مان بہ سمجهي سگهجي ٿو تہ درياءُ جو مکيہ وهڪرو گهٽو وقت پوءِ تيمور جي دور تائين بہ وهندو رهيو آهي. اهو بہ امڪان آهي، تہ اهي تبديليون اڪبر جي دور ۾ آيون هجن. ڇاڪاڻ تہ ابو الفضل (٣٣٩) چناب ۽ جهلم ۽ چناب ۽ راوي جي سنگم جي وچ ۾ ٢٧ ڪوهن، ۽ چناب راوي ۽ سنڌو - پنجاب سنگم جي وچ ۾ ٦٠ ڪوهن جو فاصلو ٻڌائي ٿو. مذڪوره ندين جا اهي فاصلا پوئين دور سان واسطو رکن ٿا.

ستلج ۽ بياس جو موجوده دور وارو سنگم سنہ ١٧٩٠ع سان واسطو رکي ٿو. ان زماني ۾ ستلج ڏرمڪوٽ وٽان پنهنجو رخ بدلائي هري- ڪي- پتڻ وٽ اچي بياس سان ملي ويو. پر قديم زماني کان وٺي هنن ٻنهي وهڪرن جو سنگم قصور ۽ فيروز پور جي وچ تي ڀائو- ڪي- پتڻ (Bhao-ki-pattan) وٽ ٿيندو هو. سنہ ١٥٥٥ع (٣٤٠) ۾ جوهر بہ هن سنگم جو ذڪر ڪيو آهي. سنہ ١٥٩٦ع ۾ ابوالفضل (٣٤١) بہ ساڳيو ذڪر ڪيو آهي. ابوالفضل جي بيان مطابق توڙي جو مٿين دريائن جو سنگم گهٽي وقت کان وٺي فيروز پور وٽ ٿيندو رهيو آهي، پر پوءِ بہ بياس پنهنجي اصلي پراڻي پيٽ ۾ وهندو رهيو آهي. سندس بيان هن ريت آهي: ”فيروز پور وٽ اهي ٻئي درياءُ ١٢ ميلن تائين گڏ هلي پوءِ ڇئن چاڙهن ۾ ورهائجي وڃن ٿا، جن کي هُر، هاري، ڊنڊ ۽ نرني (Nurni) سڏيو ويندو آهي. اهي سيئي وري ملتان پرسان پاڻ ۾ ملي هڪ وهڪرو ٺهجي وينديون آهن.“ ستلج ۽ بياس درياءُ جا اهڙن وهڪرن جا پراڻا پيٽ اڄ بہ موجود آهن. جيڪي گڏيل ۽ منجهيل آهن. پتو ڪونہ پوندو تہ ڪهڙو پراڻو پيٽ ڪهڙي درياءُ جو هوندو. اهڙي قسم جا پراڻا پيٽ ستلج ۽ بياس جي ڇڏيل واريءَ جي

پاسي هڪ هزار فوٽ همچورس هڪ مضبوط قلعو اٿس. قلعي جي ٻاهرئين پاسي کان ٻه سو فوٽ ويڪرو ۽ ويهه فوٽ اوچو مٽيءَ جو دمدمو آهي. ان جي مٿان وري ٻه ويهه فوٽ اوچي پٽ آهي. هنن ٻنهي پٽين جي ٻاهرئين پاسي وڏي ماپ جون پڪيون سرون ۱۲x۸x $\frac{1}{2}$ ۲ انچ ٿقيل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. قلعي واري پٽ جي اندرئين پاسي هڪ سو فوٽ ويڪري کاهي کوٽيل نظر ايندي. قلعي جو اندريون پاسو همچورس ۴۰۰ فوٽ ٿيندو، جنهن جي چوڏاري چاليهه فوٽ ديوار نظر ايندي، وچ تي ستر فوٽ کن اوچو چبوترو آهي. مٿس چڙهي نظر ڪبي ته سارو شهر ۽ قلعو نظر ايندو. هتي سروٽن جا ڍير ڏسڻ ۾ ايندا. قلعي جي پٽ جي مٿاڇري تي اهڙا نشان نظر ايندا جن مان معلوم ٿيندو ته انهن تي پڪيون سرون ٿقيل هيون. اهڙي صورتحال ڏسي ماڻهن جي بيانن جي به تصديق ٿئي ٿي، جن ۾ چوڻ آهي ته قلعي جي ديوار جي ٻاهرين پاسن مان مٿاڇري تي پڪيون سرون ٿقيون وِيون هيون. مان اڳي ئي مٿي ڪاٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته اٽڪل ٽي سو سال اڳ ماڻهو هن قديم قلعي کي ڇڏي هليا ويا هئا. ان جو سبب اهو هو ته راوي پنهنجي وهڪري جو رخ مٽائي وئي هئي ۽ پاڻيءَ جي نهنب به شهر ڏانهن ڪانه ٿي آئي. اها لڏ پلاڻ سجاول خان لانگاه جي ڏينهن ۾ ۱۵۱۰ع کان ۱۸۲۵ع تائين ٿي هئي، جيڪو ملتان جي حڪمران محمود خان جي وزير جو نياڻو ۽ ان جي جانشين جو سالو به هو.

تلمبا جي قدامت ماڻهن جي ٻڌايل روايتن ۽ وڏيءَ ماپ جي سرن مان ثابت ٿئي ٿي، جن جهڙيون وڏي ماپ جون سرون ملتان جي جهوني قلعي ۾ ڪتب آندل آهن ۽ دڙي مان به اهڙيون ساڳيءَ ماپ واريون سرون مليون آهن. قديم شهر کي تيمور لنگ قري پڙيانگ ڪري ڇڏيو ۽ رهواسين جو قتل عام ڪيو. پر قلعو سندس قهر کان بچي ويو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته هڪ ته قلعو سگهارو هو ۽ ٻي ڳالهه اها هئي ته ڪيس جهٽ دهلي پهچڻ جي هورا ڪورا لڳل هئي. هڪ عام روايت اها به آهي ته محمود غزنويءَ تلمبا تي حملو ڪيو هو. گهڻو ڪري اها روايت صحيح لڳي ٿي. چاڪاڻ ته ملتان ويندڙ سڌي رستي کان ٿوري پنڌ تي واقع آهي. ساڳئي نقطہ نگاه کان مان سمجهان ٿو ته هيءُ شهر به انهن مان هڪ هوندو، جن کي سڪندر فتح ڪيو هو. مئسن (۳۳۴) ته اڳئي هن ڳالهه جو اهڃاڻ ڏئي به چڪو آهي ته ”اهو شهر مالي نيات جي

(Agalassae) هئي، جن چاليهه هزار پيادن ۽ ٽي هزار گهوڙيسوارن سان سڪندر سان جنگ جوٽي هئي. اهي تاريخي حوالا ظاهر ظهور هن ماڳ ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جنهن جو قلعو نهايت مضبوط ۽ راويءَ جي ڏائيءَ ڪنار سان هو. هيءُ بيان هڙاپا سان به لاڳو ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان جي جاگرافيائي بيهڪ به تلمبا جهڙي آهي. گهڻو ڪري هڙاپا اهو شهر آهي، جنهن کي فتح ڪرڻ لاءِ پرڊيڪس کي روانو ڪيو ويو هو. ان کان سواءِ هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته اهو به ڪوٽ ڪماليا کان سورهن ميلن جي فاصلي تي آهي، پر تلمبا لاءِ ڪي بيون ويساهه جوڳيون شاهديون به آهن ته سڪندر مالي قوم جي راڄڌاني ملتان تي حملو ڪري رهيو هو ۽ تلمبا اوڏانهن ويندڙ مکيه رستي کان ٿوري پنڌ تي هو.

البت آگالاساءِ قوم جو نالو ڪجهه منجهائيندڙ آهي. ائرين جو بيان آهي ته هن شهر جا ماڻهو مالي هئا. پر اچرج جهڙي ڳالهه اها آهي ته ڊايو ڊورس ۽ ڪرٽس اوڪسوڊراڪاءِ ۽ مالي قوم جو ذڪر صفا پڇاڙيءَ ۾ ڪيو آهي. جسٽين گيسٽياني (Gesteani) ۽ آريسٽاءِ (Arestae) يا ڪاٿاءِ (Kathae) جو ذڪر گڏائي ڪيو آهي. تنهن ڪري سمجهڻ گهرجي ته اهي مالي يا اوڪسوڊراڪاءِ آهن، پر هنن کان سواءِ ڪنهن بئي مؤرخ هنن جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. اگالا (Agala) يا آگالا ساءِ خود شهر جو به نالو ٿي سگهي ٿو. ليڪن تلمبا نالي سان ٿوري به هڪ جهڙائي ڪانه اٿس ۽ اوسي پاسي بئي شهر جي نالي سان به ميل ڪونه ٿو کائي.

## آتري

سڪندر مالي قوم تي حملن دوران جيڪو ٽيون شهر فتح ڪيو هو، سو آتري هو. مؤرخن جي بيانن مان به ائين معلوم ٿئي ٿو. ائرين (٣٣٧) جو بيان آهي ته، ”ان کان پوءِ سڪندر پنهنجي فوج ساڻ ڪري برڇماني (Brachimani) جي هڪ شهر تي حملو ڪيو. ڇاڪاڻ ته کيس پتو پيو هو ته مالي قوم جا ڪي ماڻهو ڀڄي وڃي اُتي لڪا آهن.“ قلعي جي حفاظت ڪرڻ واري فوج شهر ڇڏي وڃي قلعبند ٿي هئي. قلعي تي زبردست حملو ڪري ناس ڪري ڇڏيائين. شهر کي باهه ڏئي ساڙي رک ڪري ڇڏيائي. شهر تي ڪڙي چاڙهڻ مهل ٥٠٠٠ ڪن

جنگي باندي بنايا هئائين. اُيترو ته ساهو ۽ سورهيه هئا جو ٻيو ڪير به ڪيس جيئرو هٿ ڪونه آيو. ڪرٽس (٣٣٨) ۽ ڊايوڊورس (٣٣٩) ٻنهي جو بيان آهي، شهر کي باه ڏني وئي هئي. قلعي ۾ رهندڙ فوج سڪندر سان ڏاڍي چوٽ ڪاڏي. ڊايو ڊورس وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ويهه هزار ماڻهن مان رڳو ٽي هزار باندي بنايا ويا. باقي ٻيا وڙهندي پڙ تي پرزا ٿي ويا. ڪرٽس جو بيان آهي ته سڪندر قلعي کي هٿ به ڪونه لاتو، منجهس پنهنجي فوج رهائي هئائين (٣٤٠).

اهي سيئي تاريخي حوالا ۽ شهرجي جاگرافيائي بيهڪ بابت بيان قديم شهر آتري Atri سان سهمت آهن، جيڪو تلمبا کان ويهه ميل اولهه- ڏکڻ- اولهه طرف، ملتان ڏانهن ويندڙ رستي تي ڏسڻ ۾ ايندو. قلعي جي بچيل پٽين مان معلوم ٿيندو ته قلعو ڏاڍو سگهارو هو. همچورس ماپ ٧٥٠ فوٽ ۽ اوچائي ٣٥ فوٽ ٿيندي. قلعي جي چوڌس ڪاهي ڪوٽيل ڏسڻ ۾ ايندي. قلعي جي وچ تي مناري جا نشان ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪو ٥٠ فوٽ اوچو ٿيندو. قلعي جي ٻن پاسن کان شهر جا اهڃاڻ ملن ٿا، جنهن جي پکيڙ ١٢٠٠ فوٽ همچورس ٿيندي ۽ دڙي جي اوچائي ٢٠ فوٽ آهي. سڄي دڙي جي ڊيگهه ١٨٠٠ فوٽ ۽ ويڪر ١٢٠٠ فوٽ آهي. هن شهر جي تاريخ بابت ڪا به روايت ٻڌڻ ۾ ڪانه آئي آهي. جيئن ته هن شهر جي اڏاوت ۾ وڏيءَ ماپ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن، تنهن ڪري سمجهي سگهجي ٿو ته تمام گهڻو اڳاٽو آهي. هن پراڻي شهر جو نالو ڇا هيو؟ تنهن جو به پتو ڪونه آهي. آتري ته مذڪوره دڙي ڀرسان هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جنهن جو واسطو ڪنهن تازي دور سان آهي، جنهن جو بنياد آتري والي سک گهراڻو وڌو هو. جيڪڏهن هن ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ قلعي جي اڏاوت ڏانهن ڏسجي ٿو يا ملتان ۽ تلمبا جي وچ تي ان اهم ماڳ کي ڏسجي ٿو جنهن تي هيءُ شهر قائم آهي ته اهو گمان ٿئي ٿو ته شايد هيءُ اهو ئاڪ ته نه آهي، جنهن کي برهمڻن جو شهر سڏيندا هئا. هتي جي ماڻهن سڪندر سان ڏاڍي ڇتاپيتي ڪئي.

ڪرٽس هن شهر بابت ڪي خاص ڳالهيون به ٻڌائي ٿو، جن بابت نه ائرين نه وري ڊايوڊورس ئي ڪو اشارو ڏنو آهي، جيڪي ڳوڙهو ويچار لهڻن ٿيون. اهڙو ويچار سڪندر سان گڏ سندس ساٿين جي ڏنل بيان جي آڌار تي ڪريون ٿا. سندس بيان آهي ته سڪندر ان قلعي جي

چوڌاري چڪر هڻڻ لاءِ بيڙي استعمال ڪئي هئي. هن قلعي جي چوڌس ايتري ويڪري کاهي آهي، جو جيڪڏهن پاڻيءَ سان ڀرجي ته بيڙي هلي سگهي ٿي ۽ ان کاهيءَ کي راويءَ جي پاڻيءَ وسيلي ڀريو ويندو هو. ملتان جي قلعي جي چوڌاري به اهڙي کاهي کوٽيل هوندي هئي. اڄ به آٿريءَ پرسان قلعي جي چوڌاري کاهيءَ جا نشان نظر اچن ٿا، جنهن کي ڪنهن واهه وسيلي ڀريو ويندو هو. اهڙي واهه جا نشان به پرسان موجود ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مون ڳٽي ڏٺا اهڙن پراڻن واهن جا بارنهن پيٽ ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي آٿريءَ کان الهندي ۽ سراءِ سڌو کان ڏکڻ پاسي راويءَ جي پراڻي پيٽ مان نڪتل نظر اچن ٿا. تنهن ڪري مان هن ڳالهه جو قائل آهيان ته اهو برهمڻن وارو شهر ٿي آهي، جنهن جي چوڌاري کاهي کوٽيل هئي، جنهن ۾ سدائين پاڻي بيٺل هوندوهو۽سڪندر قلعي جي مضبوطيءَ کي ڏسڻ لاءِ بيڙيءَ ۾ چڙهي چوڌاري چڪر ڏئي آيو هو، پر ڪرٽس وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته گنگا کان سواءِ هندستان جي ٻين وڏن درياهن جهڙوڪ سنڌو، جهلم ۽ چناب جو پاڻي قلعي جي چوڌس کوٽيل کاهيءَ ۾ اچي پوندو هو (٣٤١).مان سمجهان ٿو ته هتي اتفاق طور لکت جو هڪ اهڙو ٽڪرو ملي ويو آهي، جيڪو اهڙي ماڳ سان تعلق رکي ٿو جتي پنج درياه پاڻ ۾ سنگم ڪن ٿا. يا وري مصنف هڪ حوالي ۾ ٻن احوالن کي گڏي ويو آهي، جن جو واسطو قلعي جي چوڌس کوٽيل کاهي ۽ درياهن جي سنگم سان آهي. ڊايوڊورس به درياهن جي سنگم جو ذڪر ڪيو آهي. پر اهو ڪونه ٿو ٻڌائي ته انهن درياهن جو پاڻي قلعي جي چوڌاري کوٽيل کاهيءَ ۾ اچي پوندو آهي، تنهن ڪري امڪان آهي ته ٽنهي درياهن جو احوال ڪرٽس جو پنهنجو گهڙيل هجي.

## ملتان

ملتان جو مشهور شهر راوي درياه جي ٻن پيٽن تي اڏيل هوندو هو. پر هي درياه ڪنهن آڳاٽي سمي پنهنجو وهڪرو مٽائي ويو. هاڻي راوي جو ويجهي ۾ ويجهو وڪڙ به ملتان کان ٣٠ ميل پري آهي. راويءَ ۾ هاڻي به جڏهن چاڙهه ايندو آهي ته سندس اهو پراڻو پيٽ وهي اچي ملتان پهچندو آهي. مان پاڻ به ٻيرا ڏٺو آهي ته راويءَ جي چاڙهه جو پاڻي وهي اچي ملتان جي قلعي جي چوڌاري کوٽيل کاهيءَ کي ڀريو آهي (٣٤٢).ملتان شهر کي چوڌاري ڪوٽ آهي ۽ پرسان هڪ

مضبوط قلعو اٿس، جيڪو ڪڏهن راويءَ جي ڪناري تي آباد هو ۽ هن درياه جو پاڻي شهر ۽ قلعي جي چوڌاري ڦري ايندو هو. ڪڏهن وري ندي قلعي ۽ شهر وچان به وهندي هئي. پراڻي شهر جا به ڀاڱا هئا جيڪي هاڻي ٻن دڙن جي صورت ۾ موجود آهن، جن مان هڪ جي اوچائي ان ۽ ٻئي جي ڏهه فوٽ ٿيندي. پر هاڻي اها اوچائي ۴۵ کان ۵۰ فوٽ آهي. هتي اوچائيءَ ۾ ۴۰ يا ۳۵ فوٽن جو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته صدين کان وٺي شهر جو ٻُهر ۽ گند اتي اڇلايو ويو آهي. اتي مان ڪيترائي ڪوه ڪوتائي پڪ ڪئي جن مان چار، سروتا ۽ ٻيون به اهڙيون شيون مليون، جن جو ماڻهن جي وسندين سان واسطو هوندو آهي.

قلعي لاءِ ته فقط ايترو چئني سگهجي ٿو ته اهو ڏنگو ڦڏو اڌ گول آهي. ان جو سڌو پاسو ۲۵۰۰ فوٽ آهي، جيڪو اتر- اولهه ڏانهن آهي. ڦڏي پاسي جي ماپ ۴۱۰۰ فوٽ آهي، جيڪو شهر واري طرف آهي. ڪل چبوترا ۴۶ اٿس، جيڪي چئن ڦاٽڪن جي پاسن وارن چبوترن سميت آهن. جيڪڏهن ليکو ڪبو ته قلعي جو گهيرو وڃي ٦٦٠٠ فوٽ يا سوا ميل ٿيندو. شهر جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل آهي، جنهن ۾ قلعي جي ڏنگي ڦڏي پاسي جو ۲/۳ حصو اچي وڃي ٿو، جيڪو ڊيگهه ۾ ۴۲۰۰ فوٽ ويڪرءِ ۲۴۰۰ فوٽ ٿيندو. ڊگهو پاسو ڏکڻ- اولهه پاسي اٿس. سڄي ڪوٽ جو گهيرو جنهن ۾ شهر ۽ قلعو به شامل سمجهڻ گهرجي، ۱۵۰۰۰ فوٽ آهي، جيڪو ٽي ميل ڪن ٿيندو، جيڪڏهن ويجهين وستين کي منجهس ڳڻجي ته ڪل گهيرو ساڍا چار ميل آهي. هن شهر جي گهيري جا پوريان انگ اکر شين سئنگ جي ڏنل بيان سان هڪ جهڙائي رکن ٿا، جنهن هن شهر جو گهيرو ٽيهه لي يا پنج ميل ٻڌايو آهي (۳۴۳).هن کان وڌيڪ مان ايلفن اسٽون جي راءِ سان متفق آهيان. چاڪاڻ ته سندس بيان آهي ته، ”ملتان جو گهيرو چئن ميلن کان ڪجهه وڌيڪ آهي.“ جڏهن ايلفن اسٽون ۽ برنس ملتان جو قلعو ڏٺو ته ڪاهي ڪانه هئي، جنهن کي ڪنهن زماني ۾ راويءَ جي پاڻي سان ڀريو ويندو هو(۳۴۴).برنس جي ملتان ڏسڻ کان سنت پوءِ راجا رنجيت سنگهه جي همت ڀرئي گورنر ساونڻ مل قلعي جي چوڌاري وري ڪاهي کوٽائي ڇڏي هئي. چيو ويندو آهي ته ملتان شهر جي چوڌاري ڪوٽ، شاه جهان جي ننڍي پٽ مراد بخش ڏياريو هو.

سن١٨٥٤ع ۾ جڏهن مان ملتان جي چوڌاري ڏنل ڪوٽ ڪي ڍهرايو ته پتو پيو ته اهو ڪوٽ ٻٽو هو. ٻاهرين پٽ ۴ فوٽ ۽ اندرين پٽ ساڍن ٽن کان چار فوٽ ٿلهي هئي. (٣۴٥) هن مان اهو پتو پوي ٿو ته شهزادي مراد بخش رڳو ٻاهرين پٽ ڏياري هئي. سڄو ڪوٽ پڪين سرن ۽ گاري سان اوساريل هو. باقي سرن جي مهڙواري ٻار ۾ گاري بدران گچ ڪتب آندو ويو هو، جيڪو نو انچ ڪن ٿلهو هو.

ملتان جا ڪيترائي نالا آهن ۽ انهن سڀني جو اشارو وشنو يا سورج ديوتا ڏانهن آهي. هتي سورج ديوتا جي پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ قلعي جي وچ ۾ متاهينءَ تي هن جي نالي هڪ مشهور مندر به هوندو هو. ابو ريحان جو بيان آهي ته هن شهر جو نالو ڪسياپاپور Kasyapa pura، هنساپور Hansapura، ڀاڳا پور Bhagpura ۽ سامبا پور Sambapura هو. ٻن نالن جو اضافو مان ڪريان ٿو، جيڪي آهن پرهلادپورا Prahladpura ۽ آديه ستانا Adyasthana

روايت آهي ته ڪساپاپور جو شهر ڪسياپا نالي هڪ راجا اڏايو هو، جيڪو ڏهن آڌيتيه يا سورج ديوتائن جو پيءُ هو، اهي ڏهه ئي پٽ آڌيتي Aditi نالي هڪ گهر واريءَ مان هئا. ڪيس ٻيءَ گهر واريءَ ڏتي Diti مان به اولاد هو. جن کي دئتيا Daitya سڏيو ويندو هو. هن جي مرڻ تي کان پوءِ سندس وڏو پٽ هرنيا ڪاسيپو Hiranya Kasipu گاديءَ تي وينو، جيڪو ديتيه هو. هن جو نالو سڄي هندستان ۾ مشهور آهي. هن وشنو جي سگهه کي للڪاريو هو. پوءِ ناراسنها Nara Sinha نالي هڪ اوتار آيو. هرنيا ڪاسيپو جو پٽ پرهلاد ويشنوءَ جو وڏو پوڄاري هو. هن جي نالي پٺيان ملتان کي پرهلادپور به سڏيو ويندو هو. ٻانا Bana نالي سندس هڪ پٽ پوٽو هوندو هو، جيڪو آسور Asur ٻانا نالي وڌيڪ مشهور هوندو هو. هو ڪرشنا جو وڏو مخالف هو، جنهن ملتان تي به قبضو ڪيو هو. شري ڪرشن کي سامبا Samba نالي هڪ پٽ هو، جيڪو ڪيس جامبوتيءَ نالي گهر واريءَ مان هو. ڪيس ڪوڙهه ٿي پيو هو. هن ملتان پرسان متراوانا Mitra-vana جي ٻنج ۾ ويهي سج جي پوڄا ڪئي. جڏهن ڪيس ڪوڙهه ڇڏي ويو ته هن ملتان ۾ آڌيه ستانا Adya Sthana نالي هڪ مندر جوڙايو جنهن جي معنيٰ آهي، پهريون مندر First Shrine ۽ مترا Mitra جو هڪ سونو بت نهرائي اتي رکرايائين.

اهڙيءَ ريت سج جي پوڄا سامبا شروع ڪئي هئي، جيڪا اڄ سوڌو ملتان ۾ هلندي پئي اچي.

شري ڪرشن جي پٽ سامبا جي ڳالهه ڀاوشيہ Bhavishya پراڻ ۾ لکيل آهي (٣٤٦).ان ۾ ڄاڻايل آهي تہ مـتراوانا Sungrove چندر ڀاڳا يا چناب درياہ جي ڪناري هئا. هن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اها ڪنهن آڳاٽي سمي جي ڳالهہ آهي، جڏهن راوي ملتان سان گهنڊي ڏئي وهندي هئي پر اهڙيون ڳالهيون ئي ماڻهن ڪان وسري ويون آهن. اسان کي ٻين ذريعن وسيلي بہ ڪجهہ معلومات ملي آهي تہ ملتان ۾ سج جي پوڄا تمام آڳاٽي زماني کان وٺي هلندي پئي اچي. شين سئنگ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اتي هڪ سهڻو مندر هو ۽ منجهس سون جو هڪ بت رکيل هوندو هو، جنهن کي ڏاڍو سينگاريو ٺاهيو ويندو هو. سڄي هندستان جا راجا پنهنجون پيٽائون موڪليندا رهندا هئا. تنهن ڪري عرب فاتح هن کي سوني مندر وارو شهر سڏيندا هئا. المسعودي ملتان لاءِ تہ اهو لکيو آهي تہ اهو سون جو مرغ زار Meadowof gold (٣٤٧) آهي. شين سئنگ هن شهر کي ميو- لو- سئن- پو- لو Mue-lo-san-pu-lo سڏي ٿو. ايم ووين دي سئنٽ مارٽن M.Vivien de st.Martin جي ترجمي موجب ”مولس ٿاني پورا Mulas thani pura آهي.·هتان جي ماڻهو هن جو نالو مولستانا Mulas Thana ٻڌائن ٿا. هن جو اچار مولاتانا Mulatana سان ڪجهہ هڪ جهڙائي رکي ٿو، جيڪو ابو ريحان ڪشمير جي هڪ مصنف تان حوالي طور ورتو آهي. مول Mula جي معنيٰ آهي اصليت، ٻڻ ٻنياد- پاڙ استان Sthana يا ٿان Than جو مطلب آهي ڪا جڳهہ يا مندر Shrine . تنهن ڪري مولا- سٿا جو مطلب ٿيندو مولا Mula جو مندر، جنهن کي مان سج جو ڪو اصطلاحي نالو سمجهان ٿو. امراڪوشا موجب سج جو هڪ نالو وراڌنا بہ آهي، جيڪو مولا جي معنيٰ سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ وراڌنا لفظ جو لاطيني ٻوليءَ جي لفظ ريڊڪس Radix يا ريڊيس Radius سان ضرور ڪو تعلق هوندو. پر ريڊڪس لفظ جي ڪا عام پاڙ ڪانہ آهي. پر ڪا خاص پاڙ جيڪا ڪائڻ لائق هجي، جهڙوڪ موري وغيره. تنهن ڪري مولا جي بہ ساڳي معنيٰ ٿي سگهي ٿي، يعني پاڙ، مولاڪا Mulaka يا مولي. مشڪل صورت

جي نقطہ نگاہ کان موريءَ ۽ سج جي ڪرڻن ۾ جڻ هڪ ڏني وائٽي ساڳيائپ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. بي ڳالھہ اها بہ آهي تہ ڦيٿي جي ارن کي بہ مولاءِ لاطيني ٻوليءَ ۾ ريڊيس Radius سڏيو ويندو آهي. ولسن Wilson لکي ٿو تہ مولا- ستانا جو مطلب آهي آسمان، پولار- وايو منڊل ديوتا وغيره. انهن لفظن مان ڪوبہ نالو سج تي رکجي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اهو ساري وايومنڊل جو جڻ حڪمران آهي. انهن سڀن ڪري منهنجو انومان اهو آهي تہ مولاMula فقط سج جو اصطلاحي نالو آهي، يعني ڪرڻن جو ديوتا. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مولا- ستانا جي سئين سڌي معنيٰ ٿيندي سورج ديوتا جي مندر جو شهر. ڀاڳا Bhaga ۽ هنسا Hansa بہ سج جا مشهور نالا آهن. تنهن ڪري ڀاڳاپور يا هنساپور ملتان لفظ سان هڪ جهڙائي رکن ٿا. چيو ويندو آهي تہ ملتان جو گهڻو اڳاٽو نالو ڪسياپاپورا Kasyapapura آهي. پر عام طور تي هن لفظ کي ڪسياپپوراKasyappura اچاريو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ جنهن شهر کي هيڪاٽايس Hekataeus ڪسپاپوروس Kaspa puros ۽ هيرو ڊوٽس، ڪسپاتوروس Kaspaturos ۽ ٽالمي ڪاسپيرا Kaspeira سڏي ٿو، سو ملتان جو ئي شهر آهي، ڪاسپيرا شهر جي جاگرافيائي بيهڪ بابت چيو وڃي ٿو تہ اهو شهرسُنڊوباگ Sando bag يا چندر ڀاڳا ۽ رائوڊس Rhuadis يا راوي واري سنگم کان ٿورو مٿان ۽ راويءَ جي پيچري ۾ هڪ وڪڙ وٽ آباد هوندو هو.هتي ڪاسپيرا جي بيهڪ اهڙي ٻڌائي وئي، جيڪا ڪسياپا پورايا ملتان سان ساڳيائپ رکي ٿي، جيڪو راويءَ جي پراڻي وهڪري جي ان وڪڙ وٽ آباد آهي، جتان هي وهڪرو ڏکڻ- اوير طرف کان موڙو کائي اوير طرف رخ ڪري ٿو. هيءَ سڃاڻ وڏي اهميت رکي ٿي. ڇاڪاڻ تہ اها ڳالھہ هن حقيقت جي پنيرائي ڪري ٿي تہ ملتان يا ڪاسپيرا راجا ڪاسپيراءِ جي راڄ ۾ هوندو هو، جيڪو ڪشمير کان وٺي مترا تائين پکڙيل هوندو هو. هن حقيقت مان ائين سمجهي سگهجي ٿو تہ هيءُ شهر بي صدي عيسوي جي وچ ڌاران پنجاب جي مکيہ شهرن مان هڪ هوندو. پر ستين صدي ۾ هن شهر جو نالو مولا- سهتاناُ يا ملتان ٿي وڃي ٿو. عرب دور جي مؤرخن کان وٺي ابو ريحان تائين اهو ساڳيو نالو نظر اچي ٿو، جيڪو سنسڪرت جي ڄاڻ وسيلي ڏيهي ٻولي کان واقف ٿيو ۽ هن شهر جي

ٻين نالن جي ٻه ڪيس ڄاڻ سڃاڻ ٿي، جن بابت مٿي ذڪر اچي چڪو آهي. ڀاوشيه پراڻ Bhavishya purana آڏيه ستانا يا "پهريون مندر" لاءِ ٻڌائي ٿو ته اهو شري ڪرشن جي پٽ سامبا Samba ٺهرايو هو، جنهن ۾ سج جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. مان سمجهان ٿو ته آڏيه، آڏتيه لفظ جو بگڙيل روپ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سج. هن لفظ جي عام ننڍڙي شڪل آڏت آهي. ڪڏهن ته رڪو "آت" به چيو ويندو آهي. جهڙو آڏت وار يا آتوار، اهي سڀ آڏتيه وار جي بگڙيل صورت آهن، يعني سج جو ڏينهن جنهن کي انگريزيءَ ۾ Sunday سڏيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ پڻ سج جو ڏينهن آهي. بلاذري جو بيان آهي ته اهو بت حضرت ايوب Job جو آهي. منهنجو ويچار آهي ته اهو لفظ آڏيت آهي، جنهن جي عربي صورتخطي اديت Adit ٿيندي، جنهن کي غلطيءَ وچان ايوب ڪري پڙهيو ويو ٿو ڀانئجي. پرهلادپورا يا پهلادپور جو اشارو نرسنگهه Narsingh اوتار جي مندر ڏانهن آهي، جنهن کي اڄ به پهلاد پوري سڏيو ويندو آهي. برنس واري دور ۾ هيءُ مندر ملتان ۾ تمام گهڻو مشهور هو. جڏهن جنوري ١٨٤٩ع ۾ هن شهر تي ڪڙو چاڙهيو ويو هو ته بارودخاني جي ڌماڪي سبب هن مندر جي ڇت ڍهي پئي هئي. پر ان کي بيهر ناهي‌راس ڪيو ويو هو. مذڪوره مندر قلعي جي اتر- اوڀر پاسي ۾ بهاوالحق ذڪريا ملتاني جي مقبري پرسان آهي. سورج ديوتا جو مندر قلعي جي وچ تي ناهيو ويو هو، پر اورنگزيب جي ڏينهن ۾ ان مندر کي ڊاهي ناس ڪري، ان جڳهه تي جامع مسجد تيار ڪئي وئي. ان مسجد کي سکن وري بارود خانو بنائي ڇڏيو ۽ ١٨٤٩ع تائين اها مسجد بارود خانو بني رهي.

اسان کي معلوم ٿيو ته ڪسياپاپورا، ٽالمي جو ڪاسپيرا آهي، جيڪو ملتان آهي، جنهن بابت مان مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته ٻي صدي عيسويءَ جي پهرئين اڌ ۾ راوي درياهه هن سان گهنڊي ڏئي وهندو هو. شين سئنگ هن درياهه جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري. پر هن کان ٿورو پوءِ سنڌ جي راجا چچ ملتان تي حملو ڪري فتح ڪيو هو. سندس جنگي مهم جي تفصيلن مان پتو پوي ٿو ته ستين‌ءَ صديءَ جي وچ ڌاران راوي، ملتان جي پرسان وهندي هئي. هن کان سواءِ اهو به پتو پوي ٿو ته بياس پنهنجي هڪ ڌار وهڪري جي صورت ۾ ملتان جي اوڀر ڏکڻ ۾ وهندي هئي. سنڌ بابت لکيل تذڪرن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته چچ پابيا Pabiya يا

شهر پنهنجي علائقي جي گاديءَ جو هنڌ هو. ائرين جي بيان موجب، هن شهر ۾ پنجاهه هزار فوج رهيل هئي. ان جومطلب تہ شهر وڏو هو ۽ قلعو بہ ويڪرو سگهارو هوندو. چاڪاڻ تہ ائرين ٻڌائي ٿو تہ ٻين شهرن جا ڪيترا ماڻهو اچي هن شهر ۾ لڪا هئا. انهن سببن ڪري مون کي پڪ ٿئي ٿي تہ مالي نيات جي ماڻهن جي راڄڌاني موجوده دور وارو ملتان آهي. اجا بہ وڌيڪ تصديق ائرين جي بيان مان ملندي، جنهن کي اسان هيٺ ڏئي رهيا آهيون:

”سڪندر جڏهن شهر جي ويجهو پهتو تہ اتان جا ماڻهو شهر کان ٻاهر نڪري آيا، هنن راوي درياءُ اُڪري ڪناري پنهنجي فوج جي صفبندي ڪئي ۽ مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺا. ڪنارو ايڪپرو هو ۽ چڙهڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هنن ايئن ڪري ڄڻ سڪندر جي رستي کي روڪي وڌو هو. جڏهن سڪندر اِتي پهتو ۽ ڏٺائين تہ دشمن فوج درياءُ جي ٻيءَ پر مقابلي لاءِ تيار بيٺي آهي، تہ هيءُ گهوڙيسوارن سان درياءُ ۾لهي پيو. پهريائين تہ ماڻهو پوئتي هٽي ويا، پر جڏهن ڏٺائون تہ گهوڙيسوارن جو انگ ٿورو آهي، تہ ساڻن مهاڏي اٽڪائڻ جو پڪو پهہ ڪيو. چاڪاڻ تہ سندن تعداد پنجاهہ هزار هو.“ هن بيان مان معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ سڪندر ملتان تي اوير پاسي کان حملو ڪيو هو. هن بہ ملتان تي حملو چڇ وانگر ۽ ملڪي جاگرافيائي صورتحال کي نظر ۾ رکي ڪيو هو. جيڪڏهن اسان ملتان کان ١٨ ميل اتر راوي جي قديم وهڪري کي جاچي ڏسندا سون تہ اهو اولهہ ڏانهن ويندو نظر ايندو. سڪندر بہ ان درياءُ سان هاڪاريو هو، جنهن اچي سڪ تي حملو ڪيو هو، جيڪو راويءَ جي ڪناري ۽ ملتان کان ٿوري پنڌ تي اوير ۾ هو ۽ هن ماڳ بابت سڪندر ۽ چچ جي حملي جو ذڪر ڪنداسين. هيءُ شهر راوي درياءُ جي اوير ڪناري سان واقع هو. جنهن کي ماڻهو ۽ فوج ڇڏي درياءُ جي ٻيءَ پر اڪري ويا، اتي صفبندي ڪري دشمن جو مقابلو ڪيو. جڏهن هار کاڌائون تہ پڇي وڃي قلعي ۾ لڪا. سڪ جو مذڪوره قلعو ان جاءِ جي پرسان هوندو، جنهن کي هاڻي ’ماڙي سيتل‘ (Mari Sital) سڏيو ويندو آهي، جيڪو راويءَ جي پراڻي پيٽ سان ۽ ملتان کان ٢-١/٢ اوير ۾ آهي.

هن شهر تي حملي دوران سڪندر سخت زخمي ٿي پيو هو. ان

ڪري سنڌس فوج کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، جنهن ڪري هتان جي ٻڍي ٻار ۽ عورت کي به ڪونه ڇڏيائون ۽ سڀني کي قتل ڪري ڇڏيائون. ڊايو ڊورس ۽ ڪرٽس جو بيان آهي ته اهو شهر جتي سڪندر کي گهاءُ رسيو هو سو اوڪسو ڊراڪاءِ واري علائقي ۾ هو. پر ائرين سنڌن بيانن کي رد ڪندي لکيو آهي (٣۵١). مذڪوره شهر لاءِ سنڌس بيان آهي ته: "اهو شهر مالي قبيلي سان تعلق رکندو هو ۽ اتان جي ماڻهن ئي کيس گهايو هو." مالي قبيلي اوڪسوڊراڪاءِ وارن مدد ورتي هئي. سنڌن واهر لاءِ اها فوج رواني ٿي هئي، پر سڪندر برپٽ وچان تيز رفتاريءَ سان پيش قدمي ڪري ٻنهي فوجن کي گڏجڻ کان جڻ روڪي ورتو هو. استرئبو جو بيان آهي ته سڪندر کي گهاءُ مالي قبيلي جي شهر فتح ڪرڻ وقت رسيا هئا (٣۵٢).

جڏهن سڪندر مالي قوم خلاف جنگي مهم جي شروعات ڪئي هئي ته هيفاسشن کي فوج ڏئي پنج ڏينهن اڳ ۾ روانو ڪيو هئائين ۽ کيس چيو هئائين ته هو چناب ۽ راويءَ جي سنگم واري ٿاڪ وٽ سنڌس انتظار ڪري (٣۵٣). مالي قوم جي راڄڌاني فتح ڪرڻ کان پوءِ جڏهن سڪندر ٿورو چڱو ڀلو ٿيو ته کيس راويءَ جي ڪناري تائين وني آيا. اتان کان پوءِ درياه جي لهنواري طرف قائم ڪيل فوجي وانڍ ۾ پهتو، جيڪا چناب ۽ راوي جي سنگم واري ٿاڪ کان ٿورو مٿي قائم ڪئي وئي هئي. ان ماڳ تي هيفاسشن جي ڪمان هيٺ پيش قدمي ڪندڙ فوج ۽ نيرڪوس وارو درياهي لشڪر به موجود هو. هتي کيس اوڪسو ڊراڪاءِ ۽ مالي ملڪ جا سفير ملڻ ۽ اطاعت قبول ڪرڻ آيا هئا. هتان کان سڪندر چناب سان سفر ڪري اچي ان ٿاڪ تي پهتو، جتي سنڌو ۽ چناب سنگمُ ڪنديون هيون. هتي پهچي پرڊيڪس ۽ سنڌس فوج جي انتظار ۾ ترسي پيو، جيڪو ٿورن ڏينهن کان پوءِ اباس تاني نالـــي هڪ آزاد قوم ماري اچي اتي پهتو.

ستين صديءَ جي وچ ڌاران جڏهن ڄڄ ملتان تي حملو ڪيو هو ته راوي ملتان سان گهنڊي ڏئي وهندي ئي، پر جڏهن ٧١٣ع ۾ محمد بن قاسم هن شهر تي حملو ڪيو هو ته بلاذري جي بيان مطابق ان زماني ۾ درياه مان هڪ واه ڪوٽي شهر کي پاڻي پهچايو ويندو هو (٣۵۴). (ايم ريناڊ M.Reinaud ڪاٻو ڪنارو لکيو آهي). محمد بن قاسم جا ڪيو جو ان واه کي بند ڪرائي ڇڏيائين. ماڻهو اڃ مرڻ لڳا ۽ لاچار ٿي

سندس آڻ مڃي هئائون. انهن ماڻهن مان جيڪي ٽرار ڪٽڻ جهڙا هئا، تن کي قتل ڪري ڇڏيائون، باقي ڇهه هزار خوبصورت عورتون ۽ ٻار جنگي ٻانڌي بنائي پاڻ سان وٺي ويا. چيو ويندو آهي ته محمد بن قاسم کي اهو واه ملڪ جي غدار ڏيکاريو هو. مان هن بيان سان متفق آهيان، چاڪاڻ ته درياه پنهنجو اڳيون پيٽ ڇڏي ٻيو وڪرو اختيار ڪيو هو. پر مان هيءَ ڳالهه مڃڻ لاءِ ڪڏهن به تيار ڪونه آهيان ته ملتان وارن پاڻيءَ جي اٽاٽ ڪري آڻ مڃي هئي. مان هيءَ ڳالهه اڳيئي سمجهائي آيو آهيان ته راويءَ جي هڪ ڇاڙه شهر ۽ قلعي وچان به وهندي هئي. ان جو پراڻو پيٽ هڪ وڏي ٽرائي[۲] جي صورت ۾ اڃان به ڏسي سگهجي ٿو. ان ڊوري جي تري ۾ ٿوري به کڏ کٽبي مٿ پاڻي نڪري پوندو. ادريسي واري دور ۾ به وايومنڊل ڪجهه ائين هو جو درياه جي هڪ ننڍي ڇاڙهه شهر کي پاڻي ڏيندي هئي (۳۵۵). هن احوال مان سمجهان ٿو ته ان زماني تائين راويءَ جي هڪ ڇاڙهه اهڙي هئي، جيڪا ملتان وچان وهندي هوندي. ملتان وارن ماڻهن جو محمد بن قاسم آڏو جلد آڻ مڃڻ وارو بلاذريءَ جو حوالو منهنجي خيال ۾ غلط آهي. هن ڪان سواءِ باقي ٻيون سڀ حالتون صحيح آهن. اهڙيءَ ريت راوي درياه جو مکيه وهڪرو ملتان کي ڇڏي ويو ته شهر جو اهو حصو جيڪو قلعي جي ويجهو هو ۽ جنهن جي چوڌاري ڪوٽ نه هو، تنهن کي درياه جي پراڻي پيٽ تائين قلعي جي پٽ ڏئي محفوظ ڪيو ويو هوندو ۽ ان ايراضيءَ کي قلعي سان ملايو ويو هوندو. انهن ٽين پٽين ۾ واهه جي پاڻي لنگهڻ لاءِ ڳتا ڇڏيا ويا هوندا. ٿي سگهي ٿو ته اهو واه نه پر راويءَ جي ڪا ننڍڙي ڇاڙهه هجي. اهو واهه هو يا راويءَ جي ڇاڙهه، ڪجهه به هو، اهي اهڙيون هيون جهڙيءَ ريت اسان اڄ انهن کي ڏسون ٿا. ادريسي خاص طور اهو ٻڌائي ٿو ته ملتان کي هڪ مضبوط قلعو هو، جنهن کي چار دروازا هوندا هئا ۽ چوڌاري ڪاهي ڪوٽيل هوندي هيس. مان سمجهان ٿو ته محمد بن قاسم ملتان ائين فتح ڪيو جهڙيءَ ريت سائرس بابل جيتيو هو. هن شهر ڏانهن ويندڙ پاڻيءَ جو رخ ٻئي وهڪري ڏانهن موڙي ڇڏيو هو، جڏهن پاڻيءَ جو وهڪرو سڪي ويو ته ان جي سڪل تري مان لنگهي شهر اندر داخل ٿيو هو. شهر جا ماڻهو ۽ فوجي اڄ ۾ ساڻا ٿي پيا تنهن ڪري سائرس آڏو جهٽ آڻ مڃيائون. هاڻي ته ملتان جي قلعي ۾ ڪيئي کوه آهن. پر انهن سڀني مان هڪ کوه اهڙو آهي جيڪو ڪنهن آڳاٽي

دور سان واسطو رکي ٿو. پر هڪ ڪوهه به قلعي اندر رهندڙ فوج ۽ پنج هزار ماڻهن لاءِ ڪافي هو.

## ڪهرور

ڪهرور به هڪ قديم ماڳ آهي، جيڪو بياس جي ڏاکڻين ڪناري، ملتان کان پنجاهه ميل ڏکڻ - اوڀر ۽ بهاولپور کان ويهه ميل اتر - اوڀر طرف آهي. هن شهر لاءِ چيو ويندو آهي ته ستين صدي جي وچ ڌاران ملتان جي فتح کان پوءِ چچ (٣۵٦) آڏو آڻ مڃي هئي. هن ماڳ سان وڌيڪ دلچسپي ان ڪري پيدا ٿي ته هيءُ شهر وڪراما Vikrama ۽ ساڪا Saka وچ ۾ هڪ وڏيءَ جنگ جو ميدان رهيو، جيڪا ٻنهي ڌرين ۾ سن٧٩ع ۾ لڳي هئي. ابو ريحان هن شهر جي جاگرافيائي بيهڪ ملتان ۽ لوڻي Loni قلعي جي وچ تي ٻڌائي ٿو. امڪان آهي ته لوڻي قلعو لڌانه Ludhana وارو قديم ماڳ هجي، جيڪو ستلج درياه جي پراڻي پيٽ پرسان ۽ ڪهرور کان چوئيتاليهه ميل اوڀر - ڏکڻ اوڀر طرف ۽ ملتان کان به ستر ميل اوڀر - ڏکڻ - اوڀر طرف آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ابو ريحان جي بيان جيان هي ماڳ ملتان ۽ لڌيانه جي وچ ۾ آهي.

## اچ

اچ جو قديم شهر پنج ند وهڪري جي اوڀارئين پاسي، ملتان کان ستر ميل ڏکڻ - ڏکڻ - اوڀر ۽ ان ٺاڪ کان پنجيتاليهه ميل اتر - اوڀر طرف آهي، جتي منڻ ڪوٽ وٽ هن وهڪري جو ۽ سنڌوءَ جو سنگم ٿيندو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته سنڌوءَ جي وهڪري ۾ ولفورڊ جي سروير مرزا مغل بيگ جي سروي ڪرڻ کان پوءِ ڪافي تبديلي اچي وئي آهي، جنهن پنجاب ۽ ڪابل جي سروي ١٧٨٦ع ۽ ١٧٩٦ع ۾ ۽ هن علائقي جي ٨٨-١٧٨٧ع ۾ ڪئي هئي. سنڌ جو پراڻو پيٽ ناله پراڻ جي نالي سان اڃ به موجود آهي. اُچ لفظ جي هندي ۽ سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي اتاهون، اوچو. عام طور تي اوچانگر Ucha nagar جي معنيٰ آهي، اها وستي جيڪا ڪنهن اتاهين جاءِ تي وسائي وئي هجي. اهڙي ريت اسان کي اوچا ڳائون نالي هڪ ماڳ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي

مسلمان بلند شهر نالي سڏيندا آهن. جيڪو ڪالي نديءَ جي ڇڏيل واريءَ جي هڪ پٽ تي دهليءَ کان چاليهه ميل ڏکڻ - اوير آباد آهي. ٻيو بہ اُچ آهي جيڪو جهلم - چناب جي سنگم واري ڌاڪ کان اولهہ پاسي هڪ دڙي تي آباد آهي. هيءَ ٽيون اُچ آهي جنهن جو ذڪر اسان هاڻي ڪري رهيا آهيون. اهو اتاهين دڙي تي آباد ڏسڻ ۾ ايندو. برنس جي بيان (357) مطابق اُچ جا مکيہ ٽي ڀاڱا آهن. جيڪي ٽي شهر ڇئي سگهجن ٿا. منجهن هڪ سو گزن جيتري وٿي ٿيندي. هتان جي ماڻهن جي چوڻ موجب ڪڏهن ٽن بدران ست شهر هوندا هئا. جن کي گڏي اوچانگر Uchanagar سڏيو ويندو هو. مئسن (358) فقط بہ شهر ٻڌائي ٿو. مغل بيگ جي ڏنل نقشي ۾ اُچ جا ست شهر ڏيکاريا ويا آهن. مئسن جو بيان آهي تہ قدامت ڪري غير معموليءَ مشهور شهر آهي. منجهس وچ وچ تي ڪنهن اڳاٽي دور سان لاڳاپيل شهرن جا دڙا آهن. جيڪي اوچا ۽ گهٽيءَ ايراضيءَ تي پکڙيل آهن. وايومنڊل مان ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ قديم زماني ۾ هيءَ ايراضي سڪي ستابي هوندي. برنس جو بيان آهي تہ اُچ جو شهر ڦٽل ماڳ جي هڪ اتاهين دڙي تي اڏيل آهي. برنس اهو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو تہ چناب درياہ دڙي جو هڪ پاسو پائي ويو. تنهن ڪري اهي سڀ ڳالهيون ظاهر ڪن ٿيون تہ مذڪوره دڙو ڪنهن قديم وسنديءَ جي ڊٺل ڳهرن جو هو. سندس هيءَ راءِ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي سچي آهي. چاڪاڻ تہ هي شهر ڪيترا ڀيرا ناس ٿيو ۽ ڪيترا ڀيرا اڏيو ويو آهي. هن شهر تي شاهہ حسين ارغون سن 931هہ يا 25 - 1524ع ۾ حملو ڪيو هو. سڄي قلعي کي ڊاهي پٽ ڪري قلعي جا ڦاٽڪ ۽ ٻيو سامان ٻيڙين ۾ لڏائي بکر ڪٽي ويو هو (349). هن شهر پرسان قديم زماني ۾ پنجاب جون نديون اچي ملنديون هيون. تنهن ڪري هيءَ ماڳ ڏاڍو اهم سمجهيو ويندو هو. ائرين وسيلي اسان کي هيءَ ڄاڻ ملي ٿي تہ: ”سڪندر درياهہ جي سنگم وٽ هڪ شهر اڏڻ جو حڪم ڪيو هو. هن ايراضيءَ جي صورت حال اهڙي هئي جو سمجهيو هئائين تہ مذڪوره شهر ٿوري وقت اندر وڏي ويجهي وڏي ترقي ڪري ويندو (360). گهڻو ڪري هيءَ اهو شهر آهي جنهن جو ذڪر رشيدالدين بہ ڪيو آهي (361). سندس چوڻ آهي تہ سنڌ جو هي چوٿون صوبو هو جنهن تي سڪندر کان پوءِ ڪفند Kafand جو پٽ آيند Ayand راڄ ڪندو هو. هي مؤرخ هن شهر جو نالو اسڪلند ـ اوسالا Askaland — Usala ٻڌائي ٿو منهنجي

خيال ۾ هيءَ نالو اليگزينڊريا - اوچا Alexandria - Uchcha جي بگڙيل صورت آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهواوسا Ussa هجي جيڪو يونان وارن جو اچار آهي. منهنجو پنهنجو خيال به ائين آهي ته چچ جي بيان جيان هي ماڳ اسڪندر Iskandar يا اليگزينڊريا آهي، جيڪو ملتان تي حملوي دوران چچ فتح ڪيو هو. (٣٦٢) مسلمانن جي فتح کان پوءِ هتان جا ماڻهو هن شهر کي ڏيهي نالي سان سڏڻ لڳا. هن شهر کي محمود غزنويءَ محمد غوريءَ فتح ڪيو. ناصر الدين قباچه جي ڏينهن ۾ هي اتر سنڌ جو مشهور شهر هوندو هو. تيمور جي حملي کان پوءِ ملتان هڪ آزاد ملڪ بنجي ويو (٣٦٣) ته اچ وارو علائقو به هن سان شامل ٿي ويو. سن١٥٢٤ع ۾ شاهه حسين يا حسين ارغون هن تي زبردست حملو ڪيو، جنهن قلعي جون ديوارون ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. اهڙو ذڪر متي به اچي ويو آهي. جڏهن شاهه حسين ملتان فتح ڪيو ته اچ جي قلعي جي نئين سر اڏاوت جو حڪم ڏنائين ۽ پنهنجي نئين فتح ڪيل ملڪ جي انتظام سنڀالڻ واسطي اتي فوج رکيائين. اڪبر دور ۾ اچ کي هميشه لاءِ مغل راڄ ۾ شامل ڪيو ويو. ابوالفضل هن کي ملتان صوبي جي سرڪار ڪري لکيو آهي.

پنجاب جي هنن درياهن جي سنگم واري مذڪوره علائقي بابت ڪرٽس ٻڌائي ٿو ته اهو سامبراڪاءِ Sambracae يا سابراڪاءِ جو علائقو آهي. ڊايوڊورس هن جو نالو سامبستاءِ Sambastae. ائرين هن علائقي جو ڪوبه نالو ڪونه ڏنو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته درياهن جي سنگم وٽ اوسادي Ossadii نالي جن ماڻهن سڪندر جي اطاعت مڃي هئي، سي هتان جا رهاڪو هئا. اهو به امڪان آهي ته پرڊيڪس جن اباس تاني ماڻهن تي ڪاهي ويو ۽ کين مطيع ڪيو هئائين، تن جو لاڳاپو به هن علائقي سان هو. سڪندر پرڊيڪس کي راويءَ کان ايرندي علائقي ڏانهن موڪليو هو، جنهن اتي وڃي هڪ شهر فتح ڪيو هو، جيڪو منهنجي سمجهه مطابق هڙاپا جو ماڳ هو. منهنجو اندازو آهي ته سندس اها جنگي مهم گهٽي علائقي تائين پکڙيل هئي. چاڪاڻ ته سڪندر جيڪو پنهنجن ڦٽن چٽڻ تائين درياهن جي سنگم واري تاڪ وٽ هن جو انتظار ڪري رهيو هو. سمجهه ۾ اچي ٿو ته هن مذڪوره علائقي جي فتح ۾ گهڻو وقت لاتو هوندو. قوي امڪان هن ڳالهه جو نظر اچي ٿو ته هو ستلج جي ڪناري سان موجود اجوڌن

ڪان ٿيندو ساڳئي درياه جو ڪنارو ڏئي لڍڻ Ludhan مئلسي، ڪهرور ۽ لوڌران Lodhran ڪان ٿيندو سڪندر جي فوجي واند ۾ اچي پهتو هوندو. مذڪوره رستي سان ايندي هن جو جويا راجپوتن سان بہ ضرور مقابلو ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ راجپوتن جو هيءَ قبيلو قديم زماني ڪان اجوڌن ڪان وٺي اچ تائين ستلج درياه جي ٻنهي ڪنارن سان آباد هو. تنهن ڪري مان هن ڳالهہ جو قائل آهيان تہ پرڊيڪس جنهن اباستاني قبيلي تي ڪاهي مطيع بنايو هو، سو جويا راجپوتن جو ئي قبيلو هو. ملتان جي اوسي پاسي واري علائقي کي اڄ بہ جوهيا - بر Johiya - bar يا يوڌييا وارا Yaudhe yawara سڏيو ويندو آهي.

جوهين جو قبيلو ٽن نياتن جهڙوڪ لنگها ويرا Langavira يا لڪ ويرا Lakvira ماڌوويرا Madhovira يا ماڌيرا Madhera ۽ آدم ويرا Adamvira يا آدمير Admera. سامبراڪاءِ جا ماٿهو بہ ٽن نياتن ۾ ونڊيل هئا. ڪين پنهنجو راجا ڪونہ هو، تنهن ڪري آزاد هئا. يونانين جنگ جوٽڻ لاءِ انهن تي جنرل چونڊيا هئا. ڏنو وڃي تہ جوهيا جوڌييا Jodhiya جو اختصار آهي. سنسڪرت ۾ هن جو اصلي اچار يائوڌيا Yaudheya آهي. هنن قبيلي سان لاڳاپيل ڪي سڪا بہ هٿ لڳا آهن، جيڪي پهرين عيسوي صديءَ سان تعلق رکن ٿا. جن مان پتو پوي ٿو تہ ياؤڌيا جو قبيلو بہ ٽن ڌار ڌار نياتن ۾ ورڇيل هو. اهي سڪا بہ ٽن قسمن جا آهن. پهرين قسم جي سڪي تي هڪ سٽي سٽين جايا - يائو ڌيا - گاناسيا Jaya-Yaudheya-gana sya لکت آهي. جنهن جي معنيٰ آهي تہ هي دولت "فاتح يائوڌيا قبيلي جي آهي" ٻئي قسم جي سڪي جي تحرير ۾ دوي Dwi جو لفظ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٽئين قسم جي سڪي ۾ ترا Tri جو لفظ آهي، جيڪو منهنجي خيال موجب دويتياسيا Dwitiyasya ۽ ترائيتياسيا Tritiyasya جو اختصار آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهي ٻئي ۽ ٽئين قسم جا سڪا هجن ۽ يائوڌيا جي ٻئي ۽ ٽئين قبيلي جي سڪن سان واسطو رکندا هجن. مذڪوره سڪا ستلج جي الهندي ڪناري ديپالپور، ست گهرا، اجوڌن، ڪهرور ۽ ملتان مان لڌا ويا آهن ۽ اوير پاسي پٽنير، ابهور Abhor، سنيرسا Sirsa، هانسي، پاٽي پٽ، سون پٽ Son pat مان لڌا ويا آهن. پوريءَ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي سڪا

## الهندو هندستان

شين سئنگ جي چواڻيءَ موجب الهندو هندستان مکيہ ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل هو. هڪ ڀاڱو سنڌ، ٻيو گرجارا (Gurjjara) ۽ ٽيون بلهي (Balahi) وارو حصو. سنڌ ۾ سنڌو ماٿري وارو سارو علائقو سارو پنجاب، سنڌ ويندي سمنڊ تائين ۽ ڪڇ شامل هو. ٻئي ڀاڱي ۾ راجپوتانا جو اولاهيون حصو هندستاني تر گڏيل هو. ٽئين حصي ۾ گجرات وارو حصو ۽ ڪڇهہ ساموندي ڪناري وارا علائقا شامل هوندا هئا.

## سنڌ

ستين صديءَ ۾ سنڌ ۾ چار صوبا هوندا هئا. پر جاگرافيائي بيهڪ مطابق مان انهن جو سري، وچولي، لاڙ ۽ ڪڇ (٣٦٨) جي نالي سان بيان ڪندس. اهي سيئي علائقا هڪ راجا جي راڄ م شامل هوندا هئا ۽ راجا پاڻ سري ۾ رهندو هو. شين سئنگ ٦٤١ع ڌاران هتي آيو هو. سندس بيان آهي تہ اهو راجا سيو - تو- لو (Siu-to-lo) يعني شودر هو. چچ جي زماني ۾ سندس وزير ٻڌيمن کيس ٻڌايو هو تہ سنڌ جا چار صوبا آهن. هرهڪ صوبي جو راجا الڳ آهي، جيڪو چچ کان اڳئين دور وارن حڪمرانن جو ڏن پرو هوندو هو (٣٦٩). چيو وڃي ٿو تہ هن کان اڳ بہ ڪفند (٣٧٠) جي پٽ آيند جي زماني ۾ سنڌ انتظامي طور چئن صوبن ۾ورهايل هوندي هئي. هي راجا سڪندر کان پوءِ سنڌ جو راجا هو. مذڪوره چار صوبا هي هئا: زور zor ، اسڪلندوسا (Askalandusa)، سامد (Samid) ۽ لوهاڻو هو. جن جو بيان شين سئنگ جي سفرنامي ۾ ڏنل جاگرافيائي بيهڪ کي ڌيان ۾ رکي ڪيو ويندو.

## سِرو

اتر سنڌ کي عام طور ’سري‘ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ’سر‘ يا مٿيون حصو. شين سئنگ جي بيان مطابق هن علائقي جو گهيرو (Circuit) ست هزار لي يا ٻارنهن سو ستهٺ ميل آهي. منهنجي خيال موجب اهو وڌائي ٻڌايو ويو آهي. امڪان آهي تہ

هن ۾ اولهه پاسي وارو ڪڇي ۽ گنداوا وارو علائقو به شامل ڪيو ويو هجي. حقيقت به اها نظر اچي ٿي ته جڏهن سنڌ جو راجا سگهارو هوندو هو ته پنهنجي ٻل جي آڌار تي ڪڇي ۽ گنداوا وارو علائقو پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪري ڇڏيندو هو. ڇچ يا ان کان اڳئين دور جا حڪمران به ائين ڪندا آيا هئا. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سري واري علائقي ۾ سنڌو درياهه جي اولهه پار ڪڇي گنداوا، ڪاهان، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ اوپرپاسي سبزل ڪوٽ ۽ خيرپور وارا علائقا هوندا هئا. اهڙيءَ ريت چوڌاري دنگن جي ڏار ڏار ڏيکهه هيءَ وجي بيهندي. اتر تي سو چاليهه ميل - اولهه ۾ سو پنجاهه ميل - اوڀر هڪ سو اسي ميل ۽ ڏکڻ ۾ سو سٺ ميل. حساب ڪرڻ سان ڪل ماپ به هزار ٽيهه ميل ٿئي ٿي، جيڪا شين سئنگ جي ٻڌايل ماپ جي ويجهو آهي.

ستين صديءَ ۾ هن علائقي جي راڄڌاني کي پي - چين - پو - پُو - لو Pi-chen-po-pu-lo نالي سان سڏيو ويندو هو. ايم - جولين هن کي ويچواپورا Vichava-pura سمجهي ٿو. ايم ووين ڊي سينٽ مارٽن مذڪوره نالي کي سنسڪرت جو لفظ ويچالپورا Vichalapura لکيو آهي، يعني سنڌ جي وچ واري علائقي جو شهر، هن علائقي کي سنڌ جا ماڻهو وچولو سڏيندا آهن. سنڌي پنجابي هن لفظ لاءِ "وچ" جو لفظ ڪتب آڻيندا آهن. هندي ٻوليءَ ۾ هن کي "بيچ" چيو ويندو آهي ۽ اهي سنسڪرت جا لفظ ڪونه آهن. هن ٻوليءَ ۾ وچ کي "مڌيه" چيو ويندو آهي. شين سئنگ هميشه مقامي لفظ ڪم آندا آهن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن شهر جو نالو هندي اچار بيچ پور تي سگهي ٿو يعني وچ وارو شهر Middle city . پر هن گهٽو ڪري سنسڪرت جا لفظ ڪم آندا آهن. تنهن ڪري اسان لاءِ اها ضروري ڳالهه آهي. پي - چين - پو - پو - لو نالي شهر لاءِ اصلي سنسڪرت جي لغت کي جاچي ڏسون.

اسان کي پراڻين روايتن ۽ مؤرخن جي حوالن مان پتو پوي ٿو ته شين سئنگ کان گهڻو وقت اڳي ۽ ٿورو وقت پوءِ سنڌ جي راڄڌاني اروڙ هو. ٻُڌر ائين اچي ٿو ته اروڙ ان قديم مشهور شهر جو ضرور ٻيو نالو آهي، پر ٻي راڄڌاني نه آهي. هندو دور ۾ اهو رواج هوندو هو ته مشهور ۽ وڏن شهرن کي ڪيترن ٻين نالن سان پڻ سڏيو ويندو هو، جهڙيءَ ريت

اسان ملتان جي مامري ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون. اهڙن شهرن جا ڪي نالا شاعرانہ انداز ۾ لکيا ويندا هئا. مشهور شهر پٽالپٽرا iputraPatal ڪي ڪُسم پورا يعني ”گل“ سڏيو ويندو هو. ناڙوار Narwar کي پدمہ وتي يعني ڪنول ڪوٺيو ويندو هو. ڪن شهرن جا بيا نالا بياني هوندا آهن ۽ فطري ڏيک ڪري مٿن ڏريا ويندا آهن، جهڙوڪ مشهور شهر ڪاشي کي ورناسي يا بنارس بہ سڏيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ مذڪوره شهر ورنا Varana ۽ آسي Asi نالي بن نئن جي وچ تي اڏيل آهي. اهڙيءَ ريت قنوج کي ڪينا ڪبجا Kanya kubja بہ سڏيو ويندو هو، جنهن جي معنيٰ آهي ڪُبڙو Humpbacked جنهن جو اشارو هڪ مشهور ڏند ڪٿا ڏانهن آهي، مٿين ڳالهين مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ ٻن جدا نالن مان اهو مطلب هرگز نہ ورتو وڃي تہ ڏهن کي بہ راڄڌانيون هيون. ٿي سگهي ٿو تہ پراڻي شهر جو اهو ڪو نئون لقب هجي. اهو بہ امڪان آهي تہ شهر جو اصلي نالو ئي اهو هجي ۽ ٿوري وقت لاءِ ٻئي نالي سندس جاءِ ورتي هجي. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ سنڌ جي ڪنهن مؤرخ اروڙ جو ڪو ٻيو نالو ڪونہ ڏنو آهي. ان ڪري اسان کي پڪ ٿئي ٿي تہ شين سئنگ جي زماني ۾ بہ هن شهر جو نالو اروڙ هوندو ۽ ٻي - چين - پو - يُو - لو سندس ٻيو نالو هوندو.

هتي اهم ڳالهہ اها ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ هن شهر جي سڃاڻ بابت اڄان بہ وڌيڪ پڪ پئي ڪئي وڃي. چاڪاڻ تہ چيني ياتريءَ هن راڄڌانيءَ کي سنڌوءَ جي اولهہ ۾ ڏيکاريو آهي، پر موجوده زماني ۾ اروڙ جو ٿرڙ سنڌوءَ جي اوڀارئين پاسي آهي. هن فرق هوندي بہ مذڪوره شهر جي سڃاڻپ پڪي آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ قديم دور ۾ سنڌو ندي اروڙ کان اوڀاربون پاسو ڏئي وهندي هئي ۽ اچي دريا جي پراڻي پيٽ ۾ پوندي هئي، جنهن کي نارو سڏيو ويندو هو. ان وهڪري جو رخ راجا ڏاهر جي زماني تائين ڪونہ مٽيو هو (٣٧١)٠شين سئنگ جي اچڻ کان پنجاهہ سال پوءِ بہ اها صورتحال هئي. اروڙ کان درياه جي هٽي وڃڻ واري واقعي کي هتان جا مورخ راجا ڏاهر جي ڦهرن ۽ ڪلورن سان ڳنڍين ٿا. اصل ۾ درياه جي وهڪرن جو ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪڌن ڪرتوتن سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي، پر حقيقت اها آهي تہ ان زماني ۾ پنجاب وارن علائقن مان وهندڙ سيني درياهن جو رخ گهٽو الهندي

ڪـان ونئي جڪڙائوءَ تائين هاٿي سـڪي ويو آهي ۽ سندس پراٺي پيٽ ۾ واري پئي اڏامندي آهي. سنڌوءَ ۾ جڏهن چاڙهه ايندو آهي تہ هيءُ پراٺو وهڪرو بہ وهي ايندو آهي. سندس منهن ڪان جاميجي Jamigi تائين اولهہ پاسي الور وارين ٽڪرين جو سلسلو نظر ايندو. هن مـاڳ تائين مـذڪوره وهـڪري جو پيٽ بہ سؤ ڪـان ٽي سـؤ فـوٽ ۽ ترو ويهہ فـوٽ اونهون ڏسبو. جاميجيءَ ڪان جڪڙائوءِ تائين سندس پيٽ جي ويڪر ڇهہ سو فوٽ ۽ تري جي اونهائي ٻارهن فوٽ ڪن ٿيندي. ٻنهي ڪنڌين سان پٿون ڏسڻ ۾ اينديون. جڪڙائو ڪان هيٺ ناري جي اولاهينءَ ڪنڌي سان پٿون نظر ڪونہ اينديون. هتي ماڳن وٽ رسي، ناري جو پيٽ تمام گهڻو پکڙجي وڃي ٿـو ۽ آخر ٻن مکيہ چاڙهن ۾ ونڊجي وڃي ٿـو. اهي ٺئي وهڪرا وڏيڪ تانگهـا ويـڪـرا ٿـيندا اڳتي وڏندا نظر ايندا. انهن مـان اولهائون وهـڪرو هڪ ميدان ۾ پهچي دنگ ڪري ٿو. اوپر وارو وهڪرو هلندو وڃي پاٽيءَ جي وڏين ڇرن ۾ پوي ٿـو. اهي ٻئي وهـڪـرا هالا ۽ ڪـپري سامهون پهچي وري ظاهر ٿين ٿا ۽ اهو رخ اختيار ڪن ٿا، جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي (٣٧٣).

اتر سنڌ جا قـديم شــهــر هي آهن: اروڙ، روهڙي-بـکر ۽ لاڙڪاڻي پرسان ماهوتا، ٻيا بہ ڪيترا ئي شهر آهن، جن جو سڪندر، چچ، محمد بن قاسم، شاه حسين ارغون جي حملن دوران ذڪر ملندو. پر منجهن فاصلن جو ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي، ان ڪري جن شهرن جا نالا بنهہ بدلجي ويا آهن، تن کي سڃاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سـڪندر جي حملي دوران مـسـنـاءِ Massanae، سـوگـدي Sogdi، مـوسي ڪانـي Musikani ۽ پرائيـسـتي Praesti جا نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مـون کي پڪ آهي تہ اهي شهر ضرور اتر سنڌ ۾ آهن، جن کي آءٌ سڃاڻڻ لاءِ جاکوڙي رهـيـو آهيان.

## مسناءِ ۽ سودراءَ Sodrae يا سوگدي

پنجاب جي درياهن جي سنگم وٽ آهن، جتان سڪندر سنڌوءَ وسيلي ٻيڙا هاڪاري سوگدي ڏانهن اسهيو هو (٣٧٤). ائرين جي بيان مطابق هتي سـڪندر پنهنجي نالي هڪ ٻئي شـهر جو بنياد رکـيـو هو. ڊايو ڊورس (٣٧٥) هتن سـاڳين مـاڻهن کي ٻئي نالي سـان سڏي ٿـو. سندس بيـان هن ريت آهي: ”هو درياهہ جي لهـواري طرف روانو ٿـيـو.

درياهه جي مخالف ڪنارن سان موجوده سودراءِ مستاءِ نيات جي ماڻهن آڻ مجي هئي. سڪندر پنهنجي نالي پٺيان اليگزينڊريا جو ٻيو شهر آباد ڪري ڏهه هزار ماڻهو منجهس رهايا هئا." ڪرٽس (٣٧٦) به هنن ساڳين ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي پر سندن نالو ڪونه لکيو اٿائين. سندس بيان آهي: "هو هاڪاربندو چوٿين ڏينهن اچي ڪن ٻين قومن ۾ لٿو جتي هن اليگزينڊريا نالي ٻيو شهر تعمير ڪرايو." مٿين بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته ائرين جا سوگدي ۽ ڊايوڊورس جا سودراءِ ساڳيا ماڻهو هئا. ٽاڊ Tod ۽ مئڪمرڊو Mimurdo جو خيال آهي ته سوگدي سوڍا راجپوت آهن. سودراءِ لاءِ مسٽر واڪس Mr. Vaux جو خيال آهي ته اهي شودر آهن. سوڍا پرمار راجپوتن جي ٽريءَ مان آهن جيڪي هاڻي ڏکڻ - اوپر سنڌ، عمرڪوٽ واري علائقي ۾ آباد آهن. مئڪمرڊو (٣٧٧) مطابق هن ڪل جا ماڻهو اروڙ کان مٿي درياهه جي ٻنهي ڪنارن سان آباد هئا. منهنجي خيال ۾ هي مصنف ويساهه جوڳو آهي. جيڪڏهن اسان هيءَ سڄي ڳالهه سمجهون ته سوڍا راجپوت اروڙ کان اتر طرف گهٽي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هئا ته پوءِ ابو الفضل جي هن بيان تي به ڪجهه ويساهه ڪرڻو پوندو ته اڪبر دور ۾ بکر کان وٺي عمر ڪوٽ تائين جاڙيجن ۽ سوڍن جا قبيلا آباد هئا" (٣٧٨) ۽ ان سان گڏ هيءَ حقيقت به مڃڻي پوندي ته بايوڊورس وارا مسناءِ ۽ ٽالمي وارا مسارني Musarni ساڳيا ئي ماڻهو هوندا. هنن ماڻهن جي نالي پٺيان منڻ ڪوٽ هينان سنڌوءَ جي اولهندي ڪناري مزارڪا Muzarka نالي هڪ علائقو به موجود آهي. ٽالمي هڪ شهر جو نالو موسارنا Musarna لکيو آهي جيڪو هن جي لکت مطابق آسڪانا Askana نئن جي اتر پاسي سنڌوءَ جي هڪ واهڙ تي آباد هوندو هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اهو وهڪرو جنهن تي موسارنا آباد هو سو ڪاهان Kahan وارو وهڪرو هوندو جيڪو ڦلجي Pulji ۽ شاه پور کان ٿيندو خان ڳڙهه يا جيڪب آباد ڏانهن ويندو هو. امڪان آهي ته موسارنا وارو پراڻو شهر ان ماڳ تي هجي جتي اڄ شاه پور آباد آهي جيڪو شڪارپور کان اڳ هڪ مشهور شهر هوندو هو. "اوسي پاسي واري جوءِ سڄي لڳي پئي آهي. ماڻهو ايڪڙ ٻيڪڙ ڏسبا. اهڃاڻ مان پتو پوي ٿو ته ڪڏهن آباد ۽ سکيو ستابو علائقو هوندو" (٣٧٩). منهنجي خيال ۾ سوگدي يا سودراءِ جو اشارو سوراءِ Seorai جي

جوءِ وارن ماڻهن ڏانهن آهي، جنهن کي شاه حسين ارغون بکر کان ملتان ويندي سنه ١٥٢٥ع ۾ فتح ڪيو هو (٣٨٠).ان دور سان لاڳاپيل بيانن ۾ چيو ويو آهي ته اهو علائقي جو نهايت سگهارو قلعو هوندو هو. ماڻهو ارغوني فوج جي اچڻ جو ٻڌي ڪک پن تي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن هليا ويا. فاتح جي حڪم سان ان قلعي جون پيتيون ڊاهي پٽ ڪيون ويون. اهو ڪهڙن ماڳن تي هوءِ تنهن جو هاڻي پڪو پتو ڪونه آهي، پر امڪاني طور سمجهي سگهجي ٿو ته اهو سبزل ڪوٽ ۽ احمدپور چوٽا جي وچ تي فاضل پور جي پرسان هوندو (٣٨١) هتي مئسن Masson کي ٻڌايو ويو هو ته "قديم زماني ۾ هڪ وڏو شهر آباد هو منجهس تي سئو سٽ ڪوهه هوندا هئا جيڪي اڄ به جهنگل ۾ ڏسي سگهجن ٿا." هڪ پراڻي نقشي ۾ ساڳيءَ جاگرافيائي بيهڪ ۾ هڪ پراڻي ماڳ سيرواهي Sirwahi جو نالو لکيل آهي، جيڪو سبجل ڪوٽ Sabjal kot کان اٺ ميل اتر -اوير آهي ۽ سنڌ جي تاريخ مطابق اهو ماڳ سوراءِ جي جاگرافيائي بيهڪ سان ٺهڪي بيهي ٿو. هن ٿاڪ جو اڄ کان درياهي فاصلو ٽيون حصو وڌيڪ آهي ۽ هڪ سئو ويهن ميلن کان گهٽ ڪونه ٿيندو. پيٽائي ڏسڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو ته اهو ڪرٽس جي بيان ڪيل فاصلي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته سڪندر هاڪاري ان ماڳ وٽ چوٿين ڏينهن پهتو هو. مان هيءَ ڳالهه قبول ڪريان ٿو ته ماڳن جون اهي سڃاڻپون خاطر خواه ڪونه آهن، پر اهڙيون چٽيون ضرور آهن، جو اڄ به انهن کي پرکي سچائي معلوم ڪري سگهجي ٿي. خاطر خواه ان ڪري نه آهن جو سنڌوءَ پنهنجا وهڪرا گهڻا بدلايا آهن. پيو ته ان جي ڪنار سان آباد انهن پراڻن شهرن جا نالا به ساڳيا ڪونه رهيا ۽ ڪنهن نه ڪنهن دور ۾ بدلبا رهيا آهن، پر انهن هڪ حقيقت کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي جيڪا فاضل پور پرسان پراڻي ماڳ جي صحيح سڃاڻپ لاءِ سهائتا ڪري ٿي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته اهو ٿاڪ سوگدي آهي، جتان سڪندر ڪرائيٽرس (٣٨٢) Kraterus کي لشڪر جي وڏي حصي ۽ هاٿين سان گڏ آرچوٽي Archoti ۽ درنجي Drangi پرسان گذري اڳتي وڃڻ لاءِ حڪم ڪيو هو. جيڪڏهن ويچاربو ته اولهه پار وڃڻ لاءِ گنداوا کان هلي بولان لڪ کان لنگهبو آهي ۽ ان رستي سان وڃڻ لاءِ ان پتڻ وٽان سنڌوءَ کي پار ڪبو جتي ڪاٻي ڪنڌي سان فاضل پور ۽ ساڄيءَ

ڪنڌيءَ سان ڪشمور آهي. عام طور اهو ڏنو ويو آهي ته درياهن جا وڏا پتڻ ڪن اهم رستن جي سڌ تي هوندا آهن. ان ڪري مون کي پڪ ٿئي ٿي ته ڪراٽيرس آرچوسيا Archosia ۽ درانجيانا Drangiana ڏانهن اسهڻ لاءِ هن ٺاڪ واري پتڻ تان سنڌو اڪريو هوندو. چاڪاڻ ته وڏي لشڪر ۽ هاٿين اڪرڻ واسطي ۽ بولان لڪ لنگهڻ جي مناسبت سان سنڌوءَ جو هي پتڻ وڌيڪ ڪارائتو آهي. امڪان هن ڳالهه جو نظر اچي ٿو ته ميوسي ڪئنس Musikanus جي بغاوت ڪارڻ ڪراٽيرس کي اسهڻ ۾ ڪجهه دير ٿي هوندي، چاڪاڻ ته ائرن (٣٨٣) هن جي روانگي کي برهمڻن جو شهر فتح ڪرڻ کان پوءِ پيهر بيان ڪيو آهي جنهن تي سڪندر پاڻ هلان ڪئي هئي.

هتان جي ڏيهي مؤرخن ۽ عرب جاگرافيدانن اروڙ ۽ ملتان جي وچ تي هڪ سگهاري قلعي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو نالو ڀاٽيا ٻڌايو وڃي ٿو. هن قلعي جي جاگرافيائي بيهڪ اهڙي آهي جو دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو ته هي اهو ٺاڪ آهي، جتي سوگديءَ واري علائقي ۾ سڪندر پنهنجي نالي پٺيان هڪ شهر تعمير ڪرايو هو. هن کان سواءِ ٻي ڳالهه اها به آهي ته هن هينئين سڌي پٽ ۾ ٻيا پراڻا ماڳ به موجود ڪونه آهن. بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها به آهي ته مختلف مصنفن هن ماڳ جا ڌار ڌار نالا لکيا آهن.

پوسٽنس Postans هن جو نالو پيا Pâya، ڀهيا Bâhiya، پهيا Pâhiya لکيو آهي. سر هينري ايليٽ Elliot Sir Henry، پبيا Pâbiya، ڀٽيا Bhâtiya، ۽ ڀاٽيا Bhātiya لکي ٿو. مسٽر پرائيس Price وري (٣٨٤) ڀاهيتيا Bahâtia لکيو آهي. امڪان اهو آهي ته هيءُ ماڳ ٿلتي (٣٨٥) Talhâti آهي، جتان ڄام ڄانار Jam Janar سنڌو پار ڪئي هئي. ٿي سگهي ٿو ته ميتلا Matila يا ماهتيلا Mahâtila هجي (٣٨٦).جيڪو ستين صديءَ ۾ سنڌ جي چئن سگهارن قلعن مان هڪ هو.

فرشته جو بيان آهي ته ڀاٽيا جو قلعو نهايت سگهارو هو. ان جون ڀتيون اتاهيون ۽ چوڙاري وڏي کاهي کوٽيل هيس (٣٨٧). محمود غزنوي هن قلعي کي سن ٣٩٣ھ يا ١٠٠٢ع ۾ فتح ڪيو هو. اتان راجا ٻڄار Bajjar يا ٻڄي راءِ Biji Rai ساڻس سخت مقابلو ڪيو هو. قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ محمود غزنويءَ کي ٻه سؤ اسي هاٿي ۽ ٻيو به

غنيمت جي مال طور گهڻو ڌن دولت هٿ آيو هو، جنهن مان پتو پوي ٿو ته هتان جو راجا گهڻو شاهوڪار هو.

# ميوسي ڪاني يا الور

ان ڪان پوءِ سڪندر سوگدي يا سودراءِ ڪان سنڌوءَ رستي هاڪاري هڪ راجا جي راڄڌاني پهتو، جنهن کي استرئيو، ڊايوڊورس ۽ ائرين (٣٨٨) ميوسيڪنس لکن ٿا پر ڪرٽس (٣٨٩) هن کي ميوسيڪاني جو قبيلو سڏي ٿو. ائرين جو بيان آهي ته اهو علائقو سڄي هندستان ۾ وڏ ۾ وڏ شاهوڪار هو. استرئبو اونسي ڪرائيٽس Onesi Kritus جي حوالي سان لکيو آهي ته ”هن علائقي ۾ هر چيز تمام گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندي هئي. هن حقيقت مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته خود يوناني به هن علائقي جي سڪر سٺائي ۽ شاهوڪاريءَ ڪان گهڻو متاثر هئا. اهي بيان اتر سنڌ جي ان سدا خوشحال علائقي سان هڪ جهڙائي رکن ٿا جنهن جي راڄڌاني ڪن جڳن ڪان وني الوربڻيل رهي آهي. هتي فاصلو بيان ٿيل نه آهي ۽ ڏنل نالو به الور سان هڪ جهڙائي ڪونه ٿو رکي. ان ڪري هڪ عام بيان مان ڪنهن ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ سڃاڻڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. پر جيڪڏهن بيان ڪيل ماڳ ۾ ڪي خاص ڳالهيون آهن، خاص قسم جي ڪا تعمير ٿيل اٿس يا بيا اهڃا ڪي ڳڻ اٿس ته پوءِ ان جي سڃاڻپ جي پڪ ٿي سگهي ٿي، پر موجوده ماڳ اهڙو آهي جيڪو سڃاڻپ جي ماهري ۾ اسان جو سونهون بڻجي ڪونه ٿو سگهي، مگر عام طور چيو وڃي ٿو ته هيءُ علائقو ساري هندستان ۾ وڏ ۾ وڏ شاهوڪار هو ۽ هن وسيلي اسان ڪنهن دگ سان لڳي پئون ٿا. سنڌ جون روايتون ۽ تاريخ ٻڌائي ٿي ته الور پنهنجي علائقي جو وڏو شهر هو تنهن ڪري اسان سمجهون ٿا ته اهو ضرور راجا ميوسڪنس جي راڄڌاني هوندو. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته سڪندر جا مؤرخ هن ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ڏرن ها. عرب جاگرافيدان به هن ڳالهه تي متفق آهن ته الور وارو علائقو نهايت سرسبز ۽ شاهوڪار هو.

الور جا ٿرڙ تڪرين واري ان گهٽ ڪان ڏکڻ پاسي آهن، جتان سنڌو وهندو آهي ۽ مذڪوره تڪريون بکر ڪان ويهه ميل هيٺ هلي ختم ٿي وڃن ٿيون. پوءِ وري پٿر جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي،

جيڪو ناري يا سنڌوءَ جي پراڻي وهڪري جي ٻنهي ڪنڌين تي هلندو نظر ايندو آهي. ڪنهن آڳاٽي جڳ ۾ هن گهٽ منجهان سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهه لنگهندي هئي، جيڪا بکر شهر کي اتر - اولهه کان ايندڙ دشمن کان بچائيندي هئي. اتر -اوير ڏس کان سنڌوءَ جي ٻي ڇاڙهه گذرندي هئي. هن ڇاڙهه جو وهڪرو اڳين ڇاڙهه کان اٽڪل ٽي ميل پري ۽ گونيءَ ڪنڌ تي هوندو آهي. جڏهن سن ٦٨٠ع ۾ راجا ڏاهر سنڌ جي راڄ گادي سنڀالي ته سنڌوءَ جي ٻوئين ذڪر ڪيل ڇاڙهه مڪيه وهڪرو هوندي هئي، ۽ پنهنجي اصلي پراڻي پيٽ ناري (٣٩٠) کان اولهه ڀر سرڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سنڌ جي تاريخن موجب هيءَ درياهي تبديلي بکر وارين ٽڪرين کان اتر هڪ واهڙ کوٽڻ ڪري پنهنجي فطري وقت کان جلدي اچي وئي.

الور جو اصلي نالو ڇا هو تنهن جو پورو پتو ڪونه آهي، پر موجوده دور ۾ هن نالي جو اچار اروڙ آهي. امڪان اهو نظر اچي ٿو ته هن جو اصلي نالو روڙا Rora هوندو. هن نالي جي شروع ۾ نظر ايندڙ سر آواز، عربي ٻوليءَ جي اڳياڙي ال تان ورتل آهي. بلاذري، ادريسي ۽ ٻين مؤرخن هن لفظ کي الرور ڪري لکيو آهي. اهڙي قسم جو اچار اسان کي هن جي ڀر واري شهر روڙي Rori جي نالي مان به محسوس ٿئي ٿو. هندستان ۾ شهرن جي ٻٽن نالن جو رواج به آهي. تنهن ڪري روڙا۽روڙي معنيٰ وڏو روڙو ۽ ننڍو روڙو. سنسڪرت ۾ هن لفظ جي ڪا به معنيٰ نه آهي، پر هنديءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي لڙڪوڙ، شور ۽ مشهوري وغيره. تنهن ڪري امڪان آهي ته هن شهر جو نالو روڙا پوريا نگر هوندو يعني ”مشهور شهر“ الور جي قديم شهر جي ڏکڻ اولهه ۾ ٻه ميل پري هڪ ٽڪريءَ جي ڪڇ ۾ آڀيجنو Abhijanu نالي هڪ ڳوٺ ڏسڻ ۾ آيو. سنسڪرت ۾ هن لفظ جي معنيٰ آهي ”مشهور“. امڪان آهي ته هي نالو شين سئنگ جي بيان ڪيل پي - چين - پو - پو - لو سان ڳنڍيل هجي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن پي - چين - پو - پُو - لو ۾ فقط او ”O“ جو اکر اڳيان جوڙ ڪبو ته آڀيجنوا پورا Abhijanwabura جو اچار نهي پوندو. مان سمجهان ٿو ته متان الور تالمي وارو بينگر Binagra هجي، جيڪو سُندس بيان موجب سنڌوءَ جي ڪنار سان اوسڪانا Ɛskana کان اوير طرف آهي، جنهن کي ائرين ۽ ڪرٽس اوڪسي ڪئنس سڏين ٿا. اهو به امڪان آهي ته ٽالمي

واري بينگر جي پي شڪل چيني اچار پولو Pulo هجي، ڇاڪاڻ تہ پور ۽ نگر ٻئي لفظ هڪ معنيٰ رکن ٿا ۽ "پي - چين - پو" لفظ جي اڳياڙي پد جي Bi سان هڪ جهڙائي رکندو هجي.

نظر ائين اچي ٿو تہ ميوسڪئنس جو شهر گهڻو اهم هو، ڇاڪاڻ تہ سڪندر ڪراتيرس کي اتي قلعي جوڙڻ جو حڪم ڪيو هو ۽ پاڻ بہ قلعي جي تعمير ٿيڻ تائين اتي ترسي پيو. جڏهن قلعي جي اڏاوت پوري ٿي تہ پنهنجيءَ فوج جو وڏو حصو اتي رهايائين. ان جو سبب اهو هو تہ قلعي اندر سڀ سهولتون موجود هيون ۽ اڏيل بہ اهڙي هنڌ تي هو جو هتي ويهي سڀني قومن تي نظر رکي ٿي سگهيائين. هن سبب ڪري پڪ ٿئي ٿي تہ الور سڪندر کان اڳ آباد هو ۽ سنڌ درياهہ جي رخ مٽڻ تائين آباد رهندو آيو. جڏهن بکر جي قلعي جي اڏاوت ٿي تہ هيءُ شهر هميشہ لاءِ ويران ٿي ويو.

## پرائيسٽي - پورٽيڪئنس يا اوڪسي ڪئنس
## praesti -Portikanus or oxykanus

ميوسيڪئنس جي راڄڌانيءَ جي فتح کان پوءِ سڪندر پنهنجي درياهي فوج کي سنڌوءَ سان اڳتي هاڪارڻ جو حڪم ڏنو ۽ ائرين (٣٩١) جي بيان موجب پاڻ پر واري راجا اوڪسي ڪئنس تي ڪاهي ويو ۽ سندس بہ مکيہ شهر فتح ڪري ورتائين. ڪرٽس جو بيان آهي تہ راجا اوڪسي ڪئنس، پرائسٽي (٣٩٢) نالي هڪ ڪُل جي ماڻهن جو حڪمران هو. هُو وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ سڪندر ٽن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ سندن راڄڌاني فتح ڪئي هئي. ڊايوڊورس ۽ اسٽرئبو هن راجا جو نالو پورٽيڪئنس ٻڌائين ٿا. هن نالي جون گهٽيون پڙهيٽون ٻڌائن ٿيون تہ اهو شهر جو نالو هو، جنهن جي پورٽاگام Portagâm يا اوچاگام Ochagâm جي ناتي سان معنيٰ ٿيندي "اتاهون شهر" لفظ جي معنيٰ مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهو شهر ڪنهن مٿاهينءَ تي اڏيل هو. ڪرٽس جي بيان ۾ "پيانڪ ڪڙڪات" جا لفظ لکيل نظر اچن ٿا ۽ اهي ڪڙڪات قلعي جي برجن ڪرڻ ڪري ٿيا هئا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو قلعو تمام گهڻو مٿي هو. منهنجو انومان آهي تہ اهو قلعو ماهوٽا هوندو جيڪو لاڙڪاڻي کان ڏهہ ميل پري گهاڙ واهہ جي ڪناري تي هڪ دڙي جي صورت ۾ موجود آهي. هن بابت مئسن جو بيان آهي

تہ ”مـاهورتا Mahorta نالي دڙي تي ڪنهن قـديم دور جي قلعي جا ڪنڊر آهن.“[٣٩٣] لفظ جي اها هجي سـروي ڪرڻ وارن مـاڻهن جي آهي، پر گـهـڻـو ڪري اهو لفظ مـاهورڌا Mahorddha آهي جنهن جو اصلي اچار مـهـا + ارڌا + گـرام Maha + Urddha + Grama آهي ۽ معنيٰ اٿس ”تمام اتاهون شـهـر.“ هي سنسـڪرت ٻوليءَ جا لفظ آهن، جن جو موجوده دور جي ڪنهن ٻوليءَ سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. هيءَ سـڃاڻپ مـون ڪي صـحـيح مـعلوم ٿـئي ٿي. اِن ڪري نہ تہ نالي جي هڪجهڙائي آهي، پر الور ۽ ماهورتا جي جاگرافيائي بيهڪ مان بہ پڪ ٿئي ٿي. ان سان گڏ سنڌوءَ جو وهڪرو بہ اهڙو اشارو ڏئي ٿو. موجوده دور ۾ ماهورتا سنڌوءَ کان ٻہ ٽي مـيل پري آهي، پر سـڪندر واري دور ۾ جڏهن سنڌو ناري واري پيٽ ۾ وهندي هئي تہ ماهورتا جو شهر الور ۽ درياهہ کان پورا پنجيتاليهہ ميل پري ڏکڻ اولهہ هوندو. (١) اهو ئي سبب هو جو سـڪندر درياهي لشـڪر کي اڳتي هاڪارڻ جو چئني پاڻ خشڪيءَ رستي روانو ٿيو هو.

مـاهورتا جي جاگرافيائي بيهڪ تجارتي ۽ سيـاسي نقطہ نگاهہ کان نهايت اهم ڏسڻ ۾ ايندي ڇاڪاڻ تہ هتان هڪ اهم تجارتي رستو گذرندو آهي جيڪو ڪڇ گنداوا کان ٿيندو قنڌار پهچندو. جڏهن درياهہ ماهورتا کي ڇڏي لاڙڪاڻي پرسان وهڻ لڳو تہ اها اهميت وري ان شـهر کي ملڻ لڳي، جيڪو ماهوتن کان ڏهہ ميل اولهہ طرف ۽ سنڌ ۾ سيني

---

(١) سنڌو ڪڏهن بہ ناري جي پيٽ مان ڪونہ وڌي آهي ۽ اهو دور بہ نظر ڪونہ ٿو اچي تہ سنڌوءَ ڪڏهن موڙ کائي موهن جي دڙي کان تمام پري هٽي ويو هجي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ماهوتا بہ درياهہ کان ايڏو دور ڪونہ رهيو آهي، جو سـڪندر مٿس حملي ڪرڻ لاءِ خشـڪيءَ وسيلي اروڙ کان پنڌ ڪيو هجي. تاريخن ۾ اها ڳالهہ ثابت ڪانہ آهي تہ سنڌو ڪڏهن الور کان اوير ۾ وڙهو آهي. سـڪندر جي دور ۾ سنڌوءَ جو وڏو وهـڪـرو ڪنڌ ڪوٽ ۽ شـڪـارپور جي ٻـر پاسي مـان وهندو هوندو جيڪو ڦري گهـري وري بہ موهن جي دڙي ۽ ماهوتا وٽان لنگهندو هوندو ۽ ننڍو وهـڪـرو الور وٽ هاڪڙي سـان اچي ملندو هو. هن بيت ”هاڪ وهندو هاڪڙو يـجندي پنڌ اروڙ - بهـہ مـچيءَ ۽ لوڙ سـمي ويندا سوڪڙي“ مـان بہ اها ڳالهہ ثابت ٿـئي ٿي تہ اروڙ ڏانهن سنڌوءَ جو ننڍو وهڪرو ايندو هو. (مترجم)

ڪان وڌيڪ سرسبز ۽ خوشحال علائقو هو. ’گهاڙ‘ نالي هڪ نئن، قلات کان نڪرندي هئي، جيڪا مولا يا گنداوا لڪ کان لنگهي اچي هن علائقي ۾ دنگ ڪندي هئي، پر هاڻي ان نئن جو پاڻي گنداوا تائين پهچي هيٺ ميداني علائقي ۾ لڪي ويندو آهي. ان نئن جو پراڻو پيٽ اڄ بہ سنڌ جي دنگ سان ڏسي سگهجي ٿو. اها نئن ڪڏهن لاڙڪاڻي ۽ ماهوٽن وٽان لنگهي وڃي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. امڪان آهي تہ ڪنهن دور انديش حڪمراني جي زماني ۾ هن نئن جي پاڻيءَ کي وندي ورڇي پوکي راهيءَ جي مقصد واسطي ڪتب آندو ويو هجي. تڏهن پاڻيءَ جي هن وهڪري جون ڪنڌيون ڪنارا ڏاڍا ساوا ۽ ڀاوا هوندا.

ڪرٽس (۴۰۴) پاڻيءَ جي هن وهڪري ۾ موجود تلائن جي اوسي رهندڙ ماڻهن کي پرائسٽي ڪوني ٿو. ولسن جو ويچار آهي، تہ ڪرٽس پنهنجي سوچ ۾ صحيح آهي. هو اسان جو پراستا (Prastha) يا پراستالا (Prasthala) جي لفظ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو، جنهن جي پاڙ ’استل‘ لفظ آهي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ ٿل (Thala) تان ورتل آهي. اولهہ هندستان ۾ مذڪوره لفظ جي معنيٰ پاڻي جو تلاءُ آهي، پر هتي نظر ايندڙ لفظ پرائسٽي (Proesti) آهي. پر مان سمجهان ٿو اهو لفظ پرائسٽي بدران ’پراستا‘ هوندو، جنهن جي معنيٰ آهي سنئون سڌو پٽ. سندس اشارو لاڙڪاڻي جي ڀرپاسي واري سنئين پٽ ڏانهن هوندو، جنهن جي هڪ پاسي سيوهڻ ۽ ٻئي پاسي گنداوا آهي. امڪان اهو آهي تہ شايد هي اهو ئي علائقو آهي، جنهن کي ٽالمي پسڪا (Piska) سڏيو آهي. ان بابت سندس بيان آهي، تہ اهو علائقو هڪ واهڙ جي ڪناري آباد آهي، جيڪو اوسڪانا جي ماڳن ڪان مٿي اچي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. سندس هن بيان مان پڪ ٿئي ٿي تہ هيءُ اوسڪانا اهو ماڳ آهي، جنهن کي اٿرين ۽ ڪرٽس اوڪسي ڪئنڊس لکيو آهي، انهيءَ ڪري نہ تہ ٻنهي نالن ۾ هڪ جهڙائي آهي پر چاڪاڻ اوسڪانا، سنڌوءَ جي اولهہ ۾ موجود هڪ واهڙ تي هڪ ٻيٽ جي حيثيت ۾ موجود هو ۽ مارهوٽا جي جاگرافيائي ٻيهڪ سان ساڳيائپ رکي ٿو. ٽالمي ٻڌائي ٿو تہ هن نئن جي اتر ۾ بدانا (Badana) نالي هڪ ماڳ هو. مان سمجهان ٿو اهو موجوده دور وارو گنداوا آهي (٢٢١). چاڪاڻ تہ عام طور ڏٺو ويو آهي، تہ يونان وارن ب ۽ گ جا اچار اهڙا ڏنا آهن، جيڪي پاڻ ۾ مٽ سٽ ٿي سگهن ٿا. پهرئين قديم دور جي عرب مصنفن هن ماڳ جو نالو قندابيل (Kandabil) لکيو آهي.

# وچولو

سنڌ جي وچ واري ڀاڱي کي عام طور تي وچولو سڏيو ويندو آهي. شين سئنگ هن علائقي جو گهيرو پنجويهه سو لي يا چار سؤ سترهن ميل ٻڌايو آهي. هن علائقي جي ٿوري پڪيڙ مان پتو پوي ٿو ته هي علائقو ننڍو هوندو. جنهن ۾ سيوهڻ، حيدرآباد واري علائقي جو اترين پاسو ۽ عمرڪوٽ جو ڪجهه علائقو شامل هوندو. انهن علائقن جي ايراضيءَ موجب اترين ۽ ڏکڻين هر هڪ پاسو سؤ سٺ ميل هوندو ۽ اوڀر ۽ اولهه وارو هر هڪ پاسو پنجيتاليهه ميل ٿيندو. جيڪڏهن انهن چئن ئي پاسن جو جوڙ ڪبو ته ڪل گهيرو چار سؤ ڏهه ميل بيهي ٿو. هن علائقي جو مشهور ۽ مکيه شهر او - فين - چا O _ fan _ cha آهي. اتر سنڌ جي راڄڌانيءَ کان ست سؤ لي يا هڪ سؤ سترهن ميل ۽ لاڙ واري علائقي جي راڄڌاني پٽاسيلا Pitasila کان پنجاهه ميل پري هئي. اتر سنڌ وارو مکيه شهر الور آهي ۽ پوئين ماڳ لاءِ ڪجهه هتر سان چئي سگهجي ٿو ته اهو پٽالا Pattala يا حيدرآباد هوندو. جنهن جو بيان يونانين به ڪيو آهي. تاريخن ۾ بيان ٿيل فاصلن موجب اهو ماڳ او - فان - چا،ٻانڀڙا - ڪا - ٿل Banbhra _ ka _ thul يا فقط ٻانڀرا جي ڀرپاسي ۾ تي سگهي ٿو، جتي روايتن مطابق ڪنهن زماني ۾ برهمنوا Brahmawa يا برهمڻ آباد نالي هڪ مشهور شهر هوندو هو. شين سئنگ جي بيان مطابق اوفانچاOfancha يا آواندا Avanda نالي هڪ شهر سنڌ جي وچين علائقي جي راڄڌاني هو، جنهن کي وچولو سڏيو ويندو آهي.

موجوده دور ۾ هِن علائقي جا مشهور شهر سيوهڻ، هالا، حيدرآباد ۽ عمر ڪوٽ آهن. وچين زماني جي هندو دور جا مشهور شهر سدوساڻ Sadusan براهماڻا Brahmana يا بهمنوا Bahmanva ۽ نيرون ڪوٽ هوندا هئا. نيرون ڪوٽ جو پراڻو شهر گهٽو ڪري ته حيدرآباد جي ماڳن وٽ هوندو، باقي پٽالا سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ موجود هوندو. بهمنوا پرسان عرب دور جو مشهور ماڳ منصوره هوندو هو. عرب خليفن طرفان مقرر ڪيل گورنر هتي رهندا هئا ، اهو شهر هن علائقي جي اصلي راڄڌاني هو. جيڪو پوءِ وچي سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شهر بڻجي ويو. سڪندر جئ زماني ۾ ڊايوڊورس

ويڪر ساڍا ست فوٽ ۽ اوچائي اسي فوٽ کن ٿيندي. پر مون ڪي ماپ ۾ همچورس لڳو ۽ برنس جي بيٺڙين ۾ بيهي ٻڌايل ماپ کان وڌيڪ ويڪرو ۽ اتاهون معلوم ٿيو. (٤٠١) ان زماني ۾ سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري جي ڪنڌيءَ سان آباد هو. هيءُ درياه هميشہ پنهنجا وهڪرا بدلائيندو رهيو آهي. پراڻي دور وارن نقشن ۾ مذڪوره قلعو سنڌوءَ جي اولاهين ڇاڙهہ تي نظر ايندو. قديم زماني ۾ جڏهن سنڌو ناري واري پيٽ مان وهندو هو تہ ان جي ويجهي ۾ ويجهي ماڳ جکڙائو وٽان سيوهڻ جو قلعو پنجهٺ ميل پري هو ۽ هن ٽاڪ ۾ اچي پٽن جو سلسلو ختم ٿي ويندو آهي. موجوده دور ۾ پاڻيءَ جو نہ رڳو سنڌو وارو وهڪرو آهي، جيڪو سيوهڻ جي اوڀر ڏس کان لنگهي ٿو پر ان سان گڏ هن جي اتر پار کان وهندڙ اڙل بہ آهي، جيڪا منڇر نالي هڪ وڏيءَ ڍنڍ مان وهندي آهي. سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهہ جنهن کي الهندو نارو چوندا آهن، هن ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. اندازو اهو ٿئي ٿو تہ پاڻيءَ جي وڏي مقدار موجود هئڻ ڪانسواءِ سيوهڻ جو مشهور ماڳ آباد ٿي ڪونہ سگهي ها، تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌوءَ جي وهڪري ۾ تبديلي اچڻ کان تمام گهڻو اڳ سيوهڻ پرسان منڇر وارو پاڻي ضرور موجود هوندو. هيءَ ڍنڍ وچ تي تمام گهڻي اونهين آهي؛ (٢:ع) تنهن ڪري اهو ضروري سمجهڻ کپي تہ هيءَ هڪ قدرتي ڍنڍ آهي. ان جو پرتي ڪنڌڙ پاڻي هالا لکي Hala lakki واري جابلو علائقي مان وهي ايندڙ بن نَين وسيلي ايندو آهي.امڪان اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ الهندي ناري جو وهي اچي منڇر وسيلي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان اڳ هن ڍنڍ جو پاڻي اچي سيوهڻ جي قلعي جي پيٽين سان وچي لڳندو هوندو. مذڪوره ڍنڍ ۾ مڇي تمام گهڻي ٿيندي آهي ان ڪري سندس نالو منڇر پئجي ويو آهي.(١) ٿي سگهي ٿو تہ هي نالو سنسڪرت جي لفظ متسيا Matsya ۽ هندي لفظ مڇ Machh يا مڇي جي بگڙيل صورت هجي. ان ڪري منهنجي خيال ۾ منڇر مڇي واري تلاءَ جو نالو آهي.

(١) امڪان آهي تہ منڇر جو لفظ مين + سر = مينسر آهي. مين= مڇي آهي. سنڌيءَ ۾ سر جي معنيٰ آهي تلاءُ، پر اهو اچار هاڻي بدلجي چر ٿي ويو آهي. مينسر معنيٰ مڇي وارو تلاءُ جيڪو گهڻي استعمال سبب منڇر ٿي ويو هجي. ٿي سگهي ٿو تہ هن جو سنڌوءَ جي منڍ واري مشهور ڍنڍ مانسروور جي نالي سان ڪو لاڳاپو هجي. (مترجم)

سيوهڻ شهر جي جاگرافيائي بيهڪ ڏاڍي سجهائتي آهي. سنڌس تعمير هڪ سئين سڌي ٽڪريءَ جي چوٽي تي آهي. پاڻيءَ جي وڏي ڍنڍ پرسان، آڄڪو ڍيرئون ڍير. اهڙين سهنجاين، پراچين سمي جي سنڌين کي چڪي آئي هن ٺاڪ تي آباد ڪيو. جاچڻ پرکڻ کان پوءِ به اها سڌ سڌس ملي ٿي ته هي ماڳ ڪنهن جهوني جڳ کان وسايو ويو آهي. مئڪمرڊو (٤٠٣) جو بيان آهي ته سيوهڻ جي وسندي پڪ سان ڪنهن پراچين سمي سان واڳيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. الور ۽ برهمڻ آباد کان به گهڻو اڳاٽي آهي. هن شهر جو موجوده نالو سوستان جي ننڍي شڪل آهي. امڪان آهي ته هن ٺاڪ جا رهواسي سيوي Sewi يا سابي Sabis نيات سان واسطو رکندا هوندا. شروعاتي دور جي عرب جاگرافيدانن هن شهر جو نالو مختلف هجي سان لکيو آهي. ڪن سدستان Sadustan ڪن سدوسان Sadusan ته ڪن وري شاروسان Sharusan لکيو آهي. جن مان پهريان به اچار يوناني مؤرخن جي لکيل اچار سنڌومان سان سمهت آهن. تنهن ڪري مان هن شهر جو نالو سوستان غلط سمجهان ٿو ۽ ويچار اٿم ته پوئين سمي جي ڪن هندن هن شهر جي نالي کي بدلائي شودروتائن پنيان رکيو آهي. يونان وارن هن علائقي کي سنڌو Sindo ۽ عربن سدو Sadu لکيو آهي جيڪي هن علائقي جي سنسڪرتي نالي سنڌو Sindhu ڏانهن اشارو ڪن ٿا. هن ٻوليءَ ۾ هتان جي رهاڪن کي سئنڌاوا Saindhava يا سئنڌو Saindhu چيو ويو آهي ۽ عام مشهور اچار به اهو آهي. تنهن ڪري سمجهي سگهجي ٿو ته هن راڄڌاني جو نالو ضرور سئنڌواستان Saindhavasthan يا سنڌوستان هوندو، جنهن کي عرب جاگرافيدان ننڍو ڪري سدستان Sadustan اچارڻ لڳا. ولسن به سنسڪرت جي مرڪب "سنڌمان" جي نقطئه نظر مطابق يونانين واري اچار سنڌوماناکي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سنڌ جا رهواسي. مان پاڻ به يونانين جي نالي سئنڌاوا وانم Saindhava _ vanam يا سئنڌووان Saindhuwan سان سهمت آهيان، جنهن جي معنيٰ آهي "سنڌواسين جي رهڻ جي جوءِ" Abode of Saindhavas.

پر اچرج جهڙي ڳالهه اها آهي ته ٽالمي سيوهڻ جهڙي ناليري ماڳ جو عام فهم ذڪر چونه ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان حيدرآباد

جي شهر کي درياهي چوڙ واري قديم ٽڪنڊي جو مٿيون پاسو سمجهون (١) ته پوءِ ٽالمي جو بيان ڪيل شهر سائڊراس Sydros جيڪو سنڌوءَ جي اوڀارين ڇاڙهه تي واقع هو سو وجي مٿالي Mattali (٢) بيهندو جيڪو حيدرآباد کان ٻارنهن ميل اترطرف ٿيندو ۽ سنڌس بيان ڪيل پاسيپيڊا Pasipeda وجي سيوهڻ بيهندو. ٽالمي جنهن شهر کي اوسڪانا سڏي ٿو سو سڪندر جي دور وارو اوڪسي ڪئنس ۽ پورٽيڪئنس وارو ماڳ آهي، جنهن کي اسان ماهورتا وارو وڏو دڙو سمجهون ٿا ۽ مون کي ته ڪنهن حد تائين يقين آهي ته اهو ماهورتا وارو ٿاڪ آهي، جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته پوءِ پسڪا Piska يا پاسيپيڊا Pasipeda سيوهڻ ئي ٿي سگهي ٿو. شين سئنگ سيوهڻ کي اهميت ڪانه ڏني آهي، پر هند جي مؤرخن جو بيان آهي ته هي شهر انهن ماڳن مان هڪ آهي، جنهن کي محمد بن قاسم ٧١١ع ۾ فتح ڪيو هو.

يارهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ هن شهر کي محمود غزنوي به فتح ڪيو هو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته هن ماڳ مسلمان دور ۾ وڏي ترقي ڪئي آهي. سنڌس جاگرافيائي بيهڪ به اهڙي ته مناسب آهي جو ڪنهن به دور ۾ ڦٽي ناس ناهي ٿيو.

# برهمانا يا برهمڻ آباد

سنڌومان جي فتح کان پوءِ سڪندر خشڪيءَ رستي سفر ڪري درياهه تي پهتو جتي سنڌس درياهي فوج سنڌس حڪم موجب هن جي اوسيڙي ۾ ويٺي هئي. ان کانپوءِ سنڌوءَ جي لهواري وهڪري مطابق

(١) حيدرآباد جي ڀرپاسي کان وهڻ کان اڳ ۾ سنڌو نصرپور کان وهندو هو. ميان غلام شاه ڪلهوڙي جي دور ۾ سن ١٧٥٨ع ۾ انڙپور کان هڪ وڏي تبديلي ڪري حيدرآباد وٽان وهڻ لڳو ۽ حيدرآباد شهر واري ٽڪري هڪ ٻيٽ بڻجي پئي. ميان غلام شاه هن صورتحال کي نظر ۾ رکي حيدرآباد جو قلعو تعمير ڪرايو. (ڏسو ائنٽي ڪئٽيز آف سنڌ - هينري ڪزنس انڊس ڊيٽا ڪنٽري) تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته حيدرآباد چوڙ واري قديم ٽڪنڊي جو مٿيون پاسو ڪونه هوندو.

(٢) ٿي سگهي ٿو ته هيءُ شهر مٽياري هجي.

هاڪارڻ لڳو ۽ چوٿين ڏينهن ان شهر ۾ پهتو جتان سابس يا سامبس (Sabus) (٤٠٤) جي بادشاهي ڏانهن ويندڙ سڙڪ نڪرندي هئي. جڏهن سڪندراعظم الور (ميوسي ڪئنس جي راڄڌاني) مان پنهنجي دريائي فوج ڪي ڇڏي اوڪسي ڪئنسُ (Oxykanus) تي حملو ڪيو هو ته ان وقت راجا سابس (سامبس) جي راڄڌاني سندومانا تي ڪاهڻ جو سندس ارادو ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته اتان جي راجا سابس سندس آڻ مڃي هئي ۽ ڪيس سنڌوءَ جي ڪنار سان موجود تاڪرو علائقي جو حڪمران مقرر ڪيو هو (٤٠٥). مان سمجهان ٿو ته سڪندراعظم پنهنجي دريائي لشڪر کي راڄڌاني اوڪسي ڪئنس پرسان ٿي درياءَ وٽ سندس انتظار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هوندو. منهنجي خيال ۾ اهو ماڳ جتي دريائي لشڪر سڪندر جي اوسيئڙي ۾ وينل هوندو سو ڪانوڙ ۽ تجل کان هيٺ ناري واري ماڙيجا (Marija) ڍنڍ هوندي.[١]

---

[١] ڪانوڙ ۽ تجل وارو وهڪرو مهراڻ يا هڪڙي جو آهي ۽ سنڌوءَ سان هن جو ڪوبه لاڳاپو ڪونه آهي. مختصر طور هن ريت سمجهائي سگهجي ٿو ته اروڙ وٽ هڪ وڏيڊيد هئي، جنهن ۾ اتر اولهه پاسي کان سنڌوءَ جي هڪ اوڀارينءَ ڇاڙهه جو پاٽي اچي ڇوڙ ڪندو هو ۽ سندس اولاهين ڇاڙهه ڪنڊڪوٽ ۽ شڪارپور وارو پيٽ ڏئي وهندي هئي. مذڪوره ڍنڍ ۽ هاڪڙي جي اولاهين ڇاڙهه به هن ڍنڍ ۾ اتر کان اچي ڇوڙ ڪندي هئي. هن درياءَ جي اوڀارين وڏي ڇاڙهه ونجهڙوٽ وٽان اولاهين ڇاڙهه کان ڇڇي ڌار ٿيندي هئي. اروڙ واري هن ڍنڍ مان ٿي وهڪرا نڪرندا هئا. اوڀارين وهڪرو، جيڪڏهن ڪوٽ ڏيجيءَ وٽان پنجٽيهه ميل اولهه سفر ڪبو ته وڃي موئن جي دڙي ۽ ماهوٽا پهچبو. هن بيان مان سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته اروڙ وٽان لاڙڪاڻي ڏانهن ويندڙ ڇاڙهه پوئين دور جو قصو آهي ۽ اهو به واضح ٿئي ٿو ته لاڙڪاڻي ۽ ماهوٽن ويندڙ وهڪرو سنڌوءَ جي اولاهين ڇاڙهه هئي، جيڪا ڪنڊڪوٽ ۽ شڪارپور کان مٿيندي هئي تنهن ڪري سڪندراعظم ڪانوڙ يا تجل کان نه پر ڪوٽ ڏيجيءَ وٽان ماهوٽن ۽ موئن جي دڙي ڏانهن خشڪيءَ جي رستي اسهيو هوندو. جيڪڏهن ماهوٽا وارو ماڳ اوڪسي ڪئنس آهي ته اوڏانهن بيڙين کي هاڪاري نه وڃڻ جو بيو سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ پاسي ويندڙ سنڌوءَ جو وهڪرو ڪنڊڪوٽ کان ڇڇي ڌار رهيو هو. دريائي فوج کي ماهوٽن واري ڪاهه ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ بيڙين کي اروڙ کان اوڀارو ڪنڊڪوٽ هاڪاري پوءِ ماهوٽن تائين لهواري رخ ۾ سفر ڪرڻو هو. سڪندراعظم ائين

اوڪسي ڪئنس جو پنڌ الور ۽ ڪانوڙ وٽان هڪ جيترو هوندو هو. اتان سڪندر درياھ وسيلي هاڪاري چوٿين ڏينهن ان شهر وٽ پهتو جتان راجا سامبس جي راڄ ڏانهن ويندڙ سڙڪ نڪرندي هئي.

---

(حاشيو هلندڙ) ڪرڻ نه پئي چاهيو چو ته ڪيس تڪڙو واپس ٿيڻو هو. هن اروڙ وٽان خشڪيءَ رستي پيش قدمي شروع ڪئي ۽ درياهي فوج کي ڪوٽ ڏيجي يا ناروءَ جي دڙي وٽ درياھ ۾ بيهڻ جو حڪم ڪيو هيائين جيڪو اروڙ کان ٽيهن پنجٽيهن ميلن جو سفر ٿيندو. اروڙ ۽ ماهوٽن جي وچ ۾فاصلوڪهڙوايترو ٿيندو. هتي جنرل ڪننگهام ٻڌائي ٿو ته ڪانوڙ ۽ تجل پرسان ماڙيجا ڍنڍ اروڙ کان ايترو پنڌ ڏور آهي جيترو اروڙ کان ماهوٽا پري آهي، جتي سڪندر پنهنجي درياهي فوج کي بيهڻ لاءِ چيو هو، پر ماهوٽا ۽ ماڙيجا ڍنڍ جي وچ ۾ تقريبن سٺ ميلن جي وٿي آهي- ماهوٽن جي فتح کان پوءِ سڪندر کي ماڙيجا ڍنڍ تائين سٺ ميل جو سفر ڪرڻو پوي ٿو. سوچڻ جي ڳالھ اها آهي ته هن پنهنجو درياهي لشڪر ڪوٽ ڏجي وٽ سنڌوءَ جي وهڪري ۾ ڇونه بيهاريو جيڪو فاصلي ۾ ويجهو ۽ سنڌ جي وچين آباد ڀاڱي مان گذري برهمڻ آباد به پهتو ٿي. اهو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جو هن ويهه پنجويهه ميل وڌيڪ پنڌ ڪري ۽ سنڌ جي غير آباد علائقي مان درياهي سفر ڪري برهمڻ آباد پهتو ۽ سائس فوج جو انگ به تمام گهڻو هو. قوي امڪان اهوآهي ته هن برهمڻ آباد پهچڻ لاءِ نارو نه پر سنڌوءَ جي ڪوٽ ڏجي - هالاڻي واري وهڪري سان هاڪارڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني هوندي. ٻي اهم ڳالھ اها به آهي ته هيءُ وهڪرو سنڌومانا يا سيوهڻ کان لنگهي پوءِ برهمڻ آباد ڏانهن لڙي ٿو. سڪندر جي دور جي مؤرخن جا تاريخي حوالا به اهو ٻڌائن ٿا ته سڪندر ڦيريائين سيوهڻ تي ۽ پوءِ برهمڻ آباد تي حملو ڪيو، پر جيڪڏهن سڪندر ناري سان سفر ڪري برهمڻ آباد پهچي ها ته اڳ ۾ برهمڻ آباد فتح ڪري پوءِ سيوهڻ تي ڪاهي ها ۽ سيوهڻ کي فتح ڪري موٽي وري برهمڻ آباد اچي ها ۽ اتان درياهي سفر ڪري پٽيالا پهچي ها، پر جيئن ته برهمڻ آباد ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ سڪندر جي ٻٽي سفر جو ذڪر ڪونه آهي، تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سڪندر ڪوٽ ڏجي-هالاڻي واري سنڌوءَ جي وهڪري سان سفر ڪيو آهي نه ڪه ناري واري وهڪري سان. (مترجم)

ماڙيجا ڊينڊ وارو ماڳ منهنجي ويچار مطابق جتي سڪندر جي درياهي فوج سندس اوسيئڙي ۾ ترسي هئي، سوپراٽي برهمڻ آباد شهر کان سڌو سٽ ميل ۽ پاڻيءَ رستي نوي ميل آهي. اهو پنڌ پيڙين وسيلي چئن ڏينهن ۾ پورو ڪري سگهجي ٿو. مٿئين بيان مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته برهمانا جو شهر برهمڻن جو آباد ڪيل هو ۽ سڪندري مؤرخ به اهڙي شاهدي ڏين ٿا. برهمڻ آباد جي راجا سڪندر جي آڻ مڃي هئي، پر هتان جي ماڻهن قلعي جا دروازا بند ڪري جڻ سڪندر خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو هو. خاص جنگي حڪمت عملي اختيار ڪري برهمڻ آباد جي ماڻهن کي قلعي کان ٻاهر آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جن سڪندري فوج سان مڙس ٿي چوٽ ڏني، جنهن ۾ سڪندر جو مشهور سپهه سالار ٽالمي زهريلي تلوار سان گهائجي پيو هو (٤٠٦). ٽالمي جي گهائجڻ مان پتو پوي ٿو ته هي شهر هرماٽيلاءِ هو جيڪو ڊايوڊورس جي بيان موجب سنڌوءَ جي ڪنار سان برهمڻن جو آخري شهر هو (٤٠٧). هتي اسان کي هرماٽيلاءِ جو لفظ نظر اچي ٿو جيڪو برهماٿالا Brahmathala يا برهمانا سٿالا Brahmana _ Sthala جي اچار سان هڪجهڙائي رکي ٿو. يونانين وٽ هرمس Hermes نالي ديوتا آهي جنهن کي اهي لنگم جو ديوتا سمجهندا آهن. اهو ساڳيو برهما ديوتا آهي جيڪو سنڌ وارن جو اصلي لنگم جو ديوتا مڃيو ويندو آهي. هن شهر جو اصلي ۽ قديم نالو برهمانا آهي، جنهن کي مسلمانن ڦيرائي برهمڻ آباد بنائي ڇڏيو. مٿين بيانن مان اهو نتيجو ڪڍيو اٿم ته برهمڻ جي جنهن شهر کي سڪندر فتح ڪيو هو، سو پنهنجي نالي ۽ جاگرافيائي بيهڪ ڪري اهو برهمڻ آباد جو مشهور شهر آهي.

سنڌومانا جي فتح کان پوءِ افسوس جو ائرين جو بيان تمام مختصر آهي. هو رڳو ايترو ٻڌائي ٿو ته سڪندر هن شهر تي ڪاهي ويو. فتح ڪرڻ کان پوءِ جيڪو به برهمڻ سڪندر جي فوج جي ور چڙهيو، ان کي قتل ڪيو ويو ڇاڪاڻ ته سڪندر خلاف بغاوت جي باهه هنن ئي ڀڙڪائي هئي. ائرين جو هيءُ بيان ڊايوڊورس جي بيان سان سهمت آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو ته سڪندر بغاوت جي باهه ٻارڻ وارن جو قتل عام ڪرائي ڏاڍو خوش ٿيو، باقي عام ماڻهن کي معاف ڪيو ويو هو". جيڪڏهن هنن بيان جي پيٽوار چنڊچاڻ ڪبي ته پتو پوندو ته

هرماتيلاءِ يا برهمانا ميوسي ڪئنس جي راڄ ۾ شامل هو. ڪرٽس جو بہ بيان آهي تہ هتان جو راجا، سڪندراعظم جي آڏ مجي چڪو هو. ائرين ٻڌائي ٿو تہ هن راجا بغاوت ڪئي هئي. ڊايوڊورس وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ سڪندراعظم انهن کي سخت سزا ڏني هئي، جن ماڻهن کي بغاوت ڪرڻ لاءِ هشي ڏئي اپاريو هو. اهي سيئي حقيقتون ميوسيڪئنس سان نهڪي اچن ٿيون جنهن ڀهريائين تہ آڏ مجي پر پوءِ بغاوت ڪئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس ڦاس تي ٽنگيو ويو. ساٽس گڏ انهن برهمڻ کي بہ ڦاسي چاڙهيو ويو جن ڪيس بغاوت لاءِ پڙڪايو هو. هيءَ سجاڻ اهميت رکي ٿي چاڪاڻ تہ هن بيان مان پتو پوي ٿو تہ راجا ميوسيڪئنس جو راڄ مٿان ڪان وني چوڙ واري علائقي جي مٿين پاسي تائين سڄي سنڌو ماترئ تائين پکڙيل هو. جنهن ۾ اوڪسي ڪئنس ۽ سامبس جو راڄ شامل ڪونہ هو. هن راجا جي حڪومت هڪ وڏي علائقي تي مشتمل هئي. سڪندراعظم کي مليل اطلاعن مان بہ اهڙي ثابتي ملي ٿي جن ۾ ڪيس ٻڌايو ويو تہ مذڪوره علائقو ساري هندستان ۾ وڌيڪ شاهوڪار آهي. اهڙن اطلاعن مان اسان کي اها بہ سڌس ڪنيسن پوي ٿي تہ راجا سامبس جا راجا ميوسيڪئنس سان سنا لاڳاپا ڪونہ هئا چاڪاڻ تہ راجا ميوسيڪئنس جي ملڪ جي ڏاکڻين سرحد راجا سامبس جي اولاهينءَ دنگ سان ملي رهي هئي، ان ڪري منجهن سرحدي تڪرار هلندڙ هو. جنهن شهر ۾ ٽالمي کي زهر ٻڌل تيرن جا گهائو ڏڪ رسيا هئا، تنهن شهر جي راجا جو نالو جسٽين (Justin) (٤٠٨) آمبيگر (Ambiger) ٻڌائي ٿو جيڪو گهٽو ڪري ميوسيڪئنس راجا جو صحيح نالو هوندو. هيءَ ميوسيڪاني جو حڪمران هو ۽ براهمانا جو علائقو بہ سندس راڄ ۾ شامل هو.

ڏک جي ڳالهہ اها آهي تہ مؤرخ ٽالمي جيڪي بہ نالا بيان ڪيا آهن، سي سيئي براهمانا شهر جي نالي سان نهڪي ڪونہ ٿا اچن. پارابلي Parabali جو نالو ڪنهن حد تائين جاگرافيائي بيهڪ ۽ ڪجهہ نالي جي هڪجهڙائي جي نقطہ نگاهہ کان براهمانا سان ملي اچي ٿو. چاڪاڻ تہ هن لفظ جا ڀهريان بہ پد پرب (Parab) ، برم (Baram) کان مختلف ڪونہ آهن. لفظ جي پڇاڙي الي (Ali) برهماتالا يا هرماتيلاءِ جي لفظ ۾ موجود ٽالا جي نمائندگي ڪري ٿو. ٽالمي جي بان کان پوءِ اسان براهمانا جو ذڪر ڪٿي بہ ڪونہ ٿا ٻڌون. پر ڇهہ صديون ڪن پوءِ عرب دور ۾ سندس ذڪر نظر اچي ٿو. ڏيهي تاريخن مان اسان کي اها چاڻ

ملي ٿي تہ راءِ گهراڻي جي دور ۾ (٥٠٧ کان ٧٤٢ع تائين) براهمانا سنڌ جي چئن سرڪارين مان هڪ هئي ۽ ان علائقي جي راڄڌاني هئي (٤٠٩). راجا ڏاهر جڏهن ٦٨٠ع ۾ سنڌ جي راڄڌاني تي ويٺو تہ بہ هن براهمانا پنهنجي علائقي جي راڄڌاني وارو شهر هو. سنڌوءَ جڏهن اتور کي تباهہ ڪري ڇڏيو تہ هن براهمانا کي پنهنجي ملڪ جي راڄڌاني بنايو هو. شين سئنگ سن ٦٤١ع ۾ سنڌ آيو هو. جنهن جي سفرنامي جو ذڪر اڳ ۾ ئي اچي چڪو آهي. ان جي زماني ۾ بہ سنڌ چئن سرڪارين ۾ ورهايل هئي. انهن کي سهوليت خاطر سرو، وچولو، لاڙ ۽ ڪڇ سرڪارين جا نالا ڏنا ويا آهن. مان سري واري علائقي جو الور واري باب ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان.[1] ٻي سرڪار اوفان چا هئي جنهن کي مان برهمڻ آباد سمجهان ٿو. ايم. اسٽئنسلاس جولين (M.Stanislas Julien) چيني ٻوليءَ جي پدن مطابق هن جو ترجمو آوندا (Avanda) ڪري ٿو، پر ان جو اصل هڪجهڙو لفظ ڳولي لهڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. منهنجي خيال ۾ اهو برهمانا آهي جنهن کي ڪيترن ئي نالن سان اچاريو ويندو آهي. جهڙوڪ: باهمانا، ٻهڻ، بابنا، بانيٽا، (٤١٠) وغيره. برهمڻ آباد پرسان منصوره شهر جو ذڪر ڪندي ابن حوقل لکي ٿو تہ سنڌي ماڻهو منصوره کي بامي واڻ (Bamiwan) سڏيندا آهن (٤١١). جنهن کي ادريسي ڦيرائي ميرمان (٤١٢) (Mirman) لکيو آهي. پر ان سان گڏ واندڻ (Wandan) ۽ ڪاندڻ (Kandan) (٤١٣) جا نالا بہ قلمبند ڪيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ اهي بامن وا (Bamanwa) جي بگڙيل شڪل آهن يا جهڙيءَ ريت سنڌي اچاريندا آهن جهڙوڪ وامن وا (Vamanwa) يا وان وا (Vanwa) وغيره. چيني ٻوليءَ جو پد فان (Fan) برهما لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي ۽ اها هڪ ڇاتل سچاتل حقيقت آهي ۽ ان نالي جي ننڍي شڪل آهي، جيڪا هن ڳالهہ تي بہ روشني وجهي ٿي تہ آوندا بہ ٻهمنوا يا

---

[1] اهي چار سرڪاريون هن ريت هيون: ١- برهمڻ آباد جنهن کي لوهاڻو علائقو سڏيو ويندو هو جيڪو سمنڊ تائين پکڙيل هو. ٢ - سيوهڻ سرڪار، جنهن ۾ سيوستان، ٻڌيہ، جنگاڻ، روجهاڻ، ڪوهہ پايہ ۽ مڪران شامل هئا. ٣- اسڪلنده جنهن ۾ پاتيا وارا علائقا شامل هئا ۽ ملتان کي سنڌ جو سرو چيو ويندو هو. ٤- ملتان، جنهن ۾ ڪرور، اشهار، برهمپور، ۽ تاڪيہ وارا علائقا شامل هئا. (ڏسو چچ نامو سنڌي ترجمو ص ٢٢ - ٢٣ مرزا قليچ جو انگريزي ترجمو ص ١١ - ١٢) (مترجم)

برهمڻ آباد جي ڪجهہ بدليل شڪل آهي.

مسلمانن جي فتح کان جلدي پوءِ براهمانا جي جاءِ منصوره اچيَ ولاري. بلاذري جي بيان موجب هن شهر جو بنياد سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم جي پٽ عمرو رکيو هو (٤١٤). اهو عباسي خاندان جي ٻئي خليفي المنصور جي زماني (٧٧٤-٧٥٣ع) ۾ جڙي راس ٿيو. پر مسعوديءَ (٤١٥) جو بيان آهي تہ هيءُ شهر بني اميہ خلافت جي دور ۾ تعمير ڪرايو ويو. تن ڏينهن ۾ سنڌ جو امير جمهور هو جيڪو ٧٤٤ع کان ٧٤٩ع تائين هتان جو گورنر رهيو ۽ پنهنجي پيءُ منصور نالي پنيان هن شهر کي اڏايائين. هيءُ شهر برهمڻ آباد جي پرسان تعمير ڪرايو ويو هو، تنهن ڪري ابن حوقل، ابوريحان ۽ ادريسي پنهنجي بيانن ۾ هن کي ساڳيو شهر ڪوٺيو آهي. ابن حوقل جا لفظ هن ريت آهن: "منصوره کي سنڌي ٻوليءَ ۾ باميوان Bamiwan سڏيندا آهن (٤١٦). ابو ريحان چوي ٿو تہ: "منصوره جو اصلي نالو بامنوا Bamanwa هو، پوءِ ان کي همن آباد Hamanabad سڏيو ويندو هو."جيڪڏهن هن لفظ جي ابتدائي پاڱي ۾ ب جو اکر ملائبو تہ بهمن آباد جڙي پوندو ۽ اهو اکر غلطيءَ وچان رهجي ويل ٿو پائنجي. هيءُ شهر سنڌوءَ يا مهراڻ جي اوپارين ڇاڙهہ تي وسايو ويو هو. مذڪوره شهر جي ڊيگهہ ۽ ويڪر هڪ هڪ ميل هئي. اهڙيءَ ريت سندس گهيرو چار ميل ٿئي ٿو. مختلف جڳهن کان ڏينهن واريءَ مسافريءَ جو ليکو ڪري سندس جاگرافيائي بيهڪ کي هالا جي اوسي پاسي بيهاريو ويو آهي. اهو ماڳ ملتان کان ٻارنهن ڏينهن جي پنڌ تي ۽ منصوره کان سڌو ديبل ڇئن ڏينهن جي مسافريءَ تي هو، تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو تہ ملتان کان سمنڊ تائين جيڪو فاصلو هو، برهمن آباد کان سمنڊ تائين پنڌ ان جو ٽيون حصو هو ۽ اهو فاصلو هالا جي اوسي پاسي وڃي بيهي ٿو.

ان ساڳي جاگرافيائي بيهڪ ۾ مسٽربيلاسس ڪنهن جهوني جُڳ سان لاڳاپيل هڪ ٿرڙ لڌو آهي، جيڪو وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ اهو پنهنجي دور جو ڪو وڏو شهر هو. اسان مذڪوره دلچسپ شهر جي ڄاڻ لاءِ مسٽربيلاسس Mr. Bella-sis جا ٿورائتا آهيون. مذڪوره قتل شهر سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ جي ڪنار سان، حيدرآباد کان ستيتاليهہ ميل اتر - اوڀر، هالا کان اوڀر يا

اوڀر - اتر - اوڀر اناويهہ ميل ۽ اپرندي ناري کان ويهہ ميل اولهہ طرف آهي (٤١٧).هيءُ مــاڳ ٻانڀــڙ - ڪا - ٿل _ Bambhra _ Ka Thul جي نالي سان مشــهـور آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ناس ٿـيل ٿلهہ. هن ڦٽي واري ايراضيءَ ۾ سرن جي ٽوٽن مان ٺهيل هن ٿلهہ جو ڪو ڀاڱو اڃا سلامت بيٺل نظر ايندو آهي. هن ٿرڙ ڪي جنهن جاڪوڙي جوان ڳولي لڌو تنهن جو چوڻ آهي تہ شــهـر جي ڪنڊرن جي شــڪل صورت ائين آهي جهڙيءَ ريت اڳيئن شهر جي گهرن جي جوڙ هئي جنهن جي دڙي تي پوڀون شهر وسايو ويو هو. ماڻهن کان پوءِ معلوم ٿيو تہ هن شهر جو چوڌس گهيرو چار ميل کن ٿيندو. هن ٻانڀڙ - ڪا - ٿل کان سواءِ هتان کان ڏيڍ ميل کن جي فاصلي تي هڪ ٻيو ڦٽل دڙو پڻ آهي جنهن کي ماڻهو دلوراءِ جو دڙو سڏيندا آهن. هي ماڳ هتان جي آخري راجا جو رهائش گاهہ هو. ان ماڳ کان وري پنج ميل کن پري ڏيپر نالي هڪ ٻيو ڦٽل دڙو آهي، جنهن لاءِ ماڻهو چوندا آهن تہ اتي راجا جو وزير رهندو هو. هنن ٿـرڙن جي وچ تي ڪن وسندين جا اهڃاڻ آهن جيــڪي ڪليءَ ايراضيءَ ۾ گهـٽو ڏور تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿـيون. ٻانڀڙا - ڪا - ٿلهہ جي چوڌاري قلعي جي هڪ تعمير ڏسڻ ۾ ايندي، جنهن تي منارن ۽ برجن جي اڏاوت جا نشـان ڏسڻ ۾ اچن ٿـا. اڪبـر بادشـاهہ جي دور تائين هن قلعي جا نشان ڪجهہ وڏيڪ چٽا هئا. ابو الفضل جي بيان مطابق هن قلعي ۾ هڪ سؤ چوڏهن برج هئا ۽ هر برج جي وچ تي هڪ طناب جيـتري وٿي هئي (٤١٨).ان زمـاني ۾ مـاپ هڪ مقرر نوڙيءَ سـان ڪئي ويندي هئي. اڪبـر بادشـاهہ نوڙيءَ بدران لڪـڙن کي لوهن ڪـڙن سـان ڳنـڍي هـڪ مـقـرر مـاپ کي ڪتب آڻڻ جو حـڪـم ڏنو هو. مـذڪوره طناب جي ماپ سڪندر الهي گـز هـوندي هئي ۽ هر گـز جي ڊيگهہ ٽيهہ انچ مقرر هئي. اهڙيءَ ريت هر طناب جي ماپ وڃي ڏيڍ سؤ فـوٽ بيـهي ٿي. جيـڪڏهن هن کي ١٤٠ کـان ضرب ڪبو تہ ٢١٠٠٠ فـوٽ جواب ٿـئي ٿو جيـڪو اٽڪل چار ميل فاصلو ٿـئي ٿو. ابن حوقل جو بيان آهي تہ منصوره جو شهر همچورس هـڪ ميـل جي ايـراضـيءَ تـي پـکـڙيـل هو، جنهن جو چوڌس گـهيـرو وڃي چار مـيل بيـهندو. اهڙيءَ ريت مسـٽـر بيـلاسس جي بيـان مـوجب ٻانيڙا - ڪا - ٿل جي ايراضي بہ گـهـٽ وڌ چار مـيـل ٿـيـنـدي، جـنـهـن مـان سـمـجـهي سگهجي ٿو تہ اهو منصوره وارو مـاڳ آهي، جيـڪو ڪنهن زمـاني ۾

سنڌ جي راڄڌاني هو. (١) باقي براهمانا يا برهمڻ آباد جو اصلي

(١) جنرل ڪننگهام پنهنجي هن ئي ڪتاب جي ص ٢٢٦ ۾ ڪرٽس جي حوالي سان لکيو آهي تہ هرماتيلاءِ جي قلعبند فوج ۾ ماٿهن کي قلعي کان ٻاهر آٽڻ جون اٽڪلون ڪيون ۽ هنن ٻاهر اچي سڪندر سان سخت مقابلو ڪيو. جنهن ۾ سندس جنرل ٽالمي کي هڪ زهريلي تلوار جو گهاءُ رسيو هو. ماٿهن کي قلعي کان ٻاهر آٽڻ جي اٽڪل استعمال ڪرڻ مان هيءَ ڳالهہ چٽي ٿي وڃي تہ برهمانا جي چوڌاري هڪ قلعو هو ۽ اهو نهايت سگهارو هو. قلعي تي حملو ڪري فتح ڪرڻ سڪندر لاءِ ڪجهہ ڏکيو هو. ان ڪري ماٺهن کي اٽڪل ڪري قلعي کان ٻاهر آندو ويو هو. عربن بہ جڏهن برهمڻ آباد تي حملو ڪيو هو تہ ان کي فتح ڪرڻ کان نااميد ٿي ويا هئا. (ڏسو چچ نامو سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد ص ٢٩٣ ۽ انگريزي ترجمو مرزا قليچ بيگ ص ١٥٩ تاريخ سنڌ اعجاز الحق قدوسي ص ١٨٨). هن مان بہ اها حقيقت ثابت ٿئي ٿي تہ منصوره شهر جي اڏجڻ کان صديون اڳ براهمانا کي هڪ سگهارو قلعو هو. دلوراءِ نالي واري شهر جي چوڌاري ڪنهن قلعي جي اڏاوت جا اهڃاڻ نظر ڪونہ ايندا. منصوره جي چوڌاري نظر ايندڙ قلعي جي باقي رهيل پٽ ۾ جيڪي سرون آهن سي ماپ جي لحاظ کان عربن کان اڳ واري سنڌ دور سان واسطو رکن ٿيون تنهن ڪري پڪ ٿئي ٿي تہ منصوره کي براهمانا جي دڙي تي اڏيو ويو آهي. جنهن جي چوڌاري اڳي ئي ڪوٽ ناهيل هو. جيڪڏهن براهمانا دلوراءِ وارو شهر آهي، جتي قلعو نظر نہ تو اچي تہ سڪندر سنڌين کي ٻاهر آٽڻ جي حڪمت عملي ڇو اختيار ڪئي ۽ عرب بہ برهمڻ آباد کي فتح ڪرڻ کان نااميد ڇو ٿيا؟ عربن کان اڳ چچ بہ برهمڻ آباد تي حملو ڪيو هو. برهمڻ آباد جي حاڪم اگهم لوهاڻي جي فوج هرڪائي وجي قلعي ۾ پناهہ ورتي هئي. (ڏسو چچ نامو سنڌي ترجمو ص ٥٣، انگريزي ترجمو مرزا قليچ بيگ ص ٣٣). مٿين بيانن مان اهو معلوم ٿيندو تہ برهمانا دلوراءِ نالي ٿرڙ وارن ٿاڪن تي نہ پر منصوره واري ماڳن تي هو. بيلاسس جڏهن هن شهر جي کوٽائي ۽ کوجنا ڪئي تہ مسجد جي هيٺان مندر جي تعمير ڏسڻ ۾ آئي. کوٽائي مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪني پاڙيءَ جي نيڪال جي هيٺين تهہ واريون ڪسيون منصوره جي دور واري گهرن جي نقشن مطابق نہ، پر پراڻي دور جي تعمير سان سنمک هيون. (ڏسو هينري ڪزنس جو ائنٽيڪئٽز آف سنڌ)

شهر دلوراءِ جي دڙن وارو ماڳ آهي، جيڪو هن وڏي دڙي کان ڏيڍ ميل کن پري ٿيندو.

مسٽر بيلاسس، جنهن هن شهر کي ڳوليو، تنهن جو چوڻ آهي ته اهو ماڳ ئي برهمانا يا برهمڻ آباد پاڻ آهي. پر مسٽر ٽامس اختلاف جو اظهار ڪري ٿو (٤٢٩). چاڪاڻ ته هتان ڪوٽائي ۾ ڪوجنا ڪندي وچين دور سان لاڳاپيل سڪا لڌا آهن. ان کان اڳ واري سنڌي دور سان لاڳاپيل سڪن جو انگ تمام ٿورو آهي. اهي سڪا بين علائقن مان به ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ لڌا آهن ۽ منجهن هڪ سُرائي به ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي. تنهن ڪري ڪنهن مقرر دور جو تعين ڪرڻ ڏکيو آهي. هتان جيڪي به سڪا لڌا ويا آهن. تن جو سنڌ جي عرب گورنرن سان تعلق آهي ۽ هر سڪي تي پاسي سان منصوره جو لفظ لکيل نظر ايندو. جيتري قدر منهنجي ڄاڻ جو واسطو آهي ته مان هنن سڪن مان ڪو سڪو ڪونه ڏٺو، جنهن جو ڪنهن سنڌي راجا سان لاڳاپو هجي. افسوس جي ڳالهه اها آهي، ته مسٽر بيلاسس، دلوراءِ نالي ٿرڙ جي خاطر خواهه ڪوٽائي ۽ ڪوجنا ڪانه ڪئي، نه ته جيڪر ڪيس وڌيڪ قديم دور سان لاڳاپيل نادر شيون هٿ لڳي وڃن ها.

هتان جي مورخن جا بيان ۽ ماڻهن جون روايتون ٻڌائين ٿيون ته هي شهر راجا دلوراءِ جي ڪلورن ڪري ڌرتيءَ ڌڏڻ کان پوءِ ناس ٿي ويو. هن راجا جي دور بابت يقين سان ڪجهه به چئي ڪونه ٿو سگهجي. مڪمردو سندس زمانو ١٤٠هه يا ٧٥٧ع ٻڌائي ٿو (٤٣٠). انهيءَ سمي راجا دلوراءِ جو ڀاءُ ڇتو حج ڪري واپس وريو هو. پر اسان کي تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته منصوره ڏهين صديءَ جي شروعات ۾ به پنهنجي اوج تي هو ۽ مسعودي ۽ ابن حوقل ان دور ۾ هتي پاڻ آيا هئا. تنهن ڪري پڪ ٿئي ٿي ڌرتيءَ ڌڏڻ وارو واقعو سنه ٦٥٠ع کان پوءِ جي ڳالهه آهي. اهو به چيو ويندو آهي ته دلوراءِ ۽ ڇتو ٻئي منصوره يا برهمڻ آباد جي راجا يا امير جا پٽ هئا. ان سان گڏ ويساهه ڪرڻ ڏکيو آهي ته جڏهن منصوره تي عرب گورنرن جي حڪومت هئي ته ساڳي زماني ۾ سنڌي راجا به اتي راڄ ڪري رهيو هو. حقيقت اها آهي ته پنجاب جي قتل شهرن بابت ساڳئي قسم جي ڏندڪٿا ٻڌائي ويندي آهي ۽ چيو ويندو آهي ته شورڪوٽ هڙاپا ۽

آتريءَ جا شهر پنهنجن راجائن جي ڪلورن ڪري ناس ٿي ويا. سنڌ ۾ پنيور، براهمانا ۽ الور لاءِ به ائين چيو ويندو آهي. تلمبا جي تباهي ءَ بابت به ساڳئي ڪهاڻي گهڙي وئي آهي. پر مان سمجهان ٿو ته اهو نسورو ڪوڙ آهي، ڇاڪاڻ ته مان پنهنجي سر اتي وڃي کوجنا ڪئي پتو پيو ته ان شهر جي تباهي ان ڪري ٿي جو راوي پنهنجو وهڪرو بدلائي وئي هئي. مسٽر بيلاسس جي کوجنا مان پتو پيو آهي ته برهمانا ڌرتي ڌُڏڻ ڪري ناس ٿي وئي هئي. ماڻهن جا هڏاوان پڃرا گهرن جي بنين وٽ دبالت ٿيل ڏسڻ ۾ آيا. جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو ته ماڻهن ڪنهن آفت ڪان بچڻ جا جتن ڪيا هجن، ڪن جا هڏا اندر ڪوئين مان لڌا. ڪن جا بيٺل ۽ ڪن جا ويٺل، ڪن جا اونڌي منهن ڪريل حالت ۾ ڏسڻ ۾ آيا (٤٢١). شهر ڪي ساڙي تباه ڪونه ڪيو ويو ٿو پائنجي. ڇاڪاڻ ته رچرڊسن جو بيان آهي ته سڙيل ڪاٺ جي ڪوئلن جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ ڪونه آيا. پٿين تي به باه جا نشان ڪونه آهن، ان جي برخلاف ماڻهن جا هڏاوان پڃرا، گهرن جي ڪوئين جي ڪندن مان اهڙي ريت مليا آهن جڻ اهي ڪنهن هانسي ۾ سراپجي ويا هجن. امڪان آهي ته جنهن وقت ڌرتي ڌُڏي رهي هئي ته هو پنهنجي گهرن جي ڪوئين اندر ڊپ ڪان ڇڪ هٽي وينا رهيا ۽ مٿانئن سندن ئي گهرن جون پٿيون ڪرنديون رهيون، اهڙيءَ ريت جو جيئري ئي دبالت ٿي ويا (٤٢٢). مسٽر رچرڊسن ڪوئيءَ جي ڪند مان هڪ اهڙي پڪي سر ڪنئي جيڪا ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪوپڙيءَ ۾ اندر گتل هئي. جڏهن هن اها سرڪنئي ته ماڻهوءَ جي ڪوپڙيءَ جي هڏيءَ جو ڪجهه حصو ان سان چنبڙيل هو. مسٽر بيلاسس جيان سندس خيال آهي ته هيءُ شهر ڌرتيءَ جي ڌُڏڻ ڪري تباه ٿي ويو آهي.

بانيڙا-ڪا-ٺلهه واريءَ ايراضيءَ مان به عربن جي دور سان لاڳاپيل سڪا لڌا، جيڪي هن شهر جي پايو رکندڙ جمهور بن منصور جي دور ڪان وٺي عمر هباري واري زماني سان تعلق رکن ٿا. المسعوديءَ عمر هباري جي دور ۾ سنڌ آيو هو. (٣٠٤هه) تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مذڪوره شهر ٧٥٠ع ڪان ٩٤٠ع تائين آباد هو.

مٿين حقيقتن مان منهنجي ان بيان جي پٺڀرائي ٿئي ٿي جنهن ۾ چئي آيو آهيان ته جڏهن مسعودي ۽ ابن حوقل ڏهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ سنڌ آيا هئا ته هيءُ شهر پنهنجي اوج تي هو. ان ڪري مان

سڏو غزني هليو ويو هو. (١) اسان کي ابن اثير جو رڳو ايترو احوال ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هن حڪمران سنڌ لاءِ هڪ مسلمان گورنر مقرر ڪيو هو.

(١) طبقات ناصريءَ جو حوالو آهي ته محمود غزنويءَ منصوره وارو رستو اختيار ڪيو هو. (ڏسو ص٤١٢ اردو ترجمو غلام رسول مهر)

محمود غزنويءَ جڏهن ١٠٢٥ع ۾ سومنات تي حملي کان پوءِ غزنيءَ ويندي سنڌ مان گذريو ته سنڌ وارن ساٹس ڏاڍيون چوٽون ڏنيون. هن سان گڏ سومنات مان لٽيل قيمتي سامان ٻيڙين تي لڏيل هو. هو جڏهن منصوره وٽان لنگهيو ته مٿس حملو ڪيائين. ان زماني ۾ حنيف نالي هڪ سومرو سردار منصوره جو حڪمران هو جيڪو جنگ کان لنوائي ڪيڏانهن هليو ويو. هو منصوره کي لٽي ڦري غزنيءَ ڏانهن اسهيو ته سنڌي ملتان تائين سندس ڪڍ ويا. مٿس حملا ڪندا رهيا پر ١٠٢٧ع واري جوابي ڪارروائي مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته سنڌين کيس سخت شڪست ڏني هئي، نه ته درياهي لشڪر وٺي سنڌ تي حملي لاءِ خاص قسم جون ٻيڙيون نهرائي سنڌين کان پلاند ڪونه وٺي ها. هن انتقامي ڪارروائي دوران سلطان محمود سنڌ جي مسلمان، معصوم ٻارن ۽ عورتن جي قتل عام جو حڪم ڏنو هو. سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان ڪا به ساهه واري شيءِ زنده ڪانه ڇڏي وئي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته منصوره کي به ان زماني ۾ تباهه ڪيو آهي. (وڌيڪ لاءِ ڏسو تاريخ سنڌ اعجاز الحق قدوسي ص ٣٢٢-٣٢٣ ۽ ٣٢٤)

جنرل ڪننگهام پنهنجي هن ڪتاب جي ص٢٣٢ تي مسٽر بيلاسس ۽ رچرڊسن جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته اتان جا ماٺهو گهر جي ڪوٺين اندر وينل ۽ بينل صورت ۾ دٻالت ٿيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سندس اهڙو بيان ڪجهه غير فطري لڳي ٿو، ڇاڪاڻ ته ڌرتي ڌڏڻ وقت ماٺهو ڪوٺين اندر لڪي مٿان گهر ڊهڻ ۽ مرڻ جو اوسيئڙو ڪونه ڪندا آهن پر ان آپدا کان ڊڄي ماٺهو گهر جي اڱڻ ۽ گهٽين ۾ اچي سربچاءُ به ڪندا آهن. گهر جي ڪوٺين اندر تڏهن سربچاءُ ڪيو ويندو آهي جڏهن ٻاهرين دشمن جو ڊپ هوندو آهي ۽ شهر خونخوار فوج جي هٿن ۾ هوندو آهي. هينري ڪزنس پنهنجي انٽيڪئٽيز آف سنڌ ۾ ڏارئي حملي جو خدشو ڏيکاريو آهي. سندس چوڻ آهي ته گهٽين ۾ تامي جا سڪا هاريل صورت ۾ نظر اچن ٿا. ان زماني ۾ تامي جي سڪي کي وڏو

## لاڙ

شين سـئنگ جي بيـان مطابق پٽاسيلا Pitasla يا لاڙ واري علائقي جو گهيرو ٽي هزار لي يا پنج سؤ ميل هو، جيڪو حيدرآباد کان وٺي سمنڊ تائين ساري ڇوڙ واري علائقي جي گهيري واريءَ ماپ سان سهمت آهي. اهو اوڀر طرف عمرڪوٽ ۽ اولهہ پاسي راس مونزي Cape Monz واري جابلو علائقي تائين پکڙيل آهي. ان نقطہ نگاہ کان لاڙ واري علائقي جي مختلف پاسن جي ماپ هن ريت ٿي سگهي ٿي. اولهہ پاسي واري جابلو علائقي کان وٺي عمرڪوٽ تائين هڪ سو سٺ ميل.ان ساڳيءَ جاءِ کان راس مونزي تائين پنجاسي ميل، مونزي راس کان سنڌوءَ جي ڪوري ڪاري تائين هڪ سو پنجٽيهہ ميل،ڪوري ڪاري کان عمر ڪوٽ تائين هڪ سو چاليهہ ميل. جيڪڏهن هنن سڀني پاسن جي ماپن جو جوڙ ڪبو تہ گهيرو پنج سو ميل وڃي بيهندو. هن علائقي جي زمين بابت چيو ويندو آهي تہ اها واريا سي ۽ ڏنگاشي آهي. ٻاجيون ۽ اناج جام ٿيندو هو، پر موجوده دور جي ڇوڙ واري علائقي ۾ ڦل ۽ ڦول گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا.

سـڪندر جي زمـاني ۾ لاڙ جو مشـهور ۽ اهم شـهر پٽـالا Patala هوندو هو، پر چيـو ويندو آهي تہ هن لاڙ ۾ گهـٽي وقت ترسڻ دوران هن بہ ڪيترن ئي شهرن جو بنـياد رکيو هو (٤٢٥).چاڪاڻ تہ هو

(حاشيو هلنڊڙ) ملهہ هو ۽ هتان جو ڏيهي ماڻهو ٽامي جا سڪا ائين هاري ڪونہ ڇڏي ها. اهو ڪم ڪنهن ڌاري فوج جو هوندو. جڏهن ڪين قيمتي مال هٿ آيو هوندو تہ پنهنجي وطن ڏانهن ڊوڙويندي بارڪان لهرائي ڦريل ٽامي جا سڪا هاري ڇڏيا هوندائون. جيڪڏهن اسان مجيون تہ منصوره جي تباهي فقط ذرتي ڌڏڻ ڪري ٿي آهي تہ پوءِ بہ ماڻهن جا هڏاوان، پڃرا بينل نظر اچڻ شڪ کان خالي نہ آهي، چاڪاڻ تہ ذرتيءَ جي ڌوڏي ۾ پٽ ۽ ڇت ڪرندي تہ مـاڻهو جهـٽڪي سـان وڃي هيٺ ڪرندو. ويچار جهـڙي ڳالهہ اها آهي تہ پٽ ۽ ڇت ڪرڻ کـان پوءِ بہ ماڻهو بيهي ڪيئن سگهيو هوندو؟ جيڪڏهن ماڻهن کي پيٽ ۾ تلوارون هٽي ماريو ويو هجي تہ صدين کان پوءِ سندن موت جي ڪارڻ جو پتو ڪونہ لڳي سگهندو. وقت جي لحاظ سان سلطان محمود غزنويءَ جي حملي ۽ ذرتي ڌڏڻ واري واقعي ۾ وٿي نہ هجي ۽ ٻئي واقعا گڏ بہ ٿي سگهن ٿا. (مترجم)

پورب جي واءُ جي اوسيڙي ۾ وينو رهيو انهيءَ لاءِ ته جيئن وطن ڏانهن ورڻ ويل کيس بيڙن هاڪارڻ ۾ سولائي ٿئي. بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته ان دور جي مؤرخن انهن شهر جا نالا قلمبند ڪونه ڪيا آهن. رڳو اڪيلوجنٽين Justin آهي جيڪو ٻڌائي ٿو ته واپسيءَ ۾ هن بارس Barce نالي هڪ شهر تعمير ڪرايو هو (٤٢٦) جنهن جو بيان اڳتي ايندو. ٽالمي به ڪيترن شهرن جهڙوڪ: باربارا Barbara، سؤسيڪانا Sousikana، بونس Bonis ۽ ڪولاڪا Kolaka جو ذڪر ڪيو آهي. هنن مان پهريون شهر باربارا پيري پلس Periplus وارو باربريڪي Barbarike ۽ جسٽين وارو بارس معلوم ٿئي ٿو. پيري پلس جي مصنف جي زماني ۾ لاڙ جي راڄڌاني مين نگر Minnagra هوندو هو. ڏيساور جا واپاري باربريڪاوارو درياهي وهڪرو ڏئي مٿي اچي مين نگر پهچندا هئا. ستين صديءَ جي وچ ڌاران شين سئنگ پٽسيلا يا پٽالا جو ذڪر ڪري ٿو. انين صديءَ واري محمد بن قاسم جي حملي جا مؤرخ ديبل ۽ نيرون ڪوٽ شهرن جي نالن جو واڌارو ڪن ٿا. ڏهين صديءَ جا عرب جاگرافيدان شهرن جي نالن جي هن مختصر فهرست ۾ منحاتاري Manhatare منحاباري Manhabari يا منجاباري Manjabari جي(٤٢٧) نالي جو اضافو ڪن ٿا، جيڪو سنڌوءَ جي اولهه پاسي ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي ان ٺاڪ تي هو، جتان ديبل ڏانهن ويندڙ رستو درياه پار ڪندو هو. مان انهن شهرن جو سنڌن جاگرافيائي بيهڪ مطابق اتر کان ڏکڻ وارن ماڳن جو بيان ڪريان ٿو. شروعات پٽالا سان ڪئي ويندي جيڪو چوڙ وٽ آهي.

## پٽالا - نيرون ڪوٽ

مئڪمرڊو، مئسن، برٽن ۽ ايسٽ وڪ (٤٢٨) جو خيال آهي ته حيدرآباد ئي نيرون ڪوٽ آهي. سر اليٽ جو خيال آهي ته نيرون ڪوٽ جهرڪ شهر جي پرسان هوندو، ڇاڪاڻ ته سندن خيال موجب ان ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ هتان جي ڏيهي مؤرخن جي بيانن سان سهمت آهي. حيدرآباد جو نالو پوئين دور سان واسطو رکي ٿو، پر ماڻهو هن کي نيرون ڪوٽ به سڏيندا آهن. هن ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي ڳالهه ڪانه آهي ته هيءُ اهو ماڳ آهي جنهن کي عرب جاگرافيدانن نيرون يا نيرون ڪوٽ جي نالي سان ذڪر ڪيو آهي. ابوالفدا Abul Feda

جي بيان موجب اهو ماڳ ديبل کان پنجويهہ ۽ منصوره کان پندرهن فرسنگ پري آهي جيڪو اصطخري ۽ ابن حوقل جي بيانن سان ڪنهن حد تائين سهمت آهي. ابن حوقل جو بيان منجهيل آهي. هو چوي ٿو تہ نيرون منصوره ۽ ديبل جي وچ تي آهي پر منصوره جي ويجهو آهي. مذڪوره ماڳ سنڌوءَ جي اولاهين ڪنڌيءَ سان آباد هو. شهر ننڍو هو، پر قلعو نهايت سگهارو هوس. حيدرآباد جو شهر برهمڻ يا منصوره جي ڦٽل دڙي کان چوهتر ميل پري آهي ۽ لاهري بندر کان سندس فاصلو سانيڪو ميل ڪن ٿيندو. هن بڌايل فاصلي مطابق نيرون ڪوٽ جهڙيءَ راري ماڳن کان وڌيڪ حيدرآباد سان ٺهڪي ٿو بيهي. موجوده دور ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو حيدرآباد کان اولهہ پاسي وهندو آهي، پر اسان کي خبر آهي تہ هن وهڪري جي اوڀارين ڇاڙهہ ڦليلي تنهن زماني ۾ مکيہ وهڪرو هوندو هو. مئڪمرڊو (٤٢٩) جو خيال آهي تہ سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري جو رخ بدلائي حيدرآباد کان اولهہ وهڻ وارو واقعو ١٠٠٠هہ ۽ ١٥٩٢ع ۾ ٿيو آهي. ان ئي دور ۾ نصرپور زبون ٿي وئي هئي، جنهن جو بنياد ٧٥١هہ ۽ ١٣٥٠ع ۾ رکيو ويو هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هن شهر پنهنجي اوج جو زمانو تمام ٿورو ڏٺو. نصرپور لاءِ ابو الفضل جو بيان آهي تہ (٤٣٠) مذڪوره شهر ٺٽي صوبي جي هڪ محال جو مکيہ شهر آهي. منهنجو خيال آهي تہ تنهن زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو نيرون ڪوٽ يا حيدرآباد جو اوڀاريون پاسو ڌئي وهندو هوندو ۽ اڪبر جي شروعاتي دور تائين وهڪرو ائين وهندو آيو هوندو.

نيرون ڪوٽ جو شهر هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل هو ۽ پرسان هڪ وڏي ڍنڍ هوندي هيس. محمد بن قاسم جي حملي وقت سندس ٻيڙيون اچي منجهس بيٺيون هيون. سرهينري ايليٽ جو خيال آهي تہ جهرڪن واري ٽڪريءَ ئي نيرون واري ٽڪري آهي جيڪا سنڌوءَ جي اولهہ پاسي آهي ۽ اها ڍنڍ هيلايا پرسان ۽ جهرڪ کان ڏکڻ ڪينجهر ڍنڍ آهي. پر ڪينجهر ڍنڍ جو سنڌوءَ سان ڪو لاڳاپو موجود ڪونہ آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اها ڪينجهر ڍنڍ ڪانہ آهي، جنهن ۾ محمد بن قاسم جا ٻيڙا اچي بيٺا هئا. هتي هاڻي اهو اهم دليل پنهنجي اصلي حيثيت وڃائي ڇڏي ٿو جنهن جي ناتي نيرون واري ٽڪريءَ کي حيدرآباد بدران جهرڪن پرسان سمجهڻ جو سبب بڻايو وڃي. سر

هينري (٤٣١) اها ڳالهه به قبول ٿو ڪري ته ڪنهن ماڳ جي يقين ڪرڻ ۾ وايومنڊل اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. ٻين ماڳن جهڙوڪ ديبل ۽ منصوره جو به ساڳيو حال آهي، جن تي اجا اتفاق راءِ پيدا ٿي ڪونه سگهيو آهي. هو صاحب ڪراچيءَ کي ديبل ۽ منصوره کي حيدرآباد سمجهيو وينو آهي. انهن ماڳن جي تعين ڪرڻ سان گڏ اهو به سمجهي ٿو ته نيرون ڪوٽ جهرڪ شهر وٽ موجود هو. جڏهن هو ”سنڌ ۾ عرب“ تي هڪ مضمون لکي رهيو هو ته بيلاسس سنڌ جو هڪ پراڻو ماڳ ٻانيڙا - ڪا - نل ڳولي لڌو هو، جنهن جو جاگرافيائي ماڳ بلڪل ائين هو جهڙيءَ ريت ڪيترو وقت اڳ مسٽر مڪئمرڊو برهمڻ آباد لاءِ لکي ويو هو. ان ماڳ جي پڪ جهڙي سچاٽپ به ٿي وئي آهي ته مذڪوره ٿاڪ منصوره يا برهمڻ آباد جو آهي، تنهن ڪري بلاذري ۽ چچ نامہ جي نيرون ڪوٽ جو صحيح ٿاڪ نيرون ڪوٽ Niron Kot يا حيدرآباد ئي ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته ٻانيڙا - ڪا - نل کان ستيتاليهه ميل ۽ لاڙي بندر کان پنجاسي ميل پري آهي، جيڪو ابوالفدا جي بيان سان سهمت آهي، جنهن جو چوڻ آهي ته: ”نيرون ڪوٽ برهمڻ آباد کان پندرهن فرسنگ ۽ ديبل کان پنجويهه فرسنگ پري آهي. ان جي ٻڌايل تعمير مطابق هيءُ ماڳ به ٽڪريءَ تي اڏيل آهي ۽ ان کي نيرون ڪوٽ پڻ سڏيو ويندو آهي. هيءَ ٽڪري گنجي ٽڪر جي جابلو علائقي سان واسطو رکي ٿي، جيڪا ڏيڍ ميل ڊگهي ست سؤ گز ويڪري ۽ اسي فوٽ اتاهين ٿيندي (٤٣٢).موجوده قلعو مير غلام شاه سن ١١٨٢هه ۽ ١٧٦٨ع ۾ جوڙايو هو (٤٣٣).هن ٽڪريءَ جي ٽئين ڀاڱي تي، ڏکڻ پاسي مذڪوره قلعو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. وچين ڀاڱي تي شهر جي مکيه بازار ۽ وڪڙن تي گهرن جون اڏاوتون آهن ۽ اتر پاسي مزارون ۽ مقبرا ڏسڻ ۾ ايندا.

جڏهن ٦٤١ع ۾ چيني ياتري شين سئنگ سنڌ آيو ته هيءُ ڪڇ جي راڄڌاني ڪوٽيسر کان ست سو لي يا هڪ سؤ سترهن ميل اتر پنڌ ڪري پي - ٽو - شي - لو Pi _ To_ Shi _ Lo پهتو هو. (٤٣٤).اتان کان هو ٽي سؤ لي يا پنجاهه ميل سفر ڪري او - فان - چا پهتو، جنهن کي مان برهمڻ آباد سمجهيو آهي. ايم جولين چيني پڊن موجب پي - ٽو - شي - لو جو اچار پٽاسيلا Pitasila سمجهي ٿو. ان ٻڊران مان هن لفظ کي پاٽاسلا Patasla سمجهان ٿو. جنهن

جي معنيٰ آهي ”تراڪڙي چوٽيءَ واري ٽڪري“. هيءُ مفهوم ان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ جي متاڇري ساڻ هڪ جهڙائي رکي ٿو، جنهن ٽڪريءَ جي تراڪڙي متاڇري تي حيدرآباد جو شهر اڏيل آهي (٤٤٥). برنس جي بيان موجب نيرون ڪوٽ يا حيدرآباد کي پاتال پور (Patal pur) پراڻي نالي سان به سڏيو ويندو هو. هيءُ ٺاڪ ڪوٽيسر کان هڪ سو ويهه ميل اتر ۽ برهمڻ آباد کان ستيتاليهه ميل ڏکڻ - اولهه طرف آهي. مان هن ماڳ کي چيني ياتري واري شهر پٽاسيلا سمجهڻ ۾ تڪڙ به ڪونه ٿو ڪريان. هن ٽڪريءَ جي گهيري جي ماپ، ڏيڍ ميل ڊيگهه ۽ ست سو گز ويڪر مطابق ٽي ميل ٿئي ٿي، جيڪا شين سئنگ جي ٻڌايل گهيري (ويهه لي يا ساڍا ٽي ميل) سان هڪجهڙائي رکي ٿي.

’پٽالا پور‘ ۽ ’پٽاسيلا‘ جي نالن مان چڱي ريت پتو پوي ٿو ته حيدرآباد ئي اهو ماڳ آهي، جنهن کي سڪندر واري دور ۾ پٽالا (Pattala) سڏيو ويندو هو.[1] سڪندري مؤرخ هن ڳالهه تي متفق آهن، ته اهو ٺاڪ سنڌو جي چوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٿيون پاسو هو. موجوده دور جي چوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٿيون پاڳو مٿيارن وارو قديم شهر آهي، جيڪو حيدرآباد کان ٻارنهن ميل مٿي آهي. هن ٺاڪ وٽان ڦليلي ڦاٽ سنڌوءَ جي مکيه وهڪري کان ڇڇي ڌار ٿيندو آهي. قديم زماني ۾ جڏهن پراڻ وارو وهڪرو الور کان نيرون ڪوٽ ڏانهن ايندو هو ته پهريون ڦاٽ حيدرآباد وٽان ڇڏيندي هئي ۽ اهو وهڪرو مياڻي (Miani) ۽ ٽريڪل (Trikal) وارن پيٽن مان وهي اڳتي ويندو هو يا وري هن ماڳ کان پندرنهن ميل ڏکڻ - اولهه ڏئي ان ٺاڪ وٽ پهچندو هو، جتي هاڻي ڦليلي ڦاٽ، گونيءَ کي ڏکڻ طرف ڇڏي ٿورو اولهه پرو سورکي ٽريڪل وٽان سنڌوءَ جي موجود وهڪري سان وڃي سنگم ڪندو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته چوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٿيون پاسو يا ته حيدرآباد پاڻ هئي يا وري هن ماڳ کان پندرنهن ميل اولهه - ڏکڻ پاسي اهو ٺاڪ هو، جتان سنڌوءَ جو ايرندو ڦاٽ گوني سنڌوءَ جي الهندي ڦاٽ ڦليلي کان ڇڇي ڌار ٿيندو هو.

---

[1] سڪندر جي دور ۾ سنڌو، حيدرآباد يا مٿيارين وٽان نه مڙندو هو، تنهنڪري حيدرآباد نه پٽالا آهي نه سڪندر جي دوري جي چوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٿيون پاسو هو.

ٻين حقيقتن سان پيٽائي ڏسڻ کان پوءِ 'پٽالا' جي جاگرافيائي ٻيهڪ معلوم ڪري سگهجي ٿي:

ٽالمي جي بيان موجب ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٿيون پاسو، "لوٽي ٻاري" سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ واري ڦاٽ ڪري ڪاري ۽ اوڪسي ڪانايا ماهورٽا جي وچ تي هو. هن بيان تي ويچار ڪري ڏسبو ته پٽالا جو ڦاٽ حيدرآباد ٿيندو.[1]

ٻيو ته ڇوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جي هيٺئين پاسي جي ارسٽو ٻيولس (Arustobulus) ماپ ورتي هئي، جيڪا هڪ هزار اسٽاڊيا يا هڪ سو پندرنهن ميل هئي. نيرڪوس ارڙنهن سنؤ ۽ اونسي ڪريٽس ٻه هزار اسٽاڊيا ٻڌائي ٿو (٤٤٦). پر گهاري واري سنڌوءَ جي

[1] لوٽيءَ جو دائمي وهڪرو ختم ٿي ويو آهي. هاڻي هڪ برساتي نئن آهي. ٽالمي وارو دور به اسلام کان گهڻو اڳ واري زماني سان واسطو رکي ٿو. ان دور جي پٽالا کي ان دور جي دريائي وهڪرن جي ڪنڌين ڪنارن سان واجهائڻ کپي نه ڪ سنڌوءَ جي حيدرآباد واري موجوده وهڪري جي ڪنار سان. سڪندري تاريخن مان پتو پوي ٿو ته هن هرمايتلاءِ يا برهمڻ آباد کان هيٺ پراڻ درياءَ وسيلي هاڪاريو هو. پراڻ جو پراڻو پيٽ اتر اوير کان ڏکڻ - اولهه ڏانهن ويندو ڏسبو. ان ۾ جيڪڏهن ارڙهين صديءَ واري سنڌوءَ جي وهڪري کي به ڇڏي نصرپور وارو پراڻو سنڌوءَ جو وهڪرو ڏسبو، ته اهو به غير فطري لڳندو ۽ پاڻي پراڻ واري پراڻي وهڪري ۾ مٿي چڙهڻ بدران گونيءَ واري ڦاٽ ۾ وڃي داخل ٿيندو. قديم زماني ۾ هاڪڙي جي اوپرندي ڇاڙهه، جيڪا براهمانا کان ميل اوير لنگهندي هئي سا پراڻ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي هئي ۽ براهمانا کان گذرندڙ سنڌوءَ جو پاڻي به اوير - ڏکڻ اصل اڳي وڃي پراڻ ۾ پوندو هو. اهڙيءَ ريت پراڻ جي ايرندي ڇاڙهه ڪڇ وجان ۽ الهندي ڇاڙهه ساڪري ۽ گهاري وارو پاسو ڏئي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪنديون هيون. ان زماني ۾ ڇوڙ واري ٽڪنڊي جو هيٺيون پاسو هڪ سو پنجويهه ميل هو جيڪو هاڻي ويهه ميل به ڪونه آهي. ان حساب سان ڇوڙ جو مٿيون پاسو براهمانا ۽ پراڻ جي وچ تي ڪٿي هجڻ کپي. سڪندر جي دور ۾ حيدرآباد وارو ڦاٽ ڇوڙ جو مٿيون نقطو ڪونه هوندو، تنهن ڪري ان کي پٽالا سمجهڻ شڪ کان خالي ڪونه آهي.

اولاهين چوڙ کان ونئي صفا اوڀر واري ڪوري ڪاري واري سنڌوءَ جي چوڙ تائين مذڪوره هيٺين علائقي جي ماپ هڪ سئو پنجويهه ميل آهي. اسين هن مامري ۾ ارسٽوبيولس طرفان ڏنل ماپ کي ٻين جي وڌايل ماپ کان وڌيڪ ترجيح ڏيون ٿا. اوئنسي ڪريٽس جو بيان آهي ته پٽالا ٻنهي آخري چوڙن وارن ٿاڪن وٽان هڪ جيتري فاصلي تي هو، جيڪو چوڙ کان هڪ هزار اسٽاڊيا يا هڪ سؤ پندرهن يا هڪ سؤ پنجويهه ميل پري هو. ان حساب سان پٽالا گهاري کان هڪ سؤ ڏهه ١١٠ ميل ٿيندو ۽ ٻئي پاسي ڪوري ڪريڪ کان حيدرآباد جو فاصلو هڪ سئو پنجٽيهه ميل آهي. اهي ٻئي ماپون اوئنسي ڪريٽس طرفان ڏنل چوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جي تري واري پاسي جي ماپ سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. ڇاڪاڻ ته سندس بيان آهي ته چوڙ واري ٽڪنڊي جا ٽئي پاسا هڪ جيترا آهن. هنن ماپن جو نتيجو اهو بيهي ٿو ته ان چوڙ واري ٽڪنڊي علائقي جو مٿيون پاسو حيدرآباد يا ان جي اوسي پاسي وڃي بيهي ٿو.

ٽين ڳالهه ته جيڪڏهن ائرين ۽ ڪرٽس جي بيانن جو پيٽوار جائزو ونبو ته معلوم ٿيندو ته سڪندر جڏهن براهمانا يا برهمڻ جي شهر ۾ ترسيل هو ته پٽالا جي راجا وٽس اچي آڻ مڃي هئي. ان کان پوءِ سڪندر ٽي ڏينهن درياهه ۾ آرام سان وينو رهيو جو ڪيس پٽالا جي راجا جي ٿر ڏانهن ڀڄي وڃڻ جو پتو پيو (٤٣٧). سڪندر ڪي جڏهن اها ڪل ڪنين پئي ته پٽالا ڏانهن پيش قدمي شروع ڪيائين. برهمڻ آباد کان حيدرآباد سڌو پنڌ ستيتاليهه ميل آهي، پر جيڪڏهن نصرپور رستي سفر ڪبو ته حيدرآباد جو پنڌ وڃي پنجونجاهه ميل بيهندو. پر جيڪڏهن درياهه سان نصر پور وارو پاسو ڏني هاڪاربو ته اهو فاصلو اسي ميل ٿيندو. (١) اندازو آهي ته هن پهريان ٽي ڏينهن

---

(١) سڀئي مؤرخ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته سن ١٧٥٨ع ڌاران سنڌو پنهنجو نصرپور وارو وهڪرو بدلائي اچي حيدرآباد ڀرسان وهڻ لڳو ۽ حيدرآباد شهر واري ٽڪريءَ کي ٻيٽ بنائي ڇڏيو هئائين. غلام شاه ڪلهوڙي جو زمانو هو ۽ سندس راڄڌاني خداآباد ۾ هئي. هن حيدرآباد کي نظر ۾ رکي سن ١٧٦٨ع ۾ اتي قلعو تعمير ڪرايو. قلعي جو اڃا ڪجهه ڪم رهيل هو جو هو وفات ڪري ويو. هن ڪتاب جي صفحي ٢٣٦ تي انهي بيان جو حوالو ڏنو ويو آهي ته سنڌوءَ نصرپور کان سن 1000هه ۾ ١٥٩٢ع ۾ وهڪرو بدلائي انڙپور ڏانهن ڪيو ويو. جيڪڏهن اهو به

خشڪيءَ رستي سفر ڏهہ يا ٻارنهن ميل في ڏينهن ۽ دريائي سفر ارڙنهن يا ويهہ ميل في ڏينهن جي حساب سان ڪيو ويو هوندو. ٽئين ڏينهن خشڪيءَ رستي واري فوج حيدرآباد ڪان اٽويهہ ۽ پاڻيءَ رستي اينڊڙ فوج ڇويهہ ميل پري هوندي ۽ چوٿين ڏينهن اهو فاصلو تڪڙو هلي پورو ڪيو ويو هوندو.

پٽالا ڪان هن سنڌوءَ جي الهندي طرف واري ڦاٽ سان هاڪاريو. جڏهن هنن چار سؤ اسٽاڊيا يا چائيتاليهہ ميل سفر ڪيو تہ بحري فوج جي ڪماندرن کي سمنڊ جي هير جو احساس ٿيو. مان ان ماڳ کي جهرڪ سمجهان ٿو جيڪو حيدرآباد کان سڌو ٺيهہ ميل ۽ درياءَ مان چائيتاليهہ ميل ٿيندو. سڪندراعظم اتان رهبر ڪنيا ۽ ڏاڍي اتساهہ مان سفر ڪرڻ لڳو. نيٺ ڪيس ساموندي ويرن جو احساس ٿيو (٤٣٨). سنڌوءَ ۾ ساموندي ويرن کي سٺ ميل ڪان مٿي محسوس ڪري سگهبو آهي، ان ڪري منهنجو اندازو آهي تہ اهو ماڳ گهاري واري الهندي وهڪري وارو پنيور هوندو. جيڪو سمنڊ کان سڌو پنجٽيهہ ميل ۽ پاڻيءَ سان پنجاهہ سيل ٿيندو. جهرڪن کان خشڪيءَ رستي اهو فاصلو پنجاهہ ميل ۽ پاڻي وسيلي پنجهتر ميل ٿيندو جيڪو ٽن ڏينهن اندر خوشيءَ سان طئي ڪيو ويو هوندو.

مٿين بيان مان اهو معلوم ٿيندو تہ پٽالا سمنڊ کان گهڻو پري هو. وٽس ساموندي وير جو اثر پهچي نہ سگهندو هو. يعني ٽن ڏينهن جي هاڪارڻ وارو فاصلو ۽ واڌ ٤٠٠ اسٽاڊيا، حساب موجب اهو ڪل فاصلو ٣٣ + ٥٠ + ٣٠ ڪل جوڙ ٿيندو ١١٣ ميل جيڪو ارسٽو بيولس جي ڏنل فاصلي ١٠٠٠ اسٽاڊيا يا هڪ سئو پندرهن ميلن جي ذري گهٽ برابر آهي.

هنن ٺهي تفصيلن مان اسان کي ان ڳالهہ جو پتو پئجي وڃي ٿو جتي ڪڏهن پٽالا جو ماڳ هوندو هو، جنهن کي شين سٽنگ سٽينءَ

---

(حاشيو هلندڙ) سچ سمجهون تہ بہ سڪندر وارو پٽالا حيدرآباد ٿي نٿو سگهي ڇاڪاڻ تہ سڪندراعظم واري دور ۾ سنڌوءَ جو حيدرآباد وارو وهڪرو موجود ئي ڪونہ هو (1) لهوارو دريائي سفر عام طور تي ويهہ ميل ڪٽيو ويندو آهي. سڪندراعظم کي برهمانا کان پٽالا تائين چار ڏينهن لڳا هوندا. جن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سڪندراعظم جي دور واري سنڌوءَ جي وهڪري سان پٽالا، برهمانا کان چئن ڏينهن جي پنڌ تي هو. فاصلي جو حساب ڪبو تہ اهو 70 ميل ٿيندو. پهرئين ڏينهن وارو سفر ڏهہ ميل ٻڌجي تہ بہ پٽالا برهمڻ آباد کان سٺ ميل پري ۽ اهو ان دور واري وهڪري سان هوندو. (مترجم)

صديءَ ۾ پاٽسيلا سڏيو آهي ۽ ڪيس اِج بہ پٽالپور ڪوٺيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اسان کي حيدرآباد کي پٽالا سمجهڻ لاءِ اهي گهڻا سگهارا سبب آهن.

سنڌوءَ جو احوال اوربندي (٤٣٩) ائرين اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ”هيءُ درياہ پنهنجن ٻن ڦاٽن وسيلي چوڙ جو ٽڪندو علائقو ناهيندو آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ پٽالا سڏيو وڃي ٿو. ائرين هيءُ بيان نيرڪوس جي حوالي سان ڏنو آهي، جيڪو ماڻهن سان لاڳاپن پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ گهڻو وقت رهيو آهي. اسان کي اهو قبول ڪرڻ گهرجي تہ ان دور جي سنڌين جو سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي بابت اهو ئي خيال هوندو. منهنجو ويچار آهي تہ پٽالا نالو ترم ڦول Trumpet - flower تان ورتو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ ان جي شڪل صورت گهگهيءَ جهڙي ٿيندي آهي. سنڌوءَ جو اوياربون ۽ اولاهيون ڦاٽ جنهن وقت سمنڊ ۾ چوڙ ڪندا آهن، تنهن وقت انهن جي شڪل توتاري Trumpet جي منهن جهڙي ٿي ويندي آهي.

مان بحث کي هن ڳالهہ تي ختم ڪونہ ٿو ڪريان پر ٻئي قديم شهر جي زير بحث نالي ڏانهن ڌيان ڏيڻ چاهيان ٿو ۽ ان شهر جو نيرون ڪوٽ سان بہ ڪجهہ لاڳاپو آهي. اصطخري ان شهر جو نالو پيروز Piruz، ابن حوقل قنزبور Kannazbur ۽ ادريسي فيرابوز Firabuz ٻڌائي ٿو. ابن حوقل جي بيان موجب ديبل کان پيروز جو فاصلو چار ۽ منحاباري کان بہ ڏينهن هو. ابن حوقل ۽ ادريسي ٻئي انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن. قنزبور يا فيرابوز ڏانهن ويندڙ رستو منحاباري وٽان لنگهندو هو، جيڪو سنڌوءَ جي اولاهين ڪنار سان ۽ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هو، پر ديبل کان اهو ماڳ چئن ڏينهن بدران چوڏهن ڏينهن ٻڌائن ٿا، توڙي جو پهرين ٻن ڏينهن جو پنڌ مڪران کان مخالف طرف ڏانهن ٻڌايو وڃي ٿو. پر جيڪڏهن اسان چئن ڏينهن واري ننڍي فاصلي ڏانهن ڌيان ڏينداسون تہ اهو نيرون ڪوٽ جي فاصلي سان هڪجهڙو نظر ايندو. (١) جيڪو سيني کان آڳاٽي جاگرافيدان

---

(١) هتي ديبل کان حيدرآباد جو سفر هڪ سئو پندرهن ميل ٻڌايو وڃي ٿو، جيڪو درياهي رستي کان ڇهن ڏينهن جو پنڌ آهي، ڇاڪاڻ تہ پهرين ڏينهن جو سفر ڏهہ ميل باقي ڏينهن جو ويهہ ميل سفر جو حساب سان ڪيو ويو، پر هتي نيرون چئن ڏينهن جي پنڌ تي ٻڌايو وڃي ٿو،جيڪو حيدرآباد ٿي ڪونہ ٿو سگهي. (مترجم)

اصطخريءَ جي بيان مطابق آهي. منهنجو ويچار آهي تہ ديبل، لاڙي بندر جي ويجهو اوڏو ڪا ٿي هو. منجاباري ڪي مان ٺٽي جي اوسي پاسي سمجهان ٿو. جيڪو منهنجي خيال ۾ لاڙي بندر ۽ حيدرآباد جي وچ تي ڪا ٿي هوندو هو. ابن حوقل جو واضح بيان آهي تہ منجاباري مهراڻ جي اولاهين ڪناري آباد هو ۽ جيڪو ماڻهو ديبل کان منصوره ويندو تہ هن ماڳ وٽان درياءُ پار ڪندو. وذيڪ ٻڌائي ٿو تہ هيءُ ماڳ مڪران کان مخالف طرف آهي." (٤٥٠) بيان جي هن اقتباس مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ منجاباري درياءُ جي اولاهين ڪنڌيءَ سان وسندڙ هو ۽ ان سان گڏ نيرون ڪوٽ ۽ پيروز قنزبور يا فيرابوز ڏانهن ويندڙ رستا هتي اچي ملندا هئا. هتي منهنجو ويچار اهو آهي تہ پهريان نالا جيڪي منجاباري سان گڏائي ٻڌايا ويا آهن سي نيرن ۽ پويان نالا نيرون ڪوٽ ڏانهن اشارو ڏين ٿا. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن عربيءَ ۾ لکيل انهن نالن کي ٿورو تبديل ڪبو تہ گهربل نالا ملي ويندا. نظر ائين اچي ٿو تہ مڪران واري علائقي ۾ اهڙو ڪو شهر هو جنهن کي ذري گهٽ هڪ جهڙا ٻيا بہ نالا هوندا هئا. بلاذريءَ جو بيان آهي تہ محمد بن قاسم جڏهن ديبل تي ڪاهيو هو، تہ مڪران جي شهرق زبون (Kizbun) وٽس آٽي جي هئي. جيڪڏهن هن نالي کي ابن حوقل واري قنزبور (٤٥١) ۽ ادريسيءَ جي فيرابوز سان ڀيٽائي ڏسبو تہ گهٽو ڪري پنجگور جو شهر معلوم ٿيندو ۽ ايم ريناڊ (M. Reinoud) جو بہ اهو ئي خيال آهي.

## جهرڪ

هيءُ ننڍڙو شهر سنڌوءَ جي ڪناري سان ٺٽي ۽ حيدرآباد جي وچ تي هڪ اتاهينءَ جاءِ تي اڏيل آهي، منهنجي خيال موجب جهرڪ شهر وچولي ۽ لاڙ جو دنگئي شهر آهي. مان سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي کي وڏائي هن مقصد سان حيدرآباد تائين آندو آهي تہ جيئن يونانين جي پٽالا ۽ چيني ياتري جي پاٽيسيلا کي چوڙ جي قديم علائقي جي حدن اندر آڻي سگهان. شايد هيءُ اهو ماڳ آهي، جنهن کي خور (Khor) يا الخور (Al-Khor) سڏيو ويندو هو. جنهن لاءِ ادريسيءَ جو بيان آهي تہ اهو ننڍڙو پر سکيو ستابو ماڳ منجاباري ۽ فيرابوز جي وچ تي هو، جيڪو هاڻوڪن ماڳن: ٺٽي ۽ نيرون ڪوٽ جي وچ تي آهي. جهرڪ ميل هيٺ هڪ ننڍڙي ٽڪري آهي، جنهن مٿان ڪنڊر ڏسڻ ۾ ايندا هتان جا

ماڻهو هن ترڙن کي ”ڪافر ڪوٽ“ ڪوٺيندا آهن ۽ چوندا آهن ته اهو شهر راجا مانجيراءِ Manjira (۴۴۲) ٻڌايو هو. هن ٿرڙ جو مکيه پاڳو همچورس آهي، جنهن اندر هڪ جيتري وٿيءَ تي پٿرن مان ٻاهر نڪتل ٿلهه ڏسڻ ۾ ايندا آهن. چيو ويندو آهي ته اهي مندر جا باقي بچيل حصا آهن. انهن کنڊرن ۾ پڊ ڏرم سان لاڳاپيل ڪن مورتين جا ٽڪرٽوٽا به نظر آيا. اتان ٿوري ئي پنڌ تي سنڌي لکت به نظر آئي، جنهن جو لاڳاپو ڪنهن قديم دور سان ڏسڻ ۾ ٿي آيو. انهن مان رڳو پتراسا Putrasa ۽ ڀڳواتسا Bhagavatasa جا لفظ مس پڙهي سگهيس. ٻيا به ڪي اهڙا لفظ هئا، جن جا ڪي ڪنڊون پاسا به پڙهيم. انهن ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ٿرڙ ۾ لکت جو لاڳاپو پڊ ڏرم سان آهي.

# مين نگر، منحاباري يا ٺٽو

ٺٽي جو موجوده شهر سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه کان ٽي ميل اولهه ۾ هڪ هيٺاهينءَ جوءِ ۾ آباد آهي، هتان چار ميل هيٺ سنڌوءَ جو الهندو ڦاٽ ٻگهاڙ سنڌس مکيه وهڪري ساتا Sata کان ڇڄي ڌار ٿيندو آهي. ننڍڙي جهنگ جي موجودگيءَ مان پتو پوندو ته اتي مٿاهين زمين آهي، جنهن جي مٿان گهرن جي اڏاوت پئي نظر ايندي آهي ۽ سمجهه ۾ ايندو آهي ته اهو ماڳ ڀيءَ سرزمين کان ٿورو مٿيرو آهي (۴۴۳). سن ۱٦۹۹ع ۾ ڪئپٽن هئملٽن به هن ماڳن تي آيو هو. سندس بيان آهي (۴۴۴) ته هيءُ شهر سنڌوءَ جي اولهه پاسي به ميل هڪ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندو. هن بيان جي ناتي سان معلوم ائين ٿو ٿئي ته هيءُ شهر اصلي طور درياهه جي ڪنار سان وسايو ويو هوندو، جيڪو پوءِ هوريان هوريان پرتي هٽندو ويو آهي. سندس نالي مان به ساڳي معنيٰ نڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته ٺٽي جي معنيٰ آهي درياهه جو ڪنارو. ٺٽي نگر مان مراد آهي اهو شهر جيڪو درياهه جي ڪنار سان آباد هجي ۽ سنڌ ۾ هيءُ شهر ٺٽي نگر جي نالي سان مشهور آهي. سندس تعمير جي دور جو پتو ڪونه آهي، پر مئڪمرڊو جيڪو هن مامرن ۾ ڪرو، سچو ويساهه ۽ جوڳو آهي، تنهن جو بيان آهي ته هن شهر جو بنياد ۹۰۰هه ۽ ۱۴۹۵ع ۾ ٻرسمي سلطان جام نظام الدين جي زماني ۾ پيو، جنهن کي عام ماڻهو جام نندو ڪري ڪوٺيندا هئا. هن

وعاتي دور سان لاڳاپيل عرب مؤرخن مند يا زط ڪري لکيو آهي، . . ستين صدي جي پيچاڙيءَ تائين سنڌ تي راڄ ڪيو هو.

هن نالي جي مختلف قسمن جي هجي مختلف قسمن جي چارن جي ڪري آهي. مان شاهپور ۽ جهلم وارن علائقن جا ٻه وڏا ڏنا آهن، جيڪي ڪجهه سال اڳ هندستان جي سرويئر - جنرل ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. پوئين نقشي ۾ جهلم جي ڪناري سان ۽ جلال پور کان ڇهه ميل مٿان ميريالا Meriala ۽ اڳئين نقشي ۾ منديالي Mandiali نالي هڪ ڳوٺ ڏسڻ ۾ ايندو. ابوالفضل هن ساڳئي ئي ٺاڪ کي ميرالي Merali ۽ فرشته ميريالا Meriala لکيو آهي. ولفورڊ جي سرويئر مغل بيگ به هن ماڳ جو نالو منڊيالا Mandiala قلمبند ڪيو آهي. پڇڻ تي مونکي اهو ساڳيو نالو ٻين مختلف ماڻهن به ٻڌايو. جنرل ڪورٽ جي جوڙيل نقشي ۾ وري مامريالا Mamriala لکيو ويو آهي.

مين نگر شهر جو نالو به هن نيات جي ماڻهن سان لاڳاپو رکي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي مين جو شهر. مذڪوره شهر ٻي صديءَ عيسويءَ ڌاران سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي جي راڄڌاني هو. مين Min ستين ٻوليءَ جو نالو آهي، جيڪو اسان کي سجستان يا ساڪاستيني Sakastene جي علائقي خاراڪس Kharax جي آئيسدور Isidor شهرن هڪ آيل هڪ فهرست وسيلي معلوم ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهڙي نالي ملڻ ڪري اهو ويساهه ٿئي ٿو ته هتي ستين جي حڪمراني رهي آهي. پر پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مين نگر جا رهواسي پارٿين هئا. ستين ۽ پارٿين هڪ ٻئي جا ويري هئا ۽ هڪ ٻئي کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لائي رهيا هئا (۴۵۱)۰پارٿين ڪل جا ماڻهو سهائي ستين Sahae Scythians جي قريءَ مان هئا ۽ آمون درياهه جي ڪنڌين ڪنارن سان گذاريندا هئا، جن سنڌو ماٿري کي هند - ستين جو نالو ڏنو هو. هڪ ٻئي سان سنڌن وير به نالي چڙهيل هو، جنهن کي عرب مؤرخن جي تصنيفن ۾ ميد ۽ جت جي نالي ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

مين نگر جي اصلي جاگرافيائي بيهڪ جو پورو پتو ڪونه آهي پر ٿوري گهڻي معلومات آهي جيڪا هن ماڳ جي تعين ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اسان جي رهنمائي ڪندي. ٽالمي ٻي صدي عيسويءَ جو

وهڪرو هوندو هو. مئڪمرڊو جو بيان آهي ته پوريءَ ريت سڪي وڃڻ کان گهڻو اڳ گهاري وارو ڦاٽ جهازراني جوڳو ڪونه رهيو هو. اهو ئي سبب آهي جو پنيور ۽ ديبل ١٢٥٠ع ڌاران اجڙي ناس ٿي ويا. چاڪاڻ ته سنڌوءَ ان ڦاٽ جو منهن لٽي ڇڏيو هو (٤٦١)٠مون پاڻ به ڪوجنا ڪئي آهي جنهن مان پتو پيو ته جڏهن خوارزم شاه ١٢٢١ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو ته ديبل موجود هو، پر ١٣٣٣ع ڌاران ڦٽي ويو. ان زماني ۾ ابن بطوطه سنڌ آيو ته لاهري بندر ڏوري اچي ڏٺو هئائين، جيڪو ديبل جي ڦٽي وڃڻ کان پوءِ اڏيو ويو هو.

مئڪمرڊو ماڻهن جي روايتن جي حوالي سان ڄاڻايو آهي ته سنڌوءَ جي مذڪوره اولاهين ڦاٽ کي ساڳرو سڏيو ويندو هو. سندس سمجهه مطابق هي اهو ڦاٽ آهي جنهن کي ٽالمي ساڳپا اوسٽيم Sagapa Ostium لکي ٿو. اهو ڦاٽ سندس دور ۾ سنڌوءَ جو نهايت اولاهيون وهڪرو هوندو هو. مئڪمرڊو جي سوچ مطابق قوي امڪان اهو آهي ته سنڌوءَ جو هي اهو الهندو ڦاٽ آهي، جنهن وسيلي سڪندر اعظم هاڪاري وڃي سمنڊ تائين پهتو هو. تيار ٿيل تازن نقشن مان معلوم ٿيندو ته ٺٽي ۽ گهاريءَ جي وچ تي هن ڦاٽ الهندي پاسي وري ٻي هڪ ڇاڙهه ڇڏي آهي،جيڪا اڳين وهڪري مان ويهه ميل پوروچوٽ تي وهندي ڏکڻ ڏانهن موڙو کائي لاڙيبندر کان ٿورو هيٺ مکيه وهڪري سان ملندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مذڪوره ڇاڙهه پنيور کان به ٽي ميل پري ڏکڻ وارو پاسو ڏئي وهندي هئي، تنهن ڪري هن شهر تائين پٽي Piti، ڦونڊي Phundi، ڪيار Kyar ۽ پنٽياٽي Pinteani ڦاٽن وسيلي هاڪاري پهچي سگهبو هو. مٿين بيانن جي پڙهڻ کانپوءِ منهنجو ويچار آهي ته نه رڳو پنيور جو شهر بارڪي Barke آهي، جيڪو جسٽين جي بيان مطابق سڪندر واپس ورڻ وقت تعمير ڪرايو هو، پر هي اهو شهر به آهي،جنهن کي ٽالمي بارباري Barbari ۽ پيريپلس جي مصنف بار بريڪي - امپوريم Barbarike Emporium لکيو آهي.(٤٦٢) پيرڊ... جي مصنف اهو به لکيو آهي ته سندس دور ۾ سنڌوءَ جو رڳو وچون وهڪرو جهاز رانيءَ لاءِ هو، جنهن سان هاڪاري باربريڪي - امپوريم پهچي سگهبو. (٤٦٣) ۽ ٻيا ڇهئي ڦاٽ تانگها هئا ڇوته منجهن واري پرجي وئي هئي. گهاري ڦاٽ ۾ ٢٠٠ع ۾ ئي پاڻي گهٽ اچڻ شروع ٿي ويو هو.

وچيون وهڪرو، جنهن کي ٽالمي ڪريفون اوسيئم (Khariphon Ostium) سڏي ٿو. سو اڪيلو جهازراني جي لائق هوندو هو. مان ڪريفون ڦاٽ کي ’ڪيار‘ نالي وارو موجوده ڦاٽ سمجهان ٿو. اهو ان ماڳ وٽان وهندو نظر ايندو، جتي گهاري کان ڏکڻان ايندڙ ڦاٽ اچي مکيہ وهڪري سان لاڙي بندر ويجهو اچي ملندو آهي.

متئين بحث وسيلي مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ گهاري کان اتران مٿيندڙ ڦاٽ سنڌوءَ جو اولاهيون وهڪرو هوندو هو ۽ هن ڦاٽ وسيلي سڪندر ۽ نيرڪوس هاڪاري وچي سمنڊ تائين نڪتا هئا. سنہ ٢٠٠ع ڌاري هن وهڪري گهاري کان ڏکڻان پنهنجو پيٽ جوڙي ورتو هو، جيڪو وڏيڪ ڏکڻ ڏس تي موڙو کائي لاڙي بندر کان ٿورو هيٺ سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري سان وڃي ملندو هو. پيريپلس جي مصنف جي دور ۾ تجارتي بيڙا هن ئي وهڪري سان هاڪاري باربريڪي پهچندا هئا ۽ اتي سامان لاهي بيڙين ۾ لڏي مين نگر پهچايو ويندو هو، جيڪو تنهن زماني ۾ لاڙ جي راڄڌاني هو. پر ٿوري عرصي کان پوءِ هن وهڪري ۾ بہ پاڻي تمام ٿورو اچڻ لڳو. انيءَ صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن عربن سنڌ تي حملو ڪيو تہ باربريڪيءَ جي جاءِ اچي ديبل والاري هئي ۽ سنڌ جي مکيہ بندر بڻجي چڪو هو. پر گهاري پرسان وهندڙ ڦاٽ تہ تيرهين صدي عيسوي تائين بہ وهندو رهيو. ليڪن ايترو ٿورو هو جو منجهن بيڙا هاڪاري ڪونہ سگهندا هئا ۽ ان کان پوءِ اهو هميشہ لاءِ سڪي ويو.

## ديبل سنڌي يا ديبل

ديبل جيڪو وچين دور ۾ سنڌ جو اهم تجارتي مرڪز ۽ سنڌوءَ جي ڪناري آباد هو، ان جي جاگرافيائي بيهڪ بابت اجا ڪا اتفاق راءِ قائم ٿي ڪانہ سگهي آهي. ابوالفضل ۽ بين مسلمان مؤرخن ديبل کي ٺٽي سان منجهائي وجهرائي ڇڏيو آهي. پر پڪ آهي تہ جڏهن اهي مصنف پنهنجون تاريخون لکي رهيا هئا تہ ديبل جو ڪو وجود ئي ڪونہ هو. منهنجو ويچار آهي تہ ان زماني ۾ ٺٽي شهر کي ديبل نہ ڪري سڏيندا هئا ۽ مذڪوره مؤرخ بہ ان ڪري غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويا. ساڳيءَ ريت براهمانا يا برهمڻ آباد کي وري ديبل ڪانگڙا (Debal Kangra) ۽ ديبل کي وري ديبل سنڌي جي نالي سڏيو ويندو هو. ديول

خيال جي پنيرائي لاءِ بلاذري جو حوالو پيش ڪري ٿو جنهن ۾ چيل آهي ته سن ١٥هه ۽ ٦٢٦ع ۾ حڪيم پنهنجي ڀاءُ مغيره کي ديبل واري سامونڊي ڪناري ڏانهن روانو ڪيو پر جيئن ته ليون شهر City of lyons ليون Lyons واري ڪاريءَ جي ڪناري ڪونه آهي تنهن ڪري اهو ضروري سمجهڻ نه ڪپي ته ديبل بندر به هرويرو ديبل واري سامونڊي ڪناري سان هوندو. ابن خردازبه جو بيان آهي ته اهو سنڌوءَ جي، ڇوڙ کان به فرسنگ مٿي هو، پر مسعودي ان کي رهندو به وڏائي بن ڏينهن جو پنڌ پڌايو آهي (٤٦٥).ديبل سنڌوءَ جي ڪناري سان آباد هو تنهن ڪري ان کي ڪراچي واري ٺاڪ تي سمجهڻ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ ته اهو سامونڊي ڪناري سان آهي، ٻيو ته اهو سنڌوءَ جي ڇوڙ کان گهڻو پري به آهي. اسان جا جيڪي به ذريعا آهن تن سڀني جو بيان آهي ته ديبل مهراڻ جي اولاهينءَ ڪنار سان آباد هو، جيڪو سنڌوءَ (٤٦٦) جو مکيه وهڪرو هوندو هو. ٿي سگهي ٿو ته ٻگهاڙ ڦاٽ هجي جيڪو لاڙيبندر کان لنگهي پنهنجي ڦاٽن جهڙوڪ پٽي، ڦندي، ڪيار ۽ پٽياڻيءَ وسيلي وڃي سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. مئڪمردو به ڏيهي ذريعن کي حوالي طور ڪتب آندو آهي سندس خيال آهي ته ديبل سنڌوءَ جي ساگري نالي ڦاٽ تي آباد هو، جيڪو ڀنڀور پرسان مٿيندو هو. انهن احوالن موجب ديبل ٻگهاڙ جي اولهه پاسي ان ٺاڪ وٽ هوندو، جتي گهارو يا ساگرو ڦاٽ اچي ٻگهاڙ سان سنگم ڪندو هو، تنهن ڪري ديبل جي جاگرافيائي بيهڪ مذڪوره سنگم جي ويجهو اوڏو، لاڙيبندر کان پنج ميل اتر، ڀنڀور جي ماڳن کان سترهن ميل ڏکڻ - اولهه ۽ پٽي پٽياڻي ڦاٽن جي ڇوڙن کان ٽيهه ميل پري هئي. ڀنڀور جي هيءَ جاگرافيائي بيهڪ سر هينري اليٽ جون اهي گهرجون به پوريون ڪري ٿي ته ديبل ڪراچيءَ ۽ لاڙيبندر جي وچ تي ڪٿي آباد هو جتي تنگامرا نيات جا ماڻهو رهندا هئا. اها بيهڪ وري اهڙي به آهي جيڪا مسٽر ڪرو جي بيان مطابق ڪراچيءَ ۽ ٺٽي جي وچ تي به آهي ۽ هي انهن ايراضين جو سچو بيان آهي جيڪي درياهه جي وهڪري سان نظر اينديون. ڇوڙ واري علائقن ۾ ڦاٽن جو هڪ مهاجار ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي هڪ ٻئي کي ڪپيندا هيڏانهن جو هوڏانهن پيا ويندا ڏسبا. انهن مان هيءُ اڪيلو ڦاٽ آهي، جنهن تي ديبل جو بندر ممڪن ٿي سگهي ٿو.

بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي تہ چوڙ جي هن علائقي کي اجا تائين ڪنهن سونجهڙيو ٿي جاچيو پرکيو ئي ڪونہ آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اسان هيل تائين هن آڳاٽي شهر جا ٿرڙ ڏسي ڪونہ سگهيا آهيون. ابن بطوطہ جڏهن ١٣٣٣ع ۾ سنڌ آيو هو تہ اهي پراڻا پڊ وڃي پنهنجين اکين سان ڏوري ڏٺا هئائين. هن بہ ديبل بندر جي جاگرافيائي بيهڪ اها ساڳي ٻڌائي آهي،جيڪا مان پاڻ بہ ديبل ڏانهن منسوب ڪري رهيو آهيان (٤٦٧)۔ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ سندس بيان گهڻي اهميت رکي ٿو، تنهن ڪري ان بيان جو سڄو ٽڪرو هتي پيش ڪري رهيو آهيان: "ان ڪان پوءِ مان سنڌوءَ وسيلي لاهريءَ روانو ٿيس. هي شهر ان ٿاڪ تي آباد آهي، جتي سنڌو هندي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي. هيءُ هڪ وڏو بندر آهي جتي ايران، يمن ۽ ٻين ملڪن ڪان ايندڙ جهاز اچي بيهندا آهن. هن شهر ڪان ٿورن ميلن جي وٿيءَ تي ڪنهن آڳاٽي شهر جا ٿرڙا آهن جتي ماڻهن ۽ جانورن جي شڪلن جهڙا بيشمار پٿر ڏسڻ ۾ ايندا. هتان جا ماڻهو سمجهندا آهن تہ سندن چوڻ موجب مؤرخن جو خيال آهي تہ ڪنهن زماني ۾ هتي هڪ شهر هوندو هو، جنهن جي رهواسين جي ڪجهہ پاڳي جا ڪرتوت ڪڏا هئا. تنهن ڪري خدا تعاليٰ مٿن ڏمرجي سندن شڪليون بدلائي ڇڏيون. ڪن جي صورت جانورن جهڙي، ڪن جي گاهن ٻوٽن جهڙي ۽ اناج جي شڪل پٿرين جهڙي ٿي وئي. حقيقت بہ اها آهي تہ هتي اهڙين پٿرين جا ڍير نظر ايندا جن جي شڪل صورت اناجن جهڙي پئي ڏسبي آهي." اهو ناس ٿيل شهر جتي ماڻهن ۽ جانورن جي شڪلين جهڙا پٿر ڏسڻ ۾ اچن ٿا سو منهنجو ويچار آهي تہ ديبل جو ماڳ آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ وڏي واپاري منڊي هئي. مئڪمرڊو جو بيان آهي تہ جڏهن ديبل اجڙي ويو تہ اتان جا رهواسي لڏي پلاڻي اچي لاهري بندر پيڙا ٿيا (٤٦٨)۔هن باري ۾ ڪئپٽن هئملٽن جو بيان آهي تہ لاڙيبندر کي پٿرائون قلعو هو جيڪو پروچن ۽ مڪرانين جي ڦرلٽ کان واپاري وکر جو بچاءُ ڪندو هو. منهنجي خيال ۾ سندس هيءُ ويچار صحيح آهي تہ ديبل جا رهواسي لڏي اچي لاڙيبندر ۾ اچها اڏي ويٺا ، ديبل جي تعمير وارو سارو سامان ڍوئي اچي پنهنجون جايون جوڙيائون ۽ قلعي جي بہ اڏاوت ڪيائون، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ لاڙيبندر جي قلعي ۾ جيڪو بہ ڪجهہ مال ڪتب آندو ويو هو، سو ديبل جي قلعي کي ڍاهي آندو ويو هو

جنهن جي باقيات ابن بطوطہ کي ١٣٣٣ع ۾ اڃرج ۾ وجهي ڇڏيو هو.

ابن بطوطہ جي هن احوال کي الف ليليٰ Arabian Nights جي هڪ قصي سان ڳنڍيان ٿوجيڪو زبيده سان لاڳاپيل آهي. قصو هن ريت آهي تہ ان عورت ٻيڙين ۾ سوار ٿي بصري هاڪاريو ۽ ويهن ڏينهن کانپوءِ هندستان جي هڪ وڏي شهر ۾ اچي لنگر هنيو هئائين. شهر ۾ پهچي هن ڏٺو تہ راجا راڻي ۽ شهر جا سڀ ماڻهو پٿر ٿي ويا آهن پر هڪ ماڻهو بچي ويو هو، جيڪو راجڪمار هو. هن جي سنڌس راڻيءَ مسلمان شهزادي جيان پرورش ڪئي هئي. هيءَ ڏند ڪٿائي ڪهاڻي راجا دلوراءِ ۽ سنڌس ڇٽي جي ڳالهہ سان هڪجهڙائي رکي ٿي، جنهن کي سنڌ جي مؤرخن پنهنجي تصنيفن ۾ جاءِ ڏني آهي (٤٦٩). سنڌن بيان موجب جڏهن ڌرتي ڌڏڻ ڪري براهمانا ناس ٿيو تہ فقط ڇٽو اڪيلو بچي نڪتو هو. پنجاب جي مکيہ شهرن جي تباهيءَ بابت بہ اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون وڃن ٿيون جهڙيون اسان کي سنڌ ۾ ٻڌڻ ۾ آيون آهن، پر الف ليليٰ جي ڪهاڻيءَ ۾ جيڪو ڏيک ڇتيل آهي تنهن جو واسطو هوبهو سنڌ جي ڪنهن شهر سان آهي، پر جيئن تہ تنهن زماني ۾ سامونڊي ڪناري سان وڏي ۾ وڏو شهر رڳو ديبل هو ۽ اهو هڪ اهڙي تجارتي بندي هو، جنهن سان عربن جو واپاري لاڳاپو هو، تنهن ڪري پائنجي ٿو تہ هندستان جو اهو وڏو شهر ديبل هوندو جتي زبيده سيني ماڻهن کي پٿر ٿيل ڏٺو هو.

مئڪمرڊو جو بيان آهي تہ براهمانا جي تباهي سن ١٤٠هہ ۽ ٧٥٧ع ۾ ٿي ۽ زبيده Zobeide جي ڪهاڻي جو دور خليفہ هارون رشيد جي دور سان واسطو رکي ٿو، جنهن ٧٨٦ع کان ٨٠٩ ع تائين حڪومت ڪئي، تنهن ڪري ٻنهي ڏند ڪٿائي ڪهاڻين کي سچائڻ ۽ سمجهڻ ۾ هيءَ دور مونجهاري جو سبب ڪونہ ٿو بڻجي.

اهو بہ امڪان آهي تہ ديبل بندر بگهاڙ واري وهڪري سان هجي، جيڪو ان زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو هوندو هو، جنهن جو نالو هو ديبل سنڌي يعني سنڌوءَ جي ڪناري تي تعمير ٿيل ديبل. ڪئپٽن هئملٽن (٤٧٠) جي بيان مان اتفاقي طور هڪ حقيقت واضح ٿي آهي تہ سنڌي نالي سنڌوءَ جو هڪ ڦاٽ هوندو هو. هتان جي ماڻهن کي اهو نالو هاڻي ياد ڪونہ رهيو آهي، جنهن مان ڪنهن دور ۾ چڱيرو پاڻي وهندو هو ۽ سٽن منهن وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.

آهن، سندن ٻولي به ٿوري فرق سان ڪچين جهڙي آهي (٤٧٧). سندن اٺڻ ويهڻ به عام هندستانين جهڙو آهي. منهنجو ويچار آهي ته اوريٽاءِ ۽ آرابيٽاءِ قبيلن جا ماڻهو سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا توڙي جو اهي تاريخي دور کان وٺي هن سياسي حدن کان ٻاهر رهيا آهن. حضرت عيسيٰ کان ڇهه سئو سال اڳ ڏارين جا ڏن پرو هئا ۽ شين سئنگ جي دور تائين ٻارهن سؤ سال پوءِ به ايران جي سياسي اثر هيٺ رهندا آيا. هن ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي ته هي قبيلا سنڌي نسل سان لاڳاپيل ڪونه آهن. مان جڏهن اوريٽاءِ بابت ڳالهائيندس ته اهڙي چند ڇاڻ ضرور ڪندس.

**آرابي يا آربيٽاءِ** - هن ڪل جي ماڻهن کي ائرين آرابي Arabii، ڪرٽس آرابيٽاءِ، ٽالمي آربيٽي Arbiti، ڊايوڊورس آمبري ٽاءِ Ambritae ۽ اسٽرئبو آربيز Arbis سڏيو آهي. هن ڪُر تي اهو نالو ان ڪري پيو جو اهي آرابس Arabis آربس Arbis يا آرابس Arabius درياهه جي ڪنارن سان رهندا آهن، پاڻيءَ جو اهو وهڪرو کين اوريٽاءَ قبيلي جي علائقي کان الڳ ڪري ڇڏيندو آهي (٤٧٨). نير ڪوس جي روزنامچي (ڊائري) مان جيڪڏهن سڪندر جي اڳتي وڌڻ جي ٻيٽوار چنڊڇاڻ ڪبي ته پتو پوندو ته سرحد ڏيکاريندڙ پاڻيءَ جو اهو وهڪرو پورالي نديءَ جو آهي، جيڪو لس ٻيلي جي موجوده علائقي مان وهي سون مياڻيءَ وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. ڪرٽس جو بيان آهي ته سڪندر پٽالا کان آربيٽاءِ جي اوپارين دنگ تائين نون ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ رسيو (٤٧٩) ۽ پنج ڏينهن وڌيڪ پنڌ ڪري ان علائقي جي اولاهين سنڌي تي پهتو. حيدرآباد کان ڪراچي ١١٤ ميل ۽ اتان کان سون مياڻي ٥٠ ميل آهي(٤٨٠) ۽ اڳيون فاصلو فوج جو نو منزلون ۽ پويون پنڌ چار يا پنج منزلون ٿيندو. منهنجو ويچار آهي ته ڪراچي آرابيٽاءِ واري علائقي جي اوپارئين سنڌي وٽ آهي ۽ اها حقيقت انهن سيني ڪوجنا ڪندڙن جي بيانن مان ورتي وئي آهي، جيڪي ٽالمي جي ڪولاڪا Kolaka ماڳ ۽ نيرڪوس جي ڪروڪالا Krokala ٻيٽ کي هڪ هنڌ ڪري سمجهن ٿا، جتي نير ڪوس پنهجي بحري فوج کي هڪ ڏينهن لاءِ ترسايو هو ۽ اهو ڪراچي واري اپسمنڊ ۾ هو. وڌيڪ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ڪروڪولا ٻيٽ آرابيءَ واري علائقي کان ٿورو وٿيرڪو مگر سمنڊ اندر سنڌوءَ جي الهندي ڇوڙ کان سوا ١٧ ميل پري

هو. اهو فاصلو سنڌوءَ جي گهاري ڦاٽ ۽ ڪراچي جي وچ ۾ پنڌ سان سهمت آهي. تنهن ڪري اسان کي سمجهڻ کپي ته سڪندر جي دور کان وٺي اڄ تائين ايڪيهين صدي سامونڊي ڪنارو پنج يا ڇهه ميل اڳتي وڌيو آهي. هن ڳالهه جي پنيرائي هن حقيقت مان به ٿئي ٿي، ته جنهن علائقي ۾ ڪراچيءَ جو شهر آهي، تنهن کي اڄ سوڌو 'ڪرڪالا' سڏيو ويندو آهي.

نيرڪوس جڏهن ڪرڪوالا وٽان سڙهه سنياهي اسهيو ته مائونٽ اروس (Maunt Eros) (منهوڙو) سندس ساڄي ۽ تراڪڙو ننڍڙو ٻيٽ سندس کاٻي پاسي هو. اهو ڇتو پٽو ڪراچي بندر ڏانهن لنگهه واري علائقي جو بيان آهي. ان کان پوءِ ڪيٽرن ننڍن وڏن ماڳن تي بيهندو نيٺ اچي مورنٽو بارا (Morontobara) جي ڏاڪ وٽ رسيو، جنهن کي هتان جا ماڻهو عورتن جو اُجهو يا بندر سڏيندا هئا (۴۹۲). هتان سندس فوج ٻه رستا اختيار ڪيا. انهن مان هڪ ۷۰ اسٽاڊيا ۽ ٻيو ۱۲۰ اسٽاڊيا هو ۽ انهن جي آرابس ندي جي ڇوڙ وٽ پهچڻ تائين ڊيگهه ۲۲ ميلن کان وڌيڪ ڪانه هئي. پاڻيءَ جو اهو وهڪرو آرابي ۽ اوريٽاءِ جي قبيلي وارن ماڻهن جي وچ تي دنگ جو نشان هو. مان مورنٽو بارا کي مئاري (Muari) يا راس مئاري (Ras Muari) يا راسمونزي (Cape Monze) سمجهان ٿو، جيڪا پٻ جبل جي ڇيڙي وٽ آهي. بارا يا باري معنيٰ اجهو يا بندر. 'مورنٽو' فارسيءَ جو لفظ آهي جنهن جو مفهوم آهي مرد ۽ ان جو مؤنث مهرين (Mahrin) آهي، جيڪو ڪشميري ٻوليءَ ۾ اڃا به محفوظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: عورت. ان بندر يا اجهي (Haven) کي ڳولي لهڻ لاءِ مونزي راس ۽ سون مياڻيءَ جي وچ تي ڪوجنا ڪرڻي پوندي ۽ ان جي ماڳ جو تعين ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. نيرڪوس جي هاڪارڻ بابت جيڪو احوال ائرين ڏنو آهي، تنهن ۾ ڏنل فاصلي جي ناتي سان مان سمجهان ٿو ته اهو ماڳ بحر (Bahar) نالي نئن جي ڇوڙ وٽ هجڻ کپي، جيڪا راس مونزي ۽ سون مياڻيءَ جي وچ اچي سمنڊ ۾ پوندي آهي. جيڪڏهن مان هن ڳالهه ۾ درست آهيان ته مئاري (Muari) مورنٽو بارا جو اختصار آهي ته پوءِ راس مونز پر واري بندر تان نالو ورتو ويو هوندو. نيرڪوس آرابس نديءَ جي ڇوڙ وٽ هڪ وڏو بندر ڏٺو هو. جهڙيءَ ريت هاڻي پورالي نديءَ جي موڙ وٽ سون مياڻي آهي. هن بابت پاٽنجر جو بيان آهي، ته "هي

مونڊي پاٽيءَ جو اهڙو بهترين تلاءُ آهي، جتي وڏي پر وڏا پيڙا بيهاري سگهجن ٿا.

## اوريٽاءِ يا هوريٽاءِ

آرابس ندي اڪرڻ کان پوءِ سڪندر بريٽ منجهان سڄي رات سفر ڪندو رهيو، تانجو صبح جو هڪ آباد علائقي ۾ اچي پهتو. هڪ ننڍڙي نديءَ وٽ پهچي فوجي واندا ٿيا، پنيان ايندڙ فوج جي اوسيئڙي ۾ ويهي رهيو جيڪا هيفاشن Hephaestion جي مهنداريءَ ۾ اڳتي وڌي رهي هئي. ائرين جو بيان آهي ته جڏهن اهو لشڪر پهتو ته سڪندر ملڪ جي اندرئين علائقي ڏانهن پيش قدمي ڪري هڪ ننڍي ڳوٺ وٽ پهتو جيڪو اوريٽاءِ قبيلي وارن جي راڄڌاني هو ۽ جنهن جو نالو راماڪيا Rambakia هو. سڪندر هن ڳوٺ جو وايومنڊل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس خيال آيو ته جيڪڏهن هن کي ترقي وٺرائجي ته هڪ ڏينهن وڏي وڏو شهر ٿي ويندو پوءِ هن هيفاشن کي اهڙو تاڪيد ڪيو (٤٨٤).سڪندر جي ويجهي اچڻ تي اوريٽاءِ وارن سندس آڏو مجي جنهن اوپولو فينس Appollophanes کي اتان جو گورنر ۽ ليوناٽس Leonats کي ان جو ٻانهن ٻيلي مقرر ڪيو. کيس اهو به تاڪيد ڪيائين ته نيرڪوس جي بحري فوج جو انتظار ڪري ۽ نئين تعمير ٿيندڙ شهر ۾ ماڻهن کي آباد ڪري. سڪندر جي اسهڻ شرط اوريٽاءِ جي ماڻهن يونانين خلاف بغاوت شروع ڪئي ۽ گورنر اپولوفينس کي قتل ڪري ڇڏيائون، پر ليوناٽس مٿن حملو ڪري کين شڪست ڏني ۽ سندن اڳواڻن کي نگهوسار ڪري ڇڏيائين (٤٨٥). نيرڪوس سندس شڪست واري ميدان کي ڪوڪالا Kokala لکيو آهي، جيڪو آرابس ۽ توميرس Tomerus نديءَ جي وچ ۾ سامونڊي ڪناري سان آباد هو. پليني پوئين نالي واري نديءَ کي ٽونبيراس Tonberos[٤٨٦] سڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته سندس پر وارا علائقا سرسبز ۽ آباد هئا.

هن بيانن مان سمجهان ٿو ته اوريٽاءِ يا هوريٽاءِ يا ويوٽيريٽاءِ Veoteritoe (ڊايوڊورس جي لکڻ مطابق) جا ماڻهو اهي آهن جيڪي اگهر Aghor نديءَ جي پرپاسي آباد هئا، جن کي يونان وارن آگوريٽاءِ Agoritae يا آريٽاءِ Aoritae ڪري اچاريو هوندو ۽ ٽڙيءَ

مان نڪرندڙ آواز بدران وسرڳ آواز کي ترجيح ڏني هوندي، جيڪو اوريٽاءِ جي لفظ جي ابتدائي حصي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن نديءَ جي تري ۾ ڪي جهرڻا نظر ايندا، جن مان ڇدي گپ ڦوهارو ڪيون پئي باهر نڪرندي آهي. هتان جا ماڻهو هنن کي رامچندر کي ڪوپڊ (Ramchandra-ki-kup) يعني رام چندر جا کوهه سڏيندا آهن. هتي ٻه قدرتي گفائون آهن، هڪ کي ڪاليءَ جي، ٻيءَ کي هنگلاج يا هنگولا ديويءَ جي غفا سڏيو ويندو آهي. هي ڳاڙهي ديوي (Red Godess) آهي ۽ ڪاليءَ ديويءَ جو ٻيو روپ آهي. پر اگهور نديءَ جي ماتري ۾ موجود تيرٿ سان لاڳاپيل سڀ شيون رام سان تعلق رکن ٿيون. سيئي ياتري مڙي سڙي اچي رام باغ (Ram bagh) وٽ گڏ ٿيندا آهن. چاڪاڻ ته رام ۽ سيتا بنواس پوڻ جي شروعات هتان ڪئي هئي ۽ هتان هلندا هلندا وڃي گورک واري تلاءَ وٽ پهتا هئا. ڪجهه وقت ترسڻ کان پوءِ سري رام ٽونگا ڀيرا (Tongabhera) ۾ بعد ۾ اڳتي روانو ٿيو هو. اتان ڪيس پوئين پير واپس ورڻ جو چيو ويو ۽ ڪيس اهو به چيو ويو ته هنگلاج پنهنجي فوج وٺي وڃي. مان رام باغ ان ماڳ کي سمجهان ٿو، جنهن کي ائرين رام 'باڪيا' سڏيو آهي ۽ ٽونگابارا پاٽيءَ جو اهو وهڪرو آهي، جنهن کي پليني ٽونبيري ۽ ائرين ٽوميرس سڏي ٿو. رام باڪيا ماڳ پرسان ئي ان شهر جي ڳولا ڪرڻ گهرجي جنهن جو بنياد سڪندر پاڻ رکيو هو ۽ ليوناٽس کي حڪم ڪيو ويو هو ته مذڪوره شهر کي آباد ڪري گهڻو ڪري هيءُ اهو شهر آهي، جنهن جو بزنتيئم (Byzantium) جي اسٽيفانس (Stephanus) ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي ته ميلاني (Melane) پرسان سڪندر جي نالي سان هيءُ سورهون شهر هو (٤٩٧). نيرڪوس اوريٽاءِ جي اولاهين ڪنڌي کي ان ٽاڪ وٽ ٻڌائي ٿو، جنهن کي ميلانا (Malana) سڏيندا هئا، جنهن کي مان ميلانا وارو اڀسمنڊ سمجهان ٿو، جيڪو راس ميلانا کان اوپر طرف آهي ۽ اگهور نديءَ کان ويهه ميل اولهه طرف اڄ به موجود آهي. ڪرٽس ۽ ڏايو ڊورس (٤٩٨) ٻنهي جو بيان آهي ته هن شهر جو بنياد سڪندر رکيو هو، پر ان جو نالو ڪونه ٿا ٻڌائن. ڏايوڊورس جو بيان رڳو ايترو آهي ته هن شهر جو بنياد سمنڊ پرسان هڪ سجهائتي هنڌ تي رکيو ويو هو ۽ سمنڊ جون ويرون وٽس پهچي

ڪونہ سگھنديون هيون.

سنڌوءَ جي اولاهين ڪناري ڪان گھٽو پري رام باغ نالي ماڳ جو ملڻ جنهن جو سڪندر واري قديم دور سان لاڳاپو هجي، سا ڏاڍي اچرج جهڙي ڳالهہ آهي. هن حقيقت مان نہ رڳو اهو پتو پوي ٿو تہ ان قديم زماني ۾ هندو ڌرم ايتريءَ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل هو، پر ان سان گڏ رام جي بنواس پوڳڻ وارو قصو پڻ قديم آهي. ان ڳالهہ جو بہ اِمڪان ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ هندو ڌرم جي زوال کان پوءِ سري رامچند ۽ چيلي جو نالو ان ٿاڪ تي رکيو ويو هجي (٤٨٩). ٻڌ ڌرم جي زور واري زماني ۾ سنڌوءَ جي اولهہ پاسي ڪيترا ئي علاقا هندو ڌرم جي اثر هيٺ هئا، جنهن اتان جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ٻوليءَ تي گھٽو اثر ڇڏيو هوندو. منهنجو ويچار آهي تہ ٻڌ ڌرم سڪندر جي حملي ڪان پوءِ هڪ سگھہ تي اپريو ۽ رامباڪيا Rambakia داراگشتا سپ ڪان وڌيڪ اڳاتو آهي.

شين سئنگ جي بيان مطابق ان سيئي علائقن جو هڪڙو نالو لانگا - ڪي - لو Langa _ Kie _ Lo هو، جنهن کي ايم جولين (julien) لانگالا ڪري پڙهي ٿو. پر ايم ڊي سئنٽ مارٽن هن لفظ کي لانگا Langa (لانگاهہ؟) قبيلي جو نالو سمجھي ٿو. منهنجي نظر ۾ اها ڳالهہ شڪ کان خالي ڪانہ آهي تہ هي نالو ايترو پراڻو بہ ٿي سگھي ٿو. وشنو پراڻ مان بيو نالو لانگالا Langala بہ ملي ٿو. پر منهنجي خيال ۾ اهو جانگلس Jangalas نالي جو بيو روپ آهي ۽ ڪورو جانگلس لفظ کان هڪدم پوءِ نظر اچي ٿو. شين سئنگ لانگہ - ڪي - لو جي راڄڌاني ڪڇ واري ڪوٽيسر کان ٢٠٠٠ لي يا ٣٢٣ ميل اولهہ پاسي ٻڌائي ٿو. هن حوالي مطابق هي شهر هندي وڏي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ وڃي بيهندو. ان ڪري صحيح طرف اتر - اولهہ ٿيندو. هن فاصلي ۽ طرف کي جيڪڏهن نظر ۾ رکبو تہ لاڪوريان La-korian جو هڪ ٿرڙ آهي، جيڪو مئسن قلات ۽ خضدار جي وچ تي ڳولي لڌو هو (٤٩٠). پراڻن ننڊن ۾ هن شهر جو نالو رڳو لاڪورا Lakura آهي، جنهن جو اچار چيني ياتريءَ تمام صحيح طريقي سان لکيو آهي. لانگہ ڪي لو Lang _ Kie _ Lo يا لنڪارا Lan-kara (٤٩١). مئسن جو بيان آهي تہ هن ماڳ وارو قلعو ويڪرو، ڪشادو ۽ مضبوط هو ۽ سندس بناوت ۾ ڏاڍي ڏاهپ نظر اچي ٿي.

ڪان جونجهنو Junjhnu تائين هڪ سؤ ٽيهه ميل اوپر پاسي ڪان جونجهنو ڪان آبو جبل تائين اڍائي سؤ ميل، ڏکڻ ڪان آبوجبل ڪان عمر ڪوٽ تائين هڪ سؤ ست ميل ۽ اولهه طرف ڪان عمر ڪوٽ ۽ بلر تائين ٽي سؤ ڏهه ميل آهي. موجوده انگن اکرن موجب سڄي علائقي جو گهيرو ٨٦٠ ميل ٿئي ٿو، جيڪو لڳ ڀڳ شين سئنگ جي ڏنل فاصلي جيترو وڃي بيهي ٿو.

اڳاٽي دور جي عرب جاگرافيدانن جزر Juzr جرز Jurz ملڪ جو نالو ڏنو آهي، جنهن جي جاگرافيائي بيهڪ تي نظر رکڻ ڪان پوءِ معلوم ٿيندو ته هي اهو علائقو آهي جنهن کي شين سئنگ ڪيو - چي - لو ملڪ جي نالي سان ذڪر ڪيو آهي، ملڪ جي نالي ۾ ڪجهه شڪ ٿئي ٿو. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته عربي لکت ۾ ان نالي تي ٽبڪا نظر ڪونه ٿا اچن، تنهن ڪري ان جو اچار حزر ۽ حرز يا خرز ۽ خرزبا يا جرز بنجي پوي ٿو. پر ان جي جاگرافيائي بيهڪ بابت ڪو به هٽڪتو ڪونه اهي ۽ مختلف صورتحال جي نظر ڪان اهو علائقو راجپوتانان آهي. اهڙيءَ ريت تاجر سليمان سن ٨٥٠ع ۾ (٤٩٢) بيان ڪري ٿو ته حرز Harz جي اولاهين پاسي طافيق يا ظاقين هو. منهنجي خيال ۾ اهو پنجاب جو پراڻو نالو آهي. هن علائقي ۾ چانديءَ جون کانيون هونديون هيون، تنهن ڪري وٽس هندستان جي ٻين ملڪن کان وڌيڪ گهوڙيسوار فوج هوندي هئي. اهي ڳالهيون بنا ڪنهن شڪ وشبهي جي راجپوتانا ڏانهن اشارو ڪن ٿيون جنهن جي اتر - اولهه ۾ پنجاب آهي، هندستان ۾ وٽس ئي چانديءَ جون کانيون آهن تنهن ڪري گهوڙيسوار فوج به جام هوندي اٿس.

ابن خرزدابه (٤٩٣) (وفات ٩١٢ع) جو بيان آهي ته حرز جي ملڪ ۾ طاطري سڪو استعمال هيٺ هو. ابن حوقل جنهن ٩٧٧ع (٤٩٤) ۾ ڪتاب لکيو، تنهن جو چوڻ آهي ته اهڙا سڪا گنڌارا ۾ ڪم ايندا هئا، جنهن ۾ پنجاب وارو علائقو به تڏهن شامل هو. ساڳي ڳالهه بلهارا يا گجرات لاءِ به چوي ٿو. اتفاق سان اسان کي اهو به پتو پوي ٿو ته اهو ساڳيو سڪو سنڌ ۾ به رواج هيٺ هو، ڇاڪاڻ ته معلوم ٿئي ٿو ته ١٧٠هه يا ٧٢٥ع ۾ سنڌ جي سرڪاري خزاني ۾ هڪ ڪروڙ اسي لک طاطري درهم موجود هئا. (٤٩٥) ان سڪي جو ملهه مختلف بيان ڪيو ويو آهي. ان جي تور $1\frac{1}{2}$ ١/٨ ١ ڪان $1\frac{1}{2}$ درهم يا

٥٤ گرامن کان ٧٢ گرام هوندي هئي. هن سڄي وچور مان پتو پوي ٿو ته اهي هند سٿين دور سان لاڳاپيل چانديءَ جا ڏنگا ڦڏا سڪا هوندا هئا ڇاڪاڻ ته مٿن ساساني طرز جي هندستاني لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهن سڪن جي شروعات سٿين يا تاتاري حڪمرانن ڪئي هئي، جيڪي تنهن زماني ۾ ڪابل ۽ اتر هندستان تي راڄ ڪري رهيا هئا. اهي سڪا هاٿي ڪابل ۽ پنجاب ۾ ته ملن ٿا پر سنڌ، راجپوتانا ۽ گجرات مان به پڻ هٿ لڳا آهن، ڪرنل اسٽئڪي Cal.Staey انهيءَ ورن جا سڪا راجپوتانا مان لڌا هئا. پر مون کي ته اهڙا سڪا سيني مذڪوره ملڪن مان هٿ لڳا آهن. تور ۾ ڪي ٥٠ ۽ ڪي وري ٦٨ گرامن جا آهن. دور جي لحاظ کان پنجين ڇهين صدي عيسويءَ کان وٺي محمود غزنويءَ جي زماني تائين هلندا آيا آهن: مذڪوره سڪا گهڻو ڪابل جي برهمڻ حڪمرانن جي سڪن سان گڏ هٿ لڳا آهن. اها ڳالهه مسعوديءَ جي بيان سان نهڪي اچي ٿي جنهن جو بيان آهي طاطري سڪن سان گڏ بيا سڪا به رواج هيٺ هئا جن کي گنڌارا ۾ ضرب ڪيو ويندو هو. (٤٩٦) پوين بيان ڪيل سڪن کي مان ڪابل جي برهمڻ حڪمرانن سان لاڳاپيل سمجهان ٿو. هن گهراڻي سن ٨٥٠ع ڌاران پنهنجو ڪابل ۾ راڄ شروع ڪيو هو يعني مسعوديءَ کان ڪو ٿورو وقت اڳ ۾ ۽ ٩١٥ع کان ٩٥٠ع تائين قائم رهيو. مان اهي طاطري يا هند - ساساني سڪا اراولي جابلو سلسلي جي اوير پاسي وچ هندستان ۽ گنگا دوآبي جي اترئين پاسي وارن علائقن مان به لڌا آهن، پر سنڌسن انگ تمام ٿورو آهي. وچين دور ۾ اتر هندستان جو عام سڪو وراه Varaha هوندو هو، جنهن جي هڪ پاسي سوئر جي ۽ ٻئي پاسي وشنو جي تصوير هئي ۽ تور ۾ ٥٥ کان ٦٥ گرام هئا. سڪن جي هن جاچ پرک کان پوءِ مان هن نتيجي تي پهتو آهيان ته عرب جاگرافيدانن جي نقطه نظر موجب حزر يا جزر جو ملڪ امڪاني طور اولهه راجپوتانا ٿي سگهي ٿو.

ادريسي (٤٩٧) ابن خردازبه جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته جزر يا حزر اتان جي راجائن جو مورثي لقب به هوندو هو ته ملڪ جو نالو به هوندو هو. هيءُ بيان منهنجي سڃاڻ جي پٺڀرائي ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته جزر يا گزر يا گوجر Gujar هڪ ئي ڳالهه آهي. هن ڪرِ سان لاڳاپيل ماڻهن جو انگ تمام جهجهو آهي، جيڪي اولهه - اتر هندستان ۾

پنجاب ۾ هنڌين ماڳين پکڙيل نظر ايندا. گجرات واري اپيپيت تي هن ڪُر جي ماڻهن جو انگ تمام گهڻو ملندو. جهوني جڳ ۾ هن علائقي کي سوراشتريه سڏيو ويندو هو ۽ ٽالمي هن کي سوراسترينيSurastrene لکيو آهي. بڙدا مان لڌيل هڪ ٽامي جي پليٽ تي هڪ لکت موجب ڪيس سن ٨١٢ع تائين هن نالي سان سڏيو ويو آهي. (٤٩٨) سوراشتريه راجائن جي ذڪر ۾ گرجارا جو نالو به پيرا ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ پتو پوي ٿو ته اهو هڪ آزاد ملڪ هو. ٧٧٠ع ڌاران سوراشتريه جي اندرا نالي هڪ راجا گرجارا جي راجا کي شڪست ڏني هئي، پر پوءِ هن هٽ پيرهٽي پنهنجو راڄ واري ورتو هو. سن ٨٨٠ع ۾ راجا آندرا جي پٽ گرجارا جي راجا خلاف مالوا جي راجا جي سهائتا ڪئي هئي. هنن بيانن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته گرجارا جو راجا ان دور تائين وڏي طاقت جو مالڪ هو. سندس ملڪ جو نالو سوراشتريه کان الڳ نظر اچي ٿو ۽ اهو گهراڻو شين سئنگ جي دور ٦٤٠ع کان پوءِ به به صديون راڄ ڪندو رهيو آهي. هنن ڳالهين مان اهو به پتو پوي ٿو ته گرجارا، مالوا ۽ سوراشتريه پرسان هوندو هو جيڪو فقط راجپوتانا ئي ٿي سگهي ٿو، جنهن کي مان شين سئنگ جي بيان منجهان ئي پڪيءَ ريت سڃاڻي ورتو هو.

ستينءَ صديءَ دوران چيو وڃي ٿو ته اتان جو راجا تسا - ٽي - لو Tsa _ Ti _ Lo يعني ڪشتريه هو. پر پتو پوي ٿو ته هن کان به صديون اڳ مهارا شتريه جي اتر ۾ گرجارا گهراڻي جو ڪو راجا راڄ ڪندو هو. ان دور جي هڪ لکت مان ڄاڻ ملي ٿي ته پئٺان Paithan جي ٻالڪيه راجا ۽ گرجارا جي راجا جنهن جي ملڪ جو نالو ڏنل ڪونه آهي ٻنهي زمين ڏيڻ بابت ڪا لک پڙهه ڪئي هئي. (٤٩٩) مذڪوره لکتن جو ترجمو پروفيسر ڊائوسن ڪيو آهي جنهن جو چوڻ آهي ته اهي لکتون وڪرماجيت جي زماني سان واسطو رکن ٿيون. هن دور کي بنا ڪنهن ثابتيءَ جي ڇهين صديءَ کان اڳ واري دور سان ڳنڍيو ويو آهي، تنهن ڪري متس ويساهه ڪرڻ کان ڪجهه هٻڪان ٿو. چالڪيه خاندان جي راجا پلاڪيسي Puakesi، آريه ڀٽ ۽ وراه مهرا Varaha Mihra قديم لکتن ۾ ساڪا دور جو ذڪر نظر ايندو. پلاڪيسي واري لکت ساڪا سال ٤١١ يا ٤٨٩ع جي برابر آهي تنهن ڪري منهنجو ويچار آهي ته چالڪيه گهراڻي جي راجا وجي Vijaya

آندو آهي. پلينيءَ هتان جي رهواسين کي سئوراٽراٽاءِ Suarataratae يا وراٽاٽاءِ Varatatae جي بگڙيل هجي ۾ لکيو آهي. ملڪ جي نالي جي تبديليءَ جو اشارو اسان کي ساڪا سال ٧٣٤ ۽ ٨١٢ع جي هڪ لکت ۾ نظر اچي ٿو، جنهن جو واسطو راجا ڪارڪا Karka جي دور سان آهي جنهن جي ابي ڏاڏي گووندا Govinda کي سوراشٽريه ملڪ جي راجائن جو وڏ سمجهيو ويندو آهي. جڏهن هن شهر جو زوال آيو ته ملڪ به ڇڻ سوراج وڃائي (٥٠١) وينو. ڪارڪا راجا جي پيءُ جو نالو لاٽيس وار Lateswara هو، جنهن جي نالي مان ئي پتو پوي ٿو ته اهو بلڀي جو راجا هو. شين سئنگ به ٻڌائي ٿو ته بلڀي کي ٻي - لو - لو يا اتريون لار Lara به سڏيو ويندو هو، جنهن جو سنسڪرت ۾ عام اچار لاٽ Lata آهي، پر جيئن ته ڪارڪا گورندا جي پيڙهيءَ مان پنجون راجا هو تنهن ڪري اهو ممڪن ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ته سنڌس زماني ۾ هن گهراٽي جو پراڻو نالو سوراجيه يا سوراشٽريه هن علائقي تي پئجي ويو هوندو. مذڪوره علائقي تي اهو نالو ستينءَ صديءَ جي وچ ڌاران پيو هوندو ته ڪئت ناهي. هن سڄيءَ ڇاڻ جو جيڪڏهن ڀيٽوار مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته هن علائقي جو سوراشٽريه وارو قديم نالو سن٣١٩ع ڌاران ختم ٿي ويو آهي. ان سمي ڌاران ساه Sah گهراٽي جي حڪمراني ختم ٿي وئي هئي ۽ ان جي جاءِ ولڀا Vallabhas گهراٽي جو راڄ شروع ٿي چڪو هو ۽ راڄڌاني جيڪا اڳي جهونا ڳڙهه هئي سا ڦيرائي ولڀي ۾ قائم ڪئي وئي هئي. ابوريحان جي بيان مطابق جڏهن سن ٣١٩ع ۾ بلڀي دور شروع ٿيو ته گپتا گهراٽي جو زوال اچي ويو جنهن جا گجرات واري علائقي مان سڪا تمام گهڻا هٿ لڳا آهن، تنهن ڪري ٣١٩ع واري سال کي بلڀي راڄ جي قيام جو سال سمجهڻ گهرجي ۽ ان ئي دور ۾ بلڀي شهر جي پيڙهه جو پٿر به رکيو ويو هو.

ڏيهي تاريخن ۽ ماڻهن جي روايتن مطابق بلڀي جي تباهي سهوت سال ٥٨٠ ۾ ٿي جيڪو عيسوي سن ٥٢٣ ٿئي ٿو. اهو وڪرمي سن مطابق آهي، پر جيڪڏهن ساڪا سال موجب حساب ڪبو ته عيسوي سن ٦٥٨ ٿيندو. ڪرنل ٽاڊ جو بيان ڪيل اڳيون سن پڌرو آهي. شين سئنگ بلڀي ۾ سن ٦٤٠ع ۾ آيو هو جيڪو ساڪا واري سال سان سنمڪ لڳي ٿو. جيڪڏهن هي بيان صحيح آهي ته ٻڌا مان

لڏيل ٿامي جي پليٽ واري راجا گووندا پنهنجي گهراڻي جي حڪمت ۽ پنهنجي ملڪ جي سوراشٽريہ نالي ڪي بيهر قائم ڪيو هو. جيئن تہ هيءُ راجا ڪارڪا جي ڏاڏي جو پڙڏاڏو هو، جنهن جو راڄ ٨١٢ع تائين قائم هو، تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ هو راڄگديءَ تي ستين صديءَ جي پوئين ڏهاڪي ۾ ويٺو هوندو يعني ٦٥٠ کان ٧٧٥ جي وچ ڌاران ۽ اهو ئي دور ٦٥٨ع واري سال سان ميل کائي ٿو، جيڪو ڏيهي تاريخن ۽ ماڻهن جي روايتن مطابق بلڀي جي تباهي ۽ گجرات ۾ بلڀي گهراڻي جي راڄ جي انت جو سال آهي.

بلڀي مان نڪرڻ کان هڪ صدي کن پوءِ بلڀي گهراڻي جي هڪ سرڪردي ماڻهوءَ چتورم پنهنجي نئين راڄ جو بنياد رکيو جنهن جو نالو باپا Bapa يا باپاڪا Bapaka هو. سندس پٽ گوهيلا Gohila يا گوها دتيا Goha ditya پنهنجي ڪُرِ ڪي گوهيوات Guhiwat يا گاهي لات Gahi lat جو نئون نالو ڏنو جيڪو اڄ سوڌو هلندو اچي. ساڳي ئي سمي ۾ (٥٠٢) چاولا گهراڻي جي بن راجا Ban Raja (معنيٰ جهنگل بدراجا) آبو پربت کان ستر ميل ڏکڻ ڏس تي سرسوتي درياہ ڪناري آنلوار پٽڻ Analwara Pattan نالي هڪ شهر جو بنياد رکيو هو جيڪو پوءِ اولهہ هندستان جي هڪ مشهور شهر جي نالي چاتو سڃاتو ويندو هو. سن ٧٦٠ع کان ڪجهہ ٿورو اڳي گجرات جي پهلوا Pahlava گهراڻي جي راجا ڪرشن ايلاپور جو قلعو تعمير ڪرايو هو. لکت موجب جنهن جي سونهن ديوتائن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هو. منجهس هڪ مندر نهرائي شو ديوتا جي مورتي رکرائي هئائين، جنهن کي چنڊ جو نشان ڏئي سينگاريو ويو هو. هن اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ايلاپور، سومنات وارو مشهور شهر هوندو جيڪو گجرات واري اپنيت جي راڄڌاني سان گڏ پٽڻ سومنات بہ سڏيو ويندو هو. هن قديم شهر لاءِ پوسٽنس (٥٠٣) جو بيان آهي تہ "پٽڻ جو مشهور شهر اڳتي وڏيل ڳچيءَ ڌرتيءَ تي اڏيل هوندو جنهن ۾ بندر جو ڏاکڻو حصو ۽ ويراوال Verawal واري اپسمنڊ واري جوءِ شامل هئي." مان ايلاپور ۽ ايلوار Elawar کي هڪ جاءِ سمجهان ٿو. هندستان ۾ نالي جي اهڙيءَ مٽا سٽا جو عام رواج آهي. اهڙيءَ ريت ايلاپورا جو ايلاواز ۾ بدلجي وڃڻ سياويڪ لڳي ٿو. پٽڻ سومنات شو ديوتا جي مورتي ڪري گهڻو مشهور هو. ان مورتيءَ جي مٿي تي چنڊ

جو نشان لڳل هندو هو، تنهن ڪري ڪيس سومنات ڪري سڏيو ويندو هو جنهن جي معنيٰ آهي چنڊ جو ديوتا. هيءُ نالو شهر جو نه پر مندر جو هوندو هو جنهن ڪي هاٽي ويرا وال ڪونيو ويندو آهي.

اسان ڪي سومنات بابت آڳاٽي ۾ آڳاٽو احوال محمود غزنويءَ جي حملي جي احوال مان ملي ٿو. (٥٠۴) فرشتہ جي بيان مطابق سومنات جو قلعو هڪ ننڍڙي اپبيٽ تي ناهيل هو جنهن جي ٽن پاسن کان سمنڊ جون چوليون ٽڪرائينديون هيون. تنهن زماني ۾ راجا هتي رهندو هو ۽ نهروالا (جيڪو پوءِ بدلجي انهلراڙا ٿي ويو) تڏهن گجرات جو دنگئي شهر هوندو هو. هيءُ احوال ڏيهي تاريخن سان ميل ڪائي ٿوجن مطابق انهلواڙا جي چاولا گهراڻي جي حڪومت ساڪا سال ٩٩٨ يا ٩۴ع تائين قائم رهي، ان کان پوءِ ملڪ جو راڄ چالڪيہ گهراڻي جي مولا Mula راجا جي هٿ ۾ آيو جيڪو سومنات ۽ انهلواڙا جو هڪ سگهارو ۽ ناليرو راجا ٿي گذريو آهي.

محمود غزنويءَ جي حملي کان پوءِ حڪمران گهراڻو سومنات کي ڇڏي وڃي انهلواڙا کي راڄڌاني بنايو. محمد غوري ۽ سندس جانشين ايبڪ جي(٥٠٥) زماني ۾ گجرات جي راڄڌاني انهلواڙا ۾ قائم هئي ۽ ٦٩٧هه يا ١٢٩٧ع تائين به رهندي آئي. ان زماني ۾ علاؤ الدين محمد خلجيءَ گجرات تي حملو ڪيو هو، جنهن نهروالا يا انهلڙاواڙا کي فتح ڪري دهلي سلطنت سان ملائي ڇڏيو.

هن سڄي متا ستا واري سمي دوران فرشتہ هن ساري اپبيٽ جهڙي علائقي کي موجوده نالي جيان گجرات سڏي ٿو. ابوريحان هن نالي جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي توڙي هن انهلواڙ ۽ سومنات جو نالو به لکيو آهي. گجرات جو پهريون پيرو نالو اسان کي رشيد الدين جي مجمل التواريخ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن پنهنجي تصنيف ١٣١٠ع ۾ لکي پوري ڪئي هئي، يعني مسلمان بادشاهہ جي گجرات فتح ڪرڻ کان تيرهن سال پوءِ مان اڳي ئي احوال اوري آيو آهيان تہ شين سئنگ واري دور ۾ فقط اولهہ راجستان کي گجرات جي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ جڏهن ليتسوار جي راجا ڪارڪا سن ٨١٢ع ۾ زمين عطا ڪرڻ واري لک پڙدہ ڪرائي هئي تہ ان وقت تائين بہ اهو سوراسٽر جو هڪ علائقو هو. هن دور ۾ ١٣١٠ع ۾ پنجن صدين جو فرق آهي. ان سڄي عرصي ۾ اسان گجرات جو نالو ڪونہ ٿا ٻڌون. هن علائقي تي گجرات

نالي پوڻ جو قوي امڪان اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ دهليءَ جي حڪمرانن قنوج ۽ اجمير کي فتح ڪري دهلي سلطنت سان ملائي ڇڏيو ۽ مسلمانن اتر راجپوتانا ۽ گنگا ماتريءَ جي مٿئين پاسي جي راٺوڙن ۽ چهواڻن کي ڏکڻ طرف ڌڪي ڇڏيو. اسان کي معلوم آهي تہ سموت ۱۲۸۳ يا ۱۲۲۶ع تائين راٺور پالي Pali کان ٻاهر تائين آباد هئا. راٺوڙن جي هن علائقي جي ولار ڪري گوجر ڪُرِ جا ماٿهو پنهنجا قديم اباڻو ديس ڇڏي ڏکڻ انهلواڙا، پٽڻ ۽ ايدر وڃي آباد ٿيا هوندا. حقيقت اها آهي تہ راٺوڙن مارواڙ مان گوهيلن کي ڪڍي ڇڏيو هو، جيڪي لڏپلاڻ ڪري هن اپبيٽ جي اوڀارئين پاسي وڃي آباد ٿيا هئا. معلوم ائين ٿيندو تہ هن علائقي تي گجرات نالو گوهيلواڙن جي ڪري پيو آهي. اڪبر جي دور تائين گوجر ڪُرِ جا ماٿهو هن علائقي جي اندرينءَ ايراضيءَ تائين ڪونہ پهتا هئا ڇاڪاڻ تہ ابوالفضل سورت سرڪار جي مختلف قبيلن جو ذڪر ڪيو آهي پر اتي گوجرن جو بيان ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو، تنهن ڪري هن وڏي صوبي تي گجرات نالي پوڻ جو ڪو بيو سبب جاچڻ گهرجي، جنهن کي هنن پوريءَ ريت والاريو بہ ڪونہ آهي.

مان گرجارا علائقي جي احوال ۾ گرجارا ڪُرِ جي راجا جي لکت جو حوالو بيان ڪري چڪو آهيان. ان لکت مانِ معلوم اهو ٿئي ٿو تہ ساڪا سال ۳۸۰ يا ۴۵۸ع ڌاران گوجر راجا علائقا فتح ڪندو جي بربدا نديءَ تائين پهتو هو. ان ساڪئي سال يا ان کان پوءِ سن ۶۶۳ع ۾ سري دتا ڪوسلي (۵۰۶) Sri Datta kusali جمبو سار پرسان اڪرورسوار ۾ ڪن برهمڻن کي زمينون عطا ڪيون هيون. منهنجي خيال ۾ اڪرورسوار، پڙوچ جي سامهون نربدا جي ٻئي پار اهو ٽاڪ هوندو جنهن کي هاڻي آڪيل سر Akelsar جي نالي سان سڏيندا آهن، پر ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ ساڪا سال ۳۹۴ يا ۴۷۲ع کان اڳ چالڪيہ راجا کين شڪست ڏئي پوئتي ڪنيات تائين هٽائي ڇڏيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ چالڪيہ گهرائي جي وجيہ نالي هڪ راجا انهن ساڳين برهمڻن کي ڪنيات ۽ پڙوچ جي وچ تي جمبوسار ۾ زمينون عطا ڪيون هيون. هنن بيانن مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ گوجر، جن پنجين عيسوي ڌاران هن علائقي جي اترئين پاسي جي والار ڪئي هئي، اهي بہ صديون پوءِ پنهنجي سياسي سگهہ وڃائي چڪا هئا. ڇاڪاڻ تہ شين

سئنگ جي دور ۾ گرجارا راجا جي گاديءَ تي هڪ کشتريا Kshatriya وينل هو. پر پوءِ به آبو پربت جي ڏکڻ ۽ اولهه ۾ گوجر ڪل جي ماڻهن جو انگ تمام ججهو ڏسڻ ۾ ايندو. هن علائقي جي پهرئين مسلمان فاتح علاؤ الدين خلجيءَ جي فوجي مهندار الف خان به انهلڙواڙا ۾ پنهنجو مرڪز قائم ڪيو هو، جيڪو گوجر ڪل جي ماڻهن جو ڏنُ هو. منهنجو ويچار آهي ته هن ئي دور ۾ دهليءَ شهنشاهيت جي ان نئين صوبي جو نالو گجرات ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيئن ته سوراشتريه وارو علائقو به نئين صوبي جو حصو هو، تنهن ڪري ان کي به هن ساڳيءَ نالي گجرات سان سڏيو ويو. هن معاملي ۾ منهنجو ويچار آهي ته علائقي جو هي نالو ڪنهن ڪَلَ جي ماڻهن جي نالي پٺيان نه پر سياسي سهوليت خاطر رکيو ويوهو. هئملٽن (٥٠٧) جو بيان آهي ته مالوا خانديش جي ڪن حصن کي اڳي ئي گجرات نالي سان سڏيو ويندو هو. مارڪوپولو هن اپيبت نما علائقي جي نچووندي ڪرڻ لاءِ هڪ کي سومنات ۽ ٻئي علائقي کي گجرات سڏي ٿو جيڪو تاڻا Tana کان اتر سامونڊي ڪناري سان موجود آهي ۽ حد بنديءَ موجب اهو گهٽ وڌ صورت ۽ پڙوچ وارن علائقن تي مشتمل هو. موجوده دور ۾ هن اپيبت جا گهٽا رهواسي گجرات جي نالي کان به واقف ڪونه آهن ۽ ان کي سورٺ ۽ ڪانيواڙ (٥٠٨) سڏيندا آهن. پوئين نالو مرهٽن جو رکيل ٿو ڀائنجي.

شين سئنگ جي بيان موجب بليي جي راجڌاني جو گهيرو ٣٠ لي يا پنج ميل هو. هن قديم شهر جو ٿرڙ پهريائين ٽاڊ ڳولي لڌو هو، پر ماڳ تي وڃي ان کي اکين سان ڪونه ڏٺو هئائين. (٥٠٩) ڊاڪٽر نڪول سن (٥١٠) Dr.Nchollsan اهو ٿاڪ به تي پيرا ڏٺو آهي. سندس بيان آهي ته مذڪوره ٿرڙ پون نگر کان ١٨ ميل اولهه - اتر - اولهه پاسي وئل Wale نالي هڪ ڳوٺ ويجهو آهن. هتان جا ماڻهو هن ڪندرن کي اجا تائين واميلا پورا سڏيندا آهن جيڪو والمي يا وليي پورا جو بگڙيل اچار آهي. ڪندر وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندا. منجهس ڊگهين سرن جي استعمال کان سواءِ ڪابي شيءِ نظر ڪانه آئي آهي. اڪبر جي دور ۾ اهي ڪندر وڌيڪ چٽا هوندا. ڇاڪاڻ ته ابو الفضل (٥١١)کي ٻڌايو ويو هو ته سروج Sirouj پربت جي ڪڇ ۾ هڪ قديم شهر اهڙو زبون حال آهي جو ان جي مرمت ڪانه ٿي

نالو گرنار جي ردر دامر Rudra Dama ۽ سڪندا گپتا Skanda Gupta وارين پنهي لکتن ۾ موجود آهي، پر هيءَ اهم حقيقت ترجمي کان رهجي وئي. (٥١٣) هن مشهور جبل جو ذڪر سوراشٽريه جي راجڌانيءَ جي جاگرافيائي بيهڪ جي ڄڻ پڪ ڪرائي ڇڏي آهي ته اهو جهونا ڳڙهه يا ياون ڳڙهه ۾ هو، جيڪو بلڀيءَ کان ٨٧ ميل اولهه پاسي آهي ۽ شين سئنگ به گهٽ وڌ ساڳيو فاصلو ٻڌايو آهي. هن چيني ياتريءَ جو بيان آهي ته جبل گجگاهه ٻيلي سان ڍڪيو پيو آهي. سندس صاف تيل پاسي کان بي شمار ڪوٺيون ۽ وراندا نظر ايندا. سندس هيءُ ذڪر پوسٽنس جي بيان سان ساڳيائپ رکي ٿو (٥١٤) جنهن ١٨٣٨ع ۾ ڏٺو هو ته اتي ڪستاڦل Custardapple جا وڻ جام هئا ۽ جبل جي ڪڇ ۾ ڪرڇي ڪوٽي ڪوٺيون بنايون ويون هيون، جن کي ٽيڪ لاءِ همچورس قسم جا ٿلهه ڏنل هئا. مٿان ڇت تراڪڙي ڏسڻ ۾ پئي آئي ۽ تعمير سادي هئي. اپيٽ جي هن ياڱي ۾ مذڪوره علائقي کي اڃا به سورٺ جي نالي سڏيو ويندو آهي جيڪو ايراضيءَ ۾ تمام ننڍڙو آهي ۽ گجرات جي ڏهن ياڱن مان هڪ آهي. (٥١٥) اڪبر جي دور ۾ اپيٽ جي ڏاکڻين وڏي پاسي کي هن نالي سان سڏيو ويندو آهي، ابو الفضل جي بيان موجب جيڪو هڪ پاسي کان گهوگا بندر کان آراموراءِ Aramroy تائين ۽ ٻئي پاسي کان سيرڌر Sirdhar کان ڊيو Diu بندر تائين پکڙيل هو. (٥١٦) هن علائقي جو نالو ٽيري Terry (٥١٧) جي تصنيف ۾ محفوظ آهي،جنهن جي ڏنل معلومات کي جهانگير جي دربار ۾ به مڃتا ملي هئي. سندس بيان موجب سورٺ جو مکيه شهر جهونا ڳڙهه هو. علائقو تمام ننڍو هو پر شاهوڪار ڏاڍو هو. ڏکڻ پاسي کان سمنڊ هوس. سمجهڻ ۾ ائين اچي ٿو ته ان دور ۾ گجرات ۾ شامل ڪونه هو ڇاڪاڻ ته ٽيري جي بيان مان ئي ائين لڳي ٿو ته اهو گجرات کان الڳ هو.

ستينءَ صديءَ ۾ شين سئنگ جو بيان آهي ته سورٺ يا سوراشٽريه جو ڇوڏاري گهيرو ٤٠٠٠ لي يا ٦٦٧ ميل هو ۽ اولهه پاسي مو – هي Mo _ hi نديءَ جي ڪنار سان وڃي لڳندو هو. پاڻيءَ جي هن وهڪري کي مالوا جي ماهي Mahi ندي سمجهيو ويندو آهي،جيڪا ڪنبات جي نار ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي آهي. (٥١٨) اسان هن سڃاڻ کي صحيح سمجهون ٿا. هن بيان مان اسان کي اها ڄاڻ ملي ٿي

تہ شين سئنگ جي زماني ۾ سڄي اپبيٽ واري علائقي کي سورٺ سڏيو ويندو هو، جنهن ۾ خود بلڀي بہ شامل هوندو هو. هن ڳالهہ جي پنيرائي چيني ياتريءَ جي ڏنل ماپ مان بہ ٿئي ٿي. جيڪا هن اپبيٽ جي ڏکڻ - اولهہ واري پاسي يعني ڪڇ جي رڻ کان ڪنيات تائين ٻڌائي آهي. بلڀي توڙي جو تمام گهڻو مشهور هو پر پوءِ بہ ٦٤٠ع تائين ساري اپبيٽ کي سورٺ نالي سان سڏيو ويندو هو.

## ڀڙوچ يا باري گزا Bary gaza

ستينءَ صديءَ ۾ پو-لو- ڪي- چي- پو Po_ Lu _Kie _Che_ Po يا بارو ڪاچوا Barukachwa واري علائقي جو چوڌس گهيرو ٢٤٠٠ کان ٢٥٠٠ لي يا ٤٠٠ کان ٤١٧ ميل هو. ان جي راجڌاني نئہ - مو - ٿو Nai _ Mo _ Tho يا نربدا نديءَ جي ڪنار سان شمنڊ ويجهو قائم هئي. هن مليل معلومات مطابق ٿاڪ جي سڃاڻ سولي ٿي پئي آهي تہ اهو ناليرو ساموندي بندر ڀڙوچ آهي. سنسڪرت ۾ هن بندر کي ڀرگوڪڇ Bhirgu Kachha چيو ويندو آهي. آڳاٽي تحرير مطابق برهمڻن جي لکت ۾ هن کي ڀروڪڇ Bharu Kachha سڏيو ويو آهي، پر پوئين طرز وارو نمونو عام رواج هيٺ هو. ٽالمي ۽ پيريپيلس جي مصنف بہ اهو ساڳيو نالو لکيو آهي. شين سئنگ جي ٻڌايل چوڌس گهيري جي فاصلي مان هن علائقي جي سنڌي جو پتو پئجي سگهي ٿو تہ مذڪوره علائقو اتر ماهي نديءَ کان ڏکڻ دامان Daman تائين، اولهہ ڪنيات جي نار کان اوبر ساهيادري Sah-yadri جبلن تائين پکڙيل هو. شين سئنگ جي سفرنامي جي متن مطابق بلڀي ۽ ڀڙوچ ڏکڻ سوراشٽر اولهہ ۽ اڄين وچ هندستان ۾ آهي. مان سمجهان ٿو تہ سندس اهو بيان ڪجهہ منجهيل آهي. اهڙن خيالن جو اظهار سندس اولهہ هندستان سان لاڳاپيل احوال ۾ بہ ڪري آيو آهيان. بلڀي ۽ ڀڙوچ کي بہ مان اولهہ هندستان ۾ سمجهان ٿو ڇاڪاڻ تہ هي ايراضيون سوراشٽر جي وڏي علائقي جا ڀاڱا آهن. منهنجي هن خيال جي پيريپيلس جو بيان بہ پنيرائي ڪري ٿو. سندس بيان هن ريت آهي: ”باريگزا کان هيٺ ساموندي ڪنارو ڦري ڏکڻ طرف دکن آباديز Dakhinabadez ڏانهن وڃي ٿو، جنهن کي ڏيهي ماڻهو دکنوس Dakhanos (٥٢٠) چوندا آهن.“

# وچ هندستان

هن چيني ياتريءَ جي بيان موجب وچ هندستان وارو علائقو ستلج کان گنگا نديءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي مٿين پاسي تائين ۽ ٻئي پاسي کان هماليہ جبل کان نربدا ۽ مهاندي تائين پکڙيل آهي. هيءُ علائقو هندستان جي مشهور ۽ شاهوڪار ايراضين تي مشتمل آهي جنهن ۾ گنگا جي ڇوڙ واري يعني بنگال واري ايراضي شامل ڪانہ آهي. (٥٢١) ستين صديءَ ۾ هندستان ۾ ستر ملڪ هئا جن مان ستٿيهہ يعني اڌ کان وڌيڪ وچ هندستاني علائقي ۾ هئا. شين سئنگ اهي سيئي ايراضيون گهمي ڏٺيون هيون. سنڌس پيرن جي نشانن سان اولهہ کان اوڀر هلي سنڌس ڏنل هينئين شهرن جو بيان ڪندس:

| | |
|---|---|
| (١) ستانيسور | Sthaneswara |
| (٢) بئرات | Bairat |
| (٣) سروگهنا | Srughna |
| (٤) مداوار | Madawar |
| (٥) براهم پورا | Brahmpura |
| (٦) گوويسانا | Govisuna |
| (٧)آهي ڇتر | Ahichhatra |
| (٨) پيلوسان | Pilosana |
| (٩) سانڪيس | Sankisa |
| (١٠) متر | Mathura |
| (١١) قنوج | Kanoj |
| (١٢) ايوتو | Ayuto |
| (١٣) هيمڪا | Haymukha |
| (١٤) ڪوسمبي | Kosambi |
| (١٥) پرياگ | Prayag |
| (١٦) ڪوساپور | Kusapura |
| (١٧) وئساڪ | Vaisakha |
| (١٨) سراوستي | Sravasti |
| (١٩) ڪپل | Kapila |

| | |
|---|---|
| (٢٠) ڪسي نگر | Kusinagra |
| (٢١) ورانسي | Varanasi |
| (٢٢) يوڌا پتي پور | Yodhapatipura |
| (٢٣) وئسل | Vaisala |
| (٢٤) ويرجي | Virji |
| (٢٥) نيپال | Nepala |
| (٢٦) مگڌ | Magadha |
| (٢٧) هيرانيا پروت | Hiranya Parvata |
| (٢٨) چمپا | Champa |
| (٢٩) ڪانجول | Kanjol |
| (٣٠) پاؤنڊرا ورڌان | Paundra Vardhana |
| (٣١) ججهوتي | Jajhoti |
| (٣٢) مهيش وار پور | Maheshwara pura |
| (٣٣) اجين | Ujain |
| (٣٤) مالوا | Malawa |
| (٣٥) ڪيڊا يا ڪيئرا | Kheda or Khaira |
| (٣٦) آنند پور | Ananda Pura |
| (٣٧) ودري يا ايدر | Vadari or Eder |

# استانيسور

ستين صديءَ ۾ سا - تا - ني - شي - فـــا - لو يا استانيسورجو شهر پنهنجي ملڪ جي راڄڌاني هو جنهن جو چوڌس گهيرو ٧٠٠٠ لي يا ١١٦٧ ميل هو. ملڪ جي راجا جو نالو ڪونہ ڏنو ويو آهي پر اهو ٻڌايو ويو آهي تہ قنوج جو راجا هرش ورڌان Harsha Vardhana جو ڏن پرو هو، جيڪو ان دور جو وچ هندستان واري علائقي جو ناليرو راجا هو. شين سئنگ سندس ملڪ جي پڪيڙ تمام گهٽي ٻڌائي آهي، تنهن مان سمجهان ٿو تہ ستلج کان وٺي گنگا[٢٢] تائين پکڙيل هوندو. سندس ملڪ جو اتريون حصو سنڌ ستلج جي هري - ڪي - پتڻ کان سڌو گنگا وٽ مظفر نگر ماڳ تائين هوندو. دنگ ڪجهہ ڏنگو ڦڏو هوندو جيڪو ستلج تي پاڪ پتڻ کان شروع ٿي پتنير Bhatner ۽ نار نول Narnol کان ٿيندو گنگا ويجهو انوپ شهر

Anupshahar تي وجي ڪتندو هو. مٿي بيان ڪيل گهيري مطابق ڪل فاصلو ۹۰۰ ميل ٿئي ٿو جيڪو چيني ياتريءَ طرفان ڏنل ماپ کان اٽڪل چوٿون حصو گهٽ آهي. پوري ويساهه سان چئي سگهجي ٿو ته ملڪن جي ڊنگ جون اهڙيون ماپون وڌائي ٻڌايون ويون آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته فاصلو انومان ڪري ٻڌايو ويندو هو. ٻيو ته ڏيهي ماڻهن کي پنهنجي ملڪ جي حدن جي فاصلي وڌائڻ جي به عادت هوندي آهي. ان کانسواءِ شين سئنگ جي جاچ ۾ به ڪجهه ڪوتاهي آهي جيڪو وچ هندستان جي ستيهه علائقن مان هر هڪ کي جدا ملڪ ٻڌائي ٿو. نه ته حقيقت اها هوندي ته ننڍيون رياستون وڏن ملڪن سان شامل هونديون. تنهن ڪري وسپهان ٿو ته گوويسانا ۽ آهي ڇاترا جون رياستون بلڪل ننڍڙيون هونديون ۽ مدوار ملڪ سان شامل هونديون. اهڙيءَ ريت ويساکا ۽ ڪوسا پور يا گنگا دو آبي وارا ننڍڙا ملڪ جهڙوڪ آيوتو، هيامُکا، ڪوسمبي ۽ پرياگ قنوج جي حدن ۾ شامل هجڻ گهرجن. ڪسي نگر، ڪاپيلا جو وڏيري ۽ ڪيدا مالوا جو اٿوت انگ هجڻ گهرجن. ڪيترن ئي مثالن ۾ وري ائين به ڏٺو ويو آهي ته سؤ جي جاءِ تي هزار لکيو ويو آهي. مان هيءَ اشارو گنگا دوآبي جي هينئين علاقي جي ننڍن ملڪن ڏانهن ڏئي رهيو آهيان. پرياگ يا الهه آباد جو گهيرو ۵۰۰۰ لي يا ۸۳۳ ميل ٻڌايو ويو آهي ۽ ڪوسبي جو گهيرو وري ۶۰۰۰ لي يا هڪ هزار ميل آهي، جيڪو الهه آباد کان فقط ٽيهه ميل پري آهي. هنن ٻنهي مثالن ۾ موجود فاصلي جو انگ گهٽائي هڪ جو فقط ۵۰۰ لي يا ۸۳ ميل ٻئي جو ۶۰۰ يا ۱۰۰ ميل ٻيهاريان ٿو ۽ هيءَ ماپ ئي هنن ننڍڙن علائقن جي گهيري سان ٺهڪي بيهندي. مون کي پڪ آهي ته اهي ننڍڙا علائقا ڏنل ماپ کان هرگز وڏيڪ ڪونه هوندا، ڇاڪاڻ ته سندن چوڌاري مشهور ۽ سگهارن ملڪن جون سرحدون هيون. هنن ٿورين ٽڪين غلطين کان سواءِ شين سئنگ جون ڏنل ماپون عام طور صحيح آهن.

استانيسور يا ٿانيسر Thanesar جو شهر ۽ قلعي جو ڦٽي جي چوٽي ٻارهن سؤ فوٽ همچورس ٿيندي. پوئين دور سان لاڳاپيل شهر اوير پاسي هڪ دڙي تي اڏيل آهي. بابري Babari نالي ٻيو شهر وري اولهه پاسي ٻئي دڙي تي ڏسڻ ۾ ايندو. هنن شهرن جي گڏيل اولهه کان اوير ڊيگهه هڪ ميل ۽ ويڪر به هزار فوٽ ٿيندي. ٽنهي شهرن جو

ڪل گهيرو ۰۰. ۱۴ فوٽ يا پوڻي ٽن ميلن کان گهٽ آهي جيڪو شين سئنگ جي ٻڌايل ماپ ويهه لي يا ساڍن ٽن ميلن جي لڳ ڀڳ آهي، پر ڊنل جڳهن جي ڪريل سرن جي پکيڙ ۽ ماڻهن جي ٻڌايل روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته مسلمانن جي حملي کان اڳ موجوده شهر ۾ نظر ايندڙ وڏي وٿي ۽ دارا Darra نالي ڍنڍ به ان جي ايراضيءَ ۾ شامل هوندي هئي. جيڪڏهن اصليءَ شهر جي ايراضيءَ کي ڏسبو ته ان جيءَ هر پاسي کان ماپ هڪ ميل جي لڳ ڀڳ ٿيندي، جنهن مطابق شهر جو چوڌس گهيرو وڌ گهٽ چار ميل وڃي بيهندو جيڪو چيني ياترئ جي بيان ڪيل ماپ کان ٿورو وڌيڪ آهي. روايتن مطابق هن قلعي جي تعمير دليپ نالي هڪ راجا ڪرائي هئي، جيڪو پاندون کان پنج پيڙهيون اڳي ۽ ڪورو ڦري مان هو. اهو به چيو ويندو آهي ته هن قلعي کي ۵۲ برج هئا. جن مان ڪجهه اڃا به سلامت آهن. اولهه پاسي کان ڪچو قلعو اٿس، جنهن جي رستي کان مٽي اوچائي سٺ فوٽ کن ٿيندي، پر قلعي جي اندرين پاسي اها پٽ چاليهه فوٽ اتاهين هوندي. سارو ڍڙو وڏين سرن جي ٽوٽن سان سٿيو پيو آهي. ٽن ڪوهن جي موجودگيءَ کان سواءِ ٻي ڪا به قديم شيءِ هتي ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي.

ٿانيسر يا استانيسور، استانا اسوار Aswara يا مهاديو جي رسڻ جي جاءِ مان يا استانا ۽ اسوار جي مرڪب يا استان ۽ سر مان ورتي وئي ٿي پائنجي ۽ سر جي معنيٰ ڍنڍ آهي. هندستان ۾ هيءُ شهر تمام آڳاٽي جڳهه سان لاڳاپو رکي ٿو ۽ گهڻو مشهور به آهي، پر هن شهر جي نالي سان ويساه جوڳي پهرين لکيل معلومات شين سئنگ ڏني آهي، جيڪا ٦٣٤ع سان واسطو رکي ٿي. ممڪن آهي ته ٽالمي به سندن بتن ڪئسار Batan Kaisara جي نالي سان هن شهر جو ئي ذڪر ڪيو هجي. ٿي سگهي ٿو ته هن شهر جو ذڪر ساٿن ائسارا Satanauisara جي نالي سان ڪيو ويو هجي، ڇاڪاڻ ته هي لفظ سنسڪرت جي لفظ استانيسوار جي ويجهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر هي ماڳ مهاديو جي مندر ڪري نه پر پاندون جي تاريخ جي ناتي سان گهڻو مشهور آهي، ڇاڪاڻ ته مهاديو جي پوڄا، مها ڀارت جي جهونجهارن واري دور کان گهڻو پوئين زماني سان واسطو رکي ٿي. ٿانيسر جي چوڌس سرسوتي ۽ دريشدو جي درياهن وچ تي موجود علائقي کي ڪورو ڪشيترا Kuru Kshetra نالي سڏيو ويندو آهي

يعني ڪورو جو علائقو. چيو ويندو آهي ته هن سنياسي ٿانيسر شهر جي ڏکڻ پاسي موجود ڍنڍ جي ڪناري تي ويهي ڪيترا سال تپسيا ڪئي هئي. هندو ڌرم ۾ هن ڍنڍ کي پاڪ پوتر سمجهيو ويندو آهي. مذڪوره ڍنڍ کي وايو - سر Vayava -Sar ۽ پون سر - Pavan-Sar به سڏيو ويو ٿو. پهريون بيان ڪيل نالو هڪ برهمڻ تان پيو اٿس، جيڪو هن ڍنڍ جي ڪناري تي ويهي پوڄا پاٺ ڪندو هو ۽ گهڻو ٻل چاڙهيندو هو. ٻيو نالو پرسو - رام paraso _ ram جي نالي پٺيان پيو اٿس، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن ان جاءِ تي ڪشترين Khatriyan جو رت وهايو هو. اهو به چيو ويندو آهي ته پوبان ٻئي نالا مٿس واءَ جي ديوتا جي نالي پيا آهن، ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪورو بيراڳي ٿي هتي اچي تپسيا ڪئي هئي ته ڍنڍ جي پاڻيءَ تي هيانءَ ٺار ٿڌڙي هير پئي گهلندي هئي. هيءَ ڍنڍ ياترين لاءِ هڪ وڏو تيرٿ بڻيل آهي، پر هن ڍنڍ جي چوڌاري هڪ وسيع علائقي ۾ ڪورون ۽ پاندون ۽ ٻين قديم جهونجهارن سان لاڳاپيل ڪيترا پوتر آستان آهن، تنهن ڪري هن علائقي کي مهان سمجهيو ويندو آهي. عام اعتقاد اهو آهي ته تيرٿ جا اهڙا پوتر آستان ٣٦٠ آهن. پر ڪورو ڪشترا مهاتما Kuru Kshetra Mahatma واري پنوتري List ۾ انگ رڳو ١٨٠ آهي، جن مان اڌ يا ٩٠ تيرٿ اتر پاسي سرحد تي درياهه جي ڪناري ڏسڻ ۾ ايندا. هن فهرست ۾ تيرٿ جا ڪيترا اهم آستان نظر ڪونه ٿا اچن. جهڙوڪ: پندري Pundri ۽ ناگا هردا، باستلي Basthali ۾ وياساستلا Vyasasthala، بالو Balu ۾ پاراسر تيرٿ ۽ نرانا Narana، پرسا ساگا Sagga ۾ وشنو تيرٿ وغيره. منهنجو ويچار آهي ته تيرٿن جو جيڪو انگ ٣٦٠ ٻڌايو ويو آهي سو شايد وڌايل هجي.

چڪر Chakra يا ڪورو ڪشيتر واري علائقي کي ڌرم ڪشيتر وارو علائقو به سڏيو ويندو آهي، يعني پاڪ علائقو، جنهن کي شين سئنگ چمپ دو بونهيور Champ du bonheur سڏيو آهي. سندس زماني ۾ تيرٿن سان لاڳاپيل اهو علائقو به سؤ لي تي مشتمل هوندو هو، (٥٢٣) جنهن کي هو ٤٠ لي في هندستاني يوجنا موجب ٤ ڪوه فاصلو سمجهي ٿو. فاصلي جي عام ماپ موجب اهو پنڌ ويهه ڪوه ٿيندو. اڪبر جي دور ۾ هن علائقي کي وڏائي چاليهه ڪوهه بنايو

ويو هو. (٥٢٤) جڏهن مان اتي ويو هوس ته موجوده علائقو ٤٠ ڪوهن ۾ پکڙيل هو. ان علائقي جي عام مشهور پکيڙ ته ٤٠ ڪوهه هئي، پر مسٽر بؤرنگ Mr.Bowring ان کي باقاعدي ڪچي ماپي ڏنو هو ته اهو واقعي ٤٠ ڪوهه هو. شين سئنگ جنهن علائقي جو ذڪر ڪيو آهي سو ست يا اٺ ميل في يوجنا Yojana جي حساب سان ٣٥ يا ٤٠ ميل مس هوندو. پر ابوالفضل جنهن علائقي جو ذڪر ڪيو آهي سو ڏيڍ بادشاهي ميل في ڪوه جي حساب سان ١٥٣ ميلن کان گهٽ ڪونه ٿيندو. سر هينري اليٽ اڍائي بادشاهي ميل في ڪوهه ۾ سمجهي ٿو. ان حساب سان اهو علائقو هڪ سئو ميل کان به وڌي ويندو. ائهن مختلف انگن اکرن کي هڪ ساريڪو بنائڻ لاءِ چيني ياتريءَ جي بيان واري فاصلي کي بدلائي چار سؤ لي يا ڏهه يوجنا ڪرڻو پوندو جيڪو چاليهه ڪوه يا اسي ميلن جي برابر ٿيندو. ابوالفضل جا لکيل چاليهه ڪوهه هندستاني به ميل في ڪوهه جي حساب سان ٻڌا ويا آهن. مان چيني ياتريءَ جي ڏنل انگن اکرن ۾ ڦير گهير ڪري پاڻ کي مطمئن سمجهان ٿو، ڇو جو هن جي ڪري ڪيترا تيرٿ جهڙوڪ: سرسوتي جي ڪناري سان پريٿودڪ Prithudaka يا پيهوئا Pehoa ڪئوسيڪي وارو سنگم Kausiki Sangam يا ڪئوسيڪي ۽ دريشدوتي جي سنگم وارو آستان، پر خود دريشدوتي مذڪوره علائقي کان ٻاهر نڪري وئي هئي. ومان پراڻ Vamana Purana جو بيان آهي ته ان مقدس علائقي اندر هئي.

درگ - ڪشيتري، ڪورو ڪشيتري، سترنتا يائر

Drigh -Kshetre, kuru -Kshetri, Satrauta yire

نديا ستاير، دريشدوته، پنيايا، سچيروڌ، ساه

Nudyistire Drishadvatah Punyayah Suchirodhasah

جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي ته "اهي پوتر ندي دريشدوتي جي ڪناري ڪروڪيتر جي پوتر ڪيتر ۾ سترنتا جو وڏو ٻلوان ڏين ٿا، چاڪاڻ ته سندس ڪِنُ ڏاڍا وٽندڙ آهن." هن نديءَ جو مهاڀارت جي وانا پروا Vana parva واري اڌياءَ ۾ به ذڪر ملندو، جنهن ۾ ٻڌايل آهي ته هيءَ ندي ان پوتر ڪيتر جو ڏاکڻيون سنڌو آهي. (٥٢٥)

دڪشينينا سر سوتيا دريشدوتي اترينا - چا

Dakhshinena Sarasvatya Dirshadvaty uttarena cha

يہ وسنتي ڪورو ڪشيتري تي وسنتي تريوشتاپي

ye vasanti kuru kshetre te vasanti trirahtape

معنيٰ: ”جيڪي سرسوتي کان ڏکڻ ۽ دريشدوتي کان اتر وسن رسن ٿا سي ڄڻ تہ سرڳ ۾ آهن.“ هنن بيانن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ شين سئنگ جي زماني ۾ مذڪوره مقدس علائقو دريشدوتي تائين پکڙيل هو،تنهن ڪري هن علائقي جي سنڌس ٻڌايل پکيڙ ٢٠٠ لي يا ٢٠ ڪوهہ بلڪل غلط آهي.

مهاڀارت جي هڪ ٻئي شلوڪ ۾ هن مقدس علائقي جي حدن بابت اڃا بہ وڌيڪ چٽو بيان موجود آهي. (٥٢٦)

تدرتنوڪا ارتنو ڪيور ياد نترم رام مردنان - چا،
ياچا ڪنو ڪاسيا - چا، انت ڪورو ڪشيترا سمانتا
پنجڪم پتامہ سويترا ويديرو چياتي

”اهو علائقو جيڪوم رتنوڪا، ارتنوڪا، رام هردا ۽ ياچا ڪنوڪا جي وچ تي آهي تنهن کي ڪورو ڪشيترا، سمانتا پنچڪا ۽ پتامہ جو اتر ويدي (يا براهما) وارو علائقو سڏيو ويندو آهي. هتي جيڪو صفا پويون لفظ برهما ويدي آهي تنهن جو مطلب برهما ورت آهي. اسان کي اهڙي ٻي شاهدي منو Manu جي شاستر ۾ بہ موجود ملندي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ان مقدس علائقي جي پکيڙ دريشدوتيءَ تائين هوندي هئي: (٥٢٧)

سرسوتي دريشدوتيور ديوا نديوريا دنترم، تنديوا نير ميترم
ديسان برهما ورتان پراچا ڪشتي

سرسوتي ۽ دريسدوتيءَ جي وچ واري کيتر کي برهما ورت چيو ويندو آهي ۽ اهو علائقو ديوتائن بنايو آهي.

ڪورو ڪشيترا واري وڏي ڍنڍ پنهنجي شڪل صورت ۾ بيضوي آهي. اوير کان اولهہ سنڌس ڊيگهہ ٣٥٤٦ فوٽ ۽ ويڪر ١٩٠٠ فوٽ کن ٿيندي. ابوريحان ان جو ذڪر ڪيو آهي. (٥٢٨) ورها مهرا Vrha Mihira جي حوالي سان سنڌس بيان آهي تہ چنڊ گرهڻ وقت ٻين ڍنڍن جو پاڻي اچي ٿانيسر جي هن ڍنڍ ۾ پوندو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو چنڊ گرهڻ وقت هن ڍنڍ ۾ سنان ڪندو تہ ان وقت ٻين ڍنڍن ۾ سنان جي ڀيٽ ۾ ڪيس گهڻو اجرحاصل ٿيندو.

ورها مهرا جو هيءَ خيال اسان کي ٥٠٠ع واري ان دور ڏانهن

جي بنهـــ ويجهـــو آهي. سن ٦٣۴ع ۾ ايڏا هڏا چيني ياتريءَ کي بہ ڏيکاريا ويا هئـا، جنهن جو چوڻ آهي تہ اهي هڏا تمام ڏگـهـا آهن. (۵۳۰) جڏهن مان مذڪوره هڏن جي پڇا ڳاڇا ڪئي تہ مون کي اهڙي معلومـات ملي ڪانہ سگهي، پر ان مـيدان ۾ آسـتي پور يا هڏن واري جاءِ اڃا بہ ظاهر آهي، جيـڪـا شـهـر جي اولهہ ۾ ۽ آئوجس - گـهـاٽ Aujas -Ghat ويجهو آهي.

## پيهوئا يا پرٿوداڪ

## Pehoa, or Prithudak

پيهوئا جو قديم شـهـر ٿانيسر کان ١۴ مـيل اولهہ سرسـوتي نديءَ جي ڪنار سان آباد آهي. هن ٿاڪ تي اهو نالو پرٿو چڪر ورتي Prithu- chakra -vartti ڪري پيو آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هو پهريون ماٺهو آهي جيڪو راجا بنيو هو. (۵۳۱) وشنو پراڻ جي قصي موجب جڏهن هو ڄائو هو تہ هن سنسار جي هر ساهہ واريءَ شيءِ خوشيون ملهايون هيون، ڇاڪاڻ تہ هن سنسـار ۾ جيـڪي وڳوڙ ۽ ڏڪـيـڙ ۽ انيـاءَ ابراڙ هئـا،هو تن جون پاڙون پٽڻ آيو هو. سـاڳي پراڻ ۾ هڪ ڳالهہ اها آهي تہ راجا وينا Vena کي ڪوڙهہ ٿي پيو هو. پر سرسوتي ۾ وهنجڻ سـان چڱو ڀلو ٿي ويو هو. جڏهن هن راجا پرلوڪ پڌاريو تہ سندس پرٿـو ان جي ڪريا ڪرم جو بندوبست ڪيـو. اڳني سنسـڪـار ڪرڻ ڪـان پوءِ ٻارهن ڏينهن تائين سـرسـوتيءَ جي ڪناري تي ويهي هر اينڌڙ ويندڙ کي پنهنجي هٿ سان پاڻي پيـاريندو رهيـو، تنهن ڪري ان ماڳ تي پرٿـو داڪ جو نالو پئجي ويو ۽ داڪ يا اداڪ Udaka جي معنيٰ آهي پاڻي. ٿـوري وقت کـان پوءِ هن راجا اتي شـهـر تعـمـيـر ڪرايو،جنهن تي بہ نالو پرٿـو داڪ پئجي ويو. پرٿـو داڪ وارو تيرٿ ڪورو ڪشيترا مهاتـميا ۾ اهميت رکي ٿو ۽ اڃا بہ ان جي ياترا ڪئي ويندي آهي.

## آمين Amin

ٿـانيسـر کـان ڏکڻ، ڏکڻ - اوير پنج مـيل هڪ وڏو دڙو آهي، جنهن کي آمين جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن بابت برهمڻن جو چوڻ آهي تہ آڀيمنيو کيرا Abhimanyu Khera جي نندي شـڪل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، آڀيمنيو جو دڙو جيڪو ارجن جي پٽ جو

نالو آهي. هن ماڳ جو هڪ ٻيو نالو چڪراڀيو Chakrabhyu به آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”قطارن ۾ بيٺل فوج“ چاڪاڻ ته آخري جنگ کان اڳ ۾ هن ٿاڪ تي پانڊون ڪورون خلاف پنهنجي فوج گڏ ڪئي هئي. هن جاءِ تي جئدرٿ آڀيمينون کي نگهوسار ڪيو هو ۽ ٻئي ڏينهن وري ارجن جئدرٿ کي قتل ڪري ڇڏيو. اهو به چيو ويندو آهي ته هتي آڏيتي Aditi ويهي پٽ ڄمڻ لاءِ تپسيا ڪئي هئي ۽ پوءِ سوريه نالي ڪيس هڪ پٽ ڄائو هو. مذڪوره دڙي جي اتر کان ڏکڻ ڊيگهه ٢٠٠٠ فوٽ ويڪر ٨٠٠٠ فوٽ ۽ اوچائي ٢٥ کان ٣٠ فوٽ آهي. دڙي جي چوٽيءَ تي آمين نالي هڪ ڳوٺ آهي جنهن ۾ گوئر Gaur جاتيءَ جا برهمڻ رهندا آهن. هتي آڏيتي Aditi ۽ اوير پاسي سوريه ڪُنڊ Suryya Kund نالي هڪ ٿاڪ به آهي، جتي سوريه ڄائو هو. سوريه مندر وري اولهه پاسي آهي. پٽ جون سوالي عورتون آچر ڏينهن آڏيت مندر جي ياترا لاءِ وينديون آهن ۽ ان کان پوءِ سورج ڪنڊ وٽ سنان ڪنديون آهن.

## ٻئرات

شين سئنگ جي بيان موجب هي ٿاڪ پو - لي - يي- تو - لو Po _ Li _ ye _ To _ Lo نالي هڪ راڄڌاني هو. ايم ريناڊ هن کي پارياترا Paryatra يا ٻئرات سمجهي ٿو جيڪو ٥٠٠ لي يا ٨٣ ميل مترا کان اولهه ۽ شي - تو -تو - لو She _ To _ To _ Lo (٥٣٢) يا ستادرو يا ستلج واري ملڪ کان ٨٠٠ لي يا ١٣٤ ميل کان ٿورو گهٽ ڏکڻ پاسي هو. مترا کان ٻڌايل فاصلي ۽ طرف مان چٽيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو ته اهو ماڳ ٻئرات آهي، جيڪو شين سئنگ جي بيان موجب متسيا Matsya جي قديم راڄڌاني هو، توڙي جو اهو ماڳ چيني ياتريءَ جي بيان جي برخلاف ڪولو Kullu کان هڪ سؤ ميل کان به وڌيڪ ڏکڻ پاسي آهي، پر مان ستادرو ۽ اتر هندستان جي ٻيهڪ وچ ۾ اهڙي فرق جي اڳي ئي وضاحت ڪري آيو آهيان.

ابوريحان محمود غزنويءَ جو سهيوڳي هو. هو ٻڌائي ٿو ته ڪرزات Karzat جي راڄڌاني نرانا Narana مترا کان ٤٨ فرسنگ اولهه پاسي هئي. (٥٣٣) جيڪڏهن ساڍا ٣ ميل في فرسنگ جي حساب سان ليکو ڪبو ته ڪل فاصلو ٩٨ ميل ٿئي ٿو، جيڪو شين

سنگ جي ڀڙايل پنڊ کان ١۴ ميل وڏيڪ آهي. مختلف مسلمان مؤرخن جي بيانن مان پتو پوي ٿو ته ڪرزات Karzat جي راڄڌاني نرانا ۽ ٻئرات جي راڄڌاني نرايانا ۾ ڪو به فرق ڪونه آهي ۽ مٿرا کان مذڪوره ماڳ جي فاصلي جو فرق گهٽي اهميت ڪونه ٿو رکي. ابوريحان جي بيان موجب نران يا بزان Bazana کي مسلمان نارائڻ Narayan سڏيندا هئا. جيڪو اڄ به نارائڻ پور جي روپ ۾ ٻئرات کان ڏهه ميل اتر - اوڀر طرف موجود آهي. هو قنوج کان نران Narana ڏانهن وڃڻ لاءِ به ڏار ڏار سڙڪون ٻڌائي ٿو. هڪ مٿرا کان ٿيندي اتي پهچي ٿي جيڪا ڊيگهه ۾ ٥٦ فرسنگ يا ١٦٦ ميل آهي. ٻي سڙڪ جمنا جو ڏکڻ ڏئي اتي پهچندي آهي، جيڪا ٨٨ فرسنگ يا ٣٠٨ ميل ڊگهي ٿيندي. (٥٣۴) مٿي بيان ڪيل پوئين سڙڪ سان هي منزلون آهن: پهرين منزل ١٨ فرسنگ يا ٦٣ ميل، ٻي منزل سڪينا Sakina ١٧ فرسنگ يا ساڍا ٥٩ ميل، ٽين منزل جندر Jandar ١٨ فرسنگ يا ٦٣ ميل، چوٿين منزل راجوڙي Rajauri ١٥ يا ١٧ فرسنگ يا ۴٥ يا ساڍا ٥٩ ميل، پنجين منزل بزان يا نران ٢٠ فرسنگ يا ٧٠ ميل. پهرين منزل جو ته خاص طور ذڪر ڪيو ويو آهي ته اها قنوج کان ڏکڻ - اولهه پاسي آهي، جنهن کي هڪ دم ئي سڃاڻي سگهجي ٿو ته اهو ٿاڪ جمنائي آسي گهاٽ آهي، جيڪو ٦ ميل ايٽاوا Eatwa کان ڏکڻ ۽ قنوج کان ٦٣ ميل ڏکڻ - اولهه پاسي آهي. ٻيءَ منزل جو نالو سهينا Sahina آهي پر اتفاقي طور نقطن جي اچي وڃڻ ڪري لفظ جُي هجي بدلجي وئي آهي. مون کي سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته اها منزل سهَينا Sahina آهي جيڪو مشهور وڏي ۽ قديم شهر جو نالو آهي، پر هاڻي ڪنڊر لڳو پيو آهي. هي ماڳ گواليار کان ٢٥ ميل اتر طرف ٿيندو. آسي گهاٽ کان سندس فاصلو ٥٦ ميل آهي. ٽينءَ منزل جو نالو ايم - ريناڊ مطابق جندرا ۽ سر هينري اليٽ موجب چندرا Chandra آهي، پر مان چندران بدران حندون Hindon جي پڙهڻي صحيح سمجهان ٿو. ان جو سهانيا Suhaniya کان چمبل دريا تي ڪتري گهاٽ Kheatri ghat رستي فاصلو ٧٠ ميل ٿيندو. چوٿين منزل جو نالو راجوڙي Ra-jori آهي ۽ ان جو اڄا به ساڳيو نالو هلندو اچي، جيڪا ماچيري Macheri کان ١٢ ميل ڏکڻ - اولهه ۽ حندون کان ٥٠ ميل اتر - اولهه طرف آهي. اتان کان نارائڻ پور ۽ ٻئرات ڏانهن ويندڙ رستو الوار

Alwar يا ماچيري وارين ٽڪرين مان لنگهندو آهي، تنهن ڪري صحيح فاصلي جو پتو پئجي ڪونہ سگهندو آهي. لٿوگراف تي ڇاپيل نقشي جي ماپ في انچ اٺ ميل ڏني وئي آهي. ان حساب موجب جيڪڏهن ليڪو ڪجي ٿو تہ فاصلو ٦٠ ميل بيهي ٿو جيڪو ابوريحان جي ٻڌايل فاصلي ٢٠ فرسنگن يا ٧٠ ميل جي ويجهو ٿئي ٿو.

ابوريحان ٻيءَ سٽڪ مطابق پنڌ هن ريت بيان ڪري ٿو تہ نران، ميواڙ واري چتور کان ٢٥ فرسنگ اتر، ملتان کان ٥٠ فرسنگ اوڀر، ۽ انهلواڙ کان ٦٠ فرسنگ اتر - اوڀر طرف آهي. (٥٣٥) هن بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻئرات کان هنن ماڳن جي بيهڪ تہ ٺيڪ آهي پر اڌ کان گهٽ ماڳن جو فاصلو ڄڻ گهٽو گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور نران ۽ چتور جي وچ وارو ٢٥ فرسنگ فاصلو ٻڌايو ويو آهي، تنهن کي مان ٦٥ فرسنگ سمجهان ٿو، جيڪو ٢٢٧ ميل ٿيندو. ڪوارٽر ماسٽر جرنل Quarter master general جي ڪرايل ماپ مطابق بہ اهو فاصلو بہ سؤ سادا سترهن ميل بيهي ٿو. رشيد الدين پنهنجي تاريخ ۾ ابوريحان جو اقتباس شامل ڪيو آهي، پر ان مان چتور واري فاصلي کي ڪڍي ڇڏيو اٿائين، ان جو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو تہ تاريخ هند ۾ کي ڳالهيون ڇڏجي ويون هونديون يا اڻ چٽيون ۽ منجهيل هونديون. ملتان کان نران جو فاصلو ٥٠ فرسنگ ٻڌايو ويو آهي، جيڪو صحيح نہ آهي، پر ان کي درگذر ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ وارياسي رڻ پٽ وچان فوج جو لنگهي وڃڻ تمام ڏکيو هو، تنهن ڪري فاصلي جو اندازو ڪيو ويو هوندو. انهلواڙ ۽ چتور جي وچ ۾ ٦٠ فرسنگ فاصلو ٻڌايو ويو آهي جيڪو انهلواڙ ۽ ٻئرات جي وچ تي هڪ ماڳ آهي، مان ان بابت سمجهاڻي ڏيندس. هنن مختلف رستن جي پيٽ مان مون کي بزان يا نران سڃاڻڻ ۾ تر جيترو بہ شڪ ڪونہ رهيو آهي تہ اهو ماڳ ڪرزات يا گجرات ۽ نارائڻ پور ٻئرات يا وئرات Vairat جو راڄ گاديءَ وارو شهر هو. فرشتہ ۾ بيان ڪيل پويون نالو قبرات Kibrat جي هجي ۾ لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڊؤ Dow قيرات Kairat برجس Briggs وري مسلمانن جي ويرات Virat وئرات Vairat ٻنهي جي هڪ غلط هجي ٻئرات ڏني آهي.

ويراٽ Virat متيسا جي راڄڌاني هوندو هو. هندو ڏندڪٿا موجب هي اهو ماڳ آهي جتي دهليءَ يا اندرا پراستا -Indra pras

tha مان نڪرڻ ڪان پوءِ پانڊو اچي ٻارهن ورهيہ ٽڪيا هيا. ان جوءِ جا ماڻهو بہ جوڌا ۽ جهونجهار هوندا هئا. منوشاستر ۾ هيءَ هدايت ڏني وئي آهي تہ: "فوج جي مهڙ ۾ اندر پراستا پرسان ڪورو ڪشيترا جي جوءِ جا جوڌا رکيا وڃن يا متيسا يا ويرات، پنچالا Panchala، ڪانيا ڪبجا Kanya Kubja يا مترا جي علائقي سوراسينا Su-rasena جا ماڻهو رکيا وڃن. (٥٣٦) هن شهر جي اتر ۾ هڪ ميل جي فاصلي تي هڪ ننڍڙي ٽڪري آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ ان جي چوٽيءَ تي ڀيم پانڊو رهندو هو. ان ٽڪريءَ ۾ سادي سڌي قسم جا بيشماربلور ن جا دوڳلانظر ايندا، جيڪي ٻاهرئين پاسي کان مينهن پوڻ ڪري گسي گول ٿي ويا آهن. اهي وڏا دوڳلا پٿر قدرتي طور پاڻ ڦاٽي پيا آهن ۽ اتي رهڻ جوڳيون جايون ٺڄي پيون آهن. اهڙين جاين مان هڪ جڳهہ ڀيم گفا بہ آهي، جيڪا اهڙي ٿلهي پٿر اندر آهي جنهن جو قطر ٦٠ فوٽ ۽ اوچائي ١٥ فوٽ آهي. پٿيون بہ سنهيون سڌيون هڪ ڪريون نہ پر ڏمر ڏمر آهن، ساڳئي قسم جون پر ٿوريون سوڙهيون ڪوٺيون ڀيم جي ڀائرن جون بہ آهن. اتي ڪي برهمڻ بہ رهندا هئا ۽ اتي ڀيٽا طور ايندڙ ٿورين گهٽين شين تي پيا ڏکيو سکيو پيٽ گذر ڪندا هئا، پر سندن جسم جان مان ثابت ٿيندو آهي تہ سندن اهڙو بيان سمورو ڪوڙ آهي. ڀيم جي گفا کان هيٺ ننڍڙي ڪڏ آهي، جنهن جي چوڏاري ننڍڙي پٽ ڏني وئي آهي. مينهن وسندو آهي تہ اها ڪڏ پاڻيءَ سان پرجي ويندي آهي جيڪا ١٥ فوٽ ڊگهي، ٥ فوٽ ويڪري ۽ ١٠ فوٽ اونهي آهي. آءٌ جڏهن ١٠ نومبر تي اتي پهتس تہ اها سڪل هئي.

بئرات جو موجوده شهر هڪ گول شڪل جي ماٿريءَ جي وچ تي آهي ۽ چوڌاري ڳاڙهي رنگ جون خشڪ ٽڪريون اٿس، جيڪي گهٽي وقت کان وني ٽامي جي کاڻين ڪري مشهور آهن. هي ماڳ دهليءَ کان ١٠٥ ميل ڏکڻ - اولهہ ۽ جئپور کان ٤٠ ميل اتر طرف ٿيندو. هن ماٿريءَ ڏانهن ويندڙ مڪيہ لنگهہ پاڻيءَ جي هڪ ننڍي وهڪري سان آهي جنهن جو پاڻي وهي وڃي بان گنگا Ban Ganga ۾ چوڙ ڪندو آهي. هن ماٿريءَ جو قطر اڍائي ميل ۽ گهيروساڍا ست يا اٺ ميل ڪن ٿيندو. زمين پلي آهي،خاص طور تي لئي جو وڻ تہ تمام گهڻو ٿيندو آهي. بئرات جو شهر هڪ دڙي تي اڏيل آهي، جنهن جي ڊيگهہ هڪ ميل ۽ ويڪر اڌ ميل ۽ گهيرو اڍائي ميل ڪن ٿيندو. موجوده

شهر ان جي چوٿين پتيءَ جيترو به مس ٿيندو. چوڌس سڄي جوءِ نڪرائي سان ڍڪيل ۽ ٽامي جي ٺهيل شين جي ڀڳ سان پريل ڏسبي. هونءَ به ساريءَ ماٿريءَ جو ڏيک ٽامي جي رنگ جهڙو ڳاڙهو پيو پائنيو آهي. قديم شهر ٻرات نگر جي نالي سان مشهور هوندو هو، جيڪو ڪيتريون صديون اڳ اجڙي ڦٽي ويو. پر ٽي سؤ سال کن ٿيندا جو ماڻهو وري جهڳا جوڙي اچي وينا هئا. امڪان آهي ته اڪبر واري خوشحال دور ۾ اهو قديم شهر ٻيهر آباد ٿيو آهي. ڇاڪاڻ ته ابو الفضل آئين اڪبريءَ ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي ته منجهس ٽامي جون کاڻيون آهن جن مان گهڻي اپت ٿيندي آهي. هن ماڳ جي اڌ ميل کن اوير پاسي پيا به ڪيترا ئي وڏا دڙا آهن. ڪي دڙا وري ٽڪريءَ جي پرسان به ڏسڻ ۾ ايندا. انهن سڀني لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي قديم شهر جا حصا هوندا هئا. سندن جاگرافيائي بيهڪ ۽ شڪل صورت مان ائين لڳي ٿو ته اهي ڪنهن ڌرمي اڏاوت سان لاڳاپيل آهن. هاڻي ته ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي رڳو پٿرن جون پيڙهيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. باقي اتان همچورس ماپ جا پٿر ڪٽي ماڻهن پوئين دور جي شهر جي تعمير ۾ ڪتب آندا آهن.

ٻرات ۾ گهرن جو ڪل انگ ١٤٠٠ کن ٿيندو جن مان ٦٠٠ گهر برهمڻن جا، چار سؤ اگروال واڻين جا، ٻه سؤ گهر مينا Minas ذات وارن جا، باقي ٻه سؤ گهر گڏيل ذاتين جي ماڻهن جا آهن، جيڪڏهن اسان في گهر سراسري پنج ماڻهو ٻڌنداسين ته ڪل آدمشماري ٧٠٠٠ وڃي بيهندي. ٻرات لاءِ پراڻي ۾ پراڻو تاريخي حوالو شين سئنگ جو ملي ٿو جيڪو ٦٤٠ع ۾ هتي آيو هو. (٥٣٧) سندس بيان آهي ته هن شهر جو گهيرو ١٢ يا ١٥ لي يا اڍائي ميل هو. هيءَ ماپ ان قديم دڙي سان هڪجهڙائي رکي ٿي جنهن تي اڄ ساڳي نالي وارو شهر تعمير ٿيل آهي. هتان جا ماڻهو وڏا سورهيه هوندا هئا. سندن راجا فيشي في - شي Fei _ She وئيسا Vaisya يا بئيس Bais راجپوت هو. جنگ وقت تلوار ڌڻي ۽ ڏاهپ جو مالڪ هوندو هو. هن ٿاڪ وٽ ٻڌن جوناٿ مڙهيون ڏسڻ ۾ ايندي يون، پر اهي هاڻي زبون حاليءَ جو شڪار آهن. يڪشن جو انگ به ٿورو ڏسبو. ڌار ڌار مٿن سان لاڳاپيل هتي هڪ هزار کن برهمڻ نظر ايندا جيڪي ٻارهن مندرن ۾ رهندا آهن. سندن پوئلڳن جو انگ تمام گهڻو آهي. اهو به چيو ويندو

آهي تہ هتي ماڻهن جو وڏو تعداد ڏرمر ڪان منڪر آهي. شين سئنگ جي ٻڌايل ماپ موجب ان وقت شهر جي ڪل آدمشماري ٻٽيهہ هزار ڪن هوندي، جنهن مان ٻڌ ڌرمر جا پوئلڳ چوٿينءَ پتيءَ تي هوندا. مان اهو تعداد پنهنجي انومان موجب ورتو آهي، ڇاڪاڻ تہ مان هر هڪ مڙهيءَ سان لاڳاپيل هڪ سو ڀڪشو ڀانيان ٿو. شين سئنگ جي دور سان لاڳاپيل ٻٺرات جون مڙهيون زبون حاليءَ جو شڪار هيون، تنهن ڪري سمجهي سگهجي ٿو تہ هر مڙهيءَ ۾ پنجاهہ ڀڪشو زهندا هوندا. اهڙيءَ ريت سندن ڪل انگ ٤٠٠ ٿئي ٿو. ٻڌ ڀڪشو پني پيٽ پاليندا هئا. ان حساب سان اتي ٻڌن جا ٻارهن سؤ گهر هوندا هئا يعني هر هڪ ڀڪشوءَ جي پنڻ لاءِ ٻڌ ڌرمر جي پوئلڳن جا ٽي گهر ۽ ڀڪشن سميت ٻڌ ڌرمر وارن جي ڪل آدمشماري ٦٤٠٠ هوندي.

ٻٺرات بابت ٻيو تاريخي حوالو محمود غزنويءَ جي دور ۾ ملي ٿو جنهن هن ملڪ تي سن ٤٠٠ هہ يا ١٠٠٩ع ۾ حملو ڪيو هو ۽ هتان جي راجا سندس آڻ مڃي هئي، پر سندس آڻ مڃڻ سان ملڪ کي ڪو فائدو نہ پهتو. محمود غزنويءَ هن ملڪ تي وري ٤٠٤هہ يا ١٠١٤ع جي چوڪي چيٽ جي رت ۾ ڪاهہ ڪئي هئي. هندن ساڻس ڏاڍي چوٽ ڏني پر هارايائون. ابوريحان جي بيان مطابق شهر کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو. ماڻهن کي جيڏانهن آيو تيڏانهن منهن ڪري وني ڀڳا. (٥٣٨) فرشتہ هن حملي کي سن٤١٣هہ يا ١٥٢٢ع ۾ ڏيکاري ٿو. سندس بيان آهي تہ جڏهن بادشاهہ کي پتو پيو تہ ٻن جابلو علائقن ڪئرات Kairat ۽ ناردين Nardin (ٻئرات ۽ نارائن) جا هندو اجا تائين ٻتن (دستخط نسخي ۾ شينهن) جي پوجا ڪري رهيا آهن تہ هن کين مسلمان ڪرڻ جو ارادو ڪيو. (٥٣٩) فوج جي مهندار امير عليءَ هن شهر تي حملو ڪري فتح ڪيو ۽ ڦري لٽي ان کي ڀينگ ڪري ڇڏيائين. اتي نارائڻ ۾ ڪيس پٿر تي هڪ قديم لکت ڏسڻ ۾ آئي جنهن ۾ لکيل هو تہ نارائڻ جو مندر چاليهہ هزار سال اڳ جو تعمير ٿيل هو. ساڳيءَ لکت جو عتبي Otbi نالي هڪ ٻئي همعصر مؤرخ بہ ذڪر ڪيو آهي، تنهن ڪري اسان اهڙي لکت واري پٿر ليڻ واري حقيقت تي اعتبار ڪريون ٿا، جنهن جي تحرير خود ان دور جا برهمڻ بہ پڙهي ڪونہ ٿي سگهيا. منهنجو ويچار آهي تہ اها لکت راجا اشوڪ واري هوندي، جيڪا بعد ۾ ميجر برٽ Major Burt ڳولي لڌي هئي. جيڪا ٻئرات

واري ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي موجود هئي. هاڻي اها لکت ايشياٽڪ سوسائٽي ڪلڪتي جي عجائب گهر ۾ موجود آهي.

ستين صديءَ ۾ بئرات واري علائقي جو ٣٠٠ لي يا ٥٠٠ ميل گهيرو هوندو هو. هن ايراضيءَ جون رڍون ۽ ڍڳا گهڻا مشهور هوندا هئا، پر منجهس ميوا، پاڃيون گهٽ ٿينديون هيون. اڄ به بئرات جي ڏکڻ پاسي جئپور جو حال اهو ساڳيو آهي. هيءُ علائقو اڄ به آگري ۽ دهليءَ جي مسلمان رهواسين ۽ گورن فوجن جي خوراڪ لاءِ رڍون فراهم ڪندو آهي. بئرات وارو علائقو موجوده جئپور رياست جي وڏي ڀاڱي تي مشتمل هوندو هو. مذڪوره علائقي جون حدون هاڻي تہ سمجهائي ڪونہ ٿيون سگهجن، پر هڪ انومان موجب اهي اتر پاسي کان جهنجنو Jhunjnu کان ڪوٽ قاسم تائين ٧٠ ميل اولهہ پاسي کان جهنجنو کان اجمير تائين ١٢٠ ميل، ڏکڻ پاسي اجمير کان وٺي بناس Banas ۽ چنبل Chambal نديءَ جي سنگم تائين ١٥٠ ميل ۽ اوڀر کان مذڪوره سنگم کان ڪوٽ قاسم تائين ١٥٠ ميل، جن جو ڪل جوڙ ٤٩٠ ميل ٿئي ٿو.

# سروگهنا

شين سئنگ ٿانيسر کان سؤ لي يا اٽڪل سترهن ميل ڏکڻ طرف سفر ڪري، ڪيو - هوئن - چا Kiu _ Hoen _ cha نالي هڪ ٻڌ مڙهيءَ پهتو هو، جنهن جو چيني اچار موجب نالو گوڪنلڪا Gokanlka ٿئي ٿو. هن ماڳ جي اڄا تائين سڃاڻ تي ڪانہ سگهي آهي پر امڪان آهي تہ متان اهو گنان Ganan وارو ٺاڪ هجي، جيڪو وياسٿلي Vyasthali ۽ نسنگ Nisang جي وچ تي ۽ ٿانيسر کان ١٧ ميل ڏکڻ، ڏکڻ - اولهہ طرف آهي. هن ٻڌ مڙهي جي جاءِ ڏسڻ منهنجي لاءِ ضروري هئي، ڇاڪاڻ تہ شين سئنگ سڌو سو - لکن - نا Su _ lukin _ Na يا سروگهنا ڏانهن روانو ٿيو هو ۽ اتان کان هن ماڳ جو فاصلو ٤٠٠ لي يا اٽڪل سٺ ميل ٻڌائي ٿو. سندس ڏنل فاصلي مان پتو پوي ٿو تہ سروگهنا ۽ ٿانيسر جي وچ ۾ ٥٠ ميل فاصلو هو. (٥٤٠) سگهہ Sugh وارو ٺاڪ جنهن کي مان سروگهنا جي راڄڌاني سمجهان ٿو، سو ٿانيسر کان فقط ٣٠ يا ٤٠ ميلن جي وٿيءَ تي آهي. پر جيئن تہ اهو نالي سان بہ هڪجهڙائي رکي ٿو ۽ ڪيترين

ٻيون ڳالهيون به ساڳيون نظر اچن ٿيون، تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته شين سئنگ جو ڏنل فاصلو غلط آهي ۽ مان سندس اهڙن غلط انگن اکرن کي صحيح ڪري ڪونه ٿو سگهان. پر حقيقت اها آهي ته گوڪنات کان اهو فاصلو ٣٠٠ لي يا پنجاهه ميل آهي.

هن علائقي جو سنسڪرت ۾ نالو سروگهنا آهي، پر ڳالهائڻ ۾ هن کي سنگهن يا سگهه ڪري اچاريو ويندو آهي. موجوده دور ۾ به هن علائقي جو نالو اهو آهي. مان ڪوجنا جي ارادي سان جيڪي به علائقا گهمي ڏٺا، تن مان سگهه جو ڳوٺ جاگرافيائي نقطهِ نظر کان هڪ اهم ماڳ تي ٻڌايو ويو آهي. ان جي اڏاوت ٽڪنڊي پوٽيءَ تي ٿيل نظر ايندي جيڪو ٿونٽ جيان اڳتي نڪتل آهي. چوڏاري جمنا جو پراڻو پيٽ ڦري ٿو اچيس. هاڻي انهيءَ پيٽ مان الهندو جمنا واهه وهندو آهي. اولهه ۽ اتر واري پاسي کان اونهون گهارو اٿس، جيڪو هن ماڳ جو وڏو بچاءُ آهي. هن ٽاڪ جي بيهڪ اهڙي آهي جو اولهه کان سواءِ چڻ چوڏاري قدرتي بچاءُ اٿس اهو چڻ قدرتي طور هڪ سگهارو قلعو بڻجي ويو آهي. شهر به شڪل وصورت ۾ ٽڪنڊو معلوم ٿيندو ۽ هر هڪ ڪنڊ تي هڪ سگهارو قلعو جوڙيل ڏسڻ ۾ ايندو. هاڻي اتر پاسي وارو قلعو ۽ ڪجهه ايراضيءَ تي ديال ڳڙهه نالي هڪ ڳوٺ ۽ قلعو آباد آهي. ماندل پور Mandal pur نالي ڳوٺ ڏکڻ - اوڀر واري قلعي واري ايراضيءَ ۾ اڏيو ويو آهي. اتر - اولهه پاسي وارو قلعو اڃا خالي آهي جيڪو ڪنهن به ڪونه والاريو آهي. مٿي بيان ڪيل قلعن جي ماپ ١٥٠٠-١٠٠٠ فوٽ آهي. هر هڪ ٽڪنڊي جو پاسو جيڪو ڪين پاڻ ۾ ملائي ٿو، تنهن جي ڊيگهه اڌ ميل کن ٿيندي. اهڙيءَ ريت اوڀارئين پاسي جي ماپ ٤٠٠٠ فوٽ ۽ اتر - اولهه ۽ اولهه - ڏکڻ واري هر هڪ پاسي جي ماپ ٣٠٠٠ فوٽ آهي. ان حساب سان ساري اڏاوت جو گهيرو ٢٢٠٠٠ فوٽ يا چئن ميلن کان ٿورو سرس ٿيندو، جيڪو شين سئنگ جي ٻڌايل ماپ ساڍا ٽي ميل کان وڌيڪ آهي. پر اترين قلعو ڳوٺ جي مکيه تعمير کان هڪ اونهي گهاري لڳ آهي، جنهن کي روهارا نالو Rohara Nala ڪري سڏيو ويندو آهي. امڪان اهو آهي ته چيني ياتريءَ جي دور ۾ اهو پاسو اڃا آباد ڪونه ٿيو هوندو. هن ايراضيءَ کي جيڪڏهن ماپ ۾ شامل نه ڪبو ته اها ١٩٠٠٠ فوٽ ٿيندي، جيڪا گهٽ وڌ ساڍن ٽن ميلن جي برابر آهي ۽ شين سئنگ

جي ٻڌايل ماپ سان وڃي سنمک بيهي ٿي. سگهه نالي ننڍڙو ڳوٺ هن آباديءَ جي اولهه پاسي قائم آهي. بوريا Buriya نالي ننڍڙو شهر ديال ڳڙهه ڳوٺ لڳ اتر ۾ آهي. جڏهن مان ان جوءِ کي ڏٺو ته هر هڪ ڳوٺ جي آبادي هن ريت هئي: ماندل پور ۾ هڪ سؤ گهر، سگهه ۾ هڪ سؤ پنجويهه گهر، ديال ڳڙهه ۾ هڪ سؤ پنجاهه گهر، بوريا ۾ ٣٥٠٠ گهر ۽ سندن ڪل آدمشماري ٢٠٠٠٠ ماڻهو هئا.

منهنجي پڇا ڪرڻ تي سگهه ڳوٺ جي ماڻهن ڪا به روايت ڪانه ٻڌائي، پر ماندر يا ماندل پور ڳوٺ جي ماڻهن ٻڌايو ته اڳي ماندل پور ١٢ ڪوهن جي وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل هو. اولهه پاسي کان جڳادري Jagadri ۽ چنيتي Chaneti ۽ اتر کان بوريا ۽ ديال ڳڙهه به منجهس شامل هوندا هئا. جڳادري ڳوٺ ماندل پور کان ٽي ميل اولهه طرف آباد آهي. مون کي اهو ناممڪن ڏسڻ ۾ آيو ته ماندل پور ڪو ايستائين پکڙيل هوندو، پر اها ڳالهه قبول ڪري سگهجي ٿي ته ڪن سرنديءَ وارن جا باغ يا ڪاڙهه واري رت ۾ سندن گهرن جون اڏاوتون جڳاديءَ جي جوءِ تائين وڃي توڙ ڪنديون هونديون ته ڪئت ناهي. چنيتي به ميل کن پري اتر - اولهه پاسي آباد آهي. ان ٿاڪ تان قديم دور سان لاڳاپيل سڪا تمام گهڻي انگ ۾ لڌا ويا آهن. هي ماڳ بوريا ۽ ديال ڳڙهه کان وٿيرڪو آهي ۽ وچ تي جالاري جوءِ پکڙيل ڏسبي. ماندل پور، سگهه ۽ بوريا مان قديم دور سان لاڳاپيل سڪا هٿ لڳا آهن، جن جو تعلق گهڻو ڪري سيني دورن سان آهي. منجهن چوهاڻ گهراڻي جا ننڍڙا دلپال Dilial ۽ دهليءَ جي تومار Tomar گهراڻي جا همچورس سڪا جيڪي ٽامي ۽ چانديءَ مان ٺهيل آهن پڻ نظر ايندا. جن بابت مونکي پڪ آهي ته ٻڌ دور يعني حضرت عيسيٰ کان ٥٠٠ سال اڳ واري زماني سان لاڳاپيل آهن. امڪان آهي ته اهي سڪا عيسيٰ کان ١٠٠٠ سال اڳ واري دور سان لاڳاپيل هجن. هي پڪ جهڙيون شاهديون آهن، جن مان پتو پوي ٿو ته هي ماڳ قديم دور سان واسطو رکي ٿو. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته هيءُ سگهه وارو ماڳ قديم سروگهنا آهي. هن ماڳ جي اهميت سندس جاگرافيائي بيهڪ مان به معلوم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته هيءُ ان مکيه سڙڪ تي آهي جيڪا گنگا دوآبي کان ميرات Mirat سهارن پور ۽ انبالا کان ٿيندي اتر پنجاب ڏانهن ويندي آهي ۽ ان سان گڏ اتان جمنا وٽان لنگهندڙ

رستي تي ڪرڙي اک به رکي سگهبي آهي. محمود غزنوي به پنهنجي جنگي مهم دوران هيءَ سٽڪ ڏئي قنوج ڏانهن واپس موٽيو هو. تيمور لنگ به هردوار Haridwara کي ڦري لٽي هيءَ سٽڪ ڏئي واپس ٿيو هو. بابر به دهليءَ کي فتح ڪرڻ واسطي هن سٽڪ سان پيش قدمي ڪئي هئي.

شين سئنگ جي بيان موجب سروگهنا واري علائقي جو گهيرو ٦٠٠٠ لي يا هڪ هزار ميل آهي. اوير کان گنگا، اتر کان هماليه جبل ۽ وچ تان جمنا وهندي رهندي هئي. هن چاڻ مان پتو پوي ٿو ته سروگهنا وارو علائقو سيمور Simor ۽ ڳڙهه وال وارين ايراضين تي مشتمل هوندو هو، جيڪي گيري Giri ۽ گنگا نديءَ جي وچ تي واقع آهن. ان سان گڏ امبالا ۽ سهارن پور وارن علائقن جا ڪجهه ميداني پاڳا به منجهس شامل هوندا هئا. ان هوندي به هن علائقي جو گهيرو ٥٠٠ ميلن کان مٿي نه ٿو ٿي سگهي، اهو مفاصلو شين سئنگ جي لڳايل اندازي جو اڌ آهي. هيءُ فرق ان ڪري آهي جو هڪ ماپ نقشي وسيلي سڌي ورتي وئي آهي ۽ ٻي ماپ جابلو علائقي جي وروڪڙن واري سٽڪ جي فاصلي مطابق آهي ۽ هن حساب سان اصلي ماپ کان اڌ فاصلو وڌي ويندو آهي. ان اصول موجب گهيرو ٧٥٠ ميل هجڻ گهرجي جيڪو چيني ياتريءَ جي اندازي کان گهٽو گهٽ آهي. نظر ائين اچي ٿو ته هن گنگا ۽ جمنا جي فاصلي ڪٿڻ ۾ ڏني وائني غلطي ڪئي آهي جيڪا هو ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميلن بدران ٨٠٠ لي يا هڪ سؤ ٽيٽيهه ميل ٻڌائي ٿو. ٽڪرين جي ڪچ کان وٺي دهليءَ تائين سامهون ٻنهي درياهن جي وچ ۾ اهو ئي صحيح فاصلو آهي. اترينءَ سرحد وارو به ساڳي ئي وڌايل فاصلي مطابق حساب ٻڌو ويو آهي. پيڻ وارو وڌيڪ فاصلو ١٦٧ ميل ٿئي ٿو. جيڪڏهن اهو هڪ هزار ميل مان ڪٽ ڪبو ته سروگهنا جو ڪل گهيرو ٨٣٣ ميل وڃي بيهندو.

سروگهنا کان پوءِ شين سئنگ مو - ٽي - پو - لو Mo _ Ti _ Po _ Lo يا ماديپور Madipur ڏانهن روانو ٿيو. ايم ووين ڊي سئنٽ مارٽن هن کي منڊاوار Mandawar سمجهي ٿو. هيءُ اولهه روهيلکنڊ ۾ بجنور پرسان وڏو شهر آهي. مان هن ڳالهه کي اڳي ئي منڊاوار سمجهيو هو، پر مون کي اها جوءِ ذاتي طور ڏسي پڪ ڪرڻي هئي. (٥٤١) هن شهر جو نالو منڊاوار جي هجي ۾ لکيو ويندو آهي.

پيون پرنديون هيون. ڪاليداس انهن سپيني شين کي هميشہ لاءِ زنده ڪري ڇڏيو. شين سئنگ جي بيان موجب مديپور Madipura علائقي جو گهيرو ٦٠٠٠ لي يا ١٠٠٠ ميل هو. مان هن ڏس ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار اڳي ئي ڪري آيو آهيان تہ مذڪوره علائقي ۾ پروارا گوويسن گوويسنا Govisana ۽ آهيچاترا وارا علائقا گڏائبا تہ بہ مٿي ڏنل گهيري وارو فاصلو پورو ڪونہ بيهندو، ڇاڪاڻ تہ اهي روهيل کنڊ ۾ ۽ مديپور جي ويجهو آهن. مديپور جو اڪيلو علائقو تمام ننڍڙو آهي جيڪو گنگا ۽ رام گنگا جي وچ تائين محدود آهي، جنهن جو ڪل گهيرو ٢٥٠ ميل بہ ڪونہ ٿيندو. مٿي جن ايراضين جو ذڪر ڪيو ويو آهي تن سان گڏ گنگا کان اوپر واري علائقي هردوار کان خير ڳڙهہ تائين گهاگهرا درياهہ Ghagra جي ڪناري واري قنوج جو علائقو شامل ڪبو، تہ بہ مذڪوره علائقي جو گهيرو ٦٥٠ کان ٧٠٠ ميل کان بہ ڪونہ ٿيندو. ان هوندي بہ اجا اهو علائقو ننڍڙو نظر اچي ٿو. نقشي جي سڌي فاصلي ۽ حقيقي رستي جي ورن وڪڙن واري پنڌ ۾ موجود فرق کي دور ڪرڻ لاءِ اتر پاسي وارو جابلو علائقو جيڪڏهن مذڪوره علائقي ۾ جوڙ ڪيو ويندو تہ اصلي گهيرو ٨٥٠ ميلن کان گهٽ ڪونہ ٿيندو. مداوار جو راجا سيو - تو - لو Siu _ To _ Lo شودر هو جيڪو ديوتائن جي پوڄا ڪندو هو ۽ ٻڌ ڌرم کان ونئن ويندو هو. جيئن اگو ويسانا ۽ آنچترا جي ڪنهن راجا جو نالو ڪونہ ڏنو ويو آهي، تنهن ڪري معلوم ٿئي ٿو تہ اهي علائقا مداوار جا ڏن ڀرو هئا. شين سئنگ علائقي جو جيڪو گهيرو ڏنو آهي، سا ملڪ جي سياسي حدبندي آهي پر اهو ان خاص علائقي جو گهيرو نہ آهي.

## ميا پور يا هريدوار

شين سئنگ جو بيان آهي تہ مو - يو - لو _ Mo _ Yo Lo يا مايور Mayura جو شهر مداوار علائقي جي اولهہ - اتر واري سرحد ۽ گنگا جي اپرندي ڪناري تي هو. (٥۴٢) شهر کان ٿوري پنڌ جي فاصلي تي هڪ وڏو مندر هوندو هو، جنهن کي گنگا جو دروازو يعني گنگا دوار ڪري سڏيندا هئا. مندر ۾ اندر هڪ تلاءُ هوندو هو، جنهن کي هڪ واه وسيلي گنگا درياهہ مان پريو ويندو هو. گنگا دوار واري ويجهيءَ جوءِ کي هردوار بہ سڏيو ويندو آهي. ان مان معلوم ٿئي

ٿو تہ مايور يا مايا پور وارو ڏڙو هوندو. جيڪو گنگا مان مندر کي پاڻي پهچائڻ واري واهہ جي منهن تي آهي، پر اهي ٻئي ماڳ هاڻي گنگا جي الهندي ڪناري تي آهن ۽ ان ايرندي ڪناري سان نہ آهن جهڙيءَ ريت شين سئنگ لکيو آهي. سندس اهو حوالو تہ اهي ماڳ مداور جي اتر - الهندي سرحد سان واقع آهن، ۽ اهو پڻ ٻڌائي ٿو تہ اهي ماڳ گنگا جي الهندي پاسي هئا. انهن ماڳن جو صحيح بيان هن ريت ٿي سگهي ٿو تہ اهي سرُوگهنا جي اتر - اوير واري سرحد سان واقع آهن. مان انهن ماڳن جي اوسي پاسي کي سچيتائي سان جاچي ڏٺو هو جنهن مان پتو پيو تہ ڪنهن زماني ۾ گنگا، مايا پور ۽ ڪنکل Kankhal جو اولاهون پاسو ڏئي جوال پور Jawalpur ڏانهن وهندي هئي، پر هاڻي دوار ۽ ٽڪرين جي وچ تي گنگا جو ڪو تازو پيٽ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو. اهو وچ وارو علائقو هاڻي آباد آهي ۽ اتي هردوار نالي هڪ وستي اڏي وئي هئي. امڪان آهي تہ اتي گنگا جو پراڻو پيٽ هجي، جيڪو ماڻهن هوريان هوريان پوري ان جي مٿان گهر تعمير ڪري ڇڏيا هجن. وري اهڙي روڪ رنڊڪ بہ نظر ڪانہ ايندي جنهن مان سمجهي سگهجي تہ گنگا الهندو رخ اختيار ڪونہ ڪيو هوندو، تنهن ڪري اسان کي يا تہ شين سئنگ جي ان بيان کي قبول ڪرڻو پوندو تہ مايور ۽ گنگا دوار گنگا جي اوير پاسي هئا يا ان کي غلط سمجهڻو پوندو.

شو ۽ وشنو ديوتا جي پوڄارين ۾ اڳي ئي اها هوڏ هلي رهي آهي تہ گنگا درياهہ کي ڪهڙي ديوتا جنم ڏنو؟ وشنو پراڻ جو بيان آهي تہ گنگا درياهہ وشنو ديوتا جي کاٻي پير جي وڏي ننهن مان وهندي آهي (٥٤٣) ۽ وشنو جو پوئلڳ هري - کي - چرن ڏانهن اشارو ڪندا آهن ۽ پاڻ کي سوپارو تصور ڪندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ سندن ويساهہ ۽ عقيده نسورو سچ آهي. شو ديوتا جا پوئلڳ ڪين وري اها ورندي ڏيندا آهن تہ ان ماڳ جو اصلي نالو هار دوار Haradwara آهي جنهن جي معنيٰ آهي شو جو دروازو. پر هن جو مطلب هري جو دروازو نہ آهي. وشنو پراڻ ۾ اهو بہ بيان ملندو هو تہ الڪانندا Alakananda يا گنگا جي اوپارين چاڙهہ کي مها ديو پنهنجي مٿي مان جنم ڏنو هو. (٥٤٤) هن معلوماتي ذريعن کان سواءِ منهنجو ويچار آهي تہ هري دوار ٻئي نالا ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکن ٿا. گنگا دوار مندر پرسان قديم شهر جو نالو مايا پور Mayapur هو.

شين سئنگ بہ هن ٿاڪ کي مو - يو - لو يا مايورا سڏي ٿو، پر هريدوار ۽ ڪنکل جي وچ واري دڙي (قديم شهر) جو نالو مايا پور هوندو هو. ماڻهو چوندا آهن تہ ان دڙي واري جاءِ تي مايا ديويءَ جي نالي هڪ مندر هوندو هو ۽ ان ڪري ٿاڪ جو نالو بہ ماياپور پئجي ويو. امڪان آهي تہ ان شهر جو نالو مايورا پور Mayurapura هجي، ڇاڪاڻ تہ پر واري جهنگ ۾ هزارين مور ڏٺا هيم ۽ صبح شام سندن ٺهوڪون پيون ڪنين پونديون هيون.

شين سئنگ جي بيان موجب هن شهر جو گهيرو ٢٠ لي يا سوا ٣ ميل هو. منجهس ماڻهو بہ گهڻا رهندا هئا. هيءُ بيان مايا پور شهر سان هڪ جهڙائي رکي ٿو، جنهن بابت ماڻهن مون کي اشارو ڏنو هو. هن شهر جا اهڃاڻ هڪ نئن جي پيٽ تائين نظر اچن ٿا جيڪا راجا بين Ben جي قلعي پرسان واه جي ڪناري تي واقع سروا ناٿ Sarvvanath مندر ويجهو گنگا ۾ چوڙ ڪندي آهي ۽ اهو ڪل فاصلو ٧٥٠٠ فوٽ آهي. ويڪر ڏنگي ڦڏي اٿس، پر پوءِ بہ ڏکڻ پاسي کان ٣٠٠٠ فوٽ کن ٿيندي. اتر پاسو ڪجهہ وڌيڪ سوڙهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ڇاڪاڻ تہ سواليڪ واريون ٽڪريون اچي درياهہ وٽ پهتيون آهن. سندس ماپ ١٠٠٠٠ فوٽ آهي. مٿينءَ ماپ موجب ڪل گهيرو ١٩٠٠٠ فوٽ بيهي ٿو جيڪو ساڍن ٽن ميلن کان مٿي ٿيندو. انهيءَ ايراضيءَ اندر هڪ پراڻو قلعو بہ نظر ايندو، جنهن جي ماپ ٧٥٠ همچورس آهي. هن قلعي لاءِ چيو ويندو آهي تہ راجا بين جوڙايو هو. بيا ڪيترا ئي دڙا آهن، جيڪي سروڻن سان ڍڪيا پيا آهن، پر واهہ جي پل ويجهو دڙو سيپني کان اتاهون آهي. هن جوءِ ۾ نارائن سيلا Narayan Sila يعني مايا ديوي پٿروا Bhairava سان لاڳاپيل تي مندر آهن. سيپني کان مشهور گهاٽ پيري گهاٽ آهي جيڪو هن ايراضيءَ جي حدن کان ٻاهر سروانات مندر کان ٢٠٠٠ فوٽ اتر - اوڀر پاسي آهي. هن ماڳ جي قدامت تي ڪنهن کي بہ شڪ ڪونہ آهي، انهيءَ ڪري نہ تہ هتي وڏين سرن جو استعمال ڏسڻ ۾ اچي ٿو يا مورتين جا بيشمار ٽڪرا آهن جيڪي ميڙي چوندي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيا ويا آهن. پر هتان قديم سڪن جو انگ بہ جهجهو هٿ لڳو آهي. انهن جي شڪل صورت سروگهنا مان ملندڙ سڪن جهڙي آهي، جيڪي هر سال ملندا رهندا آهن.

هريد وار يا وشنود روا جو نالو پڻ ڪنهن پوئين دور ســان واسطو رکي ٿو، چاڪاڻ ته ابوريحان ۽ رشيد الدين گنگا دوار جو ذڪر ڪن ٿا. ڪاليداس پنهنجي تصنيف ميگهدوتا Meghaduta ۾ ڪنکل جو نالو ته ڪٿي ٿو، مگر هريد وار جو بيان ڪونه ڪيو اٿس، پر سندس سهيوڳي امراسنها Amarasinha وشنوپدي Vishnupadi جو لفظ ڪم آندو آهي جيڪو گنگا جو ٻيو نالو آهي. هن حقيقت مان هيءَ ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته وشنوءَ جي پير مان گنگا جي وهڻ واري ڏند ڪٿا پنجين صدي عيسويءَ سان لاڳاپيل آهي. منهنجو ويچار آهي ته وشنوپد Vishnopada وارو مندر ابوريحان جي زماني تائين تعمير ڪونه ٿيو هو. هن اڏاوت جو پهريون اشارو اسان کي تيمور جي مؤرخ شريف الدين (٥٤٥) وٽان ملي ٿو،جنهن جو بيان آهي ته گنگا درياهه ڪؤ - پيلي Cou - Pele وٽان شروع ٿيندو آهي. مان سمجهان ٿو ته اهو لفظ ڪؤ - پيلي نه پر ڪوه پيري آهي. يعني وشنوءَ جي پيرن واري ٽڪري Hill of the feet. گنگا دو را مندر واري وڏي گهاٽ تي جنهن تي ماڻهو سنان ڪندا آهن تنهن جو نالو پيري گهاٽ آهي ۽ مٿان واري ٽڪريءَ کي پيري پهاڙ سڏيندا آهن. اڪبر جي دور ۾ هريدوار وارو ماڳ تمام گهڻو مشهور هوندو هو. ابوالفضل جو بيان آهي ته مايا ۽ هريدوار گنگا جي ڪناري سان واقع آهن ۽ هيءُ علائقو ١٨ ڪوهن تائين مقدس سمجهيو ويندو آهي. (٥٤٦) جهانگير جي حڪومت ۾ ٽام ڪوريات Tom Coryat انهن ماڳن کي ڏوري وجي ڏٺو هو ۽ چئپلين ٽيري Chaplian Terry کي ٻڌايو هئائين ته "سيبا Siba جي راڄڌاني هريدوار وٽان گنگا وڏن جبلن وچان وڏي وهڪري سان چوليون هڻندي وهندي آهي. سن١٧٩٦ع ۾ هيءُ ماڳ هاردوڪ Hardwicke به ڏٺو هو. سندس بيان آهي ته هيءُ شهر ننڍڙو ۽ ٽڪرين جي ڪڇ ۾ اڏيل آهي. رئپر Raper به ١٨٠٨ع ۾ اوڏانهين ويو هو،پر ڪيس اهو شهر ڪونه وڻيو. هو ٻڌائي ٿو ته فقط هڪ گهٽي اٿس. شهر ١٥ فوٽ ويڪرو ۽ ڏيڍ فرلانگ ڪن ڊگهو آهي. هاٽي اهو شهر سوا ميل ڪن ڊگهو ٿيندو پر گهٽي اها ئي هڪڙي اٿس.(٥٤٧)

شين سئنگ جو بيان آهي ته هن درياهه جو نالو فو - شوئي Fo - Shui آهي. ايم استنسلاس جولين M.Stanislas Julin هن جو ترجمو آءِ ايو ڪئي پورٽي بونهيوئر I, Eau qui porte bonheur

ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اها مهاياد را آهي. هي گنگا جو ٻيو مشهور نالو آهي. سندس بيان آهي تہ هن درياهہ ۾ وهنجڻ سان ماڻهوءَ جا سڀ پاپ ڌوپجي ويندا آهن. جيڪڏهن لاش کي هن پاڻيءَ ۾ لوڙهيو ويندو تہ سندس پاپ بخشجي ويندا ۽ سندس ٻيو جنم ڪنهن سٺيءَ جاءِ تي ٿيندو. ۾ مان هن نالي کان سڀادرا Sabhadra کي وڌيڪ ترجيح ڏيان ٿو. ڪيسياس Ktesias بہ هندستان جي هڪ وڏي نديءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن جو نالو ڪجهہ اهڙو ٻڌائي ٿو (٥٤٨). وليني بہ ڪيسياس تان حوالو ورتو آهي ۽ نديءَ جو نالو هائپوبارس Hypobarus ٻڌائي ٿو، جيڪو هن نالي جي ويجهو لفظ آهي (٥٤٩) دمشق Damascus جو نڪولس Nicolas بہ گهٽ وڌ ساڳيو نالو لکي ٿو. منهنجو ويچار آهي تہ ڪيسياس جو اصلي لفظ بہ گهٽو ڪري سڀادرا هوندو.

## برهماپور

شين سئنگ مداوار کان ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل اتر سفر ڪري پو - لو - ڪي - مو - پو - لو Po _ Lo _ Ki _ Mo _ Pu _ Lo پهتو هو، جنهن کي ايم جولين برهماپور سمجهي ٿو. هن لفظ جي ٻي پڙهٽي پو - لو - هي - مو - لو Po _ Lo _ Hi _ Mo _ Lo آهي، پو-لو-هي-مو-لو Po_ Lo_ He_ Mo_ Lo (٥٥٠) جنهن ۾ غلطيءَ وچان پو وارو پد ڪونہ ڏنو ويو آهي. اتر ڏانهن سفر ڪرڻ وارا لفظ بہ غلط آهن ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اتان اتر پاسي سفر ڪبو تہ گنگا پار اڪري وري وڃي سروگهنا نڪربو، تنهن ڪري اسان کي اتر - اوير طرف سمجهڻ کپي ۽ انهيءَ پاسي سفر ڪري ماڻهو وڃي ڳڙهہ وال Garhwal ۽ ڪمائون Kumaon پهچندو، جتي ڪنهن زماني ۾ ڪيتوري Katyuri گهراڻي جي حڪومت قائم هوندي هئي. چيني ياتريءَ بہ اوڏاهين وڃڻ جو ارادو ڪيو هو. اها ڳالهہ هن حقيقت مان بہ ثابت ڪري سگهجي ٿي تہ ان علائقي مان ثامون ليندو هو. ڳڙهہ وال جي علائقي ۾ ڌنپور Dhanpur ۽ پوکري Pokhri جا اهڙا علائقا هئا، جن مان قديم زماني کان وني ثامو ملندو هو. ڪيتوري گهراڻي جي راجائن جي قديم راجڌاني رام گنگا پار جي ڪناري سان لکن پور وئرات پٽڻ Lakhan pur Vairat pattan ۾ هوندي هئي، جيڪا

مداوار کان سڌو ۸۰ ميل پري هئي. جيڪڏهن اسان مداوا جي اتر - اوڀر پرسان ٺاڪرو علائقي جي ماڳ ڪوٽ دوار Kot dwara کان فاصلو ماپينداسين ته اهو فاصلو شين سئنگ جي ٻڌايل فاصلي سان ٺهڪي اچي ٿو جيڪو ۵۰ ميل آهي. مون کي اڻين معلوم ٿئي ٿو ته سفرنامي ۾ بيان ڪيل پنڌ ۽ جڳهه جي ناتي سان جيڪو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو سو گهٽو ڪري گو ويسانا ماڳ ڏانهن اشارو آهي، هي پيو ماڳ آهي جتي شين سئنگ ويو هو. جتان کان بئرات ۵۰ ميل اتر طرف آهي.

هن علائقي جي تاريخي حوالن مطابق وئرات پتڻ يا لکڻ پور هن ملڪ جي تمام اڳاٽي راجڌاني آهي، چاڪاڻ ته ڪمائون جا سوم بنسي ۽ ڳڙهه وال جا سورج بنسي گهراڻي جا راجا سموَت ۷۵۲ ۽ ۷۴۵ع ڌاران پنهنجي ملڪن تي ڌار ڌار راڄ ڪندا هئا، پر انهن کي جيڪڏهن وڪرماجيتي سن سان ڀيٽي ڏسبو ته اهي شين سئنگ کان پوئين دور جا آهن، تنهن ڪري منهنجو ويچار آهي ته وئرات پتڻ جو پيو نالو برهماپور ئي ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن علائقي جي ٻي ڪا به راجڌاني هن کان وڌيڪ قديم ڪانه آهي. سرينگر به درياهه جي ڪناري آباد آهي، پر ان شهر جو بنياد ڳڙهه وال جي اجياپال سموَت ۱۴۱۵ يا ۱۳۵۸ع ۾ رکيو هو ۽ مداوار کان به ذري گهٽ وئرات پتڻ جيترو پري آهي. چاند پور به ڳڙهه وال جي پراڻي راجڌاني آهي، پر ان جو فاصلو پري ۽ سندس بنياد سموَت ۱۲۱۶ يا ۱۱۵۹ع ۾ رکيو ويو هو. مذڪوره علائقي جي آب وهوا به هلڪي ٿڌيري چئي وڃي ٿي، جيڪا بئرات جي جاگرافيائي بيهڪ سان ٺهڪي اچي ٿي، ڇاڪاڻ ته اهو سمنڊ کان ۳۳۳۹ فوٽ مٿي آهي.

شين سئنگ جو بيان آهي ته برهماپور ملڪ جو گهيرو ۴۰۰۰ لي يا ٦٦٧ ميل آهي. (۵۵۱) تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته آلڪ ندا ۽ ڪرنال ندين جي وچ وارو علائقو به هن ۾ شامل هوندو، جنهن کي هاڻي برٽش ڳڙهه وال ۽ ڪمائون سڏيو ويندو آهي. مذڪوره شهر گورکن جي ڪرنال نديءَ تائين پکڙيل هوندو هو. نقشي جي ماپ مطابق هن علائقي جو ڊنگ ۵۰۰ ۽ ٦۰۰ ميلن جي وچ تي آهي جيڪو چيني ياتريءَ جي ڏنل ماپ سان ذري گهٽ هڪ جيترو آهي.

# گوويسان يا ڪاشيپور

شين سئنگ جو بيان آهي ته مداور کان ۴۰۰ لي يا ٦٧ ميل ڏکڻ - اوڀر ڪيو- پي- شوانگ - نا - Kiu - Pi - Shawang - Na جو علائقو آهي. ايم جولين ان جي معنيٰ گوويسانا ٻڌائي ٿو. هن راڄڌاني جو گهيرو ١٥ لي يا اڍائي ميل هو. اهو شهر تمام گهٽي متاهينءَ تي اڏيل هو، جنهن تائين پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هو. چوڌس گهاٽا ٻيلا، پاڻيءَ جون ڍنڍون ۽ مڇيءَ جا تلاءَ هيس. (۵۵۲) مداوار کان لُکيل طرف ۽ فاصلي مان معلوم ٿئي ٿو ته گوويسانا مرادآباد جي اتر پاسي ويجهو اوڀر ڏسڻ گهرجي. انهيءَ پاسي خاص قديم ماڳ اڄين ڳوٺ ويجهو هڪ قلعو آهي، جيڪو ڪاشيپور کان هڪ ميل اوڀر پاسي ٿيندو. جنهن سٽڪ سان مون سفر ڪيو، اهو ماڳ ۴۴ ڪوه يا ٦٦ ميل پري هو. في ڪوه جي ماپ جو اندازو مون بريلي ۽ مرادآباد جي وچ واري فاصلي مان لڳايو، جيڪو ۵۹ ميل آهي جنهن لاءِ هتان جا ماڻهو چوندا آهن ته اهو ۴۰ ڪوهه آهي. ڪاشيپور جو صحيح طرف اوڀر - ڏکڻ بدران اوڀر - ڏکڻ اوڀر آهي، پر هي فرق ڪو ايڏو گهڻو ڪونه آهي. آهيڇترا ڏانهن اڳتي ويندي ڪاشيپور جي جاگرافيائي ٻيهڪ وڏيڪ چٽي ٿي وڃي ٿي. ان کان پوءِ مون کي چڻ پڪ ٿئي ٿي ته اڄين ڳوٺ ويجهو قديم قلعو ئي گوويسانا Govisana وارو ماڳ آهي، جنهن کي شين سئنگ ڏٺو آهي.

هڪ پادري هيبر Heber (۵۵۳) جو بيان آهي ته ڪاشيپور هندن جو مشهور تيرٿ آهي، جنهن کي ڪاشي نالي هڪ الله لوڪ ماڻهوءَ پنج هزار سال اڳ اڏيو هو. پادريءَ کي هن تيرٿ جي قدامت جي غلط خبر ڏئي ساڻس ڏوکو ڪيو ويو آهي نه ته سڀني کي خبر آهي ته مذڪوره شهر هاڻوڪو آهي، جنهن کي ڪاشي ناٿ نالي هڪ ماڻهو سن ١٧١٨ع ۾ اڏيو هو، جيڪو ڪمائون علائقي جي چمپاوٽ Champawat جي رهاڪو راجا ديوي - چندرا جو چيلو هو. هن قديم قلعي کي هاڻي اڄين ڪوٽيو ويندو آهي، پر جيئن ته هي ڀر واري ڳوٺ جو نالو آهي، تنهن ڪري امڪان اهو معلوم ٿئي ٿو ته قلعي جو نالو ماڻهن کان وسري ويو آهي. هن ماڳ کي ڪاشيپور جي آباد ٿيڻ کان ڪيترين صديون اڳ ماڻهو ڇڏي هليا ويا هئا، پر درون - ساگر

Dron _ Sagar نالي پاڻيءَ جي هڪ تلاءَ جي ياترا لاءِ ماڻهو اچا به ايندا رهندا آهن. منهنجو ويچار آهي ته پاڻيءَ جي هن تلاءَ جو نالو قلعي جي نالي مٿان چائنجي ويو هوندو. اڄ به درون ساگر جو نالو ڪاشيپور جيترو ئي مشهور آهي.

اجين جي نالي وارو هي قديم قلعو پنهنجي بناوٽ ۽ شڪل صورت ۾ عجيب غريب آهي، جيڪو گٽار جيان پيو معلوم ٿيندو. سندس اوپر ڪان اولهه پاسي ڊيگهه ٣٠٠٠ فوٽ ۽ ويڪر ١٥٠٠ فوٽ ٿيندي. گهيرو ٩٠٠٠ فوٽن ڪان وڌيڪ ڪونه ٿيندو. جيڪو ٻن ميلن ڪان ڪجهه گهٽ ٿيندو. شين سئنگ مطابق گوويساتا جو گهيرو ١٢٠٠٠ فوٽ ڪان ٿورو گهٽ آهي. شين سئنگ گوويساتا ١٢٠٠٠فوٽ ٻڌائي ٿو، جيڪو ذري گهٽ اڍائي ميل ٿيندو. معلوم ٿئي ٿو ته هن ماپ ۾ پر واري ڏاکڻين دڙي کي به شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو منهنجي انومان موجب مذڪوره قلعي جي ويجهو ڪا وستي آهي. هن دڙي جي شامل ڪرڻ سان ٽرڙن جو گهيرو ١١٠٠٠ فوٽن ڪان مٿي ٿي وڃي ٿو جيڪو منهنجي خيال موجب هن شهر جو قديم حصو آهي ۽ ذري گهٽ شين سئنگ جي ٻڌايل ماپ سان نهڪي اچي ٿو. چوڏس گهاٽن وڻن جا ڪنج، پاڻيءَ جون ڍنڍون ۽ مڇيءَ جا تلاءَ آهن. وڻ به وڏا ۽ گهاٽا آهن. شايد اهو انهيءَ ڪري آهي جو ڍنڍن ۽ تلائن جو پاڻي پنج ڇهه فوٽ اونهو آهي. پاڻيءَ جي گهٽائي ڪري ڍورا ۽ تلاءَ به گهٽا آهن ۽ سدائين تار لڳا بيٺا هوندا آهن. پاڻيءَ جو سڀ کا وڏو تلاءَ درون - ساگر آهي. هن قلعي ۽ تلاءَ لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي پنجن پانڊو پائرن درونا نالي سندن گروءَ لاءِ تعمير ڪرايا هئا. مذڪوره درونا وارو تلاءُ ٦٠٠ فوٽ همچورس آهي. هن جي پاڻيءَ کي گهڻو پوتر پانيو ويندو آهي. جيڪي ماڻهو گنگا ياترا لاءِ سندس شروع ٿيڻ واري جاءِ تان ويندا آهن، سي اوٽ موٽ تي هيءُ تيرٿ به ضرور پيٽيندا آهن. ان جي واريا سن ڪنارن سان ستين جي آستانن جون اڏاوتون به ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪي ڪنهن تاريخي دور سان واسطو رکن ٿيون. قلعي جي تعمير وڏي ڪارب جي سرن سان ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جن جي ماپ اڍائي انچ، ڏهه انچ، پندرهن انچ آهي. سر جي اها ڊگهي تختي پراچينتا جو اهڃاڻ هوندو آهي. قلعي جي پٽ جي عام اوچائي ٣٠ فوٽن ڪان ٿورو مٿي آهي، پر هاڻي سارو قلعو ڊهي ناس ٿي ويو آهي ۽ مٿان

گهاٽي جهنگل کيس ڍڪي ڇڏيو آهي. ۽ اوپر پاسي کان سواءِ، چوڌاري ٽانگهيون ڪڏون جام پيون ڏسجن. اندريون پاسو گهٽو هيٺ مٿانهون آهي. قلعي وارو دڙو ڌرتيءَ جي عام مٿاڇري کان ٢٠ فوٽ مٿي آهي. منجهس ٻن ڦاٽڪن جا نشان نظر اچن ٿا، جن مان هڪ اتر -اولهه پاسي ۽ ٻيو ڏکڻ - اولهه جهنگل واري پاسي ڏانهن آهي. اتان جي ماڻهن جي چوڻ مطابق اهي قلعي جا ڦاٽڪ هئا.

گوويسانا جي علائقي جو گهيرو ٢٠٠٠ لي يا ٣٣٣ ميل آهي. هتان جي نه ته راجا جو نالو ٻڌايو ويو آهي، ۽ نه وري ملڪ جو نالو لکيو ويو آهي. امڪان آهي ته هيءُ علائقو مداوار جي راجا جو ڏن پرو هجي جنهن جو ذڪر اڳ ڪري آيو آهيان. هن علائقي جي اتر پاسي برهماپور، اولهه کان مداوار، ڏکڻ ۽ اولهه کان آهيچاترا ڦري اچي ٿو، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته موجوده دور وارا ڪاشيپور، رامپور ۽ پيلي ڀت جا علائقا ان ايراضيءَ ۾ شامل هوندا هئا ۽ اولهه پاسي رام گنگا کان وٺي اوپر پاسي سارد Sarad يا گهاگهرا تائين ۽ ڏکڻ پاسي بريليءَ تائين پکڙيل هوندو هو. انهيءَ ڍنگ سان مذڪوره علائقي جو نقشي جي سڌي ماپ مطابق گهيرو ٢٩٠ ميل ۽ سڙڪ جي ڊيگهه مطابق ٣٠٠ ميلن کان مٿي ٿيندو.

## آهيچانرا

شين سئنگ گوويسانا ۾ ترسڻ کان پوءِ ٤٠٠ لي يا ٦٦ ميل ڏکڻ، اوپر چي - تا - لو يا آهيچاترا ڏانهن سفر ڪيو هو. (٥٥٤) ڪنهن زماني ۾ هي ڏاڍو مشهور ماڳ هوندو هو ۽ منجهس قديم نالي آهيچترا Ahichatra جي جهلڪ اچا به نظر ايندي آهي، توڙي جو هن کي ناس ٿئي صديون گذري ويون آهن. هيءُ ماڳ حضرت عيسيٰ کان ١٤٣٠ اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿو ۽ ان دور ۾ پنچالا ديس جي راڄڌاني هوندو هو. سندس لکيل نالو آهيڪشيترا Ahikshetra ۽ ڪڏهن آهيچاترا به نظر ايندو. پر هڪ ڏند ڪٿا موجب هڪ راجا آدي Raja Adi جڏهن ننڊ ۾ هو ته سندس مٿي تي هڪ نانگ ڇٽيءَ جهڙو منڊپ اڏيو هو. تنهن مان پتو پوي ٿو ته پويون ٻڌايل نالو صحيح آهي. هن قديم ۽ شاندار قلعي لاءِ چيو ويندو آهي ته آهير Ahir گهراڻي جي هڪ راجا آديءَ تعمير ڪرايو هو. سندس مٿي تي ڦڻ سان نانگ پهري

تي ويٺل ڏسي، درونا اڳ ڪٿي ڪئي هئي ته ڪڏهن هو ضرور بادشاهه ٿيندو. هن ماڳ جو جيڪو نالو ٽالمي لکيو آهي، تنهن مان پتو پوي ٿو ته اها ڏندڪٿا آدي راجا سان واسطو رکي ٿي ۽ گهٽ ۾ گهٽ پهرين صدي عيسويءَ جي شروعات جيتري پراڻي آهي قلعي کي آدي ڪوٽي سڏيو ويندو آهي، پر ان جو وڌيڪ مشهور نالو آهيڇتر آهي.

مهاڀارت جي بيان موجب پنچال جو ملڪ هماليه جبل کان وٺي چمبل درياهه تائين پکڙيل هوندو هو. پنچال يا روهيکلنڊ کان اتر واري علائقي جي راڄڌاني آهيڇاترا هوندي هئي. پنچاچالي ڏکڻ واري علائقي يا گنگا دوآبي جي وچينءَ ايراضيءَ جي راڄڌاني ڪامپليا Kampilya ۾ قائم هئي. ڪامپيل Kampil هاڻي بوڙهي گنگا جي ڪناري بدايون ۽ فرخ آباد جي وچ تي واقع ڏسڻ ۾ ايندي. مهاڀارت واري جنگ کان ٿورو پهريائين يا ان ئي دور ۾ پاندون جي گروءَ پنچال جي راجا دروپد کي شڪست ڏني هئي. اهو دور حضرت عيسيٰ جي جنم کان ٤٣٠ ورهيه اڳ وارو آهي. درونا اتر پنچال پنهنجي لاءِ رکيو، باقي ٻيو سڀ دروپد کي موٽائي ڏنو هئائين. احوال مطابق آهيڇاترا جو نالو يا آدي راجا ۽ ناڳ واري ڏندڪٿا ٻڌ ڌرم کان به ڪنهن قديم زماني سان واسطو رکي ٿي.

هتي اسان کي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ٻڌڌرم وارن ان ڏندڪٿا کي ڦيرائي پنهنجو ڪيو هوندو، عزت ۽ احترام خاطر پنهنجي مهان گروءَ ڏانهن منسوب ڪيو هوندو، ڇاڪاڻ ته اسان کي شين سئنگ جو به اهڙو بيان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته شهر کان ٻاهر ناگ هردا Naga Harda يا ناڳ تلاءُ آهي جتي مهاتما گوتم ٻڌ ناڳ راجا جي فائدي ۾ ست ڏينهن اپديش ڏنو ۽ مهاراجا اشوڪ ان جاءِ تي استوپا تعمير ڪرايو هو. هتي هاڻي فقط هڪ استوپا سلامت نظر اچي ٿي، جنهن جو نالو ڇتر Chatr آهي. هن باري ۾ منهنجو ويچار آهي ته ٻڌ ڌرم وارن وٽ ڏندڪٿا آهي ته ناڳ راجا ليٽي پيٽي ناڳ ٻڻجي وڏي ڦڻ ڪولي مهاتما گوتم ٻڌ جي مٿي تي وينو هو. منهنجو اهو به ويچار آهي ته استوپا ان ٺاڪ تي اڏيو ويو هو، جتي راجا ناڳ ليٽي پيٽي ناڳ جي صورت اختيار ڪئي هئي، تنهن ڪري ان ماڳ تي آهيڇترا نالو پوڻ هڪ لازمي ڳالهه هئي. ان جهڙي هڪ ٻي ڳالهه ٻڌگايا Budhagaya ۾ به ٻڌائي ويندي آهي ته ميوچلندا Muchalinda

لي هڪ راجا نانگ پنهنجي ڦڻ سان مهاتما گوتم کي ڏکي مينهن
ن بچايو هو، جنهن کي مارا Mara نالي دئت بدنيتي ڪري وسايو

.

شين سئنگ آهيچاترا جو احوال تمام ٿورو ڏنو آهي. نہ تہ
.. بڌ ڌرم سان لاڳاپيل اهم قديم يادگارن جي خاطر خواهہ ڄاڻ
ملي وڃي ها. سندس ڏنل احوال مطابق راڄڌانيءَ جو گهيرو ١٧ يا ١٨
لي يا گهٽ وڌ ٿي ميل آهي. ان جو بچاءُ سندس جاگرافيائي بيهڪ
ڪري هو. منجهس ٻڌن جون ٻارهن مڙهيون Monasteries هونديون
هيون، جنهن ۾ هڪ هزار ڀڪشو رهندا هئا. هندن جا مندر نو هئا، جن
۾ اسوار ديو Iswara Deva (شو) جا ٽي سؤ پوڄاري ٿي رهيا،
جيڪي پنهنجي جسم تي خاڪ مليندا هئا. شهر ٻاهران نانگ تلاءَ وٽ
موجود استوپا جو ذڪر اڳي ئي ڪيو ويو آهي، ان جي پرسان پيون
چار ننڍڙيون استوپائون آهن، جيڪي انهن هنڌن تي ناهيون ويون آهن،
جتي ٻڌڌرم جا مشهور فقير وينا يا گهميا هئا. آهيچاترا جي پڪيڙ ۾
جاگرافيائي بيهڪ بابت شين سئنگ جو بيان اهڙو آهي جو زير بحث
آهيچترا جي بيهڪ ۾ خاص ڳالهين سان نهڪي بيهي ٿو تنهن ڪري
پورو يقين ٿئي ٿو تہ اهو آهيچاترا ئي آهي. موجوده صورت حال موجب
هن ماڳ جو گهيرو ١٩٤٠٠ فوٽ آهي، جيڪو ساڍا ٽن ميلن کان مٿي
ٿيندو. سندس شڪل صورت ڏنگي ڦڏي گونيءَ ڪنڊ واري ٽڪنڊي
آهي. اولاهون پاسو ٥٦٠٠ فوٽ، اتريون پاسو ٦٤٠٠ فوٽ آهي. ڏکهو
پاسو ڏکڻ - اوڀر واري طرف کان اتس، جنهن جي ڊيگهہ ٧٤٠٠ فوٽ
ٿيندي. هيءُ قلعو رام گنگا ۽ گاگهن Gaghan ندين جي وچ تي آهي.
ٻئي نديون اڪرڻ ۾ اهنجيون آهن. پهرين تہ ويڪري آهي ۽ ڪنارا
وارياسا اتس ۽ ٻيءَ جي پاسي ۾ وري اونهان گهارا آهن. ٻنهي جي اتر
۾ اوڀر واري پاسي واري جوءِ، پيريا نالہ Piria Nala ڪري پهچ کان
پري آهي. هي ايڪپرو ۽ اونهون گهارو آهي. چوڌس پاٽيءَ جا وڏا تلاءَ
پيا نظر ايندا. ڦيٽن واري سواري تہ هتي هلي ئي ڪانہ سگهندي آهي.
بريلي هتان کان ١٨ ميل پري آهي، گاڏڙ سٽڪ ٢٣ ميل ڏکهي آهي، پر
هن علائقي ۾ اتر - اولهہ واري پاسي لکنور Lakhnor کان سولائي
سان پهچي سگهجي ٿو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڪٽهيريا Katehiria
راجپوتن جي راڄڌاني هو، تنهن ڪري شين سئنگ جو بيان بلڪل

ٻہ آهي.

آهيڇاترا علائقي جو گهيرو ٣٠٠٠ لي يا ٥٠٠ ميل هو. سنڌس هن وڏيءَ پکيڙ مان پتو پوي ٿو تہ روهيلکنڊ جو اوڀاريون پاسو اترين ٽڪرين ۽ گنگا جي وچ تي آهي. هيءُ علائقو اولهہ کان پيلي ڀِت کان شروع ٿئي ٿو ۽ اوڀر پاسي گهاگرا جي ڪناري تائين خيرآباد وٽ دنگ ڪري ٿو. سڌيءَ ماپ موجب هيءُ دنگ ٤٥٠ ميل ۽ سٽڪ جي فاصلي مطابق ٥٠٠ ميل آهي.

## پلوشانا

شين سئنگ آهيڇاترا کان ڏکڻ طرف ٢٦٠ يا ٢٧٠ لي يا ٢٣ يا ٢٥ ميل سفر ڪري گنگا پهتو. درياهہ اڪرڻ کان پوءِ ڏکڻ - اولهہ ڏانهن رخ ڪري (٥٥٧) پيلو - شان - نا Pilo _ Shan _ Na پهتو هو. هن جڏهن ڏکڻ پاسي سفر ڪيو هوندو تہ آؤنلا، بدايون ۽ سورن Soron کان هيٺ سهاوار Sahawar پرسان ٻڌنگا ڏانهن اسهيو هوندو. اٽڪل چار سؤ سال اڳ اهي ٻئي ماڳ گنگا جي مکيہ وهڪري سان هوندا هئا. ان کان پوءِ سنڌس سفر جو رخ ڏکڻ - اولهہ طرف ٻڌايو وڃي ٿو. منهنجو ويچار آهي تہ هن سهاوار پرسان ئي گنگا پار ڪئي هوندي، جيڪو آهيڇاترا کان سڌي سفر موجب ٤٢ ميل پري آهي. مان هن جوءِ ۾ پهچي گهٽي پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ پتو پيو تہ هن علائقي ۾ سورون کان وڌيڪ ڪو آڳاٽو ماڳ نہ آهي. شين سئنگ ڏکڻ - اولهہ واري سفر جو ڪو فاصلو ڪونہ ٿو ٻڌائي. مان ويچاري هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ جنهن ماڳ جو هن پي - لو - شان - نا نالو لکيو آهي سو سورون آهي. مان پاڻ بہ سورون ڏٺي آهي. مون کي معلوم ٿيو تہ اهو ماڳ نهايت آڳاٽي دور سان واسطو رکي ٿو، پر منهنجو خيال آهي تہ چيني ياتريءَ هيءُ ٺاڪ ڪونہ ڏنو هو. مان آترنجي- کيرا Atranji -khera تي محنت ڪرڻ کان پهريائين سورون بابت احوال اورڻ چاهيان ٿو.

سورون،گنگا درياهہ جي الهندي يا ساڄي ڪنار سان واقع هڪ وڏو شهر آهي. بريلي ۽ مترا ڏانهن ويندڙ وڏي سٽڪ بہ هتان متيندي آهي. هتي وشنو ديوتا، ورها اوتار Varaha Avatar جو روپ ڌاري هرنياڪش Hiranyakshaکي قتل ڪيو هو. ان کان پوءِ

هن ٺاڪ جو نالو مٿائي سڪار ڪشيترا Sukarakshetra يعني سوڳڻ جو ٺاڪ Theplace of good deeds رکيو ويو. هن ماڳ جو اصلي نالو اڪال ڪشيترا Ukala kshetra هو. قديم شهر جي جاءِ تي هاڻي دڙو آهي جنهن کي قلعي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي جنهن جي اتر کان ڏکڻ ڊيگهه هڪ ميل جي چوٿين پتي ۽ ويڪر ان کان ٿوري ٿيندي. هي ٺاڪ گنگا جي پراڻي پيٽ جي چڙيل واريءَ جي پيٽ تي آباد آهي. چيو ويندو آهي ته ٻه سئو سال کن اڳ گنگا هتان وهندي هئي. موجوده شهر دڙي جي ڏکڻ ۽ الهندي ۾ آباد آهي ۽ منجهس پنج هزار ماڻهو رهن ٿا. پراڻي دڙي تي هاڻي شيخ جمال جي مقبري ۽ سيتاران جي مندر کانسواءِ ٻي ڪابه وسندي ڪانه آهي. سارو دڙو وڏي ماپ جي سرن جي ٽوٽن سان ڍڪيل ڏسبو ۽ پٽين جون پيڙهيون به چوڌس ڏسڻ ۾ اينديون. مذڪوره دڙو هڪ قلعي جو آهي جنهن لاءِ چيــو ويندو آهي ته صــديون اڳ ســورون جي راجا ســوم دت Somadatta تعمير ڪرايو هو، پر شهر ان کان به قديم آهي ۽ هڪ ڏند ڪٿــا راجا وينا چڪــرورتي Raja Venachakrvotti ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي. هيءُ راجا اتر بهار، روهيلکنڊ ۽ اوڌ جي ڏند ڪٿائي ڪهاڻين ۾ گهڻو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

وڏي دڙي کي آتر جي ڪيــرا جي نالي ســان سڏيو ويندو آهي جيڪو ڪالي نديءَ جي ساڄي يا الهندي ڪناري ڪرسان Karsana کان چار ميل ڏکڻ ۽ ايتا Eyta کان اٺ ميل اتر هڪ وڏيءَ سٽڪ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چيني ياتريءَ هن کي پي - لو - شان - نا Pi _ Lo _ Shan _ Na سڏيو آهي. سورون کان پندرهن ميل ڏکڻ ۾ سنڪيسه Sankisa کان سڌو تيتاليهه ۽ رستي کان ٤٨ کان ٥٠ ميل اتر - اولهه ٿيندو. آئين اڪبريءَ ۾ آترنجي کي قنوج پرڳڻي ۾ سڪندرپور آتريجي Sikandor pur Atreji جي نالي سان لکيو ويو آهي. هاڻي وري ان کي سڪندر آباد ڪوٺيو وڃي ٿو، جيڪا آترنجي جي سامهون ڪالي نديءَ جي ڪاٻي ڪناري آباد آهي. هن ڳالهه مان اهو معلوم ٿيندو ته آترنجي اڪبر جي دور تائين آباد رهندي آئي آهي. ان کان پوءِ هن پرڳڻي کي ڪرسان Karsana نالي سڏيو ويندو هو، پر هاڻي ان جو نالو سهاور ڪرسان Sahawor Karsan آهي. ڪڏهن ته ان کي وري رڳو سهاور سڏيو وڃي ٿو. شين سئنگ هن جو نالو پي - لو -

شان - نا بڌائي ٿو، جنهن لاءِ ايمر جولين جو خيال آهي ته اهو ويرسانا Virsana ١٨٤٨ع ڌاران اشـــارو ڏنو هو ته پيل Pil ۽ ڪار ٻئي سنسڪرت جا لفظ آهن جنهن جي معنيٰ هاٿي آهي. تنهن ڪري ممڪن آهي ته اهي پيلوســان Pilosana ۽ ڪرسـان ٻئي هڪ هجن، جنهن بابت مان اڳي ئي ٻڌائي آيو آهيان ته اهو آترنجي کيرا جي چار ميل اتر پاسي هڪ وڏو ڳوٺ آهي. ڪرسان ڪي مٿيون شهر سمجهڻ خلاف پهريون اعتراض ته اهو آهي ته هي ايترو پراڻو نظر ڪونه ٿو اچي. ڪي ماٺهو وري هن ڪي ديورا ڪرساد Deora Karsada به سڏيندا آهن، جنهن مان پتو پوي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ هتي ڪو مشهور بندر به هوندو هو. اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪرسان جو نالو آترنجي سان ائين ملايو ويو هجي،جهڙيءَ ريت اسان آئين اڪبريءَ ۾ سڪندر پور سان آتريچي جو نالو ڳنڍيل ڏسون ٿا. پيلوسان ڪي ڪرساڻ سمجهڻ هڪ انومان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي. هن موضوع تي اهڙي قسم جا اندازا لڳائڻ اجايو هوندو آهي. شين سئنگ هن ماڳ جو طرف ۽ فاصلو ٻڌايو آهي جنهن مان پتو پوي ٿو ته اهو سيرپور Sirpur جي اوسي پاسي هو، جنهن جي پرسان هاٿي پيل ڪوني Pilkuni پيل ڪومي Pilkomi آهي، جنهن ڪي اسان جي نقشن ۾ پيلو ڪوني Pilukhoni لکيو ويو آهي. هيءَ ٺاڪ ايڏو اهم به ڪونه آهي پر ان ڪي هڪ ننڍي کيرا يا دڙي تي به ناز آهي جنهن جو گهيرو شين سئنگ جي ٻڌايل ٻن ميلن جي گهيري جي چوٿين پتي مس ٿيندو. جيڪو هن پيلوسان شهر جو ٻڌايو آهي پر هن جي فائدي ۾ به سگهارا سبب ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پهريون سبب سندس جاگرافيائي بيهڪ آهي،جيڪا چيني ياتريءَ جي سفرنامي مطابق هن جي طرف ۽ فاصلي سان سهمت آهي. ٻيو سبب سندس نالي جي هڪ جهڙائي آهي ۽ ش ۽ ک جو اچار هڪ جهڙو هوندو آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته شين سئنگ جي پلوشان Piloshana جو عام اچار پلوڪان Pilokhan آهي.

مان آترنجي کيرا ڪي پلوشان ان ڪري سمجهان ٿو جو هن علائقي ۾ سورون کان سواءِ ٻي اهڙي اڳاٽي ۽ وڏي وستي ڪانه آهي. اها به حقيقت آهي ته سنڪيسا جو موجوده فاصلو چيني ياتريءَ جي ٻڌايل پنڌ کان ڪجهه وڌيڪ آهي. شين سئنگ موجب اهو فاصلو ٽيٽيهه ميل آهي جڏهن ته هيءُ فاصلو ٤٥ ميل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر طرف

بلڪل صحيح آهي. ممڪن آهي ته شين سئنگ جي ٻڌايل فاصلي ۾ غلطي هجي. منهنجو ويچار آهي ته قديم پلوشان کي آترنجي ڪيرا سمجهڻ وڌيڪ مناسب آهي. هنن ٻنهي ماڳن جي هڪ جهڙائيءَ ۾ فرق فقط فاصلي جو آهي. شين سئنگ هيءُ فاصلو ٣٣ ميل ٻڌائي ٿو جڏهن ته سڌو فاصلو ٤٣ ميل ۽ رستي سان پنڌ ٤٨ يا ٥٠ ميل آهي. مان مٿي فاصلي جي غلطيءَ جي امڪان ڏانهن اشارو ڪري آيو آهيان پر جيڪڏهن يوجنا جي ماپي مطابق فاصلي جي ماپ ڪبي ته اهو پنڌ ذري گهٽ وجي پورو بيهندو. شين سئنگ جو چوڻ آهي ته چاليهه چيني لي هڪ يوجنا جي برابر آهن پر روهيلکنڊ جا پراڻا يوجنا دو آبي جي وچين علائقي جي يوجنا کان مختلف آهن. جهڙيءَ ريت اڄ ٻنهي جي ڪوهن جي ماپي ۾ فرق ڏسڻ ۾ ايندو آهي. يعني روهيلکنڊ جو هڪ ڪوه ڏيڍ ميل جو هوندو آهي ۽ ٻنهي جي ڪوه ۾ اڌ ميل جو فرق آهي. اهڙيءَ ريت هرهڪ يوجنا تي ٻن ميلن جو فرق ٿئي ٿو. مٿي بيان ٿيل پوئين علائقي جو ميل ٽيون حصو وڌو آهي. جيڪڏهن اسان اهو فرق شين سئنگ جي ٻڌايل فاصلي کان ٢٠٠ لي يا ٣٣ ميلن ۾ جوڙ ڪنداسون ته ڪل جوڙ ٤٤ ميل ٿيندو، جيڪو نقشي جي سڌي فاصلي سان هڪجهڙائي رکي ٿو. مان هن ڳالهه جو قائل آهيان ته شين سئنگ جي ڏنل فاصلي ۾ غلطي جو امڪان آهي. شين سئنگ سنڪيسا ۽ قنوج جي وچ ۾ به ساڳيو فاصلو ٢٠٠ لي ٻڌائي ٿو. ٻئي فاصلا هڪ جيترا آهن. سنڪيسا قنوج ۽ آترنجي جي بلڪل وچ تي آهي. منهنجي ماپ مطابق پويون بيان ڪيل فاصلو رستي سان پنجاهه ميل آهي. اڳيون فاصلو به سڌڪ جي پنڌ مطابق ايترو ئي ٿيندو. تنهن ڪري مان امڪان هن ڳالهه جو سمجهان ٿو ته ٻئي فاصلا ٢٠٠ لي بدران ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل هئڻ گهرجن. مان پنهنجي هن بيان جي فائدي ۾ اڳي چيني ياتريءَ فا - هيان Fa _ Hian جو ڏنل فاصلو پيش ڪيان ٿو جنهن جو بيان آهي ته سنڪيسا کان قنوج تائين ست يوجنا يا ٤٩ ميل فاصلو آهي. (٥٥٩) شين سئنگ پاڻ ئي ٻڌائي ٿو ته هڪ يوجنا ۾ چاليهه لي آهن. ان حساب سان به اهو فاصلو ٢٨٠ لي ٿئي ٿو پر فاهيان اڌ يوجنا ڪونه لکيو آهي جيڪو ٢٠ لي جي برابر آهي. ان حساب سان ڪل فاصلو ٢٠ + ٢٨٠ = ٣٠٠ لي يا پنجاهه ميل ٿئي ٿو.

شين سئنگ جي قلمبند ڪيل ٻنهي فاصلن ۾ موجود فرق جو

سبب ڪهڙو آهي؟ اها بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت آهي. پر هيءَ ڳالهہ بہ اهميت ڪان خالي ڪانہ آهي تہ سنڪيسا جو ٿاڪ قنوج ۽ پيلو - شان - نا جي وچ تي هو جهڙيءَ ريت اسان اڄ ان کي قنوج ۽ آترنجي جي بلڪل وچ تي ڏسون ٿا. جيڪڏهن اسان انهيءَ سچائي کي هن حقيقت سان ڳنڍيون تہ هن علائقي ۾ آترنجي ئي هڪ اهڙو آڳاٽو ماڳ آهي، جنهن طرف شين سئنگ اشارو ڏنو آهي، تہ اسان هن ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي نتيجي تي پهچي ئي ڪونہ ٿا سگهون تہ اهو جهونو ٿاڪ پيلو شان- نا ڪان سواءِ ٻيو ٿي ئي ڪونہ ٿو سگهي. هن دڙي جو هيٺ تري ۾ گهيرو ٣٢٥٠ فوٽ گهرو آهي، جيڪو ٻن ميلن ڪان ڪجهہ مٿي ٿيندو. سندس اوچائي پوڻا پنجيتالهہ فوٽ ٿيندي پر پتين جي پيڙهين جي ننڍن ۽ سروٽن جي ڍيرن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر ڪونہ ايندو. چيو وڃي ٿو تہ پيلوشان جي علائقي جو گهيرو ٢٠٠٠ لي يا ٣٣٣ ميل ٿيندو. منهنجو ويچار آهي تہ اهو فاصلو وڌائي ٻڌايو ويو آهي. سندس چوڌاري موجود علائقن جي نقطہ نگاهہ ڪان سندس گهيري کي هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو تہ جمنا نديءَ جي ڪناري سان بلند شهر ڪان فيروزآباد تائين ۽ گنگا نديءَ جي ڪناري سان موجود شهر قادر گنج تائين سندس ڪل گهيرو ٢٥٠ ميل ٿي سگهي ٿو.

## سنڪيسا Sankisa

هيءُ شهر پيلوشان ۽ قنوج جي وچ تي واقع هو، جنهن تي مٿي بہ بحث ڪري آيا آهيون. چين جي ٻنهي ياترين هن شهر جو نالو سئنگ - ڪيا - شي Sang - Kia - She جي هجي ۾ لکيو آهي. هن جو اچار موجوده دور جي شهر سنڪيسا سان هڪجهڙائي رکي ٿو. سنسڪرت ۾ سندس نالو سنگڪسيہ Sangkasya آهي. شين سئنگ هن ٿاڪ جو نالو ڪيا - پي - ٿا Kia - Pi - Tha لکيو آهي. جنهن جو مان کو بہ نشان پتو لهي ڪونہ سگهيس. سنڪيسا ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل هڪ مشهور ماڳ آهي، ڇاڪاڻ تہ چيو ويندو آهي تہ هتي مهاتماگوتم ٻڌ سون ۽ جواهرن جي ڏاڪڻ وسيلي اندرا ۽ برهما ديوتائن سان گڏ ترايا سترينسا Trayastrinsa ڪان هيٺ لٿو هو. (٥٦٠) هڪ عجيب وغريب ڏندڪٿا اها بہ ٻڌائي ويندي آهي تہ مهاتما ٻڌ جي جمڻ ڪان ستين ڏينهن سندس ماءُ مايا بہ مري وئي ۽

اهي ٺئي قدرتي ڏاڪٽيون بہ اتي موجود هيون جن جي چوڌاري ڏرمي اڏاوتون جوڙيون ويون هيون. شهر بہ هن دڙي جي چوڌاري تعمير ٿيل ڏسبو جنهن جو گهيرو ١٨٩٠٠ يا ساڍا ٣ ميلن کان مٿي هو ۽ چوڌس ڪچو قلعو هوس. مذڪوره قلعي جا نشان ڪٿي ڪٿي اڃا بہ ڏسڻ ۾ ايندا، شڪل صورت ۾ پارنهن ڪنڊو ڏسبو آهي. ٽن پاسن جهڙوڪ اتر، اوير، اوير ۽ ڏکڻ-اوير پاسي قلعي جي پٽين ۾ لنگهن جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ ايندا جن لاءِ روايتي طور چيو ويندو آهي تہ اهي ٽئي شهر جا دروازا هوندا هئا. ماٺهو روايت جي ثابتيءَ ۾ پائور - کيريا Paor Kheria جو نالو ڪٽندا آهن جيڪو ان قلعي جي لنگهہ جي ٻاهران هڪ ڳوٺ هو ان جي هجي پاؤر Paor آهي پايور Paur نہ آهي، تنهن ڪري ان جو اشارو ڏاڪڻ جي ڏاڪن ڏانهن سمجهڻ کپي ۽ قلعي جو لنگهہ يا ڦاٽڪ سمجهڻ نہ گهرجي. ڪالي Kali يا ڪالي ندري ندي Kali ndri Nadi هن قلعي جي راجگهاٽ وٽان، ڏکڻ - اولهہ واري ڪنڊ ڏئي لنگهندي آهي. هيءُ ٿاڪ ڪڪرا KaKra گهاٽ وٽان اڌ ميل پنڌ تي آهي جيڪو ڪچي قلعي کان هڪ ميل ڏکڻ ٿيندو. (٥٦١)

هتان کان منو ميل کن اتر - اولهہ پاسي آگهٽ Aghat نالي هڪ وڏ دڙو آهي، جنهن جي چوٽي ٤٠ فوٽ اتاهين ۽ تري جو گهيرو اڌ ميل ٿيندو. هن ٿاڪ جو قديم نالو آگهٽ آهي پر هاڻي هن کي آگهٽ سراءِ Agahat Sarai سڏيندا آهن. هتي اها سراءِ ١٠٨٠هہ يا ١٦٧٠ع ۾ ناهي وئي هئي. ان کان پوءِ سندس نالو سراءِ سان گڏ ورتو ويندو آهي. نقشن ۾ هن جو نالو آگهات Aghat آهي. چيو ويندو آهي تہ هتان جي موجوده پٺاڻ زميندار جي ڪنهن ابي ڏاڏي هن سراءِ جو بنياد رکيو هو. ماٺهن جي روايت مطابق هن ماڳ جي نئين سر آباد ٿيڻ کان اڳ هڪ جڳهہ صدين تائين ويران هئي ۽ ماٺهو جڳهہ ڇڏي ڪيڏانهن هليا ويا هئا. هن ماڳ تان مون کي دهليءَ جي پنور جي مسلمان حڪمرانن جا گهڻا سڪا مليا هئا، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ هي ٿاڪ گهڻي وقت تائين غيرآباد ڪونہ رهيو آهي. دڙي جو مٿاڇرو وڏي ماپ جي سرن جي ٽوٽن سان ڍڪيل نظر ايندو. قدامت جي هيءَ اڪيلي نشاني بہ جڻ تہ گهٽي آهي. هن دڙي جي اوچائي سنسڪيا دڙي جيتري آهي. هتان جا ماٺهو گهٽو ڪري هن چوڻ ۾ صحيح آهن: تہ ٻئي شهر هڪ ئي دور ۾ آباد هئا. ٻنهي دڙن جي مٿاڇري تان ساڳئي

قسم جا اهڙا سڪا ملن ٿا جن تي ڪنهن به قسم جي لکت نظر ڪانه ايندي. سيني ڪان وڌيڪ قديم چانديءَ جا اهي همچورس سڪا آهن، جن تي مختلف قسمن جا ضرب ٺپڻ جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. منهنجي ويچار پٽاندر، اهي سڪندر جي حملي واري دور کان اڳاتا آهن.

سنڪسيا کي رامائڻ وارو سنڪشيا Sangasya ۽ چيني ياتريءَ وارو سينگ - ڪيا - شي Seng - Kia - She سمجهڻ ۾ اسان جي پنيرائي نه رڳو نالي جي هڪجهڙائي مان ٿي آهي پر ٿن مشهور ٿاڪن جهڙوڪ متراً، قنوج ۽ آهيترا سان لاڳاپيل جاگرافيائي بيهڪ سان به ٿي آهي. هن ماڳ جي جيڪا شين سئنگ پکيڙ بيان ڪئي آهي، تنهن سان به نهڪي بيهي ٿي. سندس ڏنل ماپ ٢٠ لي يا ساڍا ٣ ميل آهي ۽ منهنجي ماپ ١٨٩٠٠ فوٽ يا ذري گهٽ ساڍا ٿي ميل بيهي ٿي. هن ۾ ڪنهن به شڪ وشبهي جي گنجائش ڪانه آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اهو ماڳ بلڪل ساڳيو آهي. شين سئنگ پنهنجي بيان ۾ سنڪيسا بابت هڪ عجيب ڳالهه بيان ڪري ٿو ته مڙهي پرسان رهندڙ برهمڻن جو انگ تمام گهٽو هو. مان به هن بيان جي پنيرائي ۾ هڪ دليل ڏيڻ چاهيان ٿو ته ماڻهن جي روايت مطابق ١٨٠٠ يا ١٩٠٠ سال اڳ سنڪيسا جا رهواسي پنهنجا ماڳ ڇڏي ڪيڏانهن هليا ويا هئا يا ٿي سگهي ٿو ته اهو واقعو ١٣٠٠ سؤ سال اڳي ٥٦٠ع ڌاران ٿي گذرو هجي، جڏهن هتان جي اصلي ڪيات Kayath رهاڪن پنهنجو ماڳ برهمڻن جي حوالي ڪيو هو. وڌيڪ اهو به ٻڌايو وڃي ٿو ته پاؤرا - ڪيرا جي ڳوٺ جي سڄي آبادي برهمڻن تي مشتمل هئي. سنڪيسا جي چوڌس گهيري بابت چيو وڃي ٿو ته اهو ٢٠٠ لي يا ٣٣ ميل هو. سندس چوڌاري علائقن جي ناتي سان هي گهيرو گهٽو وڌائي ٻڌايو ويو آهي. گنگا ۽ جمنا ندي ان جي مقرر اترين ۽ ڏاکڻين سرحد آهي. اولهه ۽ اوير کان آترنجي ۽ قنوج اٿس. ان حساب سان سندس گهيرو ٢٢٠ ميلن کان وڌيڪ ڪونه ٿيندو.

## متُرا

ستين صديءَ ۾ متُرا جو شهر ڏاڍو مشهور هوندو هو ۽ ان سان گڏ هڪ ملڪ جي راڄڌاني به هئي، جنهن جو گهيرو ٥٠٠٠ لي يا ٨٣٣ ميل هو. (٥٦٢) جيڪڏهن سندس گهيرو صحيح آهي ته هن

علائقي ۾ بئرات ۽ آترنجي جي وچ واري ايراضي ڏکڻ پاسي آگري کان هيٺ نارواڙ Narwar ۽ سوپوري Seopuri ۽ اولهه ۾ سنڌو درياهه تائين ساري جوءِ شامل سمجهڻ گهرجي. مذڪوره ايراضين کي شامل ڪرڻ سان نقشي جي سڌي ماپ موجب اهو گهيرو ٦٥٠ ميل ٿئي ٿو ۽ سٽڪ مطابق اهو فاصلو هڪ سؤ ميل وڌي ٧٥٠ بيهي ٿو. ان ۾ متر جو موجوده علائقو جنهن ۾ يارت پور، ڪيرولي، ڍول پور جون ننڍڙيون رياستون ۽ گواليار جو اڌ به شامل سمجهڻ گهرجي. ان علائقي جي اوڀر ۾ جيجهوتي Jijhoti ۽ ڏکڻ ۾ مالوا جا ملڪ هوندا هئا، جن جو شين سئنگ به ذڪر ڪيو آهي ته اهي ڌار ڌار ملڪ هئا.

ستين صديءَ ۾ مترا شهر جو گهيرو ٢٠ لي يا ساڍا ٽي ميل هو. مذڪوره گهيرو سندس موجوده دور جي گهيري سان نهڪي اچي ٿو، پر سندس جاگرافيائي بيهڪ اها ساڳي ڪانه آهي جيڪا ٻڌائي وئي آهي. ڇاڪاڻ ته شهر جا گهر جمنا جي اوڀر طرف پائڻ ڪري اتر ۽ اولهه ڏانهن سرڪي ويا آهن. چيو وڃي ٿو ته مترا جو قديم شهر اتر کان بني مسجد ۽ ڪنسا Kansa قلعي وٽان ٽيلا ڪانس Tela Kans ۽ ٽيلاست سک Sat Sikh ڏانهن ڏکڻ پاسي وڌندو رهيو آهي پر هاڻي ڏکڻ پاسي واري اڌ آبادي قديم شهر خالي ڪري ٻاهر وڃي بني مسجد جي اولهه ۽ اتر ۾ وڃي پنهنجا گهر جوڙيا آهن ۽ شهر جي چوڌاري ڪيترا دڙا ڏسڻ ۾ ايندا. ورهين کان وٺي ماڻهو انهن دڙن مان سرون ڪڍي پنهنجن گهرن ناهڻ ۾ ڪتب آڻيندا رهيا آهن. هاڻي ته اهي سروٽن ۽ سرن جي ڳاڙهي مٽيءَ ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونه رهيا آهن. هتي اٽ ان وڏي دڙي جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان جيڪو جبل جي ويجهو ۽ شهر کان ٽي ميل ڏکڻ آهي. پري کان سندس شڪل وصورت ائين لڳندي هئي جڻ ته سرن جي پراڻي ڪوري جو ڪو ڍير آهي. پاهران ڏسڻ ۾ بي ڊولو ۽ تيج سمان ٽي لڳو پر کوٽائيءَ کان پوءِ اتان ڪيترين مورتيون ۽ اکريل ٿلهه لڌا ويا، جنهن مان ثابت ٿيو ته اهي ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل به مڙهيون هيون، جن جو واسطو پهرين صدي عيسويءَ سان هو.

مترا هندستان جو هڪ قديم شهر آهي. ڪرشن جي تاريخ ۾ ڪيس گهٽو ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته اهو ٺاڪ سندس ويريءَ راجا ڪنسا Kansa جي طاقت جو مرڪز هو.[٥٦٣] ميگزٿينس Megas

ڪنليڪابارتا Kalikabarta ٿي سگهي ٿي. پريم ساگر Prem Sagar مطابق جمنا جو هيءُ ڪن ان ڪري ٿيو هو جو هڪ ڏينهن ڪرشن مهراج جمنا ۾ اشنان ڪري رهيو هو ته اتي پرسان وينل ڪالي Kali نانگ مٿس زهر جا ڦوڪارا اڇلائي مارڻ جا جتن ڪيا هئا. هن قصي جو ان ڳالهه ڏانهن به اشارو آهي ته جڏهن ان نانگ کي ڪير پياريو ويندو هو ته سندس زهر وڌي ويندو هو. ان سان اهو به اهڃاڻ ملي ٿو ته ماضيءَ ۾ ان نانگ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. نانگ جي پوڄا ۽ ان کي ڪير ڏيڻ جو رواج اڄا سوڌو هلندو اچي ٿو ۽ اهو ان جي ڪير پيئڻ جي قدرتي سگهه کان واقف ٿيڻ ڪاڻ ڪندا آهن. اڳين صديءَ ۾ بنارس جي راجا چيت سنگهه ٻن شهرن مٿرا ۽ ورنداون جو سارو ڪير آڻائي ڪدمب وڻ جي پور ۾ هارايو هو. جتي ڪاليڪا Kalika نانگ رهندو هو ۽ ڏنو ويو ته جمنا جي پاڻيءَ جو رنگ ٿورو به ڪونه بدليو هو جنهن مان پتو پيو ته ان نانگ کي ڪير پيئڻ جي ڪرامتي سگهه هئي.

## قنوج

شين سئنگ ڪيسا کان قنوج ڏانهن اسهيو، جيڪو هن ماڳ کان ٢٠٠ لي يا ٣٣ ميل اتر طرف هو. جيئن ته ٻنهي ماڳن جي جاگرافيائي بيهڪ سڀني کي معلوم آهي، تنهن ڪري ان طرف کي صحيح ڪري ڏکڻ - اوير سمجهڻ گهرجي ۽ فاصلو به ٢٠٠ لي بدران ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل تصور ڪرڻ کپي. پوئين ڳالهه جي فاهيان به پٺڀرائي ڪري ٿو جيڪو مذڪوره فاصلو ٧ يوجنا يا ٤٩ ميل ٻڌائي ٿو. (٥٦٦) ستينءَ صديءَ ۾ هن ملڪ جو گهيرو ٤٠٠٠ لي يا ٦٦٧ ميل هو. هن بابت مان اڳي ئي ٻڌائي آيو آهيان ته هن علائقي ۾ گنگا جي اتر واريون ننڍيون رياستون ۽ گنگا دوآبي واريون کي ايراضيون منجهس شامل هونديون نه ته رڳو قنوج جو گهيرو ٢٠٠ ميل مس ٿيندو. جيڪڏهن شين سئنگ جي بيان ڪيل گهيري جي انگن اکرن کي صحيح سمجهجي ته پوءِ قنوج جي علائقي ۾ گهاگرا نديءَ وارو خيرآباد کان تنڊي Tanda تائين ۽ جمنا تي ايٽاوا Etawa ۽ الهه آباد واريون ايراضيون پڻ شامل سمجهڻ کپن، جن جو گهيرو ٢٠٠ ميل ڪن ٿيندو.

قنوج جو مشهور شهر جيڪو ڪيترين صدين تائين اتر هندستان جي هندو راجائن جي راڄڌاني رهيو آهي، تنهن جي باقيات

Salivahan جي ڦريءَ سان واسطو رکن ٿا، جيڪو ڪنهن زماني ۾ گنگا نديءَ جي ڪناري تي واقع ڍانڊيا - کير Daundia Khera جو راجا هوندو هو. قنوج جي ويجهڙائي ڪري ۽ پنهنجي ابي ڏاڏي جي ناتي سان هن گنگا دوآبي جي سڄي علائقي تي پنهنجي دعويٰ ڪئي، جيڪو دهليءَ کان وٺي الهه آباد تائين پکڙيل نظر ايندو، پر هن جي شجري جون فهرستون بلڪل اٽپوريون آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهي غلط به هجن، تنهن ڪري سندن شجري موجب خاندان جو ڪوبه ماڻهو راجا هرش ورڌن جي گهراڻي سان پاڻ کي ڳنڍي ڪونه سگهندو.

مان راجا هرش جي راڄ کي ٦٧٠ع ۽ ٦٥٠ع جي وچ تي سمجهان ٿو. مان سندس دور کي هيٺين شاهدين جي آڌار تي قائم ڪيو آهي: شين سئنگ هن جو بيان ڪيو آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته سندس مرتيو ٦٥٠ع ڌاران ٿيو هوندو. (٥٦٩) ٻي شاهدي به سندس اهو بيان آهي ته راجا هرش راڄگاديءَ تي ويهڻ سان ساڍن پنجن سالن تائين لڳاتار جنگ ڪندو رهيو ۽ ان کان پوءِ ٽيهن سالن تائين امن امان سان راڄ ڪيائين. هن چيني ياتريءَ ساڳيو بيان چين ورڻ وقت به ورجايو آهي. سندس چوڻ آهي ته اهڙي جاڻ ڪيس پاڻ راجا ڏني هئي ته مان ٽيهن سالن کان به مٿي حڪومت ڪئي آهي. راجا ڪيس وڌيڪ ٻڌايو ته هو هر پنجين سال سڀا Assembly ڪوٺائيندو آهي ۽ اهڙيون ڇهه سڀائون سڏائي چڪو آهي. شين سئنگ جي مختلف بيانن مان پتو پوي ٿو ته هو چين سن ٦٤٠ع ڌاران موٽيو هو. سندس بيان موجب راجا هرش ٽيهن سالن کان مٿي ۽ پنجٽيهن سالن کان گهٽ راڄ ڪيو هو ۽ هڪ اندازي مطابق ٥١٠ع کان ٦٠٥ع جي وچ ڌاران راڄگاديءَ تي ويٺو هوندو. ٽين ڳالهه اها آهي ته سن٦٠٧ع ڌاران هرش جي سن جي شروعات ٿي هئي. ابوريحان جي حوالي سان پتو پوي ٿو ته متر ا ۽ قنوج وارن علائقن ۾ يارهين صديءَ جي شروعات واري زماني تائين راجا هرش واري سن ڳڻڻ جو رواج هو. (٥٧٠) هنن حقيقتن مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته راجا هرش جنهن سن ٦٠٧ع ۾ قنوج ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪيو هو سو قنوج جو مهاراجا هرش ورڌن هو، جنهن مذڪوره علائقي تي ستين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ وڏي شان ۽ شوڪت سان حڪومت ڪئي هئي.

جيڪڏهن قديم قنوج بابت شين سئنگ جي بيانن ۾ قنوج مان

لڌل شين کي پيتائي چنڊچاڻ ڪبي تہ نهايت افسوس سان چوڻو پوندو تہ مان يقين سان ڪوبہ ماڳ سچائي ڪونہ سگهيو آهيان، ڇاڪاڻ تہ مسلمانن هندن هر اهڃاڻ کي ڏاهي ناس ڪري سڃاڻ کان ئي پري ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهن جي روايت مطابق هيءُ قديم شهر راڄگهاٽ پرسان حاجي حرمين Haji Harmayan جي درگاهہ کان ونئي ڏکڻ ميران ڪاسراءِ Miran Ka Sarai تائين پورن ٽن ميلن تائين پکڙيل هوندو هو. اولهہ طرف ڪپتيہ Kaptya ۽ مڪرند نگر Makrand Nagar آباد هو. هي ٻئي ڳوٺ حاجي حرمين جي درگاهہ کان ٽي ميل پري آهن. اوير پاسي کان هن شهر جي حد گنگا جي پراڻي پيٽ تائين آهي، جنهن کي هتان جا ماڻهو ڇوٽي گنگا سڏيندا آهن. نقشي ۾ هن کي ڪالي ندي ڏيکاريو ويو آهي. ماڻهن جو بيان آهي تہ ڪنهن زماني ۾ ڪالي يا ڪالي ندري ندي سنگي رامپور Sangi rampur يا سنگرامپور Sangrampur جي پرسان وڃي گنگا سان ملندي هئي. پر سوين سال اڳ گنگا هن ماڳ وٽان الهندو رخ اختيار ڪيو هو ۽ ڪالي نديءَ جو پاڻي ان جو پراڻو پيٽ ڏئي وهندو هو. اهو پراڻو پيٽ سنگرامپور ۽ ڪالي نديءَ جي وچ تي اڄ بہ موجود آهي. مان هن ويچار جو آهيان تہ هن معاملي ۾ ماڻهن جو عام خيال صحيح آهي تہ پاڻيءَ جو اهو وهڪرو جيڪو سنگرارام پور کان ميندي گهاٽ Mhandi Ghat ڏانهن ويندي قنوج وٽان گذرندو آهي تنهن ۾ فقط ڪالي ندي جو پاڻي هوندو آهي، پر ان پراڻي پيٽ ۾ ڪڏهن گنگا جو مکيہ وهڪرو گذرندو هو. فاهيان ۽ شين سئنگ جي سفرنامي جا حوالا ڏنائن ٿا تہ قنوج جو شهر گنگا جي ڪناري تي هوندو هو. سنڌن اهڙن بيانن جي تصديق نہ رڳو ماڻهن جي روايتن وسيلي ٿئي ٿي پر گنگا جو پراڻو پيٽ بہ ساڳي شاهدي ڏئي ٿو جنهن کي هتان جا ماڻهو ڇوٽي گنگا سڏيندا آهن.

قنوج جو موجوده شهر پراڻن ماڳن جي اترئين ڇيڙي وٽ تعمير ٿيل ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن ۾ قلعي واري جوءِ بہ شامل آهي. هاڻي سندس حدون هن ريت آهن: اتر پاسي کان حاجي حرمين جي درگاهہ، ڏکڻ اولهہ کان تاج باج Taj Baj جو مقبرو ۽ ڏکڻ - اوير کان مخدوم جهانيان جو مقبرو ۽ مسجد. گهر بہ ڇڊا پاڊا نظر ايندا. اهڙيءَ ريت قلعي اندر بہ گهرن جو انگ ٿورو آهي. شهر جي آبادي همچورس ميل ڏسڻ ۾ ايندي پر آدمشماري ١٦٠٠٠ کان وڌيڪ ڪانہ ٿيندي. مذڪوره

قلعو گهٽي مٿاهينءَ تي اڏيل آهي ۽ سندس شڪل صورت ٽڪنڊي آهي. سندس اترينءَ ڪنڊ تي حاجي حرمنين جي درگاهه، ڏکڻ - اولهه کان اجيه پال جو مندر ۽ ڏکڻ - اوڀر واريءَ ڪنڊ کان هڪ وڏو برج آهي جنهن کي ڪسيم ڪالي برج Kshem Kali Burj سڏيو ويندو آهي. هر هڪ پاسي جي ڊيگهه ۴٠٠٠ فوٽ ٿيندي. هن جي اتر - اولهه واري پاسي کان هڪ اونهون گهارو آهي، جيڪو سندس گهٽو بچاءُ ڪندو آهي. اتر - اوڀر واري پاسي کان چوٽا گنگا آهي. ڏکڻ واري پاسي کان ڪيس ڪاهيءَ جو بچاءُ هوندو، جيڪو هاٽي شهر جي اچ وڃ لاءِ مکيه رستو بڻجي پيو آهي، جيڪو اجيه پال مندر پرسان پُل وٽان شروع ٿي ڪشيم ڪالي برج وٽ اچي دنگ ڪري ٿو. اوڀر - اتر واري پاسي وڏو ڏڙو اٿس، جيڪو نديءَ واري هيٺاهين پاسي کان ٦٠ يا ٧٠ فوٽ اتاهون ٿيندو. گهاري واري پاسي کان ان جي اوچائي ۴٠ يا ٥٠ فوٽ ٿيندي. البت ڏکڻ ڏس کان اجيه پال مندر کان هيٺان سندس اوچائي ٣٠ فوٽن کان مٿي ڪانه ٿيندي. پر بالا پيرو وٽان ۴٠ فوٽ اتاهون ٿيندو. فوجي نقطه نگاهه کان هن شهر جي بيهڪ تمام اهم آهي. توبن جي استعمال کان اڳ قنوج جو قلعو ضرور بي انتها سگهارو هوندو. ماڻهو چون ٿا ته هن قلعي کي به ڦاٽڪ هوندا هئا، جن مان هڪ اتر پاسي حاجي حرمنين جي درگاهه وٽان ۽ ٻيو ڏکڻ - اوڀر طرف ڪشيم ڪالي برج پرسان هوندو هو، پر اهي ٻئي ڦاٽڪ درياهه ڏانهن کلندا هئا، تنهن ڪري اها پڪ ٿئي ٿي ته هڪ ڦاٽڪ اهڙو هوندو، جيڪو خشڪيءَ ڏانهن به کلندو هوندو ۽ اهو ڏکڻ - اولهه واري پاسي ڏانهن هوندو. قلعي جي بيهڪ موجب ان کي گهٽو ڪري اجيه پال مندر ويجهو ۽ رنگ محل جي پٺين هيٺان هجڻ گهرجي.

پراڻين روايتن مطابق قديم شهر ۾ ٨۴ محلا هوندا هئا. ٢٥ محلا ته موجوده شهر ۾ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. موجوده دور جو شهر مني ميل تي پکڙيل آهي ۽ منجهس ٢٥ محلا آهن ته قديم شهر جيڪو ٨۴ محلن تي مشتمل هوندو، سو ضرور اڍائي همچورس ميلن ۾ پکڙيل هوندو. شين سئنگ به هن شهر جي ساڳي ماپ ٻڌائي آهي. سندس بيان آهي ته هن شهر جي ڊيگهه ٢٠ لي يا ساڍا ٽي ميل ۽ ويڪر منو ميل هئي. جيڪڏهن هنن ٻنهي ماپن کي پاڻ ۾ ضرب ڪجي ته جواب اڍائي همچورس ميل ٿيندو. پراڻا ماڳ به پڪيڙ ۾ هن ٻڌايل ماپ جيترا

ٿيندا ۽ پراڻا سڪا به انهن پراڻن پڊن تان لڌا ويا آهن جن جي قنوج ۾ ڪا ڪمي ڪانه آهي. واپارين جو چونڊ آهي ته سڪا قلعي اندر بالا پير ۽ رنگ محل واري ٽاڪ، قلعي جي ڏکڻ - اوڀر پاسي مخدوم جهانيان وٺان سٽڪ تي واقع مرند نگر وٺان ۽ پن ڳوٺن سنگهه ڀواني Singh Bhawani ۽ ڪتلپور Kutlupur جي ماڳن تان جام لڀندا آهن. راجگير Rajgir نالي هڪ دڙو آهي، جيڪو قنوج کان ٽي ميل ڏکڻ - اوڀر ٿيندو، جتان پن ماڳن جي پيٽ ۾ سڪا تمام گهڻا لڌا ويا آهن. انهن سڀني ڳالهين تي جيڪڏهن ويچاربو ته اهو معلوم ٿيندو ته جنهن قديم شهر جو شين سئنگ ذڪر ڪيو آهي، سو حاجي حرمين ۽ ڪشيم ڪالي برج کان وني گنگا (جنهن کي هاڻي چوٽي گنگا سڏيو ويندو آهي) جي ڪناري ڏکڻ - اولهه طرف هلي سٽڪ تي واقع مڪرند نگر سان وچي ڊنگ ڪندو، جنهن جي ڊيگهه ٽي ميل ۽ ويڪر هڪ ميل آهي. ڪتي ٿوري گهٽ به هئي. ٽرڙ به انهن حدن اندر ڏسڻ ۾ ايندو، جتي ڪڏهن قنوج جو مشهور شهر آباد هوندو.

## ايوٽو Ayuto

قنوج کان نڪري ٻنهي چيني ياترين ڌار ڌار سٽڪون ورتيون آهن. فا - هيان هتان کان سڏو شا - چي Sha-Chi (گهاگهرا درياهه ڪناري فيض آباد پرسان اجوڌيا جو ماڳ) ڏانهن روانو ٿيو هو. شين سئنگ گنگا جو ڪنارو وٺي پرياڳ Prayag يا الهه آباد اسهيو هو. پر ٻنهي سيلانين جي پهرين منزل هڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. فا - هيان جو پنهنجي چرپر بابت احوال هن ريت آهي ته هو گنگا اڪري هولي Holi نالي هڪ ٻيلي کان ٽي يوجنا يا ٢١ ميل ڏکڻ پنڌ ڪري هڪ اهڙي ماڳ تي پهتو، جتي ڪيترين ئي اسٽوپائون تعمير ٿيل ڏسڻ ۾ آيون ٿي، جيڪي انهن ٽاڪن تي اڏيل هيون، جتي مهاتما گوتم رهيو، ويٺو يا گهميو هو. (٥٧١) شين سئنگ جو بيان آهي ته هو ١٠٠ لي يا ١٧ ميل پنڌ ڪري هڪ شهر نوا - ديوا - ڪولا Nava-deva-kula پهتو، جيڪو گنگا جي اوڀر ڪناري سان آباد هو. اتان کان هو ڏکڻ اوڀر طرف هڪ ميل سفر ڪري اشوڪ جي تعمير ڪرايل اسٽوپا وٽ پهتو هو، جنهن جي اوچائي هڪ سؤ فوٽ هئي. هن کان سواءِ ٻڌ ڌرم جي مشهور چئن بزرگن جا نالا به اتي يادگار هئا. (٥٧٢) منهنجو

ويچار آهي تہ اهي ٻئي ٺـاڪ هڪ ئي مـاڳ آهن، جيـڪـو نوبت گنج Nobat ganj جي ويجهـو ۽ اسن ندي Isan river جي سنگم کـان مـٿـان ننمـائو گـهـاٽ Nanmow ghat جي سـامـهـون واقع هو. پر مذڪوره ٺاڪ جي اوسي پاسي اهڙا يادگار نظر ڪونہ ايندا. انومان ٿئي ٿو تہ گنگا ان کي پائي ڪٽي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان ندي جي سنگم کان هينان گنگا جا ڪنارا ۽ اوسا پاسا ووڙي ولاڙي ڇگيءَ پر ڏنا آهن. ڪنهن زمـاني ۾ ننمـائو کـان گنگا جو گـهـٽـڻ مـيلن تائين وهڪـرو ڏکڻ هوندو هو پر ٻہ ٽي سـؤ سـال ٿـيندا جو اهو وهڪـرو بدلجي ويو آهي. پهرئين مرحلي ۾ اهو وهڪرو ڏکڻ - اوير چار پنج ميل هليو، پوءِ ڏکڻ - اولهہ ڏانهن لڙي ويو ۽ ايتـرو ئي فـاصلو هلي پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهڻ لڳو. ان ڪري ٻنهي وهڪرن جي وچ تي ڇهہ ميل ڊگهو ۽ چار ميل ويڪـرو هڪ پيٽ ٻڌجي پيـو هو. شين سـئـنـگ نوا - ديوا - ڪـولا کي انهيءَ پيٽ ۾ موجود ٻڌائي ٿو. مـان ويچار ڪري هن نـتيجي تي پهـتـو آهيـان تہ شـهـر ۾ ٻڌن جا آثار گنگا درياہ پنهنجي وهڪري بدلائڻ دوران وهائي ڪٽي ويو آهي.

هن ٿـوريَ پنڌ ۾ غلطي ان ڪري ٿي آهي جو فـاصلو ڪوهن بدران يوجنا ۾ لکيـو ويو آهي، نہ تہ جيـڪـر پنڌ پوڻ تي وڌيڪ لکيـو وڃي ها. جيـڪـڏهن نوا - ديوا - ڪولا جي فـاصلي ۾ اهڙي سـاڳي غلطي ڪئي وڃي ها تہ فـاصلو ١٧ مـيلن بدران ٢٥ لي يا ۴ مـيلن کـان ٿورو وڌيڪ ٿئي ها. قنوج کان ڏکڻ - اوير پاسي ڇئن ميلن جي پنڌ تي چوتا گنگا جي ڪناري ديو ڪالي Deokali نالي هڪ مشهور مـاڳ آهي، جيـڪـڏهن اسـان هن نالي مـان پهريان ٻہ پد "نوا" ڪـيندا سـون تہ هن مـاڳ جو نالو اهو سـاڳيـو بيـهندو، جيـڪـو چيني ياتري لکيـو آهي. شين سـئـنگ نوا - ديوا - ڪـولا کـان نڪـري ٦٠٠ لي يا ١٠٠ ميل ڏکڻ - اوير پنڌ ڪري گنگا کي وري اڪري ايوتو نالي هڪ راجڌاني ۾ پهـتو هو، جنهن جو گـهيـرو ٢٠ لي يا ٽن مـيلن کـان ڪجهہ وڌيڪ هو. ايم . جولين ۽ ايم . ڊي سـئـنـت مـارٽن ٻئي هن مـاڳ کي ايوڌا سـمـجهن ٿا، جيـڪـو ڪـنهن زمـاني ۾ شري رام چندر جي راجڌاني هو. مـان ان لفظ جي امـڪـاني پڙهـٽي ايوڌا مـڃان ٿـو، پر هـو ڪري سـاڻـن سـهـمت نہ آهيـان، جو اهو مـاڳ گـهـاگرا جي ڪناري ۽ قنوج کـان سر اوير پاسي آهي. ليـڪـن شين سـئـنگ جي بيـان مطابق هن پنهنجو سفر ڏکڻ - اوير

طرف ڪيو آهي. اهو به امڪان آهي ته هن سيلاني وڏي درياهه لاءِ گنگا جو نالو ڪتب آندو آهي، جهڙيءَ ريت اسان گهاگهرا لاءِ ڏسون ٿا. پر هن معاملي ۾ چيني ياتريءَ ڏکڻ - اوڀر طرف جو خاص ذڪر ڪيو آهي، جيڪو گنگا درياهه جي وهڪري سان ٺهڪي اچي ٿو ۽ پڪ ٿئي ٿي ته اهو وهڪرو گنگا جو هو ۽ شين سئنگ جو مطلب به اهو هو. پر گنگا ڪناري سان ٻن مشهور شهرن قنوج ۽ پرياڳ جي وچ ۾ ايترو ڊگهو سفر به ڏکيائي پيدا ڪري وجهي ٿو. هن ياتريءَ جي بيان موجب هو پهريائين ١٠٠ لي پنڌ ڪري نوا - ديوا - ڪولا پهتو، بعد ۾ ٦٠٠ لي پنڌ ڪري ايوٿو رسيو، اتان ٣٠٠ لي ٻيڙين وسيلي سفر ڪري هيه مکه Haya Mukha پهتو ۽ آخر ۾ ٧٠٠ لي پنڌ ڪري پرياڳ پهتو ٿئي ٿو. هن فاصلي جو ڪل جوڙ ١٧٠٠ لي يا ٢٨٣ ميل بيهي ٿو، جيڪو اصلي فاصلي کان ٦٠٠ لي يا هڪ سؤ ميل وڌي وڃي ٿو. پر هن فاصلي مان ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل پاڻي رستي سفر ڪيو ويو هو. ويچاري ڏسبو ته اصلي وڌيل سفر به ٨٥ يا ٩٠ ميل ٿيندو. اها ڳالهه به شڪ کان خالي نه آهي ته اهو ٣٠٠ لي وارو سفر پاڻي سان نه پر سڌڪ سان لاڳاپيل هجي. اسان کي هتي فقط اهو سمجهڻ گهرجي ته شين سئنگ جيڪو سفر ٻڌايو آهي، تنهن ۾ هڪ سؤ ميل وڌيڪ لکجي ويو آهي. هن غلطيءَ کي هن ريت دور ڪري سگهجي ٿو ته چيني ياتريءَ، لکڻ هڪڙا انگ اکر چاهيا هوندا، پر ڪاتبس لکجي وري ٻيا ويا هوندا يعني ٦٠ لي لکڻ چاهيا هوندا ته لکجي ٦٠٠ ويا هوندس، يا ٧٠ لي لکڻ گهريا هوندائين ته لکجي وري ٧٠٠ ويا هوندس. پهرين غلطيءَ موجب ٥٤٠ لي يا ٩٠ ميلن جو فرق ۽ ٻي غلطيءَ موجب ٦٣٠ لي يا ١٠٦ ميلن جو فرق ٿئي ٿو. جيڪڏهن شين سئنگ جي فاصلي کي هن ريت صحيح ڪبو ته قنوج ۽ پرياڳ جي وچ ۾ فاصلو ١٨٠ ميل ٿئي ٿو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ اهو ئي حقيقي فاصلو آهي.

اهڙيءَ ريت پهرئين مفروضي مطابق هو ياتري نوا - ديوا - ڪولا کان ايوٿو ڏانهن سفر ڪندي ٦٠ لي يا ١٠ ميل ڏکڻ - اوڀر پنڌ ڪري ڪاڪوپور Kakupur نالي هڪ قديم ماڳ وٽ پهتو هوندو جيڪو سوراجپور Seoraj poor کان هڪ ميل اتر ۽ ڪانپور Cawnpur کان ويهه ميل اتر - اولهه آهي. اتان ڪاڪوپور کان ڊانديا - کير تائين ٻيڙيءَ وسيلي سفر ڪيو هوندائين، جيڪو ٣٠٠ لي يا ٥٠

ميل هوندو. شين سئنگ اهو فاصلو ٧٠٠ لي يا ١١٦ ميل ٻڌائي ٿو، جيڪو صحيح آهي. ٻئي مفروضي مطابق هن ياتريءَ پوئين حصي وارو سفر کارا Hkara کان پاپا مائو Papamow تائين پاٽيءَ وسيلي ٥٠ ميل ڪيو هوندو ۽ اتان کان پرياڳ فقط ٨ ميل خشڪي رستي آهي، جيڪو ٧٠ لي برابر ٿيندو. هيءَ حقيقت پوئين مفروضي جي پٺڀرائي ڪري ٿي ته کارا کان پاپا مائو اوير - ڏکڻ طرف آهي. ڪاڪوپور کان بانديا - ڪير ڏکڻ - اوير پاسي ٿيندي، جنهن مان ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته اهو طرف شين سئنگ جي بيان ڪيل سفر جي طرف سان هڪ جهڙائي ڪونه ٿو رکي، جيڪو پنهنجي سفر جو رخ اوير طرف ٻڌائي ٿو. مان پهرئين مفروضي کي صحيح سمجهان ٿو، جنهن ۾ ايوتو جي مکيه شهر کي ڪاڪوپور جي ٿاڪ وٽان ۽ هيه مکه جي ڏانديا ڪير وٽ سمجهيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته اسان کي خبر آهي ته پويون ماڳ گهٽي عرصي تائين ٻئس راجپوتن جي راجڌاني رهندو آيو آهي. مان ڪجهه هن ڳالهه کان به متاثر آهيان ته ڪاڪوپور ٿبيٽ جي ڪتابن وارو ماڳ باگود agud يا واگود Vagud نه هجي. (٥٧٣) هن حوالي موجب اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته ساڪيا Sakya گهراڻي جو هڪ ماڻهو شامپڪ Shampaka ڪاپيلا مان ملڪ نيڪالي ملڻ کان پوءِ مهاتما گوتم جا وار مبارڪ ۽ ننهن جا ذرا ڪٽي اچي باگود ۾ آباد ٿيو هو ۽ انهن جي مٿان چئتيه Chaitya ناهي مجاور ٻڌجي ويهي رهيو هو. ان کان پوءِ ڪيس باگود جو راجا بنايو ويو. راجگاديءَ تي ويهڻ واري ويل کان وني هن سن ڳڻڻ جي شروعات ڪئي هئي. باگود جي جاگرافيائي بيهڪ جا ڪي به اهڃاڻ ڪونه ٿا ملن. پر هن کان سواءِ ٻيو اهڙو نالو ڪونه آهي، جيڪو ساڻس هڪ جهڙائي رکندو هجي. منهنجو خيال آهي ته شين سئنگ وارو ايوتا يا ايوڏا اها ئي ساڳي جڳهه آهي. ٻنهي نالن ۾ ساڳيائپ نظر ايندي. ٻنهي ٿاڪن لاءِ اهو چيل آهي ته مهاتما گوتم جا وار ۽ ننهن مبارڪ اتي موجود هئا ۽ اهي هن ماڳ جي سڃاڻ لاءِ سگهارا سبب آهن.

قنوج جا ماڻهو ڪاڪوپور کان چڱيءَ ريت واقف آهن. ڪين پوري چاڻ آهي ته ڪنهن زماني ۾ اهو هڪ وڏو شهر هوندو هو. ڪين پنهنجو راجا ۽ راجڌاني هئي. هيءُ ماڳ ٻٺور Bitur کان ١٠ ميل يا ٥ ڪوهه اتر - اولهه پاسي آهي. ٻن جڳهن جي وچ تي هيءَ اها جڳهه

ايندو. شين سئنگ هن شهر جو گهيرو ٢٠ لي يا ٽن ميلن کان ڪجهه وڌيڪ ٻڌائي ٿو پر ڊانڊيا - کير جي ايتري وڏي پکيڙ ڪنهن به دور ۾ نظر ڪانه ٿي اچي. هتي قديم قلعي جا اهڃاڻ ڏسجن ٿا جنهن جي ايراضي ٣٨٥ فوٽ همچورس آهي. منجهس به جايون آهن، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي ڪنهن دور جي راجا ۽ راڻيءَ جون آهن. عام طور مشهور ڳالهه اها آهي ته ڊانڊيا - کير بئس راجپوتن جي راڄڌاني رهيو آهي، جن ائوڌ جي هڪ علائقي ڪيٰ بئس وار Baiswara جو نالو ڏنو هو. اها به پڪ پوي ٿي ته ڪنهن زماني ۾ هن ماڳ جي گهٽي پکيڙ هوندي هئي. ڊونڊيا Dondia يا ڊانڊيا Daundia جي معنيٰ دهلائي يا دهلاري Drum beater آهي. هن ٿاڪ تي اهو نالو هن ڪري پيو هوندو جو هڪ دهلاري فقير هن کير يا دڙي تي اچي جهوپڙي جوڙي هوندي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته اهو نالو تڏهن پيو هوندو، جڏهن اهو وسندڙ شهر ويران ٿي ويو هوندو، جاڪاڻ ته هڪ آباد شهر تي دهلاري فقير جو نالو نه ٿو پئجي سگهي. ڏار ڏار نالي ڪري ڊانڊيا کير ۽ هيه مکه جي سڃاڻ ۾ ڪوبه مونجهارو ڪونه ٿو ٿئي.

شين سئنگ جو بيان آهي ته هيه مکه جو گهيرو ٢٥٠٠ لي يا ٤١٧ ميل هو، جيڪو منهنجي خيال ۾ تمام گهٽو آهي. پر ڊانڊيا کير ڪنهن زماني ۾ بئس راجپوتن جي راڄڌاني هو، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سائي ندي Sai river ۽ گنگا جي وچ وارو ڪانپور کان وٺي مانڪپور ۽ سلون Salon تائين بئس وار وارو علائقو ڊانڊيا - کير ۾ شامل هوندو. ان کان پوءِ به هن ساري علائقي جو گهيرو ٢٠٠ ميل ٿيندو. هن حقيقت مان اها پڪ ٿئي ٿي ته شين سئنگ جي زماني ۾ مذڪوره علائقو گنگا کان ڏکڻ ڏانهن به پکڙيل هوندو. منهنجي ويچار مطابق امڪاني حدون هي ٿي سگهن ٿيون: اتر کان گهاگهرا درياهه ۽ ڏکڻ کان جمنا هوندي. تاڊ به هن ڳالهه جي پنيرائي ڪري ٿو. (٥٧٦) سندس بيان آهي ته بئسوار جو علائقو دوآبي ۾ هڪ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل هو. ان جي هڪ پاسي گنگا ۽ ٻئي طرف جمنا وهندي هئي.

## پرياڳ Prayaga

چيني ياتري هيه مکه کان ٥٠٠ لي يا ١١٦ ميل ڏکڻ - اوڀر سفر ڪري پرياڳ رسيو هو. ياترين جو هيءُ هڪ مشهور تيرٿ آهي،

جتي گنگا ۽ جمنا سنگم ڪنديون آهن. هن ماڳ تي اڪبر بادشاهہ، الاهوباس Ilahobos يا الله آباد نالي هڪ قلعو تعمير ڪرايو هو، بعد ۾ جنهن کي شاهہ جهان آباد سڏيو ويو. شين سئنگ جيڪو طرف ۽ فاصلو ٻڌايو آهي، سو ڊانڊا - ڪير ڪان پرياگ جي فاصلي سان سهمت آهي. گنگا جي ڏکڻ طرف سڌي رستي سان اهو فاصلو ١٠۴ ميل آهي. پر هن ياتريءَ اترين سٽڪ ورتي هئي، تنهن ڪري فاصلو وڌي ١١٥ يا ١٢٠ ميل تي ويو هوندو. سندس بيان مطابق اهو شهر ٻنهي ندين جي سنگم واري ناڪ وٽ (٥٧٧) ۾ هڪ وارياسي پٽ جي اولهہ ۾ اڏيل هو. شهر جي وچ تي برهمڻن جو مندر هو، جتي هڪ پئسي ڏيڻ سان ايترو ججهو ثواب ملندو هو، جيترو ٻين مندرن ۾ هڪ هزار پئسن ڏيڻ سان ملندو هو. مندر جي مکيہ ڪمري جي آڏو هڪ تمام وڏو وڻ هوندو هو، جنهن لاءِ چيو ويندو هو تہ اتي آدم خور دئت رهندا هئا. ان وڻ جي چوڌاري انهن ماڻهن جا هڏا ٽڙيا پکڙيا پيا هوندا هئا، جن ان مندر آڏو پنهنجيون جانيون قربان ڪيون هيون. اهڙي قربانيءَ جو رواج نهايت اڳاٽي جڳ کان هلندو پيو اچي. منهنجو ويچار آهي تہ جنهن وڻ جو هن ياتريءَ ذڪر ڪيو آهي، سو ٻڙ جو اهو وڻ آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو ڪڏهن بہ ناس ڪونہ ٿيندو ۽ الهہ آباد ۾ هن وڻ جي اڃا تائين پوڄا ڪئي ويندي آهي. هاڻي هن وڻ کي هڪ پاسي کان نلهن سان عمارت جوڙي ڍڪيو ويو آهي. سمجهڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ اها جاءِ ڪڏهن کليل هوندي. منهنجو ويچار اهو بہ آهي تہ جنهن مندر جو شين سئنگ ذڪر ڪيو آهي، اها تنهن جي باقيات آهي. مذڪوره مندر الهہ آباد قلعي ۾ اندر ايلن برو بئرڪس کان اوير طرف اشوڪ ۽ سمندر گپتا جي پٿر واري نلهہ کان سر اتر ڏسبو. تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ ستين صديءَ ۾ هن ناڪ تي ئي شهر وسندڙ هوندو. هاڻي ٻڙ جو وڻ گهٽو هيٺ ڏسجي ٿو. ان زماني ۾ مندر ۽ اهي وڻ ڌرتيءَ جي قدرتي متاڇري تي هوندا هئا. ان وقت کان وني مندر کان سواءِ ٻي ايراضي گند ڪچري اچلڻ ڪري مٿي ٿيندي وئي، باقي مندر ۽ ڌرتي ساڳيءَ سطح تي رهجي ويا. اهڙيءَ ريت مندر جي اڏاوت پورجي وئي. ڪجهہ عرصو ٿيندو تہ مندر جو مٿيون حصو ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي ۽ آڪشي بٽ Aksy bat ڏانهن هيٺ ويندڙ رستو ڏاکڻ وسيلي بنايو ويو آهي، جيڪو ياترين کي هيٺ نلهن سان جوڙيل همچورس اڱڻ

ڏانهن وٺي ويندڙ آهي. لڳي ٿو ته اهو ڪنهن زماني ۾ ڪليل هوندو، پر هاڻي اهو مٿان ڍڪيل آهي، انهيءَ مقصد سان ته جيئن وڻ مٿان اونداهي پيدا ڪري ڏانهس ڪري راز منسوب ڪري سگهجن.

آڪشي - بت Aksy-bat جو ذڪر اسان کي رشيد الدين جي جامع التواريخ ۾ به نظر ايندو. سندس بيان آهي ته "پراڳ جو وڻ" Tree of prag گنگا ۽ جمنا جي سنگم وٽ نظر ايندو. هن گهڻي معلومات ابوريحان وٽان ورتي آهي، جنهن جو حوالو محمود غزنويءَ جي دور سان واسطو رکي ٿو. نظر ائين اچي ٿو ته ستين صديءَ دوران شهر ۽ بنهي ندين جي سنگم واري ٽاڪ جي وچ تي هڪ وارياسو پٽ هو، جنهن جو گهيرو به ميل هوندو هو. پر نو سؤ سال پوءِ اڪبر جي شروعاتي دور ۾ عبدالقادر جو ان وڻ بابت بيان آهي ته اتان ڪان ماڻهو پاڻ کي درياهه ۾ بوڙيندا هئا. (٥٧٨) هن بيان مان اهو معلوم ٿيندو ته شين سئنگ کان وٺي اڪبر دور تائين گنگا، جمنا ٻئي نديون وچ واري وارياسي پٽ کي پائي وهائي ويون هيون ۽ اچي شهر جي وٽ سان وهڻ لڳيون هيون. مٿي بيان ڪيل ٻڙ جو وڻ ڪناري سان ڏسڻ ۾ ايندو. اج ڪان گهڻو وقت اڳ ماڻهو هن شهر کي ڇڏي ڪيڏانهن هليا ويا هئا. چاڪاڻ ته اسان کي پتو آهي ته الهه آباد واري قلعي جو بنياد ڦٽي شهر جي دڙي تي اڪبري جلوس جي ايڪيهين سال سن٩٨٢هه ١٥٧ع ۾ رکيو ويو هو. حقيقت به اها آهي. ابوريحان جي بيان ۾ پراڳ شهر جي بدران وڻ جو ذڪر ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن مان پڪ ٿئي ٿي ته شهر ان وقت کان گهڻو اڳ ڦٽي ويو هو. جيتري قدر مون کي ياد پوي ٿو ته اڪبر دور تائين ڪنهن به مسلمان مؤرخ هن شهر جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. (٥٧٩)

عام روايت اها آهي ته هن شهر تي پرياڳ نالو هڪ برهمڻ جي نالي پنيان پيو، جيڪو اڪبر دور ۾ هن ٽاڪ تي رهندو هو. ڳالهه هن ريت آهي ته جڏهن اڪبر هيءُ قلعو تعمير ڪرائي رهيو هو ته درياه پاسي واري پٽ گهڻين ڪوشش جي باوجود نهڻ ڪان پوءِ ڪري ٿي پئي. ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ جي صلاح ڪان پوءِ اڪبر کي اطلاع ڏنو ويو ته جيڪڏهن قلعي جي بنيادن وارا انساني رت سان نه رڱيا ويا ته قلعي جي پٽ بيهي ڪانه سگهندي. بادشاهه جي حڪم سان اهڙو پڙهو ڏياريو ويو ۽ پرياڳ نالي هڪ برهمڻ ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ

حياتي ڏيڻ لاءِ هائو ڪانہ ڪئي. هن پنهنجو رت ڏوڪڙن تي ڪونہ وکيو، پر ڪين چيائين تہ اهو قلعو سندس نالي تي هوندو. منهنجي خيال موجب هي هڪ جڙتو ڪهاڻي آهي، جيڪا آڪشي ٻت تي ايندڙ هر ياتريءَ کي ٻڌائي ويندي آهي. هن مان هڪ قسم جو چتاءُ ملي ٿو تہ مذڪوره من گهڙت ڳالهہ تي ڪڏهن بہ ويساهہ نہ ڪيو وڃي. شين سئنگ ٻرياگ نالو ستين صدي عيسويءَ ۾ لکيو آهي ۽ سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ اشوڪ جي دور جيترو آڳاٽو آهي، جنهن عيسيٰ کان ٢٣٥ سال اڳ پٿر جي ٿلهن تي لکت ڪرائي هئي ۽ قلعو سورهين صديءَ جي پڇاڙي ۾ تعمير ڪرايو ويو هو. هن ياتريءَ جي بيان موجب ٻرياگ علائقي جو گهيرو ٥٠٠٠ لي يا ٨٣٣ ميل هو. پر هن جي ڇ ڏاري ٻيا علائقا بہ موجود هئا تنهن ڪري مناسب آهي تہ ٥٠٠٠ لي ي فقط ٥٠٠ لي يا ٨٣ ميل پڙهڻ کپي. چاڪاڻ تہ هيءُ بہ درياهہ جي وچ تي ننڍڙو علائقو هو، جيڪو گنگا ۽ جمنا جي سنگم سان لڳولڳ مٿان هو.

## ڪوسامبي Kosambi

قديم هندستان ۾ ڪوسامبي جو شهر گهڻو چاتو سڃاتو ويندو هو، ٻڌن ۽ هندن ۾ هڪ جهڙو مشهور هو. چيو ويندو آهي تہ پورواس Puruvas گهراڻي جي ڏهين راجا ڪوسمبا Kosamba هن شهر جو بنياد رکيو هو پر هيءُ شهر وڌيڪ مشهور ارجن پاندو جي ائين پيڙهيءَ مان هڪ راجا چڪر Cakra ڪري ٿيو، جنهن پنهنجي راڄڌاني اچي ڪوسامبي ۾ قائم ڪئي، چاڪاڻ تہ سندس اصلي راڄڌاني همتيناپور گنگا ٻوڙي ناس ڪري ڇڏي هئي.

ڪوسامبي جو ذڪر رامائڻ ۾ بہ ملندو، جيڪو هندو ڌرم سان لاڳاپيل ۽ شلوڪن تي مشتمل جهوني جڳ جو ڪتاب آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ عيسيٰ کان گهڻو اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿو. ڪاليداس پنهنجي ڪهاڻي ميگهہ دوت Megha-duta ۾ ڪوسامبيءَ جي راجا اداين Udayana طرف اشارو ڏنو آهي. چوي ٿو تہ آونتي Avanti (يا اجين) ۾ اهڙا ڪوڙ سارا ماڻهو آهن، جيڪي اداين جي ڳالهہ کان واقف آهن. ڪاليداس کي ٥٠٠ع کان جلد ٿي پوءِ سمجهڻ کپي. سومديو Somdeva جي وريت ڪٿا Vrihat katha

۾ راجا اداين جي پيرائتي ڳالهہ ٻڌائي وئي آهي. پر هن ٻن ستانيڪن Satanikas جي وچ ۾ شجري ۾ غلط بيان ڪيو آهي. هن ڪان سواءِ ڪوسامبي يا ڪوسامبا منڊل Kosamba Maudala جي ملڪ سان لاڳاپيل هڪ لکت بہ ڪارا Hkara قلعي جي ڦاٽڪ ويجهو هٿ لڳي آهي، جنهن ۾ سموت ١٠٩٢ يا ١٠٣٥ع دور لکيل آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ ان زماني ۾ هيءُ ملڪ قنوج کان آزاد هو. (٥٨١) وتس راجا Vatas raja جي راجڌاني ڪوسامبي "رتنا ولي" Ratna vali يعني "هار" جهڙي سٺي ڊراما ۾ چڱي پر ڏيکاري وئي آهي. مذڪوره ڊرامو هرش ديو جي ڏينهن ۾ لکيو ويو هو. اهو قنوج وارو ساڳيو راجا آهي، جنهن کي هرش ورڌن بہ سڏيو ويندو هو. ڊرامي جي منڍ ۾ ان بابت اهو چيل آهي تہ ڪيترن ملڪن جا راجا سندس پيرن ۾ ڪريل هوندا آهن. (٥٨٢) شين سئنگ جي بيان مان پتو پوي ٿو تہ اهو قنوج جو راجا هو. سندس دور ڪي ٦٠٧ ۽ ٦٥٠ جي وچ تي سمجهي سگهجي ٿو. پر ڪوسامبي جي راجا اداين جو نالو شايد ٻڌ ڌرم وارن وٽ بہ گهٽ مشهور هو. مهاونسو Mahavanso لکت موجب (٥٨٣) ياسا Yasa نالي هڪ بزرگ وئسالي Vaisali کان نڪري اچي ڪوسامبي ۾ سربچاءُ ڪيو هو. مذڪوره ڪتاب پنجين صدي عيسويءَ ۾ لکيو ويو هو ۽ اهو واقعو ٻڌن جي ٻئي سئنود Synod کان اڳ جو آهي. لليتا وستار (٥٨٤) Lalita Vistara جو سن ٧٠ع ۽ ٧٦ع ڌاران چيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو هو. انومان آهي تہ اها عيسوي سن جي شروعات ۾ ئي لکي وئي هوندي. منجهس ادائن وتس پٽ ستانيڪ جو ذڪر ملندو، جيڪو ان زماني ۾ ڪوسامبي جو راجا هو. چيو ويندو آهي تہ ان راجا ۽ مهاتما گوتم ٻڌ جي جمڻ جو ڏينهن ساڳيو آهي. سري لنڪا جي هڪ ڪتاب ۾ ڪوسامبي کي قديم هندستان جي اٺوڀين راجڌانين ۾ ڳڻيو ويو آهي. ٿبيت جي رهواسين کي ادائن وتس جي ڄاڻ هئي تہ هو ڪوسامبي جو راجا هو. (٥٨٥) رتنا ولي ۾ هن کي وتس راجا سڏيو ويو آهي ۽ سندس راجڌاني جو نالو وتس پٽڻ Vats pattana ٻڌايو ويو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڪوسامبي جو ٻيو نالو آهي. چيو ويندو آهي تہ هن مشهور شهر ۾ مهاتما گوتم ٻڌ، ٻڌ ٿيڻ کان پوءِ ڇهون ۽ نائون سال هتي گذاريو هو. (٥٨٦) شين سئنگ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ مهاتما گوتم ٻڌ جي مورتي

صندل جي ڳاڙهي ڪاٺ مان جوڙيل آهي، جيڪا اداين جي راجا مهاتما گوتم جي زندگيءَ ۾ ٺهرائي هئي، سا به بادشاهن جي قديم محلات اندر تعمير ٿيل هڪ گنبذ ۾ اجا تائين موجود آهي. (٥٨٧)

ان مشهور شهر ۾ پوئين دور جي پانڊون جي راجڌاني ۾ ان پوتر آستان لاءِ، جتي مهاتما گوتم جي سيني کان وڏيڪ قيمتي مورتي رکيل هئي، تنهن جي ڏاڍي ڳولا ڪئي، پر اهي سڀ جتن ۾ جاڪوڙون اجايون ويون. هتان جي برهمڻن جو چوڻ آهي ته اهو شهر گنگا جي ڪنار سان يا ان جي ويجهو اوڏو هوندو. ڪارا قلعي جي ڦاٽڪ وٽان مليل لکت جنهن ۾ "ڪوسامبي منڊل" تحرير ٿيل هو، سا به عام راءِ جي پنيرائي ڪري ٿي. پر ان سان گڏ وري شين سئنگ جو بيان ته اهو ماڳ پرياگ يا الهه آباد کان ڏکڻ - اولهه طرف آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته اهو جمنا ڪنڌيءَ سان هجڻ کپي. جنوري ١٨٦١ع ۾ مسٽر بيلي Bayley مون کي اطلاع ڏنو ته سندس ويساهه آهي ته ڪوسامبي وارو قديم ماڳ ڪوسم Kosam آهي، جيڪو الهه آباد کان ٽيهه ميل مٿي جمنا جي ڪنار سان وسندڙ آهي. فيبروريءَ ۾ مان تعليم کاتي جي ملازم بابو شو پرساد Babu Siva Parsad سان مليس. هي همراه به قديم آثارن ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندو آهي. وٽانئس مون کي اها ڄاڻ ملي ته ڪوسم Kosam کي ماڻهو اجا تائين ڪوسامبي نگر ڪوٺيندا آهن ۾ جين ڌرم سان لاڳاپيل ماڻهو هتي ججهي انگ ۾ ڏسبا. اهو به ٻڌايائين ته سؤ سال کن اڳ هيءُ شهر پنهنجي اوج تي هو. هيءَ ڄاڻ منهنجي سمجهڻ لاءِ گهڻي هئي ته ڪوسم وارو ماڳ قديم مشهور شهر جو اصلي ڪوسامبي جو ٿاڪ آهي. پر اها سڌي شاهدي اجا به اڻ لڀ هئي ته اهو شهر جمنا جي ڪنار سان هو پر مان شاهديءَ جي زنجير جي گم ٿيل ڪڙيءَ کي هارڊي Hardy جي ٻڌايل ٻڪل Bakkula جي ڏند ڪٿائي ڪهاڻي مان هٿ ڪري ورتو. (٥٨٨) ڳالهه هن ريت آهي ته ٻَڪل نالي هڪ ٻار هو جيڪو ڪوسامبيءَ ۾ ڄائو هو. هو اجا ننڍڙو هو جو ڪيس ماٽس ڪٽي جمنا تي وهنجڻ وئي. ٻَڪل اتفاق سان درياهه ۾ ڪري پيو ۾ هڪ مڇي ڪيس ڳهي وئي. اها مڇي بنارس ۾ وڃي ڦاٿي، جيڪا مهاڻي ڪٽي وڃي هڪ واپاريءَ جي گهر واريءَ کي وڪرو ڪئي. واپاريءَ جي زال مڇيءَ کي چيريو ته اندريان ٻَڪل نڪري پيو، جيڪو اجا جئرو هو. پوءِ اها مائي ڪيس پنهنجي اولاد جيان پالڻ

لڳي. جڏهن ٻار جي اصلي ماءُ کي ٻار جي ٻچي وڃڻ جو پتو پيو ته هوءَ به بنارس هلي آئي ۽ اچي ان مائي کان پنهنجو ٻار گهريائين. پر هن ڪيس انڪار ڪيو. مائي راجا وٽ دانهين وئي. راجا آچار ويچار ڪري فيصلو ڪيو ته ٻار جون ٻئي مائرون آهن، هڪ ڄڻيو آهي ۽ ٻيءَ خريد ڪري پاليو آهي. تنهن ڪري ان ڇوڪري تي ٻَڪل يعني ٻن ڪلن سا ڪُرن وارو نالو پئجي ويو. هو ٩٠ ورهين تائين اگهو ڪونه ٿيو. مهاتما گوتم ٻڌ جي پرچار ڪرڻ تي هن ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو. مهاتما اهو اعلان ڪيو هو ته "هيءُ انهن ماڻهن جو پريو مڙس آهي، جيڪي اگها ڪونه پوندا." ڇيو ويندو آهي ته گوتم ٻڌ جي اهڙي اعلان کان پوءِ هو ٩٠ ورهيه ٻيا به جئرو رهيو ۽ ٻڌ ڌرم جو مشهور ارهت Arat (فقير) هو.

ٻَڪل سان لاڳاپيل هيءَ ڳالهه ڪافي هئي، جنهن مان پتو پيو ته ڪوسامبيءَ جو قديم ۽ مشهور شهر جمنا جي ڪنڌيءَ تي واقع هو. هاڻي فقط اها ڳالهه ثابت ڪرڻي هئي ته الهه آباد کان ڪوسم تائين ايترو پنڌ آهي، جيترو شين سئنگ پرياگ کان ڪوسامبي جو فاصلو ڏيکاريو آهي. بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته هن چيني ياتريءَ جي زندگيءَ جي احوال ۽ سفرنامي ۾ هن فاصلي بابت مختلف بيان آهن. هن جي زندگي جي ڏنل احوال ۾ مذڪوره فاصلو ٥٠ لي ٻڌايو ويو آهي، جڏهن ته سفرنامي ۾ اهو ٥٠٠ لي آهي. چين ڏانهن ورڻ وقت سندس بيان آهي ته هن ٻيلن ۽ رڻ پٽ منجهان ست ڏينهن پنڌ ڪيو هو. (٥٨٩) ڪوسم جو ڳوٺ الهه آباد قلعي کان فقط ٣١ ميلن جي پنڌ تي آهي. سندس آخري بيان اهڙو آهي جو اسان هن ماڳ کي ڪوسامبي چئي ڪونه ٿا سگهون. پر اڃرج جهڙي ڳالهه اها آهي ته سچائپ واريون هڙئي ڳالهيون منجهس موجود ڏسبيون. ان کان پوءِ هن سنڪيسا واري پنڌ ۾ مهينو لاتو هو. هوڏانهن جيڪڏهن رڳو به سؤ ميل آهي ته حساب ڪري ڏسبو ته هن ساڍا پنج ميل ڏهاڙي پنڌ ڪيو هوند. ڍريءَ رفتار هلڻ جو به هڪ سبب ٻڌايو وڃي ٿو ته پرياگ کان سنڪيسا ڏانهن سفر ڌرمي ارادي ڪيو ٿي ويو، جنهن جي اڳواڻي قنوج جو راجا هرش ورڌن پاڻ ڪري رهيو هو. ساڻس گڏ ١٨ کان وڌيڪ ٻين ملڪن جا راجا به هئا، جيڪي سندس ڏن پرو هئا. ان کان علاوه هزارين ٻڌ شمني ۽ شاهي دربار سان واڳيل سرڪاري ماڻهو هئا. هن حساب موجب پرياگ کان ڪوسامبيءَ جو پنڌ ٣٧ ميل ٿئي ٿو، جيڪو منهنجي ماپ

Garhwa ڳوٺ جا گهر ڪاڌل ڪناري تي درياهه مٿان ڏسڻ ۾ ايندا. نظر ائين ايندو ته جمنا ڏکڻ - اولهه واري ڪنڌ ۾ پڪي برج وٿان قلعي کي ڪائيندي پرياس Prabhasa ٽڪريءَ تي اچي پهتي آهي ۽ اهو فاصلو چار ميل کن ٿيندو. اتر ڪان اوير ٢٠ ڊگرين جيترو وڪڙ ڪيو اٿائين. شين سئنگ جي زماني ۾ ڪوسامبي ڪان ڏيڍ ميل ڏکڻ - اولهه هڪ گفا ۽ به سؤ استوپائون هونديون هيون. هن ساري صورتحال مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته شروع ۾ قلعي جو اولاهيون پاسو ڊيگهه ۾ اوپارئين جيترو يا ٿورو گهٽ وڌ هوندو. ان حساب سان اولاهين پانهين ۾ ٢٤٠٠ فوٽن جو جوڙ ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت قلعي جو اصلي گهيرو وڃي چار ميل ست فرلانگ بيهندو، جيڪو پنج ميل گهيري ڪان فقط هڪ فرلانگ گهٽ آهي. چيني فاصلي پٽاندر مذڪوره گهيرو به ٣٠ لي ٿئي ٿو، جيڪو شين سئنگ جي بيان مطابق آهي. نالي، پکيڙ ۽ جاگرافيائي بيهڪ جي نقطہ نگاه سان هيءَ ماڳ ڪوسامبي جي وصفن مطابق آهي ۽ ستين صديءَ جي چيني ياتريءَ جو بيان به ائين ئي آهي.

شين سئنگ جي لکيل متن موجب ڪوسامبيءَ جي علائقي جو گهيرو ٦٠٠٠ لي يا ١٠٠٠ ميل هو. اها ڳالهه امڪان ڪان ئي ٻاهر آهي. ڇاڪاڻ ته هن ملڪ جي چوڌاري ٻيا علائقا به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تنهن ڪري مان هن لکيل هڪ هزار بدران هڪ سؤ پڙهان ٿو ۽ سنڌس ٻڌايل انگ کي فقط ٦٠٠ لي يا هڪ سؤ ميل گهيرو سمجهان ٿو.

## ڪوساپور

چيني ياتري ڪوسامبي ڪان اتر - اولهه طرف روانو ٿيو ۽ گنگا درياهه تائين هڪ وسيع ٻيلي مان سفر ڪيائين. درياهه اڪري ٧٠٠ لي يا ١١٧ ميل اتر ڏانهن هليو ۽ ڪيا - شي - پو - لو Kia-she-pu-lo پهتو، جنهن کي ايم جولين ڪمپور سمجهي ٿو، جيڪو منهنجي خيال موجب صحيح آهي. (٥٩٠) هن ماڳ کي ڳولي لهڻ لاءِ هن ياتريءَ جو اتر ڏانهن ١٧٠ يا ١٨٠ لي سفر جيڪو ٢٨ يا ٣٠ ميلن برابر آهي، سو به ڪوسامبي ڪان طرف ۽ فاصلي جي لحاظ سان گهٽو اهم آهي ڇاڪاڻ ته سيلاتي مذڪور فاصلا طي ڪري ويساڪا Visakha نالي هڪ ماڳ وٽ رسيو هو. شين سئنگ جنهن

ٿاڪ کي ويساکا چئي ٿو سو فا - هيان وارو شچي Shachi ۽ هندن وارو ساڪيتا Saketa يا ايوڌيا Ayodaya آهي. هن ڪوجنا جي ڏس ۾ ڪوسامبي ۽ ايوڌيا اهڙا ٻہ مقرر ۽ متعين ماڳ آهن، جن جي آڌار تي مذڪوره ٿاڪ کي ڳولي، سڃاڻي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان نقشي تي ڏسنداسين تہ گومتي Gomati نديءَ جي ڪناري تي سلطانپور نالي هڪ نهايت قديم ماڳ ڏسڻ ۾ ايندو جنهن جي جاگرافيائي بيهڪ زير بحث ماڳ سان ٺهڪي اچي ٿي. هن جو هندو نالو ڪس ڀَوَن پور Kusa bhavan pura يا رگو سڪپور آهي، جيڪو شين سئنگ جي ٻڌايل نالي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. مسٽر بيلي راجا مانسنگ جي حوالي سان هڪ حقيقت لکي موڪلي هئي تہ سلطانپور پرسان هڪ قديم استوپا آهي، مان بہ هڪ ڏينهن ڦٽي شهر جي هڪ پاسي وڃي پنهنجو تنبو هنيو ۽ نهايت سچيتائي سان ساري جوءِ کي جاچي پرتالي ڏٺم، پر منهنجا سارا جتن اجايا ويا ۽ ڪنهن بہ استوپا جا اهڃاڻ نظر ڪونہ آيا. ٻئي ڏينهن سلطانپور کان روانو ٿيس. اتان جي ماڻهن مون کي ٻڌايو تہ سلطانپور کان پنج ميل اتر - اولهہ طرف محمودپور نالي هڪ ٻيو ڳوٺ آهي، جيڪو هڪ دڙي تي آباد آهي ۽ مذڪور دڙو ان دڙي کان وڏو آهي، جنهن تي سلطانپور جو شهر آباد ڏسجي ٿو. فيض آباد پهچڻ تي مون کي رايل انجنيئرس جي لفٽينٽ سيوٽن هئم Sweeten ham ٻڌايو تہ سلطانپور کان اتر - اولهہ ۾ هڪ قديم استوپا آهي، جيڪا هن ڳوٺ کان گهٽو پري ڪانہ آهي. تنهن ڪري مان هن نتيجي تي پهتس تہ شين سئنگ واري ڪس پور آهي، جنهن جي وڌيڪ پڪ سڃاڻي لکيل فاصلي کي پيٽائي ڏسڻ وسيلي ٿي سگهي ٿي.

چيني ياتري ڪوسامبي مان نڪري پهريائين گنگا تائين اتر - اوڀر طرف رخ ڪيو هو. درياه پار اڪرڻ کان پوءِ اتر سفر ڪري ڪس پور پهتو هو ۽ اهو سارو فاصلو ١١٧ ميل هو. ڪوسم کان اتر گنگا تي بہ مشهور گهاٽ يا پتڻ آهن، جن مان هڪ جو نالو مائو - سريہ Mau-serya ۽ ٻئي جو پاپ - مائو Papa-mau آهي. پهريون ٤٠ ميل ۽ ٻيو ٤٣ ميل پري آهي. اهي ٻئي پتڻ پاڻ ۾ وبجها ۽ الهہ آباد جي اتر طرف پرسان آهن ۽ ٻنهي پتڻن وسيلي الهہ آباد کان ڪس پور جو فاصلو هڪ جيترو بيهندو. پاپ - مائو پتڻ کان سلطان پور سر اتر

طرف آهي جنهن جو پنڌ ٦٦ ميل ٿيندو. ڪوسم ڪان سلطانپور تائين ڪل پنڌ ١٠٩ ميل ٿئي ٿو. باقي انن ميلن جو فاصلو شين سئنگ جي ٻڌايل پنڌ ٧٠٠ لي يا سـاڍا ١١٦ ميلن ۾ گهٽ وڌ ٿي سگهندو آهي. هتي نظر ايندڙ ٻئي طرف شين سـئنگ جي بيـان سـان سـورنهن آنا نـهڪي اچن ٿـا. ڪوس پور ڪـان ويسـاک ڏانهن ويندي هن چيني ياتري اتر طرف سفر ڪيو هو ۽ ٻنهي ماڳن جي وچ ۾ ١٧٠ يا ١٨٠ لي ٢٨ يا ٣٠ ميل فـاصلو هو. هاڻي ڏنو وڃي ته موجوده شهر قديم شهر اجوڌيا جنهن کي ساڪيت Saketa به سڏيو ويندو هو، سو سلطانپور ڪان اتر ۾ ٣٠ ميلن جي وٿيءَ تي آهي جيڪو شين سئنگ جي ٻڌايل پنڌ ڪان فقط ڇهه ميل وڌيڪ آهي. اڳيان ٻڌايل فاصلا گهٽ ۾ پورين وري وڌيڪ آهي. منهنجو خيال آهي ته هن ماڻري ۾ هڪ متبادل ڳالهه هيءَ به ٿي سگهي ٿي ته اهو فاصلو محمودپور ڳوٺ وٽان ڪڇيو وڃي ۽ اهو ڪوسم ڪان ڪسپور واوين ٻڌ تعميراتن تائين ويندڙ رستو ١١٤ ميل ٿيندو، جيڪو شين سئنگ جي ٻڌايل رستي ڪان ٽي ميل گهٽ آهي. اهڙيءَ ريت ان ڪان پوءِ ايوڌيا ڏانهن ويندڙ رستو ٣٦ ڪان ٣١ ميل ٿئي ٿو ۽ ان فـاصلي مان به شين سئنگ جي ٻڌايل پنڌ ڪان هڪ ميل گهٽجي وڃي ٿو. هتي جيڪي سفر ۾ طرف نظر اچن ٿا، سي چيني ياتريءَ جي بيان سان نهڪي اچن ٿا. ان سان گڏ نالن ۾ هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته سلطانپور يا ڪوسپور Kusapure شين سئنگ واري ڪسپور ئي آهي.

ڪوسپور يا ڪوس - پون - پور سري رامچندر جي پٽ ڪوس جي نالي پنـيـان آباد هو. مـسلمـانن جي حـملي ڪـان سُتت ئي پوءِ ڀـر Bhar گهراڻي جي هڪ راجا نند ڪنور Nand Kunwar هن ماڳ تي اچي قـبضـو ڪـيـو هو، جنهن کي عـلاؤ الدين غوري هتـان بي دخل ڪري ڇڏيو هو. فاتح حڪمران، شهر جو نالو بدلائي سلطانپور رکيو ۽ قلعي جي مرمت ڪرائي، ان کي به مـضـبـوط ڪـيـو ۽ هڪ مـسـجد به تعمير ڪرائي. هن ڳالهه ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي ته ڪـوسـپـور شـهـر جي بيهڪ فـوجي نقطہ نگاهہ ڪـان تمام اهم گهٽي آهي ڇاڪاڻ ته هن جي ٽن پاسن ڪان گومتي ندي ڦري اچي ٿي. هيءَ ٿاڪ هاڻي ته بلڪل ويران آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته هتـان جا سـپ رهواسي لڏي پلاڻي درياهہ جي سامهون يا ڏاکڻي ڪنڌيءَ سان وڃي

آباد ٿيا آهن. سلطانپور نالي وارو قديم قلعو هاڻي ڊڙو لڳو پيو آهي، جنهن جي ماپ ٧٥٠ فوٽ همچورس ٿيندي ۽ گهيرو ٻه ميل کن ٿيندو. سلطانپور جي ايراضي جي هيءَ ماپ ٻه شين سئنگ جي بيان ڪيل ماپ سان هڪ جهڙائي رکي ٿي، جنهن جو بيان آهي ته شهر جو گهيرو ١٠ لي يا ڏيڍ ميل آهي.

سلطانپور يا ڪوسپور کان ١٨ ميل ڏکڻ - اوڀر هندن جو ڌوپاپ پور Dhopapa pura نالي هڪ مشهور تيرٿ آهي. هي ٿاڪ گومتي نديءَ جي ساڄي يا اولهه ڪناري يشر - ڪي - ڳڙهي يا ڳڙهه جي ديوارين جي بلڪل هيٺان اڏيل نظر ايندو. هي ماڳ نهايت آڳاٽو ڏسبو، ڇاڪاڻ ته هن قديم شهر جي چوڌاري اڌ ميل تائين سروٽن جا ڍير ۽ ٺڪرانو نظر پيا ايندو آهي.

# وبساڪ، ساڪيت يا اجوڌيا

فا - هيان هڪ وڏي شچي Shachi ۽ شين سئنگ، وبساڪ ملڪ جي جاگرافيائي بيهڪ جو ذڪر ڪري مامري ڪي منجهائي ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ ته انهن ٻڌايو هو ته اتي تمام گهڻا برهمڻ رهندا آهن. مون ڪي اميد آهي ته مان اوهان ڪي ثابت ڪري ڏيکاريندس ته اهي ٻئي جڳهون هڪ ئي ماڳ آهن، جنهن جا اهي ٻه نالا آهن. برهمڻن وارو ساڪيت ۽ اجوڌيا ٿاڪ ٻه اهو ساڳيو آهي. مونجهارو ان ڪري ٿيو آهي جو فا - هيان ان جو طرف غلط ٻڌايو آهي ۽ شي - وي She-wei يا سراوستي Sra vasti ڪي شچي جي ڏکڻ ۾ رکي ٿو. شين سئنگ ان ڪي اتر - اوڀر ۾ ٻڌائي ٿو. هيءُ ٿاڪ سنڪيسا جي مشهور معروف ماڳ کان ٣٠ يوجن پري آهي، پر فا - هيان اهو فاصلو ٧+٣+١٠=٢٠ يوجن ٿو ٻڌائي. هن کان علاوه گوداوري کان سويٽ Sẽwet يا سراوستي ندين جي هندو تيرٿن واري سٽڪ کان جيڪو طرف ٻڌايو ويو آهي، سو ٻه سري لنڪا جي ٻڌ ڌرم جي ڪتابن مطابق غلط آهي. هي ياتري مهيستي ۽ اجيني Mahisati and Ujani مهيسمتي ۽ اجين Maismati and Yjain کان ٿيندو ڪوسامبي پهتو هو. اتان کان سڪيٽ پوءِ سويٽ پهتو. هي اهو ئي رستو آهي، جيڪو بعد ۾ شين سئنگ ٻه اختيار ڪيو هو. (٥٩١) اسان وٽ اهڙي ثابتيءَ لاءِ ٻه ذريعا آهن ته سويٽ، سبڪت کان اتر ڏس تي آهي.

جيتري قدر فاصلي جو تعلق آهي ته مان وري به سري لنڪا جي ڪتاب جو حوالو ڏيندس، جنهن ۾ لکيل آهي ته سڪس پور Sakas pura (يا سنگڪسيه پور جنهن کي هاڻي سنڪيسا چيو ويندو آهي) کان سويت ٣٠ يوجن فاصلو آهي. (٥٩٢) فا - هيان اهو فاصلو هن ريت ٻڌائي ٿو: سنڪيسا کان قنوج ست يوجن، اُتان کان گنگا ڪناري سان هولي نالي ٻيلو ٽي يوجن ۽ اتان کان شچي ڏهه يوجن، جن جو ڪل جوڙ ويهه يوجن ٿئي ٿو. اهو فاصلو سري لنڪا جي ڪتابن ۾ لکيل فاصلي کان ڏهه يوجن گهٽ آهي. فا - هيان جو بيان ڪيل فاصلو ظاهر ظهور غلط ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان ڪري شچي وڃي لکَنؤ جي بلڪل ويجهو پئي آهي. فاصلي جو وري ٻيو بيان هن ٿاڪ کي اجوڌيا يا فيض آباد جي ويجهو وڃي ٻيهاريندو ۽ اها ان ماڳ جي جاگرافيائي ٻيهڪ شين سئنگ جي سفرنامي جي لکت مطابق آهي. هتي اسان کي ڏکهي فاصلي جي فائدي ۾ به ٻيون شاهديون به ملي وڃن، تنهن ڪري هن چونڊ ۾ مان ڪا هڪ محسوس ڪونه ٿو ڪريان ته فا - هيان، شچي کان سي - وي جو طرف ٻڌايو آهي، سو غلط آهي ۽ اهو ڏکڻ ٻدران اتر پڙهڻ گهرجي.

هاڻي مان هيءَ ڳالهه ثابت ڪندس ته فا - هيان واري شچي ۽ شين سئنگ وارو ويساک هڪ ئي ماڳ آهي. شچي جي باري ۾ فا - هيان جو بيان آهي ته: جيڪڏهن ڪو ماٿو شهر جي ڏاکڻين ڦاٽڪ کان ٻاهر نڪرندو ته سڙڪ جي اوڀر پاسي اوهان کي اها جوءِ ڏسڻ ۾ ايندي، جتي مهاتما گوتم ٻڌ ڪندڻ واري هڪ وڻ Nattle tree مان لام ڀڃي ڏندڻ ڪري پوءِ پوڪي هئي، جيڪا ڦُٽي ۽ ست فوٽ مٿي وڌي هئي ۽ ان کان پوءِ نه گهٽي ۽ نه وڌي هئي. (٥٩٣) اها ساڳي ڏند ڪٿا آهي، جيڪا شين سئنگ ويساک ماڳ پرسان ٻڌائي ٿو. سندس بيان آهي ته راجڌانيءَ کان ڏکڻ ۽ سڙڪ جي اولهه پاسي (پر فاهيان سڙڪ جي اوڀر ٻڌائي ٿو) ٻين پوتر وڻن کان سواءِ ڇهه، ست فوٽ ڊگهو هڪ وڻ به آهي جيڪو مذڪوره قد کان نه وڌي ٿو ۽ نه وري گهٽجي ٿو. (٥٩٤) هي اهو وڻ آهي، جنهن جو مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته مهاتما گوتم وڻ مان هڪ لام ڀڃي ڏندڻ ڪرڻ پوکي هئي. ٻنهي ياترين جو هن مشهور وڻ جي اصليت، قد ۽ شهر کان ان جي طرف بابت بيان بلڪل هڪ جهڙو آهي تنهن ڪري مون کي هن سڃاڻپ مان پڪ ٿئي ٿي

ته فا - هيان جو شا - چي ۽ شين سئنگ جو ويساک هڪ ئاڪ آهي.

جيتري قدر ويساک Visakha ۽ هندن جي ساڪيت جي هڪ ماڳ هجڻ جو سوال آهي ته ان لاءِ مان خاص طور تي هيٺيون شاهديون ڏيڻ گهران ٿو. انهن مان پهرين شاهدي هيءَ آهي ته ٻڌ ڌرم جي تاريخ ۾ ويساک جو ماڳ عورتن لاءِ خاص اهميت رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته سروستي جي هڪ دولتمند واپاري مريگر Mri gara جي پٽ پرونا ورڌن Prunna Vardhana سان پرڻجڻ کان اڳ ساڪيت aketa تي رهندي هئي. ٻي شاهدي هيءَ آهي ته شين سئنگ جي بيان موجب مهاتما گوتم هتي پنهنجي زندگيءَ جا پريا ڇهه سال ويساک ۾ گذاريا هئا. ٽرنر Turnar جي پالي Pali حوالن پٽاندر هو ساڪيت ۾ سورهن سال ٽڪيو هو. (٥٩٥)

سري لنڪا ۾ ٻڌ ڌرم جي ڪتابن ۾ ويساک نالي هڪ ڇوڪريءَ جي ڳالهه لکيل آهي. هارڊي hardy جي بيان پٽاندر (٥٩٦) هن سراوستي ويجهو پوروارام Purvvarama تعمير ڪيو هو. جنهن جو بيان شين سئنگ به ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت ساڪيت ۾ به پوروارام جي اڏاوت جو ذڪر ملي ٿو جنهن جي پڻ پڪ آهي ته ان ڇوڪري تعمير ڪرائي هئي. ڇيو ويندو آهي ته اها ڇوڪري ڌناج Dhanaja نالي هڪ دولتمند واپاريءَ جي ڌيءُ هئي جيڪو راجگڙهه Rajagriha کان لڏي اچي ساڪيت ۾ وينو هو. اسان کي فقط اجوڌيا مان اهڙا پراڻا سڪا هٿ لڳا آهن، جن تي ڌن ديو Dhana Deva ۽ ويساک دت Visakha datha جا نالا لکيل ملن ٿا. مان هنن سڪن جو ذڪر ان سبب ڪري، ڪري رهيو آهيان جو مان سمجهان ٿو ته ڌن ۽ وينساک جو گهراڻو ساڪيت يا اجوڌيا ۾ وڏي اهميت وارو هوندو. هن ڳالهه مان به اندازو ڪريان ٿو ته مٿي بيان ڪيل عورت وڏي مان مرجائت ۾ ساک واري هوندي، تنهن ڪري امڪان آهي ته هن ماڳ تي ويساک نالو سندس نالي پٺيان پيو هوندو.

ان کان سواءِ ٻي شاهدي اها آهي ته مهاتما گوتم هتي اچي رهيو هو. سري لنڪا جي ڪتابي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته مهاتما گوتم جڏهن ٣٥ سالن جي عمر کي پهتو ته ڪيس ٻڌ هجڻ جو الهام ٿيو. ان کان پوءِ هن ويهه ورهيا پرچار ڪندي گذاريا ۽ گهر جو منهن به ڪونه ڏٺائين. هن اتر هندستان جا ڪيترا ماڳ ڏٺا جن جو تفصيل سان

بيان ڪيو ويو آهي، باقي رهيل ٢٥ سالن مان نو سال سراوستي ويجهو جيتون Jetavana ۾ گهاريا، ۽ باقي سورهن سال ساقيت پور جي پوبيا رامو Pubharamo واريءَ مڙهيءَ ۾ تڪيو رهيو. (٥٩٧) برمي حوالن ۾[٥٩٨] اٺويهه سال ۽ ڇهه سال آهي. شين سئنگ به پويان انگ اڪر قلمبند ڪيا آهن، جيڪي صحيح معلوم ٿين ٿا. (٥٩٩) هن ڪان علاوه بي ڪابه ثابتي مڪمل ڪانه آهي. فقط به جايون اهڙيون آهن جتي مهاتما گوتم گهڻو وقت تڪيو آهي، جن مان هڪ سراوستي آهي، گوتم ٻڌ هتي نو يا اٺويهه ورهيه رهيو هو. بي ساڪيت آهي جتي هي ڇهه يا سورهن ورهيه تڪيو. شين سئنگ جو بيانِ آهي ته هو ويساک ۾ ڇهه سال رهيو ۽ سراوستي ڪان ويساک جو فاصلو به اهو ساڳيو ٻڌايو ويو آهي. تنهن ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته ويساک ۽ ساڪيت هڪ ۽ ساڳي جاءِ آهي.

عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ته ساڪيت ۽ اجوڌيا ساڳيو ماڳ آهي، پر جيتريقدر مون کي ڄاڻ آهي ته هن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي ثابتيون ڪونه ڏنيون ويون آهن. ڪرمادي ڪوروس Csomade Koros هنن ماڳن بابت ڳالهائيندي (٦٠٠) فقط سڪيتن يا ايوڌيا Saketana or Ayadhya چيو آهي. ايچ - ايچ - ولسن H.H.Wlsan پنهنجي سنسڪرت واري ڊڪشنري ۾ ساڪيت کي ايوڌيا جو شهر سڏي ٿو، پر رامائڻ ۽ رگهوونس (٦٠١) Raghuvansa جي تحريرن ۾ اهڙا تڪرا ضرور ملندا، جن ۾ ساڪيت نگر کي راجا سرت ۽ سندس پٽن جي راڄڌاني چيو ويندو آهي ۽ اها ئي وڏي ۾ وڏي ثابتي آهي. ان ڪان سواءِ لکنؤ جي هڪ برهمڻ کي رامائڻ جو هڪ شلوڪ ٻڌايو:

ساڪيتام نگرم راج نامن دسر ٿوبلي،
تاسمئي ديا ميا ڪنيا ڪيڪئي نام توجنا.

هن شلوڪ ۾ به سچائپ چٽي ٿي وڃي ٿي جنهن ۾ اسوجيت Aswajit پنهنجي ڌيءُ ڪيڪئي جو سڱ ساڪيت نگر جي راجا دسرت کي ڏيڻ جو ٻول ڪري ٿو.

رامائڻ جي بيان موجب ايڌويا يا ساڪيت جو قديم شهر، سريو Sarayu يا سرجو Sariu نديءَ جي ڪناري سان آباد هو. چيو ويندو آهي ته مذڪوره علائقو ٻارنهن يوجن يا ذري گهٽ هڪ سؤ ميلن

جي گهيري ۾ هو. پر ان کي ١٢ يوجن بدران ١٢ کوهه يا ٢٤ ميل پڙهڻ کپي. امڪان آهي ته هن شهر جي چوڌاري باغن جو ايترو گهيرو هوندو. گپتار گهاٽ Guptar Ghat الهندي ۽ رام گهاٽ ايرندي پاسي آهي. ٻنهي ۾ ڇهن ميلن جي وٿي آهي. جيڪڏهن ان وٿيءَ ۾ سهر جي پر وارا ڳوٺ ۽ باغ وغيره شامل ڪيا وڃن ته هن شهر جو گهيرو وڃي ٢٤ ميل بيهندو جيڪو مٿي بيان ڪيل نيديءَ ماپ جيترو آهي. موجوده دور ۾ هن شهر بابت ماڻهن جو خيال آهي ته رام گهاٽ ۽ گپتار گهاٽ ايرندو ۽ الهندو سنڌو آهن. ڊاڪٽيون دنگ ڀدسرا Bhadasra پرسان ڀرت ڪنڊ Bharat Khund وارو ماڳ ٻڌائن ٿا جيڪو ڇهه ڪوه يا ١٢ ميل پري هوندو. پر ڏسڻ ۾ ايندو ته انهيءَ ايراضيءَ اندر هندن جا سيئي تيرٿ موجود آهن ۽ هندن جو خيال آهي ته قديم زماني ۾ اهي سيئي پوتر آستان شهرن جي حدن اندر هوندا هئا، پر حقيقت ائين ڪانه آهي. آئين اڪبري جو بيان آهي ته هن شهر جي ڊيگهه هڪ سؤ اٺيتاليهه ڪوه ۽ ويڪر ڇٽيهه ڪوه آهي.(٦٠٢) هن بيان مان اهو معلوم ٿيندو ته هيءُ شهر گهاگهر درياهه جي ڏکڻ پاسي ساري ائوڌ واري علائقي تي مشتمل هو. هتي ظاهر ظهور وڌاءَ کان ڪم ورتو ويو آهي. برهمڻن جو چوڻ آهي ته سري رام چندر جي شهر لاءِ ٻارهن يوجن يا اٺيتاليهه ڪوه ايراضي تمام ٿوري آهي. برهمڻن رڳو سؤ ميل کن جو واڌارو ڪري وڌايل انگ جو پورائو ڪيو آهي.

اجو ڌيا جو موجوده شهر جنهن جي اتر - اوير پاسي کان هڪ ٽرڙ آهي ڊيگهه ۾ ٻه ميل ۽ ويڪر ۾ منو ميل ٿيندو، پر هن ماڳ جي اڌ تي ٻه ماڻهو آباد نظر ڪونه ايندا. سڄي ايراضي ويران پئي لڳندي. هتي نه اتاهان دڙا ڏسبا ۽ نه وري پٿرن جا ٿلهه نظر ايندا، جيڪي قديم شهرن جا خاص اهڃاڻ هوندا آهن. باقي پنجهونءَ جا ننڍا ڍير تمام گهٽا آهن جتان پڪيون سرون چونڊي پر واري شهر فيض آباد جي تعمير ۾ ڪتب آنديون ويون آهن. مسلمانن جو هيءُ شهر جنهن جي ڊيگهه اڍائي ميل ۽ ويڪر هڪ ميل ٿيندي، تنهن جي اڏاوت اجوڌيا جي پراڻي سامان مان ڪئي وئي آهي. هنن ٻنهي شهرن جي گڏيل آبادي جي ڪل ايراضي ڇهه ميل همچورس مس ٿيندي جيڪا سري رامچند جي پراڻي راڄڌانيءَ جي اڌ جيتري آهي. فيض آباد شهر ۾ رڳو هڪ اهڙو پڪو مقبرو آهي جنهن ۾ خوبصورت سرن جو استعمال ڪيو ويو آهي. اهو

يائو بيگم Bhao Begum نالي هڪ عورت سان واسطو رکي ٿو. مذڪوره عورت وارن هيسٽنگس Warren Hastings هڪ مشهور ڪيس هلايو هو ۽ ماڻهن هن مامري کي ڏاڍو مشهور ڪيو هو. هي شهر (فيض آباد) ائوڌ جي پهرين نواب جي ڏينهن ۾ هن علائقي جي راجڌاني به رهيو، پر آصف الدوله "سن١٧٧٥ع " هن شهر کي ڇڏي وڃي ٻي شهر کي راجڌاني بنايو.

ستين صديءَ ۾ ويساک شهر جو گهيرو ١٦ لي يا اڍائي ميل هو يا ائين کڻي چئجي ته موجوده دور جي شهر جي اڌ جيترو هو ۽ ان جي آدمشماري به موجوده دور جي ٽئين حصي يا اڌ جيتري هوندي. شين سئنگ جي بيان موجب هن علائقي جو گهيرو ٤٠٠٠ لي يا ٦٦٧ ميل هو. مان سمجهان ٿو ته گهيري بابت انگ اکر به گهٽا ٻڌايا ويا آهن. مان اڳي ٻڌائي آيو آهيان ته چيني ياتريءَ سفر واري رستي سان جن علائقن جون ايراضيون ٻڌايون ويون آهن، سي ايترون ته وڌيڪ ٻڌايون ويون آهن، جن جي صحيح هجڻ جو ڪو امڪان ئي ڪونه آهي. تنهن ڪري هن مثال ۾ به ٤٠٠٠ لي بدران فقد ٤٠٠ سمجهان ٿو جيڪي ٦٧ ميلن جي برابر آهن ۽ ويساک جي ايراضيءَ اجوڌيا جي چوڌس گهاگر ۽ گومتي ندين جي وچ تائين محدود سمجهان ٿو.

## سراوستي

اجوڌيا جي قديم علائقي کي سروج يا گهاگر ندي ٻن اڌن ۾ ونڊي ڇڏيندي آهي. اترئين پاسي کي اترڪوسل Uttara Kosala ۽ ڏاکڻين اڌ کي بنوڌ Banaodha سڏيو ويندو آهي. انهن مان هر هڪ کي وري ٻن علائقن ۾ ورچيو ويو آهي. بنوڌ جي علائقن مان هڪ کي پڇم - رات Pachham - Rat يعني اولهه وارو علائقو ۽ ٻئي کي پورب - رات Purab- Rat يعني اوڀروارو علائقو سڏيو وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت اتر ڪوسل جا به ٻه ڀاڱا آهن، جن مان هڪ کي، جيڪو ريپتي Rapti کان ڏکڻ آهي، گاد Gauda يا گوندا Gonda ڪوٺيو وڃي ٿو ۽ ٻيو ريپتي کان اتر پاسي آهي، تنهن جو نالو ڪوسل آهي. ڪي ماڻهو هن کي راوتي Rawati به سڏيندا آهن ۽ ائوڌ ۾ مشهور نالو هي آهي. هنن مان ڪن علائقن جا نالا پراڻ ۾ لکيل ڏسبا. ويو پراڻ Vayu Purana ۾ لکيل آهي ته لوا Lava پٽ سري رامچند اتر

ڪوسل تي راڄ ڪندو هو پر متسيه Matsya لنگ Linga ۽ ڪرم Kurma پراڻن جو بيان آهي تہ سراوستي گاد Gauda واري علائقي ۾ هئي. جڏهن اسان کي پتو پوي ٿو تہ گاد اترڪوسل جو هڪ ڀاڱو اهي تہ اهي سڀ فرق ختم ٿي وڃن ٿا. سراوستي جا ٿرڙ بہ حقيقت ۾ گاد علائقي اندر ئي لڌا ويا آهن، جنهن کي نقشن ۾ گوندا ڪري لکيو ويو آهي. هن علائقي جي پڪيڙ جو پتو راپتي تي بلرام پور جي نالي منجهان ئي ٿي وڃي ٿو. هن ٿاڪ کي ڪنهن زماني ۾ رام ڳڙه ٿاڪ سڏيو ويندوهو. منهنجو خيال آهي تہ گاد برهمڻ ۽ گادتگس Gauda Tagas بنيادي طور هن ئي علائقي سان تعلق رکنداهوندا ۽ سنڌن واسطو بنگال جي وچين دور سان تعلق رکندڙ گاد علائقي سان نہ هوندو. هن نالي وارا برهمڻ گهاگري جي ساڄي ڪناري اجوڌيا ۽ جهانگير آباد، ڪابي ڪناري گوند، پکپور Pakhpur جئسني Jaisni ۽ اجوڌيا ۽ گورکپور جي ٻين علائقن ۾ بہ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ بنوڌ يا ائوڌ جي راجڌاني گهاگر درياهہ کان ڏکڻ پاسي هوندي ۽ سراوستي گهاگر جي اوڀر پاسي واري ائوڌ علائقي يا اتر ڪوسل جي راجڌاني هوندي.

سراوستي شهر جنهن کي ٻڌ ڌرم جي ڪتابن ۾ گهڻي شهرت حاصل آهي تنهن جي جاگرافيائي بيهڪ اسان جي سڄاڻ عالمن کي گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو هو. انهن جو ڪجهہ ڪارڻ چيني ياترين جي بيانن ۾ تضاد آهي ۽ ڪجهہ ڪارڻ ائوڌ علائقي جو معتبر نقشي جو نہ هجڻ آهي. مان پنهنجي ويساک يا اجوڌيا جي احوال ۾ سري لنڪا جي ڪتابن ۾ موجود ساڳيا حوالا ڏئي، فاهيان ۽ شين سئنگ جي بيان ڪيل طرفن ۽ فاصلن ۾ فرق ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان نتيجي تي پهتس تہ فاهيان جيڪو سنڪيسا کان فاصلو ۽ شاڇي يا ساڪيت کان طرف ٻڌايو آهي ٻئي غلط آهن. اسان کي سري لنڪا جي ٻڌڌرم وارن ڪتابن شين سئنگ جي سفرنامي وسيلي مليل ڄاڻ موجب سراوستي جو ٿاڪ ساڪيت يا اجوڌيا کان اتر پاسي هو يا ائين چئجي تہ اهو اتر ڪوسل واري علائي ۾ هو جنهن جي شاهدي برهمڻن جا چار پراڻ بہ ڏين ٿا. فاهيان جو اهڙو پنهنجو بيان بہ آهي تہ شيوي Shewei يا سويت Sewet ڪوسل واري علائقي ۾ هئي. هنن ڳالهين ڪري پڪ ٿئي ٿي تہ سراوستيءَ جو ماڳ ساڪيت يا اجوڌيا کان اتر

پاسي ٿورن ڏينهن جيتري سفر تي ڳولڻ گهرجي. فاهيان جي بيان موجب اهو فاصلو اٺ يوجن يا ٥٦ ميل هو. شين سئنگ اهو فاصلو وڌائي ٥٠٠ لي يا ٨٣ ميل بڌائي ٿو. (٦٠٣) پوئين چيني ياتريءَ ٤٠ چيني لي يوجن جي حساب سان فاصلي جو ليکو ڪيو آهي. پر اسان ان کي صحيح ڪري ٣٥٠ لي يا ٥٨ ميل بنايون ٿا، انهيءَ لاءِ ته جيئن ٻي چيني سيلانيءَ جي فاصلي جي انگن اکرن سان ڪجهه مطابقت رکي. هي فاصلو رپتي جي ڪناري تي اجوڌيا جي پنڌ سان هڪجهڙائي رکي ٿو، جنهن کي ساڪيت - ماهيت Saket _ Mahet به سڏيو ويندو آهي. مان هنن ٽرڙن منجهان مهاتما گوتم ٻڌ جو وڏو بت لڌو هو، جنهن تي سراوستي جو لفظ لکيل هو. تنهن ڪري مونکي شين سئنگ جي ڏنل فاصلي ٥٠٠ لي کي گهٽائي ٣٥٠ لي ڪرڻ ۾ ڪا به هٻڪ ڪانه ٿي ٿئي. ساهيٽ - ماهيت جو ٽرڙ اڪائون Akaona ۽ بلرام پور جي وچ تي، اڪائون کان پنج ميل ۽ بلرام پور کان ٻارنهن ميل پري بهڙائچ Bahraich ۽ گوند جي بلڪل وچ تي آهي. (٦٠٤) انهن جي شڪل وصورت ٻيج جي چنڊ جهڙي آهي. قطر جي ڊيگهه ميل کن ٿيندي. اتر - اوير رپتي جي ڪناري وارو پاسو اندر ئي ڪاڏل اٿس. اولاهيون پاسو سڌو سر اتر هليو وڃي ٿو. ڏاکڻيون حصو مني ميل تائين سڌو آهي. قلعي جي اوچائي گهٽ وڌ ڏسبي. اولهه پاسي واري پٽ ٣٠ کان ٤٠ فوٽ اتاهين آهي. باقي ڏکڻ ۽ اوير واريون پٽيون ٢٥ کان ٣٠ فوٽ مس ٿينديون. سڀ کان اتاهون اتر - اولهه ڪنڊ وارو چبوترو آهي، جيڪو ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان پنجاه فوٽ مٿي ٿيندو. اتر - اوير وارو پاسو جيڪو اندر تي ڪاڏل آهي تنهن جو راپتي Rapti جو وهڪرو گهٽو بچاءُ ڪندو هو، جيڪو هاٽي فقط چاڙهه جي رت ۾ وهڻ شروع ڪندو آهي. هن قلعي جي ڊگهن پاسن کان بچاءُ واسطي کاهي کوٽيل هئي. ان کاهيءَ جي ڪجهه حصي تي ڏکڻ - اولهه واري پاسي اڌ ميل کن جي ڊيگهه ۾ اجا سوڌو پاڻيءَ جي چر ڏسبي آهي. قلعي جي پٽ جي اوسي پاسي وڏيءَ ماپ جي سرن جي ٽوٽن جا ڍير نظر ايندا. وڏيءَ ماپ جون اهڙيون سرون پراچينتا جون خاص نشانيون هونديون آهن. مون هڪ جاءِ کان سواءِ ڪٿي به پڪي پٽ جا اهڃاڻ ڪونه ڏٺا، جنهن مان پڪ پوي ٿي ته ڪچي قلعي جي مهاڙيءَ ۾ پڪيون سرون هنيون ويون هيون. ان کان سواءِ اولاهان چبوترا به پڪا ناهيل هوندا.

قلعي جي اولي سميت پت جو ٿورو حصو مونکي نديءَ واري پاسي ڏانهن سالم حالت ۾ بيٺل ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي ويڪر ڏهه فوٽ هئي. منهنجي ماپ مطابق ان ڪچي قلعي جو سارو گهيرو ٧٣٠٠ فوٽ يا سوا ٣ ميل هو. شين سئنگ به هن قلعي جو گهيرو ٢٠ لي يا سوا ٽي ميل ٻڌائي ٿو جيڪو مٿي بيان ڪيل ماپ سان ٺهڪي اچي ٿو، پر چيني ياتري هن ماڳ کي بادشاهي محل سمجهي ٿو. نظر ائين اچي ٿو ته جنهن زماني ۾ سيلاني هن ماڳ تي پهتو هو ته شهر ويران هو ۽ ماڻهو لڏي ڪيڏانهن هليا ويا هئا ۽ ڪنهن غلط سبب ڪري هو ساري شهر کي شاهي محلات سمجهي ويٺو هو. اها به پڪ ٿئي ٿي ته قلعي کان ٻاهر عام ماڻهن جون وسنديون ڪونه هيون ۽ چوڌس ڏٿوريون اڏاوتون هيون، جتي ڪنهن عام ماڻهوءَ جو رهڻ ڏاڍو مشڪل هو. تنهن ڪري مان پوري پڪ سان چئي سگهان ٿو ته ڪنهن غلط فهميءَ وچان هن ساري شهر کي شاهي محلات سمجهيو ويو آهي. اهڙي غلط فهمي اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ بلڪل ڪافي آهي ته ستين صدي عيسويءَ ۾ جڏهن چيني ياتريءَ منزلون ماري اچي هي ماڳ ڏٺا هوندا ته هتي ويراني ۽ بربادي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو ۽ ڪڏهن وري اهو زمانو هو جو هن شهر جي هاڪ هنڌين ماڳين پکڙيل هئي. سن ٤٠٠ع ۾ فاهيان جو بيان هن شهر جي آدمشماري ٿوري ٻڌائي ٿو، پر سري لنڪا جي ڪتابي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سن٢٧٥ع کان ٣٠٢ع تائين ڪير ڌار Khira dhara نالي هڪ سگهارو راجا سواٿي پور Sawathipur تي راڄ ڪندو هو. هن بيان مان سمجهڻ ۾ ائين اچي ٿو ته سراوستي چوٿين صدي دوران زبون حاليءَ جو شڪار ٿي وئي هئي. جيڪڏهن اسان هن شهر جي تباهيءَ کي سن ٣١٠ع ۾ گپتا گهراڻي جي زوال سان واڳيون ته ڪو غلط ڪونه ٿيندو.

چيو ويندو آهي ته سراوستي شهر جو بنياد سورج ونسي گهراڻي جي راجا سراوست (٦٠٥) رکيو هو. سندس پيءُ جو نالو يووناسوا Yuvonasawa هو جيڪو سوريه Surya جي ڏهين پيڙهيءَ مان هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن شهر جو بنياد هندستان جي ڏندڪٿائي دور ۾ رکيو ويو هو، جيڪو رام کان به گهڻو اڳ آهي. امڪان آهي ته ان قديم زماني ۾ اهو اجوڌيا جو هڪ حصو هو، جنهن تي لاوا Lava پٽ رام راڄ ڪندو هو. ان کان پوءِ سراوستي جو

نالو گم ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ گوتم ٻڌ واري دور ۾ وري ظاهر ٿئي ٿو. تنهن زماني ۾ هي شهر پراسينا جيت Prasenajit پٽ مهاڪوسل Maha Kosala جي راڄڌاني هوندو هو. مذڪوره راجا ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو ۽ زندگيءَ جو باقي عرصو مهاتما جو دوست ۽ نگهبان ٿي رهيو، پر سندس پٽ ويروڌڪ Virudhaka ساڪيه Sakya قريءَ جي ماڻهن ڪان بچان ڪندو هو، تنهن ڪري هن مٿن هلان ڪئي. سندس گهر ۾ جيڪي پنج سؤ ساڪيه ڇوڪريون رهنديون هيون تن کي کهرائي ڇڏيائين. اهو کلور ڏسي مهاتماگوتم اها.اڳ ڪٿي ڪئي ته هن کي هڪ هفتي اندر باه ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي. ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن اها اڳ ڪٿي پنهنجي ڪتابن ۾ محفوظ ڪري ڇڏي آهي، جيڪا مقرره مدت اندر پوري ٿي هئي. ٻارهن سون سالن ڪان پوءِ جڏهن ٻڌ ڌرم جو معتقد شين سئنگ هتي پهتو ته کيس اهو تلاءُ به ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ باه لڳڻ ڪان پوءِ راجا ويرڌڪ ڊوڙي وڃي سر بچاءُ ڪيو هو. (٦٠٦)

مهاتما ڪان پنج صديون پوءِ راجا ڪنشڪ جي زماني ۾ هن شهر بابت ذڪر ٻڌون ٿا. شين سئنگ جو بيان آهي ته سراوستي جو راجا وڪرم دتيا Vikramditya (وڪرما جيت) ٻڌن کي گهٽو تنگ ڪيو هو. ان زماني ۾ منورهت Manorhita جنهن وياس شاستر Vibhasha Shastra جيوهتيا ڪئي هئي، چاڪاڻ ته هن برهمڻن ڪان بحث ۾ هار کاڌي هئي. وڪرما جيت ڪان پوءِ سندس جانشين جي زماني ۾ (جنهن جو نالو ڪونه ڏنو ويو آهي) منورهت جي هڪ چيلي وسو بندو Vasu bandhu سيني برهمڻن کي بحث ۾ ماري مات ڪيو هو. انهن ٻنهي راجائن جي دور کي سن ٧٩ع ڪان ١٢٠ع تائين سمجهي سگهجي ٿو. هن ڪان پوءِ سبروستي تي پنهنجي ملڪي راجائن راڄ ڪيو آهي، چاڪاڻ ته سن ٢٧٥ع ڪان ٣١٩ع تائين اسان کي راجا ڪير - ڌار ۽ سندس ڀائٽي جي راڄ جو ذڪر ملي ٿو.(٦٠٧) هن حقيقت ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي ته ان وچ واري عرصي دوران مگڌجا گپت گهراڻي جا راجائون سراوستي تي راڄ ڪندا هئا، چاڪاڻ ته پر واري ساڪينسيه سندن اباڻو ملڪ هو. وايو پراڻ جو بيان آهي ته گپت گهراڻي جا راجا انهن ملڪن تي راڄ ڪندا هئا جيڪي پرياڳ، ساڪيت ۽ مگڌياش گنگا جي ڪناري سان

واقع آهن.(٦٠٨) هن کان پوءِ سراوستي جو هوريان هوريان زوال شروع ٿيو. سن ٤٠٠ع ڌاران هن مشهور شهر ۾ رڳو ٻه سؤ گهر هئا ۽ سن ٦٢٣ع ۾ ته پرپيانگ ٿي ويو. موجوده دور ۾ قلعي جي ڦاٽڪن جي راهدارين جي اوسي پاسي ڇئون پڇئون ڏسڻ ۾ ايندي نه ته سارو ترڙ اهڙو گهاٽو جهنگل ڏسبو جنهن ۾ لنگهڻ ئي مشڪل آهي.

هن شهر جا نالا ٻه ڌار ڌار ڏسڻ ۾ ايندا. فاهيان هن جو نالو شي - وي لکيو آهي. شين سئنگ جيڪو نالو لکيو آهي سو چيني ٻوليءَ جي پڌن مطابق شي - لو - فا - سي - تي She _ Lo _ Fa _ Si _ Ti آهي،جيڪو سراوستي ٿئي ٿو، پر هي فرق ظاهري آهي اصلي ڪونه آهي، ڇاڪاڻ ته شيوي پالي ٻوليءَ ۾ ساوٿي Sawathi جي اڌ نالي سويت Sewet جي ٿوري بگڙيل صورت آهي ۽ هي نالو سري لنڪا جي ڪتابن ۾ تمام گهڻو نظر ايندو. اهڙيءَ ريت موجوده نالو ساهيت Sahet پاليءَ ساويت Sawet جي بگڙيل شڪل آهي. ماهيت Mahet جي سمجهاڻيءَ بابت اڃا ڪجهه به ٻڌائي ڪونه ٿو سگهان. مان سمجهان ٿو ته اهو مذڪوره نالي جو تربني اضافو آهي جنهن جا هتان جا هندو ڏاڍا شوقين آهن جهڙوڪ الٽ پلٽ وغيره وغيره. گهڻن ماڻهن جو چوڻ آهي ته ساهيت ماهيت اها صحيح معنيٰ آهي يعني مڪمل ويران ۽ تباهي. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اصلي نالو سيت - ميت Set _ Met آهي. منهنجو خيال آهي ته اهو نالو سويت جي بگڙيل شڪل آهي. امڪان اهو به آهي ته ساهيت - ماهيت متان سيت - ميت جي ڏگهي شڪل صورت هجي. هن ويران شهر پرسان پير بران Pir Baran جي مسلمان مجاور ٻڌايو ته هن ٿاڪ جو اصلي نالو ساويتري Savetri هو ۽ هيءُ اچار نيپالي ٻوليءَ جي اچار جي بلڪل ويجهو ڏسجي ٿو ۽ ڪنهن حد تائين پڪ ٿئي ٿي ته هن قديم شهر جو اصلي نالو به اهو ئي هوندو.

شين سئنگ جو بيان آهي ته سروستي ديس جو گهيرو ٤٠٠٠ لي يا ٦٦٧ ميل هو جيڪو گهاگر درياهه کان وٺي جبل جي ڪڇ تائين حقيقي علائقي جي ماپ کان ٻٽيو آهي. پر هي ياتري پنچال جي به ساڳي پکيڙ ٻڌائي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته ان زماني ۾ مليوم Malbhurn ۽ اتر واري ڪاڇي Khachi جي تڪرائتي ايراضي به هن علائقي سراوستي ۾ شامل هجي. اهڙيءَ ريت سراوستي جو ملڪ هڪ

پاسي کان هماليہ جبل کان گهاگر ندي تائين ۽ ٻئي پاسي اولهہ طرف کان ڪرنالي Karnali نديءَ کان وٺي اوپر ڍولگيري Dhoolagiri تڪرين ۽ فيض آباد تائين پکڙيل هوندو. ليکي مطابق هن علائقي جو گهيرو وچي ۶۰۰ ميل ٿيندو، جيڪو شين سئنگ جي اندازي جي بلڪل ويجهو آهي.

## ڪپل Kapila

سفرنامن مطابق ٻئي چيني ياتري سراوستي مان سڌو ڪپل ڏانهن روانا ٿيا آهن. هيءَ ماڳ سڄي هندستان ۾ گهڻو مشهور هو جو مهاتما گوتم اتي ڄائو هو. شين سئنگ ٻڌائي ٿو تہ مذڪوره ٿاڪ ۵۰۰ لي يا ۸۳ ميل ڏکڻ - اوپر پاسي هو. (۶۰۹) پر فاهيان جي بيان موجب اهو ساڳئي طرف تيرهن يوجن يا ۹۱ ميل پري هو. (۶۱۰) هتي هڪ يوجن يا ستن ميلن جو فرق ڏسجي ٿو، جيڪو گهڻو ڪري ڪنهن مونجهاري جي ڪري آهي ڇاڪاڻ تہ ڪپل ۽ ڪرڪو چنده Karku Chaundh جي ڄمڻ واري هنڌ ۾ هڪ يوجن جيُ وٿي آهي. فاهيان ڪپل پهچڻ کان اڳ ڪرڪو چند جي جنم واري جاءِ تي پهتو هو، پر شين سئنگ پهريان ڪپل ۽ پوءِ ڪرڪو چند جي جنم واري جاءِ تي ويو هو. هن ٿاڪ کي ڪڪوئا Kakua جي نالي سان سڃاتي سگهجي ٿو، جيڪا نگر کان اٺ ميل اولهہ پاسي آهي. نگر کي مان ڪپل نگر سمجهان ٿو ۽ فاهيان جي بيان تي ويساهہ ڪريان ٿو. ساهيٺ ۽ نگر جي وچ ۾ فاصلو ساڍا ۸۱ ميل آهي. ساهيٺ کان اشوڪ پور جو سڌو سان فاصلو تقريباً ۴۲ ميل هو. اشوڪ پور کان نگر ۳۹ ميل پري آهي ۽ اهو فاصلو هندستان جي ائٽلس نقشي مطابق سڌو ماپيو ويو آهي. هن جابلو علائقي جي ورن وڪڙن واري سڌڪ سان پنڌ ۸۵ ميلن کان ڪڏهن بہ گهٽ ڪونہ ٿيندو. ٿي سگهي ٿو تہ فاهيان جي بيان مطابق ۹۰ ميل فاصلو صحيح هجي.

شين سئنگ اندازو ڪري هن ملڪ جو گهيرو ۴۰۰۰ لي يا ۶۶۷ ميل ٻڌائي ٿو جيڪو هن علائقي جي پکيڙ سان ٺهڪي اچي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ علائقو گهاگر ۽ گندڪ Gaundak جي وچ تي فيض آباد کان درياهن جي سنگم تائين پکڙيل هو. نقشي جي سڌيءَ ماپ موجب پکيڙ ۵۵۰ ميل ٿئي ٿي جيڪا سڌڪ سان وڌي وڃي ۶۰۰

جي ماءُ مايا ديوي جي جمڻ جو هنڌ هو. هن ٿاڪ کي ويا گهرپور Vya ghar pur بہ سڏيو ويندو هو، جنهن جي معنيٰ آهي چيتي جو شهر. (٦١٦) مايا ديوي پيڙ لهڻ واسطي هڪ جاءِ ويهڻ وقت پنهنجي ماءُ پيءُ سان ملڻ ڪولي وڃي رهي هئي. ٻنهي شهرن جي وچ تي سال Sal نالي وڻن جو هڪ باغيچو هو ۽ اتي لمبيني Lambini نالي هڪ وڏو وڻ هو جتي ٻنهي ڳوٺن جا ماڻهو اچي ڪچهريون ڪندا هئا. مايا ديوي ساهي پٽڻ لاءِ ان وڻ جي ٿڏيءَ ڇانو ۾ ويهي رهي ۽ اتي ئي سندس پٽ مهاتما گوتم ٻڌ ڄائو هو. ٻئي هنڌ وري هن ريت لکيل آهي تہ هڪ سال پاڻيءَ جي ڏڪاهي ۾ ڪپل ۽ ڪوليءَ جا ماڻهو روهيني نديءَ جي پاڻيءَ جي ورهاست تي اچي جهيڙي ۾ پيا هئا چاڪاڻ تہ هر هڪ ماڻهو پنهنجي سارين جي پوک پچائڻ ۽ بچائڻ جا جتن ڪري رهيو هئو. (٦١٧) هن بيان مان پتو پوي ٿو تہ روهيني ندي اها هئي جنهن کي هاڻي ڪوهان سڏيو ويندو آهي، جيڪا موجوده دور ۾ بہ نگر کان ڇهہ ميل ذڪڻ - اوپر پاسو ڏئي وهندي آهي. نقشي ۾ پاڻيءَ جي هن وهڪري کي ڪوئان Kooana ۽ ڪئان Quana جي هجي ۾ لکيو ويو آهي. بچانن Buchanan وري هن کي ڪوين Qoyane لکي ٿو.(٦١٨) سندس بيان آهي تہ هيءَ ڏاڍي ناهوڪي پر ننڍي ندي آهي. سندس چاڙهون هن علائقي جو ڏاڪٽيون پاڳو آباد ڪنديون آهن. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اها روهيني ندي هوندي جنهن سان ٻڌذرم جي تذڪرن جا بيان نهڪي اچن ٿا.

ڪولي جي جاگرافيائي بيهڪ ۾ شڪ ٿئي ٿو پر امڪان آهي تہ اهو ام ڪوهل Am Kohil وارو ماڳ هجي جيڪو نگر کان پورا ٻارهن ميل اوپر ۽ ڪوهان نديءَ کان اٽڪل ٽي ميل پري ٿيندو. نگر کان ڪوهل ڏانهن ويندڙ سٽڪ موڪسون Mokson نالي هڪ ڳوٺ جي سامهون درياهہ تان اڪري ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ هيءَ ماڳ لمبيني وارو مشهور باغ هجي ڇاڪاڻ تہ ڪنهن زماني ۾ هن کي پرادا موڪش Prada Moksha "نهايت خوبصورت" نالي سان بہ سڏيو ويندو هو. (٦١٩) پوئين دور ۾ هيءُ نالو موڪش Moksha يا موڪشن Mokshan ڪوٺيو ويو هو. شين سئنگ جي سفر نامي ۾ لکيل مرڪشن Markshan نالو تيل واري نديءَ ڏانهن اشارو آهي ڇاڪاڻ تہ سنسڪرت ۾ ان لفظ جي معنيٰ تيل آهي. ابو الفضل

مهاتما ٻڌ جي جمڻ واري جاءِ کي موکت Mokta جي نالي سان سڏي ٿو. (٦٢٠) منهنجي خيال ۾ اها موکس Moksa جي غلط پڙهڻي آهي.

نگر کي قديم ڪپل سمجهڻ جي ٻي وڏي ثابتي اها آهي ته نگر جو موجوده راڄوڙ گوتم راجپوت گهراڻي سان لاڳاپو رکي ٿو. ان سان گڏ نگر ۽ اموره Amorha هن ڪل جي ماڻهن جا اهم مرڪز آهن. هن کان علاوه گوتميه Gautamiya راجپوتن جو ملڪ به هيءُ علائقو آهي، جن لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي گوتم راجپوتن جي قريءَ سان واسطو رکن ٿا. ڪپل وستوءَ جي ساڪيه ڪُر لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي به گوتم راجپوت آهن. ساڪيه مني Sakya Muni لاءِ به چيو ويندو آهي ته مهاتما ٻڌ جيان سندس واسطو به برما سان هو. ونسلت Vansalata جي تحرير مطابق (٦٢١) گوتم راجپوت ارڪ بنڌو Arkabandhu جي پُر مان آهن. هڪ ٻڌ امر سنها Amara Sinha جي لکيل ڪتاب امر ڪوش Amarakosha مطابق مهاتما گوتم ٻڌ جو هڪ نالو ارڪ بنڌو به هو.

نگر جو ماڳ مان اڪئين ڪونه ڏٺو آهي پر مون کي ٻڌايو ويو آهي ته اهو هڪ وڏو دڙو آهي، جتي سروٽن جا ڍير ڏسڻ ۾ ايندا. پر پاسي ۾ پڪين جڳهن جا اهڃاڻ ملن ٿا. پنجين صديءَ جي شروعات ۾ فاهيان ڪپل جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي ته: ”ان زماني ۾ به اتي ٿورا ڀڪشو رهندا هوندا، جن جا ڏهه ويهه گهر هوندا. شهر جو ڪو نانءُ نشان ڪونه هوندو ۽ ٻارنهن سو سالن تائين هيءُ شهر ويران رهيو. ستين صديءَ جي وچ ڌاران شين سئنگ به هن شهر کي ڀڙيانگ ڏٺو هو. ڪيس اهو به پتو پئجي ڪونه ٿي سگهيو ته سندس اصلي پڪيڙ ڪيتري هوندي، تنهن ڪري ائين چئي ڪونه ٿو سگهجي ته ننگر جي قديم وسنديءَ جا ترڙ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل ڪونه آهن. ان ڪري هي ماڳ ڪپل ٿي ڪونه ٿو سگهي، پر مون کي پورو يقين آهي ته نگر وارو ماڳ ڪپل ئي آهي. هن سڃاڻ کي اوسي پاسي وارن ٿاڪن جي نالن جي شاهدين وسيلي پڻ ثابت ڪري سگهجي ٿو، جيڪي قديم زماني ۾ ٻڌ ڌرم تاريخ ۾ مقدس سمجهيا ويندا آهن يعني منهنجو اشارو ڪرڪو چند Krokuchanda ۽ ڪنڪ Kanaka-Muni ڏانهن آهي جيڪي قديم دور جا ٻڌ هئا.

پيو ماڳ سرڪوپ Sara Kups آهي. يعني ڪان وارو تلاءُ جيڪو مهاتما ٻڌ جي تير هڻڻ سان پيدا ٿي پيو هو. فاهيان ڪرڪو چند جي جمڻ واري جاءِ ڪي نا - پي - ڪيا Na - Pi - Kia سڏيو آهي. پر ٻڌڌرم جي تذڪرن (۶۲۲) ۾ ان جاءِ کي ڪشيم وتي Kshem vati يا کيم وتي Khem vati ڪوٺيو وڃي ٿو. (۶۲۳) سري لنڪا جي ٻڌ تذڪرن ۾ (۶۲۴) ڪرڪو چند لاءِ حوالو آهي ته اهو ميکل Mekhala جي راجا ڪشيما Kshema جو پروهت Purohat هو. فاهيان جي بيان موجب اهو ماڳ ڪپل ڪان هڪ يوجن يا ست ميل اتر - اولهه پاسي هو. پر شين سئنگ ٻڌائي ٿو ته مذڪوره ماڳ ۵۰ لي يا پوڻا نو ميل ڏکڻ هو. هن ماڳ بابت مذڪوره ٻنهي بيانن کان سواءِ ٻي ڪا به معلومات ڪانه آهي، تنهن ڪري چئي ڪونه ٿو سگهجي ته ٻنهي مان ڪهڙو بيان سچو ۽ ڪهڙو ڪوڙو آهي. منهنجي جاچ پڙتال موجب ڪڪوئا Kakua نالي هڪ ماڳ آهي، جيڪو نگر کان پورا اٺ ميل اولهه پاسي آهي، تنهن ڪري مان فاهيان جي بيان کي وڌيڪ ويساهه جوڳو سمجهان ٿو، چاڪاڻ ته ڪڪو، ڪرڪو جي پالي شڪل آهي. شين سئنگ جي بيان موجب ان شهر کي ڪلواري خاص Kalwari khas جي اوسي پاسي جاچڻ کپي، جيڪو نگر کان ست ميل ڏکڻ ڏس تي آهي.

ساڳيءَ ريت ڪنڪ مني جي جمڻ واريءَ جاءِ جي جاگرافيائي بيهڪ بابت به فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. فاهيان ٻڌائي ٿو ته اها ڪرڪو چند جي جمڻ واري جاءِ کان ڏکڻ طرف هئي. پر شين سئنگ ان کي اتر اوڀر ٻڌائي ٿو. فاصلي بابت ٻنهي جا بيان هڪ جهڙا آهن، جنهن لاءِ شين سئنگ جو بيان آهي ته ۳۰ لي يا ۵ ميل آهي، جڏهن ته فاهيان هڪ يوجن کان گهٽ فاصلو ٻڌائي ٿو، جيڪو ۵ يا ۶ ميل ٿي سگهي ٿو. سري لنڪا جي ٻڌ تذڪرن ۾ هن ڳوٺ جو نالو سوڀ وتي - نگر لکيل آهي. (۶۲۵) ٿي سگهي ٿو ته اهو ڳوٺ سوڀي - پُرس Subhay-pursa هجي، جيڪو ڪڪوئا Kakua کان ساڍا ڇهه ميل ڏکڻ - اولهه ۽ نگر کان ساڳئي فاصلي تي ڏکڻ - اولهه آهي.

اهڙيءَ ريت سر- ڪوپ جي طرف ۽ فاصلي ۾ به فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. فاهيان جو بيان آهي ته هيءُ ماڳ ڪپل کان ۳۰ لي يا ۵ ميل ڏکڻ - اولهه پاسي آهي. شين سئنگ فاصلو ساڳيو ٻڌائي ٿو، پر طرف

ڏکڻ - اوڀر چئي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ هن مامري ۾ پڻ فاهيان صحيح آهي. چاڪاڻ تہ شين سئنگ سر-ڪوپ کان لمبيني باغ جو فاصلو ٨٠ يا ٩٠ لي يا ١٣ کان ١٥ ميل ٻڌائي ٿو، جنهن بابت آءٌ اڳي ئي ٻڌائي آيو آهيان تہ اهو ڪپل کان اوڀر ۾ روهيني يا ڪوهان نديءَ جي ڪناري واقع هو. جيڪڏهن سر-ڪوپ يا کان وارو تلاءُ راجڌانيءَ جي ڏکڻ - اوڀر پاسي هو تہ پوءِ لمبيني باغ جو فاصلو ڇهن ستن ميلن کان هرگز وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي. ان ڪري سر- ڪوپ جي امڪاني جاگرافيائي بيهڪ سرواڻ پور Sarwan pur نالي ڳوٺ ويجهو هئڻ کپي، جيڪو نگر کان پورا ساڍا پنج ميل ڏکڻ - اولهہ پاسي آهي.

ماڳ سڃاڻڻ بابت ڏنل بيانن مان هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ قديم ڪپل وارو ماڳ نگر آهي. پر مان علائقي جو اهو ڀاڱو پاڻ وڃي اکئين ڪونہ ڏٺو آهي ۽ ان ماڳ بابت جيڪا معلومات ملي آهي سا منجهيل آهي. مان سمجهان ٿو تہ آخري فيصلو تڏهن ڪري سگهبو جڏهن مان پاڻ وڃي اهي نگر وارا ماڳ ڏسان ۽ کوجنا ڪريان ۽ اوسي پاسي وارا واهڻ وسنديون دڙا ۽ پڙا جاچيان، پرکيان. ان وقت تائين هن نتيجي کي حقيقت جي ويجهو سمجهڻ کپي.

# رام گرام

سفرنامن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻئي چيني ياتري ڪپل کان لنمو Lanmo پهتا هئا. جيڪو هندستان جي ٻڌ تذڪرن موجب رام گرام وارو ٿاڪ آهي. فاهيان جي بيان موجب اهو پنج يوجن يا پنجويهہ ميل فاصلي تي اوڀر طرف هو. شين سئنگ نہ رڳو ساڳيو نالو ٻڌائي ٿو (٦٢٦) پر فاصلو ٢٠٠ لي يا سوا ٣٣ ميل ڏيکاري ٿو. (٦٢٧) ٻنهي ياترين جو ٿوري فاصلي تي اتفاق آهي، پر مان بہ سمجهان ٿو تہ اهو وڌائي ٻڌايو ويو آهي. ان کان پوءِ ٻئي ڄڻا انوم Anoma نديءَ جي ڪناري ڏانهن سفر ڪن ٿا، جن جو فاصلو فاهيان کان ٽي يوجن يا ايڪويهہ ميل آهي. شين سئنگ ١٠٠ لي يا اٽڪل ١٦ ميل ٻڌائي ٿو. اهڙيءَ ريت ڪپل کان انوم نديءَ تائين فاهيان مطابق فاصلو اٺ يوجن يا ٥٦ ميل ۽ شين سئنگ جي بيان موجب ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل ٿئي ٿو پر ٻڌن جي هندستاني تذڪرن پٽاندر ڇهہ يوجن يا ٤٣ ميل آهي ۽ مان بہ هن بيان کي صحيح سمجهان ٿو چاڪاڻ تہ موجوده دور واري انومي

Anomi ندي نگر کان ٤٠ ميل اوپر طرف موجود آهي. شايد هيءَ اها ساڳي ندي هجي جنهن کي ٻڌ تذڪرن ۾ انوم Anoma ندي ڪري لکيو ويو آهي ۽ هن نديءَ جي سڃاڻپ لاءِ هيٺ بحث ڪيو ويو آهي.

چيني ياترين جي بيانن موجب رام گرام وارو ماڳ نگر کان انوم نديءَ ڏانهن ويندي ٢/٣ جيتري پنڌ يعني چار يوجن يا ٢٨ ميلن جي اوسي وارن ڀاڪن وٽ. ان جاگرافيائي بيهڪ موجب مون کي ديوڪلي Deokali نالي هڪ ڳوٺ ڏسڻ ۾ اچي ٿو (٦٢٨) جيڪو کنڊرن جي هڪ دڙي تي آباد آهي. زمين جي سروي ڪرڻ وقت هن دڙي کي گهٽو ڪتب آندو ويو آهي. مهاونسو Mahawanso جي تحرير مطابق اتي رام گامو جي استوپا هئي، جيڪا گنگا جي ڪناري اڏيل هئي ۽ پاڻيءَ جي چاڙهه سبب ڊهي ناس ٿي وئي. (٦٢٩) مسٽر لئڊلي Mr.Laidlay ته اڳي ئي اشارو ڏئي ڇڏيو آهي ته مذڪوره درياهه گنگا نه ٿو ٿي سگهي. امڪان آهي ته اهو گهاگر يا ٻيو ڪو اتر وارو وڏو درياهه هجي. مان سمجهان ٿو ته سري لنڪا جي تذڪرن ۾ گنگا جو نالو هروڀرو ڏنو ويو آهي. ٻڌڌرم جي سيني ڪتابن جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته مهاتما گوتم جون متبرڪ شيون اٺن پتين ۾ ورهايون ويون هيون جن مان هڪ پتي رام گرام جي ڪوسل وارن کي ملي. ڪوسل وارن انهن شين مٿان استوپا تعمير ڪرايو هو. ٿورن سالن کان پوءِ مگڌ جي راجا اجتسترو Ajatasatru مهاتما جي باقي رهيل متبرڪ شين جون ست پتيون ميڙي چونڊي ڪنيون ڪري مٿن راڄ ڳڙهه وارو استوپا اڏايو هو. باقي انهن شين جي اٺين پتي رام گرام واري استوپا ۾ رهي. ان استوپا کي گنگا وهائي ڪٽي وئي. متبرڪ شيون هڪ دٻليءَ ۾ رکيل هيون جيڪا لڙهي وڃي سمنڊ ۾ پئي. اتفاق سان ناگ يا پاڻيءَ جي ديوتائن کي هٿ اچي وئي جن کڻي اچي پنهنجي راجا جي حوالي ڪئي. هن راجا تبرڪ جي دٻليءَ مٿان هڪ استوپا تعمير ڪرائي. سري لنڪا جي راجا دت گاميني Dutthagamini (١٣٧ع کان ١٦١ ق. م) جي ڏينهن ۾ هڪ ٻڌڀڪشو جنهن جو نالو سونو تارو Sonutaro هو، جي ڪرامت سان ناگ راجا کان ورتي ۽ سري لنڪا ۾ ان مٿان مهٿپو Mahothupo نالي هڪ استوپا جوڙائي. (٦٣٠) هيءَ ڳالهه چيني ياترين جي بيانن کان گهٽو مختلف آهي. ٻنهي سيلانين رام گرام وارو ماڳ سري لنڪا جي مذڪوره راجا دت

گاميني کان ڪئي صديون پوءِ ڏٺو هو. هن ڏٺو ته اهو اسٽوپا بلڪل صحيح ۽ سالم هو پر ندي ڪانه هئي. فاهيان (٦٣١) پنجين صديءَ جي شروعات ۾ اسٽوپا پرسان پاڻيءَ جو هڪ تلاءُ ڏٺو جنهن ۾ ناگ ويٺل هو، جيڪو لڳاتار اسٽوپا ڏانهن نهاري رهيو هو. شين سئنگ ستين صديءَ جي وچ ڌاران هتي آيو هو. (٦٣٢) هن ساڳي اسٽوپا صحيح ۽ سالم حالت ۾ ڏٺي. صاف ۽ شفاف پاڻيءَ جو تلاءُ ڏٺو هن اهو به ڏٺو ته ان پاڻيءَ ۾ ڪيترا ناگ تري رهيا هئا. جيڪي ماڻهوءَ جو روپ ڌاري اسٽوپا جي ياترا ڪندا هئا. (٦٣٣) ٻئي ياتري اهو به ذڪر ڪن ٿا ته راجا اشوڪ مهاتما ٻڌ سان لاڳاپيل اهي متبرڪ شيون پنهنجي راجڌانيءَ ڏانهن ڪڻائي وڃڻ ٿي چاهيون پر ناگ راجا جي تنبيهه ڪرڻ تي هن ائين ڪونه ڪيو هو. ناگ کيس اهو به چيو ته جيڪڏهن تون ٻل چاڙهڻ سان روحاني خوشي حاصل نه ٿو ڪري سگهين ته پوءِ پلي اسٽوپا ڊاهي متبرڪ شيون ڪڻي وڃ مان توکي ڪونه روڪيندس. سري لنڪا جي ٻڌ تذڪرن موجب ناگ راجا جي اها ساڳي گفتگو راجا اشوڪ ٻدران ٻڌيڪشو سوني تاري ڏانهن منسوب ڪئي وئي آهي ۽ ساڳيءَ ريت ناگ کيس اهي متبرڪ شيون سري لنڪا ڏانهن ڪڻي وڃڻ کان منع ڪئي هئي. (٦٣۴) مان سمجهان ٿو ته رام گرام پرسان اصل ۾ پاڻيءَ جو اهو تلاءُ هوندو، پر سري لنڪا جي تذڪرن ۾ وڏاءَ کان ڪم وٺي ان کي درياهه لکيو ويو آهي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن تلاءَ ۾ رهندڙ راجا ناگ مذڪوره متبرڪ شيون درياهه وسيلي ڪڻي سمنڊ ۾ رهندڙ راجا ناگ جي محلات ۾ پهچائي ۽ اتان سري لنڪا جي ڪهڙي به ٿاڪ تي رسائڻ ۾ آساني ٿئي. تنهن ڪري سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته سري لنڪا واري ڏندڪٿا ۾ درياهه جو هجڻ تمام ضروري هو ڇو ته ان کان سواءِ اهي شيون سمنڊ ۽ سري لنڪا تائين پهچڻ ڏکيون هيون. پر ٻن ياترين جي ڌار ڌار اکين ڏٺي شاهدي موجود آهي، جن ڪيترين صديون پوءِ اسٽوپا کي صحيح حالت ۾ ڏٺو هو. انهن شاهدين جي پيٽ ۾ سري لنڪا جي تذڪرن واري شاهدي ڪابه حيثيت ڪانه ٿي رکي. مان سمجهان ٿو ته سري لنڪا جي تذڪرن ۾ بيان ٿيل حقيقت ته اهو ماڳ گنگا جي ڪناري آهي، سو غلط آهي، تنهن ڪري رد ڪرڻ گهرجي. ان جي پيٽ ۾ چيني ياترين جو بيان ته اتي ناگن جو تلاءُ هو،اهو سچ سمجهڻ گهرجي.

اهڙيءَ ريت درياهه واري خيال کان اسان جي جند آجي ٿي وئي. هتي ڏنو وڃي ته ديوڪلي ۽ ٻڌ تاريخ جي مشهور ماڳ رام گرام کي هڪ ٿاڪ سمجهڻ ۾ ڪا غلطي ڪانه آهي. فاهيان جي اچڻ واري زماني ۾ هي شهر ڦٽو پٽيانگ لڳو پيو هو ۽ ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل فقط هڪ اڌاوت موجود هئي، جيڪا ستين صديءَ جي وچ تائين هلندي آئي. چاڪاڻ ته ان زماني ۾ اتي رڳو هڪ سرا منير ٻڌ پروهت Budhmank or Sramanera رهندو هو جيڪو ان مڙهي کي پيو هلائيندو هو.

# انوم ندي

ٻڌ ڌرم جي تاريخ ۾ انوم ندي گهڻي مشهور ۽ معروف آهي چاڪاڻ ته هتي شهزادي سڌارٿ سنياسين وارو وڳو پاتو هو. هتي ئي هن پنهنجا ڊگها وار ڪتري ئو ڙهو ٿي پنهنجي ٿهلين ۽ داسن کي موٽي وڃڻ جي آگيا ڏني ۽ پنهنجو شاهي گهوڙو به واپس ڪري ڇڏيو هو. (٦٣٥) برمي ۽ سري لنڪا (٦٣٦) جي تذڪرن مطابق اهو ماڳ ڪپل کان ٽيهه يوجن يا ٢١٠ ميل پري هو. اهو فاصلو غلط خيال ٿي ٻڌو ويو آهي ته اها ندي ڪپل ۽ راج ڳڙهه جي وچ تي هئي ۽ ٻنهي ماڳن جي وچ ۾ ست يوجن جو فاصلو آهي. لليتا وستار (٦٣٧) جي ٽبيتي ترجمي ۾ اهو فاصلو ڇهه يوجن يا ٤٢ ميل ٻڌايو ويو آهي. هيءُ فاصلو فاهيان ۽ شين سئنگ جي ٻڌايل فاصلي کان گهٽ آهي. اڳين سيلانيءَ هڪ ئي پنڌ ۾ به فاصلا يوجن جي حساب سان ٻڌايا آهن. جڏهن ته پوئين پانڌيئڙي ٻنهي فاصلن جو پنڌ لي جي حساب سان ٻڌايو آهي. اهي فاصلا اندازاً سمجهي سگهجن ٿا. اهڙيءَ ريت فاهيان جو پنج يوجن ۽ ٽي يوجن جو ڪٿيل فاصلو ساڍا چار يوجن ۽ اڍائي يوجن فاصلو آهي ۽ شين سئنگ جو انوماني فاصلو ٢٠٠ لي ۽ ١٠٠ لي آهي، جنهن جو جوڙ ٣٠٠ هجڻ ڪپي. پر اصلي فاصلو ١٨٠ لي ۽ ٨٠ لي آهي. فاهيان واري فاصلي جو جوڙ ست يوجن يا ٤٩ ميل ٿئي ٿو ۽ شين سئنگ جو اصلي فاصلو ٢٦٠ لي بيهي ٿو، جيڪو ٤٣ ميلن جي برابر آهي. انهن ٻنهي جي ڀيٽ ۾ لليتا وستار جو ڏنل فاصلو اصلي پنڌ جي ويجهو آهي جيڪو سارو يوجن ۾ ڏنو ويو آهي.

جڏهن شهزادي سڌارٿ ويراڳي حياتيءَ جي شروعات ڪئي ته

هن ڪپل ڪان راجڳڙهه ڏانهن ويندي ويسالي Vaisali واري سٽڪ ورتي هئي. اهو طرف اوپر - ڏکڻ - اوپر ٿيندو. هو ديوڪلي ڪان لنگهي سنگرام پور ڪان هينان وچي انومر نديءَ تي پهتو هو. هيءُ ماڳ ان جاءِ تي آهي جتان ٿورو هيٺ هلي انومر ندي انوميير Anumiyar ڍنڍ ۾ وڃي چوڙ ڪندي آهي. (٦٣٨) انومي Anumi جي وهڪري جو عام رخ اتر - اولهه ڪان ڏکڻ - اوپر آهي. نگر ڪان اهو فاصلو ٤٠ يا ٤٥ ميلن جي وچ تي آهي. اها سٽڪ سنگرام پور ڪان مٿان ندي پار نه ڪندي هئي چو ته اهو فاصلو ٤٠ ميلن ڪان گهٽ هو. نه وري اها سٽڪ انوميير ڍنڍ ڪان هينان ڦرندي هئي، چاڪاڻ ته ان ڍنڍ مان هڪ ڇاڙهه نڪري راپتي نديءَ ۾ اچي پوندي هئي. جيڪڏهن هيءَ ڄاڻ صحيح آهي ته مذڪوره سٽڪ انوميير ڍنڍ جي منهن ڪان مٿان ندي پار ڪندي هئي.

اومي Aumi يا سنسڪرت جو لفظ اوَمي Avami جي معنيٰ هلڪي، ننڍي يا غير اهم آهي. هڪ نديءَ جي نالي جي نقطہ نگاه ڪان هن جي ننڍي ماپ ڏيکاريندڙ هڪ بيا‌ڻي نالو آهي چاڪاڻ ته جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته پر پاسي ۾ بيون هن ڪان تمام وڏيون نديون آهن. نقشي تي ڏسڻ سان اهو معلوم ٿيندو ته انومي راپتيءَ جي پراڻي پيٽ مان وهندي نظر ايندي، جنهن ڪي هيءَ ندي دو مريہ گنج Dumariya Ganj وٽان ڇڏي وئي آهي. انومي نديءَ جي پرتي ڪندڙ ڇاڙهہ ڪي ٻڌ نالي Budh Nali يعني پراڻو وهڪرو سڏيو ويندو آهي. هي وهڪرو بانسي Bansi جي اوسي پاسي ڪان شروع ٿيندو آهي. مينهوڳيءَ جي رت ۾ راپتيءَ مان بہ ان دلدلي نالي وسيلي پاڻي ملندو آهي. هن حقيقت مان پوري پڪ ٿئي ٿي ته انومي نديءَ جو بليهر Balehar پرسان ٻڌنالي سان سنگم واري ٿاڪ ڪان هيٺ انومي نديءَ جو وهڪرو راتي جي پراڻي پيٽ ڪان لنگهندو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن نديءَ جو امي يا اوَمي نالو بلڪل صحيح آهي چو ته راپتي جي وهڪري جي پيٽ ۾ هيءُ وهڪرو تچ سمان آهي ۽ نالي جي معنيٰ بہ اها ئي آهي يعني غيراهم.

لليتا وستار موجب مهاتما گوتم هيءَ ندي انووئنيہ Anuvaineya (٦٣٩) علائقي جي منيہ Maneya ڳوٺ وٽان پار ڪئي هئي. هن ڳوٺ جو نالو اڻ ڏٺو، اڻ ٻڌو معلوم ٿئي ٿو، پر علائقو

اهو ساڳيو انائولا Anaola آهي جيڪو انومي نديءَ جي هيٺئين پاسي ۽ اولهه طرف واقع آهي، سنگرام پور ۽ ائوميرا ڊنڊ به هن علائقي ۾ موجود آهي. انووئنيه جي معنيٰ آهي اهو علائقو جيڪو وينيه نديءَ جي ڪناري جي ويجهو يا ان جي وهڪري جي هيٺئين پاسي واقع هجي. هيءُ لفظ وينو Venu مان نڪتل ٿو ڀائنجي. انگريزيءَ ۾ هن جي معنيٰ ٿيندي Bambu جيڪڏهن هن لفظ جي معنيٰ صحيح آهي ته ان جو مفهوم ٿيندو Bam buveve ان جو هم معنيٰ لفظ بانسي Bansi آهي. هيءُ نالو مٿس ان ڪري رکيو ويو آهي جو سندس ڪناري سان بانس گهڻو هوندو آهي يا وري بانسي شهر ڀرسان وهندي آهي.

برما ۽ سري لنڪا جون ڏندڪٿائون هڪ جهڙيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سندن بيان آهي ته جڏهن راجڪمار سڌارٿ نديءَ جي ڪناري پهتو ۽ پنهنجا تهليا ۽ داس ۽ سواريءَ وارو گهوڙو اتان موٽائي موڪليا هئائين ۽ ماڻهن کان نديءَ جو نالو پڇيو هئائين ته ڪيس ٻڌايو ويو ته ان جو نانءُ انوم آهي. اهو ٻڌي مهاتما نديءَ جي نالي بابت پنهنجي راءِ جو اشارن ۾ اظهار ڪيو هو پر ترجمي واري ان جو نالو مختلف لکيو آهي. برما جي ڏندڪٿا موجب (٦٤٠) ان نديءَ جو نالو انائوم Anauma هو. اهو نالو ٻڌي راجڪمار پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪيو هو ته "مان جنهن رستي تي پهچڻ جي خواهش ڪري رهيو آهيان ان اهم رستي جي لائق ٿي ڏيکاريندس." تنهن کان پوءِ راجڪمار ان پوائتي جانور گهوڙي کي اڙي هنئي جنهن هڪ زبردست ڇال ڏئي درياهه پار ڪيو. مسٽر هارڊي هن واقعي جو اجا به وڌيڪ مختصر ذڪر ڪيو آهي. (٦٤١) سندس بيان آهي ته راجڪمار نديءَ وٽ پهچي پاڻ سان گڏ راجوڙن کان نديءَ جو نالو پڇيو جن ڪيس وراڻيو ته هن نديءَ جو نالو انوم يعني اعليٰ، اوچي يا معزز وغيره آهي. هن اهو نالو پنهنجي باري ۾ هڪ سٺو سوڻ سمجهيو. ٽرنر سري لنڪا جي اتڪٿ ٻڌوانسو(٦٤٢) Athakatha Budhawanso جي حوالي سان ڪجهه تفصيل سان احوال ڏنو آهي. سندس بيان آهي ته راجڪمار ساڻس گڏ هڪ راجوڙي چندوءَ کان نديءَ جو نالو پڇيو.

"هن نديءَ جو نالو ڇا آهي؟"

"سرڪار هن نديءَ جو نالو انوم آهي." چندوءَ وراڻيو.

”پر منهنجي ترتيب ۽ درجه بندي ۾ ڪابه انوم (گهٽتائي) نه هوندي.“ راجڪمار چيو. پوءِ هن گهوڙي کي اڙي هٽي نديءَ تان ٽپال هڻڻ جو اشارو ڏنو. ٽرنر وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته انوم لفظ ۾ ذو معنيٰ وارو اشارو آهي پر ٻڌڌرم جي ڪتابن ۾ هي ذومعنيٰ اشارو طبيعت جي ڪڙائي به ڏيکاري ٿو. مان سمجهان ٿو ته ٽرنر غلطيءَ وچان هن لفظ انوم جي معنيٰ گهٽتائي Inferiorty سمجهيو آهي. پر هن لفظ جي صحيح منعيٰ ان جي ابتڙ آهي جنهن کي پادري بنگئيٽ Bingaudet ۽ هارڊي بلڪل نيڪ سمجهيو آهي. برما ۽ سري لنڪا جي ٻڌ تذڪرن مطابق ان نديءَ جو نالو انوم Anoma يعني اوچي محترم يا شان وشوڪت واري. راجڪمار به پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو هوندو ته منهنجو ترتيب ۽ درجه بندي ۾ شان ۽ رتبو هوندو پر موجوده دور ۾ هن نديءَ جو نالو اؤمي Aumi آهي جنهن جي معنيٰ آهي گهٽ Inferior ٽرنر جي ترجمي ۾ لفظ گهٽتائي Inferior ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن جنهن ڪتاب تان اهو نقل ڪيو آهي تنهن ۾ نديءَ جو نالو ضرور اوما Oma يا ائوما Auma هوندو. مونکي پتو نه آهي ته صحيح پڙهٽي ڇا آهي؟ جڏهن راجڪمار کي ٻڌايو ويو ته پڇيل نديءَ جو نالو اوما Auma گهٽتائي آهي ته راجڪمار پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو هو ته منهنجي ترتيب ۽ درجه بندي ۾ انوم يعني شان وشوڪت ۽ عظمت هوندي. جيڪڏهن هن نديءَ جو اصلي نالو انوم هوندو ته اهو سمجهڻ ڏکي ڳالهه آهي ته اهو بدلجي ائومي ڪيئن ٿي ويو؟ جنهن جو مفهوم ۽ مطلب ئي ابتو آهي. پر جيڪڏهن هن جو اصلي نالو اؤمي يعني راٻي جي غير اهم چاڙهه جي ناتي سان هوندو ۽ ٻڌڌرم وارن مٿائي انوم رکيو هوندو ته ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ان کي وري اصلي نالي پنيان اومي سڏڻ هڪ فطري ڳالهه آهي. هن مان هيءَ حقيقت به ظاهر ٿي پوي ٿي ته هن نديءَ کي اؤمي نالي پنيان سڏڻ ٻڌڌرم جي زوال کان پوءِ جو عمل هوندو.

ٻڌن واري انوم ۽ موجوده دور واري اومي هڪ نديءَ جا به نالا آهن، سا تصديق هن حقيقت مان به ٿئي ٿي ته جنهن هنڌ تان راجڪمار مذڪوره نديءَ تان اڪريو هو، تنهن ٿاڪ پرسان تمام ٿوري فاصلي اندر اوڀارئين ڪناري سان موجود ٽن ٿاڪن جا نالا اهڙي شاهدي ڏين ٿا ته نديءَ پار اڪري راجڪمار پنهنجي گهوڙي تان لٿو ۽ پنهنجي ٿهلئي

چندڪ کي ڪپل ڏانهن واپس وڃڻ جو چيــائين. (٦١٤٣) ان جاءِ تي چندڪ نيو - رتن Chandak Nevarttana نالي هڪ اسٽوپا تعمير ڪئي وئي هئي، جنهن کي چندڪ جي واپس ورڻ جي جاءِ بہ ســڏيو ويندو هو. هن ٺاڪ کي عـام ٻوليءَ جي لهجي ۾ چند برت Chanda bartta بہ ڪوٺيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو ٺاڪ چندولي Chandooli ڳوٺ جي روپ ۾ نديءَ جي اوپـارين ڪناري تي اومـير ڍنڍ جي منهن وٽ ۽ گورکپور کان ڏهہ ميل ڏکڻ اڄ بہ موجود آهي. اتي راجمڪار پنهنجي تلوار ڪٽي وار ڪپي متي اڇلايا هئا، جيڪي ديوتائن جهتي ورتا هئا. ان جاءِ تي ديوتائن جي اسٽوپا تعمير ڪئي وئي جنهن جو نالو چد - پتي ڳڙهہ Chad - Pati - Graha رکـيــو ويو هو. جنهن جي معنيٰ آهي وارن جو ڍير. هن نالي کي مختصر ڪري چد - گهہ Chad _ Gaha سڏي سگهجي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ اهو ٺاڪ چوريہ Chureya آهي، جيڪو چندولي Chandooli کان ٽي ميل اتر پاسي آهي. ٽين ڳالهہ تہ هتي راجڪـمـار شـاهي ويس وڳا جن کي ڪاسايہ Kasaya سڏيو ويو آهي، لاهي فقيراڻو لباس ڍڪيو هو. اهو اعليٰ لباس ڪاشي يا بنارس جو نهيل هو. جنهن جاءِ تي ڪپڙا متايا ويا هئا ان جاءِ تي بہ اسـتوپا تعـمـيـر ڪيو ويو هو، جنهن کي مـاٿهو ڪاسايہ گرهن Kasaya Grahan سڏيندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي لاٿل لٽا ڪپڙا. مان هن ماڳ کي ڪسيير Kaseyar ڳوٺ سمجهان ٿو جيڪو چندولي کان ساڍا ٽي ميل ڏکڻ - اوبر آهي. مان پنهنجي هن خيـال جي پنـيـرائي لاءِ شين سـئنگ جي بيـان کي شـاهدي طور پيش ڪريان ٿو تہ لاٿل ڪپڙن وارو اسـتوپا چندڪ جي واپس ورڻ واري ٺاڪ کان اوبر پاسي آهي. هي اسٽوپا ان مـاڳ کان سڌو سئون مخالف طرف آهي، جنهن کي مـان متي چوريہ جو مـاڳ سڏي آيو آهيـان، جيڪو ڪاسايہ کان ڇهہ مـيل اتر پاسي ٿـيندو. هن ڳالهہ مـان اهو سـمـجهڻ گهرجي تہ جنهن ماڳ کي مان سڃاڻڻ جي دعويٰ ڪئي سوئي نـڪري پيـو. باقي ٻيـا بہ مـاڳ جيـڪي شين سـئنگ جي ٻڌايل جاگـرافـيـائي بيهڪ سان نهڪي اچن ٿا سي گهڻو ڪري صحيح آهن.

## پپل وڻ Pippala Vana

ٻئي چيني ياتري انوم نديءَ کان اسٽوپا جي ياترا لاءِ روانا ٿيا

جيڪا پپل وڻ Pippala Vana پرسان ڇار جي ڍير وٽ تعمير ٿيل هئي. ڇيو ويندو آهي تہ هي ان چِتا جي ڇار آهي جنهن تي مهاتما گوتم جي ارٿيءَ کي اڳني سنسڪار ڪيو ويو هو. ان شهر ۾ رهندڙ موريہ Moriya ڪل جي ماڻهن مهاتما جي رکَ وٺڻ لاءِ ڪجھہ ڏينهن ڏير سان گذارش ڪئي هئي، پر پوءِ بہ سندن اهڙي گذارش پوري ڪئي وئي هئي. فاهيان جو بيان آهي تہ اها استوپا انوم نديءَ کان چار يوجن يا اٺاويهہ ميل اوڀر پاسي هئي. شين سئنگ جي بيان مطابق اهو ١٨٠ يا ١٩٠ لي يعني ٣٠ کان ٣٢ ميل فاصلو آهي ۽ طرف بہ ڏکڻ - اوڀر ٿو ٻڌائي. فاهيان شهر جو نالو ڪونہ ٿو ڏسي پر برما (٦٤٤) ۽ سري لنڪا جي ٻڌ تذڪرن ۾ (٦٤٥) هن ڳوٺ جو نالو پپل وڻ يا پپل وڻ جو ٻيلو لکيو ويو آهي. تبيت جي دولو (٦٤٦) Dulva ۾ هن تاڪجو نالو نينگروڌ Nyngrodha يا ٻڙ جا وڻ تحرير ٿيل آهي. شين سئنگ بہ نينگروڌ ٻيلي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ چوي ٿو تہ ان چار جي ڍير وٽ جيڪا استوپا تعمير ٿيل هئي تنهن ويجهو انهن وڻن جو ٻيلو هو. اهو ماڳ هن اڪئين وجي ڏٺو هو. تنهن ڪري سندس شاهديءَ کي سري لنڪا جي تذڪرن جي تحرير جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ترجيح ڏيڻ گهرجي. موجوده دور ۾ هن نالي سان ڪوبہ ٿاڪ نظر ڪونہ ٿو اچي. پر شين سئنگ جنهن طرف جو ذڪر ڪيو آهي، اوڏانهن انهيءَ قسم جا وڻ ضرور ڏسجن ٿا، جيڪي قديم ماڳ سهنڪٽ Sahankat جي چوڌس هڪ گهاٽي جهنگ جي صورت ۾ نظر ايندا. بچانن Buchanan هن ماڳ جو ذڪر ڪيو آهي، جتان ڪيس مهاتما گوتم جون ڪيتريون مورتيون هٿ لڳيون هيون. (٦٤٧) ٻڌ ڌرم جي اوج واري زماني ۾ هيءُ ماڳ ضرور وسندڙ هوندو. نقشي جي سڌيءَ ماپ مطابق چندولي گهاٽ Chandoolighat کان هن جو فاصلو ويهہ ميل ٿيندو پر جيڪڏهن سڌڪ سان سفر ڪبو تہ اهو فاصلو ٢٥ ميل کان گهٽ ڪونہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ وچ تي پاڻيءَ جون نديون جام آهن. هن ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ بہ بلڪل ائين نظر ايندي جهڙيءَ ريت شين سئنگ چار جي ڍير واري استوپا جي ٻڌائي آهي. مون وٽ اهڙي پڪي شاهدي ڪانہ آهي جيڪا هن ڳالهہ جي تصديق ڪري سگهي پر جيڪڏهن سري نگر ڪولوئا Srinagar Kolua جي پوئين ڀاڱي کي ڪوئل Koil يعني ڪوئلو سمجهبو تہ بہ ان جو امڪان تي سگهي ٿو ۽ مان سمجهان ٿو تہ

ائين ڪونہ آهي. مان پنهنجي بيان ۾ هي اضافو ڪرڻ گهران ٿو تہ سهنڪٽ کان چار واري ڏير جي اسٽوپا کان ڪوسي نگر Kusinagar بہ ساڳئي اتر - اوڀر طرف آهي، جهڙيءَ ريت ڪسيہ آهي ۽ شين سئنگ جو بيان بہ اهائي حقيقت ڏيکاري ٿو.

# ڪوسينگر Kusinagara

فاهيان جو بيان آهي تہ ڪوسينگر چار واري اسٽوپا کان ٻارهن يوجن يا ٨٤ ميل اوڀر طرف آهي.جيڪڏهن هن جي تحرير ڪيل وئسالي ۽ بنارس جي فاصلن تي ويچاربو تہ اهو فاصلو ناممڪن ڏسڻ ۾ ايندو. (٦٤٨) بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ شين سئنگ پنهنجي روايت جي برخلاف هتي فاصلي جا انگ اکر ڪونہ ڏنا آهن.هوفقط هن بيان تي اڪتفيٰ ڪري ٿو تہ هن اتر - اوڀر طرف هڪ گهاٽي جهنگ وچان تمام گهڻو سفر ڪيو، جنهن ۾ جهنگلي ڍڳا ۽ هاٿي تمام گهڻا هئا ۽ ڌاڙيلن جو انگ بہ گهٽ ڪونہ هو. سهنڪٽ جي اوڀر ۽ اتر پاسي اهڙو گهاٽو جهنگ اڄ بہ موجود آهي. گورکپور جي اتر ۽ ترائي Tarai واري ٻيلي ۾ هاٿي اڄ بہ جهجا ڏسبا. ولسن پهريائين ڪسيہ کي ڪوسيگر سمجهيو هو ۽ اهو خيال اڃا سوڌو قائم آهي. هيءُ ڳوٺ گورکپور کان پورا پنجتيهہ ميل اوڀر هڪ چوڏڳي تي ڏسڻ ۾ ايندو.(٦٤٩) نقشي جي سڌي ماپ مطابق هيءُ ماڳ سهنڪٽ کان ٢٨ ميل اتر - اوڀر ٿيندو پر سٽڪ جي پنڌ موجب ان جو فاصلو ٣٥ ميل آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اهو فاهيان جي ٻڌايل فاصلي ٻارنهن يوجن بدران رڳو پنج يوجن آهي. هن ماڳ جي بيهڪ کي بنارس جي فاصلي وڌائڻ ۽ وئسالي جي فاصلي گهٽائڻ کان سواءِ اتر - اوڀر طرف اڳتي وڌائي ڪونہ ٿو سگهجي. شين سئنگ اڳيون فاصلو ٧٠٠ لي يا ١١٧ ميل ۽ پويون فاصلو فاهيان پنجويهہ يوجن يا ١٧٠ ميل لکيو آهي. اهي ٻئي اندازا ڪسيہ جي جاگرافيائي بيهڪ سان نهڪي اچن ٿا. مان پڪ سان چوان ٿو تہ فاهيان جو ٻڌايل ٻارهن يوجن فاصلو غلط آهي. آنرڌو Anrudhwa جو ماڳ نقشي جي سڌي فاصلي مطابق بنارس کان ١١١ ميل اتر - اتر - اوڀر طرف آهي جيڪو سٽڪ جي سفر موجب ١٢٠ هوندو. ڪسيہ کان وئنسالي ١٤٠ ميل پري آهي. هن سٽڪ سان مان پاڻ بہ سفر ڪيو آهي. انگريز سرڪار

ڪوشش ڪري هن رستي کي وڏيڪ سڌو ڪيو آهي. ورن وڪڙن واري پراڻي سٽڪ سان اهو فاصلو ١٦٠ ميلن کان ڪڏهن به گهٽ ڪونه هوندو.

شين سئنگ جي زماني ۾ ڪوسينگر قلعي جون پٽيون ڊهي ناس ٿي ويون هيون. شهر ۾ ماڻهو به ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ رهندا هئا پر هن شهر جي ڊٺل گهرن جون پراڻيون پيڙهيون ١٢ لي يا ٻن ميلن جي گهيري کان ڏسجي رهيون هيون. آنرڌو ۽ ڪسيه جي وچ تي موجود ٿرڙ ڪافي ايراضيءَ ۾ پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندا. ڪي ڪنڊر ته شهر کان ٻاهر به ڏسڻ ۾ ايندا. هاڻي ته ان جي مقرر حد بندي به ڪري ڪانه ٿي سگهجي. امڪان اهو نظر اچي ٿو ته آنرڌو ڳوٺ کان اتر - اوڀر پاسي جيڪي ڊڙا ۽ پڙا آهن، سي هن قديم شهر جا ٿرڙ آهن. اهو ماڳ جتي مهاتما گوتم کي نرواڻ مليو هو تن جي پٽن پارن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي ان اسٿوپا وارا ٿاڪ آهن جن کي مئٿ - ڪور - ڪا - ڪوٽ Matha _ Kuar _ Ka _ Kot يعني مئل شهزادي جو ڪوٽ سڏيو ويندو آهي. اها جاءِ جتي سندس مئٽ کي اگني سنسڪار ڪيو ويو هو اتي به ديو ستان Devisthan نالي هڪ وڏي اسٽوپا تعمير ڪئي وئي هئي. بيان ڪيل ڀڄريون ماڳ آنرڌو ڳوٺ کان اتر - اولهه ۾ ڇوٽا گنڊڪ يا هرنيه وتي Hiranya vati جي پراڻي پيٽ سان اولهه پاسي آهي، جيڪا مينهوڳيءَ جي رت ۾ اجا به وهي ايندي آهي. ڀوڀون ٿاڪ هن ڳوٺ کان اتر - اوڀر طرف ۾ متي بيان ڪيل نديءَ جي پراڻي پيٽ کان اپرندي پاسي آهي. ڪسيه پرسان موجوده ڦٽي کي هاڻي رڳو مئٿ - ڪور Matha _ Kuar سڏيو ويندو آهي، يعني مئل راجڪمار. مسٽر لسٽن Mr.Liston هن ٿاڪ جو نالو مات Mata لکيو آهي، پر پرسان بشنپور Bishanpur جي هڪ برهمڻ مون ڏانهن مئٿ Matha جي هجي مطابق تحرير لکي موڪلي. هن لفظ جي هجي مت Matha يا مئٿ Math مان نڪتل ٿي پائنجي جنهن جي معنيٰ آهي مارڻ Kill. ان ڪري مان مئٿ ڪور جو ترجمو مئل راجڪمار ڪيو آهي. جنهن لفظ جو اشارو مهاتما ٻڌ جي وفات ڏانهن آهي. ٻڌڪي ٻوليءَ ۾ هن مهاتما جي نرواڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو. شين سئنگ هن کي ويراڳين واري وڳي ڍڪڻ کان پوءِ راجڪمار سڏيو آهي. مان سمجهان ٿو ته مهاتما جي ٻڌ ٻڌجڻ کان پوءِ

هن کي ڪنهن به راجڪمار جي نالي سان ڪونه سڏيو آهي. اهو به ممڪن ڪونه آهي ته ان کان پوءِ ڪيس عام ماڻهو به انهيءَ لقب سان سڏيندا هجن. شين سئنگ جي بيان مان اهو پتو پوي ٿو ته جنهن جڳهه تي مهاتما پرلوڪ پڌاريو هو، اتي پڪو وهار يا مڙهي بنائي وئي هئي، جنهن ۾ مهاتما جي اها مورتي رکي وئي، جنهن ۾ ڪيس موت جي بستري تي ڏيکاريو ويو آهي ۽ سندس مٿو اتر ۽ پير ڏکڻ طرف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اها هڪ فطري ڳالهه هئي ته مهاتما جي ڪوسينگر ۾ اهڙي مورتي پوڄا لاءِ وڏي وٿ هوندي. پڙهيا لکيا ٻڌ هن مورتي کي ضرور نرواڻ ورتي سڏيندا هوندا، پر مان سمجهان ٿو ته سيني طبقن جا ماڻهو هن مورتيءَ کي مثل راجڪمار جي مورتي سڏيندا هوندا ته ڪئٽ نه آهي. تنهن ڪري مان هن خيال جو آهيان ته ڪسيه جي ٿرڙ تي جيڪو مئٽ ڪور جو نالو چنبڙيل آهي سو مهاتما گوتم جي وفات ڏانهن هڪ سڌو اشارو آهي. ٻڌڌرم جي پوئلڳن موجب جنهن ويساک جي چوڏهين تاريخ عيسيٰ کان ٥٤٣ سال اڳ ڪوسينگر ۾ هيءُ جهان تياڳيو هو، اهو نانءُ اڃا سوڌو ٻڌبو اچي ٿو، جنهن مان هيءَ ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ڪسيه مهاتما گوتم جي وفات جي جڳهه آهي.

## Kahaon ڪهائون khukhundo ککند

شين سئنگ ڪوسينگر مان بنارس ڏانهن روانو ٿيو هو ۽ ڏکڻ - اولهه ٢٠٠ لي يا ٣٣ ميل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪ وڏي شهر پهتو جتي هڪ برهمڻ رهندو هو جيڪو مهاتما جو وڏو معتقد هو، (٦٥٠) جيڪڏهن مٿئين طرف ۽ فاصلي تي ويچاڪنداسون ته ردر پور Radrapur پرسان سهنڪٽ جو شهر ڏسڻ ۾ ايندو پر هن ماڳ کي اڳي ئي پيپل وڻ واري ماڳ طور سڃاتو ويو آهي ۽ ان سان گڏ بنارس واري وڏيءَ سڙڪ تي به واقع ڪونه آهي. اها ڳالهه به ته اها سڙڪ ردرپور وٽان مٿي به ڪانه سگهندي هوندي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته مذڪوره سڙڪ راپتي ۽ گهاگر ندي کان پار ڪانه ويندي آهي. پر راپتيءَ ۽ گهاگر جي سنگم کان هيٺيان ڪٿان اڪرندي آهي. ماڻهن جي روايت مطابق گهاگر جو پراڻو وهڪرو ڪهائون کان چار ميل ڏکڻ مهيلي Mahili وٽان ٻنهي ندين جي سنگم واري ٿاڪ کان ست ميل هيٺان هوندو هو. ڪسيه کان مهيلي گهاٽ ڏانهن ويندڙ سڙڪ ڪوکنڊ Khukhunda ۽ ڪهائون

Kahaon وٽان گذرندي هئي. هنن ٻنهي ٿاڪن جي اوسي پاسي
ڪيترا ئي ٿرڙ نظر ايندا. ڪسيہ کان ڪوڪنڊ جو ماڳ ٢٨ ميل ۽
ڪهائون وارو ٿاڪ ٣٥ ميل پري آهي. ٻئي ماڳ هندن جا شهر هئا.
ڪوڪنڊ جو دڙو وچين دور سان تعلق رکي ٿو. باقي ڪهائون وارو دڙو
سڪندا گپت جي زماني جو ٿي سگهي ٿو، جيڪو شين سئنگ جي
زماني کان ڪيئي صديون اڳ ٿي گذريو آهي،تنهن ڪري مان هن ڳالهہ
جو قائل آهيان تہ ڪهائون وارو ماڳ شين سئنگ جو بيان ڪيل شهر
آهي جنهن جو ڪسيہ کان موجوده فاصلو چيني ياتريءَ جي ڏنل پنڌ
سان سهمت آهي، پر ڪوڪنڊ واري فاصلي (٦٥١) سان نہ ٺهڪي
ڪونہ ٿو اچي.

# پاوا يا پدرون

سري لنڪا جي ٻڌ تذڪرن مطابق پاوا Pawa اهو آهي جتان
مهاتما کهي اچي ڪوسينگر پهتو ۽ اتي وفات ڪيائين. هن ماڳ جو
ٻيو پيرو ذڪر ڪاسيپ Kasyapa جي سفر ۾ تڏهن ڏسون ٿا جڏهن
هو مهاتما جي مئت کي اگني سنسڪار ڪرڻ لاءِ ڪوسينگر وڃي رهيو
هو. پاوا اهو مشهور ماڳ آهي جنهن کي مهاتما جي متبرڪ شين مان
اٺون حصو مليو هو. سري لنڪا جي تذڪرن مطابق هيءُ ماڳ
ڪوسينگر کان ٻارهن ميلن جي پنڌ تي (٦٥٢) گنڊڪ نديءَ واري
پاسي آهي. هاڻي جيڪڏهن ڏسبو تہ ڪسيہ کان ٻارهن ميل اتر - اتر
اوڀر پدرون يا پدر - وڻ Padara _ Vana نالي هڪ دڙو آهي جيڪو
سروٽن سان ڍڪيو پيو آهي. منجهائس مهاتما ٻڌ جون ڪيترين
مورتيون هٿ لڳيون آهن. پدر - وڻ يا پدرين جو نالو سولائي سان پرين
يا پين يا پاوا ۾ تبديل ٿي سگهندو. تبيت جي ڪهگيور Kahgyur
(٦٥٣) ۾ هن ماڳ کي دگ پچن Dig Pachan لکيو ويو آهي، پر
جيئن تہ هن نالي جي معنيٰ ڪانہ ڏني وئي آهي، تنهن ڪري چئي
ڪونہ ٿو سگهجي تہ هن لفظ جي اصليت هندستاني آهي يا سنڌس
واسطو تبيتي ترجمي سان آهي. پاوا ۽ ڪوسينگر جي وچ تي
ڪڪولتا Kukultha يا ڪڪوڪا Kukukha نالي هڪ ندي هوندي
هئي (٦٥۴) جتي مهاتما پاڻي پيئڻ ۽ وهنجڻ لاءِ جهٽ ڪن ترسيو هو.
هي ضرور باڏي Badhi يا برهي Barhi يا بنڌي نالا Bandi Nala

هوندي جيڪا چٽيهه ميل وهي ڪسيه ڪان ٿي ميل هيٺ ڪابي پاسي ڪان اچي چوٿا گنڊڪ يا هرڻ نديءَ ۾ چوڙ ڪندي آهي.

# ورانسي يا بنارس

ستينءَ صديءَ ۾ پو - لو - في - سي يا ورانسي Varansi ملڪ جو گهيرو ۴۰۰۰ لي يا ٦٦٧ ميلن تي مشتمل هو. راجڌاني گنگا جي اولهه ڪناري سان هئي. جنهن جي ڊيگهه ١٩ لي يا ٿي ميل ۽ ويڪر ۵ ڪان ٦ لي يا هڪ ميل هئي. چوڌاري علائقن جي نقطه نگاه ڪان سندس سرحد هن ريت ٿي سگهي ٿي: اتر ڪان گومتي، گومتي ڪان وني الهه آباد ۽ تونس Tons ڪان وني بلهاري Blhari تائين سندس اولاهون دنگ بلهاري ڪان سونهٽ Sonhat ڏاکڻيون ۽ ريهند ڪرمناس Rehand Karmmnasa ۽ گنگا تائين اوڀاريون پاسو هو. انهن حدن ۽ نقشي جي سڌيءَ ماپ مطابق سندس گهيرو ۵۹۵ ميل ۽ حقيقي ماپ موجب ٦۵۰ ميل ٿئي ٿو.

بنارس جو شهر گنگا جي ڪابي ڪناري تي واقع آهي. برنا Barna ندي سندس اتر - اوير ۽ آسي نالا ڏکڻ - اولهه ۾ آهي. برنا يا ورنا Varana جو وهڪرو چڱو خاصو وڏو آهي. هيءَ ندي الهه آباد جي اتران ايندي آهي. سندس ڪل ڊيگهه هڪ سؤ ميل کن ٿيندي. آسي ننڍيو وهڪرو آهي. تنهن ڪري اسان جن وڏن نقشن ۾ هن وهڪري جو نالو ڪونه ڏسڻ ۾ ايندو. هندستان جي ائٽلس واري نقشي نمبر ۸۸ ۾ به هن جو ذڪر ڪونه آهي جنهن جو اسڪيل چار ميل في انچ آهي. ليٿوگراف تي ڇاپيل بنارس علائقي جي نقشي ۾ غائب ڏسجي ٿو، جنهن جو اسڪيل ٻه ميل في انچ آهي. هن غلطيءَ ڪري فرينچ عالم ايم - ووين ڊي سئنٽ مارٽن کي شڪ ٿيو ته آسي گنگا جي پرتي ڪنڌڙ شاخ نه آهي. سندس خيال هو ته هي برنا ندي ۾ چوڙ ڪندي آهي ۽ سنگم ڪان پوءِ ٻنهي جي گڏيل وهڪري کي ورانسي Varansi سڏيو ويندو آهي. (٦۵۵) ۽ ان تان ئي شهر تي بنارس نالو پيو آهي. آسي نالا جي وهڪري کي جيمس پرنسيپ James prinsep جي تيار ڪيل بنارس نقشي ۾ ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو هلمنڊيل Hullmandel ڇپرايو آهي. بنارس جو ننڍو نقشو مان به تيار ڪيو آهي جنهن ۾ قديم آثارن کي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي

اٿم، تنهن ۾ بہ مذڪوره ندي ڏيکاري وئي آهي. هن نديءَ جو صحيح وهڪرو ايچ- ايچ ولسن جي تيار ڪيل سنسڪرت جي ڊڪشنريءَ ۾ موجود آهي، جنهن کي وارانسي Varanasi جي نالي ۾ ڏسي سگهجي ٿو. بنارس کان رام نگر ويندڙ سٽڪ شهر کان ٻاهر نڪرڻ سان ۽ سنگم کان ٿوري پنڌ تي آسي ندي تان لنگهندي آهي. هنن ٻنهي وهڪرن جو پاٽي جنهن ٿاڪ وٽان گنگا سان سنگم ڪندو آهي، تنهن کي نهايت پوتر آستان سمجهيو ويندو آهي. تنهن ڪري شهر کان هيٺ برنا سنگم وٽ ۽ شهر کان مٿان آسي سنگم وٽ مندرن جون اڏاوتون نظر اينديون. هنن ٻنهي مان هڪ ندي شهر جي اتر کان ۽ ٻي ڏکڻ کان وهندي آهي. هتان جي برهمڻ ٻنهي ندين جي گڏيل نالي مان ورانسي يا وارانسي نالو جوڙيو آهي،جيڪو بنارس جو سنسڪرتي روپ آهي. عام ماڻهو وري چوندا آهن تہ بنارس جو نالو راجا بنار Banar جي نالي تان ورتل آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اٺ سؤ سال اڳ هن بنارس جو شهر اڏايو هو.

ابو الفضل هنن ٻنهي ندين جو ذڪر ڪيو آهي. (٦٥٦) سندس بيان آهي تہ عام ماڻهو برانسي Baranasi کي بنارس سڏيندا آهن. هيءُ هڪ وڏو شهر آهي جيڪو برنا ۽ آسي نالي ٻن ندين جي وچ تي آهي. پادري هيبر Heber (٦٥٧) جو بيان آهي تہ بنارس جي راجا ٻڌايو تہ هن شهر جو قديم نالو بنارس آهي جيڪو ٻن ندين بر Bara ۽ ناس Nasa جي گڏيل نالن تان پيو آهي، جيڪي هن ماڳ وٽان گنگا ۾ چوڙ ڪنديون آهن. هن پادري جو خيال آهي تہ اهي ٻئي وهڪرا ذرتيءَ هيٺان هلي گنگا سان سنگم ڪندا آهن، چاڪاڻ تہ انهن کي نقشي تي ڏيکاريو ئي ڪونہ ويو آهي. پر ٻن صفحن جي تحرير کان پوءِ هو لکي ٿو تہ ٻيڙيون اچي هڪ ننڍي نديءَ جي چوڙ وٽ پهتيون جيڪا ڏٺي اچي سڪرول sccrole پهتاسون. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اها ندي فوجي ڇانوٽي وٽان لنگهندي هئي. سندس هن بيان تي اعتراض ڪري سگهجي ٿو ڇو جو هن پاڻ وڃي اها ندي ڪانہ ڏٺي هئي. پر جيڪو ڪيس نوڪرن ٻڌايو سو لکي ڇڏيائين. مذڪوره پادري ايم . بروڪ M.Brook سان گڏ برنا جي اتر پاسي رهندو هو. جيترو وقت هندن جي هن مقدس بنارس ۾ رهيو هوندو تہ ڏهاڙي بہ پيرا پٿرن جي پل وسيلي هن وهڪري مٿان ضرور گذرندو هوندو.

بنارس جو شهر ٻڌرم جو ٻه گهڻو مشهور معروف ماڳ آهي.
چاڪاڻ تہ سندن گروءَ مهاتما گوتم پهريائين هن شهر ۾ وجي پنهنجي ڌرم جا متا ڪولي سمجهايا هئا. جيئن ٻڌرم وارا منظوم ڪتابن ۾ چوندا آهن تہ "ان قانون جو نئون ڦيٿو ڦيريو هو." مهاتما گوتم جي چئن وڏن واقعن مان هي ٻه هڪ وڏو واقعو هو. ان جاءِ تي هڪ استوپا تعمير ڪرائي وئي هئي، جيڪا ٻين چئن مکيہ استوپائن مان هڪ هئي، جنهن کي ٻڌرم جو وڏو يادگار سمجهيو ويندو هو. هن استوپا کي ڌميڪ Dhamek نالي سڏيو ويندو آهي. سندس تعمير شهر کان ساڍا ٽي ميل اتر طرف هڪ اتاهين دڙي تي آهي ۽ چوڌاري هتراڌو تلاءَ پيا نظر ايندا. منهنجي خيال ۾ ڌميڪ ڌرمنو پديسڪ Dharmno Padesaka جو اختصارآهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڌرم گرو. هيءُ اصطلاح اڄ بہ عام آهي ۽ ڌرم جي گروءَ لاءِ ڪتب ايندو آهي. پر هڪ ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ ڌرڻ گهرجي تہ استوپا وارو اهو ٿاڪ آهي، جتي مهاتما پهريائين قانون جو ڦيٿو (ڌرم چڪر) ڦيرايو هو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ استوپا جو اهڙو نالو صحيح آهي. عام ٻوليءَ ۾ هن لفظ جو اچار ڌرم - ديسڪ Dharmma desaka جنهن کي ننديو ڪري ڌم ڌيڪ Dhamma dek ۽ ڌميڪ Dhamek بہ چيو ويندو آهي.

هن شهر جو پهريون نالو ڪاشي Kasi هو. اهو نالو اڄ بہ عام آهي، جيڪو پوئين نالي سان گڏجي ڪاشي - بنارس بہ سڏيو ويندو آهي. شايد هيءُ شهر اهو آهي جنهن کي ٽالمي ڪسيد Kassida يا ڪسيديہKassidia ڪري لکيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ هيءُ نالو راجا ڪاشي جي نالي پٺيان رکيو ويو آهي، جنهن جو تعلق چندرونسي گهراڻي سان هو. هن کان پوءِ ڪاشي گهراڻي جا ويهہ راجا ٿيا جن مان وڏيڪ مشهور ديوداس Divodasa هو.

## گرج پتي پور

شين سئنگ ڪاشيءَ ۾ ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ اوير روانو ٿيو ۽ ٽيهہ لي يا پنجاه ميل پنڌ ڪري چين - چو Chen _ Chu نالي هڪ ملڪ ۾ پهتو هو. هيءُ چيني ٻوليءَ ۾ ان لفظ جو ترجمو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي جنگ جو مهندار، ايم . جولين هن جي معنيٰ

يوڌپتي Yodhapati يا يوڌ راجپـور ڪـئي آهي. هتي تہ رڳو لفظي ترجمو ڏنو ويو آهي، پر اسان کي هنن جهڙن ٻين اصطلاحن تي ويچارڻو پوندو، جهڙوڪ ويگره پتي، يودرات، ين سوامي وغيره. هن ملڪ جي راجڌاني گنگا ڪناري واقع آهي ۽ گهيرو ڏيڍ ميل اٿس. بيان مان پڪ ٿئي ٿي تہ اهو ماڳ غازيپور آهي جيڪو بنارس کان پنجاهہ ميل اوپر پاسي گنگا جي ڪناري واقع آهي. ماڳ جو موجوده نالو مسلمانڪو آهي، جيڪو اصلي هندو نالي گرج کان ٿورو مختلف آهي. امڪان آهي تہ شين سئنگ بہ گرجن Garjan لفظ ڏانهن اشارو ڏنو هجي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪيـڏاري جي ڪولاهل. جنگ جي ديوتا جو نالو بہ گرجن - پتي Garjanapati آهي. موجوده دور ۾ بہ غازيپور هڪ وڏو شهر آهي، جنهن جي ديگهہ بہ ميل ۽ پکيڙ پنج ڇهہ ميل کن ٿيندي. شين سئنگ هـن عـلائـقي جي پکيـڙ ۲۰۰ لي يا ۳۳ مـيل ٻڌائي ٿو. هيءَ ايراضي ان عـلائقي سـان مطابقت رکي ٿي، جيـڪـو گـهـاگـر ۽ گـومـتيءَ جي وچ تي آهي ۽ اتر کـان گـهـاگـر ۽ ڏکڻ کـان گـومـتي اٿس. اولهہ کـان ٽنڊا Tanda اٿس ۽ اهو پاسو گـهـاگـر ۽ گنگا جي سنگم تائين هلندو وڃي ٿو.

راجڌاني کان ۲۰۰ لي يا ۳۳ ميل پنڌ ڪري شين سئنگ اويڌ ڪرن Avidha Karna تاڪ وٽ پهتـو هو، جتي مـهـاتما گـوتم جون ڏاڍيون سهڻيون مورتيون رکيل هيون. طرف ۽ فاصلي جي حساب سان مـذڪوره مـاڳ کي بليـہ Baliya جي اوسي پاسي جاچڻ گـهـرجي جيـڪـو گنگا جي ڪناري آباد آهي. اويڌ ڪرن جي مـعنيٰ آهي ٽوپيل ڪن Pierced ears. منهنجي خيال موجب اهو نالو بيڪ پور ۾ نظر اچي ٿـو. هيءُ ڳوٺ بليـہ کان هڪ مـيل اوپـر طرف واقع آهي. اويڌڪرن پور بي ڪرن پور Bikarn pur ۽ بيـڪـن پور Bikanpur ۾ سـولائي سـان بدلجي سگهي ٿي. مان سـمجهان ٿـو تہ هي اهائي ساڳي جڳهہ آهي، جنهن کي فاهيان رڻ پٽ Vast Salitude نالي سان بيان ڪيو آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ مذڪوره ماڳ پٽنا کان ڏهہ يوجن يا ستر ميل ۽ بنارس کان ٻارنهن يوجن يا ۸۴ ميل پري ۽ ٻنهي جي وچ تي آهي. هن تـاڪ جو هنسـتـاني نالو ڪونہ ڏنو ويو آهي پر Vast Salitude جي معنيٰ ٿيندي ويرهدرنيا Virhada ranya يا بيدرن bedaran. هيءُ نالو ٻڌ ڪرن Biddh Karan لفظ ۾ سولائيءَ سان تبديل ٿي سگهي

ٿو. پٽنہ ۽ بنارس کان فاصلي جي لحاظ سان بلڪہ ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ ساڳيائپ رکي ٿي. جيڪا پٽنہ کان ٧٢ ميل ۽ بنارس کان ٨٦ ميل پري آهي.

شين سئنگ اتي موجود وهار کان ڏکڻ - اوير هڪ سؤ لي يا ١٦ ميل سفر ڪري گنگا پهتو. درياھ اکري ڏکڻ طرف سفر ڪيو، جنهن جو فاصلو ڪونہ لکيو اٿائين ۽ اچي مو - هو - سو - لو Mo _ Ho _ So _ Lo نالي هڪ شهر پهتو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو مهاسار Mahasara هجي. هي برهمڻن جي وسندي هئي، جن ڪي ٻڌ‌ڌرم لاءِ عزت ڪانہ هئي. ايم . ووين ڊي سئنٽ مارٽن هن شهر کي مسار Masar سمجهي ٿو، جيڪو آر Ara (نقشي جي اره Arrah) کان ڇهہ ميل اولهہ پاسي آهي. ٻڇانن هن ماڳ ويجهو ڪن ڪنڊرن جا نشان لڌا هئا ۽ اتان ڪيس هندوڌرم سان لاڳاپيل ڪي مورتيون بہ هٿ لڳيون هيون. (٦٥٩) ان کان هڪدم پوءِ چيني ياتري - فا - لو - ين يا نارائن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو گنگا جي اتي پاسي واقع هو، پر ترسڻ واري اڳئين ماڳ کان هلڻ جو نہ طرف ٻڌائي ٿو ۽ نہ وري فاصلي جو ذڪر ڪري ٿو، مگر ان کان پوءِ ويسالي وڃڻ جي ناتي، مان سمجهان ٿو تہ هن راول گنج Ravel Ganj کان مٿان گنگا پار ڪئي هوندي. هيءُ ٿاڪ مسار کان سر اتر ۽ ١٠٠ لي يا سورهن ميل پريَ آهي. هيءَ وسندي گهاگر ۽ گنگا جي سنگم واري جاءِ پرسان آهي، ان ڪري مقدس سمجهي ويندي آهي. تنهن ڪري راول گنج کان مٿان پاڻيءَ جي هن گڏيل وهڪري جي ڪناري تي ڪيترائي مندر ڏسڻ ۾ ايندا. مان شين سئنگ جي بيان وارو نارائن يا وشنو مندر هن ٿاڪ تي سمجهان ٿو، جنهن جي اڏاوت بہ ماڙ هئي ۽ منجهس پٿر جون عجيب وغريب مورتيون رکيل هيون.

هن ماڳ کان ٣٠ لي يا پنج ميل اوير پاسي راجا اشوڪ جي جوڙايل هڪ مشهور استوپا هئي. هيءَ استوپا ان جاءِ تي قائم آهي جتي چيو ويندو آهي تہ مهاتما ٻڌ تي ڪن آدم خور دئتن ايمان آندو هو. (٦٦٠) قديم ٻڌن جي چوڻ موجب ان ٻڌ ترائڪا يعني مهاتما ٻڌ، ٻڌ‌ڌرم ۽ ڌرم ۽ سنگهہ Sangh ۾ اچي سام ورتي هئي. سام لاءِ سنسڪرت ۾ سرن Sarana جو لفظ آهي. هن علائقي جو صحيح نالو بہ سارن Sarana آهي، جتي دئت اچي سام پيا هئا. مان سمجهان ٿو

تہ ان جاءِ تي جيڪا اسٽوپا جوڙي وئي هوندي، تنهن جو نالو بہ سرن اسٽوپا سرن ٽوپ هوندو. اهو اسٽوپا گهڻو مشهور معروف هوندو، تنهن ڪري امڪان آهي تہ اهو نالو علائقي تي بہ پئجي ويو هوندو. راول گنج کان جيڪڏهن پنج ميل اوپر طرف وڃبو تہ سارن علائقي جي صدر مقام ڇپر Chapra وٽ اچي نڪربو. بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي جو مون کي ڇپر بابت ڪا بہ معلومات نہ ملي سگهي، پر پڪ آهي تہ هيءَ جڳهہ ڪافي اهم آهي نہ تہ برطانيہ سرڪار ان کي علائقي جو صدر مقام ڪونہ چونڊي ها.

سرن اسٽوپا وٽ ڪجهہ دير ترسڻ کان پوءِ هي چيني ياتري هڪ ٻي اسٽوپا ڏانهن روانو ٿيو، جيڪا هن اسٽوپا کان ١٠٠ لي يا ساڍا ١٦ ميل ڏکڻ - اوپر طرف واقع هئي. هن اسٽوپا کي اهو اعزاز هو تہ هن کي درونا نالي هڪ برهمڻ تعمير ڪرايو هو ۽ هيٺيان اهو ٽانو دفن ٿيل هو، جنهن سان مهاتما سان لاڳاپيل متبرڪ شين کي ونڊڻ ورڇڻ لاءِ ڪڇيو يا ماپيو ويو هو. سري لنڪا جي تذڪرن ۾ آهي تہ اها اسٽوپا دونو Dono نالي هڪ برهمڻ ڪميان Kumbhan تعمير ڪرائي هئي جنهن کي ڪميان اسٽوپا سڏيو ويندو آهي. (٦٦١) هارڊي ان برهمڻ جو نالو دروه Droh ٻڌائي ٿو ۽ ان ٽانو کي ڪميان جي نالي بدران سونو ڪاچو يا ماپو Golden measure چوي ٿو.(٦٦٢) برما جي تذڪرن ۾ ان ٽانوَ جو نالو ساڳيو ٻڌايو وڃي ٿو پر برهمڻ جو نالو دائون Daun لکيو ويو آهي. ٿبيٽ جي ڪتاب ۾ درون Drona مهاتما جي متبرڪ شين جو وزن ٻڌايو ويو آهي، جيڪو غلط آهي. برهمڻ مهاتما جي متبرڪ شين مان حصو ڪونہ ورتو هو، پر هن اهو ٽانو ضرور جهليو هو،جنهن سان تبرڪ جي ونڊ ورڇ ڪئي وئي هئي. هيءُ ٽانو اٽڪل هڪ درون Drona ماپ جي برابر هو. چاڪاڻ تہ چيو ويندو آهي تہ تبرڪن جو اٺون حصو هڪ درون جي برابر ٿيو هو. ان اسٽوپا جو نالو تنهن ڪري درون پئجي ويو، ڇاڪاڻ تہ ان هيٺان درون نالي اهو ٽانو دفن ٿيل هو، جنهن سان مهاتما جي تبرڪن کي اٺن مختلف دعويدارن ۾ هڪ جيترو ورڇيو ويو هو. پر ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ اهو نالو فقط يادگار جو ڪونہ هو، ڇاڪاڻ تہ هن کي سري لنڪا جي تذڪره ۾ ڪمڀ اسٽوپا لکيو ويو آهي. ڪمڀ پاٽيءَ جي هڪ وڏي ٽانو کي چيو ويندو آهي ۽ هندستان ۾ پٿرن جي ٿنڀن تي ان جي شڪل

ٻه اڪريل ڏسبي. هيءُ ٿانو وڏو گول ۽ ويڪري منهن وارو هوندو آهي ۽ منجهس گل رکيل ڏيکاريا ويندا آهن. مان شين سئنگ جي ٻڌايل جاگرافيائي بيهڪ مطابق ڏيکاريل ڪمپ يا درون ماڳ لهي ڪونه سگهيو آهيان جيڪو ڇپر کان ١٧ ميل ڏکڻ اوڀر طرف هجي، پر ان ٿاڪ وٽ ديگهوار Deghwara نالي هڪ ڳوٺ ضرور آهي. هنديءَ ۾ ديگهه Degh اهڙيءَ ڌاتوءَ جي ٿانو جو نالو آهي، جنهن جي شڪل هوبهو ڪمپ جهڙي هوندي آهي. امڪان آهي ته هتان هيءُ لفظ اصل نالي جي تبديل ٿيل شڪل هجي. هتي غور طلب ڳالهه هيءَ به آهي ته ديگ فارسيءَ جو لفظ آهي، جيڪو ساڳي شڪل جي ٿانوَ لاءِ ڪتب ايندو آهي. مان ديگوار Degwara لاءِ ايترو چئي سگهان ٿو ته اهو سولو نالو آهي، گهٽي اهميت ٻه اٿس ۽ جاگرافيائي بيهڪ ٻه اها ساڳي اٿس، جيڪا ٻڌن جي تاريخي ۽ مشهور ماڳ ڪمپ استوپا کي آهي.

## وئسالي

شين سئنگ ڪمپ استوپا کان پوءِ وئسالي ڏانهن روانو ٿيو، جيڪا هن ماڳ کان ١٤٠ يا ١٥٠ لي يا ٢٣ کان ٢٥ ميل اتر اوڀر پاسي هئي. سندس بيان آهي ته هن گنگا رستي سان پار ڪئي هئي. پر جيئن ته هو اڳي ئي درياهه جي اتر ۾ هو، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سندس اشارو گنڊڪ جي وهڪري ڏانهن آهي جيڪو ديگوارَ کان ١٢ ميل پري وهندو آهي. ان نقطہ نگاہ کان وئسالي کي گنڊڪ جي اوڀر پاسي ڏسڻ کپي. مذڪوره طرف ۽ فاصلي مطابق بساره Basarh نالي هڪ ڳوٺ نظر ايندو. چوڌاري زبون حال قلعو اٿس،جنهن کي هتان جا ماڻهو اجا تائين راجا بيسل - ڪا - ڳڙهه Raja _ Bisal _ Ka _ Garh يا راجا ويسل جو ڪوٽ چوندا آهن.

شين سئنگ جو بيان آهي ته راجا جي محلات جو گهيرو ٤ کان ٥ لي يا ٣٥٠٠ فوٽن کان ٤٤٠٠ فوٽ تائين هو، جيڪو قديم قلعي جي گهيري جي ماپ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. منهنجي وُرتل ماپ موجب ان قلعي جي ڊيگهه ١٥٨٠ فوٽ ۽ ويڪر ٧٥٠ فوٽ آهي. ان حساب موجب قلعي جو گهيرو ٤٦٠٠ فوٽ بيهي ٿو. ابو الفضل هن ماڳ جو نالو بيسار Besar لکيو آهي. (٦٦٤) هيءُ اجا تائين ٻه هڪ وڏو ڳوٺ آهي، جنهن جي چوڌاري سروٽن جا ڍير ڏسبا آهن. ديگوار

ڪان هن ماڳ جو فاصلو ٢٣ ميل آهي پر طرف اتر - اوڀر بدران اتر - اتر - اوڀر آهي. مگر ان ڪان پوءِ شين سئنگ ١٢٠ لي يا ٢٠ ڪوه سر ذڪرڻ ڪري (٦٦٥) گنگا ڪناري پاٽليپتر Pataliputra جي سامهون هڪ ماڳ وٽ پهتو هو ۽ گنگا جي اترئين ڪناري سان ٢٠ ميل پري ۽ ذري گهٽ سر ذڪرڻ حاجي پور جو ڳوٺ آهي. انهن ساڳين فاصلن کي نظر ۾ رکي جيڪڏهن اتر طرف سفر ڪبو ته بيساره Besarh جي اوسي پاسي اچي نڪربو. اهڙيءَ ريت بيساره جي پراڻي قلعي جي نالي جي ۽ جاگرافيائي بيهڪ ۾ اهڙي ته هڪجهڙائي آهي، جنهن مان معلوم ٿيندو ته اهو بيساره جو ماڳ ويسالي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي ۽ هن شهر جي سڃاڻ ۾ رتي پر به شڪ ڪونه نظر ايندو.

شين سئنگ جي اندازي موجب وئسالي جي ملڪ جو گهيرو ٥٠٠٠ لي يا ٨٣٣ ميل هو. (٦٦٦) منهنجي خيال موجب اهو گهيرو وڌائي ٻڌايو ويو آهي. جيڪڏهن هن ۾ پر واري وريجي Vriji وارو علائقو شامل نه ڪبو ته هن جي پنهنجي ايراضي ايتري ڪانه آهي، هن جي بيان مطابق جنهن جو گهيرو ٤٠٠٠ لي يا ٦٦٧ ميل ٿيندو. وريجي جي راڄڌاني لاءِ چيو ويندو آهي ته وئسال ڪان ٥٠٠ لي يا ٨٣ ميل اتر - اوير هئي. ٻئي علائقا جبلن ۽ گنگا جي وچ تي آهن تنهن ڪري پڪ آهي ته ٻنهي مان هڪ جي گهيري ڪڇڻ ۾ ضرور غلطي ڪئي وئي آهي. هنن علائقن جي چوڌاري ٻيا علائقا به آهن. انهن سڀني کي نظر ۾ رکي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هنن ٻنهي علائقن جو گڏيل گهيرو ٧٥٠ يا ٨٠٠ ميلن ڪان هرگز وڌيڪ ڪونه ٿيندو. جبلن جي ڪڇ ڪان وٺي گنگا تائين ذڪرڻ - اولهه پاسي، گنڊڪ ڪان وٺي اوير پاسي مهانندي تائين مذڪوره علائقي جو گهير چئي سگهجي ٿو، تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته يا ته ڪتي انگ اکر غلط ڪتيا ويا آهن يا وري گهٽي وڌاءَ ڪان ڪم ورتو ويو آهي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته هن جا نالا گهٽا پر ملڪ هڪ آهي. برنوف Burnouf (٦٦٧) ٻڌ ذرم سان لاڳاپيل هڪ ڏندڪٿا جو حوالو ڏنو آهي ته هڪ ڏينهن مهاتما ٻڌ آنند Ananda نالي هڪ ماڻهوءَ سان گڏ چاپال Chapala اسٽوپا ڏانهن وڃي رهيو هو جڏهن سفر ڪري ٿڪجي پيو ته هڪ وڻ جي هيٺان ويهي رهيو. انهيءَ دوران پنهنجي چيلي کي مخاطب ٿيندي چيائين "آنند وير جي گهراڻي جي ملڪ جو شهر وئسالي ڪيڏو نه سهڻو آهي." مهاتما

گوتم ٻڌ ۽ ان کان پوءِ واري زماني ۾ صدين تائين وئسالي جي رهواسين کي لڇوي Lichhavis ڪوٺيو ويندو هو. ترڪنڊسيش -Trikanda sesha ۾ لڇوي وئيدهہ Vaideha ۽ تيرا ڀڪتي Tirabhukti کي هڪ ڪري ٻڌايو ويو آهي. جن ماڻهن رامائڻ پڙهيو هوندو سي وديهہ کان پوريءَ ريت باخبر هوندا تہ اهو راجا جنڪ Raja Janaka جي ملڪ متيلا Mthila جو نالو هو. تنهن ڪري ان جي ڌيءُ سيتا کي بہ وئديهي سڏيو ويندو هو. تيپڪتي موجوده دور وارو تيرهتي Tirhuti يا تيرهت Tirhut آهي. منڙي Mithari علائقي جي موجوده شهر جنڪ پور Janakapur لاءِ هتان جي عام ماڻهن جو خيال آهي تہ اهو قديم ملڪ متيلا Mthila جي راڄڌاني هو. هيءُ شهر شين سئنگ جي ٻڌايل ماڳ چين - چو - نا Chan _ Chu _ Na جي جاگرافيائي بيهڪ سان هڪ جهڙائي رکي ٿو، جيڪو هن ياتريءَ جي بيان موجب وريجي Vriji گهراڻي جي راڄائن جي راڄڌاني هو. ايم.ووين ڊي سئنٽ مارٽن مذڪوره چيني نالي کي چي - ٿو - نا Che _ Thu _ Na پڙهي ٿو پر ايم جولين ڇهہ - سو - نا Chha _ Su _ Na پڙهيو آهي. هو هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ جو پيو مفهوم سوڪر Sukra يا سودر Sudra ٿي سگهي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ هن جي پڙهڻي شڪ کان خالي نہ آهي پر جيڪڏهن چيني ياتريءَ طرف ۾ فاصلو صحيح لکيو آهي تہ ستين صديءَ ۾ وريجي Vriji جي راڄڌاني ضرور جنڪ پور هوندي. شين سئنگ ان جو نالو سنسڪرت ۾ فو - لي - شي Fo _ Li _ Shi يا وريجي لکي ٿو. هن سان گڏ اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ اتر پاسي وارا ماڻهو هن ملڪ کي سن - فا - شي San _ Fa _ Shi يا سموجي Samvaji جي نالي سان سڏيندا آهن. (٦٦٨) هيءُ لفظ ساموريجي جي پالي شڪل آهي جنهن جو مطلب آهي متحده وريجي United vriji. هن مان ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ وريجي تمام وڏو قبيلو هو، جيڪو مختلف نياتن ۽ برادرين ۾ ورهايل هو جنهن ۾ لڇوي، وئسالي، متيلا وارا وديهي، تيرهت وارا يڪتي بہ شامل هئا. انهن سيني علائقن مان هر هڪ کي وريجي ڪري سڏيو ويندو هو. اسان وٽ اهڙو مثال ستلج علائقي ۾ رهندڙ ويڙهاڪ باگڙين Bagris جو آهي، جن کي سام باگڙي بہ ڪوٺيو ويندو آهي. اهي بہ ٽن ڌار ڌار نياتن ۾ ورهايل آهن. مان سمجهان ٿو تہ متحده

وريجي وارن ڏار ڏار علائقن ۾ وئسالي هڪ جدا علائقو هو، تنهن ڪري شين سئنگ هن جي گهيري جو الڳ ذڪر ڪري غلطي ڪئي آهي. ان لحاظ سان اسان ڪي ۵۰۰۰ لي يا ۸۳۳ ميلن بدران ۱۵۰۰ لي يا ۲۵۰ ميل پڙهڻ گهرجي. هتي ڏنل هن گهيري جي ناتي سان وئسالي واري علائقي جي متحده وريجي واري ملڪ جي ذڪڻ - اولهه ڪنڌ ۾ محدود ٿي ويندي جنهن جي اولهه پاسي وارو دنگ گنڊڪ ندي وارو وهڪرو ٿي سگهي ٿو.

شين سئنگ جي بيان موجب وئسالي ڪان اتر - اولهه پاسي اٽڪل ۲۰۰ لي يا ۳۳ ميل پري ڪنهن قديم شهر جو ڦٽو آهي. چيو ويندو آهي ته اڳين جوڻ ۾ مهاتما گوتم، چڪرورتي راجا جي روپ ۾ هتي راڄ ڪيو هو ۽ ان زماني ۾ سندس نالو مهاديو هو. ان حقيقت جي ياد ۾ هتي استوپا تعمير ڪئي وئي آهي. هن ماڳ جو نالو ڪونه ڏنو ويو آهي پر طرف ۽ فاصلي مان پتو پوي ٿو ته اها جاءِ ڪيسريه Kesariya آهي، جيڪو وئسالي ڪان اتر - اتر - اولهه پاسي ۳۰ ميل پري موجود آهي. معلوم ٿيندو ته هتي ڪنهن قديم شهر جو دڙو آهي جنهن مٿان هڪ اوچي استوپا نهيل ڏسبي. ماڻهن جي چوڻ مطابق اها راجا وينا Vena چڪرورتي جوڙائي هئي. پراڻن ۾ به راجا وينا کي چڪرورتي سڏيو ويو آهي. مان اتر هندستان ۾ هن راجا کي سري رامچندر يا پنجن پانڊون جيترو مشهور ڏٺو. هن ماڳ وٽ ٻن وڏين سٽڪن جي چوڏگي آهي. انهن مان هڪ سٽڪ پٽنه ڪان ايندي ۽ اتر طرف بيتيه Bettiah ڏانهن ويندي آهي ۽ ٻي ڇپرا Chapra ڪان اڇي گنڊڪ ندي اڪري نيپال ويندي آهي. تعجب جي ڳالهه اها آهي ته سري لنڪا جي تذڪرن ۾ هيءَ ڳالهه موجود آهي ته مهاتما ٻڌ پنهنجي چيلي آنند کي چيو هو ته (٦٦٩) راجا چڪرورتي پاڻ ڪنهن چوڏڳيءَ تي ٿپو Thupo تعمير ڪرائيندو، تنهن ڪري مون کي پڪ ٿئي ٿي ته هيءَ اها ئي جاءِ آهي جنهن جو چيني ياتريءَ ذڪر ڪيو آهي.

## وريجي

شين سئنگ اتان روانو ٿيو ۽ اتر - اوير ۵۰۰ لي يا ۸۳ ميل سفر ڪري وڃي - فو - لي - شي Fo _ Li _ Shi پهتو هو، جنهن کي اڳي ئي سڃاتو ويو آهي ته اهو وجي Wajjis يا وريجي Vriji

نالي هڪ سگهاري ڪُر جي ماڻهن جو علائقو هو. مهاتما ٻڌ واري زماني ۾ وريجي ڪُرِ گهڻين نياتين ۾ ورهايل هئي جن ۾ لڇوي، وئديهي، تيريڪتي ۽ ٻيون برادريون منجهس شامل هيون. انهن جو صحيح انگ اڻ هو ڇاڪاڻ ته ڏوهين کي اٺ ڪلڪ Atthkulaka آڏو پيش ڪيو ويندو هو. (٦٧٠) هن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته آچار ويچار لاءِ هرنيات مان هڪ پنچ ڪنيو ويندو آهي. شين سئنگ جو بيان آهي ته اتر وارا ماڻهو هن کي سن - فا - شي Sun _ Fa _ Shi يعني سام وجي SamVajji ڪوٺيندا هئا. ٽرنر پالي ٻوليءَ ۾ لکيل سري لنڪا جي ٻڌ تذڪرن مان وجي نالي بابت هڪ ڏکھو احوال ڏنو آهي،(٦٧١) ته مگڌ جي هڪ سگهاري راجا اجتسترو Ajatasatru وجي جي طاقتور نياتن کي مارِي مات ڪرڻ لاءَ پنهنجو منتري مهاتما گوتم ڏانهن روانو ڪيو هو. راجا کي ٻڌايو ويو ته جيستائين وجي جي ماڻهن جو ٻڌي ۽ ايڪو رهندو تيستائين ڪين ماري مچائڻ ڏکي ڳالهه ٿيندي. ان راجا چا ڪيو جو پنهنجي منتري جي سهڪار سان اتان جي راجائن ۾ ايڏو ڦيٽاڙو وجهي ڇڏيائين جو انهن نياتن جا ٻه راجا هڪ سٽڪ تي هلي ڪونه ٿي سگهيا. جڏهن ڏارين طرفان مٿن حملا ڪيا ويا ته منجهن مزاحمتي سگهه ئي ڪانه رهي هئي. (٦٧٢) تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سام وريجي هنن اٺن ئي نياتن جو هڪ گڏيل نالو هو جن بابت مهاتما ٻڌ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو هو ته هو هر ڪم لاءِ پاڻ ۾ صلاح مشورا ڪندا آهن ۽ جڏهن ڪوبه ڪم ڪندا آهن ته گڏجي موڙي ٻڌي ڪندا آهن ۽ وجي جا جيڪي قديم ادارا هئا تن جي گڏجي سار سنڀال ڪندا آهن. ڪنهن به راجا جو نالو ڪونه ڏنو ويو آهي پر چيو وجي ٿو ته سيئي ماڻهو پنهنجي نيات جي پرين مڙسن جي چئي آکئي ۾ هوندا هئا.

شين سئنگ جي بيان موجب وريجي ڪُر جو ملڪ اوڀر کان اولهه ڏگهو ۽ اتر ڏکڻ طرفن کان سوڙهو هو. (٦٧٣) هيءُ بيان ان علائقي سان هڪجهڙائي رکي ٿو جيڪو گنڊڪ نديءَ ۽ مهاندي جي وچ تي آهي جنهن جي ڊيگهه ٣٠٠ ميل ۽ ويڪر ١٠٠ ميل آهي. ان علائقي جي دنگ اندر ڪيترا ئي شهر ڏسڻ ۾ ايندا. ٿي سگهي ٿو ته انهن مان ڪي وريجي ڪُر جي راجائن جون راجڌانيون به هجن. منجهائن وئسالي، ڪسيريه ۽ جنڪ پور ته اڳيئي سڃاتا ويا آهن، باقي

ماڳ هي آهن: نوندڳڙهه Navandgarh، سمرون Simrun، دربنگ Darbanga، پورنيه Puranitya ۽ موتيهري Motihari. پويان ٽئي شهر اڃا به آباد آهن، منجهن ڪافي ماڻهو رهندا آهن ۽ گهڻو تڻو مشهور به آهن پر سمرون وارو ماڳ گذريل ٥٥٠ سالن کان ڦٽو پيو آهي. نوندڳڙهه ته گذريل پندرهن سو سالن کان غير آباد آهي. مسٽر هاج سن Mr.Hadgson سمرو جو ذڪر ڪيو آهي. (٦٧٤) هن شهر جي پراچينا ڪي متعين ڪرڻ واسطي وڌيڪ جاچ پڙتال ۽ کوجنا جي ضرورت آهي. سن١٨٦٢ع ۾ نوندڳڙهه مون به ڏٺو هو ۽ مون کي معلوم ٿيو ته هي اتر هندستان جو نهايت دلچسپ ۽ قديم ماڳ آهي.

نوندڳڙهه يا نائوند ڳڙهه Naongarh هڪ قلعي جو ٿرڙ آهي جنهن جي مٿين ماپ ٢٥٠ يا ٣٠٠ فوٽ همچورس ۽ اوچائي ٨٠ فوٽ ٿيندي. پرسان لاريه Lauriya نالي هڪ وڏو ڳوٺ اٿس. هيءَ ماڳ بيتيه کان ١٥ ميل اتر – اتر – اولهه ۽ گندڪ نديءَ جي ويجهي ۾ ويجهي نقطي کان ١٠ ميل وٿيرڪو ٿيندو. (٦٧٥) هتان هٿ آيل شين ۾ پٿر جا نلهه آهن، جن ۾ شيشن جون تصويرون ۽ اشوڪ واري لکت نظر ايندي. ان کان سواءِ هتي موڙيل (مخروطي) طرز تي مٽيءَ جي دڙن جون ٽي قطارون ڏسڻ ۾ اينديون، جن مان به اتر کان ڏکڻ ۽ هڪ اوڀر کان اولهه وبندي ڏسڻ ۾ ايندي. هتي استوپا جون اڏاوتون به ڏسبيون جيڪي پٿرايون يا پڪ سريون آهن. پر قديم دور سان لاڳاپيل استوپائون رڳو مٽي جا ڍير نظر اينديون. هتي جيڪي استوپائون ڏٺيون ويون آهن، تن جو ڍنگ ۽ ڍب نرالو هو. مان سمجهان ٿو ته بڌ دور کان اڳ ڪن راجائن جون قبرون آهن، جن جي دور کي حضرت عيسيٰ ٦٠٠ - ١٥٠٠ سال اڳ چئي سگهجي ٿو. هتان جا ماڻهو هنن مان هر هڪ کي ڀيسا Bhisa يعني دڙو سڏيندا آهن. هنن سيني لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي ڪوٽ يعني قلعا هئا. راجا اتانپٽ Uttanpat جا منتري رهندا هئا. باقي نوندڳڙهه واري قلعي ۾ راجا پاڻ رهندو هو. لفظ استوپا جي اصلي معنيٰ به مٽيءَ جو دڙو Mound of earth آهي. ڪول بروڪ Cole brooke امر ڪوش Amarakosha جي ترجمي ۾ اها ئي معنيٰ ڏني آهي. مان سمجهان ٿو ته نوندڳڙهه واريون استوپائون يا چئتاؤ Chaityas انهن اڏاوتن جو حصو آهن جن جو واسطو مهاتما گوتم جي پنهنجي چيلي کان پچيل ڇهين سوال سان آهي. (٦٧٦)

”آنندو! تو وجين بابت ٻڌو آهي؟ اهو ٻڌائي سگهندين وجي راجائن جو چتائون ڪيتريون هيون؟ شهر ڪان ٻاهر ۽ اندر انهن جو انگ ڪيترو هو؟“ ”انهن چتائن جي اهي ڏاڍي سار سنڀال لهندا آهن، عزت احترام ڪندا آهن ۽ مجتا ڏيندا آهن. سندن مجتا ڏيڻ وارو طريقو به نهايت قديم آهي. انهن ۾ ڪا به گهٽتائي ڪانه ڪئي ويندي آهي. اهي قديم رسمون به بجا آڻيندا آهن. سندن ٻل چاڙهڻ جو طريقو نهايت اڳاٽو آهي.“ آنند وراڻيو.

• هن بيان جي ناتي سان چئي سگهجي ٿو ته اهي چتائون ٻڌڌرم سان ڪو واسطو ڪونه ٿيون رکن ڇاڪاڻ ته اهي مهاتما گوتم کان اڳ موجود هيون ۽ هن پاڻ به انهن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پاڻ ئي هن بابت سوال ڪيا هئائين. سري لنڪا جي ٻڌ تذڪره جي هڪ لکٽيار انڪتا Atthakatha جو بيان آهي ته اهي اڏاوتون يکنا ناني Yakhathhanani آهن جن جو واسطو يک Yakha يعني دئتن جي پوڃا پاٺ سان آهي. يک لفظ کي سنسڪرت ۾ يکش Yaksha ۽ جکش Jaksha چيو ويندو آهي. جيڪي دولت جي ديوتا ڪوڙا Ku-vera جا ٽهليا ۽ داس هئا. دولت ۽ خزاني جي پرگهور ڪرڻ سندن فرضن ۾ شامل هوندو هو. ۽ اهو به چيو ويندو آهي ته سندن رهائش گاه الڪپور Alkapur ندي هئي. گنڌڪ نديءَ جي اوسي پاسي اهڙي شهر جو نالو مليو آهي جنهن کي الڪپو Alakappo سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ بليه Balaya يا بلوڪ Buluka ڪُرِ جا ماڻهو رهندا هئا، جن کي مهاتما ٻڌ جي تبرڪن مان به پتي ڏني وئي هئي، تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته هي قديم شهر الڪپو، يکش پوڃا سان لاڳاپيل هجي ۽ نونڌڳڙه واريون قديم چتائون جن جو تعلق ٻڌڌرم سان ڏيکاريو ويو آهي، سي اصلي وريجي ڪُر سان لاڳاپيل هجن. جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته پوءِ الڪپو جا بليه يا بلوڪ اصلي وريجي آهن. هن ڳالهه جي وڌيڪ تصديق هن حقيقت مان به ٿئي ٿي ته الڪپو ماڳ گنڌڪ نديءَ جي ويجهو آهي.

# نيپال

وريجي ڪان پوءِ هي چيني ياتري ني – پو – لو ويو هو ۽ ٻڌائي ٿو ته اهو ماڳ ١٤٠٠ کان ١٥٠٠ لي يا ٢٣٣ ميلن کان ٢٥٠ ميل اتر

- اولهہ طرف هو. (٦٧٧) جنڪپور کان نيپال وڃڻ لاءِ بہ رستا آهن. هڪ ڪملا ندي Kamala rivir ۽ ٻيو ڀاگمتي Bhagmati يا ڀاڳوتي ندي Bhagavati river وسيلي آهي پر ٻنهي رستن وسيلي فاصلو هڪ جيترو يعني ١٥٠ ميل آهي. ملڪ جو گهيرو ٤٠٠٠ لي يا ٦٦٧ ميل ٻڌايو ويو آهي، جيڪو گهٽو گهٽ آهي پر جيڪڏهن خاص نيپال واري علائقي جو گهيرو ٻڌبو جيڪو سپت ڪائوسيڪي Sapta Kausiki يعني ڪوسي ندي Kosi river جي ستن چاڙهن تي آباد آهي پوءِ تہ ٺيڪ آهي. هن مامري ۾ گنڊڪ نديءَ وارو جابلو علائقو جدا سمجهيو ويو آهي جيڪا ڳالهہ ناممڪن ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان مان نيپال ۾ مٿين ٻن ندين جي ماٿري بہ نيپال واري ايراضيءَ ۾ شامل سمجهڻ کپي. ان ڪري مان شين سئنگ جي ڏنل ماپ ٤٠٠٠ لي کي ٦٠٠٠ لي يا هڪ هزار ميل گهيرو سمجهان ٿو ۽ اهو ٿي ٻنهي ماٿرين جو صحيح گهيرو آهي.

نيپال جو راجا لڇوي گهراڻي جو ڪشتريہ Kshatriya هو ۽ سندس نالو آسو - ورما Assu -Varmma ڪري لکيو آهي. شايد هي اهو راجا آهي جنهن کي ڏيهي مؤرخن انگهو ورما (Anghu varmma) ڪري لکيو آهي،جنهن جو نيورت Newarit يا نيور Newar گهراڻي سان واسطو هو. جيڪڏهن آسو برما لڇوي گهراڻي وارو هوندو تہ پوءِ اهو هن ملڪ ۾ هڪ ڌاريو هوندو،چاڪاڻ تہ وريجي گهراڻي جي اصلي ڌرتي وئسالي آهي. دور بہ انگهو ورما سان نهڪي اچي ٿو، ڇو جو هو راگهو ديو Raghava _ Deva کان اڳ پندرهون حڪمران هو، جنهن ٨٨٠ع ۾ مينور دور جو آغاز ڪيو هو. جيڪڏهن اسان هر راجا جو دور ١٧ سال مقرر ڪنداسون تہ انگهو ورما جي راڄ جو دور وڃي ٦٢٥ع ۾ بيهندو. شين سئنگ هن جوءِ ۾ ٦٣٧ع ۾ آيو هو ۽ اهو سندس حڪمرانيءَ جو پوين دور هوندو.

اڃرج جهڙي ڳالهہ اها بہ آهي تہ ٿبيٽ ۽ لداخ جا راجا بہ دعويٰ ڪندا آهن تہ اهي لڇوي ڪُرِ جي قڙيءَ سان ساڳاپو رکن ٿا. جيڪڏهن سندن دعويٰ صحيح ۽ ڪريَ آهي تہ سندن واسطو هنن ڪُرِ جي نيپال واريَ چاڙهہ سان هوندو. نيپال کي لڇوي نچ جي نيورت Newarit راجا فتح ڪيو هو. جيڪو انگهو ورما کان ٣٧ پيڙهيون اڳي هو. جيڪڏهن سترهن ورهيہ هر راجا جي راڄ کي ڏجن تہ ان جو دور

حضرت عيسيٰ کان ۴ سال اڳ بيهندو. ٿبيٽ جي تاريخ جي شروعات نيهڪري سمپو Nyhkri _ Tsanpo جي راڄ سان ٿئي ٿي. هن جي دور کي اندازي موجب لا - ٿوٿوري Lha - ThoThori کان پنج سؤ سال اڳ سمجهيو ويندو آهي،جنهن جو راڄ ۴٠٧ع ۾ قائم هو. ان حساب موجب پهرئين راجا جي راڄ کي حضرت عيسيٰ کان ۹۵ سال اڳ سمجهي سگهجي ٿو، پر لا - ٿوٿوري جو پنجون جانشين ٦٢٧ع ۾ جائو هو، تنهن ڪري ۴٠٧ واري دور ۾ ڏيڍ صديءَ جو فرق اچي وڃي ٿو. پهرئين راجا جي صحيح دور معلوم ٿيڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته لچوي گهراڻي ۵٠ع کان اڳي مذڪوره علائقا فتح ڪونه ڪيا هوندا يعني نيپال جي فتح کان ٻه پيڙهيون پوءِ ڪامياب ٿيو هوندو.

## مگڌ

شين سئنگ نيپال کان ٿي وري وئسالي موٽي آيو هو ۽ ڏکڻ طرف سفر ڪري گنگا اڪري مگڌ جي راڄڌانيءَ ۾ داخل ٿيو هو. سندس بيان آهي ته هن شهر جو اصلي نالو ڪُسم پور Kusumapura هو جيڪو گهڻو اڳ ڦٽو ويران لڳيو پيو هو. هن جو گهيرو ٧٠ لي يا اٽڪل ٻارهن ميل هو ۽ پاٽلي پتر پور Patali putra pura وارو نئون شهر هن کان سواءِ هو. يونانين ميگس ٿينس Megas thenes جي حوالي سان هن کي ٿورو بدلائي پاليبوٿرا Palibothra ڪري لکيو آهي،جنهن جو احوال ائرين محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. (٦٧٨) سندس بيان آهي ته هندستان جي راڄڌاني پاليبوٿرا آهي جيڪو ايرانوبوس Erannoboas ۽ گنگا جي سنگم ويجهو آهي. ايرانوبوس لاءِ چيو ويندو آهي ته هي ساري هندستان ۾ ٽيون نمبر وڏو درياهہ آهي. رڳو سنڌو ۽ گنگا هن کان وڏا درياهہ آهن. ميگس ٿينس اسان کي ٻڌائي ٿو ته هن شهر جي ڊيگهه ٨٠ استاديا ۽ ويڪر ١٥ استاديا آهي. وڌيڪ بيان ڪري ٿو ته قلعي جي چوڌاري هڪ کاهي کوٽيل آهي جيڪا ڇهه ايڪڙ ويڪري ۽ ٽيهه پرهه اونهين آهي. ٥٧٠ چبوترا ۽ ٦۴ ڦاٽڪ اٿس. هن بيان موجب سليوڪس نيڪٽار Seleukos Nekator جي زماني ۾ مگڌ جي شهر جو گهيرو ٢٢٠ استاديا يا ساڍا ٢٥ ميل هوندو. هيءُ گهيرو موجوده شهر پٽنه جي گهيري جيترو ٿيندو. بچانن جي جاچ پڙتال موجب هن شهر جي ڊيگهه نو ميل ۽ ويڪر سوا

۲۱ ميل هئي (٦٧٩) يا ٽي سگهي ٿو ته ڪل گهيرو سوا۲۱ ميل هجي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ستين‎ءَ صديءَ ڏاران قديم ڪسم پور جو گهيرو موجوده شهر جي گهيري جي اڌ جيترو يعني ۱۱ ميل هوندو ته تعجب جي ڳالهه نه آهي.

ڊايڊورس جي دعويٰ آهي ته (٦٨٠) هن قديم شهر جو بنياد هيراڪلس Herakls رکيو هو. ٿي سگهي ٿو ته سندس مطلب ڪرشن جو ڀاءُ بل رام Bala Ram هجي. پرڏيهي ذريعا هن ماڳ کي ايترو آڳاٽو ڪونه ٿا سمجهن. وايو پراڻ موجب ڪسم پور يا پاٽلي پتر جي قديم شهر جو بنياد راجا ادياسو Udyaswa رکيو هو جيڪو (٦٨١) راجا اجتسترو جو پوٽو ۽ مهاتما گوتم ٻڌ جو مشهور هنڌ هو. ٻڌڌرم جي ڪتابي احوالن مطابق (٦٨٢) جڏهن مهاتما گوتم راج ريهه Raja Griha کان ونسالي ڏي آخري ڀيرو آيو هو ته هن گنگا پار ڪري ڏٺو هو ته راجا اجتسترو جا ٻه منتري پاٽليءَ جي ڳوٺ کان ٻاهر قلعي جوڙائڻ ۾ مصروف هئا، انهيءَ لاءِ ته جيئن وريجي جي رهواسين وجيين تي ضابطو رکي سگهجي. اهو ڏسي مهاتما ٻڌ اڳڪٿي ڪئي هئي ته اهو شهر ڪڏهن وڏي ترقي ڪندو. هنن ٻنهي ڳالهين مان هيءُ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته پاٽليپتر شهر جو بنياد راجا اجتسترو جي زماني ۾ رکيو ويو هو پر اهو سندس پٽ يا پوٽي اديه Udaya جي زماني ۴۵۰ ق . م ۾ جڙي راس ٿيو هوندو.

هيءَ شهر گنگا ۽ ايرانو بوس ندين جي سنگم وٽ هوندو هو ۽ اندازو ڪيو ويو آهي ته اشارو گنڊڪ يا هرنيه وتي Harnya vati ڏانهن آهي،جيڪا پٽنه جي سامهون اچي گنگا سان سنگم ڪندي آهي پر مسٽر ريون شا Mr. Raven Shaw اهو پڪيءَ ريت ثابت ڪيو آهي ته اها سون ندي هوندي هئي، جيڪا پاٽنه مٿان اچي گنگا سان ملندي هئي. (٦٨٣) سون نديءَ کي هرنيه - باه Hiranya _ baha به چيو ويندو هو. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته ان جو پاڻي پوري لٽ جي ڪري پورو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جاگرافيائي بيهڪ ۽ نالي جي هڪجهڙائي مان پتو پوي ٿو ته اها ايرانوبوس ندي آهي.

اسٽرئبو ۽ پليني، ائرين سان هن ڳالهه ۾ سهمت آهن ته پاليبوٿرو جي ماڻهن کي پراسي Prasii ڪوٺيو ويندو هو، جنهن بابت موجوده دور جا مؤرخ به متفق آهن. اهو اشارو پراچيه Prachya

ڏانهن آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اوپر وارا. پر منهنجو خيال آهي ته پراسيه لفظ پلاسيه Palasiya لفظ جو يوناني نمونو آهي، جنهن جو مطلب آهي پلاس Palasa يا پراس Parasa جا رهواسي. هيءُ مگڌ جو مشهور معروف نالو آهي ۽ پاليبوترا به هن علائقي جي راڄڌاني هوندو هو. هن علائقي جو اهو نالو ان ڪري پيو آهي جو پلاس Butea frondosa جو بوٽو هتي گهڻو ٿيندو آهي ۽ شين سئنگ واري زماني ۾ به اهو بوٽو تمام گهڻو ٿيندو هو (٦٨٤). هن جو عام مشهور نالو پراس آهي. منهنجو خيال آهي ته يوناني لفظ پراسيه Prasii به هن لفظ تان ورتو ويو آهي. ڪرٽس جي ڏنل هجي مان هن ڳالهه جي تصديق ٿي وڃي ٿي (٦٨٥) جنهن هن لفظ کي فَراسيه Pharrasii ڪري لکيو آهي. مان سمجهان ٿو ته اها هندستاني لفظ پراسيه جي صحيح هجي آهي. ايلين Aelian پروگزياڪاس جو لفظ پلاسڪ Palasaka تان ورتو ٿو پائنجي.

شين سئنگ جي اندازي مطابق مگڌ علائقي جو گهيرو ٥٠٠٠ لي يا ٨٣٣ ميل هو (٦٨٦). هن علائقي جي اتر کان گنگا، اولهه کان بنارس جو علائقو، اوڀر کان هرينه پراوت Haranya-Parvat يا مونگير Mongir ۽ ڏکڻ کان ڪرن سوورن Kuran Suvarna يا سنگيوم Singbhumi هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اهو علائقو اولهه پاسي کان ڪرمناس Karmnasa ندي تائين ۽ ڏکڻ کان دمود نديءَ تائين پکڙيل هوندو. نقشي جي سڌي ماپ مطابق علائقي جو گهيرو ٧٠٠ ميل ۽ سٽڪ جي پنڌ موجب اهو ٨٠٠ ميل هو.

مهاتماگوتم ٻڌ ڌرم جي شروعات مگڌ علائقي کان ڪئي هئي ۽ ان جي سڏاري واڌاري سان لاڳاپيل پهريون مرحلو به هتان شروع ڪيو ويو هو. تنهن ڪري ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ ٻڌن جون ڌرمي اڏاوتون به هتي وڌيڪ نظر اينديون جن مان ڪجهه هي آهن: ٻڌگيه Budha Gaya ڪڪوٽ پد Kukkuta pada، راجگريهه Raja-griha، ڪوساگراپور Kusagarapura، نالند Nalanda، اندرسلاگهه Indrasilaguha ۽ ڪپوليڪ Kapolika وغيره. هنن ماڳن جو ڏارڏار بيان ڪيو ويندو ۽ غير اهم ٿاڪن جو ذڪر شين سئنگ جي اهم ماڳن ڏانهن سفر دوران ڪيو ويندو.

# بڌگيہ

چيني ياتري پاٽليپتر شهر جي ڏکڻ-اولهہ کنڊ کان ڏکڻ-اولهہ طرف روانو ٿيو ۽ ١٠٠ لي يا ساڍا ١٦ ميل پنڌ ڪري تي-لو-شي-ڪيا Ti-lo-she-kia يا تي-لو-سي-ڪيا Ti-lo-se-kia نالي هڪ وهار وٽ پهتو. پوءِ اتان بہ ساڳئي طرف ٩٠ لي يا ١٥ ميل سفر ڪري هڪ اتاهين جبل وٽ اچي نڪتو، جنهن جي چوٽيءَ تي مهاتما گوتم چڙهي مگڌ جي ملڪ ڏانهن نهاريو ۽ غور ويچار ڪيو هو. (٦٨٧) اتان اتر-اولهہ ٣٠ لي يا ٥ ميل پنڌ ڪري هڪ وڏي وهار جي ياترا ڪيائين جيڪو هڪ ٽڪريءَ جي لاهونديءَ تي اڏيل هو، جتي گنمتي Gunmati هڪ ويراڳيءَ کي بحث ۾ مات ڏني هئي. جنهن ماڳ وٽان ڏکڻ-اولهہ ٢٠ لي ساڍا٣ ميل پنڌ ڪري سليڀدر Silabha-dra نالي هڪ وهار جي ياترا ڪري ساڳي طرف تي ٤٠ لي يا ٧ يا ٨ ميل پنڌ ڪري ني-لين-شين Ni-lien-shen يا نئہ رنجن Nairan-jan پار ڪري ڪيا-يي Kia-ye يا گيہ شهر پهتو هو (٦٨٨).

هن سٽڪ سان جن ماڳن جو ذڪر ڪيو ويو آهي تن کي سڃاڻڻ کان پهريائين مان پنهنجي راءِ هن ريت اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو تہ مٿي بيان ڪيل ڳهٽن ماڳن جا طرف ۽ فاصلا غلط بيان ڪيا ويا آهن تن کي صحيح ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. ڏنو وڃي تہ پٽنہ کان گيہ جو طرف سر ڏکڻ آهي،تنهن ڪري مٿي جيڪي ڏکڻ-اولهہ وارا طرف ڏيکاريا ويا آهن، سي ڏکڻ سمجهڻ گهرجن. مختلف فاصلن کي جيڪڏهن جوڙ ڪبو تہ ڪل فاصلو ٢٣٠ لي يا ٣٨ ميل ٿيندو. پر پٽنہ ۽ گيہ جي وچ ۾ سٽڪ موجب اصلي فاصلو سٺ ميل ٿيندو. مگر چيني ياتري ورن وڪڙن وارو رستو اختيار ڪيو هو، تنهن ڪري اهو سٺر ميل کان هرگز گهٽ ڪونہ هوندو. پر گهٽ ۾ گهٽ فاصلو بہ ٻڌبو تہ بہ سنڌس اصلي پنڌ کان ٢٢٠ لي يا ٣٣ ميل گهٽ بيهي ٿو. هن فاصلي کي اڌواڌ ڪري هن سولي سفر کي پهرين ٻن سفرن مان هر هڪ ۾ جوڙ ڪريان ٿو.

اهڙيءَ ريت منهنجي قائم ڪيل طرف ۽ بيٺي فاصلي جي لحاظ سان تي-لو-سي-ڪيا يا تيلڊڪ Tiladaka وارو وهار، پٽنہ جي ڏکڻ-اولهہ واري ڪنڊ کان ٢٠ لي يا ٣٣ ميل پري ۽ سر ڏکڻ ٿيندو.

اهو ماڳ ڦلگو Phalgu نديءَ جي اوپرڪناري تي واقع تلار Tillara شهر جي اوسي پاسي وجي ٿيندو. هن ڪان پوءِ سندس بيان مان به اها تصديق ٿئي ٿي ته اها جاگرافيائي بيهڪ تيلڊڪ وهار جي آهي. چين ڏانهن ورڻ مهل هو نالند وهارڪان ٿيندو سڌو تيلڊڪ پهتو هو. سندس بيان موجب اهو ماڳ نالند کان ٢١ ميل يا ٣ يوجن اولهه طرف هو. (٤١٩)

جيتري قدر نالند جي جاگرافيائي بيهڪ جو تعلق آهي ته مان ان کي بڙاگائون Baragaon پرسان ۽ راجگير Rajagir ڪان ڇهه ميل اتر سمجهان ٿو. بڙاگائون ڪان تلار ١٧ ميل اتر-اولهه طرف آهي. هي فاصلو نقشي موجب سڌو ڪٿيو ويو آهي. سٽڪ سان اهو فاصلو ٢٠ ميل ٿيندو.

ان ڪان پوءِ هيءُ ياتري اتاهين جبل ڏانهن ويو هو. چيو ويندو آهي ته مهاتما هن جبل تي چڙهي مگڌ ملڪ ڏانهن غورسان نهاريو هو. منهنجي صحيح ڪيل فاصلي موجب هيءُ جبل تلار يا تيلڊڪ ڪان ١٩٠ لي يا ٣٢ ميل ڏکڻ ۽ گيه ڪان ٧٠ لي اتر-اوبر ٿيندو. هن طرف ۽ فاصلي جي نقطئه نگاه ڪان هي ماڳ بڌ جبل آهي، جيڪو گيريڪ Giryek ۽ گيه جي وچ تي آهي. اهو وزيرگنج Vazirganj ڪان ٽي ٽي ميل اتر-اولهه ۽ اميني Ametti ڪان ساڳي فاصلي تي اولهه پاسي ٿيندو. سندس بيان ۾ هن جبل جو ذڪر آهي جيڪو خوش قسمتيءَ سان اهڙوئي آهي، جيڪو مٿي بيان ٿي چڪو آهي. ڇو جو هيءُ اهڙو پڪو ماڳ آهي جنهن سان پهرئين مرحلي واري سفر کي صحيح ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو پهريون ويجهو جبل آهي جنهن جو پٽنه ڪان فاصلو ٥٠ ميل ڪان سرس ٿيندو.

بڌ جبل ڪان هيءُ چيني مسافر اتر-اولهه ڏانهن ٣٠ لي يا ٥ ميل پنڌ ڪري گنهتي نالي هڪ وڏي وهار وٽ پهتو هو، جيڪو جابلو لڪ جي لاهونديءَ ۾ اڏيل هو. بيان ڪيل طرف ۽ فاصلي مان ننڍين ٽڪرين واري سلسلي جو اهڃاڻ ملي ٿو، جيڪو نداوت Nidawat ويجهو پيور Pewar نديءَ جي ڪناري سان موجود آهي. گنهتي وهار جي ياترا ڪان پوءِ شين سئنگ ڏکڻ-اولهه ٢٠ لي يا ساڍا٣ ميل سفر ڪري اچي سيليڊر وهار پهتو هو،جيڪو هڪ الڳ ٽڪريءَ تي اڏيل هو. هن جاگرافيائي بيهڪ مان سمجهي سگهجي ٿو ته اهو ماڳ بٿاو Bethawa آهي. هي هڪ اڪيلي ٽڪري آهي جيڪا پيور نديءَ جي

اوير ڪناري ۽ نداوت ڪان ٽي ميل ڏکڻ-اولهه ٿيندي. ان جو نالو ڀٽ Bhitha آهي، جنهن جي معنيٰ آهي هٽرادو دڙو. ٽي سگهي ٿو ته هيءَ سيليڊر وارو وهار هجي. هن ماڳ وٽان ۴۰ يا ۵۰ لي يا ۷-۸ ميل ڏکڻ-اولهه پنڌ ڪري نئرنجن ندي اڪري گيه شهر ۾ داخل ٿيو هو. گيه جي سامهون ڦيلگون ندي آهي. ليلاجن Lilagan يا نيلاجن Nila-jan ان وهڪري جو نالو آهي، جيڪو گيه ڪان پنج ميل مٿان اچي موهاني نديءَ سان ملندو آهي. شهر ۾ گهٽيل آبادي هئي ۽ هزار گهر برهمڻن جا هئا هن شهر کي ٻڌگيه کان الڳ ڪرڻ ۽ سمجهڻ واسطي برهم گيه Brahma-gaya سڏيو ويو آهي.

هتان ڪان ۵ يا ٦ لي يا هڪ ميل جي فاصلي تي ڏکڻ-اولهه طرف گيه-جبل آهي، جنهن کي هندستان جا ماڻهو هن کي ايشوري Divine جبل ڪري سمجهندا آهن. موجوده دور ۾ هن جبل جو نالو برهم-جون Brahm-juin يا برهم-يوني Brahm-yoni ڪري سڏيندا آهن ۽ مٿانئس ننهيل مندر اشوڪ جي جوڙايل استوپا کي ڍڪي ڇڏيو آهي. ٽڪريءَ جي ڏکڻ - اوير پاسي ٽن ڪسيپ-Kasay-apas جون استوپائون جوڙايل آهن، جن جي اوير پاسي ۽ ڦولگي ندي ڪان پار هڪ جبل آهي، جنهن کي پو - لو - ڪي - پو - تي _ Po _ Lo _ Ki _ Pu _ Ti يا پراگ بوڌي Prag bodhi سڏيو ويندو هو. چيو ويندو آهي ته مهاتما ٻڌ هن جبل تي چڙهي وڃي اڪيلائي ۾ سوچيندو ويچاريندو هو. مهاتمابڌ هن جبل تي ڇهه سال سوچيو ويچاريو هو. پوءِ هن اهو سڀ سوچ ويچار ڇڏي چانور ۽ کير کاڌو هئائين. ان ڪان پوءِ اتر - اوير طرف هليو ويو ۽ ويراڳ جي مقصد سان وري هڪ جبل تي چڙهي ويو، پر بت جي ديوتا جي شور ۽ غل ڪري سندس ڌيان ۽ گيان ۾ رخنو پئجي ويو، تنهن ڪري ٽڪريءَ تان ڏکڻ - اولهه پاسي ڪان لٿو. اتان ڪان وري به ڏکڻ - اولهه ۱۵ لي يا اڍائي ميل پنڌ ڪري ٻڌگيه ويجهو اچي هڪ پپل جي وڻ هيٺيان وينو. طرف ۽ فاصلي مان پتو پوي ٿو ته اهو موجوده دور وارو مورت پهاڙ Morat pahar آهي ڇاڪاڻ ته ان جو ڏکڻ - اولهه وارو ڇيڙو ٻڌگيه ڪان پورا اڍائي ميل اتر - اوير آهي. لاهونديءَ جي وچ تي هڪ غار آهي، جتي مهاتما گوتم ڪجهه آرام ڪيو هو ۽ پلٿي ماري وينو هو. فاهيان هن غار جو ذڪر ڪيو آهي (٦٩٠) . هو ٻڌائي ٿو ته اهو ٻڌ وڻ Budhi

tree کان اڌ يوجن يا ساڍا ٣ ميل اتر - اوير پاسي هو. تنهن کري چئي سگهجي ٿو تہ اهو ٽڪريءَ جي ڏاکڻين چيڙي کان هڪ ميل پري هوندو. مون کي پڌايو ويو تہ اهو غار ٽڪريءَ جي اولهہ پاسي اڃا بہ موجود آهي.

شين سئنگ گيہ برهم - جون کان هن ايرندي واري ٽڪريءَ جي فاصلي جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي، جيڪو ۴ ميل يا ۳۴ لي ٿيندو. هتي فاهيان جو ڏنل احوال بہ اسان لاءِ ڪارائتو ڪونہ ٿو ڏسجي ڇاڪاڻ تہ سندس بيان موجب ڪيا - يي يا گيہ کان بڌ - وڻ جو فاصلو ٢٠ لي يا اٽڪل سوا ٽي ميل آهي جڏهن تہ اصلي فاصلو پنجن ميلن کان وڌيڪ يا ٣٠ لي کان سرس ٿيندو.

پپل جي هن وڻ کري پڌگيہ تمام گهڻو مشهور هوندو هو، جنهن هينان ساڪيہ سنها Sakiya Sinha پورا پنج سال ڌيان ۾ گيان ۾ وينو رهيو جو ڪيس بڌ هجڻ جو پتو پيو. اهو بڌي ڊرومہ Bodhi drum يعني سياڻپ وارو وڻ اڃا تائين موجود آهي، پر ڏاڍو پراڻو ۽ باڪڙ ٿي ويو آهي. هن وڻ کان اوير پاسي بلڪل پرسان پڪ سرو مندر آهي، جيڪو پيڙهين وٽ ٥٠ فوٽ همچورس ۽ هڪ سؤ سٺ فوٽ اوچو ٿيندو. مون کي پڪ آهي تہ اهو ضرور وهار هوندو جنهن جي ستين صديءَ ۾ شين سئنگ ياترا ڪئي هئي ڇاڪاڻ تہ سندس بيان آهي تہ مذڪوره بوڌي وڻ جي اوير پاسي لڳولڳ وبهہ قدم همچورس ۽ ١٦٠ يا ١٧٠ فوٽ اوچو هڪ وهار آهي.

## ڪڪوٽ پد

بوڌي - ڊرومہ جي ياترا کان پوءِ شين سئنگ نئرنجن اڪري گنڌهستي Gandhahasti نالي هڪ وهار ڏانهن روانو ٿيو، جنهن جي معنيٰ آهي سڳنڌ وارو هاٿي. هن وهار ويجهو پاٽيءَ جو تلاءُ ۽ پٿر جو هڪ نلهہ هو. (٦٩١) ان وهار جي پيڙهہ ۾ نلهہ جو نندو بڪرورBakror اڃا بہ موجود آهي، جيڪو ليلاجن نديءَ جي اوير پاسي ۽ پڌگيہ کان هڪ ميل وٿيرڪو ٿيندو.

چيني مسافر مو - ها Mo _ Ha يا موهن ندي پار ڪري هڪ گهاٽي ٻيلي ۾ داخل ٿيو هو جتي هن پٿر جو ٻيو نلهہ بہ ڏٺو هو. اتان کان هو اتر - اوير طرف روانو ٿيو هو ۽ ١٠٠ لي يا اٽڪل ١٧ ميل

پنڌ ڪري ڪيو - ڪيو - چا - پو - ٿو Kiu _ Kiu _ cha _ Po _ Tho _ يعني ڪڪوت پڌ Kukkuta pada نالي هڪ ٽڪريءَ تي پهتو جنهن کي ٽي اوچيون چوٽيون هيون. ان ڪري هن ٽڪريءَ کي ڪڪوت پڌ يعني ڪڪڙ جو پير سڏيو ويندو هو. فاهيان جي بيان مطابق مذڪوره ڪڪڙ پير ٽڪري پڌگيہ جي پوتر وڻ کان ٽي لي يا اڌ ميل جي فاصلي تي ڏکڻ پاسي هئي. هتي اسان کي ٽي لي بدران ٽي يوجن يعني ايڪويهہ ميل پڙهڻ کپي. اهو شين سئنگ جي بيان ڪيل فاصلي ۱۷ ميل ۽ ندين اڪرڻ وارا ٻہ ميل فاصلي جي جوڙ جي ذري گهٽ برابر آهي، جيڪو ۱۹ ميل بيهي ٿو.

مان هن ماڳ کي اڳي ئي سڃاڻي چڪو آهيان تہ اهو ڪرڪيهار Kurkihar آهي. توڙي جو هن ٿاڪ جو نقشن ۾ نشان پتو ڪونہ ملندو، پر گيہ ۽ بهار جي وچ تي هڪ اهم جاءِ آهي. هيءُ ماڳ وزير گنج کان ٽي ميل اتر - اوڀر گيہ کان ۱٦ ميل اتر - اتر - اوڀر ۽ پڌگيہ کان ۲۰ ميل اتر - اوڀر ڏس تي آهي. (٦۹۲) هن ڪرڪيهار جو اصلي نالو ڪورڪ - وهار Kurak -Vihar آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو نالو ڪڪوت پد - وهار جو اختصار آهي، يعني ڪڪڙ پير وهار. هندي ٻوليءَ ۾ ڪڪوت جي معنيٰ ڪڪڙ Kukkar يا ڪوڙڪ Kurak آهي تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ موجوده ڪرڪيهار نالي جي هڪ جهڙائي ۽ جاگرافيائي بيهڪ جي نقطہ نظر کان پڌڌرم واري ڪڪڙ پير ٽڪري آهي. البت ٽن ٽڪرين واري چوٽين واري ٽڪري جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، سا هتي نظر ڪانہ ايندي. پر ڳوٺ کان اڌ ميل اتر پاسي ميدان ۾ ٽي ٽڪريون آهن، جيڪي پاڻ ۾ تمام ويجهيون آهن. پري کان ائين پيو ڏسبو تہ اهي ٽي نہ پر هڪ ٽڪري آهي، جنهن کي ٽي اوچيون چوٽيون آهن. ڪين سولائي سان سڃاڻي سگهجي ٿو تہ اها شين سئنگ جي بيان ڪيل ٽن اتاهين چوٽين واري ٽڪري آهي. هن سڃاڻ جي وڌيڪ پنيرائي هن حقيقت مان بہ ٿئي ٿي تہ مذڪوره ٽڪري پرسان ڪيترا ڏڙا بہ ڏسڻ ۾ ايندا، جن مان مهاتما ٻڌ جون مورتيون ۽ پڌڌرم سان لاڳاپيل مجتا جون ٽڪيون بہ هٿ لڳيون آهن.

# ڪوساگرا پور

هيءُ چيني ياتري مسافر ڪڪر پير ٽڪريءَ جي ياترا ڪري

١٠٠ لي يا ١٧ ميل اتر - اوير ڏس تي پنڌ ڪري فو - ٿو - فا - نا Fo _ Tho _ Fa _ Na يعني بڌ وڻ Budha Vana پهتـو هو. (٤٩٣) طرف ۽ فاصلي مان پتو پوي ٿو تہ اهو ماڳ بڌئڻ Budhain آهي. هن ٽڪـريءَ جي اوچي چوٽيءَ ڪري زمين جي سـروي ڪرڻ لاءِ هتي مرڪز بنايو ويو هو. هن جو سڌو پنڌ ڏهہ ميل ڪن ٿيندو پر علائقو ٽڪرائتو آهي ان ڪري سٽڪ ۾ گهٽا ور وڪڙ آهن. تنهن ڪري فاصلو ١٥ يا ١٦ ميلن ڪان گهٽ ڪونہ ٿيندو. هتان هلي هن چيني ياتريءَ ١٠ لي يا ٥ ميل اوير سفر ڪري يشتي وڻ Yashti Vana يعني بانس جي بيلي تي پهتو. (٤٩٤) هيءَ نالو جڪتي بن Jakhtiban نالي اجا سوڌو مشهور آهي ۽ اهو رڳو سنسڪرت لفظ جي هندي شڪل آهي. هيءَ جوءِ بڌئڻ Budhain ٽڪريءَ ڪان اوير طرف ڪوسا گراپور ڏانهن ويندڙ سـٽڪ جي وٽ سـان آهي. بانس وڻڻ جي ارادي سـان اجا تائين ماڻهـو پيـا هيڏي ايندا ويندا آهن. بانس بيلي ڪـان ڏهہ لي يا اٽڪل بہ مـيل ڪن ڏکڻ - اولهہ هي ياتري ڪـوسي پاڻيءَ جا بہ جهـرنا ڏسڻ ويو هو. چيـو ويندو آهي تہ مهـاتما بڌ هنن جهـرڻن ۾ وهتـو هو. اهي چشـما جڪتي - بن ڪان بہ ميل ڏکڻ تپوبن Tapoban واري ايراضيءَ ۾ آهن. هي لفظ تپـتا - پاڻي Tapta _ Pani جي بگڙيل صورت آهي. بانس بيلي ڪـان ٦ يا ٧ لي يا هڪ مـيل ڏکڻ اويـر هڪ اتاهين ٽڪـري آهي. چيـو ويندو آهي تہ هن ٽڪـريءَ جي چوڌس راجا بمبيـسـار بند تعـميـر ڪرايو هو. هيءَ ٽڪري هنديا Handia ٽڪريءَ سـان سـاڳيـائپ رکي ٿي. سندس اوچائي ١٤٦٣ فـوٽ آهي ۽ هن کي زمين جي سـرويَ ڪرڻ لاءِ مرڪز طور بہ ڪتب آندو ويو هو. هتـان ڪـان ٣ يا ٤ لي يا اڌ مـيل اتر هڪ ٽڪـري آهي جيـڪـا ٻين ڪـان بلڪل ڌار ڏسـبي. جنهن جي چوٽيءَ تي هڪ ڊڦل گهر جا اهڃاڻ نظر ايندا. چيـو ويندو آهي تہ ڪنهن زمـاني ۾ اتي هڪ مـشـهور ويراڳي وياس Yasa رهندو هو. هن مـاڳ ڪان تقريباً چار يا پنج لي يا اٽڪل منو مـيل ڪن اتر - اويـر طرف هڪ ٽڪري آهي جنهن ۾ هڪ بهرو ڪوٺيل ڏسڻ ۾ ايندو ۽ پرسـان ئي هڪ پٿر رکيل نظر ايندو جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ مهاتما گوتم جي جسم تي مـالش ڪرڻ لاءِ اندر ۽ برهمـا ديوتا ان تي صندل جي ڪاٺي ڪتي پورو بنايو هو جنهن جو نالو گـوسـيـرس Gosiras هو. پر اهي ٻئي جڳهون ڳولي ڪونہ لڌيون ويون آهن. جيڪڏهن دل سان ڳولا ڪبي تہ

اهو پٿر جنهن تي صندل جي ڪاني ڪٽي وئي هئي اهو به لپي ويندو
چاڪاڻ ته ان جي پرسان هڪ وڏو غار هو جنهن لاءِ ماڻهو چوندا آهن
ته اهو آسورس Asuras جو محل هو. هن تاڪ ڪان ٦٠ لي يا ١٠
ميل اوپر سفر ڪري هي ياتري ڪيو - شي - ڪي - لو - پو - لو
Kiu _ Shi _ Ki _ Lo _ Pu _ Lo يا ڪوساگرا پور پهتو هو
يعني ڪوس گرس Kusa Grass جو شهر. (٦٩٥)

مگڌ علائقي جي اصلي راجڌاني ڪوسا گراپور هو، جنهن کي راجا گريهه Raja Griha يعني راجا جي رهڻ جو ماڳ به سڏيو ويندو هو. ان ڪان سواءِ هن کي گريو راج Girivraja يعني اهو ماڳ جنهن جي چوڌاري جبل هجي. هيءَ ڳالهه شين سئنگ جي بيان سان سهمت آهي چاڪاڻ ته سندس چوڻ موجب ان شهر جي چوڌاري جبل ڦريل هو. رامائڻ ۽ مها ڀارت ٻنهي ۾ مگڌ جي راجا جرسنڌ Jarasandha جي قديم راجڌاني کي گريوراج (٦٩٦) نالي سان سڏيو ويو آهي، جيڪو حضرت عيسىٰ کان ١٤٢٦ سال اڳ مهاڀارت واري جنگ ۾ هڪ مکيه ڪردار هو. فاهيان (٦٩٧) جو بيان آهي ته هيءُ شهر پنجن ٽڪرين جي وچ تي هڪ ماٿريءَ ۾ ۽ نئين شهر راج گريهه کان ۴ لي يا مُني ميل جيترو ڏکڻ طرف آهي.

شين سئنگ به ساڳئي طرف ۽ ساڳئي فاصلي تي انهن جهرٽن جي موجودگيءَ جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪي اڃا سوڌو موجود آهن. فاهيان وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته اهي پنج ئي ٽڪريون شهر جي چوڌاري قلعي جو ڏيک ڏين ٿيون. اهو بيان هوبهو راج گريهه جي قديم شهر سان ساڳيائپ رکي ٿو، جنهن کي هتان جا رهواسي راج گير Raja Gir به سڏيندا آهن. ترنر به سري لنڪا جي پالي حوالن جي ناتي سان ساڳيون ڳالهيون ڪيون آهن ۽ پنجن ٽڪرين جا هن ريت نالا ڏنا آهن: گهجهه ڪتو Gijjha kuto، اسيگلي Isigili، ويبارو Webharo، ويپلو Wepullo ۽ پاندو Pandawo. (٦٩٨) مهاڀارت مطابق سندن نالا هي آهن: وئهر Vaihara، وراهه Varaha، وريشڀ Vri-shabha، رشيگري Rishiiri ۽ چئتوڪ (٦٩٩) Chaitvaka.
موجوده دور ۾ وري مٿين ٽڪرين جا نالا هيٺئن ڏسڻ ۾ ايندا: ٻئيبر - گيري Baibhargiri، وپپولوگيري Vipulogiri، رتن - گيري Ra-tangiri، اديه گيري ۽ سوناگيري Sonagiri.

بئيـار ٽڪـري Mount Baibhara تي جين ڌرم جي لکيل متن تي ڪڏهن بئيارا جو نالو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪڏهن وري ويوهار Vyavahara به نظر ايندو آهي. هن ۾ ڪنهن شڪ شـبـهي جي گنجائش ڪانه آهي ته اها پالي حـوالن واري ويـبـارو ٽڪـري ئي آهي، جنهـن جي پاسـي ۾ سـت پـنـي Satta panni جو غار هـو ۽ ان جي سامهون ٻڌڌرم سان لاڳاپيل پهريون سائنود Synod ٥٤٣ ق.م ۾ اڏيو ويو هو. منهنجو خيـال آهي ته اهو غار ٽڪـريءَ جي ڏکڻ پاسي سون ڀاندار جي موجوده نالي سان اڃا به قائم آهي، پر شين سـئنگ جي بيان موجب ان غار کي ٽڪريءَ جي اتر پاسي ڏسڻ کپي. ٿبيٽ جي دولو Dulva مطابق اهو نيہ گروڌ Nyagrodha يا ٻڙ وارو غار لکيل آهي. (٧٠٠)

رتن گـيري سـون ڀـاندار غار کـان هڪ مـيـل سـر اتر آهي. هيءَ صورتحال فـاهيان جي بيـان مطابق پپل وڻ واري غار سان ٺهـڪي اچي ٿي، جتي مـهـاتما ٻڌ ماني کائڻ کان پوءِ ويهي ڌيان ۽ گـيـان ڪندو هو. اهو ماڳ پهرين سائنود کان ٥ يا ڇهه لي، اٽڪل هڪ ميل اوپر پاسي هو، تنهن ڪري چئبي سگهجي ٿو ته سونا گيري ٽڪري اها آهي جنهن کي پالي حـوالن ۾ پنداؤ Paudao ٽڪـري سـڏيو ويو آهي. جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته منجهس مهاتما ٻڌ رهندو هو. لليتا وستار ۾ هن کي جبلن جو راجا ڪـونـيـو ويو آهي. رتل گـيـري ٽڪـريءَ تي نـهـيل جيـن مندرن ڏانهن ويندڙ رسـتـو پڪـو آهـي جـنـهـن سـان جيـن ڌرم جا پوئلڳ مٿين مندر ڏانـهـن ويـنـدا آهـن. مـهاڀارت ۾ هن کي رشبگيري سڏيو ويو آهي.

پالي حوالن ۾ وپول Vipula ٽڪريءَ کي ويپولو Vepullo سڏيو ويو آهي. هن ٽڪـريءَ جي چوٽيءَ تي ڪڏهن وڏي اسٽوپا يا چئتا هوندي هئي جيـڪـا هاڻي ڊهي ڍير ٿي وئي آهي. شين سـئـنگ به هن مـاڳ جو ذڪـر ڪـيـو آهي. مـان سـمـجهان ٿـو ته اها مـهـا پارت واري چئتيڪ Chaityaka آهي. باقي ٻين ٽڪرين بابت مون کي ڪابه ڄاڻ ڪانه آهي، پر ايـترو ضـرور چوندس ته انهن جي چوٽين تي به جين مندر جا اهڃاڻ آهن.

ٽڪـرين جي وچ تي مـوجـوده شـهـر جو ذڪـر فـاهيـان بہ ڪـيـو آهي، جيڪو اوپر کان اولهہ ٥ يا ٦ لي ۽ اتر کان ڏکڻ ٧ کان ٨ لي هو.

ان حساب سان سنڌس گهيرو ساڍا چار ميل هو. شين ـسئنگ هن جو گهيرو ٣٠ لي يا ٥ ميل ٻڌائي ٿو. هن مطابق شهر جو ڏکڻ پاسو اولهہ کان اوير آهي. منهنجي جاچ پڙتال مطابق قلعي جو گهيرو ١٤٥٠٠ فوٽ يا اٽڪل ساڍا چار ميل آهي، جيڪو ٻنهي چيني ياترين جي بيانن جي وچ تي آهي. ٻنهي سيلانين جي بيانن ۾ واضح فرق شهر جي ڏيگهہ واري پاسي جي طرف بابت آهي. ٻنهي مان هر هڪ نيڪپئي Nekpai ڀِڄ Enbankment جي اوير پاسي کان ماپ ورتي هوندي. (هن پاسي جو بيان ميجر ڪٽو Major Kittoe بہ ڪيو آهي.) اهڙيءَ ريت ماپ وٺندا اتر - اولهہ پاسي هليا ويا هوندا. جيڪڏهن اها ماپ پانچ - پانڊو Panch _ Paundu ڪنڊ وٽان ورتي وڃي ها، تہ قلعي جي ماپ وارو طرف اولهہ - اتر - اولهہ ٿئي ها ۽ ڏيگهہ جي ماپ بہ ٨٠٠٠ فوٽ بيهي ها، پر جيڪڏهن ماپ توره ديوي Torah Devi مندر وٽان ورتي وڃي ها، تہ طرف اتر - اتر - اولهہ ۽ ماپ ٩٠٠٠ فوٽن کان ڪجهہ سرس ٿئي ها. مٿي مان فاهيان جي بيان جو حوالو ڏئي آيو آهيان، تہ شهر جي چوڌاري نظر ايندڙ پنج ئي ٽڪريون ان جي چوڌاري ڪوٽ جو ڏيک ڏئي رهيون آهن. شين سئنگ جو بيان بہ ساڳيو آهي. سنڌس چوڻ آهي تہ اهي اتاهيون ٽڪريون قلعي جي پٺين کان ٻاهر چئني پاسن کان ڦري اچن ٿيون. سنڌن گهيرو ١٥٠ لي يا ٢٥ ميل ٿيندو. پر مان ١٥٠ لي بدران رڳو پنجاهہ لي يا اٽڪل سوا اٺ ميل سمجهان ٿو، اها تصحيح ڪرڻ ان ڪري بہ ضروري آهي جو منهنجي ورتل ماپ مطابق ان کي پيٺائي ڏسٹو آهي. ٽڪرين جي وچ ۾ سڌو فاصلو هن ريت آهي:

(١) ٻئيار کان وپول ١٢٠٠٠ فوٽ
(٢) وپول کان رتن ٤٥٠٠ فوٽ
(٣) رتن کان اديہ ٨٥٠٠ فوٽ
(٤) اديہ کان سونا ٧٠٠٠ فوٽ
(٥) سونا کان باري پار ٩٠٠٠ فوٽ

ڪل جوڙ ٤١٠٠٠ فوٽ

هيءَ ماپ اٺن ميلن کان ٿورو گهٽ ٿيندي، پر جيڪڏهن ٽڪرين جي لاهين چاڙهين کي بہ ان ۾ شامل ڪبو تہ پوءِ اها ماپ شين سئنگ جي بيان ويجهو وڃي بيهندي، جنهن کي صحيح ڪري ٥٠ لي

بيهاريو ويو آهي. هن پراڻي قلعي جي پٿرن کي ٻاهرئين پاسي کان ڪچي ماپ ورتي وئي آهي، جن جا ڪٿي ڪٿي اهڃاڻ اڃا به محسوس ڪري سگهجن ٿا. مان قلعي جي انهن پٿرن کي وڏو گيري ۽ رتن گيري کان نيڪپٽي بند تائين ۽ اتان کان اديه گيري کان ڏکڻ پاسي ماٿري واري ڪليل جاءِ کان وٺي سونا گيري معلوم ڪري ورتو آهي. ماٿريءَ جي ڪليل پاسي اهي پٿيون اڃا چڱيءَ حالت ۾ آهن ۽ ماپي ڏٺوسون ته سندس ويڪر ۱۳ فوٽ هئي. شين سئنگ جو ڏنل ۲۵ ميل گهيرو هن ريت پورو ڪري سگهجي ٿو ته هن قلعي جي اوپر پاسي کي گيريڪ Giryek جي ماڳ تائين چڪي وجبو. ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جي ساڳي ئي قلعي جا نشان گريبڪ ٽڪريءَ وٽ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. امڪان آهي ته شين سئنگ هنن ٻاهرين پٿين کي گهيري جي ماپ ۾ شامل ڪيو هجي پر ائين ڪرڻ سان گهيري جي ماپ گهٽي وڌي ويندي ۽ شين سئنگ جي بيان سان ٺهڪي ڪانه بيهندي ته "شهر جي پاسن کان چوڏاري اتاهيون ٽڪريون آهن." گريبڪ واري ٽڪري گهٽو پري آهي ۽ قديم شهر راج گريهه جي پاسي ۾ ڪانه آهي.

راج گير وارا ڪوسي پاڻي جا جهرڻا سرستي Sarsuti نالي پاڻيءَ جي هڪ ننڍي وهڪري جي ٻنهي پاسن کان ڏسڻ ۾ ايندا،جن مان اڌ ٻيپار ٽڪري جي اوڀارئين پاسي ۽ ٻيا وٽان نڪرندا آهن ۽ باقي جهرڻا وپول ٽڪريءَ جي اولهه پاسي ۾ آهن. مٿي ذڪر ڪيل اڳين جهرڻن جا نالا هن ريت آهن:

(۱) گنگا جمنا Ganga Jumna (۲) اننت رکي Anant Rikhi (۳) سپت رکي Sapt Rikhi (۴) برهم - ڪنڊ _ Barhm Kund (۵) ڪسيپ رکي Kasyapa Rikhi (٦) بياس ڪنڊ Biyas _ Kund (۷) مرڪنڊ - ڪنڊ Markand _ Kund. هن ميني کان وڌيڪ ڪوسو جهرڻو سپت رکي آهي. وپول ٽڪري وارا ڪوسا جهرڻا هي آهن: (۱) سيتاڪنڊ Sita Kund (۲) سورج ڪنڊ Soraj Kund (۳) گڻس ڪنڊ Genes Kund (۴) چندرماڪنڊ Chandrama Kund (۵) رام ڪنڊ Ram Kund (٦) سرنگي رکي ڪنڊ Sringgi Rikhi Kund. بيان ڪيل آخري جهرڙتي تي مسلمانن قبضو ڪري ورتو آهي ۽ ان جو نالو بدلائي چيل شاه جي نالي پٺيان مخدوم ڪنڊ رکيو ويو آهي. مسلمانن جو هيءُ مشهور

بزرگ آهي جنهن جو مقبرو هن جهرٽي جي ويجهو ٿيندو. چيو ويندو آهي تہ هن جو اصلي نالو چلوو Chilwa هو. ذات جو آهير هو، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هندو مان مسلمان ٿيو هو.

قديم شهر جي اتر - اوڀر پاسي اٽڪل ۱۵ لي يا اڍائي ميل پري شين سئنگ جي بيان ڪيل مشهور ٽڪري آهي، جنهن جو نالو گريڌر ڪُٽا Gridharkuta يعني ڳجھہ چوٽي سڏي ٿو. فاهيان جو بيان آهي تہ اها نئين شهر کان ۱۵ لي يا اڍائي ميل ڏکڻ اوڀر پاسي هئي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ٻئي چيني ياتري ڳجھہ - چوٽي جي ماڳ تي متفق آهن، جيڪا موجوده دور جي سئلا گيري Saila Giri ٽڪريءَ جي نهايت اتاهين چوٽي آهي، پر مان اهو ڪونہ ٻڌو سٽيو تہ هن ٽڪريءَ ۾ ڪو غار بہ آهي. فاهيان هن کي ڳجھہ نالي غار واري ٽڪري Hill of Vuitures سڏي ٿو ۽ اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ اتي ڪيترا ٻيا بہ غار هئا، جنهن ۾ ارهن Arhans گيان ڌيان ۾ ويٺا هوندا هئا. مان سمجهان ٿو تہ اهي ٽڪريءَ جي پاسي ۾ ناهيل ڪمرا هوندا، جن جون پٽيون ڪري پيون آهن ۽ سندن نالا بہ ماڻهن کان وسري ويا هوندا. هنن ٻنهي ذريعن جي شاهدي اهڙي پڪي آهي، جو شڪ تہ ڪري ئي ڪونہ ٿو سگهجي. امڪان آهي تہ اڳتي ٿيندڙ کوجنا هنن غارن جي باري ۾ ڪو ڏس پتو ٻڌائي.

# راجگريهہ

فاهيان راجگريهہ واري ماڳ کي پراڻي شهر کان چار لي يا اٽڪل منو ميل اتر پاسي ٻڌائي ٿو. هن جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ فاصلي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو راجگير Raja Gir جو پراڻو قلعو آهي. چيو ويندو آهي تہ راجگريهہ جو شهر راجا سري نڪ Srenika جوڙايو هو. هن شهر کي اجاتسترو جي پيءُ بمبسار پنيان بہ سڏيو ويندو هو. جيڪو مهاتما گوتم جو سهيوڳي هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مذڪوره شهر جو بنياد ۵٦۰ ق.م کان اڳ رکيو ويو هو. شين سئنگ جي زماني (٦۲۹ع - ٦۴۲ع) ۾ هن شهر جي قلعي جون ٻاهريون پٽيون پيون هيون پر اندريون اڃا سلامت هيون ۽ آباد علائقي جو گهيرو ۲۰ لي يا سوا ٽي۳ ميل هو. هي بيان منهنجي ڪيل جاچ پڙتال ۽ ماپ مطابق آهي جيڪا ٽن ميلن کان ٿورڙي گهٽ آهي.

بچانن نئن راجگريھہ قلعي کي ڏنگو ڦڏو پنج کنڊو سڏي ٿو ۽ قطر ١٢٠٠٠ گز ٻڌائي ٿو. مان سمجهان ٿو ته اها ڇاپي جي غلطي آهي، جيڪا حقيقت ۾ فقط ١٢٠٠ گز هجڻ کپي ۽ ان حساب سان گهيرو ١١٣٠٠ فوٽ يا اڍائي ميل بيهي ٿو، پر هي اندرين ماپ آهي منهنجي ماپ موجب اها ١٣٠٠٠ فوٽ آهي. منهنجي خيال موجب هي قلعو ڦڏي پنج کنڊي جي شڪل تي آهي، جنهن جو هڪ پاسو ڊگهو ۽ باقي چار پاسا هڪ جيترا آهن. ڪاهين ڪان ٻاهران واري ماپ موجب ڪل گهيرو ١٤٢٦٠ فوٽ يا ٽن ميلن کان ٿورو گهٽ ٿيندو. ڏاکڻي ٽڪري تي، ٢٠٠٠ فوٽ ڊگهي ۽ ١٥٠٠ فوٽ ويڪري ايراضي هن کان الڳ ڪري اتي ننڍو قلعو جوڙيو ويو آهي. گهڻن هنڌن تي پٿرن جون پٽيون اڃا به سلامت آهن. امڪان آهي ته ڪم جو واسطو ڪنهن پوئين دور سان آهي. بچانن به اهڙو اشارو ڏنو آهي. منهنجو خيال آهي ته هي نئين شهر جو قلعو آهي، جنهن تي وقت جو اثر ڪجهه گهٽ ٿيو آهي. ان جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو ته پٽيون ٿلهيون آهن ۽ اوساري به سوچي سمجهي ڪئي وئي آهي ڇاڪاڻ ته اهو ٻين جڳهن کان وڌيڪ اهم هو ۽ فوجي ضرورتن جي پيش نظر هن جي مرمت به ڪئي ويندي هوندي پر ان جي پيٽ ۾ گهرن جي پٽين ڏانهن ڌيان گهٽ ڏنو ويو هوندو يا ٿي سگهي ٿو ته اهي وڌيڪ خرچ ڪائينديون هجن.

## نالند

راجگير کان ٧ ميل سر اتر بڙاگاؤن نالي هڪ ڳوٺ آهي، جنهن جي چوڌاري ڪيترا تلاءَ ۽ دڙا ڏسڻ ۾ ايندا. هتان مون کي ٻين جڳهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ سهڻيون ۽ ججهيون مورتيون هٿ لڳيون. بڙاگاؤن وارو ٿرڙ ايتري ته وسيع ايراضي ۾ پکڙيل هو، جو ڊاڪٽر بچانن جو خيال هو ته اهو ماڳ ضرور راجا جو رهائش گاه رهيو هوندو. بهار جي هڪ جين ڌرم جي پنڊت ڪيس ٻڌايو ته اهو ٺاڪ راجا سرينڪ Srenika جي راڄڌاني هوندو هو ۽ ان کان اڳي به سندس وڏڙن جي راڄڌاني به انهيءَ شهر ۾ رهندي آئي هئي. برهمڻن مطابق اهو ماڳ ڪنڊيل پور Kundil pur شهر جو ڦٽو آهي ۽ رڪمڻي جي جنم ڀومي هجڻ ڪري گهڻو مشهور آهي، جيڪا ڪرشن مهراج جي گهر وارين مان هڪ هئي. پر رڪمڻي وِدرڀ Vidarbha يا برار Berar

جي راجا پيشمر جي ڪنيا هئي. سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته برهمڻ غلطيءَ وچان برار کي بهار سمجهيو آهي جيڪو بڙا گاؤن کان فقط ست ميل پري آهي. تنهن ڪري مون کي برهمڻن جي هن ڳالهه تي اعتبار ڪونه ٿو اچي. هن کان سواءِ به مان پڪيون ثابتيون ڏيندس ته بڙاگاؤن وارو ٽرڙ نالند ماڳ آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ٻڌڌرم جي علمي نقطه نگاه جي ڪري ساري هندستان ۾ مشهور هو.

فاهيان نالو Nalo نالي هڪ ڳوٺ کي اڪيلي ٽڪري Iso-lated Rock کان هڪ يوجن يا ست ميل پري ٻڌايو آهي، جنهن کي گرييڪ ٽڪري به ڪوٺيو ويندو هو. مذڪوره ڳوٺ راجگريهه سان ساڳئي پنڌ تي پري هو. (٧٠٢) هيءُ بيان بڙاگاؤن جي جاگرافيائي بيهڪ سان ساڳيائپ رکي ٿو، يعني اهو گرييڪ ۽ راجگريهه کان ستن ميلن جي پنڌ تي واقع آهي. سري لنڪا جي ٻڌ تذڪرن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته نالند راجگريهه کان ست ميل پري آهي. وري شين سئنگ جو بيان آهي ته نالند ٻڌگيه واري پيپر وڻ کان ٧ يوجن يا ٤٩ ميل پري آهي. (٧٠٣) سڌڪ سان فاصلو بلڪل ايترو ٿيندو پر جيڪڏهن نقشي موجب سڌي ماپ ڪبي ته مذڪوره پنڌ ٤٠ ميل ٿيندو. سندس بيان اهو به آهي ته مذڪوره ماڳ راجگريهه کان اتر ۾ ٣٠ لي يا پنج ميل پري آهي. هي طرف ۽ فاصلو به بڙاگاؤن جي جاگرافيائي بيهڪ سان ساڳيائپ ڏيکاري ٿو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهو فاصلو پراڻي قلعي جي صفا اتر پاسي کان ڪڇبو ته بلڪل ايترو ئي ٿيندو. آخري ثابتي وري اها به آهي ته هتان به لڪتيون اهڙيون هٿ لڳيون آهن جن مان پتو پوي ٿو ته هن ٿاڪ کي نالند سڏيو ويندو هو.

شين سئنگ جو بيان آهي ته هي ماڳ مهاتما ٻڌ جي سچي چيلي ۽ ساٿي هٿ ساريپتر Sariputra جي جنم ڀومي آهي. پر مون کي سندس هي بيان صحيح ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، ڇاڪاڻ ته هن چيني ياتريءَ جيڪو مفصل احوال ڏنو آهي تنهن ۾ هن پاڻ ڏيکاريو آهي ته ساريپتر ڪلپنڪ Kalapinaka ۾ ڄائو هو، جيڪو نالند ۽ اندر - سل - گوها Indra _ Sila _ guha جي وچ تي ۽ نالند کان چار ميل ڏکڻ - اوڀر تي هڪ ٿاڪ هو. نالند لاءِ به چيو ويندو آهي ته اهو به مهاموگلان Maha Mogalan جي جنم ڀومي آهي، جيڪو ماتما ٻڌ جو هڪ مشهور مک چيلو هو، پر هيءَ ڳالهه به صحيح ڪانه

ٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شين سئنگ جي بيان موجب هيءُ عظيم انسان ڪليڪ Kulika ۾ ڄائو هو، جيڪو نالند کان اٺ نَو لي يا ڏيڍ ميل کن ڏکڻ - اولهه پاسي هو. مان هيءُ سمجهان ٿو ته اهو ماڳ جگديسپور Jagdispur ويجهو هڪ دڙي جي صورت ۾ موجود آهي جيڪو بڙاگاؤن کان ڏيڍ ميل کن ڏکڻ - اولهه پاسي ٿيندو.

بڙاگاؤن وٽ ڪيترا دڙا ڏسڻ ۾ ايندا جن تي سروٽن جا ڍير نظر ايندا. انهن مان وڏيڪ چٽا ماڳ موڙيال (مخروطي) ڍب وارا دڙا آهن، جيڪي اتر کان ڏکڻ ڏس تي هلندا ويندا ڏسبا آهن. اهي اتاهان دڙا نالند پرسان جوڙيل وهارن جا ٿرڙ آهن. انهن سڀني مان وڏو وهار ته جلدي سڃاڻي سگهجي ٿو، جيڪو پڪن سروٽن جي دڙن جي وچ تي آهي. سندس ماپ ١٦٠٠ فوٽ ڊيگهه ۽ ٤٠٠ فوٽ ويڪر آهي. اتي موجود ڪليل جڳهن مان پتو پئجي سگهي ٿو ته اهي ڇهن ننڍن وهارن جا اگهڻ آهن. شين سئنگ جو بيان آهي ته اهي سڀئي هڪ وانگاڙي اندر آهن ۽ سندن اٺ اگهڻ آهن. ڇهن مان پنج وهار هڪ ئي گهراڻي مان پنجن راجائن جا جوڙايل هئا، جيڪي هڪ ٻئي کان پوءِ راڄ سنڀاليندا آيا. ڇهين وهار وري انهن جانشين نهرائي هئي، جنهن کي وچ هندستان جو راجا چيو ويندو هو.

وهار جي ڏکڻ پاسي هڪ تلاءُ هوندو هو، جنهن ۾ نالند نالي هڪ نانگ رهندو هو. ان ڪري هن ماڳ کي ان نانگ جي نالي پنيان نالند سڏيو ويندو هو. موجوده دور ۾ به هڪ وهار جي ٿرڙ جي ڏکڻ پاسي هڪ تلاءُ آهي، جنهن کي ڪرديه پوکر Kardiya pokhar سڏيو ويندو آهي ۽ اهو نالند جي جاگرافيائي بيهڪ سان ساڳيائپ رکي ٿو، تنهن ڪري امڪان اهو نظر اچي ٿو ته نانگ وارو تلاءُ به اهو ساڳيو آهي.

مان نالند جي احوال کي سندس چوڌاري خوبصورت ۽ شاندار تلائن جي ذڪر کان سواءِ ختم ڪرڻ ڪونه چاهيندس. هن ٿرڙ جي اتر - اوير پاسي کان گدي - پوکر Gidi pokhar پن سوکر پوکر Pan-sokar pokhar نالي تلاءُ آهي، جن مان هر هڪ ميل کن ڊگهو آهي. سندس ڏکڻ پاسي کان اندرا پوکر Indra pokhar آهي، جنهن جي ڊيگهه اڌ ميل کن ٿيندي. باقي ٻيا سڀ تلاءَ ننڍا آهن،جيڪي خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق ڪونه آهن.

# اندر - سيل - گوها

گيہ جي اوسي پاسي کان ہہ جابلو سلسلا شروع ٿين ٿا جيڪي پور وچوٽ تي اتر - اوپر هلندا پنچان Panchana ندي تاس ٣٦ ميل ڏگها آهن ۽ گريبڪ ڳوٺ جي سامهون اچي ڪٽن ٿا. ڏکڻ ۽ اوپر وارو سلسلو گهٽو اتاهون ڪونہ آهي، پر اتريون سلسلو گهٽو اتاهون آهي ۽ پنچان نديءَ وٽ پهچي هڪدم ختم ٿي وڃي ٿو ۽ اتي هن سلسلي جون نهايت اوچيون ہہ چوٽيون نظر اينديون. اوپر واري هيناهين چوٽي تي پڪ سرو ۽ نهرو نلهہ نظر ايندو، جيڪو جرسنڌ - ڪا - بئٺڪ Jara ssandha - ka - baihtak نالي مشهور آهي. ڪي ماڻهو هن ڪي جر سنڌ جو تخت ہہ سڏيندا آهن. هن سلسلي جي الهندي پاسي واري چوٽي وڏيڪ اوچي آهي، جنهن ڪي گريبڪ سڏيو ويندو آهي. سندس شڪل بيضوي آهي، جتي ڪيترين ڊٺل جاين جا ڪندر ڏسڻ ۾ ايندا. هن مٿاهين ۽ بيضوي شڪل جهڙي چوٽيءَ تي جيڪا سڀ کان اتاهين جاءِ آهي، تنهن تي وهار جي اڏاوت جا اهڃاڻ ڏسبا. اوڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ ايڪيري ڏاڪڻ نهيل آهي، جيڪا نلهن وسيلي ناهيل ڪمرن مان هلندي مٿي پهچندي آهي. ٻنهي چوٽين کي ڳنڍڻ لاءِ ڏاڪٽيون ناهيون ويون آهن. ڪنهن زماني ۾ اها ڏاڪڻ ٽڪريءَ جي تري تائين هلي ويندي هئي. ڏاڪڻ واري رستي پرسان اتاهين چوٽين تي ۽ رستي جي وڪڙن وٽ استوپائن جون لڏاوتون نظر اينديون، جن جو قطر ٥ کان ٦ فوٽ ۽ ڪن جو ٻارنهن فوٽ ٿيندو. مٿينءَ ڏاڪڻ جي تري وٽ ۽ جر سنڌ نلهہ کان ٥٩ فوٽ پري هڪ سو فوٽ همچورس هڪ تلاءُ ناهيو ويو آهي، جنهن جو ڪجهہ حصو ڪوٽي ۽ ڪجهہ حصو بند ٻڌي تيار ڪيو ويو آهي. ٻيو تلاءُ ٿوري پنڌ تي اتر پاسي آهي، جيڪو کوٽائي ڪري بنايو ويو آهي ۽ اتان نڪتل پٿرن کي جڳهہ جي اڏاوت ۾ ڪم آندو آهي. مذڪوره ٻئي تلاءُ هاڻي سڪي ويا آهن.

گريبڪ ڳوٺ کان ہہ ميل ڏکڻ - اولهہ طرف ۽ جر سنڌ نلهہ کان هڪ ميل پري ٽڪريءَ جي ڏکڻ پاسي هڪ قدرتي گفا آهي، جيڪا بانگنگا Banganga نديءَ جي تري کان ٢٥٠ فوٽ مٿي ٿيندي. مذڪوره گفا جو نالو گڌدوار Gudhadwar آهي. عام ماڻهن جو خيال آهي تہ هيءُ گفا جر سنڌ نلهہ سان ڳنڍيل آهي. تارچن وسيلي

کوجنا ڪئي وئي ۽ ڏنو ويو تہ اهو هڪ قدرتي گھارو هو، جيڪو جر سنڌ نلهہ مٿي وچي رهيو هو، جنهن جي ڊيگهہ ۹۸ فوٽ مس هئي. ان گفا جي منهن جي ڊيگهہ ۱۷فوٽ ۽ ويڪر ۱۰ فوٽ هئي ۽ آخري چيڙي وٽ تمام سوڙهو هو. غار پٿرن سان سٽيل ڏسبو ۽ هوا گرم هئي. معلوم ائين ٿيندو تہ جڻ اهو ٻئي پاسي کان بند آهي. هتي پوري رنگ جي ايڪپرين چوٽين تي بي شمار ڳجهون ويٺل ڏسڻ ۾ اينديون. مان انهن ڳجهن جا ڪجهہ ڪنب غار جي منهن وٽان ڪٺي ورتا هئا.

گريڪ جا قديم آثاربلڪل ائين لڳا، جهڙيءَ ريت فـ هيان جي بيان ۾ ظاهر ڪيا ويا آهن تہ اهي جدا ۽ الڳ ٽڪريءَ تي موجود آهن، جتي اندر ديوتا مهاتما گوتم کان ٻائيتالهن نقطن تي مختلف سوال ڪيا هئا. شين سئنگ ان ماڳ کي اندر سلگهہ Indra silguha سڏيو آهي ۽ ان جو اشارو بہ ساڳيءَ حقيقت ڏانهن آهي.

گريڪ جي جاگرافيائي بيهڪ طرف ۽ فاصلو اهڙو آهي،جنهن مان اسان کي پڪ ٿئي ٿي تہ اهو اندر سل - گھہ وارو ماڳ آهي، هن لفظ گريڪ جي نالي جي معنيٰ جو اجا تہ پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي. ٿي سگھي ٿو تہ سنڌن مطلب گري + ايڪا Giri+eka هڪ ٽڪري هجي. هيءَ اها ئي ٽڪري آهي جيڪا فاهيان موجب الڳ ۽ اڪيلي آهي.

ٻئي سيلاني هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ مذڪوره غار ٽڪريءَ جي ڏکڻ پاسي آهي. سنڌن بيان سان ساڳيائپ رکندڙ اهو غار گڌ - دوار Gudha-dwar آهي. هن غار جو مان اڳي ئي بيان ڪري آيو آهيان تہ گڌ-دوار سنسڪرت جو لفظ گرڌروار Gurdhrawar آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڳجهن جو لنگهہ. شين سئنگ هن کي اندر سل - گهہ يعني اندر - پٿر وارو غار سڏيو آهي. هن پٿر تي اهو نالو ان ڪري رکيو ويو آهي جو ان تي اندر ديوتا خاڪو ڪڍي مهاتما کان ۴۲ سوال پڇيا هئا. فاهيان پنهنجي بيان ۾ اضافو ڪيو آهي تہ اندر ديوتا پٿر تي اهڙو خاڪو پنهنجي آڱر سان ليکيو هو.

فاهيان جي بيان موجب اها الڳ ۽ اڪيلي ٽڪري مگڌ جي راجڌاني يا تليپتر کان اٺ يوجن يا ۵۶ ميل ڏکڻ - اولهہ ۽ نالند کان هڪ يوجن يا ست ميل اوپر طرف واقع هئي. شين سئنگ نالند کان اڳتي ويندي ڪيترائي تيرٿ ۽ تڪيا پيٺيا هئا. سندس اهڙن تيرٿن جي

ڏنل طرفن ۽ فاصلن مان اهو نتيجو نڪري سگهجي ٿو ته اندر سل - گهه تالند کان ۴۷ لي يا اٽڪل پوڻا ۷ ميل اوير - ڏکڻ - اوير طرف آهي. ٻڙا گائون ۽ گرييڪ جو فاصلو نو ميل ۽ طرف ڏکڻ - اولهه کان ايندي آهي. جيڪڏهن اسان سندس بيان ڪيل طرف ڏکڻ + اوير + اوير، ڏکڻ + ڏکڻ + اوير ۽ اوير + ڏکڻ + اوير ڪري پڙهنداسين ته عام طرح ڏکڻ - اوير ٿي پوندو ۽ فاصلو به اٺ ميل وڌي ويندو ۽ بيان حقيقت جي ويجهو پهچي ويندو، ائين ڪرڻ سان اسان جيڪا فاصلي کي صحيح ڪرڻ جي صلاح ڏني، تنهن جي جڻ ته پنيرائي ٿي وڃي ٿي.

# بهار

گرييڪ جي هن الڳ ۽ اڪيلي ٽڪريءَ جي ياترا ڪري چيني سيلاني اتر - اوير طرف روانو ٿيو ۽ ۱۵۰ يا ۱۶۰ لي يا ۲۵ کان ۲۷ ميل سفر ڪري ڪپوتيڪ Kapotika يا ڪبوتر - وهار پهتو هو. اتان کان اڌ ميل کن ڏکڻ ۾ هڪ اتاهين ٽڪري هئي، جنهن جي چوٽيءَ تي اولوڪيتشوار Avalokiteshwara نالي هڪ نهايت وڏو وهار جوڙيل هو. هن وهار جي چوڌس پٿرايون اڏاوتون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. جيڪڏهن متن ۾ لکيل ۱۶۰ لي بدران رڳو ۶۰ يا ۱۰ ميل پڙهيا وڃن ته پوءِ منهنجي خيال ۾ اهو ماڳ بهار آهي، جيڪو گرييڪ کان يارهن ميل کن اتر - اتر + اوير طرف واقع آهي. (۷۰۴) اسان جن نقشن ۾ هن لفظ جي هجي بيهار Behar لکيل آهي ۽ اهو ڏيکارڻ لاءِ ڪافي آهي ته انهيءَ ماڳ تي ڪڏهن ٻڌن جو وهار هوندو هو. اهو ئي سبب آهي، جنهن وسيلي مون کي هڪ قسم جي پڪ ٿئي ٿي ته اولوڪيتشوار وارو وهار انهيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ٿي سگهي ٿو، جنهن کي اسان بهار سڏيون ٿا. هاڻي ان ٽڪري جي چوٽي قديم ٿرڙن سان ڍڪيل ڏسڻ ۾ ايندي. زير بحث ٽڪري بهار جي شهر کان اتر - اولهه پاسي آهي، جنهن جي اتر پاسي تي ايڪيري چوٽي نظر ايندي. ڏکڻ واري پاسي کان لاهوندي اتس ۽ پٿر قدرتي طور ائين ٻاهر نڪتل آهن جو هڪ چاڙهي ٺهي پئي آهي. هاڻي ان چوٽيءَ تي مسلمانن پنهنجيون جڳهون جوڙي ورتيون آهن. پر پوءِ به انهن ٿرڙن تان مهاتما گوتم جي مورتين ۽ مجتا وارين استوپائن جا ڳچ ٽوٽا مون کي هٿ لڳا هئا.

ڪبوتر وهار ڪان هي ياتري ڏکڻ – اوير طرف روانو ٿيو ٤٠ لي يا ٧٠ ميل سفر ڪري هڪ وهار وٽ اچي نڪتو، جيڪو هڪ الڳ ۽ اڪيلي ٽڪريءَ تي جوڙيل هو. طرف ۽ فاصلي جي نقطہ نظر کان هيءُ ماڳ تيتراءُ Titarawa دڙو آهي، جيڪو بهار کان ٧ ميل ڏکڻ – اوير طرف ٿيندو. تيتراءَ جي معنيٰ تتر دڙو آهي. هن ماڳ وٽ هڪ تلاءُ نظر ايندو، جنهن جي ڊيگهہ ٻارنهن سو فوٽ ٿيندي. دڙي جي اتر پاسي سروٽن جا ڍير ڏسبا. ترڙ جي شڪل صورت همچورس آهي، تنهن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ اهو ڪنهن وهار جو ڦٽو آهي.

هتان کان شين سئنگ اتر – اوير طرف روانو ٿيو. ٧٠ لي يا ١٢ ميل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ گنگا جي ڏکڻ ڪناري سان موجود هڪ وڏي ڳوٺ وٽ اچي نڪتو. پر جيئن تہ ڪناري جو ويجهي ۾ ويجهو ٿاڪ بہ ٢٥ ميل پري آهي، جيڪڏهن مٿئين انگ ۾ ١٠٠ لي جو واڌارو ڪنداسين تہ اهو فاصلو لڳ ڀڳ ٢٩ ميل ٿيندو ۽ اهو فاصلو گرييڪ ۽ ڪبوتر وهار واري سفر مان ڪٽيو ويو هو.

مان مٿيون ٻئي تصحيحون مناسب سمجهيون آهن. چاڪاڻ تہ شين سئنگ ٻڌائي ٿو تہ ڪپوتيڪ وهار ويجهو ٽڪري نهايت اتاهين هئيّ. پر بهار ۽ تيتراو جي اتر کان اتر – اوير ۾ منهنجي ڄاڻ مطابق ڪابہ ٽڪري ڪانہ آهي. تنهن ڪري شين سئنگ جي بيان کي ملڪي صورت حال مطابق بنائڻ لاءِ مٿي ڏنل هڪ فاصلي کي گهٽائڻو ۽ ٻئي کي وڌائڻو پوندو. گرييڪ کان اوير – اتر – اويز ۾ ٢٥ ميل پري شيخ پور نالي هڪ ٽڪري آهي، جنهن جي اوچائي ٦٦٥ فوٽ ٿيندي. هن ٽڪريءَ لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ متان اها ڪبوتر وهار واري ٽڪري هجي. پر هن ٽڪريءَ کي ڪبوتر وهار واري ٽڪري سمجهڻ سان ان کان پوءِ واري سفر جي رخ ۽ رستي ۽ فاصلي ۾ بہ فرق اچي وڃي ٿو، چاڪاڻ تہ گنگا کان شيخ پور ٢٠ ميل پري آهي. تنهن ڪري مان هن جي مقابلي ۾ بهار واري ماڳ کي وڌيڪ ترجيح ڏيان ٿو. ٻنهي حالتن ۾ ان ڳوٺ کي گنگا ڪناري درياپور Darya pura پرسان ڳولڻ گهرجي، جيڪو فاصلي موجب مونگير Mongir کان ٣٤ ميل اولهہ طرف آهي.

اتان کان پوءِ هن چيني مسافر ١٠٠ لي يا ١٧ ميل اوير ڏانهن سفر ڪيو هو ۽ لي– ان ني – لو li-on-ni-lo ڳوٺ وڃي پهتو هو.

ايم. وويئن ڊي سينٽ مارٽن هن ماڳ کي روهينيل Rohinil يا روهينلا Rohinala (٧٠٥) سمجهي ٿو. ان جو طرف اٽڪل ڏکڻ - اوڀر ٿئي ٿو. پر جيئن تہ هن ياتري پنهنجو سفر گنگا ڪناري سان ڪيو هو، تنهن ڪري سنڌس متن ۾ غلطي سمجهڻ گهرجي.

## هرينہ - پروت

هن ماڳ روهينل وٽان ٢٠٠ لي يا ٣٣ ميل اوڀر پنڌ ڪري شين سئنگ ا - لا - نا - پو - فا - تا a-la-na-po-fa-ta يعني هرينہ پروت نالي ملڪ جي راڄڌاني پهتو هو، جنهن جو مطلب آهي سونهري جبل Golden Mountain شهر جي پرسان هرينہ جبل هو جتان ٻاڦ اٿي. سچ ۽ چنڊ کي ڍڪي ڇڏيندي هئي. (٧٠٦) ان ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ اها هئي تہ گنگا نديءَ جي ويجهو هو. روهينل ۽ چمپ کان طرف ۽ فاصلي جي لحاظ کان اهو ماڳ مونگير آهي. هاڻي ان ٽڪريءَ مان دونهون ڪونہ نڪرندو آهي. پرپاسي ۾ ڪوسي پاڻيءَ جي جهرڻن ڪري سمجهي سگهجي ٿو تہ مونگير جي ويجهو اوڏو ڪو برنڊڙ جبل آهي. شين سئنگ بہ هنن ڪوسن جهرڻن جو ذڪر ڪيو آهي.

هيءَ گنگاجي ڪناري سان هڪ الڳ ۽ اڪيلي ٽڪري آهي، جيڪا ڌرتيءَ جي متاچري ۽ پاڻيءَ جي سطح جي نقطہ نگاہ کان گهٽي اتاهين آهي. هتان ٻنهي ٽڪرين جي وچ ۾ موجود رستي تي گهٽي پنڌ تائين نگاہ رکي سگهجي ٿي. قديم زماني ۾ شهر تائين پاڻي پهچائڻ وارو واہ بہ سنڌس پرسان گذرندو هو. مهاڀارت ۾ هن ماڳ کي موداگري Moda giri سڏيو ويو آهي، اهو ڪنهن زماني ۾ اوڀر هندستان جي راڄڌاني هوندو هو، جيڪو بنگ Bang يا بنگال يا تملوڪ Tamluk ويجهو هوندو هو. جنهن زماني ۾ شين سئنگ هتي آيو، تنهن زماني ۾ هتان جي راجا کي پاڙيسري راجا پڄائي ڪڍيو هو. هن علائقي جي اتر کان گنگا، ڏکڻ کان جبل هوس جيڪو وڏن وڻن سان ڍڪيل هو. اندازي موجب ان جو گهيرو ٣٠٠٠ لي يا ٥٠٠ ميل هو. هن پکيڙ مان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هي علائقو ڏکڻ ڏانهن پارس ناٿ Paras nath نالي مشهور جبل تائين پکڙيل هوندو، جنهن جي اوچائي ۴۴٧٨ فوٽ آهي. تنهن ڪري مان سنڌس دنگ گنگا جي

ڪناري سان لکي سراءِ Lakhi sarai کان سلطان گنج تائين اتر ۽ پارس ناٿ ٽڪرين کان وٺي براڪر Barakar ۽ دمود Damud ندين جي سنگم تائين ڏکڻ سمجهان ٿو. اهڙيءَ ريت نقشي جي سڌي ماپ موجب هيءُ گهيرو ٣٥٠ ميل ۽ نديءَ جي ورن وڪڙن واري رستي سان ٤٢٠ ميل ٿيندو. (٧٠٧)

# چمپا

شين سئنگ مونگير کان اوڀر ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل سفرڪري چين - پو Chen-po يا چمپا پهتو هو،جيڪو ڀاڳل پور Bhagal pur علائقي جو قديم نالو هو. علائقي جي هيءَ راجڌاني ٽڪرائتي جوءِ کان ١٤٠ لي کان ١٥٠ لي يا ٢٣ کان ٢٥ ميل اولهہ پاسي گنگا جي ڪناري واقع هئي. ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ مندر هوندو هو. هن بيان مان دل ليائيندڙ بيت کي چڱيءَ طرح سڃاڻي سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ پٿر گهاٽ Pathar ghat جي سامهون ۽ چوٽيءَ تي مندر ڏسجي رهيو هو. جيئن تہ اهو پٿر گهاٽ ڀاڳل پور کان ٢٤ ميل اوڀر طرف هو، تنهن ڪري مان هن خيال جو آهيان تہ چمپا ساڳين ٿاڪن تي هئي يا ان جي اوسي پاسي ڪاٿي هوندي. هن ماڳ ويجهو اولهہ پاسي چمپانگر نالي هڪ وڏو ڳوٺ اڃان سوڌو آباد آهي. پرسان ئي هڪ ننڍو ڳوٺ چمپاپور بہ آهي. امڪان آهي تہ اهي ماڳ قديم راجڌاني چمپا جا هجن. (٧٠٨)

هي چيني ياتري هن علائقي جو گهيرو ٤٠٠٠ لي يا ٦٦٧ ميل ٻڌائي ٿو. سندس بيان مطابق هن علائقي جي اتر کان گنگا، اولهہ کان هرڻہ پروت يا مونگير وارو علائقو هوندو ۽ اوڀر طرف واردنگ گنگا جي ٽاڙهہ ڀاڳرٿيءَ Bhagurthi تائين پکڙيل ۽ ڏاکڻي حد رومد نديءَ تائين وسيع هوندي. جيڪڏهن اتر کان گنگا تي موجود ٻن ٿاڪن، جانگر Jangir ۽ تيلياگلي Telia gali کان ڏکڻ ڏس تي رومد نديءَ تي موجود پاچت Pachit ۽ ڀاڳرٿي جي ڪنارن تي واقع ڪلن Kalna واري ٿاڪ کي ڏسبو تہ نقشي موجب اهو سارو ڏنگ ٤٢٠ ميل بيهندو. پر سڌي سان اهو فاصلو ٥٠٠ ٿئي ٿو. هي گهيرو شين سئنگ جي بيان ۾ ٻڌايل فاصلي کان گهٽ آهي. امڪان آهي تہ متن ۾ ڪاٿي غلطي هجي يا وري جابلو علائقي هئڻ ڪري متان ڪٿي مونجهارو ٿي

وبو هجي. يا وري ان ڳالهہ جو بہ امڪان آهي تہ چيني ياتريءَ جي زماني ۾ مذڪوره علائقي جي سياسي سرحد ايتري هجي. سندس سفر نامي ۾ اهو بيان بہ نظر ايندو تہ چمپا کان اولهہ مونگير جي راجا کي پاڙيسريءَ راجا شڪست ڏئي ڊوڙائي ڪڍيو هو. چمپا جو اوپاريون علائقو ڪانڪ جول Kankjol پرواري راجا جي راڄ ۾ شامل هوندو هو. چمپا مٿي بيان ڪيل ملڪن جي وچ تي هوندو هو. منهنجو خيال آهي تہ گهٽو ڪري اهو چمپا جو راجا هو جنهن اهي ٻئي ملڪ فتح ڪيا هئا. چيني سيلاني بہ چمپا جو گهيرو ان ڪري وڌيڪ ٻڌائي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ان جي اولهہ ۾ اوير وارا ملڪ تنهن زماني ۾ چمپا جي راجا فتح ڪري ورتا هئا. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ان زماني ۾ گنگا واري پاسي کان اهي حدون لکيتراءِ Lakheterai کان راجمحل Ra-jamahal ٻئي پاسي رومد جي ڪناري سان پارس ناٿ ٽڪرين کان وني ياگرتي جي ڪناري تي واقع ٿاڪ ميلن تائين پکڙيل هونديون هيون. اهڙيءَ ريت نقشي جي سڌي ماپ موجب اهو گهيرو ۵۵۰ميل ۽ سٽڪ جي فاصلي مطابق ٦٥٠ ميل هو.

# ڪانڪجول

چمپا کان پوءِ هن سيلاني اوير طرف ۴۰۰ لي يا ٦٧ ميل سفر ڪري ڪي - چيو - يو - ڪي - لو Kie-chu-u-khi-lo يا ڪي - چنگ - ڪي - لو Kie-ching-kie-lo (۷۰۹) پهتو هو. طرف ۽ فاصلي مان پتو پوي ٿو تہ اهو راجمحل وارو علائقو هو. ڪنهن زماني ۾ هن علائقي کي ڪانڪجول سڏيو ويندو هو. هن علائقي تي اهو نالو هڪ شهر جي نالي پٺيان پيو هو، جيڪو راجمحل کان ۱۸ ميل ڏکڻ واقع هو. جيڪڏهن پاڻي وسيلي سفر ڪري ڪهل گائون Kahal gaon (Colgong) ۽ راجمحل رستيَ اچبو تہ پاڳل پور کان هيستائين ڪل فاصلو ۹۰ ميل ٿيندو، پر جڪڏهن ٽڪرين وچان مان گائون Mangaon ۽ پرهٽ Bharhat رستي سڌو سفر ڪبو تہ اهو فاصلو ۷۰ ميل ٿيندو. هيءَ ماڳ جيئن تہ شين سئنگ جي بيانن سان نهڪي اچي ٿو، تنهن ڪري مون کي شڪ ٿئي ٿو تہ چيني نالي جا بہ پد مت ست نہ ٿي ويا هجن ۽ متان صحيح نالو ڪي - ڪي - چو - لو Kie-kie-chu-lo هجي، جنهن جو ترجمو ڪانڪ جول Kank jol

ٿي سگهي ٿو. آئين اڪبريءَ ۾ گنگ جوڪ Gung jook لکيو ويو آهي. (٧١٠) هن نالي جي سيني شڪلين کي الف - ب مطابق هيٺ ڏجي ٿو. اسان کي اها پڪ آهي تہ نالي جو پهريون اکر ڪ K آهي. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ اصلي نالو ڪانڪجول آهي ۽ پڇاڙي واري لفظ ل L کي غلطيءَ وچان ڪ K لکيو ويو آهي. هيملٽن (٧١١) Hamilton پنهنجي گزيٽئر ۾ هن ماڳ کي ڪاڪ جول Couk jole ڪري لکيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اها ڇاپي جي غلطي آهي، نہ تہ اهو لفظ ڪانڪ جول Conk jole آهي. سندس بيان آهي تہ راجمحل واري علائقي کي پهريائين اڪبر نگر سڏيو ويندو هو، ڇاڪاڻ تہ اهو علائقي جو صدر مقام هو. محصول سان لاڳاپيل ڪتابن ۾ ڪاڪجول کي خاص فوجي علائقو لکيو ويو آهي.

شين سئنگ هن علائقي جو گهيرو ٢٠٠٠ لي يا ٣٣٣ ميل ٻڌايو آهي. پر هيءُ پرواري ملڪ جو هڪ ڏن پرو خطو هو، تنهن ڪري سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هن کي منجهس شامل ڪيو ويو آهي، جنهن جو اڱ متي ذڪر ڪري آيو آهيان. پنهنجي آزاد ۽ آجيءَ حيثيت ۾ ڪانڪجول هڪ ننڍڙو ملڪ هوندو ۽ ان جي ايراضي راڄ محل کان اولهہ ۽ ڏکڻ واري جوءِ تي مشتمل هوندي، جيڪا مرشد آباد کان ڏکڻ، تڪرين ۽ ڀاگرتيءَ نديءَ جي وچ تي آهي. هن علائقي جو گهيرو ٣٠٠ ميل کن ٿيندو، جهڙيءَ ريت شين سئنگ جو بيان آهي.

## پاندر ورڌن

ڪانڪجول کان پوءِ هن گنگا پار ڪئي ۽ اوڀر طرف سفر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٦٠٠ لي يا هڪ سو ميل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ پن - نا - فا - تان - نا Pun-na-fa-tan-na پهتو هو. (٧١٢) ايم. جولين هن لفظ جو ترجمو پاندر ورڌن ٻڌائي ٿو ۽ ايم. ووين ڊي سئينٽ مارٽن هن جي معنيٰ بردوان Bardwan ڪئي آهي. پر بردوان هن آخري شهر کان ڏکڻ طرف ۽ گنگا جي ساڄي پاسي آهي. هن کان علاوه هن جو سنسڪرتي نالو ورڌ مان Varadha mana آهي. مان سمجهان ٿو تہ رستي جي فرق جو طرف ڪنهن غلطيءَ ڪري ٿي ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان ساڳين غلطين جا مثال پوئتي بہ ڏسي آيا آهيون. پر هتي جيڪي شين سئنگ غلطيون ڪيون آهن سي بردوان جي سڃاڻ ۾ وڏي زنڊڪ

ثابت ٿيون آهن. منهنجي خيال ۾ اهو ماڳ پبنه Pubna آهي، جيڪو ڪانڪ جول کان هڪ سو ميل پري ۽ گنگا ڪناري تي ٻئي پار واقع آهي. پر هن جو طرف اوپر بدران ذري گهٽ ڏکڻ - اوير آهي. چيني ٻوليءَ جي لفظي پڌن موجب اهو لفظ پنيه ورڌن Punya Vardhana يا پاندرا ورڌن Paundra Vardhana تي سگهي ٿو. پر انهن ٻنهي مان وڌيڪ صحيح پاندر ورڌن آهي. چاڪاڻ ته هن جو ذڪر ڪشمير جي تاريخ ۾ به ملي ٿو (٧١٣) ته هيءُ ماڳ جينتا Jayanta جي راجا گيو Gau جي راڄڌاني هوندو هو، جنهن ٧٨٢ع کان ٨١٣ع تائين راڄ ڪيو هو. عام لهجي ۾ هن لفظ پونيرڌن Ponbardhan کي پوبڌن Pobadhan به اچاري سگهجي ٿو ۽ ان کان پوءِ سولائيءَ سان پبن يا پوبن Pobana اچاريو ويندو هو. هن ماڳ جو هاڻي عام اچار به پبن يا پوبن آهي. شين سئنگ هن ملڪ جو گهيرو ٤٠٠٠ لي يا ٦٦٧ ميل ٻڌايو آهي، جيڪو ملڪ جي حقيقي پکيڙ سان سهمت آهي. هن علائقي جون سرحدون هن ريت آهن: اولهه ۾ مهاندي اوير برهمپترا ۽ ڏکڻ ۾ گنگا آهن.

## ججهوتي

شين سئنگ پنهنجي سفرنامي ۾ چي - چي - تو Chi-chi-to جو ملڪ ١٠٠٠ لي يا ١٦٠ ميل اتر - اوير لکيو آهي. هن ماڳ جي نالي جو پهريون ۽ ٻيو پد چيني ٻوليءَ جي مختلف سيائن سان تعلق رکن ٿا. (٧١٤) چيني ياتريءَ جو هن مان مقصد اهو هوندو ته جيئن هندستان جي اهڙن مختلف پدن جي فرق کي واضح ڪري ڏيکاري سگهي. اها ڳالهه اسان چي - چي تو لفظ ۾ ڏسون ٿا، جيڪو ججهوتي يا ججهوتي لفظ جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن جو ابوريحان به ذڪر ڪيو آهي. هن مورخ هن ماڳ کي ڪجوراهه Kajurahah جي راڄڌاني لکيو آهي. (٧١٥) سندس بيان آهي ته اهو قنوج کان ٣٠ فرسنگ يا ٩٠ ميل ڏکڻ - اوير طرف آهي. پر صحيح طرف سر ڏکڻ آهي ۽ فاصلو به ٻيڻو يعني ٦٠ فرسنگ يا ١٨٠ ميل آهي. هيءَ راڄڌاني ابن بطوطه سنه ١٣٣٥ع پاڻ اکين ڏٺي هئي، جنهن کي هن ڪجورا Khajura لکيو آهي. (٧١٦) سندس بيان آهي ته هن شهر جي پرسان هڪ ميل ڊگهي ڍنڍ آهي، جنهن جي چوڌس

مندر تعمير ٿيل آهن. مندرن جي اهڙي طريقي سان اڏاوت کجوراهو Khajuraho ۾ اڄ بہ ڏسڻ ۾ ايندي، اتر هندستان ۾ هن قسم جي هي شاندار اڏاوت آهي.

ابوريحان ۽ ابن بطوطہ جي ڏنل شاهدين مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ججهوتيءَ جو علائقو موجوده بنديل کنڊ سان ساڳيائپ رکي ٿو. چيني ياتريءَ هن علائقي جو گهيرو ۴۰۰۰ لي يا ٦٦٧ ميل ٻڌائي ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان جو هرهڪ پاسو ١٦٧ ميل هو. هاڻي بنديل کنڊ جو وڏو حصو جمنا ۽ گنگا کان ڏاکڻين علائقي تي مشتمل آهي، جيڪو اولهہ پاسي بيتوا Betwa ندي کان شروع ٿي ونڌيا واسيني ديوي Vindhya Vasini Devi جي مندر کان اوپر تائين ڊنگ ڪري ٿو، جنهن ۾ چنديري ساگر Chandiri Sagar واريون ايراضيون بہ شامل سمجهڻ گهرجن. ڏکڻ پاسي کان بلهري Bilhari وارو علائقو بہ هن ملڪ ۾ شامل هو، جيڪو نربدا ندي جي آبي ذريعي وارو ماڳ چيو ويندو آهي. هي ججهوتي برهمڻن جو قديم علائقو سمجهيو ويندو آهي، جيڪو بچا ٽن جي ڏنل اطلاعن[(٨١٧)] موجب اتر کان جمنا تائين ڏکڻ کان نربدا، اولهہ بيتوا نديءَ تي واقع ماڳ ارڇ Ureha تائين ۽ اوپر بنديل نالہ تائين پکڙيل هو. هيءُ بنديل نالہ، پاڻيءَ جو هڪ ننڍڙو وهڪرو آهي، جيڪو بنارس وٽان گنگا ۾ ڇوڙ ڪندو آهي ۽ مرزا پور کان ٻن منزلن اندر آهي. گذريل ٢٥ سالن اندر مان هن علائقي مان بار بارگذرندو رهيو آهيان ۽ هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رهيو آهيان. مان ڏٺو تہ ججهوتي گهراڻي جا برهمڻ هن علائقي ۾ واقعي تمام گهڻا آهن، پر اهي جمنا کان اتر يا بيتوا نديءَ کان اولهہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا. مان ڪين وڌ ۾ وڌ بيتوا نديءَ پرسان ارڇ ويجهو بروا ساگر Barwa sagar جمنا جي ڪناري هميرپور ويجهو مهد Mohda ۾، ڪئن Kane ندي پرسان راجنگر، کجوراهو ۽ چنديري ۽ ڀيسلا Bhisla جي وچ تي اڏئپور Udaipur پٿاري Pathari ۽ ارن Eran تائين ڏٺو هو. خود چنديري ۾ ججهوتي گهراڻي جا واٽيان بہ ڏسڻ ۾ آيا، جنهن مان سمجهہ ۾ آيو تہ اهو ڪنهن هڪ خاص گهراڻي جو نالو ڪونہ آهي، پر هڪ تعريفي اصطلاح آهي، جنهن جو استعمال عام نظر اچي رهيو هو. برهمڻ ججهوتيہ جو لفظ يجرويد جي لفظ يجر - هوت Yajur-hota تان ورتو آهي. پر هي لفظ ان جي واپارين، واٽين ۽ برهمڻ کي بہ سڏيو

ويندو آهي، تنهن مان سمجهه ۾ اچي ٿو ته هن لفظ جو واسطو ڪنهن علائقي ججهوتيءَ سان آهي. هن ڳالهه جي وڌيڪ تصديق برهمڻن جي ٻين گهراڻن جي نالن مان به ٿئي ٿي، جهڙوڪ قنوجيه Kanojiya جنهن جو واسطو قنوج سان آهي، گوڙ Gaur جنهن جو لاڳاپو گور Gaur سان آهي، سرورِيه Sarwariya يا سرجوپاريه Sairju pa-riya جنهن جو لاڳاپو سرجو Sarju ندي جي ڪناري واري سرج چوڙ سان آهي، دراوڙ جنهن جو واسطو دکن جي دراوڙن سان آهي ۽ مئتل جو گهراڻو جنهن جو تعلق مثيل Muthila سان آهي، هنن مثالن مان گهڻو واضح ٿي وڃي ٿو ته برهمڻن جون نياتيون جاگرافيائي خطن جي نالن سان تعلق رکنديون هيون. هن علائقي ۾ اها ڳالهه به نظر ايندي ته هتي ڌار ڌار ايراضين ۾ ڌار ڌار نياتن وارا برهمڻ ڏسڻ ۾ ايندا. تنهن ڪري مون کي پڪ ٿئي ٿي ته جنهن علائقي ۾ ججهوتيه برهمڻ هئا تنهن کي ججهوتي ڪوٺيو ويو ٿو ڀائنجي.

ڪجوراهو هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. منجهس ١٦٢ گهر مس ٿيندا ۽ آدمشماري ١٠٠٠ کان گهٽ ٿيندي ۽ انهن ۾ ججهوتي برهمڻن جا ڌار ڌار ست پاڙا آهن. ٻارهن گهر چانديل Chandel راجپوتن جا آهن، جن جي پٽيل جو چوڻ آهي ته هو راجا پرمال ديو Paramal deo جي ڦريءَ سان واسطو رکي ٿو، جيڪو مشهور راجپوت پرٿو ي راج جو ويري هو. ڳوٺ جي چوڌاري مندر ۽ ٿرڙ نظر ايندا، جيڪي اولهه، اتر ۽ ڏکڻ - اوڀر پاسن تي ٽن مختلف مچلن ۾ تعمير ٿيل ڏسبا. اولهه پاسي وارا سيئي مندر جيڪي سب ساگر Sibsagar جي ڪناري تي اڏيل آهن، تن جو واسطو هندو ڌرم سان آهي. مينهوڳيءَ جي موسم ۾ سب ساگر اتر کان ڏکڻ منو ميل کن پکڙجي ويندي آهي. خشڪ رت اها سڪي ٦٠٠ فوٽ همچورس وڃي بچندي آهي. مذڪوره ڍنڍ ڳوٺ کان يا اتر وارن ٿرڙن کان مني ميل جي فاصلي تي ٿيندي. ڏکڻ - اوڀر وارن جين ڌرم جي مندرن کان هڪ ميل پري آهي. مجموعي طور تي سيئي ٿرڙ هڪ ميل هم چورس ايراضيءَ ۾ پکڙيل هوندا. پر اولهه واري مڇي ۽ ڪجور ساگر جي وچ تي ڪي ٿرڙ ڪونه ٿا ڏسڻ ۾ اچن، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته قديم شهر، ڍنڍ جي الهندي ڪناري تائين پکڙيل ڪونه هوندو. ڍنڍ جي ٻين ٽنهي پاسن کان ٿرڙن جا اهڃاڻ نظر ايندا، جيڪي بيضوي شڪل ۾ اتر کان ڏکڻ ٤٥٠٠ فوٽ ڊيگهه ۽ اوير

ڪان اولهه ويڪر ۲۵۰۰ فوٽ لڳاتار ڏسبا. اهڙيءَ ريت گهيرو ۱۴۰۰۰ فوٽ يا پوٹا ٽي ميل ٿئي ٿو. هي انگ اکر شين سئنگ جي بيان سان نهڪي تا اچن، جنهن هن راڄڌانيءَ جو سنہ۶۴۱ع ۾ اهو ساڳيو گهيرو ٻڌايو آهي. پر ڪنهن پوئين دور هن شهر کجورا کي ڪورر Kurar نالي تائين اوپـر ۽ ڏکڻ وڌايو ويو ٿـو ڏسجي. تنهن زمـاني ۾ هن مـاڳ جو گهيرو ساڍا ٽي ميل هو. ان زماني ۾ مهوب Mahoba ۽ کجورا هڪ جيترا شهر هوندا هئا، تنهن ڪري پڪ ڪانہ ٿي ٿئي تہ شين سئنگ جي زماني ۾ ڪهڙو شهر ملڪ جي راڄڌاني هو. پر شهر جو مهوب يا مـهـوتسـو نگر Mahotsavanenagr جنهن کي خوشين جو شـهـر City of the great Jubilee سـڏيو ويو آهي، تنهن جو چانديل راڄپوت گهراڻي سان خاص واسطو ڏيکاريو ويو آهي. ان ڪري منهنجو خيال آهي تہ مذڪوره چيني ياتري جي زماني ۾ قديم ججهوتي گهراڻي جي برهمڻن وارو شهر کجورا ئي ملڪي راڄڌاني هوندو، مگر اهو اڄين ڪان ۳۰۰ ميل پري آهي، يعني چيني ياتريءَ جي بيان ڪيل فاصلي ڪان بيٹو وڌيڪ. مان هن خيال جو آهيان تہ شين سئنگ جي ڏنل ۱۰۰۰ لي کي وڌائي ۲۰۰۰ لي يا ۳۳۳ ميل ڪرڻ ڪپي ۽ ان ڪان پوءِ هيءُ فاصلو اصلي پنڌ موجب نهڪي بيهندو. اچرج جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ ابوريحان جو قنوج ڪان ڏنل فاصلو ايترو ڪٽي ٿو جو مان سمجهان ٿو تہ سندس غلطيءَ جو سـبب بہ هڪ آهي، يعني بنديل کنڊ جي هڪ ڪوہ ۾ چئن ميلن ڪان ٿورو سرس فاصلو هوندو آهي جيڪو اتر هندستان جي ڪوہ ڪان بيٹو وڌيڪ آهي. شين سئنگ هن علائقي جو گهيرو ۴۰۰۰ لي يا ۶۶۷ مـيـل ٻڌائي ٿـو. هيءَ هڪ وڏي ايراضي آهي، سنڌ ڪـان تونس Tons جي وچ وارو علائقو بہ منجهس شامل سمجهڻ گهرجي. اتر ۾ گنگا ۽ ڏکڻ ۾ نيـہ سـراءِ Nya Sarai ۽ بلهري تائين سـاري ايراضي سـاٹس تعلق رکندي هئي. ڪالنجر جو مشـهـور قلعـو بہ هن عـلائقي ۾ آهي. مسلمانن جڏهن مهوب تي دنگو جمايو ۽ اوپر مالوا جي مضبوط قلعي چانديري کي پنهنجي راڄڌاني بنايو هو تہ چانديل گـهـراڻي جي راڄپوتن اچي هن قلعي ۾ پنهنجي سياسي سگهہ کي ڪٺو ڪيو هو.

## مهوب

مهوب جو قديم شهر گرينائيٽ Granite ٽڪريءَ جي وٽ ۾،

هميرپور Hamir pur کان ۵۴ ميل ڏکڻ، کجورا کان ۳۴ ميل اتر، بيتوا ۽ جمنا ندين جي سنگم واري ٿاڪ وٽ آهي. هيءُ نالو مهوتسو نگر Mohot savana gara جي ننڍڙي شڪل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي خوشين جو شهر. چيو ويندو آهي تہ چانديل گهراڻي جو پايو وجهندڙ چندر ورما Chandra Varama هتي اچي ميلا ملاکڙا ۽ خوشين جا موقعا ملهائيندو هو. روايتن مطابق هي شهر ڇهہ يوجن ڊگهو ۽ بہ يوجن ويڪرو آهي. هي هڪ وڏاءُ آهي، جيڪو نقل، نظير ٻڌائڻ وارا ماڻهو ڪنهن وڏي شهر لاءِ هٿ جي ناهي هٽي ويندا آهن. منهنجي ذاتي جاچ پڙتال موجب هن شهر جو ڊگهي ۾ ڊگهو پاسو بہ ڏيڍ ميل کان وڌيڪ ڪونہ ٿيندو، جيڪو اولهہ کان راءِ ڪوٽ نالي قلعي کان وٺي ڪلياڻ ساگر Kalyan Sagar تائين اوير طرف آهي. ويڪر هڪ ميل اٿس. ان حساب سان گهيرو پنج ميل بيهندو. پر ان جي ڏکڻ - اوير واري پاسي هڪ ميل همچورس ايراضي مدن ساگر Madan Sagar والاري چڙي آهي. جيڪڏهن - ۳۰ همچورس فوٽن تي هڪ ماڻهو آباد سمجهجي تہ هن شهر جي اوج جي زماني ۾ ڪل آدمشماري هڪ لک تي سگهي ٿي. مان ۱۸۴۳ع ۾ مهوب ۾ ڇهن هفتن لاءِ ٽڪيو هوس. تنهن زماني ۾ منجهس ۷۶۵ گهر آباد هئا، جن جي آدمشماري ۴۰۰۰ بہ مس هئي. ان کان پوءِ شهر ڪجهہ ترقي ڪئي آهي ۽ منجهس ۹۰۰ گهر آهن ۽ آدمشماري وڃي ۵۰۰۰ کي پهتي آهي.

مهوب جو شهر ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهريون مهوب جو خاص شهر جيڪو ٽڪريءَ کان اتر پاسي آهي. ٻيو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ڀهتري قلعو Bihatri-kilo آهي. ٽيون حصو اهو آهي، جنهن ۾ ڊرٻ Dariba آهي، جيڪو مذڪوره ٽڪريءَ کان ڏکڻ ڏس تي ڏسبو. شهر جي ڏکڻ پاسي ڪيرت ساگر Kirat Sagar نالي هڪ ڍنڍ آهي، جيڪا ڏيڍ ميل تي پکيڙيل ڏسبي. چيو ويندو آهي تہ هيءَ ڍنڍ راجا ڪرتي ورما Kirtti Varmma پنهنجي دور (۱۰۶۵ع کان ۱۰۸۵ع تائين) ۾ جوڙائي هئي. ڏکڻ ۾ مدن ساگر ڍنڍ آهي، جيڪا مدن ورما Madana Varmma (۱۱۳۰ع کان ۱۱۶۵ع تائين) ۾ نهرائي هئي. اوير پاسي هڪ ننڍي ڍنڍ ڪلياڻ ساگر اٿس. ان کان پريان ساگر ڍنڍ آهي، جيڪا وڏي ۽ اونهي آهي. چيو ويندو آهي تہ هيءَ ڍنڍ راجا وجي پال جوڙائي هئي، جنهن ۱۰۱۵ع کان ۱۰۶۵ تائين راڄ ڪيو هو. مهوب

رهجانءِ."

اها اڳڪٿي بلڪل پوري ٿي. هيما وتيءَ جو ننڍڙو ٻارڙو ويساک جي ١١ تاريخ ڪرن وتيءَ جي ڪناري تي ڄائو، جنهن ڪي نقشن ۾ ڪئن ندي لکيو ويو آهي. (٧١٩) سندس شڪل صورت هوبهو چندرمان جهڙي هئي ۽ اهي تاريخون اهڙيون هيون جو چند ٻيج واري روپ مان پونم واري شڪل ڌاري رهيو هو. چندرما جي ڄمڻ مهل سڀئي ديوتائون وتس هلي آيا ۽ ڏاڍيون خوشيون (مهوتسو Mo-hotsava) ملهايائون. ورهس پتي Verhaspati جنم پتري جوڙي ان ٻارڙي جو نالو چندرما رکيو. جڏهن هو ١٦ ورهين جي ڄمارجو ٿيو تہ هن هڪ چيتي کي ماريو هو. جڏهن هو ورهس پتيءَ سان مليو ويو تہ کيس پارس ڏنائين ۽ کيس راڄنيت جون ڳالهيون بہ سيکاريائين. تنهن کان پوءِ هن ڪالنجر قلعي جي اڏاوت ڪئي ۽ پوءِ کرجورپور Kharjur pur ويو ۽ اتي وڃي جگہ يا يجنيہ Jag or Yajnya ڪيائين، يعني بليدان ڪيائين، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سندس ماءُ تان ڪارنهن جو ٽڪو لهي وڃي. بعد ۾ ٨٥ مندرن جي تعمير ڪرايائين. انهن ڳالهين کان پوءِ راٽي چندروتي ۽ ٻيون راڻيون اچي هيماوتيءَ جي چرنن ۾ ويڻيون، ڇاڪاڻ تہ ان وقت تائين مٿس لڳل ڪارنهن جو چٽو لهي ويو هو. جڏهن اهي سڀئي ڳالهيون پوريون ٿيون تہ هو مهوت سو يا مهوب ڏانهن هليو ويو، جيڪا چندرماجي خوشين واري جڳهہ هئي ۽ ان شهر کي پنهنجي ملڪ جي راڄڌاني بنايائين.

هن واقعي جي دور کي گهڻن ڪتابن ۾ درج ڪيو ويو آهي. پر لکتن موجب چانديل گهراڻي جي سياسي سگهہ جي شروعات ۽ مهوب جي بنياد پوڻ جو دور ٨٠٠ع ۾ ٿي سگهي ٿو.

## مهيشور پور

ججهوتيءَ مان هن چيني ياتري اتر ڏانهن سفر ڪيو ۽ ٩٠٠ لي يا ١٥٠ ميل پنڌ ڪري مو - هي - شي - فا - لو - پو - لو Mo- hi-shi-fa-lo-pu-lo يا مهيشور پور پهتو هو. ان علائقي جو راجا برهمڻ هو، ججهوتي کان ايترو فاصلو جيڪڏهن اتر طرف کيو تہ وڃي قنوج پهچبو، تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ طرف ۾ غلطي ٿي وئي ٿي ياتئجي ۽ مٿي ذڪر ڪيل ٩٠٠ لي يا ١٥٠ميل اتر بدران ڏکڻ

سمجهڻ کپن. ايتري فاصلي تي ذڪرڻ منڊل Mansala جو شهر واقع آهي جنهن کي ڪنهن زماني ۾ مهيس وتي پور Mahesh mati pur به سڏيو ويندو هو(٧٢٠) ۽ نربدا جي متين علائقي جي راڄڌاني به هو. ان ڪانپوءِ تريپوري Teripuri يا تيور Tewar اچي سندس جاءِ ورتي، جيڪو جبل پور Jabal pur کان ڇهه ميل پري هڪ ماڳ آهي. مذڪوره ماڳ تمام آڳاٽو آهي. مهاونسو جو بيان آهي ته اشوڪ جي زماني ۾ (٢٤٠ق.م) ٿيرو مهاديو Thero Mahadeva کي مهيش منڊل ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. (٧٢١) هن ملڪ جي پيداوار اجين ملڪ جي پيداوار جهڙي آهي. هيءَ ثابتي ڪافي آهي ته مهيشور جڳهوتيءَ جي اتر ۾ ٿي ڪونه ٿو سگهي ڇاڪاڻ ته گواليار ۽ گنگا دوآبي جي اچي متي اجين جي ڪاري متيءَ کان گهٽي مختلف آهي. انهن سڀني جي ڪري مان نربدا جي اتر پاسي واري مهيش متي پور ۽ شين سئنگ جي بيان ڪيل مهيشوپور کي هڪ ماڳ سمجهان ٿو. هن ملڪ جو گهيرو ٣٠٠٠ لي يا ٥٠٠ ميل هو. هن پکيڙ جي لحاظ کان سندس حدون هن ريت ٿي سگهن ٿيون ته اولهه کان دوموهه Dumah ۽ ليوني Leoni ۽ اوير ۾ نربدا جو آبي ذريعو هو.

## اجين

شين سئنگ راڄڌاني يو - شي - ين - نا U - She - Yen - Na جو گهيرو ٣٠ لي يا ٥ ميل ٻڌائي ٿو جيڪو موجوده شهر جي گهيري کان ٿورو ڪجهه گهٽ آهي. ملڪ جي گهيري لاءِ سندس بيان آهي ته ٦٠٠٠ لي يا ١٠٠٠ ميل هو. اولهه پاسي کان مالوا جو ملڪ هوس جنهن جي راڄڌاني جو نالو ڌارنگر Dhara Nagar يا ڌار Dhar هو، جيڪو اجين کان ٥٠ ميل جي اندر هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اجين وارو علائقو اولهه پاسي چمبل درياهه کان اڳتي ڪونه هو پر اتر کان متـرا ۽ جيهوتي لڪن تائين ضرور پکڙيل هوندو. هن جي اوڀارين حد جو ڏنگ مهيشورپور ۽ ذڪرڻ کان ساتپور Satpura وارين ٽڪرين تائين هوندو، جيڪي نربدا ۽ تاپتي ندي جي وچ تي ڏسڻ ۾ اينديون. انهن سرحدن موجب هن علائقي کي هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو ته رنٿمبور Ranthambawar کان برهانپور تائين سندس اولاهون سنڌو هو. دوموه کان سيوني Seoni تائين

سندس اوپاريون دنگ هو ان حساب سان اجين جو گهيرو ۹۰۰ ميل ٿي سگهي ٿو. (۷۲۲)

ان زماني ۾ اجين تي پروارن ملڪن جيهوتي ۽ مهيشوپور جيان برهمڻ راڄ قائم هو، پر چيو وڃي ٿو ته جيهوتيءَ جو راجا بڌ هو باقي ٻين ملڪن جا راجا برهمڻ هئا. هن ڪان اولهه پاسي وارو مالوا راجا ڪٽر بڌ هو. شين سئنگ وارو مو - لا - پو يا مالوا الهندي اڌ واري قديم علائقي تي مشتمل هو اوڀاريون اڌ اجين سان شامل هو جنهن تي برهمڻ راجا جو راڄ هو. هن علائقي جو سياسي ورهاڱو به ڌرمي ڏڙابندي موجب ڪيل هو. اهو ورهاڱو به ڌرمي مذهبيتڙ جو ڪارڻ ٿي ويو هو. مالوا جو قديم نالو به هن ملڪ جي اولاهين اڌ تي هو، جنهن جا رهواسي ٻڌڌرم جا پوئلڳ هئا. منهنجو اندازو آهي ته برهمڻ مالوا ڪان الڳ ٿي ويا هئا ۽ اجين برهمڻن جو تازو قائم ڪيل ملڪ هو،جيڪو قديم مالوا جو حصو هو. منهنجو ويچار اهو به آهي ته مهيشور پور به ٻڌ ملڪ ڪوسل Kosala يا برار Berar جو ڀاڱو آهي، جنهن کي برهمڻن الڳ ڪري پنهنجو راڄ قائم ڪيو هو. هن ملڪ جو ذڪر هيٺ ايندو. مالوا ۾ ڪيترا وهار هئا، پر جنهن زماني ۾ شين سئنگ هتي آيو هو ته فقط ۳ يا ۴ وهار سلامت هئا جن ۾ ۳۰۰ کن شمني رهندا هئا. هندن جي مندرن جو انگ ججهو هو. اتان جو راجا برهمڻن جي لکيل اڌرمي Heretieal بابت ڪتابن کان گهڻو واقف هو.

# مالوا

شين سئنگ جي بيان موجب مو - لا - پو يا مالوا جي راڄڌاني مو - هو Mo - Ho يا ماهي Mahi ندي جي ڏکڻ - اوڀر پاسي تعمير ٿيل هئي ۽ ڀڙوچ Bharoach کان سندس فاصلو ۲۰۰۰ لي يا ۳۳۳ ميل ۽ طرف اتر - اوڀر هو. (۷۲۳) غور ڪري ڏسبو ته ٻنهي مٿيان ٻئي طرف غلط آهن، چاڪاڻ ته ڀڙوچ کان مالوا اتر - اوڀر آهي، جتان کان ماهي نديءَ جو آبي ذريعو ۱۵۰ ميل پري آهي، تنهن ڪري مان هن فاصلي کي ۱۰۰۰ لي يا ۱٦۷ ميل اتر - اوڀر سمجهان ٿو جيڪو ڌارن نگر يا ڌار جي جاگرافيائي بيهڪ سان ٺهڪي اچي ٿو جيڪا ڪنهن زماني ۾ مالوا جي قديم راڄڌاني هئي. ڌار جي موجوده شهر جي ڊيگهه منو ميل ۽ ويڪر اڌ ميل ٿيندي. اهڙيءَ ريت گهيرو

اڍائي ميل کن ٿيندو، پر قلعو شهر کان ٻاهر آهي. ان حساب سان ان ساري شهر جو گهيرو ساڍن ٽن ميلن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪونه ٿيندو. سڄي ملڪ جو گهيرو ٦٠٠٠ لي يا هڪ هزار ميل آهي. مالوا کان اولهه پاسي به رياستون هڪ کيدا Kheda جنهن جو گهيرو ٣٠٠٠ لي يا ٥٠٠ ميل ۽ ٻي رياست آنند پور Ananda pura جنهن جو گهيرو ٢٠٠٠ لي يا ٣٣٠ ميل گهيرو هو، ساڻس شامل هيون. هن کان علاوه وڌري Vadari نالي هڪ آزاد ملڪ به هن سان گڏيل هو، جنهن جو گهيرو ٦٠٠٠ لي يا ١٠٠٠ ميل هو. انهن سڀني علائقن ڪي گڏائي بيان ڪيو ويو آهي، جن جي اولهه ۽ اوڀر ۾ ڪڇ ۽ اجين، اتر ۾ گجرات ۽ ٻئرات ۽ ڏکڻ ۾ بلڀي ۽ مهاراشٽر به آهن. وچ واري ساري علائقي جو گهيرو ١٣٥٠ ميل ٿيندو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته مٿي بيان ڪيل ڏن پرو رياستون مالوا ۾ ضم ڏيکاريون ويون آهن. اهڙيءَ ريت ڏن پرو رياستون ۽ مالوا ملڪ جو ڏاکڻيون ۽ وڌري کي اتريون اڌ سمجهڻ گهرجي. ان جوڙجڪ موجب مالوا جي حد هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿي ته اتر پاسي وڌري، اولهه کان بلڀي وارو علائقو، ڏکڻ کان اجين ۽ اوڀر کان مهاراشٽر هو. ان ريت هي گهيرو ڪڇ ۾ بناس Banas ندي جي چوڙ کان وٺي مونديسر Mondisar پرسان چمبل نديءَ تائين، ٻئي پاسي کان دامان Daman ۽ ماليگام Maligam جي وچ وارين سهيادري Sahyadri ٽڪرين کان برهانپور کان هينان تاپتي ندي تائين نقشي جي سڌي ماپ مطابق گهيرو ٨٥٠ ميل ۽ سٽڪ جي فاصلي موجب ١٠٠٠ ميل ٿئي ٿو. ابوريحان جو بيان آهي ته (٧٢٤) نربدا کان ڌار جو فاصلو ٧ فرسنگ ۽ ان کان پوءِ مهرت – دس Mahrat - Das وارو دنگ ١٨ فرسنگ پري آهي. هن ڳالهه مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڌار وارو علائقو ڏکڻ پاسي تاپتي نديءَ تائين پکڙيل هوندو.

شين سئنگ جو بيان آهي ته ٻڌڌرم جي اپياس جي ناتي سان ساري هندستان ۾ سڀني کان وڌيڪ به ملڪ مشهور آهن جن مان هڪ اتر – اوڀر مگڌ ۽ ٻيو ڏکڻ – اولهه مالوا آهي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته مالوا ۾ سوين وهار آهن، جن ۾ ٻڌڌرم جي سمتيه Sammatiya فرقي جا ويهه هزار شمني رهندا آهن ۽ سندس اچڻ کان ٥٠ سال اڳ سلادتيه نالي هڪ راجا هتي راڄ ڪندو هو جيڪو ٻڌڌرم جو ڪٽر پوئلڳ هوندو هو.

# کيدا

شين سئنگ ٻڌائي ٿو تہ کي - چا Ke - Cha وارو علائقو مالوا کان ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل اتر - اولهہ پاسي آهي. (٧٢٥) ايم جولين ۽ ايم ووين ڊي سئنٽ مارٽن هن جي معنيٰ ڪڇ Khacha سمجهن ٿا ۽ سندس خيال آهي تہ اهو ڪڇ وارو اپيٽ آهي . مان ڪن ٻين سڀني جي آڌار تي هڪ ٻيءَ پڙهڻي جو قائل آهيان، جيڪڏهن چ Cha جي پدن وارن نالن تي ويچار ڪبو تہ اهو پد پاٽلپتر ۽ ڪڪوت جي نالن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو جتي هُو ت جي اچار جي نمائندگي ڪندي نظر ايندوآهي. اهڙيءَ ريت وري او - چا - لي جو نالو جنهن جو ايم جولين ترجمو اتالي Atali ڪيو آهي، تنهن ۾ بہ ڏسجي ٿو تہ ڊي سئنٽ مارٽن ان کي ٿل يا ٿر وارو رڻ پٽ سمجهي ٿو. اهڙيءَ ريت کي - چا Ke - Cha جي معنيٰ بہ کيتا Kheta ٿي سگهي ٿي. ڏنو وڃي تہ کيرا Kaira جي صحيح سنسڪرتي شڪل کيدا Kheda آهي. هي گجرات جو هڪ مشهور شهر آهي، جيڪو احمد آباد ۽ کنيات جي وچ تي واقع آهي. تنهن ڪري مان هن چيني ياتريءَ جي بيان ڪيل کي - چا - ماڳ کي کيدا سمجهان ٿو. اها بہ حقيقت آهي تہ شين سئنگ جو لکيل فاصلو ٣٠٠ لي آهي پر ڏنو وڃي تہ هن ياتريءَ جي هن پاسي واري سفر ۾ طرفن ۽ فاصلن سان لاڳاپيل ڪيتريون چڪون آهن. تنهن ڪري مان سندس سفر نامي جي متن ۾ ڪجهہ تبديليون ڪرڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪونہ ٿو ڪريان ۽ ان کي ١٣٠٠ لي يا ٢١٧ ميل سمجهان ٿو ۽ اهو ئي کيدا ۽ ڌار جي وچ ۾ اصلي فاصلو آهي. جڏهن اسان سمجهون ٿا تہ مالوا علائقي سان اجين دنگئي آهي ۽ اولهہ کان ٻنهي جي سرحد ٢٥ ميلن تائين گڏيل آهي تہ پوءِ اهو ممڪن ڪين ٿي سگهي ٿو تہ ڌار کان ٥٠ ميل پري ڪو ٻيو ماڪ موجود ٿي سگهي ٿو، جيڪڏهن ائين سمجهيو ويندو تہ اجين ۽ کيدا جي وچ وارو علائقو ٥٠ ميل سسي گهٽجي ويندو، پر جيڪڏهن منهنجي تصحيح کي قابل قبول سمجهيو ويندو تہ اهو مونجهارو دور ٿي سگهي ٿو. ان حساب سان مالوا جي اولهہ پاسي وارو علائقو کيدا ٿيندو. شين سئنگ هن علائقي جو گهيرو ٢٠٠٠ لي يا ٥٠٠ ميل ٻڌايو آهي جيڪو ڪيئرا جي ايراضيءَ سان ٺهڪي بيهي ٿو، جنهن جو اولهہ پاسي وارو دنگ

سابرمتي ۽ اوير - اتر واري پاسي کان ماهي نديءَ وارو وڏو وڪڙ ۽ ڏکڻ ۾ ٻڙودا آهي. شڪل وصورت ۾ ڏنگو ڦڏو ۽ همچورس ڏسبو.

# آنند پور

شين سنگ ٻڌائي ٿو ته او - نن - تو - پو - لو O - Nan - To - Po - Lo ولڀي کان ٧٠٠ لي يا ١١٧ ميل اتر - اولهه پاسي آهي. (٧٢٦) هن شهر کي جينين جي ڪلپ سوتر Kalpa Sutra جي آڌار تي ايم ڊي سينٽ ڊي مارٽن برنگر Barnagara سمجهيو آهي، پر طرف اوير - اتر ۾ فاصلو ٩٠٠ لي يا ١٥٠ ميل آهي. برنگر جو ذڪر اڳي ئي ڪيو ويو آهي ته هن شهر جو سنسڪرتي نالو وڊپور Vada pur يا برپور Barpur آهي. علائقي جو گهيرو ٢٠٠٠ لي يا ٣٣٣ ميل ٻڌايو ويو آهي، جيڪو مالوا جو ڏن ۾روهو. هن علائقي کي جيڪڏهن ٽڪندي شڪل ڏبي ۽ سمجهبو ته ان جي اولهه ۾ بناس جو چوڙ ۽ اوير ۾ سابرمتي درياه هو ته ڏنل گهيرو پڇي بيهندو.

# ودري يا ايدر

شين سئنگ مالوا کان ڏکڻ - اولهه سفر ڪيو هو. ٻن سمنڊن جي سنگم وٽ پهچي اتر - اولهه ڏانهن رخ ڪيو هئائين ۽ اچي او - چا - لي O - Cha - Li يا ودريءَ واري ماڳ وٽ رسيو هو. (٧٢٧) اهو سارو فاصلو ٢٤٠٠ کان ٢٥٠٠ لي يا ٤٠٠ کان ٤١٧ ميل هو. هتي ٻن سمنڊن جي سنگم جو مطلب شايد هي آهي ته ان ٿاڪ وٽ ڏکڻ وارو ۽ ڪنيات جي نار وارو سمنڊ اچي پاڻ ۾ ملندا هئا. سورت جو شهر جنهن جو قديم نالو سورپارڪ Surparka ۽ ٽاپتي نديءَ جي چوڙ وٽ آهي، شايد تنهن کي نار Gulf جو لنگهه سمجهيو ويندو آهي، چاڪاڻ ته اهو ماڳ ڌار کان ڏکڻ - اولهه پاسي آهي. امڪان آهي ته شين سئنگ پهريائين هيءُ ماڳ اچي ڏٺو هوندو. هن جو فاصلو ٢٠٠ ميل کن ٿيندو. سورت کان ايدر تائين به فاصلو اهو ساڳيو آهي پر طرف اوير - اتر آهي. تنهن ڪري مان اتر - اولهه بدران اهو طرف اوير - اتر سمجهان ٿو. ان حساب سان ايدر Eder جي جاگرافيائي بيهڪ شين سئنگ جي بيان ڪيل ماڳ سان ذري گهٽ مشابهه آهي. مون کي پتو نه آهي ته ايدر جو سنسڪرتي نالو ڇا آهي؟ پر قوي امڪان اهي ته

بسنت ڳڙهه Basant garh مان هٿ آيل لکت ۾ تحرير ٿيل ودري نالي وارو ماڳ هيءُ ٿي آهي. (٧٢٨) ٻارهين صديءَ جي وچ ڌاران ودري پر واري ودپور نرنگر جي راڄڌاني هو جيڪو ايڊر کان ٣٠ ميل اولهه ۾ سابرمتيءَ جي ٻيءَ پر واقع هو. هتان جي راجا جي دعويٰ آهي ته هو راجا ڀواگپت Bhave Gupta جي ڦريءَ سان واسطو رکن ٿا جيڪو جنگي جوڌو ۾ هن ڦريءَ جي راجائن جو ابو ڏاڏو هو. منهنجي خيال ۾ هي ڀاوا يا ٻاپا اهو ساڳيو راجا آهي، جنهن کي اڌيپور جي مؤرخن سسوديه Sisodiya جو ڀاو Bhav يا ٻاپا Bappa سڏيو آهي، جنهن جا ابا ڏاڏا ايڊر جا راجا رهندا آيا آهن. جيئن ته راجا ٻاپا جو دور اٺينءَ صديءَ جي شروعات ۾ متعين ڪري سگهجي ٿو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سندس ابن ڏاڏن جو زمانو اهو آهي، جنهن دوران شين سئنگ هتي آيو هو. انهن سڀني ڪري مان هن خيال جو آهيان ته ايڊر وارو ماڳ هٿ آيل لکت مطابق ودري ۽ چيني سيلاني جي لکت مطابق اوتالي Otali يا ودري آهي.

هن علائقي جو گهيرو ٦٠٠٠ لي يا ١٠٠٠ ميل ٻڌايو ويو آهي،جيڪو نظر اچي ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اتالي Atali يا ودري وارو علائقو به سائٽس شامل هوندو، جنهن جي اتر ۾ ويراٽ Vairatجي وچ واري ايراضي، اولهه ۾ گجرات، اوپر ۾ اجين ۽ ڏکڻ ۾ مالوا هئا. تنهن ڪري سندس اتر ۾ اجمير ۽ رنٿمبور، لوٽي ۽ چمبل نديون اوپر ۾ اولهه ۾ ڏکڻ ۾ مالوا هوندو، يعني ڪڇ جي رڻ واري بناس نديءَ کان مونديسر پرسان چمبل نديءَ تائين آهي. هن علائقي جو گهيرو نقشي جي سڌيءَ ماپ مطابق ٩٠٠ ميل ۽ سٽڪ جي فاصلي سان ١٠٠٠ ميل ٿيندو. پليني سنڌوءَ جي هيٺئين پاسي واري وهڪري جي اوپر ۾ رهندڙ مختلف قومن جي احوال ۾ جيڪي ڳالهيون ٻڌايون آهن، تن جي آڌار تي ايڊر ۽ اوسي پاسي جي علائقن جي رستن بابت حال احوال هيٺ ڏجي ٿو(٧٢٩)

”ان کان پوءِ ناراءِ Nareae جي قبيلي جا ماڻهو آهن، جن جي ملڪ جي چوڌاري هندستان جو اتاهون جبل ڪئپيٽلي ڦري اچي ٿو. هن جبل جي ٻئي پاسي کان ماڻهو سون ۽ چاندي کوٽي ڪڍندا آهن. انهن کان اوراتوراءِ جو قبيلو آهي، جنهن کي اوراتاءِ به سڏيو ويندو آهي، جنهن جي بادشاهه کي فقط ڏهه هاٿي آهن پر ڪيس پيادل

لشڪر تمام گهڻو آهي. ويريتتاءِ Varetatae يا سورتتتاءِ Suratatatae قوم جي راجا وٽ ڪو هاٿي ڪونہ آهي، پر گهوڙيسوار دستا ۽ پيادل فوج نهايت سگهاري اٿس. ان کان پوءِ اودمباءِ راءِ Odambaerae جو ملڪ آهي." پڇاڙيءَ ۾ بيان ڪيل قوم ڪڇ سان لاڳاپيل سمجهي وڃي ٿي. مٿي جنهن جبل جو ڪئپٽليا جي نالي سان ذڪر ڪيو ويو آهي سو مقدس آربودا Arbuda يا آبو Abu جبل آهي جيڪو سمنڊ جيءَ مٿاڇري کان ٥٠٠٠ فوٽ اتاهون آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ناراءِ قبيلي جا ماڻهو سرو Sarui ملڪ جا رهواسي آهن، جنهن کي ڪانن جو ملڪ Country of reeds بہ سڏيو ويندو آهي. سر Sar ۽ نڙ Nar ٻئي ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. سرن وارو اهو ملڪ Country of reeds اڄا تائين بہ ڪانن يا تيرن ناهڻ ۾ مشهور آهي.

اراتوءِ جي ماڻهن کي ودپور Vada pura يا بريور علائقي جو رهواسي سمجهي سگهجي ٿو، جنهن جو ٻيو نالو برنگر بہ آهي. جيڪڏهن يوناني لفظن ۾ ٿوري مٽ سٽ ڪبي تہ اوراتوراءِ نالو ٺهي پوندو جنهن کي اوراپور Orapura سمجهڻ کپي. پليني جي ڏنل فهرست مطابق آخري نالو وٽري تتاءِ Varetatae آهي، جنهن کي بدلائي هن ريت وتريتاءِ Vitaretae پڙهڻ کي ترجيح ڏيان ٿو، جنهن ۾ ٻن اکرن جي مٽ سٽ ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت سائوراتراتاءِ Suaratataratae لفظ جون مختلف ايڊيشن ۾ مختلف پڙهٽيون آهن. امڪان آهي تہ سائوتراتا ۽ لفظ سوراشتريہ جي مفهوم ڏيکارڻ لاءِ ڪتب آندو ويو هجي. هندستان جي مشهور مصنف وراه مهرا Varaha Mihira سوراشتريہ ۽ بادر کي هڪ جاءِ تي لکيو آهي.. سندس بيان آهي تہ اهي ذڪڻ اولهہ هندستان وارن علائقن جا رهندڙ ماڻهو آهن. (٧٣٠) هن بيان جي نقطہ نگاه کان چئي سگهجي ٿو تہ اهي ماڻهو بادري Badari يا وادري Vadari آهن.

مان سمجهان ٿو تہ ودري نالو بدري واري علائقي کي سڏيو ويندو آهي جنهن جي معنيٰ آهي اهو علائقو جنهن ۾ ٻيريون Jujuloe تمام گهڻيون ٿينديون آهن ۽ اهو وٽ ذڪڻ راجپوتانا ۾ ججهو ٿيندو آهي. ان لاءِ مونکي هن علائقي جي اوسي پاسي قديم سووير Sauivira جي ڳولا ڪرڻ گهرجي، جنهن کي سوفير Sophir يا اوفير Ophir

ڪري لکيو ويو آهي، چاڪاڻ تہ سوويرِ ورديءَ جو ٻيو نالو آهي جنهن جي معنيٰ ٻير جو وڻ آهي. ان جو مفهوم سوادي ٻير بہ ٿي سگهن ٿا. هندستان ڪي قبطي ٻوليءَ ۾ اڄ سوڏو بہ سوفير Sophir چيو ويندو آهي پر هيءُ نالو هندستان جي ساموندي ڪناري واري ان علائقي سان واسطو رکي ٿو جتي اولهہ جا واپاري جام پيا ايندا ويندا هئا. مون کي شڪ ٿئي ٿو تہ اهو علائقو ڪنپات نار جي اوسي پاسي هوندو، جيڪو قديم زماني کان وني اولهہ سان واپار ڪرڻ ۾ شهرت رکندو هو. يونان جي ساري تاريخي دور ۾ باري گازا Barygaza يا ڀڙوچ جو مشهور شهر تجارت جو مرڪز رهيو آهي جيڪو نربدا نديءَ جي ڇوڙ وٽ قائم هوندو هو. چوٿين صديءَ دوران هن علائقي جو ڪجهہ حصو ٻليپيءَ سان شامل ڪيو ويو هو، جيڪو گجرات جي اڀيبٽ ۾ واقع هو. وچين دور ۾ ان جو ڪجهہ حصو ڪنپات سان شامل ڪيو ويو هو،جيڪو نار جي مٿئين حصي ۾ واقع هو. موجوده دور ۾ هو سورت سان ڳنڍيل آهي جيڪو تاپتي نديءَ جي ڇوڙ وٽ وسندڙ هڪ مشهور شهر آهي.

جيڪڏهن منهنجو ويچار صحيح آهي تہ سوويرِ جو لفظ ٻير جي وڻ تان ورتو ويو آهي تہ پوءِ امڪان اهو آهي تہ هيءُ بدري Badri يا ايڊر واري علائقي جو ٻيو نالو سمجهڻ گهرجي جيڪو ڪنپات جي نار جو مهڙ وارو علائقو آهي. هيءُ علائقو ان جاگرافيائي بيهڪ سان مطابق آهي جتي، اسان کي هن علائقي کي ڳولڻ کپي. رودر دامر Rudra Dama جي قديم لکت موجب بہ سوراشتريہ Surashtra ۽ ياروڪڇ Bharukachha کان پوءِ ڪڪور Kukura، اپارنت Aparanta ۽ نشد Nishada کان پهريائين سنڌو سووير Sindhu - Sauvira جو ذڪر ڪيو آهي. (٧٣١) بيان جي نسبت مطابق سنڌو - سوير کي سوراشتريہ ۽ ڀڙوچ کان اتر ۽ نشد کان ذڪڻ طرف هئڻ گهرجي يا وري ائين جهڙيءَ ريت مان ان کي ڪوهہ آبوءَ ڀرسان سمجهان ٿو. وشنو پراڻ ۾ بہ سنڌو سووير واري علائقي کي هن ايراضيءَ جي اوسي پاسي سمجهيو ويو آهي. بيان هن ريت آهي: صفا اولهہ پاسي سوراشٽر، سورا Suras، ابير Abhiras، آربود Arbudas آهن. ڪروش Karushas ۽ مالوا Malavas پاريپاترا Paripatra جي جبلن جي وچ پاسي ۾ رهندا آهن. سووير سنڌو Sindhavas، هن Hunas، سالوا Salwas، اسڪالا Sakala ۽ مدرا Madras نيات

جا ماٺهو اولاهين پاسي رهندا آهن. (۷۳۲) هتي گهٽين ڳالهين کانسواءِ ودري يا ايدر جي چوڌاري اولهه، اوڀر، ڏکڻ ۽ اتر جيڪي علائقا آهن، تن جو ذڪر ڪيو ويو آهي پر ودريءَ جو پنهنجو ذڪر نظر ڪونه ٿو اچي. نه رڳو اهو پر ڪيدا، ڪنيات ۽ انهلواڙ جو حال احوال به ڪونه ٿو ڏسجي، جنهن مان اندازو ڪري سگهان ٿو ته مٿيان علائقا ضرور سنڌ – سوويرمر شامل هوندا. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ودري يا سنڌ – سووير ڏکڻ راجپوتاناواري ايراضي تي مشتمل هوندو.

عهد عتيق جي قديم يوناني ٻوليءَ ۾ ترجمي مطابق عبراني ۾ اوفير Ophir جي معنيٰ سوفير ڪئي وئي آهي. هيءَ هجي مصر جي قبطي نالي سوفير Sophir تان ورتي وئي تي پائنجي. هيءَ نالو پهريون ڀيرو اسان کي Book of Jobs ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اوفير Ophir جو ديوتا (خدا) تمام سهٽن گٽن وارو آهي. (۷۳۳) پوئين دور جي صور Tyreجو بادشاهه حرم Huram حضرت سليمان جي ملازمن سان گڏجي اوفيرَ Ophir آيو هو ۽ اتان ۴۵۰ ٽئلينٽ سون خريد ڪري حضرت سليمان جي دربار ۾ ڪٽي آيو. (۷۳۴) اوفير جي سون جو ذڪر وري عيسيٰ Isaiah ڏانهن به منسوب ڪيو ويو آهي. سندس بيان آهي ته "مان ماڻهوءَ کي سون کان وڌ ملهائتو بنائيندس. پر اوفير جي سونيءَ ڏتيءَ کان به وڌيڪ قيمتي." (۷۳۵) مان سمجهان ٿو ته ان سونيءَ ڏتيءَ جي تور ۵۰ شيڪل هئي. چيو ويندو آهي ته اها آچن Achan نالي هڪ ماڻهوءَ لڪائي هئي. منهنجو خيال آهي ته ان سونيءَ ڏتيءَ جو واسطو به اوفير سان هوندو. (۷۳٦)

هاڻي ثابت ڪرڻ لاءِ فقط هيءَ ڳالهه رهجي وڃي ٿي ته ودري يا ايدر وارو علائقو ئي هو جنهن کي اوفير سڏيو ويندو آهي ۽ اڄ به اهو دنيا ۾ سون پيدا ڪندڙ ملڪ سڏيو ويندو آهي. هن مامري ۾ اها شاهدي آهي ته بلڪل ننڍڙي پر گهٽي چٽي آهي. وڌ ۾ وڌ قديم شاهدي جيڪا آءُ هتي پيش ڪرڻ چاهيان ٿو سا پلينيءَ سان واسطو رکي ٿي. سندس بيان آهي ته ڪئپتليا (آبو) جبل جي ٻئي پاسي رهندڙ ماٺهو سون ۽ چانديءَ جي کاڻين جا مالڪ آهن. (۷۳۷) موجوده دور ۾ هندستان اندر فقط اراولي ٽڪرين وارو سلسلو آهي، جتان چاندي ججهي مقدار ۾ ملندي آهي. انهن ٽڪرين تان وهندڙ برساتي

نئن جي پيٽن مان وري سون ليندو آهي جنهن جا نمونا هندستان جي عجائب گهر ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

پر جيڪڏهن ڪنيات جي نار اولهه سان واپار ۽ تجارت ناتي سان مشهور هوندي ته هن مان اهو مفهوم هرگز وٺڻ نه گهرجي ته اهو علائقو سون جي پيداوار ۾ به مشهور هوندو. موجوده دور ۾ بمبئي به ساڳئي اولهه سامونڊي ڪناري سان واقع آهي ۽ ٻين علائقن جهڙوڪ مالوا جو آفيم ۽ برار جي ڪپهه هتان ڏيساور موڪلي ويندي آهي. اها هڪ فطري ڳالهه آهي ته جتي تجارتي ڏيتي ليتي هلندي هوندي ته سون به انهن ماڳن ڏانهن هليو ايندو هوندو ۽ اولهه جي تجارتي مال جي ملهه طور ادا به ڪيو ويندو هوندو.

# اوڀر هندستان

سنتين صديءَ ۾ آسام بنگال، گنگا جي چوڙ وارو علائقو سنبل پور Sambhal pur اوڙيسا ۽ گنجم Ganjam هندستان جي اوڀارئين ڀاڱي ۾ هئا. (٧٣٨) شين سئنگ هن علائقي کي ڇهن ملڪن ۾ ورهائي ٿو، جهڙوڪ ڪامروپ Kamprupa سمتت Samtata تمريلي پتي Tamryalipti ڪرن Karana سوورن Suvarna اودرا Odra ۽ گنجم. هنن جو ڌار ڌار ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

# ڪامروپ

شين سئنگ پنودر ورڌن Panudra Vardhna يا پبنه Pubna ڪان اوڀر روانو ٿيو ۽ ٩٠٠ لي يا ١٥٠ ميل سفر ڪري هڪ ندي اڪري ڪيا - مو - ليو - پو Kia- Mo - Liu - P يا ڪامروپ پهتو، جيڪو آسام Asam جو سنسڪرتي نالو هو. (٧٣٩) هن علائقي جو گهيرو ١٠٠٠٠ لي يا ١٦٦٧ ميل هو. سندس وڏي پکيڙ مان پتو پوي ٿو ته ساٹس برهمپتا واري ماٿري به شامل هئي. ان کان علاوه ڪوس وهار Kusa Vihara ۽ پوتان به هن سان گڏ هئا. قديم زماني ۾ برهمپترا واري ماٿري ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل هوندي هئي، جن کي اوڀاريون، وچون ۽ اولاهيون ڀاڱو سڏيو ويندو هو. انهن مان هڪ جو نالو سديه Sadiya، ٻئي جو آسام Assam ۽ ٽئين جو ڪامروپ Kamrupa هوندو هو. منجهائن ڪامروپ هڪ

سگهارو ملڪ هو ۽ هندستان جي ٻين علائقن کان وڌيڪ ويجهو هو، تنهن ڪري سڄي ماتري هن نالي پنيان مشهور هئي. ڪوسوهار ڪامروپ علائقي جو صفا اولاهيون حصو هوندو هو. ان ڪانسواءِ سڄي ملڪ ۾ سڪر سٽائي وارو سدا سائو ڊائو علائقو هو، تنهن ڪري ملڪ جا راجا بہ اچي هتي رهندا هئا، نہ تہ عام طور تي ملڪي راڄڌاني ڪمتي پور Kamati pura ۾ هوندي هئي، تنهن ڪري سارو ملڪ هن جي نالي پنيان سڏجڻ لڳو. (٧٤٠) چيو ويندو آهي تہ ڪامروپ جي قديم راڄڌاني گوهاٽي Gohati هوندي هئي، جيڪا برهمپترا جي ڏاکڻين ڪناري سان واقع هئي. هاڻي ڪوسوهار جي راڄڌاني ڪمتي پور پورا ٩٠٠ لي يا ١٥٠ ميل پبنہ کان پري آهي (٧٤١) پر طرف سر اتر آهي. ان جي جاءِ تي گوهاٽي ان کان بيٽي فاصلي يا ١٩٠٠ لي يا ٣١٧ ميلن تي واقع آهي ۽ پبنہ کان اتر - اوڀر طرف تي ٿيندو. مٿي بيان ڪيل اڳين ماڳ جو فاصلو چيني ياتريءَ جي بيان ڪيل فاصلي جيترو آهي، تنهن ڪري وسهي سگهجي ٿو تہ ڏهين صديءَ ۾ ڪامروپ جي راڄڌاني هوندو. هن ڳالهہ جي هن حقيقت مان بہ پنيرائي ٿئي ٿي تہ هتان جي ماڻهن جي ٻولي وچ هندستان جي ٻوليءَ کان ڪجهہ مختلف آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اهو آسامي علائقو نہ هوندو. ساڳئي وقت مان هن خيال جو بہ آهيان تہ جيڪا راڄڌاني چيني ياتريءَ ڏني هئي سا برهمپترا ماتريءَ ۾ گوهاٽي نہ پر هندستاني علائقي ڪوسوهار ڪامتي پور هوندي. هن چيني ياتريءَ جيڪا وڏي ندي پار ڪئي هئي سا برهمپترا بدران تيست Tista هوندي.

ڪامروپ جي ايرندي پاسي کان چين جي شو Shu علائقي جي ڏکڻ - الهندي واري ڪنڌ اچي ملندي آهي، جتان جا ماڻهو جهنگلي ۽ وحشي هئا پر سٽڪ ڏاڍي ڏکي هئي، جنهن جا بہ رخ هئا. ڏکڻ - اوڀر واري پاسي کان نهايت گهاٽا ٻيلا هوندا هئا جن ۾ جهنگلي هاٿي جام هوندا هئا ۽ موجوده دور ۾ بہ اها ساڳي حالت آهي. هتان جو راجا برهمڻ هو، جنهن جو نالو ڀاسڪر ورما Bhaskara Varmma هو. سندس دعويٰ هئي تہ هو نارائڻ يا وشنو ڀڳوان جي اولاد مان آهي ۽ سندس گهراڻو گذريل ١٠٠٠ پيڙهين کان وٺي هتان جو حڪمران رهيو آهي. شين سئنگ جو بيان آهي تہ اهو راجا ڪٽر قسم جو ٻڌ هو ۽ ٻڌڌرم واري جلوس ۾ هرش ورڌن سان گڏ

هو، جنهن ٦٤٣ع ۾ پاٽليپترا کان قنوج ڏانهن ويندي ان جلوس جي اڳواڻي ڪئي هئي.

## سمتت

سمتت ملڪ يا سن - موتا - چا San - Mo - Ta - Cha ڪاموپ کان ۱۲۰۰ کان ۱۳۰۰ لي يا ۲۰۰ کان ۲۱۷ ميل ڏکڻ طرف ۽ تامرليپتي Tamarlipti يا تملوڪ Tamluk کان ۹۰۰ لي يا ۱۵۰ ميل اوپر پاسي هو. (۷۴۲) پهرئين بيان مطابق اهو ماڳ جسر Jasar يا جيسور Jesore جي جاگرافيائي بيهڪ سان ٺهڪي اچي ٿو. اهو به امڪان آهي ۽ بيان به هن ماڳ ڏانهن اهڃاڻ ڏيکاري ٿو. تملوڪ کان ڏيکاريل طرف ۽ فاصلو اسان کي وڻي هلي سندري وڻ Sundri vana يا سندربن Sundarban وٽ بيهاريندو. هيءَ ماڳ هرڻ گهاٽ Hurna ghat ندي باقر گنج جي وچ تي واقع آهي، جنهن جي درياهي وهڪرن جا ڪيترا پيٽ نظر ايندا. هتان کان سڌڪ رستي هينئين بنگال تائين فاصلو نقشي جي سڌي ماپ کان چوٿون حصو وڌيڪ آهي. اهڙيءَ ريت جيسور ۽ تملوڪ جي ٻنهي فاصلن ۾ ۲۰ ميلن جو فرق آهي. رستي جي فاصلي مطابق جيسور کان ڍاڪا ۱۰۳ ۽ ڪلڪتو ۷۷ ميل آهي، پر نقشي جي سڌي فاصلي موجب ڍاڪا ۸۲ ۽ ڪلڪتو ۹۲ ميل پري ٿيندو. شين سئنگ جيڪو رستي جو سفر ۱۵۰ ميل ٻڌائي ٿو سو نقشي جي سڌي فاصلي مطابق جيسور ۽ تملوڪ جي وچ ۾ ۱۲۰ ميل ٿيندو. پر تملوڪ اوپر پاسي کان خشڪيءَ وسيلي پهچ جوڳو ڪونه آهي. تنهن ڪري هن پنهنجي سفر جو اڌ پنڌ پاڻي وسيلي ڪيو هوندو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته سندس ۱۵۰ ميلن وارو سفر اڌ خشڪيءَ ۽ اڌ پاڻيءَ وسيلي ڪيو ويو هو، جنهن کي ڪچڻ ممڪن ئي ڪونه آهي. اڳئين قديم نالي مورلي Murali بدران هاڻي اسان کي جسر ۽ پل جا نالا ڏسڻ ۾ ايندا. اهو سڀ ڪجهه ملڪ جي متاچري ڪري آهي ڇاڪاڻ ته هنڌين ماڳين پاڻيءَ جا وهڪرا لنگهندي پيا نظر ايندا، جيڪي رستن ۽ پلين جوڙڻ کان اڳ ٻيڙين وسيلي رابطي جو اهم ڪم سر انجام ڏيندا هئا. امڪان آهي ته جنهن شهر کي ٽالمي گنگ ريجيا Gange regia سڏيو آهي سو مورلي يا جسر هجي.

سمتت ملڪ جو ذڪر الهه آباد جي ٿلهه تي سمندر گپت جي

ڪيل لکت ۾ (٧٤٣) ملي ٿو ۽ ان سان گڏ ڪامروپ ۽ نيپال جو بہ ذڪر ڏسجي ٿو. وراه مهرا جي جاگرافيائي فهرست ۾ بہ هن ماڳ جو نالو نظر اچي ٿو. مذڪوره مصنف ڇهين صديءَ جي شروعات تائين بہ زنده هو. (٧٤٤) پروفيسر لئسن هن ماڳ لاءِ Baspay littoral جا لفظ ڪتب آندا آهن، جنهن جو مطلب آهي تہ اهو هيناهون ۽ سمنڊ جي وٽ سان هڪ علائقو هوندو. سندس بيان شين سئنگ جي بيان سان ٺهڪي اچي ٿو، جيڪو ٻڌائي ٿو تہ مذڪوره علائقو هيناهون گهم پريو ۽ سمنڊ جي ڪناري ويجهو هو. ماڻهو قد جا ننڍڙا ۽ ڪارسرا هئا. جهڙيءَ ريت بنگال جي موجوده دور جا ماڻهو آهن. هنن سيني ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو تہ سمتٽ وارو علائقو گنگا جي ڇوڙ وارو علائقو آهي. هن علائقي جو گهيرو ٣٠٠٠ لي يا ٥٠٠ ميل ٻڌايو ويو آهي تنهن ڪري سمجهہ ۾ اهو اچي ٿو تہ ڇوڙ وارو ڀاڱرتي ۽ گنگا جي مکيہ وهڪري جي وچ وارو ٽڪنڊو علائقو بہ منجهس شامل هوندو.

شين سئنگ جو اهو بہ بيان آهي تہ سمتٽ کان اوير پاسي ڪيترا ئي ملڪ موجود هئا. هو انهن جا طرف ٻڌائي ٿو پر فاصلن بابت معلومات ڪونہ ٿو ڏئي. تنهن ڪري انهن جي نالن جي سڃاڻ ڪرڻ ڏکي آهي. انهن مان پهريون شي - لي - چا - تا - لو Shi - Li - cha - Ta - Lo آهي جيڪو سمتٽ کان اتر - اوير هڪ ماٿريءَ ۾ ۽ سمنڊ جي ڪناري سان واقع هو. (٧٤٥) تي سگهي ٿو تہ سندس مطلب سري - ڪشيترا Sri - Kshatra يا سري - ڪشيترا Sri - Kshetra هجي جنهن کي ايم وين ڊي سئنٽ مارٽن سئہ - هٽ Sai - Hata - يا سلهٽ سمجهي ٿو جيڪا گنگا جي ڇوڙ کان اتر - اوير پاسي آهي. هيءُ شهر ميگن Magan نديءَ جي ماٿريءَ ۾ واقع آهي. مذڪوره شهر توڙي جو سمنڊ کان گهڻو پري آهي، تنهن هوندي بہ نظر ائين اچي ٿو تہ چيني ياتريءَ جو بيان ان متعلق آهي. ٻيو ملڪ ڪيا - مو - لئنگ - ڪيا - Kia - Mo - lang - kia آهي جيڪو مٿي بيان ڪيل ملڪ کان پريان اوير پاسي ۽ اپسمنڊ جي پرسان واقع آهي. منهنجي خيال پٽاندر اهو ڪوميلا Komilla وارو علائقو آهي، جيڪو تيپرا Tipera ۾ ميگن نديءَ جي اوپر پاسي آهي ۽ بنگال واري اپسمنڊ جي مٿئين پاسي موجود آهي. ٽيون ملڪ تو - لو - پو - تي To - Lo - Po - Ti آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيل آخري ملڪ کان

اوپر پاسي آهي. ايمر جولين هن نالي جو مطلب دوروتي Dwaravati
ٻڌائي ٿو پر اهو ڪونه ٿو ٻڌائي ته اهو ڪهڙي ماڳ جو نالو آهي.
منهنجي خيال ۾ اهو علائقو تلئنگوتي Talaingvati آهي، جيڪو
تلئند يا پيگو Pego نيات جي ماڻهن جو ملڪ آهي. وتي Vati برما
جي علائقن جي نالي جي هڪ پڇاڙي هوندي آهي جهڙوڪ: هنس وتي
Hans vati، دويه وتي Dwaya vati، دنيـــه وتي Bunya vati
وغيره. ان کان پوءِ ٻيو نالو شئنگ – نا – پو – لو Shang - Na -
Po - Lo هو جيڪو بيان ڪيل آخري ماڳ کان اوپر طرف واقع هو. ان
کان اڳا به اوپر پاسي مو – هو – چين – پو Mo - Ho - Chen -
Po ۽ وري ان کان به ڏکڻ اولهه پاسي، يين – مو – نا – چيو Yen -
Mo - No - Chau جو ملڪ هو. هنن مان پهريون ملڪ شان Shan
کل يا لائوس Laos سان لاڳاپو رکي ٿو. ٻيو چو چين چينا Cho
Chin China يا انم Anam آهي. ايمر جولين موجب ٽيون يمنا –
دويپ Yamana - Dwipa يا ياوا دويپ Yava - Dwipa يا
جاوا آهي.

## تامرلي پٽي

تان – مو – لي – تي يا تامرلي پٽي جو گهيرو ١۴٠٠ لي کان
١۵٠٠ لي يا ٢۵٠ ميل (٧۴٦) هو جيڪو هڪ ماٿريءَ ۾ سمنڊ جي
ڪناري سان واقع هو. علائقو هيٺاهون هو ۽ سدائين منجهس پاڻيءَ جون
ڇرون ڏسبيون هيون، جنهن جي راڄڌاني اپسمنڊ جي وٽ سان هئي
جنهن تائين پاڻيءَ ۽ خشڪي وسيلي پهچي سگهبو هو. تامرلي پٽي،
تملوڪ جو سنسڪرتي نالو آهي، جيڪو روپ نارائڻ Rup narayan
جي ڪاڏل ڪناري تي ۽ هگلي Hugli سان سنگم واري ٿاڪ کان ١٢
ميل مٿي هو. هيءُ علائقو ننڍو هو پر آباد گهڻو هو ۽ هگليءَ جي
الهندي ڪناري سان واقع هو. ان جي اتر کان بردوان Bardwan ۽ ڪلنا
Kalna ۽ ڏکڻ کان ڪوسئي Kosai ندي هئي. نالو تمليتس Tamaltes
پالي ٻوليءَ جي نالي تامليتي Tamalitti تان ورتل ٿو ڀائنجي.

## ڪرن – سوورن

شين سئنگ جي بيان موجب کي – لو – نا – سو – فا –

لانا يا ڪرن سوَرن جي راجڌاني تامرلپي پٽي کان اتر - اوير ٧٠٠ لي يا ١١٧ ميل پري هئي. اهڙيءَ ريت اودرا Odra يا اوڙيسا کان بہ ساڳئي فاصلي تي پري هو. (٧٤٧) ستين صديءَ ۾ اوڙيسا جي راجڌاني وئترني Vaitarani نديءَ جي ڪناري تي واقع جاجيپو Jajipu هو، تنهن ڪري ڪرن سورن جي مکيہ شهر کي سورن رکش - Swarana Riksha نديءَ جي ڪناري سان سنگهڀوم Singhbhum يا بڙاڀوم Barabhum علائقي جي اوسي پاسي نهارڻ گهرجي. پر هندستان جو هيءُ جهنگلي علائقو ايترو تہ اڻ ڄاتو آهي جو مان هن قديم ماڳ جي سڃاڻ لاءِ ڪو واضح اشارو ڏئي ڪونہ ٿو سگهان. بڙاڀوم واري علائقي ۾ بڙا بازار نالي هڪ مشهور شهر آهي. شين سئنگ جنهن شهر جو بيان ڪيو آهي، تنهن جي مذڪوره شهر جي جاگرافيائي بيهڪ سان هڪ جهڙائي معلوم ٿئي ٿي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ستين صديءَ دوران اهو شهر هن علائقي جي راجڌاني هوندو. علائقي جو گهيرو ٤٤٠٠ لي کان وٺي ٤٥٠٠ لي يا ٧٣٣ کان ٧٥٠ ميل هو. ان سبب چئي سگهجي ٿو تہ اولهہ ۽ اوير پاسي ميدني پور Medinipur سيرگج Sirguja جون ننڍڙيون جابلو رياستون اتر ۾ ڏکڻ طرف دمود ۽ وئترني ندين جي آبي ذريعن وارا علائقا بہ ساڻس شامل هوندا.

هن وڏي علائقي تي هاڻي ڪيترن قبيلن جا ماڻهو رهندا آهن جن کي گڏي ڪولهان Kolhan يا ڪول Kols سڏيو ويندو آهي، پر جيئن تہ اهي ماڻهو مختلف ٻولين جا ڌار ڌار لهجا ڳالهائيندا آهن، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سندن مختلف نسلن سان واسطو آهي، جن مان مکيہ منڊا Munda ۽ اراؤن Uraon آهن. ڪرنل ڊالٽن .Col Dalton جو بيان آهي تہ (٧٤٨) هن علائقي جي پهرئين والار منڊا ڪلَ جي ماڻهن ڪئي هئي، ان کان پوءِ ٻوارائون نيات جا ماڻهو اچي هتي آباد ٿيا هئا. توڙي جو اهي ماڻهو هن ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نظر ايندا. ساڳئي ڳوٺ ۾ آباد ساڳيون ٻنيون ڪيڙيندا، ساڳئي ڏينهن تي غم ۽ خوشيون ملهائيندا آهن پر سندن ذات ۽ نيات الڳ هوندي آهي ۽ پنهنجي ذات ۽ نيات تان هٿ ڪڻڻ کان سواءِ، پاڻ ۾ سڱاوندي ڪري ڪونہ سگهندا آهن. ٻولين جي مختلف لهجن مان بہ پتو پوي ٿو تہ سندن واسطو ڌار ڌار نسلن سان آهي. ڌار نسل جي تصديق ٻوليءَ جي ڌار لهجي مان بہ ٿي وڃي ٿي ۽ معلوم ٿئي ٿو تہ اراؤن ڪُر وارا ماڻهو

ڏکڻ تامل جي ڦريءَ سان لاڳاپو رکن ٿا. منڊا جو تعلق وري اتر واري جابلو علائقي سان آهي، جيڪي سنڌوءَ کان وٺي بنگال جي اپسمنڊ تائين هماليه ۽ ونڌيا جي جابلو علائقن ۾ رهندا آهن.

مُنڊ کَلَ جي ماٺهن سان ڪيترين ذاتيون لاڳاپيل آهن. ڊاڪٽر ڊالٽن جي (٧٤٩) بيان موجب اهي ايلچ پور جا ڪور Kuars، سيگج ۽ جسپور جا ڪوروَ Korewas، چوٽا ناگپور جا ڪيريا Kherias، سنگهه يوم جا هور Hor، مان يوم Man Bhum ۽ ڊال يوم Dhal bhum جا سنتال Santalais ۽ مان يوم، سنگهه يوم، ڪٽڪ Katak، هزاري باغ Hazari bagh ۽ پاڳل پور جا يومج Bhumij گهراڻا آهن. هن سان گڏ سندس اهو بيان به آهي ته ڪٽڪ جي ماتحت علائقن ۾ جؤنگس Juangas يا پٽون Pattun (جيڪي وڻن جا پن ڍڪيندا آهن) ذات به رهندي آهي جيڪا سيني کان الڳ ۽ نياري آهي. ڪين ڪو پتو به ڪونه آهي ته انهن جو ٻين ڪيترين ذاتين سان رشتو ناتو آهي. سندن ٻوليءَ مان پتو پوي ٿو ته اهي سيئي هڪ ڪُر سان لاڳاپيل آهن ۽ سندن ويجهي ۾ ويجهو مائٽاڻو لاڳاپو ڪيريا نيات سان آهي. سندن الهندي نيات سان لاڳاپيل ذاتيون هي آهن: مالوا جا ڀيل Bhil ۽ گجرات جا ڪانهيڊ Kanheds ۽ ڪولي Koli وغيره. ڏکڻ پاسي وري هن ڪل جي ٻي ڦري آهي تنهن کي سور Suras يا سئار Suars سڏيو ويندو آهي. الهندا ۽ اڀرندا گهاٽ سندن ديس آهن.

ڊاڪٽر ڊالٽن جي بيان (٧٥٠) پٽاندر "سنگهيوم ۾ رهندڙ هو Ho يا هور Hor منڊ قوم جو اصل آهن." سندس بيان آهي ته: "هي سگهارا اصلوڪا ۽ ڏاڍا دلچسپ ماٺهو آهن. ڏسڻ وائسڻ ۾ ناهوڪا آهن. قد ڪاٺ ۾ هور نسل ڏاڍو اڙٻنگ ڏسبو ۽ پنهنجي آزاديءَ تي فخر ڪندا آهن. سندن منهن مهاندا به ائرين جي بيان جيان آهن يعني نڪ ڍڳها، وات وڏا پر خوبصورت، ڏند موتين داڻا، مُنهن مَنجي به ڏاڍي ناهوڪي جهڙي هندو نسل ۾ ڏسبي آهي." جيڪڏهن سندن مهاندو ائرين جي بيان ڪيل مهاندي کان مختلف يا ڪاڪيشيا جي نسل کان ٿورو ٻيو هوندو ته اهي ڪارسرا منگول پيا لڳندا. سندن جسماني ڍول وچولو ۽ رنگ ۾ پوري ۽ ڪارسري ڦڪي رنگ جي وچ تي ڏسبي.

منڊ ٻوليءَ جي لهجن مطابق مرد کي هو Ho، هور Hor، هيرو

Hero يا هوڪو Hoko چيو ويندو آهي. سنگهيوم جي ماڻهن کي هن نالي سان سڏيو ويندو آهي . ڪرنل ڊالٽن جي اهڙي بيان جي پٺڀرائي ٿئي ٿي ته اتان جي ماڻهن کي سندن ڏيل ڏيا ڪارڻ اهڙي نيات جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ۽ اهي منڊا ڪل جي سگهارن ماڻهن منجهان آهن. پر اهي پاڻ کي لاڙڪ Laraka به سڏائيندا آهن يعني لڙڻ وارا، جنگجو، جوڌا جوان. سندن ذات جي هن نالي مان به پتو پوي ٿو ته هو منڊا ڪل جي سگهاريءَ نيات سان واسطو رکن ٿا.

ڪرنل ڊالٽن منڊ نالي جي ڪا سمجهاڻي ڪونه ٿو ڏئي پر منهنجو خيال آهي ته سنگهيوم جي هور يا منڊ نسل جي ڳوٺ جي مکيءَ يا پٽيل کي منڊ يا موٽو Moto سڏيو ويندو هوندو. ان ڪري مان هن خيال جو آهيان ته منڊ هن نسل جي حڪمران طبقي سان واسطو رکندا هئا. وشنو پراڻ ۾ به منڊ Munda جو نالو ملي ٿو ۽ (٧٥١) ٻڌايو وڃي ٿو ته اهو راجائي گهراڻي جو نالو آهي جنهن يارهن راجائن تشارا Tushara يا تکاري Takhari کان پوءِ واري واري سان راج ڪيو. وايو پراڻ ۾ اهڙو نالو نظر ڪونه ٿو اچي پر ان بدران مارنڊ Marund جو ذڪر ملي ٿو. ممڪن آهي ته اهو منڊ جو ٻيو نالو هجي. مارنڊ جو لفظ ٻي ۽ ٽين صديءَ جي لکتن ۾ ڏسجي ٿو. (٧٥٢) ٽالمي به مارنڊ جو ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي ته مارنداءِ Marundai نيات جا ماڻهو گنگا درياهه جي اتر پاسي رهندا آهن پر درياهه جي ڏکڻ ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ چوي ٿو ته اهي ماندلي Mandli آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهي چوٽا ناگپور جا منڊ هجن ڇاڪاڻ ته سندن ملڪ منڊل ڪري سڏيو ويندو آهي. اهو هڪ خيال آهي پر منڊولي جي جاگرافيائي بيهڪ مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته اهو پليني جو بيان ڪيل مونيڊس Monedas ڪُر جي ماڻهن وارو علائقو آهي، جن سؤري Suari قريءَ جي ماڻهن سان گڏجي هڪ ٻيٽ نما علائقو آباد ڪيو هو. جيڪو پاليبوٿري کان ڏکڻ طرف واقع هو. (٧٥٣) منڊ ۽ سؤر نسل جي ماڻهن جي اصلي ذرتي به اها ئي آهي. مون کي پڪ ٿئي ٿي ته اهي ٻئي هڪ قريءَ سان لاڳاپو رکن ٿا. پليني به مونيڊس Monedes ۽ سؤري Suari کي هم اصل نسل ڄاڻايو آهي.

پليني جو ٻئي هنڌ وري هي بيان آهي ته منڊي Mandei يا مالي Malli ڪالنجاءِ Calengae ۽ گنگا جي وچ واري علائقي ۾

آباد آهن (۷۵۴) مالي قوم واري علائقي ۾ مالس Mallus نالي هڪ جبل آهي جيڪو مونيڊس سؤلي قبيلن وارو مشهور جبل ماليس Maleius آهي. قوي امڪان اهو نظر اچي ٿو ته اهي بئي نالا مشهور مندر Maundar جا آهن جيڪو ڀاڳل پور جي ڏکڻ ۾ آهي. هن لاءِ هڪ مشهور ڏندڪٿا آهي ته ديوتائن ۽ دئتن گڏجي هن جبل سان سمنڊ ولوڙيو هو. مان سمجهان ٿو ته مها نديءَ جي پر پاسي رهندڙ قبيلي جي ماڻهن کي مندي Mandie ڪوٺيو ويو آهي ۽ هيءَ ئي ٽالمي جو مَنَدَ Manada آهي، تنهن ڪري مالي Malli يا مالئي Malei اهي ماڻهو آهن جن کي ٽالمي منڊلاءِ Mandalae لکيو آهي. اهي پاليبوترا جي ڏکڻ ۾ ۽ گنگا جي ساڄي ڪناري سان آباد هئا. ٿي سگهي ٿو ته هي اهي ماڻهو هجن، جيڪي راج محل واري جابلو علائقي ۾ آباد هئا ۽ جن کي مالر Maler ڪري سڏيو ويندو هو. امڪان آهي ته اهو لفظ ڪنڙي جي ميل Male يا تامل جي لفظ ميلئي Malei تان ورتو ويو هجي جنهن جي معنيٰ ٽڪري آهي. تنهن ڪري اهو هندي لفظ پهاڙي يا پربتي ماڻهو جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

پلينيءَ جو جيڪو سئوري Sauri قبيلو آهي، تنهن کي ٽالمي سبراءِ Sabrae لکيو آهي. اهي بئي نالا سوَر Savaras يا سؤر Suars قبيلي جا آهن، جيڪو هتان جو اصلي رهاڪو ۽ جهنگلي آهي ۽ ڪاٺ ڪٽي پيٽ پاليندو آهي ۽ گهر ناهي هڪ جائتو ٿي ڪونه ويهندو آهي. سؤرنيا جي ماڻهن جو علائقو ڪوندن Khonds جي علائقي کان پوءِ شروع ٿئي ٿو ۽ ڏکڻ ڏانهن هلندو وڃي پينار Pennar نديءَ تائين ڊنگ ڪندو آهي. سور يا سؤر ماڻهن جو ايرندن گهاٽن سان لاڳاپيل هڪ اهڙو قبيلو آهي، جنهن جي ماڻهن جو انگ تمام ججهو آهي ۽ گواليار ناروار Narwar ۽ ڏکڻ راجپوتانا تائين پکڙيل ڏسبا آهن. گواليار جو سواري Sawaris يا سبريا قبيلو ناروان ۽ گون Guna جي اولهه پاسي ڪوٽا Kota واري سرحدي جهنگلن ۾ رهندو آهي. چمبل درياه جا وٽيون پاسا ۽ ان جي ڇاڙهن جي ڪنڌين ڪنارن سان ڦرندا رهندا آهن ۽ اتان جي مقامي قبيلي سان گڏجي گذاريندا آهن جن کي تاڊ راجپوتانا جا سوريا Suria سڏيو آهي. ٽالمي هن کي سوراءِ Sorea جو سانگي قبيلو سڏيو آهي ۽ کين ڪوندل Kondals فئليتاءِ Phyllitae يعني گونڊ ۽ ڀيل لکيو آهي. تنهن ڪري مان

سمجهان ٿو ته هي وچ هندستان جي سؤر يا سور قبيلي جا ماڻهو آهن، جيڪي وئن گنگا Wain Ganga جي منهن کان وني گهڻو هيٺ پکڙيل آهن ۽ ڪين ڪستنا Kistna نديءَ جي ماٿريءَ ۾ به گهمندو ڦرندو ڏسبو آهي. ڪرن Kirana جي معنيٰ به گڏيل نسل جو يا جهنگلي ماڻهو آهي. تنهن ڪري امڪان آهي ته ڪرن سؤرن Kirana Suvarana جي اصلي معنيٰ جهنگلي سوَر يا سؤر Suar آهي.

ستين صديءَ ۾ هن ملڪ جي راجا جو نالو شي - شئنگ - ڪيا She - Shang - Kia يا سسانگڪا Sasangka هو جيڪو ٻڌڌرم تي سختي ڪرڻ ۾ گهڻو مشهور هو. مان پين نائيٽ برٽش ميوزم Payne Knight British Museum هن راجا جو هڪ سڪو ڏٺو هو، جنهن تي سندس سچو نالو لکيل هو. سڪن جي ٻئي مجموعي ۾ به سندس نالي جا پيا به ڪيترا سڪا نظر ايندا.

## اودر يا اوڙيسا

يو - چا U - Cha يا اودا جي ملڪ جو بيان اهڙو نظر ايندو جنهن مان معلوم ٿيندو ته اهو موجوده دور وارو اودر يا اوڙيسا آهي. شين سئنگ جي حياتيءَ جي احوال مان معلوم ٿيندو ته(٧٥٥) اودر جي راجڌاني تامرليپتي کان ٧٠٠ لي ڏکڻ اولهه پاسي هئي. مذڪوره طرف ۽ فاصلو جاجيپور Jajipura سان نهڪي اچي ٿو، سندس بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته اودر ڏانهن روانو ٿيڻ کان اڳ ڪرن سوورن کان موٽي تملوڪ پهتو هو. هن چيني ياتريءَ جي سفر نامي ۾ لکيل طرف ۽ فاصلو ڪرن سوورن Kirana suvarena تان ورتا ويا آهن. (٧٥٦) مان سمجهان ٿو ته اهو غلط ڪيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته اهو طرف ۽ فاصلو راجڌانيءَ جو ڏيکاريو ويو آهي. طرف جي لحاظ کان اهو ڪرن سوورن کان سڌ ڏکڻ آهي پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اهو جاجيپور هجي يا ڪٽڪ Katak هجي.

ان علائقي جو گهيرو ٧٠٠٠ لي يا ١١٦٧ ميل ڏيکاريو ويو آهي. ڏکڻ - اوير پاسي سان سمنڊ هو ۽ ڪناري سان چي - لي - تا - لو - چينگ Che - Li - Ta - Lo - Ching يا چريترا پور Charitra pura نالي هڪ بندر هو جتان مال لهندو ۽ چڙهندو هو. امڪان آهي ته هي شهر پوري Puri هجي، جنهن جي پرسان جگن ناٿ

جي اوسي پاسي جاچڻ گهرجي. مونيدس ۽ سوري ماڻهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهي منڊ Munda ۽ سور Suars ۽ اوريٽس وارا ماڻهو اوڙيسا ۾ رهندڙ ماڻهن کان سواءِ ٻيا ڪونہ آهن. ملي Mali دراوڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي جبل يا ٽڪري. اراؤن قبيلو يا اولهہ اوڙيسا جا ماڻهو اجا تائين دراوڙي ٻوليءَ جو هڪ لفظ ڳالهائيندا آهن، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مالس Mallus ڪنهن خاص جبل جو نالو ڪونہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هي تلنگانا Talengana جو مشهور جبل سري پروت Sri Parvat هجي ۽ سري پروتيہ آنڌرا Sri Parvatiya Andhra بہ ان تان ئي نالو پيو هجي.

هن ملڪ جي قديم راڄڌاني ڪٽڪ جو شهر هو جيڪو مهانديءَ جي ڪناري واقع هو. پر ڇهين صديءَ جي پهرين حصي ۾ راجا رجاتي ڪيسري Rajati Kesari پنهنجي راڄڌاني ججاتي پور Jajati pur ۾ قائم ڪئي هئي، جيڪا وئترني Vatarani نديءَ جي ڪناري تي واقع هئي. اهو ساڳيو شهر جاجيپور Jajipur جي ٻگڙيل نالي ۾ اڄ بہ موجود آهي. انهيءَ ساڳئي راجا ڀو ونيسور Bhu Vaneswara ۾ ڪيترا ئي مندر اڏايا. پر هن شهر جو بنياد لليتندر ڪيسري Lalitendra Kesari نالي هڪ راجا رکيو هو. هن علائقي جي ماڻهن جي زبان ۾ ان جا اچار وچ هندستان جي ٻين ٻولين کان گهٽ ڌار آهن ۽ اڄ تائين اهو ويڇو قائم رهندو اچي ٿو.

هن علائقي جي اتر - اولهہ پاسي بہ ٽڪريون هيون جن مان هڪ جو نالو پش پگري Push Pagiri هو. جنهن جي معنيٰ آهي گلن واري ٽڪري. مذڪوره ٽڪريءَ تي انهيءَ نالي سان وهار ۽ اسٽوپا هو، جيڪو پٿرائون هو. پر ٻي اتر - اولهہ واري ٽڪريءَ تي رڳو اسٽوپا جوڙيل هو. منهنجي خيال ۾ اهي ٻئي اديہ گري Udaya giri ۽ کنڊ گيري Khanda giri نالي واريون مشهور ٽڪريون آهن، جن مان ٻڌرم سان لاڳاپيل ڪيتريون گفاؤن ۽ لکتون هٿ لڳيون آهن. مذڪوره ٽڪريون ڪٽڪ کان ۲۰ ميل ڏکڻ طرف ۽ ڀونيسور واري مندرن جي مُچلي کان ۵ ميل اولهہ پاسي آهن. اسٽوپائن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهي ڪن دئٽن جوڙيون آهن. منهنجو ويچار آهي تہ شين سئنگ جي زماني تائين انهن گفائن يا ٽڪرين وارين اسٽوپائن بابت ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي.

# گنجم

اودرا جي راڄڌانيءَ ۾ ترسڻ کان پوءِ هي چيني ياتري ڏکڻ - اولهہ طرف روانو ٿيو ۽ ۱۲۰۰ لي يا ۲۰۰ ميل پنڌ ڪري ڪونگ - يو - تو Kong - Yu - To پهتو هو. (۷۵۸) ڪوشش جي باوجود هي ماڳ ڪو نہ سڃاتو ويو آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ ايم ووين ڊي سئنٽ مارٽن هن ٺاڪ جي صحيح جاگرافيائي بيهڪ کي سڃاڻي ورتو آهي جيڪو چيلڪ Chilka ڍنڍ جي اوسي پاسي ڪٿي آهي. چيو وڃي ٿو تہ راڄڌاني اپسمنڊ تي يا ان جاءِ تي هئي، جتي ٻہ سمنڊ پاڻ ۾ ملندا هئا. هن بيان مان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اهو شهر چيلڪ ڍنڍ ۽ سمونڊ پرسان هوندو، ڇاڪاڻ تہ سمنڊ پرسان پاڻيءَ جي ٻي ايڏي وڏي چر ٻئي هنڌ ڪاٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪا نہ ٿي اچي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هن علائقي جي راڄڌاني گنجم ڪانسواءِ ٻيو شهر ٿي ڪو نہ ٿو سگهي. پر نقشي جي سڌي فاصلي موجب جاجپور کان جنگم ۱۳۰ ميل آهي ۽ سڙڪ سان اهو پنڌ ۱۵۰ ميل ٿيندو. مان سوچي هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ هي چيني ياتري اديہ گري ۽ کنڊ گري ٽڪري جي ياترا کانپوءِ چريتر پور Charitar pur کان ٿيندو گنجم آيو هو، پر جيڪڏهن هن ائين ڪيو آهي تہ اهو نقشي جي سڌي فاصلي مطابق ۱۶۰ ميل ۽ سڙڪ جي پنڌ موجب اهو فاصلو ۱۹۰ ميل بيهي ٿو جيڪو هن چيني سيلانيءَ جي اندازي سان سهمت آهي.

ايم جولين هن لفظ جو چيني ٻوليءَ جي پڊن موجب مفهوم ڪونيوڌ Konyodha ٻڌائي ٿو. پر هن نالي سان ڪا بہ جڳهہ نہ آهي. منهنجي ڄاڻ موجب ايم پاٿيئر M.Pauthier بہ هن نالي جو مطلب ڪڍيو آهي (۷۵۹) جيڪو ڪيون - يو - مو Kiuan - Yo - Mo آهي ۽ اهو گنجم جو مفهوم ڏيکاري ٿو. پر اهو مفهوم ۽ مطلب ڪيئن ۽ ڪٿان ورتو ويو آهي؟ تنهن جو ڪو پتو ڪو نہ آهي. هئملٽن جو ويچار آهي تہ هن نالي جي معنيٰ The depot آهي. جيتري قدر منهنجي معلومات جو تعلق آهي تہ هن لفظ کي اڪيلي طور ڪم ايندي ڪو نہ ڏٺو ويو آهي پر هن کي بنياد وجهندڙ جي نالي سان يا انهن شين سان گڏ اچاريو ويندو آهي، جيڪي هن شهر ۾ جام وڪيون وينديون آهن. جهڙوڪ رام گنج معنيٰ رام منڊي، ٺٺار گنج Thithar Ganj

معنيٰ نانارن جي منڊي. علائقي جو گهيرو ۱۰۰۰ لي يا ۱۲۷ ميل ٻڌايو وڃي ٿو، جنهن مان پتو پوي ٿو ته رسي ڪليه Rasi Kuliya نديءَ جي مختصر ماٿريءَ تائين محدود هو. هيءُ علائقو ننڍڙو ضرور هو، پر هن جي اهميت تمام گهٽي هئي. شين سئنگ جو بيان آهي ته هتان جا فوجي نهايت سگهارا ۽ بهادر هئا. هتان جو راجا به ايڏو ته سگهارو هو جو سندس پير پاسي وارا ملڪ به ڏن پريندا هئا ۽ ڪنهن کي به ساڻس مهاڏي اٽڪائڻ جي سگهه ڪانه هوندي هئي. هن بيان مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته شين سئنگ جي ياترا واري زماني ۾ هن ملڪ جو راجا لليتندر ڪيسري هو، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن ۶۱۷ع کان ۶۷۶ع تائين پورا سٺ سال راڄ ڪيو ۽ اوڙيسا جي تاريخ ۾ سندس نالو گهڻو مشهور ۽ معروف آهي. پر جڏهن هي چيني سيلاني چئن سالن کان پوءِ بيهر مگڌ آيو ته قنوج جو راجا هرش ورڌن هو جيڪو نهايت سگهارو حڪمران هو (۷۶۰) هو تازو گنجم جي راجا کي شڪست ڏئي پنهنجي ڏيهه وريو هو. ٻنهي راجائن جي وچ ۾ جنگ جو ڪارڻ ڇا هو؟ تنهن جو پتو ڪونه آهي، پر هرش ورڌن ڪٽر قسم جو ٻڌ هو. هوڏانهن لليتندر وري پڪو هندو هو. ٻنهي ۾ ڌرمي مڏيڀيد جنگ جو ڪارڻ هوندو. هن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته گنجم قنوج جو ڏن پرو ۽ اوڙيسا علائقي جو حصو بڻجي ويو هوندو.

شين سئنگ ٻڌائي ٿو ته گنجم جي لکت وچ هندستان جهڙي هئي، پر ان جي ٻولي ۽ اچار ٻنهي ڌار ۽ الڳ هئا. هن بيان مان اهو سمجهي سگهجي ٿو ته ستين صديءَ جي وچ تائين هندستان جي گهڻي ڀاڱي ۾ هڪ جهڙي آئيوتا رائج هئي. هن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته ٻڌرم جي مختلف برادرين ۾ رابطو اڃا قائم هو، توڙي جو هندن جي زور وٺڻ جي ڪري محدود به ٿي ويون هيون.

## ڏکڻ هندستان

شين سئنگ جي بيان موجب ڏکڻ هندستان ان ساري اپٻيٽ تي مشتمل هو، جيڪو تاپتي ۽ مهانديءَ کان ڏکڻ پاسي هو، جنهن جي اولهه پاسي کان ناسڪ Nasik ۽ اوڀر طرف گنجم هو. اهو سارو علائقو نون ملڪن ۾ ورهايل هو، جنهن ۾ سري لنڪا سمجهڻ کپي ۽ اها هندستان سان شامل ڪڏهن به ڪانه سمجهي وئي آهي. اهي سيئي

ملڪ سن۰ ٦٤۰ع ۾ پاڻ ڏوري وجي ڏٺا هئا ۽ ڪلنگ Kaling نالي ملڪ ۾ اتر - اوڀر طرف کان داخل ٿيو هو. پوءِ اتر الهندي رخ ڪري ڪوسل ۽ آنڌار به ويو هو. بعد ۾ ڏکڻ ڏانهن رخ ڪري ڌنڪڪت Dhankakata، جوريه Joriya ۽ دراويد Dravida کان ٿيندو ملڪوت Malakut پهتو هو. هو دراويد جي راڄڌاني ڪانچي Kanchi ۾ هو ته سري لنڪا جي راجا جي قتل ٿيڻ جي خبر ٻڌي هئائين. سندس ارادو سري لنڪا وڃڻ جو هو، پر وڳوڙي وايومنڊل جون ڳالهيون ٻڌي ارادو بدلائي ڇڏيائين. ان ڪري هن وري اتر ڏانهن سفر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هلندو وجي ڪونڪن Konkana ۽ مهاراشتريه Maharashatra نڪتو، جيڪي ڏکڻ هندستان جي نون ملڪن مان آخري رياستون هيون. (٧٦١)

# ڪلنگ

ستين صديءَ ۾ ڪي - لئنگ - ڪيا Kei - Leng - Kia يا ڪلنگ ملڪ جي راڄڌاني گنجم کان ۱٤۰۰ لي کان ۱٥۰۰ لي يا ۲۳۳ کان ۲٥۰ ميل ڏکڻ - اوڀر طرف واقع هئي. (٧٦٢) طرف ۽ فاصلي جي لحاظ سان اهو ماڳ راجا مهندري Raja Mahendri ٿي سگهي ٿو، جيڪو گوداوري نديءَ جي ڪنڌيءَ سان واقع آهي يا سامونڊي ڪناري وارو ڪرنگ وارو ٿاڪ ٿي سگهي ٿو. پهريون ماڳ گنجم کان ۲٥۱ ميل ڏکڻ - اولهه طرف واقع آهي ۽ ٻيو ساڳئي طرف ۲٤٦ ميل پري آهي. مٿي بيان ڪيل اڳئين ماڳ لاءِ چيو ويندو آهي ته اهو قديم دور کان وني ملڪ جي راڄڌاني رهندو آيو آهي. مان سمجهان ٿو ته هي ماڳ اهو آهي جنهن کي چيني ياتريءَ ڏوري وجي ڏٺو هو. چيو ويندو آهي ته ڪلنگ جي راڄڌاني سري ڪڪول Sri Kakola يا چڪا ڪول Chikakol نالي هڪ شهر هوندو هو جيڪو ڪلنگ پٽم کان ۲۰ ميل ڏکڻ - اولهه پاسي هو. ملڪ جو گهيرو ٥۰۰۰ لي يا ۸۳۳ ميل هو. سندس حدون ڪونه ڏيکاريون ويون آهن. پر اهو اولهه پاسي کان اندرا سان مليل هو. ڏکڻ کان ڌنڪڪت، ڏکڻ اولهه واري سرحد گوداوريءَ جي ڪنارن کان اڳتي وڏيڪ ڪانه هوندي ۽ اتر - اولهه واري طرف کان اندرا وتيءَ جي ڇاڙهه گوليه Goaliya سندس دنگ سمجهيو ويندو هو. انهن سرحدن مطابق ڪلنگ جو گهيرو

٨٠٠ ميل ٿيندو. هن علائقي جو خاص گڻ اهو آهي تہ منجهس مهندر Mahandra نالي هڪ جابلو سلسلو نظر ايندو ۽ سندس اهو نالو مهاڀارت واري دور کان اڄ تائين قائم آهي. هن جابلو سلسلي جو ذڪر وشنو پراڻ ۾ بہ مليل ٿو ۽ ٻڌايو وڃي ٿو تہ اتان رشي ڪُليہ Rishi Kulya نالي هڪ ندي وهي نڪرندي آهي. پر جيئن تہ هيءَ گنجم علائقي جي مشهور ندي آهي، تنهن ڪري مهندر نالي واري جابلو علائقي جي سلسلي کي هڪدم سڃاڻي وٺجي ٿو. اهو مهندر مالي Mahandra Mali نالي وارو جابلو سلسلو آهي، جيڪو گنجم کي مها ندي جي ماٿريءَ کان الڳ ڪري بيهاري ٿو.

راجا مهيندري چالڪيہ Chalkiya گهراڻي جي هڪ ننڍڙي چاڙهہ وينجي Vengi جي راجائن جي راڄڌاني هوندو هو ۽ سندس راڄ جي حد اوڙيسا تائين قائم هوندي هئي. وينجي گهراڻي جو راڄ ٥٤٠ع ڌاران قائم ڪيو ويو هو. ان زماني ۾ هن چاڙهہ جي راجا وينجي پور Vengi pur نالي هڪ قديم راڄڌاني فتح ڪئي هئي جنهن جا ٿرڙ الور Ellur کان پنج ميل اتر ۽ راجا مهيندري کان پنجاهہ ميل ڏکڻ اولهہ وينجيءَ ويجهو اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا. وينجيءَ جي راجا سن ٧٥٠ع ڌاران ڪلنگ کي فتح ڪيو هو ۽ سنت ئي هن پنهنجي راڄڌاني مٽائي راجا مهيندري ۾ ڪئي.

ڪلنگ جو پليني بہ ذڪر ڪيو آهي(٧٦٣). سندس بيان آهي تہ هن علائقي ۾ منڊئي Mandei ۽ مالي Malli قبيلا ۾ مشهور جبل ماليس Maleus واقع آهي. شايد هي رشي ڪليہ جي منهن وارو اتاهون جبل آهي، جيڪو گنجم جي علائقي ۾ واقع آهي ۽ سندس نالي مهندر مالي يا مهندر جبل آهي. ان جي ڏکڻ ۾ ڪلنگاءِ جو ملڪ آهي، جيڪو ڪلنگون Kalingo چُڪ ۽ ڊنڊگوڊ Dandaguda يا ڊنڊگل Dandagula شهر تائين پکڙيل ڏسڻ ۾ ايندو (٧٦٤) جيڪو گنگا جي چوڙ کان ٥٧٤ ميل پري آهي. مٿي بيان ڪيل طرف ۽ فاصلي جي لحاظ کان هيءُ ماڳ ساموندي بندر وارو شهر ڪورنگ Korings آهي ۽ گوداوري جي چوڙ وٽ ڪورنگن Koringan نالي ڌرتيءَ جي هڪ چُڪَ بہ آهي. ڊنڊگوڊ يا ڊنڊگل شهر لاءِ مان اهو چئي سگهان ٿو تہ اهو ٻڌ تذڪرن وارو دانت پور Danta pura آهي، جيڪو ڪلنگ جي راڄڌانيءَ جي نقطہ نگاهہ کان گهٽو ڪري تہ راجا

مهندري آهي، جيڪو ڪورنگ ڪان رڳو ٣٠ ميل اتر - اوڀر طرف واقع آهي. يوناني اکر T ۽ ii ۾ گهٽي هڪجهڙائي ڏسبي آهي. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته يوناني طرز ۾ لکيل نالو ضرور دانتا پولا Danta pula هوندو جيڪو ٻڌ تذڪرن جي دانت پور جي بلڪل ويجهو آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته پليني جي دور کان ٿورو اڳ ڪلنگ ۾ مهاتما ٻڌ جو ڏند دفن ڪيو ويو هوندو. ٻڌ تذڪرن ۾ به ان ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته مهاتما ٻڌ جي وفات کان ڪجهه عرصو پوءِ ڪاٻو ڪاٽيئو ڪلنگ آٽي وقت جي راجا برهم دت دفن ڪرايو هو. (٧٦٥) دانت پور لاءِ چيو ويندو آهي ته اهو شهر هڪ وڏي درياهه جي ڪناري واقع هو. مذڪوره درياهه فقط گوداوري ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪستنا Kistna ڪلنگ جي حدن مان ڪانه وهندي آهي. هيءَ هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن وسيلي ثابت ٿي سگهي ٿو ته دانت پور قديم راڄڌاني راجا مهيندري وارن ماڳن تي آباد ۽ گوداوري جي اتر - اوڀر واري ڪناري سان واقع هئي. ٽالمي جنهن ماڳ کي Pitundra metropolis سڏيو آهي سو شايد مهيندري آهي جنهن کي هن مئسولاس Maisolos يا گوداوريءَ جي ڪناري سان ڏيکاريو آهي. هن مان سندس مقصد اهو درياهه آهي، جيڪو مسوليپٽم Masulipatam مان وهندو آهي.

ڪلنگ جي قديم راڄڌانيءَ کي سنها پور Sinha pura به سڏيو ويندو هو. (٧٦٦) هيءُ ماڳ راجا سنها بهو Sinha bahu جي نالي پنيان ڪوٺيو ويندو آهي. (٧٦٧) ڇاڪاڻ ته هن شهر جو بنياد وجهندڙ اهو راجا هو. (٧٦٨) جيڪو راجا وجيه Vijaya جو پيءُ هو. هيءُ پهريون راجا آهي جنهن جو سري لنڪا جي تاريخ ۾ ذڪر ملي ٿو. هن ماڳ جو طرف ڪونه ٻڌايو ويو آهي، پر هن نالي جو هڪ وڏو شهر آهي، جيڪو للگلا Lalgla درياه جي ڪناري ۽ گنجم کان ١١٥ ميل اولهه پاسي آباد آهي. امڪان اهو آهي ته هيءُ اهو ئي ساڳيو ماڳ آهي.

ڪالچوري Kalachuri يا چيدي Chedi جي هئهيه Haihaya گهراڻي جي لکتن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي راجا ڪالنجرپور Kalanjjar pura ۽ تراءِ ڪلنگ Tri Kalinga مهاراجا سڏبا هئا. ڪالنجر بنديل ڪنڊ جو هڪ مشهور قلعو آهي.

ڪالنجر جو مطلب آهي ڌنڪ Dhanaka يا امــروتي Amaravati واربون تي رياســتــون يا ڪســتنا جي ڪناري ســان آنڌرا، ورنگل Warangala ۽ ڪلنگ وارا تي ملڪ يا مــهــيندري راجا وارو راڄ وغيره. ٽي ڪلنگ جو نالو پليني جي دور جيترو آڳاٽو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو به مـاڪو ڪلنگ Macco Kaling جي نالي سـان ان جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اهو به ٻڌائي ٿو ته گنگري ديس - ڪلنگاءِ Gangari des - Kalingae - وارا مــاڻهــو ڪلنگاءِ جي مــاڻهن کــان مــختلف آهن. مهاڀارت ڪلنگ نالي جو ٽي ڀيرا ڌار ڌار ذڪر ڪيو آهي ۽ هر ڀيري جدا جدا ماڻهن سان ڳنڍائي سندن بيان ڪيو ويو آهي. (٧٦٩) معلوم ائين ٿــئي ٿــو ته ٽي ڪلنگ Tri Kalinga جو مطلب تلنگانه جو وڏوعلائقو آهي ۽ محسوس به ٿئي ٿو ته تلنگانه جو نالو به ٽي ڪلنگ جي بگڙيل صورت آهي. مـونکي وري اهو به مـعلوم آهي ته هي نالو تلنگانه تي لنگ Tri - Lingga مان نڪتل آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Tree Phalli چئجي ٿو، جنهن جو مـها ديو سان لاڳاپو آهي. پر پليني مڪو ڪلنگاءِ ۽ گنگري ديس ڪلنگاءِ جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن مان پتو پئي ٿو ته ٽي ڪلنگ ميگاس ٿينس جي دور کان به اڳ واري زماني سان تعلق رکن ٿا ۽ پليني هندستان جي جاگرافيائي حالتن بابت بيـان وٺانئس نقل ڪيـا آهن، جنهن مـان اها ڄاڻ ملي ٿي ته اهو نالو ڏکڻ هندستان ۾ لنگم پوڄا جي رواج عام ٿيڻ کان اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿو. آنڌ گيري جي ايرڄ Air Raja (٧٧٠) واربن لکتن ۾ ڪلنگ جو ٽي ڀيـرا ذڪر آيو آهي، جيـڪـو ڪڏهن به ٻي صدي قـبل مسيح کـان پوءِ جو ڪو نه آهي. ٽي سڱهي ٿـو ته اجا ان کـان به وڌيڪ آڳاٽو هجي. امـڪان آهي ته سـاڪيـه مني Sakiya Muni جي زماني جو هجي. هيءُ ماڳ ململ ڪپڙي ناهڻ ڪري تمام مشهور هو. جڏهن مـهـاتما ٻڌ وفـات ڪئي هئي ته ڪلنگ جي راجا سندس هڪ ڏند هٿ ڪري مٿانئس استوپا جوڙايو هو.جيڪو پنهنجي تعمير ۾ ڏاڍو شاندار هو. (٧٧١)

## ڪوسل

ڪجهـه وقت ڪلنگ ۾ تڪڻ ڪـانپـوءِ هيءُ چيني ياتري اتر - اولهـه طرف ١٨٠٠ کان ١٩٠٠ لي يا ٣٠٠ کان ٣١٧ مـيل سفر ڪري

(۷۷۲) اچي ڪياؤ - سا - لو Kiao - Sa - Lo يا ڪوسل پهتو. طرف ۽ فاصلي مطابق اهو قديم ودرڀ Vidarbha يا برار Berar علائقو چئي سگهجي ٿو، جنهن جي موجوده راڄڌاني ناگپور آهي. رتناولي Ratnavali جي بيان موجب ان ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ ڪوسل Kosala سان ساڳيائپ رکي ٿي. وايو پراڻ جو بيان بہ هوبهو اهو ساڳيو آهي. (۷۷۳) رتناوليءَ جي بيان موجب ڪوسل علائقي جي چوڌاري ونڌيا جبل قري اچن ٿا ۽ وايو پراڻ جو بيان آهي تہ سري رامچندر جو پٽ ڪوس Kusa ڪوسل تي راڄ ڪندو هو. سندس راڄڌاني جو نالو ڪوسستلي Kosasthali يا ڪساوتي Kusavati هو.جنهن جو بنياد ونڌيا گهراڻي جي ڪنهن راجا رکيو هو. هن ساريءَ ڄاڻ وسيلي اها سڌ پوي ٿي تہ اهو قديم ڪوسل نالي وارو ملڪ هاڻوڪو برار يا گوندوانہ Gondwana آهي. ان جي راڄڌاني جي جاگرافيائي بيهڪ کي مقرر ڪري ڪنهن هڪ جاءِ تي بيهارڻ ڪجهہ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ شين سئنگ ان جو نالو ڪو نہ ڏنو آهي پر سندس بيان آهي تہ ان شهر جو گهيرو ۴۰ لي يا ۷ ميل هو. قوي امڪان اهو آهي تہ اهو موجوده دور جي ڪن وڏن شهرن جهڙوڪ چاند Chanda، ناگپور Nagpur امروتي Amaravati ۽ ايلچ پور Elichpur مان هڪ هوندو.

چاند جو قلعبند شهر آهي ۽ قلعي سان گڏ گهيرو ڇهہ ميل اٿس. مذڪوره شهر پئن گنگا Pain Ganga ۽ ورد Warda نديءَ جي سنگم واري ٿاڪ کان هينان تعمير ٿيل آهي. گوداوريءَ تي آباد مهيندريءَ کان ۲۹۰ ميل اتر - اولهہ طرف ۽ ڪتسنا نديءَ تي واقع ڌرني ڪوٽ Dharani kota کان ۲۸۰ ميڪ پري ٿيندو. تنهن ڪري هن ماڳ جي جاگرافيائي بيهڪ شين سئنگ جي بيان ڪيل طرف ۽ فاصلي سان ٺهڪي اچي ٿي.

ناگپور جو شهر وڏو آهي. سندس گهيرو اٽڪل ۷ ميل ڪن ٿيندو پر چاند کان ۸۵ ميل اتر پاسي رج مهيندري کان ان جو فاصلو شين سئنگ جي بيان ڪيل پنڌ کان ۷۰ ميل وڌيڪ آهي.

امروتي بہ راڄ مهيندري کان ساڳئي فاصلي تي آهي ۽ ايلچ پور اجا بہ ۳۰ ميل وڌيڪ اتر طرف آهي، تنهن ڪري چاند ئي هڪ اهڙو ماڳ آهي جيڪو ستين صديءَ ۾ راڄڌاني ڪوسل هجڻ جي دعويٰ

ڪري سگهي ٿو. لڪيل فاصلي ١٨٠٠ لي يا ١٩٠٠ لي ڪان وڌيڪ مٿي ان ڪان پوءِ واري ڏرني ڪوٽ جي فاصلي مان به ملي سگهي ٿو جيڪو ١٩٠٠ لي يعني ٩٠٠ ۽ ١٠٠٠ ميل آهي. چيني سيلانيءَ جي بيان موجب اهو ڪتسا نديءَ تي واقع ڏرني ڪوٽ يا امروَتي جو ماڳ آهي. چاند ڪان ڏرني ڪوٽ جو سٽڪ مطابق فاصلو ١٦٨٠ لي يا ٢٨٠ ميل آهي پر شين سئنگ پهريائين ٩٠٠ لي ڏکڻ - اولهه ڏانهن سفر ڪيو هو ۽ ان ڪان پوءِ ١٠٠ لي ڏکڻ ڏس تي پنڌ ڪيو هئائين، پر ٻنهي ماڳن جي وچ ۾ ٧٠٠ لي ڪان وڌيڪ فاصلو ڪونه ٿيندو.

مذڪوره ملڪ ڪان ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل ڏکڻ - اولهه پو - لو - مو - لو - ڪي - لي Po - Lo - Mo - Lo - Ki - Li نالي هڪ اتاهون جبل هو، جنهن جي لاءِ چيو ويندو آهي ته سندس چوٽي ڪاري نظر ايندي هئي. ايم جولين هن جبل کي موجوده دور وارو ٻڙامولا گري Baramula giri سمجهي ٿو. (٧٧٤) پر مان هن ماڳ کي نه ڪنهن نقشي تي نه وري ڪنهن ڪتاب ۾ هيل تائين ڏسي سگهيو آهيان. چيو وڃي ٿو ته جبل به اتاهون آهي. هن جبل کي نه ڪي ڇاڙهيون آهن نه وري ڪا ماٿري اٿس، ان ڪري شڪل صورت ۾ گول قسم جو هڪ پٿر معلوم ٿيندو. چيو ويندو آهي ته هن جبل ۾ راجا سو - تو - پو - هو يا سات واهن Sata vahan کوٽائي ڪرائي هڪ پنج ماڙ محل تعمير ڪرايو هو ۽ ان ڏانهن ويندڙ رستو ڪيترا ئي لي ڊگهو هو. هيءَ جڳهه شين سئنگ پاڻ ڪانه ڏني هئي پر چيو وڃي ٿو ته ناگار جون Nagar juna نالي هڪ ٻڌ شمني مذڪوره جبل کوٽي اها رهائشي جاءِ تيار ڪئي هئي. جيڪڏهن اها جاءِ راجڌاني کان فقط ٥٠ ميل پري هجي ها ته شين سئنگ ياترا لاءِ اوڏاهين ضرور وڃي ها. جيڪڏهن اولهه - ڏکڻ وارو طرف صحيح آهي ته مٿئين ماڳ کان آنڌر ڏانهن وڃڻ وقت اتان ضرور لنگهي ها ڇاڪاڻ ته چيو وڃي ٿو ته اها ساڳي طرف يا ڏکڻ پاسي واقع آهي. تنهن ڪري منهنجو ويچار آهي ته جبل کي کوٽي بنايل جاءِ جنهن کي چيني ياتري اچرج جهڙي سڏي ٿو (٧٧٥) سا ملڪ جي سرحد ويجهو هوندي ۽ اهڙي قسم جو اشارو هو پاڻ به ڏئي ٿو. بيان جي وضاحت مطابق ان ماڳ کي ڏکڻ - اولهه سرحد ڪان ٥٠ ميل دور ڳولڻ گهرجي. مٿي بيان ڪيل ماڳ ايلورا Elura ويجهو ديوگيري قلعي واري جاءِ سان هڪجهڙائي رکي ٿو

۽ ان جو اصلي نالو پو - لو - مو- لو - ڪي - لي Po - Lo - Mo - Lo - Ki - Li - يا ورمول گيري Varamula giri آهي، جيڪو بعد ۾ بگڙجي ورولا Varula يا ايلورا تي ويو آهي. بيان ۾ اهو بہ ڏيکاريو ويو آهي تہ جبل ۾ ڪوتيل غار ۽ آبشار بہ موجود آهن، تنهن ڪري مونکي لڳي ٿو تہ ٻڌرم سان لاڳاپيل اڏاوتون ديوگيري بدران ايلورا ۾ وڌيڪ ممڪن لڳن ٿيون، پر جيئن تہ هيءَ ماڳ شين سئنگ پاڻ ڪونہ ڏٺو هو ۽ ايندڙ ويندڙ مسافر ڪان جيڪو ٻڌو هئائين سو قلمبند ڪري ڇڏيو هئائين. هاڻي سندس بيان مان ائين معلوم ٿي رهيو آهي تہ ڇڻ ايلورا ۽ ديوگيري هڪ ماڳ آهي.

جبل کي ڪوتي رهڻ لاءِ جوڙيل جڳهن جو بيان اسان کي فاهيان جي سفرنامي ۾ بہ نظر ايندو (٧٧٦) جيڪو پنجين صديءَ ۾ هتي آيو هو. هي ياتري ان ڪوتيل جڳهہ کي ڦو - لو - يو Pho - Lo - yu - وهار يا ڪبوتر وهار سڏي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهو تتسين Tathsin جي ملڪ يعني دکشن Dakshina يا دکن Dakhan ۾ آهي. هن اها ڄاڻ بنارس ۾ ويني حاصل ڪئي هئي. اچرج جهڙيون ڳالهيون گهڻي فاصلي ڪري پنهنجو اثر ڪو نہ وڃائينديون آهن. غور ڪري ڏسبو تہ سندس بيان شين سئنگ جي بيان ڪان بہ وڌيڪ اچرج جهڙو آهي. اهو وهار جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ جبل کي ڪوتي پنج ماڙ اڏاوت ۾ تيار ڪئي وئي هئي، تنهن جي هر هڪ ماڙي هڪ جدا جانور جي شڪل تي تيار ڪئي وئي هئي، جن مان پنجين يا صفا مٿين ماڙي ڪبوتر جي شڪل جهڙي هئي. اهو ئي سبب آهي جو هن وهار کي ڪبوتر وهار جي نالي سڏيو ويندو هو. چيني ٻوليءَ جا پد ڦو - لو - يو سنسڪرت لفظ پاراوت Paravata مطابق هوندا، جنهن جي معنيٰ آهي ڪبوتر. پاڻيءَ جو هڪ جهرڻو وهار جي مٿينءَ ماڙي مٿان هيٺ ڪرندو ۽ سيني ماڙين تان هيٺ وهندو نظر ايندو آهي ۽ پوءِ ڦاٽڪ وٽان ٻاهر نڪري ويندو آهي. هن بيان ۾ وهار جون ساڳيون پنج ماڙيون ڏسجن ٿيون. جهرڻي جو پاڻي بہ مٿينءَ ماڙيءَ ڪان هيٺ وهندو نظر اچي ٿو ۽ ڦاٽڪ جو نالو بہ ساڳيو آهي. اهي سيئي ڳالهيون شين سئنگ جي بيان سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون پر هڪ مکيہ نقطي يعني معنيٰ ۾ گهڻو اختلاف ۽ تضاد ڏسجي ٿو. شين سئنگ هن ماڳ جو نالو پو- لو مو- لو ڪي- لي لکيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي جبل جي ڪاري ٽڪري.

فاهيان هن ماڳ جو نالو وري ڦو- لو-يو ٻڌائي ٿو جنهن جو مطلب آهي ڪبوتر. پر اسان کي وچين دور سان لاڳاپيل هڪ ٻيو احوال نظر ايندو، جنهن مطابق هن لفظ جي معنيٰ ماڳهين ٻين آهي. چيو ويندو آهي ته سن ۵۰۳ع ۾ ڏکڻ هندستان جي راجا چين جي حڪمران ڏانهن پنهنجو هڪ سفير موڪليو هو، جنهن پنهنجي ملڪ بابت چين جي حڪمران کي ڳالهيون ٻڌايون هيون. انهن ڳالهين مان پڪ پئي ٿي ته جنهن شهر ۾ اهو سفير رهندو هو سو هڪ قلعبند شهر هو، جنهن جو نالو پل ئي Palai هو ۽ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اڏيل هو. ان کان ۳۰۰ لي يا اٽڪل پنجاهه ميل اوير پاسي هڪ ٻيو قلعبند شهر هو. چيني ٻوليءَ جي پدن مطابق ان شهر جو نالو فو - چيو - چنگ Fo - Cheu - Ching هو، (۷۷۷) جيڪو چو - سئن - هو - Chu San- Hu نالي هڪ فقير جي جمڻ جو ماڳ هو، جنهن جي معنيٰ آهي مرجان جا مٽيا. پلامالا Palamala مرجان جي هار کي به چيو ويندو آهي يا مرجان جي مڻين جي لڙهيءَ کي به انهيءَ نالي سڏيو ويندو آهي. (۷۷۸) پر هي لفظ شين سئنگ جي بيان ڪيل لفظ پو لو مو لو Po Lo Mo Lo جي پدن مطابق آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اهو ساڳيو نالو آهي. مان شين سئنگ جي ڪيل ترجمي ڪاري چوٽي کي اتر جي لهجي موجب سمجهي ڪونه ٿو سگهان. ٿي سگهي ٿو ته اهو اتر جي ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جو ڪو لفظ هجي. ڪنڙيءَ ۾ ٽڪريءَ کي ملي Mali ۽ Quik silver کي پارو ۽ Touchstone کي پارس چيو ويندو آهي ۽ انهن ٻنهي جو رنگ ڪارسرو آهي، تنهن ڪري امڪان آهي ته ٻنهي کي پاري سان ملايو ويو آهي. ان نقطہ نگاهه سان هن جو مفهوم ڪارو ٿي سگهي ٿو ۽ پورو لفظ پارا ملي Para Male هوندو. امڪاني سبب اهو ئي ٿي سگهي ٿو، تنهن ڪري ان ٽڪريءَ کي ڪاري ٽڪري ڪوٺيندا آهن، ڏکڻ هندستان ۾ هڪ ڪارو نانگ هوندو آهي، جنهن کي ماٺهو پار گدو Para Gudu سڏيندا آهن. تنهن ڪري امڪان اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته شين سئنگ ان لفظ جو ترجمو ڏکڻ هندستان جي ٻوليءَ مطابق ڪيو هجي. مونجهارو ان ڪري ٿئي ٿو جو چيني ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي ڏيکاريندڙ پدن جي ڪجهه کوٽ آهي ۽ سنسڪرت نالي جو پورو مقصد ادا ٿي ڪونه ٿو سگهي. مثال طور پاراوت Paravata جو لفظ آهي، جنهن جي فاهيان مطابق معنيٰ

آهي ڪبوتر. سي - يو - ڪي Si - Yu - Ki موجب پروت Parvata جي معنيٰ آهي فاعل Subject مگر پروت parvata جي صحيح معنيٰ جبل آهي. هتي وري اهو بيان به نظر ايندو ته جبل جي ڪوٺائي ڪرائي هڪ وهار به تعمير ڪيو ويو هو، تنهن ڪري اهو نالو جبل سان وڏيڪ لاڳاپيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

هن علائقي جي راڄڌاني جو نالو پلئي Palai هو. (۷۷۹) هاٺي چاند جي قلعي کي بالا قلعو Bala Kila يعني مٿاهون قلعو سڏيو ويندو آهي. اهو هن شهر کي مسلمانن طرفان ڏنل فارسي طرز جو نالو آهي، جيڪو سندس اصلي نالي پلئي Palai جو هم معنيٰ آهي. (۷۸۰)

چين سان لاڳاپيل سيني تذڪرن ۾ جبل کي کوٽي بنايل وهار جو تعلق هڪ ٻڌ شمني (فقير) سان آهي. فاهيان جو بيان آهي ته مذڪوره وهار ٻڌڌرم جي هڪ درويش سان واسطو رکي ٿو،جنهن جو نالو ڪاسيپ Kasayapa هو ۽ ٻڌڌرم جي اوائلي دور سان سندس لاڳاپو هو. سي - يو - ڪي ۾ اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته پراماالا Pramala مُني جي جمڻ جي جاءِ آهي. شين سئنگ جو بيان آهي ته هي وهار راجا ساتوا هن جبل کي ڪٽي ڪوري مشهور شمنيءَ ناگار هُون لاءِ تيار ڪرايو هو. فاهيان ۽ شين سئنگ جي بيان مان مون کي ائين معلوم ٿئي ٿو ته سندن اشارو ديوگيري ۽ ايلورا وارن جبلن کي کپي ڪوري وهار ۽ رهڻ واسطي غار بنائڻ ڏانهن آهي، پر جيڪڏهن شين سئنگ ۽ سي - يو - ڪي طرفان ڏنل فاصلو صحيح آهي ته پوءِ جبل ڪوري بنايل وهار چاند کان اتڪل ۵۰ ميل اولهه يا ڏکڻ - اولهه پاسي ٻولڻ گهرجي. چاند کان ڏکڻ - اولهه ۴۵ ميل پري آهي، نقشي موجب هڪ اهڙو ئي ماڳ آهي جنهن کي پاندو - ڪوري Pandu - Kuri يا پاندون جا گهر سڏيو ويندو آهي. هيءَ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي هڪ قديم ماڳ آهي. هتي ائين نظر ايندو جڻ ته جبل کي ڪٽي ڪوري کي جڳهون جوڙيون ويون آهن. اهڙيءَ ريت ڌمنار Dhamnar ۽ ڪولوي Kholvi واري جبل مان ڪٽيل ڪوريل جايون پاندن ڏانهن منسوب ڪيون ويندڙيون آهن ۽ مٿن ڪيترا ئي نالا ڏنا ويا آهن جهڙوڪ: ڀيم جي غار، ارجن جي غار وغيره. هن ماڳ بابت ڪا خاص معلومات ڪانه ملي آهي، پر ان هوندي به مان هن ماڳ جي اچرج جهڙي حقيقي

نالي ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪائيندس. پتور Patur نالي هڪ ماڳ آهي جيڪو ايلچ پور ۽ امروتيءَ کان ۵۰ ميل ڏکڻ - اولهه ۽ اجنتا کان ۸۰ ميل اوڀر پاسي آهي. جتي اسان کي ٻڌرم سان لاڳاپيل ڪيتريون اڏاوتون نظر اينديون، پر انهن اڏاوتن جو ذڪر ڪٿي به ڪونه نظر ايندو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته جبل کي ڪٽي ڪوري تيار ڪيل وهار اهو ماڳ آهي جيڪو فاهيان ۽ شين سئنگ جي بيانن سان نهڪي اچي ٿو.

ٻڌرم جي مشهور فقير ناگارجون سان گڏ راجا ساتواهن ساد واهڻ جو ذڪر دلچسپيءَ کان خالي ڪونه آهي. منهنجي خيال ۾ ائين ڪرڻ مان اهو مقصد آهي ته جيئن پرامالا Paramala جي ٻڌ گفا کي پهرين صدي عيسويءَ جيترو قديم ڏيکاريو وڃي. ساد واهڻ Sadavahana هڪ گهراڻي جو نالو آهي،جنهن جو ناسڪ Nasik جي لکتن ۾ ذڪر موجود آهي. (۷۸۱) پر ساتواهڻ يا ساليواهڻ Salivahana گهراڻي جو مشهور نالو پڻ آهي. (۷۸۲) جنهن ۷۹ع ۾ ساڪ Sake دور جي شروعات ڪئي هئي. ان ناتي سان اسان کي هڪ قسم جي ٻٽي ثابتي ملي ٿي ته پرمالا واريون ٻڌ گفاؤن پهرين صدي عيسويءَ سان تعلق رکن ٿيون. ساتواهڻ ۽ ساتڪرنيءَ بابت مفصل بحث ڪنهن مناسب جاءِ تي ڪيو ويندو. صفا الهندي گفا جي لکت وسيلي اسان کي ڄاڻ ملي ٿي ته ڪوسل وارو علائقو ڏاکڻين گوتم پور ساتڪرني Gotami pur Satkarni جو حصو هو. جيڪڏهن مذڪوره حڪمران ان دور ۾ راڄ ڪندو هو ته (۷۸۳) پوءِ اسان کي پوري پڪ ٿئي ٿي ته اهو ساتواهڻ يا ساليواهڻ کانسواءِ ٻيو ڪونه هوندو،جيڪا ڏکڻ هندستان جي تاريخ سان لاڳاپيل هڪ امڪاني ۽ دلچسپ ڳالهه آهي.

شين سئنگ جي بيان موجب ڪوسل جو گهيرو ۶۰۰۰ لي يا ۱۰۰۰ ميل هو. ان جي حدن بابت ڪو به بيان نظر ڪونه ايندو، پر هن سيلاني جي سفرنامي وسيلي ڄاڻ ملي ٿي ته اتر کان اجين، اولهه کان مهاراشٽر، اوڀر کان اوڙيسا ۽ ڏکڻ کان آنڌر ۽ ڪلنگ هوندو. ان حساب سان سرحد گهٽ وڌ ڪجهه هن ريت ٿي سگهي ٿي: تاپتي نديءَ تي واقع برهانپور کان گوداوري تي واقع ناندر Nander تائين ۽ اتان کان چٽي ڳڙهه Chati garh علائقي جي رتن پور کان وني مها نديءَ

جي منهن واري ماڳ نواڳڙهه Nawagadha تائين دنگ ڪري ٿي. هن سرحد جي نقطهء نگاهه کان هن علائقي جو گهيرو هڪ هزار ميل کان به وڌيڪ ٿيندو.

## آنڌرا

شين سئنگ ڪوسل کان پوءِ ڏکڻ ڏس تي روانو ٿيو هو ۽ ۹۰۰ لي يا ۱۵۰ ميل سفر ڪري آن - تو - لو An - To - Lo يا آنڌرا پهتو. (۷۸۴) موجوده دور ۾ هن ماڳ کي تلنگانه سڏيو ويندو آهي. سندس راجڌاني جو نالو پنگ - ڪي - لو Ping - Ki - Lo هو. ايم جولين هن نالي جو ترجمو ونگ ڪيل Ving Khila ڪري ٿو. پر اهڙي نالي وارو ماڳ اجا تائين ڪونه لڌو ويو آهي. اسان کي معلوم آهي ته تلنگانه جي راجڌاني صديون پوءِ به ورنگل Varangal يا ورنڪل Varankal رهي آهي، پر ان جي جاگرافيائي بيهڪ چيني ياتريءَ جي بيان سان سهمت ڪانه آهي. چاڪاڻ ته اهو ماڳ چاند کان تمام گهٽو پري پئن گنگا جي ڪناري سان ۽ ڪستنا نديءَ تي واقع شهر ڌارني ڪوٽ Dharani kotta جي بلڪل ويجهو آباد آهي. چيني ٻوليءَ جا پد به ورنگل نالي جي نمائندگي ڪونه ٿا ڪن پر انهن کي ونڪول Vankol سمجهي سگهجي ٿو. انهن جي پڙهڻي ڀيمگل Bhimgal به ٿي سگهي ٿي، جيڪو تلنگانه جو هڪ مشهور ۽ قديم شهر آهي. ابو الفضل به هن شهر جو ذڪر ڪيو آهي، پر ڀيمگل وارو ماڳ چاند کان ۱۲۰ ميل ڏکڻ - اولهه پاسي آهي، جيڪو ۱۵۰ ميل ڏکڻ يا ڏکڻ- اولهه هجڻ ڪپي ۽ ڌارني ڪوٽ کان ۱۶۷ ميل اتر هجڻ بدران پورا ۲۰۰ ميل پري آهي. تنهن ڪري مان چيني پدن کي غلط سمجهان ٿو، اهي ته ورنگل جي ترجماني ڪونه ٿا ڪن توڙي جو اُن جي جاگرافيائي بيهڪ سان ذري گهٽ هڪجهڙائي به ڏيکاري وڃي ٿي. ورنگل ۽ چاند جي وچ ۾ فاصلو ۱۶۰ ميل ۽ ورنگل ۽ ڌارني ڪوٽ وچ ۾ فاصلو ۱۲۰ ميل آهي. شين سئنگ جي بيان موجب اهو فاصلو مٿي بيان ڪيل پوئين ماڳ جي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ اڳئين کان وڌيڪ تمام پري آهي. ايلگنڊل Elgandel ڀيمگل ۽ ورنگل جي وچ تي آهي. چيني سيلانيءَ جو بيان به ساڳئي صورت حال ڏيکاري ٿو، چاڪاڻ ته هيءَ ٿاڪ چاند کان ۱۳۰ ميل ۽ ڌارني ڪوٽ کان ۱۷۰ ميل پري آهي،

تنهن ڪري مان هن ڳالهه جو قائل آهيان ته ستين صديءَ ۾ آنڌرا جي راڄڌاني ايلگندل ٿي سگهي ٿي. آنڌرا علائقي جو گهيرو ۳۰۰۰ لي يا ۵۰۰ ميل ٻڌايو وڃي ٿو پر دنگ جو بيان ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو. منهنجو خيال آهي ته گوداوري ندي جيڪا موجوده دور ۾ اتر - اوڀر جي سرحد ڏيکاري ٿي، سا قديم دور ۾ به اهي ساڳيون سرحدون ڏيکاريندي هوندي. ساڳئي وقت اتر پاسي واري تيلگو ٻوليءَ جو دنگ به اهو آهي. اولهه پاسي کان سندس سرحد وڏي ملڪ مهاراشٽر سان ملندي هئي ۽ گوداوريءَ جي ڇاڙهه منجهير Manjhir کان هرگز اڳتي ڪانه هوندي. ان نقطه نظر کان ڏکڻ - اوڀر وارو دنگ منجهير ۽ گوداوريءَ کان وٺي پدر چيلم Bhadra chelam تائين هوندو، جنهن جي ڊيگهه ۲۵۰ ميل آهي ۽ ڏکڻ ڏس کان حيدرآباد ۱۰۰ ميل ۽ حيدرآباد کان پدر چيلم جو فاصلو ۷۵۰ ميل آهي. ان حساب سان ڪل گهيرو ۵۲۵ ميل ٿئي ٿو جيڪو شين سئنگ جي بيان ڪيل فاصلي سان ذري گهٽ نهڪي اچي ٿو. (۷۸۵) پليني آنڌرا قوم جو آنڌراءِ Andharae جي نالي سان ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي ته هيءَ نهايت سگهاري قوم آهي. وٽس ٽيهه قلعبند شهر آهن. هتان جي راڄا وٽ هڪ لک پيادي فوج، ٻه هزار گهوڙيسوار ۽ هڪ هزار هاٿي آهن. هن قوم کي پينٽيجيرين ٽيبلس Pentigerean Talles ۾ آنڌراءِ انڊي Andhrae Indi ڪري لکيو ويو آهي. ولسن هن جدولن (Tables) جو حوالو ڏنو آهي، جن مطابق آنڌرا قوم کي گنگا درياهه جي ڪناري سان واقع علائقي جو رهواسي ڏيکاريو ويو آهي. (۷۸٦) پينٽيجيرين جي وڏي نقشي ۾ گهٽين قومن جي حدن کي گهٽو ننڍو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. پيٽوار مطالعي لاءِ پر وارن ملڪن جي نالن کي ڏسي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت آنڌرا وارن کي داميرس Damirice پرسان رکيو ويو آهي. مان سمجهان ٿو ته اهو تالمي جو لميرڪي Limyrike آهي. شايد ٻنهي لفظن جي اڳين اکرن ۾ مٽ سٽ ٿي وئي آهي. منهنجي خيال ۾ اها جدول جوڙڻ مهل يوناني ذريعن کي آڏو رکيو ويو هوندو. معلوم ٿئي ٿو ته لميرڪي ماٿهو اپبيت جي ڏکڻ - اولهه ڪناري سان رهندا هئا ۽ سنڌن پاڙيسري ملڪ جا آنڌرا ۽ انڊي تلنگانه وارا هوندا. پر اهي ڏند ڪٿائن وارا آنڌرا ڪونه هوندا، جيڪي گنگا جي ڪناري رهندا هئا، جن جو پراڻن ۾ ذڪر موجود آهي. آنڌرا قوم

جي جاڻ پليني پنهنجي دور جي سڪندريه جي واپارين کان يا ميگس تينس يا ڊايونيسس Dionysius جي لکڻين تان ورتي هوندي، جيڪي سليوڪس نيڪتار ۽ ٽالمي فلاڊيلفس Ptoleny Philadel Phus طرفان پاليبوٿرا جي دربار ۾ موڪليل سفير هئا، پر اهو چئي ڪونه ٿو سگهجي ته آندراءِ پليني جا سهيوڳي هئا يا نه؟ پر جنهن دور ڏانهن پلينيءَ اشارو ڪيو آهي، تنهن ۾ سنڌن مگڌ ۾ راڄ ڪونه هو ڇاڪاڻ ته انهن کان هڪدم پوءِ وري هو پاليبوٿرا جي پارسئي Parsii قوم جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته اها هندستان جي نهايت سگهاري قوم آهي. سنڌن راجا وٽ ڇهه لک پيادل فوج، ٽيهه هزار گهوڙيسوار ۽ نو هزار هاٿي هئا ۽ آنڌراءِ اندي کان نو ڀيرا وڌيڪ سگهاري قوم هئي.

چيني ياتريءَ جو بيان آهي ته آنڌرا قوم جي وچ هندستان جي ماٿهن کان ڌار ٻولي هئي، پر سنڌن اکرن جو نمونو گهڻو ڪري هڪ جهڙو هو. سنڌس اهو بيان گهڻو دلچسپ آهي ڇاڪاڻ ته اتر هندستان واري ناگري لپي ان وقت ڌاران اجا به استعمال هيٺ هئي ۽ تيلگو طرز واري لکت جيڪا ڏهينءَ صديءَ ۾ عام ڏسجي ٿي سا ڏکڻ هندستان ۾ اجا پير پائي ڪانه سگهي هئي.

## دونڪ ڪوٽ

آنڌرا کان اسهڻ کان پوءِ شين سئنگ ڏکڻ طرف هڪ گهاٽي ٻيلي مان سفر ڪيو بعد ۾ هڪ رڻ پٽ ۽ ميدان مان لنگهي ١٠٠٠ لي يا ١٦٧ ميل پنڌ ڪري تو - نا - ڪي - تسي - ڪيا To - Na - Kei - Tsi - Kia نالي هڪ ماڳ وٽ پهتو جنهن جي معنيٰ ايم جولين ڌنڪ چڪ Dhanaka chaka ٻڌائي ٿو. مان اڳ ۾ ئي پنجاب جي هڪ شهر تسي ڪيا يا تڪي Taki جي احوال ۾ هيءَ ڳالهه سمجهائي آيو آهيان ته چيني ٻوليءَ جو پد تسي Tsi ٽ اکر لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي ۽ ان ڪري ڌنڪ ٽڪ Dhankataka نالو بڻجي پوي ٿو. مان ڪانهري Kanahari ۽ ڪارلي Karli وارن غارن مان لڌل لکت جو به حوالو ڏنو آهي ۽ چيني ٻوليءَ جي آخري پدن جي مٽ سٽ مطابق نالي جي صحيح پڙهٽي ڌنڪ ڪٽ Dhanakakata قائم ڪئي آهي. (٧٨٧) اهڙيءَ ريت ڌنڪ ڪٽ نالو گهٽ ۾ گهٽ چئن غارن مان هٿ آيل لکتن مان مليو آهي. ڊاڪٽر اسٽيونسن

Dr.Stevenson سيني لکتن کي پڙهڻ کان پوءِ ٻڌايو تہ اهو ڪنهن يوناني ماڻهوءَ جو نالو آهي، جنهن کي هو زينو ڪريٽس ٿو سڏي پر منهنجي پڙهڻي مطابق انهن لکتن ۾ لکڻهار پنهنجي ديس يا شهر جو نالو لکيو آهي. مان ڊاڪٽر اسٽيونسن کان معافي گهرندي اهي لکتون هتي ڏيان ٿو ڇاڪاڻ تہ اهي بلڪل مختصر آهن.

اها لکت جنهن بابت ڊاڪٽر اسٽيونسن جو خيال آهي تہ ڪنهن يوناني لکي آهي تنهن جي پڙهڻي هو هن ريت ٻڌائي ٿو: (٧٨٨)

ڌنوڪا ڪاڪڌ يَوَنس سهڌيانم ٿڀ دانم

Dhanuka Kadha yavanasa Sihadha yanam thabha danam

معنيٰ: "هڪ يوناني زينو ڪريٽس شينهن تي بينل ٿنڀ سوکڙيءَ طور ڏنو."

منهنجي پڙهڻي هن کان ڪجهہ ڌار آهي: ڌنو ڪڪٽ جي رهاڪوءَ يوناني شينهن تي بينل ٿنڀ سوکڙيءَ طور ڏنو."

ڊاڪٽر اسٽيونسن يوناني جو ترجمو يوناني ڪيو آهي پر جيئن تہ هيٺين لکت واضح نموني سان ڏيکاري ٿي (٧٨٩) تہ ڀنو ڪڪٽ Bhanukakata هڪ ماڳ جو نالو آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ يوَنا Yavana ضرور ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو هوندو.

ٻي لکت هيءَ آهي: ڌنو ڪڪٽ اسڀ دت پٽس

Dhanu kakata usabhadata putasa

مت ڌيوا نڪس ٿڀ دانم

Mita Deva nakasa thabha Danama

ڊاڪٽر اسٽيونسن جو ترجمو: "پيٽل متر ديو پٽ ڌنوڪڪٽ (ذات) رشبدت هڪ ٿنڀ سوکڙيءَ طور ڏنو." معنيٰ سمجهائڻ مهل هو ٻڌائي ٿو تہ ڌنوڪڪٽ هڪ يوناني ۽ ان سان گڏ هندو طرز جو نالو آهي. سندس خيال آهي تہ هن ماڻهوءَ اهو نالو ٻڌڌرم يا هندو ڌرم اختيار ڪرڻ کان پوءِ پاڻ تي رکرايو ٿو ڀائنجي. ڌرم مٽائڻ کان پوءِ گهڻو ڪري نالا بہ مٽايا ويندا آهن، پر جيڪڏهن ڌنوڪڪٽ کي ڪنهن ماڳ جو نالو سمجهيو وڃي تہ هرويرو معنيٰ ٿاڦڻ ۽ ڊيگهہ ڪرڻ جي لوڙ ئي ڪانہ پوندي. مٿين ٽڪري جي معنيٰ مون هن ريت ڪئي آهي: "متر ديو پٽ رشب دت وينل ڌنوڪڪٽ هڪ ٿنڀ سوکڙيءَ طور ڏنو.

ڪارلي غار مان لڌل ٽين لکت آهي، پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ دان ڏيندڙ ماڻهوءَ جو نالو ڪجهہ اڻ پورو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان ڪانسواءِ پڇاڙي وارو لفظ بہ منجهيل آهي ۽ پڙهڻ جوڳو ڪونہ آهي، پر لکت جو شروعاتي حصو ڊاڪٽر اسٽيونسن هن ريت پڙهيو آهي:[٧٩٠] ڌنو ڪڪت (سو) ڀوڪس وغيره Dhanu kakata (Su) Bhavikasa. ترجمو هن ريت ڪيو اٿائين: ”ڌنو ڪڪت هڪ سهٽو گهر سوڪڙيءَ طور ڏنو.“ هتي جنهن اٿپوري لفظ کي ناهي جوڙي ان جو ترجمو سهٽو گهر ڪيو ويو آهي، سو لکٽهار جو نالو آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ ان جي پڙهٽي ڀو ويويڪا Bhoviveka آهي. شين سئنگ بہ ان نالي واري مشهور بزرگ جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو ڌونڪڪت جو رهاڪو هو ۽ سندس نالو پو - پي - في - ڪيا Po - Pi - Fei - Kia ٻڌائي ٿو. هن جو پالي ۾ ترجمو ڀووِيوِيڪا ۽ سنسڪرت ۾ ڀاو وِيوِيڪا Bhavaviveka ٿيندو.

چوٿين لکت ڪانهري مان لڌل آهي جيڪا نون سٽن تي مشتمل آهي ۽ الهندي غارن ۾ جيڪي بہ تحريرون لکيل آهن، تن سڀني کان وڌيڪ اهم آهي، جيڪا ساليواهن جي دور سان واسطو رکي ٿي. ڊاڪٽر اسٽيونسن شروعاتي پڙهٽي هن ريت قائم ڪئي آهي:[٧٩١]

اپاسڪس ڌنيو ڪڪيتنس ڪلپ (نڪ) منڪس

Upasakasa Dheno Kakata tinasa kalapa (naka) Manakasa

يعني ڌنيو ڪڪت هڪ رازو (جايون جوڙيندڙ) هو. مسٽر ويسٽ Mr.west وٽ هن جي لکت هڪ صحيح نقل آهي.[٧٩٢] ان مطابق لکت جي شروعات واري سٽ جي پڙهٽي هن ريت آهي:

اپاسڪس ڌنو ڪڪيتيس ڪلپييس Upasakas Dhanukakateyas Kulapiyasa

معنيٰ هن ريت آهي: ڪلپيہ وٽان سوکڙي جيڪو ڌنو ڪڪت جو اپاسڪ آهي.“ آخري سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ تاريخ بہ لکيل آهي پر ڊاڪٽر اسٽيونسن ان جو غلط ترجمو ڪيو آهي:

دت و سلا ساڪ دتيہ لينا Data va sala saka datya lena.

هن سٽ ۾ چيوريڪ Chivarika جي لفظ جو اضافو ڪري مطلب هيئن ڪري ٿو: ”هيءُ صفو ٻڌ شمنين لاءِ جوڙيو ويو آهي. هتي مهاتما ٻڌ جي ڏند جو غار آهي.“ مان سمجهان ٿو تہ هن تحرير جي ترجمي ۾

ڊاڪٽر اسٽيونسن ڪ K جو اکر ڪڍي ڇڏيو آهي، جيڪو ليفٽيننٽ برِيٽ Brett وٽ موجود ٻنهي نقلن ۾ ۽ ڏنيہ ۾ لينا لفظن جي وچ تي نظر اچي ٿو. ان کي ڊاڪٽر اسٽيونسن پاڻ شايع ڪرايو هو. (٧٩٣) جيڪو نقل مسٽر ويسٽ شايع ڪرايو آهي، تنهن ۾ بہ ساڳيو اکر ساڳيءَ جاءِ تي نظر ڪونہ ايندو. اهڙي تصحيح ڪرڻ ڪانپوءِ مان ان جي پڙهڻي هن ريت قائم ڪئي آهي: دت وسي ٣٠ سڪادتيہ ڪال Data vasea 30 saka ditya kala يعني سڪادتيہ دور جَي ٣٠ سال ڏنو ويو. هن جي معنيٰ ٿيندي عيسوي سن 78+30=108 سڪادتيہ ساليواهن وارن راجائن جو عام لقب آهي. سڪ Sake دور بہ هن راَجا ڪان شروع ٿئي ٿو ان ڪري هن کي قديم لکت سمجهيو ويندو آهي. سڪ يــوپ ڪال Saka bhupa kala يا سڪ نريب ڪال Saka nripa kala سڪادتيہ ڪال سان هم معنيٰ آهي تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڏنو ڪَڪت ٻي عيسوي صديءَ جي شروعات ڌاران ٻڌڌرم جون هي اڏاوتون هٿ ڪيون هونديون. جيڪڏهن ڪارلي غار واري لکت جو منهنجي طرفان پيش ڪيل ياوَيويڪا نالو صحيح آهي تہ پوءِ سمجهيو وڃي تہ ٻڌڌرم پهرين صديءَ عيسويءَ ڌاران پوري اوج تي هو، ڇاڪاڻ تہ ياوَيويِڪا ٻڌڌرم جي مشهور ارهت، ناگارجو مکيہ چيلو هو. (٧٩٤)

ڏنڪ ڪٽ جي جاگرافيائي بيهڪ کي ڌارني ڪوٽ يا ڪستنا Kistna جي ڪنار سان امروتي ماڳ وٽ مقرر ڪرڻ لاءِ مون کي نہ رڳو طرف ۽ فاصلي جي شاهديءَ جي پٺڀرائي حاصل آهي، پر ٻيا بہ ڪيترا ئي گهڻا سبب آهن، جن جو اڳ هيٺ وستار سان بيان ڪريان ٿو:

سري لنڪا ۽ سيام Siam جي ٻڌ روايتن ۾ اسان کي اهڙا بيان نظر ايندا، جن ۾ گنگا جي ڇوڙ ۽ سري لنڪا جي وچ تي رهندڙ ماڻهن جو ذڪر ملندو، جن کي ناگا سڏيو ويندو آهي. انهن ناگائن وٽ مهاتما ٻڌ سان لاڳاپيل بہ درون تبرڪ موجود هئا جن کي هيرن جهڙي واري Diamod sands جي پرسان دفن ڪري مٿانئن هڪ سهڻي استوپا تعمير ڪرائي وئي هئي. اهي تبرڪ اصلي طور ڪپل وستوءَ پرسان رام گرام نالي هڪ ڳوٺ جي ماڻهن جي ملڪيت هئا ۽ انهن مٿان استوپا بہ اڏيل هئي، پر گنگا درياهہ ان کي پاڻيءَ ۾ وهائي ڪٽي

آثارن جي ڄاڻ مطابق هيءُ بيان ڏارني ڪوٽ جي اسٽوپا سان سهمت آهي، جيڪو ڪسٽنا نديءَ جي ڪناري تي پٿر جي اڪير جو هڪ نادر نمونو آهي.

سري لنڪا ۾ سياسي تذڪرن ۾ دورن بابت اختلافن ۾ يڪسانيت پيدا ڪرڻ ڏکيو مامرو آهي، پر مان سمجهان ٿو ته ان ڳالهه جو امڪان ئي ڪونه آهي ته ١٥٧ق.م واري آڳاٽي دور ۾ مذڪوره تبرڪ ناگا ملڪ مان ڪجهي سري لنڪا پهتا هجن. ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه شڪ ڪان خالي نه آهي ته ان آڳاٽي دور ۾ ڏکڻ هندستان ۾ ٻڌڌرم جو اثر پهتو به هو يا نه؟ مان هن اختلاف کي هيئن سمجهائي سگهان ٿو ته اهي تبرڪ سن ٣١٣ع ۾ سري لنڪا پهتا هوندا. سيامي تذڪرن جو بيان به ائين آهي. وڌيڪ بيان اهو به آهي ته انهن تبرڪن کي دفن ڪري روتن ويلي پرسان هڪ وڏو اسٽوپا اڏيو ويو هو. ٿوري عرصي گذرڻ ڪان پوءِ مذڪوره تبرڪن جو دٽ گامني Dutha gamini جي دور سان غلطيءَ وچان لاڳاپو ڏيکاريو ويو آهي، جنهن هن اسٽوپا جو بنياد رکيو هو. مهاتما جو مشهور ڏند جيڪو سن ٣١٠ع ۾ ڪلنگ ڪان سري لنڪا پهتو هو، تنهن کي پهرين ڌرم چڪر Dharmma chakra ۾ دفن ڪيو ويو، جنهن مٿان اسٽوپا ديوان انپيه تسو Dewanana piya tisso تعمير ڪرايو هو جيڪو اشوڪ (٢٤٠ ق.م) جو همعصر هو. ان ڪان پوءِ اهو اڀيه گري وهار Abhya giri vihara ڏانهن نيو ويو جيڪو سن ٨٩ ق.م ۾ جڙي راس ٿيو هو. (٧٩٨)

مٿي بيان ڪيل احوال قابل قبول آهي يا نه؟ پر اسان اهو احوال ٻڌ تذڪره نويسن ۽ ٻڌ ياترين ۽ مهاونستو جي نقطه نظر کي ڏسي لکيو آهي ته مهاتما ٻڌ سان لاڳاپيل اهي تبرڪ رام گرام واري ماڳ تي ٽين صدي قبل مسيح جي وچ تائين پنهنجي اصلي جاءِ تي دفن ٿيل هئا. ان زماني ۾ اشوڪ مهاتما جي انهن تبرڪن مٿان اسٽوپا اڏرائڻ ۾ مشغول هو، جيڪي هن جي مرتئي ڪان پوءِ ونڊيا ورڇيا ويا هئا. جيڪڏهن مهاونسو جي بيان جيان مذڪوره تبرڪ ١٧٥ق.م دوران سري لنڪا نيا ويا هئا ته ماڻهو هي سوچڻ تي مجبور ٿي پوندو ته رام گرام گرام ماڳ واري اصلي اسٽوپا يا مجريڪ Majerika واري اسٽوپا جيڪا ساري هندستان جي اسٽوپائن ۾ خوبصورت ۽ شاندار هئي سا اسي سالن ڪان ٿورو وڌيڪ عرصي تائين ڪري تباه ٿي وئي

Dhanaka kata ملڪ ڌانهن وڃڻ جي هدايت ڪئي ۽ ڪيس شهر جي ڏکڻ پاسي موجود هڪ گفا جي منهن وٽ ويهي ڌارني وارا پوتر ٻول جپڻ جي صلاح ڏنائين. مذڪوره پوتر ٻول ورج - پاني - Varja pani جڻ هڪ وينتيءَ برابر هئا. ڪيس چيو ويو ته جيڪڏهن هو ائين ڪندو ته سندس آشا پوري ٿيندي. اهڙيءَ ريت هن چيني ياتريءَ ٽي سال وڏيڪ روزا رکيا ۽ پوءِ وجر پاني هن وٽ اوچتو اچي ظاهر ٿيو ۽ ڪيس هڪ ڳجهو منتر ٻڌايائين، جنهن سان ان گفا جو بند ٿيل منتر ڪلي پوٽو هو، جتي آسور Asuras رهندا هئا ۽ مستقبل جو مهاتما ٻڌ به ساڻن رهندو هو. ٽي سال ڌارني جو ڳجهو منتر پڙهيو نيٺ اهو جبل ڦاٽي پيو پاوَ وويڪ ڊج کان ڪيس چڙي هليا ويا. هو اندر داخل ٿيو ته گفا جو منهن بند ٿي ويو ۽ پوءِ ان کي ڪير به ڏسي ڪونه سگهيو. ستين صديءَ ۾ ڌارني واري ڌنڌڪتا ۽ ڪرامت ۾ ڌنڪا ڪتا جي رهواسين جو گهٽو ويساهه هوندو هو. هيءَ جڳهه ماڻهن وٽ ڌارني ڪوٽ يا ڌارني جي گفا واري ڪرامت جي نالي سان مشهور هوندي.

ڪن گفائن مان پهرين ۽ ٻين صدي سان لاڳاپيل لکتون مليون آهن، جن ۾ ڌنڪاڪتا جو نالو مليو ٿو. ان بابت اسان کي ٽالميءَ جي جاگرافائيءَ ۾ ڪي اهڃاڻ جاچڻا پوندا. مذڪوره ڪتاب جا پنا اٿلائڻ کان پوءِ اسان کي پتو پوي ٿو ته ان ڪتاب ۾ ڌارني بدران اراوراني Aruarni يا اوارني Avarni قبيلي جي ماڻهن جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي مئسولس Maisalus ۽ گوداوري Godavari نديءَ جي هيٺئين علائقي ۾ رهندا هئا. سندن راجڌانيءَ جو نالو ملنگ Malanga ۽ راجا جو نالو باسرونگا Bassoronga هو. ملنگا بابت ٻڌايو وڃي ٿو ته اهو ماڳ ٻن ندين مئسولس ۽ ٽائنا Tyna جي وچ تي هيٺئين پاسي هو. ان جي جاگرافيائي بيهڪ اهڙي ٻڌائي وڃي ٿي، جنهن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته اهو ماڳ الور Ellur آهي. ان جي پرسان هڪ آڳاٽي راجڌاني وينگي Vengi جا ٿرڙ آهن، جنهن کي اڄ سوڏو پيدا ويگي Pedda vegi يعني وڏي ويگي يا چينا ويگي Chenna vegi يعني ننڍي ويگي سڏيو ويندوآهي. (٨٠١) مذڪوره ملنگا به هن ماڳ جي اوسي پاسي ٻڌائي وئي آهي ۽ اهو نالو بندر ملنگا جي شڪل ۾ اڄ به مسليپيٽم Masulipatam کان اوير - اتر - اوير ٥۴ ميل پري سامونڊي ڪناري سان موجود آهي. مان سمجهان ٿو

تہ ڏنڪاڪتا، درمي نقطہ نگاہ کان هڪ مکيہ وسندي هوندي ۽ وينگي جو ماڳ ملڪ جي راجڌاني طور مشهور هوندو.

جيتري قدر راجا جي نالي جو تعلق آهي تہ منهنجو خيال آهي تہ يوناني بسارو ناگا Bassaro naga مهاونسو جي پاسي نالي مجريڪا ناگ Majarika naga سان هڪجهڙائي رکندو هوندو. (٨٠٢) هتي هيءَ ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ م M ۽ ب B هڪ ٻئي ۾ مٽبيون سٽبيون آهن ۽ ڪا Ka هڪ اضافي لفظ آهي جيڪو ڪنهن لفظ جي اڳياڙي يا پڇاڙيءَ ۾ ڳنڍيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت يوناني لفظ باسارو پالي ٻوليءَ جي لفظ ڪي ماجيري Majeri جي برابر سمجهي سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت ٽالمي جو لکيل لفظ مالنگا ناگا ماٿهن جي راجڌاني ماجريڪا Majerika ٿي سگهي ٿو. هن ساري معاملي تي جيڪڏهن ويچارجي ٿو تہ شاهديون اهڙيون ملن ٿيون جن مان سمجهجي سگهجي ٿو تہ ڌارني ڪوٽ شين سئنگ وارو ڏنڪا ڪاڪتا ۽ مجريڪا وارو نانگن جو اسٽوپا آهي، جيڪو پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا ۾ تمام گهڻو مشهور هو. مان مهاونسو جو احوال اڳي ئي مٿي لکي آيو آهيان، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مجريڪ وارو اسٽوپا نهايت اعليٰ ۽ شاندار هو. ان جو پڇاڙي وارو ڏاڪو اهڙو تہ املهہ هو جو ساري سري لنڪا جي ڌن مٽ هو. سندس بيان آهي تہ اهو اسٽوپا باختر جي ساري ملڪ جي دولت جي برابر هو. (٨٠٣) اسان جي اکين ڏٺي شاهدي اها آهي تہ ان ۾ پٿر جي جيڪا اکر ڪئي وئي آهي، تنهن جو تہ ڪو بہ مثال ڪو نہ آهي ۽ هاٿي تہ اهي انڊيا آفيس ميوزيم، لنڊن جي زينت بڻيل آهن. ان کان علاوہ ماٿهن کان اهڙيون روايتون بہ ٻڌڻ ۾ آيون تہ ڌارني ڪاڪتا ڪنهن زماني ۾ هندستان جي هڪ ڀاڱي جي راجڌاني ضرور رهيو آهي. (٨٠٤)

هيءَ اسٽوپا ڪيتري پراڻي آهي، تنهن جو فقط اندازو ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ انڊيا آفيس ميوزيم لنڊن ۾ رکيل اکريل پٿرن تي ويهہ لکتون نظر اينديون، پر انهن مان ڪنهن تي بہ تاريخ وغيرہ لکيل ڪانہ آهي ۽ نہ وري منجهن ڪنهن راجا يا خاص ماڻهوءَ جو نالو ڏنل آهي جنهن جو ڪنهن معلوم دور سان واسطو هجي، پر آئيوٽا جي طرز مان اندازو ضرور ڪري سگهجي ٿو. مون کي پوري پڪ ٿئي ٿي تہ اها لکت ڪانهري Kanhari، ناسڪ Nasik ۽ ڪارلي Karli

وارين گفائن جي لکتن جي سهيوڳي آهي، جن ۾ آنڌرا گهراڻي جي گوتمپترا Gotamiputra ساتڪرني Satakarni پودو مائي Pudumayi يادينہ سري Yadyna sri جي ڏنل سوکڙين جو ذڪر ڪيو آهي. اهي لکتون ڀيلسا استوپا Bhilsa Stopa جي لنگهہ ساتڪرني (٨٠٥) ۽ گرنار واري جبل تي رودر دام Rodra dama سان بہ هڪجهڙائي رکن ٿيون. مان اڳي ئي لکي آيو آهيان تہ ڪانهري لکتن مان هڪ ٿيهين سَڪادتيہ ڪال Shkaditya kal واري يا سڪ Sake دور سان واسطو رکي ٿي، جيڪا عيسوي سن ١٠٩ع جي برابر آهي. هاڻي مان ايترو اضافو ضرور ڪندس تہ رودردام واري لکت ٻاهترين سالن ۾ ڪئي وئي آهي جيڪڏهن هن کي وڪر ماجيت دور سان ڀيٽائي ڏسنداسون تہ اهو سن١٥ع وجي بيهندو ۽ وري جيڪڏهن سڪادتيہ ڪال سان ڀيٽائي ڏسبو تہ سن ١٥٠ع ٿيندو. اهي ٻئي سن ٻي صدي عيسويءَ واري دور ۾ اچي وڃن ٿا، جنهن سان مان امروتي Amaravati جي لکت کي منسوب ڪيو آهي. ڪرنل ميڪنزي Col.Mackenzie ڏارني ڪاڪتا جي ٽرڙن جي کوٽائي مان گوتمپترا جا سيهي جا (٨٠٦) ۽ ان سان گڏ آنڌرا جي ساتڪرني گهراڻي جي راجائن جا بہ ڪي سڪا لڌا آهن. هن قسم جي لاڌ اهڙي تہ پڪي شاهدي آهي، جنهن مان يقين ٿئي ٿو تہ انهن راجائن جي دور ۾ هتي ڪي اهم اڏاوتون ضرور هونديون. مان هن ڳالهہ جو اڳي ئي اشارو ڏئي آيو آهيان تہ گوتميپترا ساتڪرني شايد اهو ئي ساڳيو ماڻهو آهي جنهن کي مهان ساليواهڻ Great Salivahan سڏيو ويندو هو ۽ جنهن جي راج سان سڪ يا ساڪ دور ڳڻڻ شروع ڪيو ويو هو. مان هن خيال جو بہ قائل آهيان تہ سن ٩٠ع ۾ هن ئي راجا امروتي واري استوپا تعمير شروع ڪرائي هئي، جيڪا يادريہ سري Yadrya sri ساتڪرني جي دور ۾ نهي راس ٿي هئي. هي راجا سندس جانشينن مان هڪ هو جيڪو سن١٤٢ع ۾ گاديءَ تي ويٺو. اها تاريخ استوپا جي تعمير واري دور سان سهمت آهي. ان استوپا بابت چئي سگهجي ٿو تہ مذڪوره استوپا جي اڏاوت عيسوي سن کان اڳ جي آهي ۽ سن ٣١٣ع کان پوءِ جي ڪا نہ آهي ۽ ان ئي زماني ۾ هن استوپا ۾ رکيل تبرڪ سري لنڪا ڏانهن نيا ويا هئا. ان دور کان گهڻو پوءِ يعني يارهين صديءَ ۾ دنڪا Danaka جو ابوريحان ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي تہ اهو ڪونهان Konhan جي ميداني علائقن

مان هڪ آهي، جيڪڏهن ڏنو وڃي ته ڪونهان ڪستنا Kistna ماثريءَ وارو پٽ آهي. هن علائقي جو بيان اضافي شاهدي ڏئي ٿو ته شين سئنگ جو ذڪر ڪيل هيءُ ماڳ ڌنڪا ڪتا آهي، جنهن ڪي مان ڪستنا نديءَ جي ڪناري تي موجود ڌارني ڪوٽ جي شڪل ۾ سڃاڻڻ ۾ سوپارو ٿيو آهيان. ابوريحان جو بيان آهي ته دنڪا گينڊن جو اصلي ماڳ آهي. (٨٠٧) سليمان تاجر ۽ اهو ساڳيو ذڪر ڪيو آهي. (٨٠٨) سندس بيان اهي ته ڏکڻ هندستان جي هڪ علائقي جو نالو رهمي Ruhmi آهي، جتي نازڪ ۽ نفيس ململ جو ڪپڙ و تيار ڪيو ويندو هو، جيڪو هڪ مُنڊي مان پار ڪري سگهبو هو. (٨٠٩) مسعودي ساڳيءَ علائقي کي رهما Rahma ۽ ادريسيءَ دومي Dumi ڪري لکيو آهي. مسعوديءَ جو بيان آهي ته مذڪوره علائقو سامونڊي ڪناري سان پکڙيل آهيءُ مارڪوپولو موسليپٽم جي علائقي ۾ موتافيلي Motafili شهر جوذُڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي ته اهو ملبار جي اتر ۾ ۽ هيرن گهڻو مشهور آهي، اتي اهڙو سوٽي ڪپڙو جڙندو آهي جيڪو ڪوريئڙي جي ڄار جهڙو سنهڙو هوندو آهي. موتافيلي کي موسليپٽم طور سڃاتو ويو آهي. ماوتاپيلي نالي وڏو شهر سامونڊي ڪناري سان به موجود آهي، جيڪو ڌارني ڪوٽ کان ٦٥ ميل ڏکڻ ۽ موسليپٽم کان ٧٠ ميل ڏکڻ - اولهه پاسي ٿيندو. ٻنهي حالتن ۾ مارڪوپولو جو بيان هن ڳالهه جي شاهدي ڏئي ٿو ته گوداوري جي ڇوڙ وارو علائقو هيرن ۽ سنهي ململ ڪري گهڻو ڄاتو سڃاتو ويندو هو. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته مذڪوره علائقي ۾ هيرن واري پرتيال Partyal ايراضي جيڪا ڌارني ڪوٽ کان لڳولڳ اتر ۾ آهي جنهن ۾ سنهي ململ واري ايراضي موسليپٽم به شامل هئي تنهن کي قديم عرب جاگرافيدانن واري رهمي يا دومي علائقي طور سڃاتو ويو آهي. جيڪڏهن هن لفظ جي هِجي ۾ ٿوري ڦير گهير ڪبي ته رهمي ڏنڪ جي لفظ ۾ بدلجي ويندي، جيڪو ابوريحان جي لکيل لفظ ڌنڪا Dhanaka جهڙو آهي.

اوڙيسا جي تذڪرن مطابق (٨١٠) امروتي جي موجوده شهر جو بنياد اوڙيسا جي راجا سريا ديو Surya Deva ٻينءَ راجڌانيءَ طور ٻارهين عيسوي صدي ۾ رکيو هو. هيءُ نالو ٻشو ديوتا جي پوڄا جي نقطه نگاه کان پهريائين امرنات Amaranatha يا امرس وار

Amareswara رکيو ويو هوند. هن ديوتا جي ٻارنهن لنگن ۾ هڪ جو واسطو اجين سا آهي، جيڪو اصل ڪتسنا نديءَ جي ڪناري هڪ پؤتر نگر جي مندر جي ملڪيت هو. اسان کي اها به ڄاڻ اهي ته اجين ۾ مهاڪال Mahakala نالي هڪ مندر هوندو هو. شو ديوتا سان لاڳاپيل باقي ڏهه مندر ملڪ جي مختلف ڀاڱن ۾ موجود هوندا هئا.

مان هن احوال کي ايم ووين ڊي سئنٽ مارٽن جي حوالي سان بيان ڪرڻ کان اڳ بند ڪرڻ ڪونه ٿو چاهيان جنهن ۾ هن شڪ ڏيکاريو آهي ته ڊنڊڪ Dandak جو نالو ڌنڪا ڪتا (ڌنڪڪٽ) سان ڪو لاڳاپو رکي ٿو يا نه؟ (٨١١) ڊنڊڪارنيه Ḍanda Karanya يا ڊنڊڪ جو ٻيلو هندستان ۾ گهڻو مشهور آهي. هندستان جو وڏو جوتشي وراه مهيرا Varaha Mihira (٨١٢) ٻين ٿاڪن سان گڏ ڊنڊڪ ماڳ کي ڏکڻ هندستان ۾ ٻڌائي ٿو. سندس بيان هن ريت آهي: ڪيرالا Kerala، ڪرنات Karnata، ڪانچي پور Kanchi pura، ڪونڪن Konkana ۽ چينا پٽڻ Chinna pattana (مدراس) ڏکڻ هندستان ۾ آهن.هنن نالن مان ائين ٿو ڀاسجي ته ڊنڊڪ، ڪونڪن يا مٿئين ڪستنا کان هڪ ڌار ۽ الڳ ايراضي آهي، تنهن ڪري ممڪن آهي ته اها ڪستنا جي هيٺين ايراضي هجي جنهن جي راجڌاني ڌنڪا ڪتا (ڌنڪڪٽ) هوندي هئي. ٻر پويون نالو هن علائقي جي الهندي غارن جي تمام اڳاٽين لکتن ۾ ڏسجي ٿو، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ڊنڊڪ لفظ جي فعلي هڪجهڙائي هڪ اتفاقي ڳالهه آهي. شين سئنگ جو بيان آهي ته ڌنڪا ڪتا (ڌنڪڪٽ) جو گهيرو ٦٠٠٠ لي يعني ١٠٠٠ ميل هو. هيڏي وڏي پکيڙ جي تائيد اسان کي تا - آن - تا - لو Ta - An - Ta - Lo جي نالي مان به پئي ٿي جنهن کي مها آنڌرا سڏيو ويندو هو، جنهن ڏانهن شين سئنگ جي ايڊيٽر به ڌيان ڇڪايو آهي. (٨١٣) سندس چوڻ آهي ته تلنگانه جا ٻيا علائقا جهڙوڪ: ڪالنجا Kalinga ۽ آنڌرا ٻئي ڌنڪا ڪتا کان ننڍا آهن. ڪنهن به طرف کان هن علائقي جي سرحد بيان ڪانه ڪئي وئي آهي پر ٿي سگهي ٿو ته هن علائقي جي ايراضي ايتري حد تائين پکڙيل هوندي جيتري حد تائين تيلگو ٻولي ڳالهائي ويندي هوندي. اهڙيءَ ريت مذڪوره علائقي جون حدون هن ريت ٿي سگهن ٿيون: اولهه پاسي کان ڪل برگ Kul barga ۽ پين ڪنڊا penno Konda، ڏکڻ کان

تريپتي Tripati ۽ پوليڪٽ Pulikat ڏندي. اتر کان آنڌراءِ ۽ ڪالنجا ۽ اوپر پاسي کان سمنڊ. مذڪوره سرحدن کي نظر ۾ رکندي مان هن خيال جو آهيان ته مٿئين بيان مطابق اهو وڏو علائقو شين سئنگ وارو ڏنڪا ڪتا (ڏنڪڪت) تي سگهي ٿو.

# چوليا يا چوريا

شين سئنگ ڏنڪا ڪاڪتا کان ۱۰۰۰ لي يا ۱۶۷ ميل ڏکڻ اولهه سفر ڪري چو - لي - يا Chu - Li - Ya يا جهوليا Jholiya نالي هڪ ماڳ وٽ پهتو هو، جيڪو سندس بيان موجب ننڍڙو علائقو هو ۽ سندس گهيرو ۲۴۰۰ لي يا ۴۰۰ ميل هو. (۸۱۴) هيءُ هڪ اڻ جاتو ملڪ آهي تنهن ڪري ضروري آهي ته هن ياتريءَ جي بعد واري سفر تي ويچارجي، جيڪڏهن ۱۵۰۰ يا ۱۶۰۰ لي ڏکڻ پنڌ ڪري ڪانچي پور يا ڪنجيورم Conjeveram پهتو هو ته هيءُ ماڳ دراويد Dravida علائقي جي راجڌاني هو. ڪستنا کان ڪانچي پور ۲۴۰ کان ۲۶۰ ميل پري آهي ۽ چوليا کي ڌارني ڪوٽ کان ڏکڻ - اولهه پاسي ۱۶۷ ميل پري نديءَ جي ڪناري سان ڪٿي جاچڻ گهرجي. مذڪوره جاگرافيائي بيهڪ ڪرنول Karnnul سان هڪجهڙائي رکي ٿي، جيڪو ڪانچي پور کان ۲۳۰ ميل پري اتر - اتر - اولهه پاسي سڌي پنڌ تي ۽ ڌارني ڪوٽ کان ۱۶۰ ميل اولهه - ڏکڻ - اولهه طرف آهي. ايم جولين هن چوليا کي چولا Chola سمجهي ٿو جنهن کي چالا منڊل Chala Mandal ڪورو منڊل Coromaundel ڪوٺيو ويندو آهي. ويچارجي ته چولا دراويد کان ڏکڻ ۽ شين سئنگ وارو چوليا ان جي اتر طرف هوندو، جيڪڏهن اسان هن چيني ياتريءَ جي ٻڌل طرف ۽ فاصلي کي صحيح سمجهنداسين ته پوءِ چوليا جي جاگرافيائي بيهڪ کي ڪرنول Karnul جي پر پاسي ۾ ڳڻڻو پوندو.

پروفيسر لئسن هن ڳالهه جو صلاح مشورو ڏنو آهي ته چوليا ۽ دراويد ماڳن جا نالا چيني ياتريءَ جي سفرنامي جي ايڊيٽر مٽائي سٽائي ڇڏيا آهن. ٻه ٽي سال ٿيندا جو مونکي مذڪوره سفرنامي پڙهڻ جو موقعو مليو هو ۽ پروفيسر لئسن جي ڏنل اشارن کي پڙهڻ جو پڻ موقعو مليو. جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته چيني ٻولي جا پد چو - لي - يي Chu - Le - Ye چولا Chola جي برابر آهن ته پوءِ اهڙن

اشارن ۾ صلاح ۽ مشورن مڃڻ ۾ ٻه ڪا ڏکيائي ڪانه آهي، پر مان ايمر وروين ڊي سيئنٽ مارٽن سان سهمت آهيان (٨١٥) ۽ اهڙيءَ مت ست جو به ڪو امڪان ئي نظر ڪونه ٿو اچي، توڙي جو شين سيئنگ جي سفر نامي ۾ چولا ملڪ جو ذڪر ئي ڪونه ٿو ملي. ايمر وروين ڊي سيئنٽ مارٽن ڪارو منڊل جي نالي هاٽوڪي استعمال ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جنهن ڪي موراس واري سامونڊي ڪناري لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، جيڪو اتر ڏانهن وڌندو وڃي گوداوريءَ جي ڇوڙ تائين پهچي ٿو. چولا جي ملڪ جي امڪاني سرحد ڪستنا نديءَ جي لڳولڳ ڏکڻ طرف چئي سگهجي ٿي. منهنجي خيال موجب هن علائقي جي اها پکيڙ يوربي بيڙين جي سمجهه مطابق آهي ۽ هنن اها سڙڪ پنهنجي سولائيءَ خاطر سمجهي آهي. ان ڪان علاوه هيءُ نالو سامونڊي ڪناري پاري علائقي سان لاڳاپيل آهي پر چوليا Choliya جو ذڪر شين سيئنگ ڪيو آهي. سندس بيان موجب مذڪوره علائقو ڏنڪڪٽ ڪان ڏکڻ - اولهه پاسي، ايراضيءَ ۾ هڪ ننڍڙو علائقو آهي. جيڪڏهن اسان چيني ياتريءَ جي بيان ڪي جيئن جو تيئن ڪري سمجهون ته پوءِ امڪان ئي ڪونه آهي ته اهو علائقو اوپر طرف ايترو وڌي وڃي ۽ سامونڊي ڪناري وارو علائقو بنجي پوي.

اسان هيءَ ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ته چوليا واري علائقي کي سڃاڻڻ ڏکيو آهي. هن بابت منهنجي راءِ اها آهي ته چيني ياتريءَ جي بيان کي جيئن جو تيئن قبول ڪجي يا پروفيسر لئسن جي خيال جيان ان بيان ۾ مٽ سٽ واري ڳالهه کي قبول ڪجي. پهرين ڳالهه جي نقطه نگاه کان چوليا جي علائقي کي ڪرنول Karnul جي اوسي پاسي ڳولڻ کپي. پوئين ڳالهه موجب يا ته ان کي چولا وارو مشهور علائقو سمجهڻ گهرجي، جنهن جي مشهور راڄڌاني تانجور Tanjor آهي.

هندستان جائنو - جپاني نقشو، جنهن ۾ هن چيني ياتريءَ جي سفر نامي کي وڌيڪ چٽو ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، تنهن ۾ چوليا نالي جي هجي چو - يي - نو Chu - ye - No آهي ۽ ان ايراضيءَ کي دراويد کان اتر ۽ ڏنڪ کان ڏکڻ - اولهه ڏيکاريو ويو آهي. شين سيئنگ جي سفرنامي جي احوال ۾ ٻه ائين ئي لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مٿيان چيني ٻوليءَ جا پد ڪندنور Kandanur نالي جو

مفهوم ڏيکارن ٿا. بچانن Buchanan جي خيال موجب اهو ڪرنول جو بلڪل صحيح ترجمو آهي.

ڪرنول شهر جي بلڪل ڀرسان زورا Zora يا جورا Jora نالي هڪ قديم ماڳ آهي، جيڪو نقشن ۾ جورام پور لکيل ڏسجي ٿو، اهو چيني ياتريءَ جي لکيل نالي چوليا يا جوريا سان گهڻي هڪ جهڙائي رکي ٿو. چيني ٻوليءَ جي منڍ وارا پد ڪڏهن ڪڏهن ڪتب ايندا آهن پر اهڙو ساڳيو اکر ڪجو گيرا Kajugira،جوتنگ Juting ۽ جيولشڪا Jyolishka ۾ به ڏسجي ٿو. منهنجو خيال آهي ته ايم جولين جي جو Ju يا جو Jo واري پڙهڻي صحيح آهي. مان هن ماڳ جورا کي ٽالمي جو بيان ڪيل ماڳ سورا ريجيا آرڪٽي Sora Regia Arcati سمجهان ٿو. ڪن ڇاپن ۾ وري لفظن کي ڦيرائي گهيرائي آرڪٽي ريجيا سورا لکيو ويو آهي. جيڪڏهن گاڏي گهوڙي جي اڳيان ٻڌجي ته به گاڏي گاڏي رهندي. منهنجي راءِ آهي ته سورا، راجا آرڪيتاس Arkats جي راڄڌاني هوندي. توڙي اها نالي اڳيان لکي وڃي يا پڇاڙيءَ ۾. آرڪيتاس مدراس ڀرسان ارڪاٽ Arkat وارو ماڳ سمجهيو ويو آهي. جنهن قبيلي کي ٽالمي سوراءِ نوميڊس Sorae nomadus ڪري لکيو آهي، سو منهنجي خيال موجب سورا Sauras قبيلي جي چاڙهه هوندو، جيڪي اڄ سوڏو ڪستنا نديءَ جي ڪناري سان رهندا آهن. ڪرنول شهر کان هڪ سؤ ميل اولهه - اتر - اولهه سورا پور Sora pur نالي هڪ وڏو شهر آباد آهي، جنهن جي راجا جو اباڻو راڄ پنهنجي فرمانبردار قبيلي جي پکيڙ تائين مشتمل هو. سندن اها دعوي آهي ته ٽيهن صدين کان وٺي اهڙو راڄ هلندو پيو اچي. (٨١٦)

چوليا بابت بيان آهي ته ان جو گهيرو ٢۴٠٠ لي يا ۴٠٠ ميل هو. ان جو گهيرو ايترو ته ننڍڙو آهي جو سندس سڃاڻ ئي مشڪل ٿي وئي آهي. جيڪڏهن سمجهيو وڃي ته اها ايراضي ڪرنول علائقي جي سرحدن اندر آهي ته پوءِ ڏنڪڪٽ واري علائقي جي اتر - اولهه علائقي واري ڪنڊ ڪٽجي ويندي ۽ ان جي گهيري ۾ به ڪو فرق ڪونه ايندو، توڙي جو مذڪوره ايراضي منجهانس ڪٽجي به ويندي. جيڪڏهن اسان چوليا کي چولا سمجهندا سون ته مان ان ۾ تانجو وارو موجوده علائقو شامل سمجهندس، جيڪو اتر - اولهه پاسي کان ساليم Salim

سينگ - ڪيا - لو Seng - Kia - Lo يعني سري لنڪا ڏانهن وڃي ڪونه سگهيو.

# ملڪوت يا مدود

شين سئنگ ڪانچي پور کان ڏکڻ ٣٠٠٠ لي يا ٥٠٠ ميل پنڌ ڪري مو - لو - ڪيو - چا Mo - Lo - Kiu - Cha پهتو هو، (٨١٨) جنهن جو ايم جولين مفهوم ملڪوت ٻڌائي ٿو. هن علائقي جي ڏکڻ پاسي مو - لا - يي Mo - Lo - Ye يا مليہ Malaya نالي هتي هڪ جبل آهي، جتي چندن جو ڪاٺ گهڻو ٿيندو آهي. هڪ ملڪ بابت هيءُ بيان ڏيکاري ٿو تہ اڳيئت جو هيءُ صفا ڏاکڻيون چيڙو آهي، جنهن کي اڄ سوڌو مليالم Malayalam يا مليہ وار Malayaware يا ملبار سڏيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ چيني ٻوليءَ جا پد ملڪوت نالي جي اختصار جو مفهوم ادا ڪن ٿا. ٻڌايو وڃي ٿو تہ هن ملڪ جو گهيرو ٥٠٠٠ لي يا ٨٣٣ ميل هو، جنهن جي ڏکڻ پاسي سمنڊ ۽ اتر کان دراويد جو ملڪ هو. اندازو ڪيل هيءُ ماپ ڪاويري نديءَ جي ڏکڻ تائين هلي وڃي ٿي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ملڪوت واري علائقي ۾ اوپر پاسي کان تاڃور ۽ مدور ۽ اولهہ طرف ڪوئمبٽور Coimbator، ڪوچين Cochin ۽ ٽرانڪور واريون ايراضيون بہ شامل هونديون.

راجڌانيءَ جي جاگرافيائي بيهڪ کي مقرر ڪرڻ ڏکيو آهي. ڪنجيورم کان ٥٠٠ ميل جيڪڏهن ڏکڻ هلبو تہ راس ڪماري کان اڳتي ٿيي وڃي سمونڊ ۾ نڪربو. جيڪڏهن ٣٠٠٠ لي بدران ١٣٠٠ لي يا ٢١٧ ميل پڙهنداسين تہ پوءِ طرف ۽ پنڌ مدور جي قديم شهر سان نهڪي بيهي ٿو، جيڪو تالمي جي زماني ۾ هن اڳيئت جي راجڌاني هوندو هو. ٿي سگهي ٿو تہ شين سئنگ واري زماني ۾ هن علائقي جي راجڌاني ڪولم Kaulam (قولن Quilon) هجي پر ياتريءَ جو بيان هن ماڳ جي طرف ۽ پنڌ سان سهمت ڪونہ آهي، جاڪاڻ تہ مذڪوره ماڳ ڪنجيورم کان ٤٠٠ ميل پري ڪونہ ٿيندو. راجڌانيءَ جي اتر اوپر پاسي چرترپور Charitra pura نالي هڪ شهر هوندو هو جتان سري لنڪا لاءِ ماڻهو ٻيڙين تي چڙهندا هئا، پر جيڪو مدور راجڌاني هوندو تہ بندر وارو شهر چرتر پور بدران نيگپٽم

Negapataam هوندو. جيڪڏهن ڪول راڄڌاني هوندو ته پوءِ بندر وارو شهر رام ناد Ram nad کان سواءِ ٻيو شهر ڪونه ٿو ٿي سگهي. هن شهر وٽان سري لنڪا ٣٠٠٠ لي ٥٠٠ ميل ڏکڻ - اوڀر طرف هو.

شين سئنگ جي آتم ڪهاڻي جي لکڻهار موجب (٨١٩) هي چيني ياتري ملڪوت ڏانهن ويو ئي ڪونه هو. هن پنهنجو بيان ڪنين ٻڌي ڳالهه موجب لکيو آهي ۽ ٣٠٠٠ لي وارو فاصلو به دراويڪ جي سرحدن کان سمجهڻ گهرجي. ملڪوت جي راڄڌاني ڪي اڃا به ڏکڻ ڏس تي ڏيکارڻ ڳالهه ڪي وڌيڪ منجهائڻ جي برابر ٿيندو. هن گس بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي (٨٢٠) سي - يو - ڪي لاءِ لکيو آهي ته اهو ماڳ ٣٠٠٠ بدران رڳو ٣٠٠ لي پري آهي ۽ اهو پنڌ سنڊس تصنيف ممايرس آف شين شئنگ ۾ ڏنل فاصلي جي بلڪل برابر آهي. جيڪڏهن مٿي ڏنل انگن اکرن ۾ ڇاپي جي غلطي نه آهي ته پوءِ انهن مختلف پڙهڻين مان ائين پائنجي ٿو ته سنڊس فاصلي ۾ به پوري ڪانه آهي ۽ نه وري هلڻ واريءَ جاءِ بابت ڪو ويساه جوڳي جاڻ آهي. تنهن ڪري مان هن خيال جو آهيان ته ممايرس ۽ ياتريءَ جي آتم ڪهاڻيءَ بابت لکيل ڪتابن ۾ دراويڊ جي سرحدن کان اصلي فاصلو ٣٠٠ لي يا ٥٠ ميل ڏنل آهي جيڪو آخر ۾ بيان ڪيل ڪتاب جي بيان موجب ٥٠ ميل ڏنل آهي ۽ مٿي بيان ڪيل ٣٠٠٠ لي يا ٢١٧ ميل فاصلو دراويڊ جي راڄڌاني کان سمجهڻ کپي، جيڪو مٿي بيان ڪيل پهرين نالي واري ڪتاب ۾ موجود ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻنهي ڳالهين جي نقطه نگاه کان ملڪوت جي راڄڌاني مدور Madura ۾ ئي متعين ڪري سگهجي ٿي، جنهن ڏکڻ هندستان جي سيني شهرن ۾ هميشه مکيه جاءِ والاري آهي.

ابوريحان ۽ سنڊس اتاري ڪرڻ واري رشيد الدين جي خيال موجب ماليه Malya ۽ ڪوتل (ڪونڪ Kunaka) به جدا علائقا آهن ۽ آخر ۾ بيان ڪيل علائقو پهرئين جي ڏکڻ پاسي ۾ واقع آهي، جيڪو هندستان جو سڀ کان ڏاکڻيون علائقو چئي سگهجي ٿو. تنهن ڪري امڪان هن ڳالهه جو آهي ته ملڪوت هڪ مرکب نالو آهي جنهن ڪي ٻن پر وارن علائقن جي نالن کي گڏي جوڙيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ماليه پانڊيه Pandya وارو علائقو آهي،جنهن جي راڄڌاني مدور آهي

۽ ڪوٽ Kuta يا ڪوتل Kutal تراونڪور کي سمجهڻ گهرجي، جنهن جي راڄڌاني ڪوچين آهي. ٽالمي هن ماڳ کي ڪوٽيار Kottiara ڪري لکيو آهي.

شين سئنگ چولا بابت پنهنجو بيان قلمبند ڪونه ڪيو آهي، تنهن سمجهڻ ۾ ائين اچي ٿو ته سنڌس اچڻ واري سمي چولاديس Chola desa يا چيراس Chiras وڏي ملڪ ۾ شامل هوندو پر ٽالميءَ ان جو پوريءَ ريت بيان ڪيو آهي. سنڌس بيان ۾ ايندڙ لفظ آرٿيورا ريجيا سورنتي Arthura regia soranti اوريئر Oriur ڏانهن اشارو آهي جيڪو سورنجاءِ Sorngae جي راجا سورناٿ Sornatha جي راڄڌاني هوندو هو. جنهن کي سور، چور يا چول به سڏيو ويندو هو. مذڪوره ماڳ اوريئر ترچناپلي Trichanapoli کان ڪجهه پنڌ تي ڏکڻ - ڏکڻ - اوير پاسي واقع آهي. سورنجاءِ وارو ماڳ به گهٽو ڪري ته پلينيءَ جو بيان ڪيل سئريني Syrieni وارو ماڳ آهي. هيءُ علائقو پانڊاءِ Pandae ۽ دراوڙن واري علائقي درنجاءِ Deranjae جي وچ تي سامونڊي علائقي سان آهي، جتي ٽي سؤ شهر آباد آهن.

ايم جولين جي بيان موجب (٨٢١) مليڪوٽ واري علائقي کي ڪنهن زماني ۾ چي - مو - لو Chi - Mo - Lo به سڏيو ويندو هو. منهنجي خيال ۾ جنهن جي صحيح پڙهٽي جهي - مو - رو- Jhi Mo - Ro هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هن نالي جو ٻيو پد چي - چي - تو يا ججهوتي Jajhoti جهڙو آهي. منهنجي راءِ آهي ته جهمورا اهو علائقو آهي جنهن کي استرئبو، ٽالمي ۽ ائرين لموريڪي Limurike ڪري لکيو آهي. پينٽيجيرين ٽيبلس Pentingerrian Tables ۾ دِئمرس Damirace به هن ساڳئي نالي کي ليموريڪي جي هجي سان قلمبند ڪيو آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته اهو ساڳيو نالو پليني وري چرماءِ Charmae ڪري لکيو آهي جنهن جو مفهوم آهي ته اهي ماڻهو جيڪي پانڊاءِ کان مٿئين پاسي سامونڊي ڪناري سان آباد هجن.

چين - جپان واري هندستاني نقشي ۾ مليڪوٽ جو ٻيو نالو هاءِ - ائن - نين Hai - An - Nien ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جو ڪجهه لاڳاپو ٽالمي جي لکيل نالي ايوءِ Aioi سان به ٿي سگهي ٿو.

# ڪونڪن Konkana

مليڪوت جي ياترا ڪانپوءِ شين سئنگ دراويد موٽي آيو هو. ان ڪان پوءِ اتر - اولهه طرف ٢٠٠٠ لي يا ٣٣٣ ميل سفر ڪري ڪونگ - ڪين - نا - پولا Kong - Kien - Na - Pula يا ڪون ڪنپور(٨٣٢) پهتو هو. طرف ۽ فاصلو بئي انگندي Annagundi جي ٿاڪ سان هڪجهڙائي رکن ٿا جيڪو مسلمانن جي حملي کان اڳ هن قديم علائقي جي راڄڌاني ۽ تونگا ڀادر Tunga bhadra جي اترئين ڪناري سان آباد هوندو هو. ايم وين ڊي سئنٽ مارٽن اشارو ڏنو آهي ته هن ماڳ جو نالو بنواسي Banawasi آهي، جنهن کي ٽالمي بنيائوسي Manousi ڪري لکيو آهي، پر هن ڪري فاصلو تمام گهٽو ٿي وڃي ٿو ۽ ان کان پوءِ مهاراشٽره جي راڄڌاني جو طرف ياتريءَ جي ٻڌايل اتر - اولهه بدران سر اتر وڃي بيهي ٿو. انگنديءَ وارو ماڳ گهٽو اڳاٽو آهي ۽ نديءَ جي ڏاکڻين ڪناري تي واقع موجوده راڄڌاني وجينگر Vijayanegar کان پهريائين يادو Yadava گهراڻي جي راجائن جي راڄڌاني پئي رهندو آيو هو. (٨٢٣)

هئملٽن جو بيان آهي ته هتان جي ماڻهن جي چوٽي موجب ڪونڪن جو علائقو گهٽو ويڪرو ۽ وڏو آهي جيڪو الهندي گهاٽن Weoternghats کان ايرندي پاسي واقع آهي. مذڪوره علائقي جي متين پکيڙ ابوريحان جي بيان ڪيل دنڪ Danaka علائقي جي آهي ۽ ڳڻڻ ۾ ڪونڪن جي انهن پٽن سان هڪجهڙائي رکي ٿو، جيڪي گهاٽن کان مٿان سنوان سڌا ميدان آهن. شين سئنگ جي زماني ۾ به انهن علائقن کي ساڳي نالي سان سڏيو ويندو هو، چاڪاڻ ته سندس بيان موجب ان علائقي جو گهيرو ٥٠٠٠ لي کان ٨٣٣ ميل آهي. جيڪڏهن هن علائقي کي گهاٽن ۽ سمنڊ جي وچ واري ننڍڙي ايراضي سمجهبو ته ان علائقي ۾ رڳو بمبئي کان وٺي منگلور Mangalur جي وچ واري ايراضي اچي ويندي پر ستين صديءَ دوران هي علائقو مهاراشٽره جي چالڪيه Chalukya گهراڻي جي راڄ ۾ شامل هوندو هو پر جيڪڏهن چيني ياتريءَ جي بيان کي صحيح سمجهبو وڃي ته پوءِ ڪونڪن جو ملڪ الهندي گهاٽن کان گهٽو اڳتي پکڙيل هوندو. ان علائقي جي سرحدن جو واضح نموني بيان نظر ڪونه ايندو پر جيئن ته ان

جي ڏکڻ پاسي دراوبد، اوير ۾ ڏنڪڪت، اتر ۾ مهاراشتريہ ۽ اولهہ ۾ سمنڊ هو تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ونگورلا Vingorla کان بيدنور Bednur پرسان ڪنڊپور تائين ساري سامونڊي علائقي سان پکڙيل هو. ٻئي پاسي خشڪيءَ واري پاسي کان ڪل برگ Kul Barga جي اوسي پاسي کان وٺي مدگيري Madgiri جي قديم قلعي تائين وسيع هوندو. مذڪوره ايراضيءَ جي پکيڙ ٨٠٠ ميلن جي برابر ٻيهي ٿي. هي قديم ڪادمبا گهراڻي جي راجائن جو ملڪ هو، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ چالڪيہ گهراڻي جي راجائن سان گهٽي وقت تائين وير رکندو آيو. هئملٽن جو بيان آهي تہ هن ملڪ جي نالي جو اچار ڪوڪن KoKan آهي ۽ ڏيهي ماڻهو هن ملڪ جي نالي کي هن اچار سان ڪوئيندا آهن. هن نالي مان پليني جي بيان ڪيل ڪڪنداءِ Cocondae قبيلي جي ماڻهن بابت ڄاڻ ملي ٿي جيڪي ڏکڻ هندستان ۽ سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جي وچ تي رهندا هئا.

## مهاراشتريہ

ڪونڪن کان پوءِ چيني ياتري اتر – اولهہ ٢٤٠٠ کان ٢٥٠٠ لي يا ٤٠٠ ميلن کان وڌيڪ سفر ڪري مو – هو – لا – چا Mo - Ho - La - Cha پهتو. مذڪوره علائقي جي راڄڌاني جو گهيرو ٣٠ لي يا ٥ ميل هو ۽ هڪ وڏي نديءَ جي اولهہ ڪناري سان آباد هئي. (٨٢٤) سنڌس هن بيان منجهان ئي سولائي سان انومان ڪري سگهجي ٿو تہ ستين صديءَ ۾ پئٺن Paithan يا پرتش ٿان Protish thana مهاراشتريہ جي راڄڌاني هو جيڪو گوداوري نديءَ جي ڪناري آباد هوندو هو. ٽالمي هن شهر جو نالو بئٺن Baittana ڪري لکيو آهي ۽ پيري پيلس جي مصنف پليٿان Plithana لکيو آهي جنهن کي صحيح پئٺن ڪري پڙهي سگهجي ٿو. پر ان کان پوءِ سنڌس بيان آهي تہ جيڪڏهن ١٠٠٠ لي يا ١٦٧ ميل الهندي اهل يا اتر – اولهہ پنڌ ڪبو تہ پڙوچ پهچي وڃبو. سنڌس بيان ڪيل فاصلو ٿورو آهي. (٨٢٥) پئٺن ۽ پڙوچ وچ ۾ اصلي فاصلو ڪنهن بہ حالت ۾ ٢٥٠ ميلن کا گهٽ ڪونہ ٿيندو. ايم ووين ڊي سئنٽ مارٽن جو خيال آهي تہ مذڪوره جاگرافيائي بيهڪ سان ديوگيريءَ جو ماڳ وڌيڪ سهمت رکي ٿو. هتي وري خامي اها ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ ديوگيري ڪنهن درياهہ جي ڪناري

سان آباد نہ آهي ۽ اتان کان پڙوچ جو فاصلو ٢٠٠ ميل ٿيندو. پر مان هن خيال جو آهيان تہ متي ڏيکاريل ماڳ ڪلياڻي Kalyani سان وڏيڪ هڪجهڙائي رکي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اسان کي خبر آهي تہ هيءُ ماڳ چالڪيہ گهراڻي جي راجائن جي قديم راڄڌاني بہ رهندو آيو هو. هن ڳالهہ جي جاگرافيائي بيهڪ شين سئنگ جي بيان ڪيل فاصلي مطابق آهي، ڇاڪاڻ تہ انگندي کان ٤٠٠ ميل اتر - اولهہ طرف ۽ پڙوچ کان ١٨٠ يا ١٩٠ ميل ڏکڻ ڏس تي واقع آهي، ان کان علاوه شهر جي اولهہ پاسي کان ڪئلاس Kailas ندي وهندي آهي، جيڪا هن ماڳ وٽ هڪ وڏي نديءَ جو ڏيک ڏيندي آهي. ڇهينءَ صديءَ ۾ ڪوسمس انڊيڪو فليتس Kosmos Indiako phleustes جو صدر مقام هو، جنهن کي ڪلياڻي Kalliani سڏيو ويندو هو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ عيسائي پادرين جو صدر مقام بہ هو. هن کي ڪلياڻ بہ سڏيو ويندو هو. ٻي صديءَ جي پيري پيلس جي مصنف ڪلين Kallina لکيو آهي، جيڪو سارگان Saragans جي وڏن جو واپاري مرڪز هو. ڪانهري واري گفائن ۾ ڪلياڻ Kaliyana جو نالو گهڻو لکيل ڏسجي ٿو جنهن جو پهرين ۽ ٻين عيسوي صديءَ سان واسطو آهي.

هن علائقي جو گهيرو ٦٠٠٠ لي يا هڪ هزار ميل ٻڌايو وڃي ٿو. هيءُ بيان ان علائقي سان هڪجهڙائي رکي ٿو،جنهن جي اتر ۾ مالوا، ڪوسل ۽ آنڌرا اوڀر - ڏکڻ ۾ ڪونڪ وارو علائقو ۽ اولهہ کان سمنڊ اٿس ۽ سمنڊ واري پاسي کان هن علائقي جي حد بندي دامان Daman ۽ ونگرولا وارا ڳوٺ ڪن ٿا. خشڪيءَ واري پاسي کان عيدل آباد Idalabad ۽ حيدرآباد ماڳ آهن. انهن دنگن پٽاندر هن علائقي جو گهيرو ١٠٠٠ ميل کان ٿورو وڌي وڃي ٿو.

هن ملڪ جي اوڀارئين دنگ کان هڪ جبل ڏسڻ ۾ ايندو جنهن جون چوٽيون ڏاڪن وانگر هڪ ٻئي مٿان اتاهيون ڏسڻ ۾ ايندڀون ۽ سندن مٿاڇرا سنوان سڌا نظر ايندا. قديم دور ۾ آچار Achar نالي هڪ ارهت هن جبل کي ٿورو ڪوٽي ٻن ٽن ڪوٺڙين تي مشتمل هڪ مڙهي جوڙي ورتي هئي، جنهن جي مُهاڙي بہ ماڙ هئي ۽ سامهون سومبري Sombre ماٿريءَ جو نظارو پيو ڏسبو هو. هن اڏاوت سان گڏ هڪ وهار بہ هوندو هو،جنهن جي اوچائي سؤ فوٽ هئي. مذڪوره مڙهي جي وچ تي مهاتما گوتم جو بت رکيل هوندو هو،جنهن جي

ڊيگهہ ٧٠ فوٽ هئي. جيڪو پٿر جي ستن هوا ۾ بيٺل ڏاڍرين تي رکيل هوندو هو ۽ اهو بت ظاهر ۾ بنا ڪنهن ٽيڪ جي بيٺل نظر ايندو هو. وهار جي اڏاوت چوڏاري خانن يا ڀاڱن ۾ ورهايل هئي ۽ هر هڪ ڀاڱي ۾ مهاتما جي حياتيءَ سان لاڳاپيل اهم واقعن جي اڪير ٿيل هئي. مڙهيءَ جي اتر ۽ ڏکڻ وارن ڦاٽڪن وٽ پٿر جا هاٿي نظر ايندا هئا. اتان جي ماڻهن جي عقيدي موجب ڪڏهن ڪڏهن اهي هاٿي ايڏيون ته زور سان چنگهاڙون ڪندا هئا، جو ڌرتي ڌڏي پوندي هئي. ان ٽڪريءَ جو بيان ايڏو ته منجهيل آهي جو سڄاڻي ڪانہ ٿي سگهجي ٿي ته ان ٽڪريءَ جي جاگرافيائي بيهڪ ڪٿي هجڻ کپي؟ جيڪڏهن اوپر وارو طرف صحيح آهي ته پوءِ اها اجنتي Ajayanti واري ٽڪري ممڪن ٿي سگهي ٿي چاڪاڻ ته هن ٽڪريءَ جون چوٽيون ياتريءَ جي بيان مطابق هموار ڪونہ آهن جهڙيءَ ريت الورا Elura جون آهن. پر هتي هڪ واضح ڳالهہ جو فرق نظر اچي ٿو سو اهو آهي ته مذڪوره اڏاوت ٻڌن جو وهار نہ بلڪہ هندن جو مندر آهي. الورا جي اندر سيا لڳ اڳڻ ۾ پٿر جو هاٿي نظر ايندو. پر ياتريءَ جو بيان آهي ته پٿر جو هاٿي مڙهيءَ جي ڦاٽڪ وٽ ٻاهران هو. مهاتما گوتم جي حياتيءَ سان لاڳاپيل اهم واقعن جي اڪير ٻڌڌرم سان واسطو رکندڙ گهٽو ڪري هر پٿر تي ڏسڻ ۾ ايندي. تنهن ڪري اهڙي اڪير مڙهي سڃاڻڻ ۾ اسان جي سهائتا ڪري ڪانہ ٿي سگهي. هن بابت چيني ياتريءَ جو بيان اڻ چٽو ۽ منجهيل آهي. ان جي بيهڪ بابت ڪا خاص وضاحت ڪانہ ٿو ڪري ۽ نہ وري پٿر واري اڪر جو خاص سڃاڻپ جوڳو ذڪر ڪري ٿو. ان هوندي بہ مان هن خيال جو آهيان ته هن ياتريءَ مذڪوره ماڳ هلي وڃي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. هن ڳالهہ کي نظر ۾ رکي مان ملڪ جي سرحد بابت سندس بيان کي پڙهندس ۽ مان سمجهان ٿو ته ڪانهري ٽڪريءَ کي ڪوٺي مذڪوره مڙهي تيار ڪئي وئي هئي جيڪا سلسيٽي Salsette ٻيٽ اندر واقع آهي. جيڪڏهن منهنجي سڃاڻ صحيح آهي ته ستين صديءَ ۾ مهاراشٽر جي راڄڌاني ڪلياڻ هو ته پوءِ اها بہ پڪ سمجهڻ کپي ته هن چيني ياتريءَ ڪانهري وارا ٻڌ يادگار ضرور ڏٺا هوندا، جيڪي ڪلياڻ کان ٢٥ ميلن جي فاصلي تي مس ٿيندا. ڪانهري جي گفائن مان ڪوڙ ساربون لکتون مليون آهن، جن مان پوريءَ ريت پتو پوي ٿو ته ٽڪريءَ کي ڪوٺي ناهيل ڪن ٿاڪن جو تعلق

پهرين صدي عيسويءَ سان آهي. هڪ لڪت ۾ ته چٽو پٽو ڏيکاريل آهي ته سڪادتيه ڪال Sakadityakal جو سن ڏنو ويو آهي جيڪو ١٠٨ع جي برابر ٿئي ٿو. ڪانهريءَ ۾ پٿر جي مذڪوره هاٿين جا اجا ڻائين اهڃاڻ ڪونه مليا آهن پر جيئن ته ڪوٽيل وهار جي سامهون سيئي اڏاوتون ناس ٿي ويون آهن ان ڳالهه جو امڪان آهي ته ٽڪريءَ جي ڪڇ ۾ انهن ڊنل ڦٽل جاين جي پٿرن جي ڍيرن هينان مذڪوره هاٿين جي مجسمن جا ٽڪرا ٽوٽا ملي وڃن. مسٽر اي وسٽ Mr.E.west انهن کنڊرن مان پٿر جي جوڙيل اسٽوپا ڳولي لڌي آهي، جنهن ۾ ڪم آيل پٿرن تي آرائشي نقش نگار جي ٽڪ ٽيل ڏسڻ ۾ ايندي. امڪان آهي ته وڏيڪ کوجنا ڪرڻ سان ڪيتريون اچرج جهڙيون شيون نڪري نروار ٿين.

## سري لنڪا

سري لنڪا جو مشهور ٻيٽ هندستان جي ڪنهن به ملڪ ۾ شامل نه آهي. چيني ياتري شين سئنگ هتي ڪونه آيو هو چاڪاڻ ته تنهن سمي هتي وڳوڙ جهڙيون حالتون هيون. هن ياتريءَ سري لنڪا بابت جيڪو احوال لکيو آهي سو ان ٻيٽ مان بدامنيءَ سبب هجرت ڪري آيل ٻڌ ڀڪشن کان ٻڌو هو جيڪي ساڻس ڪانچي پور ۾ مليا هئا. هيءُ ملڪ جيئن ته ڌرمي ۽ سياسي طور هندستان سان گهڻو لاڳاپيل ڏسڻ ۾ ايندو، تنهن ڪري منهنجو ڪتاب هن جو بيان قلمبند ڪرڻ کانسواءِ مڪمل نظر ڪونه ايندو.

ستين صدي عيسويءَ ۾ سري لنڪا کي سينگ - ڪيا - لو Seng _ kia _ Lo يا سنهالا Sinhala سڏيندا هئا. چيو ويندو آهي ته اهو نالو شيهن جي نسل سان تعلق رکندڙ ماڻهوءَ سنهالا ڪري پيو، جنهن جي پٽ وجيه Vijaya هيءُ ملڪ ان ڏينهن فتح ڪيو هو، جنهن ڏينهن ٥٤٣ ق.م ۾ مهاتما گوتم ٻڌ پرلوڪ پڌاريو هو. هن ملڪ جو اصلي نالو پاؤ - چو Pao _ Chu يعني مورتين جو ٻيٽ هوندو هو ۽ سنسڪرت ۾ هن جي معنيٰ رتن دويپ Ratna Dewipe آهي. يورپ وارن کي هن ملڪ جو پهريون پتو سڪندر جي حملہ معرفت پيو هو ۽ يونان وارا هن کي تپروبين Taprobane سڏيندا هئا. پالي ٻوليءَ ۾ هن لاءِ عام لفظ تامب پني Tamba-panni آهي، جنهن جي

معنيٰ آهي ”ڳاڙهن هٿن وارا.“ هيءُ اشارو ان ڳالهه ڏانهن آهي ته جڏهن وجيه جي بيمار ساٿي ٻيڙن مان لهي هن ملڪ جي ڳاڙهيءَ ڌرتي کي ڇهيو هو ته سندن هٿ ڳاڙها ٿي پيا هئا. هن لفظ جو صحيح اچار تامب - پني (٨٢٦) ڏسڻ ۾ اچي ٿو، يعني ڳاڙهن پنن وارا -Red leaved جيڪو سنسڪرت تامر - پرني Tamra-parni تان ورتل ٿو ڀانئجي. لئسن هن لفظ جو اچار تامبر - پاني Tambra-pani لکيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پاڻيءَ جي وڏي ڪڍ يا پاڻيءَ جي اها ڪڍ جيڪا ڳاڙهن ڪنول گلن سان ڍڪيل هجي. پوئين دور جا اولهه وارا ماڻهو هن ملڪ کي ”سمونڊو“ Simundu يا پلئي سمونڊو Palai Simundu جي نالي سان ڄاڻندا سڃاڻندا هئا. لئسن جو خيال آهي ته اهو لفظ پالي - سمنتا Pali-Simanta تان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي مقدس قانون جو سرواڻ - پليني پوبون نالو هڪ شهر جو سمجهي ٿو، جنهن ۾ شاهي محلات هوندو هو. پر اهو راڄڌاني انراج پور Anaraja pura جو ٻيو نالو آهي، جنهن کي تالمي انورگرمون Aniuragrammon سڏيو آهي. انراج پور جي سامهون هڪ ٽڪري آهي، جيڪا اڳتي سمونڊ ڏانهن وڌي آئي آهي. تالمي هن کي ”آندرا سمونڊو“ Andra Simundu سڏيو آهي، پر ان جي معنيٰ ڪانه ڏني وئي آهي. سندس بيهڪ مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته اهو پلئي سمونڊو جو ٻيو نالو آهي.

تالمي هن ٻيٽ کي ساليڪي Salike لکيو آهي. لئسن هن نالي کي ٻيڙائتن طرفان سڏيل بگڙيل نالو ڪوني ٿو، جهڙيءَ ريت عام ٻيڙائت سنهالڪ Sinhalaka يا سهالڪ Sihalake جي نالي کي بگاڙي سلاڪ Silaka جي اڌ نالي سان سڏيندا آهن. اميانس Ammianus هن کي سيرين ديوس Seren dius ، ڪاسمس Kosmas هن کي وري سيلاديب Sieladiba ڪوٺيو آهي، جيڪو سيرين ديوس سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. اهي ٻئي نالا سهالاديب مان نڪتل آهن ۽ پالي ٻوليءَ جي سنهالا دويپ Sinhda duipa سان واسطو رکن ٿا، جنهن جي معنيٰ آهي ”سنهالا جو ٻيٽ.“ ابوريحان هن جو نالو سنگل ديب Singal-dib سرنديب Sirindib لکيو آهي، جيڪو يورپ جي ٻيڙائتن وارو سيرين ديب Serendib آهي. عربن هن کي زيلان Zilan ۽ اسان انگريز سيلان Ceylon سڏيندا آهيون. هندو

هن کي لنڪادويب Langha dwip سڏن ٿا. مهاونسو ۾ هن کي پالي واري اچار لنڪا دويپ Lanka dwip ڪري لکيو آهي. (٨٢٧)

شين سئنگ جي بيان موجب هن ٻيٽ جو گهيرو ٧٠٠٠ لي يا ١١٦٧ ميل آهي،(٨٢٨) جيڪو اصلي ماپ کان ٻيڻو ٻڌايو ويو آهي. سر ايمرسن ٽيننٽ Sir Emerson Tennent مطابق هن ٻيٽ جي ماپ هن ريت آهي: اتر کان ڏکڻ ساڍا ٻه سو ايڪهتر ميل ۽ اوڀر کان اولهه ساڍا هڪ سو سٺتيهه ميل ۽ گهيرو ٦٥٠ ميل آهي. قديم مصنفن هن ملڪ جي پکيڙ تمام گهٽي وڌائي ٻڌائي آهي، تنهن ڪري مان هتان جي ماپ کي شڪ جي نظر سان ڏسان ٿو. ڪاسمس سوپاٽر Sopater جي ذريعي سان هن ملڪ جي پکيڙ ٣٠٠ گاڊيا Gaudia ڊيگهه ۾ ٣٠٠ گاڊيا منديو ٻڌايو آهي ۽ هن ماٿهو پاڻ هيءُ ملڪ اچي ڏٺو هو. سر ايمرسن ٽيننٽ جو خيال آهي ته هيءُ هتان جي ڏيهي ماپ جو نالو آهي، جنهن کي گاؤ Gaou چيو ويندو آهي. (٨٢٩) جيڪو ٽن ميلن جي برابر آهي. اهڙيءَ ريت هن ٻيٽ جي ڊيگهه ٩٠٠ ميل ۽ ويڪر به ٩٠٠ ميل ٿيندي. مان سمجهان ٿو ته گاڊيا هندستان گائو - ڪوس Gao-kos جي برابر آهي، يعني ايترو فاصلو جيستائين ڳئونءَ جي رنڀ ٻڌي سگهجي، جيڪو ١٠٠٠ ڌنش Dhanus يا ٦٠٠٠ فوٽ يا ١٠١٣٦ ميلن جي برابر ٿيندو. اهڙيءَ ريت ٣٠٠٠ گاڊيا ٣٤٠ ميلن جي برابر ٿيندا، جيڪي هن ٻيٽ جي صحيح ماپ کان رڳو ٧٠ ميل وڌيڪ آهن. پليني هن ٻيٽ جي ڊيگهه ١٠،٠٠٠ استاڊيا يا ١١٤٩ انگريزي ميل ٻڌائي ٿو. تالمي هن کي ١٥ ڊگريون ويڪرائي ڦاڪ تي سمجهي ٿو، جنهن مطابق هن ٻيٽ جي ڊيگهه ١٠٠٠ ميل ٿئي ٿي. مارسيانس Marcianus هن کي ٩٥٠٠ استاڊيا يا ١٠٩١ انگريزي ميل جي ماپ برابر سمجهي ٿو، جيڪا تالمي جي ٻڌايل ماپ کان ٿورو گهٽ آهي. چيني ياتري فاهيان سوپاٽر کان هڪ صدي اڳ سن٤١٢ع ۾ سري لنڪا آيو هو، تنهن هن ٻيٽ جي ڊيگهه ٥٠ يوجن ۽ منديو ٣٠ يوجن ٻڌايو آهي. (٨٣٠) اها ماپ ٣٥٠x٢١٠ ميل بيهي ٿي. اسان چڱيءَ ريت سمجهي سگهون ٿا ته ٻنهي سيلانين ملڪ جي پکيڙ جي ماپ ملڪي ماڻهن جي واتان ٻڌي آهي، تنهن ڪري سمجهڻ ائين کپي ته سوپاٽر جا بيان ڪيل ٣٠٠ گاڊيا ٥٠ يوجن جي برابر آهن. اهڙيءَ ريت ڇهه گاڊيا هڪ يوجن جي برابر بيهن ٿا ۽ هڪ گاڊيا

انگريزي ميل کان ٿورو وڌيڪ يا هندستان جي گائو - ڪوس جي برابر وڃي بيهندو.

سر ايمرسن ٽيننٽ سري لنڪا بابت گهڻي کوجنا ڪئي آهي. هن صاحب هڪ ڳالهه ڏانهن اشارو ڏنو آهي ته سري لنڪا وارو گالي Galle بندر اهو آهي، جنهن کي انجيل ۾ تارشش Tarshish جي نالي سان سڏيو ويو آهي. (٨٣١) جيڪو عربي نار Arabian Gulf ۽ اوفير Ophir جي وچ تي هو. مذڪوره اوفير ملاڪا Malacca يا اوريا ڪيرسونيس Aurea Chersone sus کي سڏيو ويندو هو. چاڪاڻ ته ملئي ٻوليءَ ۾ اوفير جي معنيٰ سون جي کاڻ آهي. پر سر ايمرسن جو ڏنل هي مفهوم ۽ مطلب دل سان ڪونه ٿو اٽڪي، ڇاڪاڻ ته حضرت سليمان جي واپاري ٻيڙي وسيلي آندل سامان جو نالو سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ڏنو ويو آهي، سر ايمرسن ٽيننٽ جو بيان آهي ته، ”اهي نالا تامل ٻوليءَ ۾ به آهن، جن مان ڪي نالا اهڙا به آهن، جيڪي اڄ سوڌو سري لنڪا ۾ رواج هيٺ آهن.“ اهي نالي هي آهن: سين هبيم Sen-habim يعني هاٿيءَ جا ڏند - ڪوفيم Kophim معنيٰ ٻولا ۽ تڪيوم Tukium مور. پر جيڪڏهن ويچاربو ته اهي سيئي نالا سنسڪرت ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا، جهڙوڪ: ايا Ibha - ڪپي Kapi ۽ سيوڪا Suka وغيره، پر انهن ۾ عبراني ٻوليءَ جي جمع واريون پڇاڙيون ڳنڍيون ويون آهن. اها به هڪ حقيقت آهي ته ڏکڻ هندستان ۾ سنسڪرت ٻولي جي لفظن کي ڪتب آندو ويو آهي. هتي اهو به ڏنو ويندو ته هن لفظ جي اچڻ سان تامل ٻوليءَ جا اصلي لفظ رواج کان نڪري ڪونه ويا آهن ۽ اڄا سوڌو استعمال ڪيا ويندا آهن. ياني Yane معنيٰ هاٿي - ڪُرنگ Kuronga معنيٰ ٻولو - ميل Mayil معنيٰ مور ۽ ڪلپ پلئي Kilip pillai معنيٰ چٽون. جيڪڏهن حضرت سليمان جي واپاري ٻيڙي سري لنڪا مان اهڙيون وٿون وٺجايون هيون، جن جا نالا سنسڪرت ٻوليءَ ۾ هئا، تنهن مان سمجهڻ کپي ته حضرت سليمان جي دور کان گهڻو اڳ آريائي نسل سان واسطو رکندڙ ماڻهو ڏکڻ هندستان جي ملڪن کي فتح ڪندا اڳتي نڪري ويا هئا. حضرت سليمان جي دور کي ١٢٠٠ ق.م کان ١٥٠٠ ق.م سمجهڻ گهرجي. پر اسان کي آرين جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن مذڪوره دور ۾ نربدا به پار ڪانه ڪئي هئي ۽ نه وري اهي

تنهن سمي گنگا جي چوڙ تائين پهچي سگهيا هئا. تنهن ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته حضرت سليمان جي دور تائين سنسڪرت ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ اهي نالا ڏکڻ هندستان ۽ سري لنڪا تائين پهچي ئي ڪونه سگهيا هوندا. ان کان علاوه سنڌن ڪتابن جي حوالن موجب وجيه جي فتح ڪرڻ (٥٤٣ ق.م) کان اڳ سري لنڪا جا ماڻهو جهنگلي هئا. اشوڪ جي پٽ مهندرا (٢٣٢ ق.م) کان اڳ اهڙي پڪي شاهدي ڪانه آهي ته ڪي آريا سري لنڪا ۾ موجود هوندا هئا يا سنڌن سري لنڪا سان ڪي لهه لاڳاپا هئا.

سمٿ انجيل ڊڪشنري لکي آهي، جنهن ۾ اوفير جو نالو موجود آهي، جنهن تي هڪ سڄاڻ ليکڪ مقالو لکيو آهي. مذڪوره لکڻهار پنهنجي راءِ جو اظهار عربن جي فائدي ۾ ڪيو آهي. سنڌس خيال آهي ته عاج، پولا ۽ مور اوفير مان ڪونه گهرايا ويندا هئا پر تارشش Tarshish نالي هڪ شهر مان درآمد ڪيا ويندا هئا. ليڪن سون ۽ الگوم Algum جو ڪاٺ اوفير مان ايندو هو. سنڌس هن تصور ڪري هاٿي پولي ۽ مور جي سنسڪرتي نالن مان پنهنجي جند آجي ڪري وجي ٿو. ان کان پوءِ به الگوم جو ڪاٺ رهجي وڃي ٿو، پروفيسر لئسن موجب جنهن کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ولگو Valgu يا چندن جو ڪاٺ Sandal-wood سڏيو ويندو هو. هو قبول ڪري ٿو ته عربستان ۾ هاٿي سون پيدا ڪونه ٿيندو آهي، پر ڪنهن زماني ۾ اتان سون ضرور ملندو هو. جيڪڏهن اتان سون ڪونه ملندو هو ته ٻاهران ضرور گهرائيندا هئا. چاڪاڻ ته اسان کي معلوم آهي ته سبا جي راڻيءَ حضرت سليمان کي سوکڙي طور گهڻو سون پيش ڪيو هو.

هن موضوع تي ڏکڻ هندستان جي ماڳ ودري Vadari يا ايدر Eder واري باب ۾ گهڻو ئي بحث ڪيو ويو آهي. پر پوءِ به هتي مان ٻيو پيرو پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو ته انجيل ۾ موجود اوفير، جوزفس Josephus ۽ اسپٽائوجنٽ Speteiagint (٨٣٣) جي خيال ۽ هندو جاگرافيائي بيانن موجب سؤوير Sau vira وارو علائقو آهي. امڪان آهي ته راجپوتانا جو ڏکڻ اولهه وارو علائقو هجي. هن علائقي جي نالي کي اولهه وارن ماڻهن هوبير Hobir بنائي ڇڏيو، جهڙيءَ ريت سنڌوءَ کي اندس. اهڙيءَ ريت سپت Sapta بدلجي هفت Haft ٿي وئي. پليني جو بيان آهي ته، ”ڪنيات جي نار کان اتر وارو

علائقو سون ۽ چاندي پيدا ڪندو هو ۽ اڄ سوڊو پيدا ڪندو رهي ٿو. اراولي وارين ٽڪرين مان ملندڙ سون هندستان جي عجائب گهرن ۾ موجود آهي ۽ اهو ڏسي به سگهجي ٿو. هندستان جي هن جابلو سلسلي ۾ چاندي به تمام گهڻي ملندي آهي. آرين جي نسل حضرت عيسيٰ کان ٻه هزار سال اڳ اچي اولهه هندستان جي والار ڪئي هئي ۽ حضرت سليمان جي دور کان گهڻو اڳ آرين جي ٻولي هندستان جي عوامي ٻولي بڻجي چڪي هئي. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو ته انجيل وارو اوفير يا سوفير هندن وارو سؤوير آهي، جتان حضرت سليمان جي واپاري ٻيڙي خالص سون اچي خريد ڪيو هو، جنهن کان اوفير سوفير يا سؤوير جو علائقو تمام گهڻو مشهور هوندو هو. مذڪوره ٻيڙي هتان ئي عاج، ٻولا، مور وٺجيا هوندا. اهي ڳالهيون اڃا سوڌو انجيل ۾ محفوظ آهن.

## ضميمو - الف

# شين سئنگ جي سفر جو تاريخوار وچور

| عيسوي سنہ موجب تاريخ ۽ سال | سفر جو وچور | حوالا |
|---|---|---|
| ١ آگسٽ ٦٢٩ | چنگ هوانگ واري ٽئين سال جي اٺين مهيني ليانگ چيوُ مان گهوڙي تي سوار ٿيو. | جولين جو شين سئنگ جلد I - ١۴ |
| ١ ڊسمبر | ١٢٠ ميل سفر ڪري اڪيري Akiri پهتو، رستي ۾ ٻہ مهينا قيد ۾ رهيو. | جلدI -١٥-٣٩ |
| ٢٨ ڊسمبر | پنج سو ميل پنڌ ڪري بلوڪ Ba-luka پهتو. | |
| ١٠ جنوري ٦٣٠ع | اڍائي سو ميل سفر ڪري اسيڪول Isikul پهتو. | |
| ١٠ فيبروري | ڇهہ سو ميل ڪري ٽالاس Talas پهتو. | |
| ٥ مارچ | پنج سو ميل پنڌ ڪري سمرقند پهتو. | |
| ٢٠ مارچ | خُلم (هُو - آ) پهتو | جلد ١-٦٢ |
| ٢٠ اپريل | بلخ | |
| ٣٠ اپريل | باميان - ڪاپيسا ڏانهن ويندي رستي ۾ برفاني طوفان | جلد ١-٧١ |
| ١٠ مئي | ڪاپيسا - اونهاري گذرڻ تائين هتي ترسي پيو | جلد ١ - ٧٥ |
| ١٥ آگسٽ | لمگهان Lamghan تي ڏينهن هتي ترسيو. | |
| ٢٠ آگسٽ | نگرهار پهتو - پوتر آستانن جي ياترا لاءِ هتي ٻہ مهينا ترسي پيو. | |
| ١ نومبر | گاندار Gandhar - هتي پوتر آستانن جي ياترا ڪيائين. | |
| ١ ڊسمبر | اتخند Utakhanda | |

| عيسوي سنہ موجب تاريخ ۽ سال | سفر جو وچور | حوالا |
|---|---|---|
| ١ جنوري ٦٣١ع | اُديان - پوتر آستانن جي ياترا ڪئي. | |
| ١ مارچ | سيوستي ندي جي ذريعہ تائين پهتو، اتي برفباري ڏٺائين. | |
| ١ اپريل | اتخند موٽي آيو | |
| ١٠ اپريل | ٽيڪسيلا پهتو - هتي مهينو ڪن ترسي پيو ۽ پوتر آستانن جي ياترا ڪئي. | |
| ٢٥ مئي | سنهاپور پهتو | |
| ١٥ جون | ٽيڪسيلا ڏانهن موٽيو | |
| ١٠ جولائي | اراس Urasa | |
| ١٠ آگسٽ | ڪشمير پهتو. هتي بہ سال ترسي پيو | جلد ١ - ٩٦ |
| ١ آڪٽوبر ٦٣٣ع | ڪشمير کان اسهيو | |
| ١٠ آڪٽوبر | پونچ پهتو | |
| ٢٠ آڪٽوبر | راجوڙي رسيو | |
| ١٩ نومبر | ٽيسڪا يا ٽڪا پهتو | |
| ١٥ نومبر | ساڪلا يا سانگلا آيو | |
| ٢٥ نومبر | هڪ وڏي شهر ۾ پهتو. شڪ آهي تہ اهو ڪساور يا قصور هجي، هتي مهينو ڪن ترسي پيو | جلد ١ - ١٠١ |
| ١ جنوري ٦٣٤ع | چين پٽي China pati پهتو ۽ ١٤ مهينا هتي ترسي پيو. | جلد ١ - ١٠١ |
| ١٥ مارچ ٦٣٥ع | جالنڌر پهتو - هتي چار مهينا ڪن ترسي پيو | جلد ١ - ١٠٢ |
| ١ آگسٽ | ڪُلوت Kuluta پهتو | |
| ١٠ سيپٽمبر | ستادرو پهتو | |
| ٢٥ سيپٽمبر | پارياترا يا بئرات آيو | |
| ٥ آڪٽوبر | متُرا رسيو | |
| ٢٥ آڪٽوبر | ٿانيسر يا استانيسور آيو | |

| عيسوي سنہ موجب تاريخ ۽ سال | سفر جو وچور | حوالا |
|---|---|---|
| ١ نومبر | سروگهن پهتو - هتي سادا چارمهينا ٽڪي پيو. سڄو سيارو ۽ اڌ چيٽ هتي گذاريائين | جلد ١ - ١٠٦ |
| ١٥ مارچ ٦٣٦ع | مداور Madawar آيو - سادا چار مهينا هتي ٽڪي پيو. اهڙيءَ ريت اڌ چيٽ ۽ سارو اونهارو هن ماڳ تي رهي گذاريائين. | جلد ١ - ١٠٩ |
| ١ آگسٽ | برهمپترا | |
| ٥ آگسٽ | مداور موٽي آيو | |
| ١٠ آگسٽ | گووبسن آيو | |
| ١٥ آگسٽ | آهيڇتر | |
| ٢٠ آگسٽ ٦٣٦ع | پلوسان | |
| ٢٥ آگسٽ | سنڪيس | |
| ١ سيپٽمبر | قنوج - ٽن مهينن لاءِ هتي ترسي پيو | جلد ١ - ١١٣ |
| ١ ڊسمبر | ايوتو | |
| ٤ ڊسمبر | هيہ مک | |
| ٧ ڊسمبر | پرياگ | |
| ١٠ ڊسمبر | ڪوسمبي | |
| ١٣ ڊسمبر | ڪُس پور | |
| ١٦ ڊسمبر | ويساک يا ساليت يا اجوڌيا | |
| ٢٠ ڊسمبر | سروستي | |
| ٢٥ ڊسمبر | ڪپل وستو | |
| ٢٩ ڊسمبر | رامگرام | |
| ١ جنوري ٦٣٧ع | ڪُسي نگر | |
| ٣ جنوري | هڪ وڏي شهر ۾ پهتو (ممڪن آهي تہ اهو هندن جو شهر هجي) | |
| ١٢ جنوري | بنارس - ورسا ناسي | |
| ٢٠ جنوري | گرج پتي پور | |
| ٢٥ جنوري | وئسالي | |

| عيسوي سنه موجب تاريخ ۽ سال | سفر جو وچور | حوالا |
|---|---|---|
| ٣٠ جنوري ٦٣٧ع | وريجي Vriji | |
| ٥ فيبروري | نيپال | |
| ١٥ فيبروري | وئسالي ۽ موٽيو | |
| ٢٠ فيبروري | مگڌ - پاٽلي پتر جي راڄڌاني | |
| ١ مارچ | راڄگر - نالند - هتي گهٽ ۾ گهٽ وقت ترسي پيو. اوسي پاسي پوتر آستانن جون ياترائون ڪري، موٽي اچي نالند ۾ پندرهن مهينا ترسي پيو. هتي رهي ڏيهي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيائين. هڪ انومان موجب هتي ٢٢ مهينا ٽڪي پيو هو. | جلد ١ - ١٥٢ |
| ١ جنوري ٦٣٩ع | هرينه پروت | جلد ١ - ١٦٤ |
| ٥ جنوري | چمپ | |
| ١٠ جنوري | ڪان ڪجول | |
| ١٥ جنوري | پائونڊرا ورڌن | |
| ٢٠ فيبروري | ڪاموپ | |
| ٢٠ مارچ | سامتت Samatata | |
| ١٠ اپريل | تامرالي پٽي | |
| ٢٠ اپريل | ڪرن سورن | |
| ٥ مئي | اودر يا اڙيسا | |
| ١٥ مئي - ٦٣٩ع | گنجم | |
| ٣٠ مئي | ڪالنجر | |
| ٢٠ جون | ڪوسل | |
| ٢٠ جولاءِ | آنڌرا | |
| ٣٠ جولاءِ | ڌنڪڪت - هتي گهٽ ۾ گهٽ وقت ترسي پيو، امڪان آهي ته ڇهه مهينا کن ٽڪي پيو هجي. | جلد ١ - ١٨٩ |
| ١ فيبروري ٦٤٠ع | جوڙيه | |
| ٢٠ فيبروري | دراويد ڪانچي پور جي راڄڌاني | جلد ١ - ١٩٠ |

| عيسوي سنہ موجب تاريخ ۽ سال | سفر جو وچور | حوالا |
|---|---|---|
| | يا ڪنجيورم | |
| ١ اپريل | مليہ ڪوٽ | |
| ١٠ مئي | دراويد موٽي آيو | |
| ٢٠ جون | ڪونڪن پور | |
| ٢٠ جولاءِ | مهارا شٽر | |
| ١٠ آگسٽ | ڀڙوچ | |
| ١ سيپٽمبر | مالوا | |
| ١٠ آڪٽوبر | ودري يا ايدر | |
| ١٥ آڪٽوبر | ڪيدا - ڪيرا | |
| ١ نومبر | ولڀي | |
| ١٦ نومبر | آنند پور | |
| ٢٦ نومبر | سوراشٽر | |
| ١ جنوري ٦٤١ع | گرجارا | |
| ٢٠ فيبروري | اجئن | |
| ٢٠ مارچ | ججهوتي | |
| ٥ اپريل | مهيشورپور | |
| ١٥ مئي | سوراشٽر ڏانهن موٽيو | |
| ٢٠ جون | ادمبر يا ڪڇ | |
| ٣٠ جولاءِ | لانگل Langalal يا بلوچستان | |
| ١٣ آگسٽ | پتسيلا ياپٽالا | |
| ٢٠ آگسٽ | آوند - برهمڻ آباد | |
| ١ سيپٽمبر | سنڌ - راتڏانيالور، هتي وبهہ ڏينهن ترسي پيو | |
| ١٠ آڪٽوبر | ملتان | |
| ٢٠ آڪٽوبر | پولو فتو Polo fato (سولو فتو ٩) يا شورڪوٽ - هتي ٻہ مهينا ٽڪي پيو | |
| ١ اپريل ٦٤٢ع | مڪڌ موٽي آيو. شڪن شبهن کي ختم ڪرڻ لاءِ هتي ٻہ مهينا ٽڪي پيو. | جلد ١ - ٢١١ |

| عيسوي سنہ موجب تاريخ ۽ سال | سفر جو وچور | حوالا |
|---|---|---|
| ٥ آگسٽ | بيهر ڪامروپ آيو - هتي هڪ مهينو ترسي پيو ۽ مختلف راجائن ڏانهن قاصد روانا ڪيائين. | جلد ١ - ٢٣٦ |
| ١ نومبر | ڪانيہ ڪبج يا قنوج ڏانهن راهي ٿيو. اهو زمانو سياري جي شروعات هئي ۽ ساٿس گڏ راجا سالدتيہ بہ هو. | جلد ١ - ٢٤٢ |
| ٢٥ ڊسمبر | قنوج ۾ سال جي آخري مهيني ۾ پهتو. هتي ١٨ ڏينهن لاءِ ٻڌ ڌرم بابت بحث مباحثا ڪندو رهيو | جلد ١ - ٢٤٦ |
| ١ مارچ ٦٤٣ع | ٻرياگ - چيٽ جي ٻئي مهيني ۾ هتي ڌرم بابت وڏي سيا گڏ ٿي جيڪا ٧٥ ڏينهن تائين هلندي رهي | جلد ١ - ٢٥٧ |
| ٢٥ مئي | ڪوسجي - ٧ ڏينهن جي سفر ڪان پوءِ هتي پهتو | جلد ١ - ٢٥٢ |
| ١ جولاءِ | پلوسن - هڪ مهينو سفر ۾ لڳو ۽ بہ مهينا هتي ترسيڻ پيو | جلد ١ - ٢٦٠ |
| ٢٠ سيپٽمبر | جالنڌر - هڪ مهينو ترسي پيو | جلد ١ - ٢٦١ |
| ١٥ نومبر | سنهارپور | |
| ١٥ ڊسمبر | ٽيڪسيلا - ٧ ڏينهن ترسي پيو | جلد ١ - ٢٦٤ |
| ٢٥ ڊسمبر | هاٿيءَ تي چڙهي سنڌو پار ڪيائين. وچ سياري ۾ اٽخند پهتو، جتي هڪ مهينو ۽ ويهہ ڏينهن ٽڪي پيو. | |
| ١٥ مئي ٦٤٤ع | راجا سان گڏ لمگان پهتو. ڪيس سفر ۾ هڪ مهينو لڳو. | جلد ١ - ٢٦٥ |
| ١٥ جون | فلن Falana يا بنون - ١٥ ڏينهن سفر ڪري هتي پهتو هو. | جلد ١ - ٢٦٥ |
| ٢٠ جون ٦٤٤ع | اوپوڪن يا افغان | |

| عيسوي سنہ موجب تاريخ ۽ سال | سفر جو وچور | حوالا |
| --- | --- | --- |
| ٢٥ جون | سائو ڪيوتو Tsaokiuto يا غزني | |
| ١ جولاءِ | اردستان يا اورتوس پان يا ڪابل | |
| ٥ جولاءِ | ڪاپيس - هتي بہ ڏرمي ميل ملاقات لاءِ ٧ ڏينهن ٽڪي پيو. | |
| ٢٠ جولاءِ | اندراب - برف سان ڍڪيل جبل ۽ جميل نديون پار ڪيائين. | جلد ١ - ٢٦٦ |
| ١ آگسٽ | تخار - هتي هڪ مهيني لاءِ ترسي پيو | |
| ١ سيپٽمبر | مونڪن Munkan | |
| ٣ سيپٽمبر | هماتل | |
| ٨ سيپٽمبر | بدخشان | |
| ١٠ سيپٽمبر | ڪيپو ڪيان | |
| ١٢ سيپٽمبر | ڪولنگنو Kuilangna | |
| ٢٥ سيپٽمبر | پامير | |
| ٢٦ سيپٽمبر | ڪوپنتو - هتي ٢٠ ڏينهن ٽڪي پيو | |
| ١٠ آڪٽوبر | هڪ وڏي جبل وٽ پهتو. | |
| ١٢ آڪٽوبر | اسڪ | |
| ١٥ آڪٽوبر | ڪاشغر | |
| ٢٢ آڪٽوبر | ياركند | |
| ٢ نومبر | ڪوتن | |
| ١٣ نومبر | خيمہ | |
| ١٦ نومبر | نجنگ | |
| ٢١ نومبر | تخار Tukhara | |
| ١٣ ڊسمبر | چيموتن | |
| ١ جنوري | تفوپو | |
| ١ اپريل | چين جي سرحد وٽ (تورو چڪرڪاتي) سنہ٦٤٥ع ۾ اولهہ چين جي راڄڌاني پهتو. اهو چيٽ مهيني جي پهرين تاريخ ۽ چنگ - ڪوانگ وارو اٺويهون سال هو. | جلد ١ - ٢٩٢ |

مٿي جنتريءَ سان گڏ واقعا بيان ڪيا ويا آهن، جن ڪي مان پنهنجي اندازي موجب لکيو آهي. ڪي تاريخون ۽ واقعا خود ياتريءَ جي سفرنامي مان ورتا ويا آهن ۽ ڪي حقيقتون هندستان جي هڪ ڏگهي سفر جي تجربي مان معلوم ڪيون اٿم. مٿي بيان ڪيل اندازن ڪي سنڌ، سري لنڪا ۽ ڪشمير جي مشهور معروف تاريخن سان پيٽائي ڏنو ويو آهي. هتي مون ڪي هيءَ ڳالهه ورجائڻي پوندي ته جڏهن فيبروري ۶۴۰ع ۾ هيئنگ ڪانچي پهتو ته ڪيس سري لنڪا جي راجا جي قتل جو پتو پيو هو. منهنجي خيال مطابق اهو راجا ضرور بونا موگلان هوندو، جنهن کي ۶۳۰ع ۾ قتل ڪيو ويو هو.

منهنجي اندازن جي سچائي هن ياتريءَ جي سفر جي وقت جي شاهديءَ مان به ظاهر آهي، چاڪاڻ ته هن نالند Nalauda جي مکيه ارهت کي ٻڌايو هو ته سندس ڪل سفر ٽن سالن تي مشتمل آهي. (۱) هي اهو وقت چئي سگهجي ٿو، جيڪو هن باقاعدي سفر ڪندي گذاريو آهي. نالند ۾ پهچڻ کان اڳ هن چيني ياتري ڌرمي اڀياس لاءِ چار سال ست مهينا مختلف جاين تي ويهي گذاريا هئا. هندستان ۾ سفر دوران مختلف جاين تي ٽڪڻ جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| ماڳ | مهينا | سال |
|---|---|---|
| (۱) ڪاپيسا ۾ سارو اونهارو | ۳ | ۰ |
| (۲) ڪشمير پورا ٻه سال | ۰ | ۲ |
| (۳) هڪ وڏي شهر ۾ (ٽي سگهي ٿو ته قصور هجي) | ۱ | ۰ |
| (۴) چين پٽي | ۲ | ۱ |
| (۵) جالنڌر | ۴ | ۰ |
| (۶) سروگهن - سارو سيارو ۽ چيٽ جي اڌڙت | ساڍا ۴ | ۰ |
| (۷) مداور - اڌ چيٽ ۽ سارو اونهارو | ۷ | ساڍا ۴ |
| | ۷ | ۴ |

جيڪڏهن هن ٽڪڻ واري عرصي ۾ سفر وارا ٽي سال جوڙ ڪبا ته هندستان ۾ هن جي رهڻ جو سارو وقت ست سال ست مهينا ٿئي ٿو جيڪو هن آگست سنه ۶۲۹ع ۾ ليانگ چيوکي ڇڏڻ ۽ سنه ۶۳۷ع جي فيبروري مهيني ۾ نالند جي ارهت سان آخري ڪچهريءَ تائين هتي گذاريو. منهنجي اندازي موجب اها تاريخ ۱ - مارچ ۶۳۷ع بيهي ٿي. هتي تاريخون سال ۽ سفر جو تفصيل شين سئنگ جي

حياتي سان لاڳاپيل تصنيف جي بيانن سان سهمت آهي. پر ”مايرس“ واري ان تصنيف کان مختلف آهي، جنهن ۾ سن ٦٤١ع ۾ مهيشورپور ڇڏڻ کان پوءِ وارو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي. مايرس موجب سندس گسُ هن ريت آهي:

٦٤١ع

| | |
|---|---|
| ٥ - اپريل | مهيشورپور |
| ١ - جون | سنڌ |
| ١٠- جولاءِ | ملتان |
| ٢٠ - جولاءِ | پولوفتو يا شورڪوٽ جتي ٢ مهينا ترسيو |
| ٢٠ آڪٽوبر | ادمبر |
| ٣٠ نومبر | لانگل |
| ١٣ ڊسمبر | پٽسيلا يا پٽالہ |
| ٢٠ ڊسمبر | آوند - برهمڻ آباد |
| ١٠ - فيبروري ٦٤٢ء | فلن يا بنو |
| ١ - مارچ | تسوڪيوتو يا غزني |

هيءُ رستو اهڙو آهي جو چيني ياتري هن سان سفر ڪري ٻہ سال ٻہ مهينا اڳ تسوڪيوتو Tsaokioto پهچي ها. پر جنهن تاريخ تي هو چين واپس ٿيو هو، سا پڪيءَ ريت معلوم آهي. اچرج جهڙي ڳالھہ اها آهي تہ هن سيلانيءَ جي سفرنامي ۾ هن ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي جو ڪاتي سبب بہ ڪونہ لکيو ويو آهي. تنهن ڪري اها پڪ ٿئي ٿي تہ هن ياتريءَ اهو سارو وقت موتي وجي مگڌ ۾ گذاريو آهي، جهڙيءَ ريت سندس زندگيءَ جي احوال ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

سندس حياتيءَ جي احوال ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ هيءُ ياتري مگڌ ۾ موتي اچي ٻہ سال رهيو هو ۽ تڪڻ واري پوئين عرصي ۾ هن سپني ۾ ٻڌستوا مانجو Bodhistwa manjo کي ڏٺو هئائين، جنهن کيس ٻڌايو هو تہ راجا سالديتہ ڏهن سالن اندر مري ويندو. (٢) چيو وڃي ٿو تہ راجا سالديتہ يونگ - هوئي، Yong-Hoei جي دور يعني ٦٥٠ع ۾ وفات ڪئي هئي. هن تاريخ موجب شين سئنگ مگڌ ۾ ٦٣٨ع کان ٦٤٠ع تائين اچي رهيو هوندو. پر اها تاريخ سفرنامي جي تفصيل سان ٺهڪي ڪانہ ٿي بيهي. پر جيڪڏهن اسان سندس مگڌ جي پهرين ياترا نومبر ٦٣٨ع ۾ سمجهون تہ پوءِ راجا سالديتہ جي موت

کان ٦٤٨ع ۾ قرار ڏيڻ گهرجي ۽ چين جي ما - توان - لين Ma-twan-lin به هندستان جي احوال ۾ سندس موت جو اهو سال ٻڌايو آهي. (٣) چنگ - کوان Ching-kwan جي ٢٢ هين سال (٦٦٨ع) ۾ چين جي شهنشاهه مڱڻ ڏانهن پنهنجو هڪ سفير موڪليو هو. پر هن جي پهچڻ کان اڳ سالديته مري ويو هو. هن سفر کان مليل معلومات شين سئنگ جي آتم ڪهاڻي لکڻ واري ماڻهوءَ هوئي - لي Hoei-li کان وڌيڪ اعتبار جوڳي آهي. ڇاڪاڻ ته اڳئين ماڻهو ان غلط بيان تي ڪو اعتراض ڪونه ڪيو هوندو ۽ ان ڪيٰ پيغمبرانه اڳڪٿي سمجهيو هوندو. منهنجي خيال موجب راجا سالديته جي موت جو صحيح سال ٦٤٨ع آهي ۽ شين سئنگ سالديته جي موت بابت تڏهن خواب ڏٺو هو، جڏهن هو ٦٣٨ع ۾ پهريون ڀيرو مڱڌ آيو هو.

مٿئين خيال موجب ٻن سالن وارو عرصو جيڪو هن نالند ۾ ترسي گذاريو هو، سو هن جي سنه٦٣٧ع-٦٣٨ع ۾ پهرئين ڀيري اچڻ سان تعلق رکي ٿو. هن عرصي ڪي مان ٢٢ مهينا ڏيکاريو آهي. هو موٽي ٻيو ڀيرو به نالند آيو هو ۽ ڌرم بابت شڪ شبها دور ڪرڻ (٤) لاءِ وري به ٻه مهينا ٽڪي پيو هو ۽ ڌرم جو اڀياس ڪيو هئائين. مٿئين عرصي ۾ جيڪڏهن ٻه مهينا جوڙ ڪبا ته ڪل عرصو پورا ٻه سال وڃي بيهندو. ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي اهو به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته (٥) هن ٻڌ ڌرم ۽ هندو ڌرم جي اڀياس واسطي پنج سال صرف ڪيا هئا. مان سمجهان ٿو ته هو ڪشمير ۾ ٻه سال، چين پٽيءَ ۾ چوڏهن مهينا ۽ نالند ۾ ٻه سال رهيو هو. اهڙيءَ ريت سندس ترسڻ جو گهٽ وڌ عرصو پنج سال ٿئي ٿو.

## ضميمو - ب

# فاصلي جي ماپ

چيني سيلانين فاصلي جو ماپو هندستاني يوجن يا چيني لي ۾ بيان ڪيو آهي. يوجن واري ماپي کي چين جي پهرئين سيلاني فا - هيان ڪتبُ آندو آهي. جڏهن ته لي واري ماپي کي سنگ - يون Sung-yun ۽ شين سئنگ استعمال ڪيو آهي. فاصلي جي ماپي "ڪوه" کي هنن مان ڪنهن به ڪتب ڪونه آندو آهي، جيڪو هندستان ۾ اڄ سوڌو ڪتب آندو وڃي ٿو. شين سئنگ جو بيان آهي ته روايت موجب هڪ يوجن ۾ ۴۰ لي آهن. پر عملي طور هڪ يوجن ۾ ۳۰ لي سمجهيا وڃن ٿا. (٦) جن ماڳن جي فاصلي جي پوري پڪ آهي، تن کي جيڪڏهن شين سئنگ جي سفرنامي سان ڀيٽائي ڏسبو ته هن في يوجن ۾ ۴۰ لي ڪتب آندا آهن. اهڙي مثال لاءِ مان چئن ماڳن جا فاصلا هيٺ بيان ڪريان ٿو.

| | |
|---|---|
| (١) سراوستي کان ڪپل Kapila | ۱۳ يوجن يا ۵۰۰ لي |
| (٢) ڪپل کان ڪسي نگر | ۱۲ يوجن يا ۴۸۵ لي |
| (٣) نالند کان گرييڪ Giryek | ۱ يوجن يا ۵۸ لي |
| (۴) وئسالي کان گنگا | ۴ يوجن يا ۱۳۵ لي |
| | ڪل ۳۰ يوجن يا ۱۱۷۸ لي |

شين سئنگ ٻڌائي ٿو ته هڪ يوجن ۾ اٺ ڪوه آهن. هڪ ڪوه ۾ ۵۰۰ ڌنش ۽ هڪ ڌنش چئن ٻُرهن جي هوندي آهي. ان حساب سان هڪ يوجن ۲۴۰۰۰ فوٽن ۽ ساڍن چئن ميلن کان ٿورو ڪجهه وڌيڪ ٿيندو. پر هندن جي سڀني ڪتابن ۾ هڪ يوجن چئن ڪوهن جي برابر آهي، پوءِ اهو ڪوه هڪ هزار ڌنش جي برابر هجي يا ٻه هزار ڌنش جي. شين سئنگ جنهن ڪوه جو ماپو ڏيکاريو آهي، سو هڪ هزار ڌنش جي برابر معلوم ٿئي ٿو. پويون، ٻن هزارن ڌنش وارو ماپو وڃي نو ميل بيهي ٿو. هن ماپي موجب هڪ ڪوه اڍائي ميلن جو ٿئي ٿو. جيڪو هندستاني فاصلي جو عام ماپو آهي ۽ موجوده دور ۾ عام واهپو به ان ماپي جو آهي.

ننڍي ڪوه وارو پنڌ جو ماپو ٦۰۰۰ فوٽ کان ٿورو ٿيندو آهي.

قديم هندستان ۾ پنڌ جو اهو ماپو ڪتب ايندو هو، جنهن جو مئگا سيٿنز Megasthenis جي حوالي سان اسٽرئبو به ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي ته پالبوٽرا ڏانهن شاهي رستي هر ڏهين اسٽاڊيا يا ٦٠٦٧ فوٽن تي پٿر ڪتل هوندو هو. هڪ ڪوه ۾ ايترو فاصلو هجڻ جي ناتي چئي سگهجي ٿو ته يوجن ۾ ٢٤٠٠٠ فوٽ يا ساڍا چار ميل هوندا. جيڪڏهن ٣٠ چيني لي في يوجن ۾ ٻڌبا ته هڪ لي وچي ٨٠٠ فوٽن جو ٿيندو، وري جيڪڏهن في يوجن ۾ ٤٠ لي جو حساب ڪبو ته هڪ ليءَ ۾ فقط ٦٠٠ فوٽ ٿيندا. انگريزي ميل ۾ اڳئين حساب موجب ساڍا ڇهه ۽ پوئين حساب ۾ ساڍا اٺ لي ٿين ٿا. جيڪڏهن ٻن ڄاتل سڃاتل ماڳن جي معلوم فاصلي کي چيني سيلانين جي سفرنامي سان ڀيٽائي ڏسبو ته معلوم ٿندو ته شين سئنگ جي ٻڌايل ٣٠ لي في يوجن واري حساب ۾ ڪٿي نه ڪٿي غلطي ضرور نظر ايندي.

فاهيان پنهنجي سفرنامي ۾ فاصلي کي يوجن ۾ بيان ڪيو آهي. انهن ساڳين رستن جي انگريزي ميل موجب ماپ ڪئي وئي ته هندستان جو في يوجن وچي سوا ڇهه ميل جي برابر ٿيو. ۾ هتان جا گاڏر رستا ڏاڍا ڏنگا ڦڏا آهن ۽ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين پيادر وکڙ ڪندا هلندا آهن. ان حساب سان في يوجن وچي ساڍا ست يا اٺ ميلن جو بيهندو. اهڙا مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

| | |
|---|---|
| (١) پيدا کان متھرا | ٨٠ يوجن يا ٥٣٦ ميل |
| (٢) متھرا کان سنڪيسا | ١٨ يوجن يا مُنا ١١٦ ميل |
| (٣) سنيڪسا کان قنوج | ٧ يوجن يا ٥٠ ميل |
| (٤) بنارس کان پٽنه | ٢٢ يوجن يا ١٥٢ ميل |
| (٥) پٽنه کان چمپا | ١٨ يوجن يا ساڍا ١٣٦ ميل |
| (٦) چمپا کان تملوڪ | ٥٠ يوجن يا ٣٣٦ ميل |
| (٧) نالند کان گرييڪ | ١ يوجن يا ٩ ميل |
| | ١٩٦ يوجن = سوا ٧٧٩ ميل |

فاهيان جو هي فاصلو انگريزي ماپ موجب في يوجن ٦٠٧١ ميل ٿئي ٿو. ٻئي طرف شين سئنگ جي ڏنل فاصلي جي ماپ لي آهي، جيڪا رستي جي ماپ موجب ميل جو ڇهون حصو آهي. اهو ڏنو ويندو ته حقيقي ماپ مطابق، لي ميل جي پنجين حصي کان ڪڏهن به گهٽ ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي، ڇاڪاڻ ته انگريزن جي ناهيل سڌن رستن

جي پيٽ ۾ آڳاٽا رستا گهڻا ڏنگا ڦڏا هوندا هئا.

| | شين سئنگ | انگريزي رستو |
|---|---|---|
| (١) مداور کان گوسن | ٤٠٠ لي | ٦٦ ميل |
| (٢) ڪوسمبي کان ڪوساپور | ٧٠٠ لي | ١١٤ ميل |
| (٣) سراوستي کان ڪپل | ٥٠٠ لي | ٨٥ ميل |
| (٤) ڪسي نگر کان بنارس | ٧٠٠ لي | ١٢٠ ميل |
| (٥) بنارس کان غازيپور | ٣٠٠ لي | ٤٨ ميل |
| (٦) غازيپور کان وئسالي | ٥٨٠ لي | ١٠٣ ميل |
| | ڪل جوڙ: ٣٣٦٠ لي | ٥٦٧ ميل |

فاصلي جي هن بيانِ موجب ٥٫٩٢٥ يا لڳ ڀڳ ٦ لي في ميل وڃي بيهن ٿا. مان هن ساري ڪتاب ۾ مفاصلو شين سئنگ جي لي سان گڏ انگريزي ميلن ۾ به ڏنو آهي. اهڙي ريت لي ۽ يوجن جون ماپون الڳ به آهن پر پاڻ ۾ لاڳاپيل به آهن، ڇاڪاڻ ته خود شين سئنگ جو بيان آهي ته في يوجن ٤٠ لي آهن. هن فاصلي جي ماپ موجب جيڪڏهن ٤٠ کي ٥٫٩٢٥ يا ٦٫٧٥ سان ونڊ ڪبو ته جواب ٦٫٧١ بيهندو. اهو ماپو فاهيان جي سفرنامي مان معلوم فاصلي جي ناتي سان ڇاتو ويو آهي.

ايم.ووين ڊي سئنٽ مارٽن، گابل (٨) Gaubil جو حوالو ڏيندي بيان ڪيو آهي ته شين سئنگ جي دور کان ٿورو پوءِ لي کي ٣٢٩ ميٽرن جي برابر ڪيو ويو هو، جيڪو ١٠٧٩٫١٢ فوٽن جي برابر ٿئي ٿو. جيڪڏهن حساب ڪبو ته هڪ لي وڃي انگريزي ميل جو پورو پنجون حصو ۽ ١٠٥٦ فوٽ ٿيندو. مون اهو اندازو شين سئنگ جي سفر مان لڳائي ورتو هو. مان سمجهان ٿو ته هن چيني ياتري هندستان ۾ سفر ڪرڻ دوران مذڪوره لي جي ماپي کي نظر ۾ رکيو آهي. ستين صديءَ ۾ لي جو اهو صحيح ماپو تصور ڪندي في يوجن جي ماپ ٤٣١٦٤٫٨ فوٽ يا سوا ٨ ميل ڪٿي وئي آهي، جيڪا ٨ کان ٩ ميل في يوجن واري حساب جي بلڪل ويجهو آهي.

ستين صدي ۾ لي جي حقيقي ماپ ١٠٧٩٫١٢ فوٽ جي برابر آهي، جيڪا انگريزي ميل جي پنجين حصي کان وڌيڪ بيهي ٿي. مٿي جيڪي سبب ۽ ثابتيون ڏني آيو آهيان ته برطانيه حڪومت جي ناهيل سندن رستن جي نقطه نگاه کان هڪ چيني لي انگريزي ميل جو ڇهون

حصو آهي.

هندستاني ڪوه جي مختلف ماپن چيني ياتريءَ جون متيون منجهائي ڇڏيون هونديون، اهوئي سبب آهي جو فا - هيان فاصلي جو وڏو ماپو يوجن ۽ شين سئنگ وري پنهنجي ملڪ ۾ ڪم ايندڙ فاصلي جو ماپو لي ڪتب آندو آهي. موجوده دور ۾ بہ هر علائقي ۾ ڪوه جو ماپو الڳ آهي. پر اتر هندستان ۾ ڪوه جا مختلف ٽي ماپا آهن:

(١) ننڍو ڪوه، جنهن کي بادشاهي ڪوه سڏيو ويندو آهي. اتر - اولهہ هندستان ۾ ان کي ڪم آڻڻ جو رواج گهٽو آهي. پنجاب ۾ بہ عام طور اهو ڪوه ڪم ايندو آهي. هن ڪوه ۾ سوا هڪ ميل آهي.

(٢) گنگا جي علائقن جو ڪوه آهي. ڪوه جو هيءُ ماپو گنگا درياه جي ٻنهي ڪنارن سان ڪتب ايندو آهي، هن ۾ سوا ٻہ ميل آهن. پر سهوليت خاطر هن ڪوه ۾ بہ انگريزي ميل سمجهيا وڃن ٿا.

(٣) بنديل جو ڪوه، هيءُ ڪوه ساري بنديل کنڊ ۽ جمنا درياه جي ڏکڻ پاسي رواج هيٺ آهي. منجهس چار ميل آهن. ساڳئي قسم جو ڊگهو ڪوه ميسور ۽ ڏکڻ هندستان ۾ بہ رائج آهي.

مٿي فقري نمبر ١ ۾ بيان ڪيل ڪوهہ فقري ٻئي ۾ بيان ڪيل ڪوهن جي اڌ جيترا نظر اچن ٿا. اهڙيءَ ريت فاصلي جون اهي ٻئي ماپون هڪ ئي طريقي جي ماپ جا بہ حصا آهن. ولسن بہ ڪوه جا ٻہ ماپا ٤٠٠٠ يا ٨٠٠٠ هٿ ڏنا آهن. ننڍو ڪوهہ مئگاس ٿينز جي ڏينهن ۾ مگڌ ۾ رائج هوندو هو. (٩) چاڻاڪ تہ سندس اهڙو بيان آهي تہ شاهي رستي سان فاصلي ڏيکارڻ واسطي هر ڏهين اسٽاڊيا کان پوءِ هڪ ٿلهہ نهيل ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڏهہ اسٽاڊيا ٦٥٦٦٫٧٢ فوٽ ٤٠٠٠ هٿن جي ماپ جي برابر آهن. "لليتا وستار" مطابق مگڌ جي ڪوهہ جي اصلي ۽ حقيقي ماپ اها آهي. ٨٠٠٠ هٿن واري ڪوهہ جي ڊگهي ياسڪر Bhaskara ليلاوتي Lilavati ۾ ڏني آهي ۽ ٻين ڏيهي مصنفن بہ اها ساڳي ماپ ٻڌائي آهي. انهن ماپن جي اصلي ۽ بنيادي ايڪائي ڪهڙي آهي، جنهن وسيلي مذڪوره ماپ نهي جڙي موجوده صورت اختيار ڪئي آهي، منهنجي خيال ۾ اها "آگر" آهي، جنهن جي هندستان ۾ ماپ منو انچ ڪٿيل آهي. مان سڪندر لوڌيءَ جا ٽامي جا ٤٢ سڪا ماپي ڏٺا آهن. جن لاءِ چيو ويندو آهي تہ انهن جي ماپ هڪ آگر ماپ جي برابر هوندي هئي. مون کي معلوم ٿيو تہ هرهڪ سڪو

٧٢٩٧٦.٠ انچ ماپ جو هو. مسٽر ٿامس اها ماپ ٧٢٢٨٩.٠ ٿوري گهٽ ٻڌائي آهي. مٿين ٻنهي جي سراسري ماپ ٧٢٦٣٢.٠ انچ ٿئي ٿي ۽ هن ماپ کي هندستاني آڱر جي معياري ماپ سڏي سگهجي ٿو. مان پاڻ هتان ماڻهن جون آڱرين جون ماپون وٺي معلوم ڪيو آهي ته انهن جي اڱر جي ماپ منو انچ بيهي ٿي. هن ماپ موجب ٢٤ آڱرين جي هٿ جي ماپ ١٧٫٤٣١٦٨ انچ بيهي ٿي، ٩٦ آڱرين جي هڪ ڌنش جي ماپ ٥٫٨١ فوٽ ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت ١٠٠ ڌنئُ هڪ نلؤ Nalwa ۽ ١٠٠ نلو هڪ ڪوه ۾ آهن، پر امڪان هن ڳالهه جو نظر اچي ٿو ته سؤ واري ماپ جو معيار رکڻ لاءِ (١٠) هڪ ڌنش ۾ هڪ سو آڱريون رکيون ويون هونديون ۽ هٿ ۾ ٢٤ آڱرين بدران ٢٥ آڱريون هونديون. ان حساب سان هڪ هٿ ۾ ١٨٫١٥٨ انچ هوندا. هتان جي عام هٿ کان اها ماپ پوءِ به ننڍي نظر اچي ٿي، جيڪي هندستان جي بازارين ۾ عام طور ڪتب ايندا آهن. في هٿ جي اها ماپ مقرر ڪرڻ کان پوءِ ان کان مٿين ماپ هن ريت ملندي:

٤ هٿ يا ١٠٠ آڱر ٦٫٠٥٢ فوٽ = هڪ ڌنش

٤٠٠ هٿ يا ١٠٠ ڌنش ٦٠٥٫٢ فوٽ ≐ هڪ نلؤ

٤٠٠٠ هٿ يا ١٠٠ نلؤ ٦٠٥٢ فوٽ = هڪ ڪوهه.

ڪوهه جي مٿين ماپ مئگاسيٿنز جي بيان ڪيل ڪوهه کان ١٥ فوٽ گهٽ آهي، تنهن ڪري مان هن ماپ کي مگڌ جي نهايت قديم ماپ جي ويجهو سمجهان ٿو. گنگا ماٿري ۾ ڪم ايندڙ ميل ۾ ٨٠٠٠ هٿ هوندا آهن. مان سمجهان ٿو ته ڪوه لاءِ مٿين ماپ کي ٻيڻو ڪيو ويندو هوندو. اهو ڪوهه يا ته ١٢١٠٤هٿن يا اڍائي ميلن تي مشتمل هوندو.

پوئين دور جي مسلمان بادشاهن گزن جي حساب سان ڪيترين ئي ماپن جا ڪوه قائم ڪيا هئا ۽ انهن ڪوهن کي انهن بادشاهن جي نالن پٺيان سڏيو ويندو هو. هن موضوع بابت اسان جي ڄاڻ اڪبر جي وزير ابوالفضل تان ورتل آهي. (١١) سندن بيان موجب شير خان جي دور ۾ هيٺين ماپ جو ڪوه رائج هوندو هو:

٤١ سڪندري هڪ گز

٦٠ سڪندري گز هڪ جريب Jarib

٦٠ جريب هڪ سڪندري ڪوه.

ابوالفضل جي آئين اڪبري لکڻ واري دور ۾ دهلي ۾ مٿينءَ ماپ وارو ڪوه رائج هو. هيءُ ڪوه ٩٠٤٢٫٦٦ فوٽن تي مشتمل هوندو هو، جيڪو ڏيڍ ميل کان ٿورو گهٽ هو. ڪوه جو ٻيو ماپو اڪبر جي دور ۾ قائم ڪيو ويو هو، جنهن ۾ ٥٠٠٠ الهي گز هوندا هئا. ان گز ۾ ٤١ سڪندري هوندا هئا. مون کي يقين آهي ته اهو غلط آهي. ڇاڪاڻ ته مذڪوره الهي گز منهنجي نظر مان گذريا آهن، جن جي ماپ ٣٢ کان ٣٣ انچ آهي. تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته اهو ٤٤ يا ٤٥ سڪندري جي برابر هوندو. سرهينري اليٽ آگري کان لاهور تائين شاهي رستي تي موجود هر ڪوه تي ٺاهيل منارن جي فاصلي کي ماپي ڪوه جي صحيح ماپ لهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ماڻهن جو عام خيال اهو آهي ته مذڪوره منارا شاه جهان تعمير ڪرايا هئا، جنهن في گز جي ماپ پنهنجي حساب مطابق رائج ڪرائي هئي. تنهن ڪري ڇئي سگهجي ٿو ته اڪبر جو رائج ڪيل ڪوه وارو ماپو اعتبار جوڳو ڪونه آهي. سر هينري اليٽ هن ڪوه کي غير ضروري اهميت ڏني آهي. سندس بيان مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته ڄڻ اهو ڪوه ٻين سڀني رائج ڪوهن کان اتم سمجهيو ويندو هو ۽ عام رواج هيٺ هو. پڪ آهي ته معاملو ائين ڪونه هو جهڙيءَ ريت سر هينري اليٽ سمجهيو ۽ لکيو آهي. ڇاڪاڻ ته خود ابوالفضل جڏهن پنهنجي مالڪ اڪبر جي شهنشاهيءَ جي مختلف صوبن جي ماپ ڏئي ٿو ته اڳئين دور جي مروجه ننڍن ڪوهن جي حساب سان بيان ڪري ٿو. خود شهنشاه اڪبر جي پٽ جهانگير به پنهنجي ڪتاب تزڪ جهانگيريءَ ۾ اڪبر جي رائج ڪيل ڪوهن جي استعمال کي ڇڏي ڏنو آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ سندس بيان آهي ته لاهور ۽ آگري جي وچ تي هر ائين ڪوه جي فاصلي تي سراءِ تعمير ڪئي وڃي. (١٢)

ٽين ڳالهہ تہ هن اسڪئني Schyaeni واري رستي جي فاصلي کي اولمپيا اسٽاڊيا ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. سندس خيال آهي تہ اهو فاصلو ايراني فرسنگ جي برابر آهي جنهن ۾ پوٽا چار رومي ميل آهن. پر سرهينري رالنسن جو خيال آهي تہ اسڪئني فاصلي جو اهو فطري ماپو آهي، جيڪو قديم دور ۾ في ڪلاڪ ۾ قافلا ڪري سگهندا هئا، يا هاٿي ڪري سگهندا آهن. ڏهاڙي واري سفر يا سراسري طور طئي ڪيل فاصلي موجب اهو ٿي انگريزي ميلن جي وچي برابر ٿيندو. ٽالمي جي ڏگهائي ڦاڪ جي غلط انگن اکرن جي مختلف نموني تصحيح ڪري سگهجي ٿي. سرهينري رالنسن سندس ٽن غلطين کي بيان ڪيو آهي. هن جو خيال آهي تہ منجهن ٣/١٠ جو وڌاءُ آهي، جيڪو ايم گوسيلين جي تصحيح ڪيل آزمائشي انگن اکرن جو ١/٧ آهي.

مٿي ذڪر ڪيل تصحيح برابر آهي يا نہ، ان لاءِ مان فقط ٽيڪسيلا ۽ پاليبوٽرا جي وچ ۾ ڏگهائي ڦاڪ جي فرق ڏانهن اشارو ڏيندس، جيڪو هن ڪتاب جي شروعاتي صفحن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

# حاشيا
(مهاڳ)

(١) لئٽن ۾ لکيل آهي.
(٢) انڊسکي آلٽر ٿومسکندي (Indisahe Alter Thumikundu) جلد 4 بون.
(٣) لئٽن ۾ لکيل آهي.
(۴) سڪندر جي 330 ق.م واري جنگي مهم تائين 150ع جي جاگرافي جيڪا سڪندر جي جنگي مهم کان 480 سال پوءِ لکي وئي. چيني سيلاني شين سئنگ 630ع ۾ هندستان آيو. اهو دور ٽالمي جي جاگرافيائي لکت کان 480 سال پوءِ ٿئي ٿو.
(۵) هنن ٻنهي چيني سيلانين جي سفرنامن جو ايس. بيل (S. Beal) نهايت ڌيان ۽ گيان سان ترجمو ڪيو آهي.
(٦) ڏسو مئڪس مولر (Max Muller) جو ڪتاب بڌيز ائنڊ بڌسٽ پلگرمس ص 30.
(٧) ڏسو شين سئنگ يا هيون سئنگ جي سفرنامي جو تاريخ وار وچور ضميمو الف.
(٨) ايم جولين جو هيون سئنگ (Hiouen Thsang) ص 262 ۽ 263.

# وڏيڪ حاشيا

(مڪمل ڪتاب)

(١) جاگرافيہ ii- 6.1

(٢) اسٽرئبو، 11,10X هي نالو اسٽئٿمي (Stathmi) کان پوءِ ٻيو آهي جيڪو اٿينائس (Athenaeus) ص 103 تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. قوي امڪان آهي تہ اصلي ماپون ڊايونيٽس (Diognetus) ۽ بئٽن (Baiton) ورتيون هونديون. چاڪاڻ تہ سڪندر جي جنگي مهم جي پنڌ جي صحيح ڏيگهہ معلوم ڪرڻ جو فرض کين سونپيو ويو هو. (ڏسو پليني جي نيچرل هسٽري vi ص 21)

(٣) اسٽئربو ii- 1، 31 ۽ 11,1,xv بايوڊورس- هسٽري ii، 3 ۽ ڊايو پيرج Dion Perieg 1131,V- پليٽ ۾ ڏنل نقشي سان Fig: 1 کي پيٺائي ڏسندا.

(٤) اسٽرئبو XV ص 8،2 ائرين انڊيڪا iii.

(٥) آريٽڊرس 16800 اسٽاڊيا يا 2100 رومي ميل ٻڌائي ٿو.

(٦) پليني نيچرل هسٽري 21-vi.

(٧) اسٽرئبو (Strabo) XV، 1، 11 ڏکهو پاسو سامهون واري پاسي کان 3000 اسٽاڊيا وڏيڪ آهي. (ڦالڪونر (Falconer) جو ترجمو)

(٨) اسٽرئبو XV، 12.

(٩) ايلفن اسٽون پنهنجي ڪتاب هسٽري آف انڊيا جي مهاڳ ص-1 تي ڪشمير کان راس ڪماريءَ تائين 1900 ميلن جو فاصلو ٻڌائي ٿو. سندس بيان آهي تہ ڪشمير کان ڪاڪيشس جبل 50 ميل پري اتر آهي.

(١٠) ڊايو ڊورس هسٽري ii-3.

(١١) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال xx ولفورڊ Wilford جو چوڻ آهي تہ مهاڀارت جي ڀشم پرو (Bhishma Parva) بابت احوال ڪيس ڪول بروڪ (Cole brooke) ٻڌايو هو.

(١٢) ڊاڪٽر ڪرن (Dr. Kern) ورهہ مهرا (Varaha Mihara) جي ڪتاب بريهت سنهيت (Brihat-Sanhita) جي ماڳ جي ص-32 تي

لکيو آهي تہ ورهہ (Varaha) جو لکيل جاگرافيءَ تي هڪ باب بلڪل پورو آهي پر پرسرتنتر (Parasara tantra) جي طرز کان گهڻي نرالي آهي. ان هوندي بہ جيئي سگهجي ٿو تہ پرسر جي جاگرافيءَ جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ معلوم ٿئي ٿو جاگرافيءَ سان لاڳاپيل هيءُ ڪم نهايت قديم آهي ۽ اها بہ چاڻ ملي ٿي تہ ورهہ تهرا جي دور واري هندستان جي نقشي کان گهڻو مختلف آهي.

(۱۳) بريهٽ سنهيت باب XIV ص 32، 33.

(۱۴) ايضاً ص 17.

نئرت يم دسي ديس (Naurtyam disi desa)

پهلو ڪمبو جا سنڌو - سووير (Pah lava Kamboja Sindhu Sauvira)

ولفورڊ بنگال ايشياٽڪ ريسرچس جلد VIII ص 341 ورهہ جي فهرست ڏني آهي. پر هن سنڌ سووير جا بہ پاڳا ٻڌايا آهن ۽ ڪونند Kauninda وارو علائقو هنن کان خارج ڪري ڇڏيو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ تفصيل ۾ بربهٽ سنهيٽ سان سهمت آهي. جنهن جو بيان آهي تہ سنڌ سووير ۽ انرت Anarta ڏکڻ- اولهہ پاسي آهي.

(۱۵) ابو ريحان جا بيان ڪيل نَوَ علائقا ريناڊ (Reinaud) جي ممايرسر انڊي (Memoire Sur Indi) ص- 116- 117 تي بہ ڏنا ويا آهن. نقشي نمبر-2 کي Fig: 3 سان پيٽائي ڏسندا.

(۱٦) وارڊ (Ward) جي تصنيف "هندو" جلد III ص 10.

(۱۷) ولفورڊ بنگال ايشياٽڪ ريسرچ جلد VIII ص 334 تي اهڙي حقيقت بيان ڪئي آهي. وِلسن بہ وشنو پراڻ جي ترجمي ۾ مهاڀارت جي فهرست ڏني آهي، جنهن ۾ پڻ ساڳي حقيقت نظر ايندي. وارڊ جي هندو باب iii ص 9 تي مرڪنديہ پراڻ (Markandeya Purana) جي حوالي ۾ بہ اهڙو ذڪر ڏسڻ ۾ ايندو.

(۱۸) سڌانت شرومني (Sidhanta Siromani) باب III ص-4.

(۱۹) ولسن جو وشنو پراڻ- ترتيب هال (Hall) جلد c iii - iii - 3 ص- 132. ستن ۾ اتر واري علائقي جو بيان ڪونہ آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ هُنَ (Hunas) ۽ اسڪالا (Sakalas) قومون اتر سان لاڳاپيل هيون. انومان آهي تہ اتر وارو علائقو اتفاقي طور خارج ٿي ويو آهي. ساڳيءَ ريت پراڻ مان ڪمريڪ (Kumarika) جو نالو بہ اتفاقي طور لکڻ کان رهجي ويو آهي. منجهس نون ڀاڱن جا اٺ نالا ڏنا ويا آهن.

(٢٠) ٽالمي جي ڏنل غلط ڏکڻائي ڦاڪ جي سوال تي ضميمي ۾ بحث ڪيو ويو آهي. جتي اُن اها معلومات فراهم ڪئي آهي جنهن ڪي سر هينري رالنسن (Sir Henry Rawlinson) جي ڏنل جاگرافيءَ واري فاصلي ۾ 3/10 واري "صحيح جو بنياد رکيو آهي.

(٢١) ڏسو ايم پاٿيئر (M. Pauthier) جو چيني ٻوليءَ مان ترجمو جرنل ايشياٽڪ آڪٽوبر 1939ع ص 257.

(٢٢) ايضاً نومبر 1939ع ص- 384.

(٢٣) ايضاً نومبر 1939ع ص- 291.

(٢٤) ايضاً نومبر 1939ع ص- 290-292.

(٢٥) پاٿيئر جرنل ايشياٽڪ آڪٽوبر 1839ع ص- 273 ۽ جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1837 ص-65.

(٢٦) ايم. جولين جو "هيون سئنگ" ii ص- 162-163- ڏسو پڻ پاٿيئر، جرنل ايشياٽڪ ڊسمبر 1839ع ص- 447.

(٢٧) ايم- جولين "هيون سيئنگ" ڏسو پڻ پاٿيئر جرنل ايشياٽڪ 1839ع ص- 384.

(٢٨) فاهيان جو سفرنامو ترجمو ريو. ايس. بيل Rev. S. Beal ص- 36 تي حاشيه.

(٢٩) ايم. ٿولين (هيون سئنگ) ii ص- 58.

(٣٠) پاٿيئر-جرنل ايشياٽڪ نومبر 1839ع ص- 384.

(٣١) ولسن جو وشنو پراڻ- ترتيب هال جلد ii (b) c-ii- ص- 12 ,309، وارڊ جي تصنيف "هندو" i_449,ii,9 ڌرتيءَ جي شڪل ڪنول گل جيان ڏنل آهي.

(٣٢) "هيون سئنگ" ii-59 متن ۾ ستر آهي. پر لکيل انگ پياسي آهي جن مان ايران ۽ سري لنڪا ڪٽ ڪيو ويو آهي. هن حساب سان ملڪن جو انگ اسي ٿئي ٿو.

(٣٣) ڏسو بامبي ايشياٽڪ سوسائٽي جلد ii ص-5 ۽ جلد iii ص- 207 تي ڏنل ٿامي جي پليٽ واري لکت.

(٣٤) ايم. جولين جو "هيون سئنگ" i ص- 251 ۽ جلد- III ص- 150 ڪنجم i ص- 220 ۽ 236.

(٣٥) پليني- حاشيه لئٽن ۾ آهي.

(٣٦) جاگرافي XV Geogr ص-2، 9. ان ڪتاب جي XV ص-1، 11 تي

ھيءُ ٻڌائي ٿو تہ سڪندر جي حملي واري زماني ۾ سنڌوءَ کان اولھہ وارو علائقو ۽ آريانا (Ariana) ايران جي قبضي ھيٺ ھو ۽ سنڌو سرحد تي وھندو ھو. ان کان پوءِ سنڌ وارن آريانا جو وڏو حصو مقدونيہ وارن کان ڇڏائي ورتو ھو.

(٣٧) ايم. جولين ھيون سئنگ جلد i ص- 71.

(٣٨) ان زماني ۾ قنڌار ايران جي قبضي ھيٺ ھو. اھا حقيقت ھن مان بہ ثابت ٿئي ٿي تہ شين سئنگ (ii ص-106) مھاتما ٻڌ جي جنھن پنڻ واري ٿانوَ (Begging -pat) جو ذڪر ڪيو آھي، تنھن کي قنڌار مان ايران نيو ويو ھو ۽ ھاڻي اھو قنڌار ۾ موجود آھي. سر ھينري رالنسن اھو ساڳيو ٿانوَ قنڌار ۾ ڏٺو. ڇھينءَ صدي ۾ جڏھن قنڌار ڪپين (Kipin) جي راجا فتح ڪيو تہ اھو ٿانوَ واپس آندو ويو ٿو ڀانئجي.

(٣٩) زند اويستا، iii-365. بائونديش (Boundehsh) چيو ويندو آھي تہ اپرسين (Aparasin) ھڪ وڏو جبل آھي ۽ البورج (Al-burj) کان مختلف آھي. ان کي پرش (Paresh) نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

(۴٠) ترئولس iii ص- 126.

(۴١) ايضاً iii ص-161.

(۴٢) ان ووس اليگزينڊر (In Voce Alexander).

(۴٣) نيچرل ھسٽري پليني VI-C ص-17 فيلمن ھالنڊ (Philemon Holland) ھن کي اوپيانم (Opianuam) ۾ موجود اليگزينڊر نالي ھڪ شھر سڏي ٿو.

(۴۴) نيچرل ھسٽري VI ص-23.

(۴٥) ليفٽيننٽ اسٽوئرٽ (Sturt) پيرابيوليٽر (Perambulator) سان ھيءُ فاصلو ماپي ڏٺو ويو ھو. مئسن اھا ساڳيو فاصلو بيگرم تائين ٻڌائي ٿو. ڏسو اسٽوئرٽ جي سروي وارو نقشو نمبر-3.

(۴٦) نيچرل ھسٽري vi ص-21.

(۴٧) ايضاً vi ص-21.

(۴٨) وٽ (Vit) اليگزينڊر vii.

(۴٩) اسٽرئبو xv 2-8.

(٥٠) جاگرافي xv-1 26.

(٥١) اسپيتوفلسي Sipitofalasse سپت ورش (Saptavarsha) جي سنسڪرتي شڪل آھي، جنھن کي سولائي سان ٿتگش (Thatagush)

۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.
(٥٢) نيچرل هسٽري vi-23.
(٥٣) ٽريولس 551 بيگرم جي جاگرافيائي بيهڪ لاءِ ڏسندا نقشو نمبر-3.
(٥٤) هارڊي(Hardy) هن ڪي مـ بوئل آف بڌيزم ملندو پراسن (Milinduprasna).
(٥٥) ٽريولس 165.
(٥٦) مئسن ٽريولس 159.
(٥٧) پليني نيچرل هسٽري iii-25 سولن (Salin)
(٥٨) ٽريولس iii-166.
(٥٩) سيلارس (Cellarius) 22 ص- 514.
(٦٠) ٽريولس ص-98.
(٦١) آريانا ائنٽيڪا (Ariana Antiqua).
(٦٢) ٿورن ٽن (Thornton's) جي گزيٽيئر جو ضميمو.
(٦٣) ليفٽيننٽ اسٽورٽ جي انجنيئر جي ڏنل ماپ موجب.
(٦٤) لئسن: هسٽري آف گريڪ ڪنگس آف ڪابل : جي ص 102 تي ڏسو.
(٦٥) هيون سئنگ iii - 416.
(٦٦) اوسلي (Ouseley) اورينٽل جاگرافي ص- 226.
(٦٧) Steph. Byzin V. وڏيڪ حاشيو يوناني ۾ لکيل آهي.
(٦٨) ڊايوني سياڪا XVI Dionysiaca جون آخري ٽي سٽون جن جي معنيٰ هن ريت آهي. بيڪس (Becchus) نڪائيا (Nikaia) نالي هڪ شهر جي پٿرن سان اڏاوت ڪئي هئي. مذڪوره شهر ڏنڊ جي ڪناري سان آباد هو جنهن کي استيڪا (Astakia) به ڪوٺيو ويندو هو. چيو ويندو آهي تہ شمونائيمث (Nymph) اندوفون (Indophon) جي فتح کي ملهائڻ لاءِ تعمير ڪيو ويو هو.
(٦٩) ڪابل i - 160.
(٧٠) ٽريولس ii - 223.
(٧١) غزني ص-140.
(٧٢) آئين اڪبري 163.
(٧٣) پريچارڊ فزيڪل هسٽري آف مين ڪائينڊ iv.403.
(٧٤) غزني ص- 122.
(٧٥) ڊايونيسيڪا xxvi-30 حاشيو يوناني ٻولي ۾ آهي.
(٧٦) هيون سينگ ii 96 تي حاشيا

(٧٧) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي ص 491-490.
(٧٨) ٽريولس ii-164.
(٨٩) هيون سئنگ i 77.
(٨٠) رناڊ فرئگمينٽس ص- 114.
(٨١) مئسن ٽريولس ii-164.
(٨٢) نيچرل هسٽري 22-vi-c.
(٨٣) هيون سنگ 305-iii.
(٨٤) ولسن جو وشنو پراڻ مرتب هال b-iv.c.4
(٨٥) ائرين انڊيڪا.
(٨٦) ائرين ائناباسس 22-iv.
(٨٧) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1836 ص- 479.
(٨٨) ايضاً 1836 ص- 394.
(٨٩) بابرس ممايرس (تزڪ بابري) ص- 141 ووڊ جو ڪتاب Journery to the source of the Oxus ص- 167 مئڪگريگر Macgregor جي جاگرافي آف جلال آباد- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 117-xi ۽ 867-xiii.
(٩٠) ڏسو نقشو نمبر iv.
(٩١) هستوراءِ Hstoriae xii-7.
(٩٢) هن جهڙو ساڳيو نالو جهلم جي ڪنار سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن جي مور ڪرافٽ (Moor Craft) هجي OIN ڏني آهي.
(٩٣) آئين اڪبري 194-ii ڏسو پڻ اسٽرلنگ (Stirling) جي اوڙيسا بنگال ايشياٽڪ ريسرچس 189-xv.
(٩٤) ڏسو سر هينري ايليٽ جي محمدن هسٽورينس آف انڊيا ص-67. پروفيسر ڊائوسن جو مرتب ڪيل نئون ڇاپو 23-i جنهن ۾ هن نالي کي ڦيري مهج Hahaj ڪري لکيو ويو آهي.
(٩٥) جاگرافيائي بيهڪ لاءِ ڏسو نقشو نمبر-iv.
(٩٦) ائناباسس Anabasis 28-iv.
(٩٧) وٽ اليگزينڊر 12-viii وڏيڪ لئٽن ۾ لکيل آهي.
(٩٨) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1836 ص- 395.
(٩٩) ايضاً 1848 ص- 103.
(١٠٠) ايضاً 1854 ص- 309.

(١٠١) ايضاً 1863 ص- 14.
(١٠٢) ايضاً 1863 ص- 409.
(١٠٣) ائناباسس 29-iii.
(١٠٤) ايمر- جولين جو هيون سئنگ ii- 136.
(١٠٥) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1863 ص-17.
(١٠٦) ائناباسس iv- 28.
(١٠٧) آئرين (Arrian) iv- 28 مان معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ اهو ماڳ ايمبوليما (Embolima) کان هڪ ڏينهن جي فاصلي تي هو. اهو سفر رانيگهات (Ranigat) کان اوهند (Ohind) جي فاصلي جيترو آهي جيڪو 16 ميل ٿيندو. ڏسو نقشو iv.
(١٠٨) حاشيا لئٽن ۾ لکيل آهي.
(١٠٩) ائناباسس iv- 28.
(١١٠) وٽ- ائپولوني ii- 28.
(١١١) هسٽري xvii-44.
(١١٢) هسٽري xii-7.
(١١٣) جنرل رايل ايشياٽڪ بنگال 1863 ص-2.
(١١٤) ائرين ائناباس iv-29.
(١١٥) جنرل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1863 ص-5.
(١١٦) ايضاً iv- 28.
(١١٧) استرئبو جاگرافي i-xv-17.
(١١٨) بيل جو فاهيان جو ترجمو ص- 34.
(١١٩) بيل سنگ يون (Sung yun) جو ترجمو ص- 202.
(١٢٠) ايمر جولين جو هيون سئنگ ii-104.
(١٢١) آئين اڪبري ii-104.
(١٢٢) ممايرس جو ترجمو Layden ارڪسن Erskine ص-167.
(١٢٣) آئين اڪبري ii- 165.
(١٢٤) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1849 ص- 494.
(١٢٥) جيولن جو هيون سئنگ ii-168 پر هي مهاتما ٻڌ پنجاهہ سال پوءِ سمجهي ٿو. ليڪن ان عرصي کي 250 ڀڙهڻ گهرجي.
(١٢٦) ٽرنر جو مهاونسو ص- 71 ڏسو پڻ منهنجو ڪتاب Bhilsa Topes ص-120.

(١٢٧) هيون سئنگ ii- 150 ڏسو پڻ منهنجي تصنيف Ladak ص-34.
(١٢٨) هيون سئنگ i- 268.
(١٢٩) بيل (Beal) جو ترجمو 50 ص c.14
(١٣٠) هيون سئنگ ضميمو iii.
(١٣١) ايلفن اسٽون- ڪابل ii- 156-158.
(١٣٢) هيون سئنگ iii- 185 ايٺيت جو محمـڊن هسٽورينس مرتب ڊائوسن i- 381.
(١٣٣) ريناڊ جو فرئگمنٽس آرابس ص- 184.
(١٣٤) برجس جو فرشتہ i ص- 8.
(١٣٥) پشتو ڊڪشنري (invoce).
(١٣٦) برجس جو ترجمو i 7.
(١٣٧) راجا ترن گيني v - 144.
(١٣٨) هيون سئنگ i- 20.
(١٣٩) ريناد- فرئليٽس آرابس ص- 116.
(١٤٠) برجس 1310 vii 1312.
(١٤١) هيون سئنگ ii 90.
(١٤٢) لئٽن ۾ حاشيہ.
(١٤٣) راجا ترن گني (Tarangini).
(١٤٤) ريناڊ فرئلينٽس آرابس ص- 116.
(١٤٥) ولسن ان جي هجي کي ڦيرائي پئن درس (Payen Draw) ڪري ڇڏيو جنهن جي فارسي ۾ معنيٰ هيٺيون درس آهي پندراس Pandras جي حقيقي معنيٰ ٿيندي درياهہ جو مٿيون پاسو.
(١٤٦) هيون سئنگ 180-ii کي 251-i سان پيٺائي ڏسندا.
(١٤٧) آئين اڪبري 130-ii.
(١٤٨) راجا ترن گيني i - 104.
(١٤٩) ايضاً i - 124.
(١٥٠) ڏسو منهنجي تصنيف Temples of kashmir ص- 44 راجا ترن گيني 191-vi.
(١٥١) هيون سئنگ i- 96.
(١٥٢) مور ڪرافٽ ٽريولس 276-ii مـان بہ پيرا ڪشمير ويو آهيان ۽ شخصي چاڻ جي آذار تي ائين چئي رهيو آهيان.

(١٥٣) راجا ترن گيني i 90.
(١٥٤) ايضاً i- 150.
(١٥٥) ايضاً ii- 123.
(١٥٦) ايضاً iii- 227.
(١٥٧) راجا ترن جيني i- 168.
(١٥٨) ريناڊ فرئگمينٽس آرابس ص- 116.
(١٥٩) راجا ترن جيني iv- 188.
(١٦٠) ايضاً v- 258.
(١٦١) راجا ترن جيني Asiat Res xv-23-370.
(١٦٢) راجا ترن جيني iv- 194.
(١٦٣) ايضاً iv 505-510.
(١٦٤) آئين اڪبري ii- 135.
(١٦٥) برجس فرشتہ iv- 465.
(١٦٦) راجا ترن گيني iv- 694.
(١٦٧) ايضاً v-44.
(١٦٨) ايضاً v-216.
(١٦٩) فا- هيان جي ترجمي c.xi ۾ بيل، پشاور تائين ستن ڏينهن جو سفر ٻڌائي ٿو، يعني سنڌوءَ تائين چئن ڏينهن جو پنڌ ؛ سنڌوءَ کان ٽيڪسيلا تائين ٽن ڏينهن جو فاصلو آهي. بيل جي سن- يون جي ترجمي ص 200 تي ان کي سنڌوءَ جي اوپر پاسي ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هيون سيئنگ ان کي سنڌوءَ کان ڏکڻ- اوپر پاسي ٻڌائي ٿو. (جولين جو ترجمو ii ص- 263) ڏسو شاهہ ڍيري يا ٽيڪسيلا جي بيهڪ لاءِ نقشو نمبر iv-v-vi.
(١٧٠) آناباسس v-8.
(١٧١) جاگرافي Gcagar xv-1-17؛ xv-1-28.
(١٧٢) نيچرل هسٽري vi ص- 23 وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾ لکيل آهي.
(١٧٣) برنائوف (Burnouf) انٽروڊڪشن ال هسٽئاير ڊو ٻڌيزم انڊين ص- 361.
(١٧٤) پروفيسر ڊائوسن جو ترجمو جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي xx 321 ڏسو پڻ مصنف جا لکت Inserptin تي لکيل حاشيہ جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1863 ص- 139.
(١٧٥) Vita Apollon ii -20

(۱۷٦) وينا اليگزيندر i-v پولچري تيودو ائڪ ويتستاس Pulchritudo ac vetustas.

(۱۷۷) بيل Beal جو ترجمو c.xi

(۱۷۸) بيل جو ترجمو ص-200.

(۱۷۹) فاهيان (بيل جو ترجمو) c-xi.

(۱۸۰) جيولن هيون سئنگ i- 262.

(۱۸۱) Pomponius Mella iii -7.

(۱۸۲) سن- يون ۾ لکيل آهي تہ "سر ٻئي ماڻهوءَ لاءِ ڏنو ويو هو." يعني مهاتم ٻڌ پنهنجي حياتي ٻئي ماڻهوءَ کي بچائڻ لاءِ قربان ڪئي هئي. (بيل جو ترجمو ص- 200)

(۱۸۳) ريناڊ جو فرئگمينٽس آرابس ص- 116.

(۱۸۴) ڏسو نقشو نمبر iv.

(۱۸۵) جولين هيون سئنگ ii- 153.

(۱۸٦) ترپولس i - 61.

(۱۸۷) ڪابل i- 106- استوپا سنسڪرت جو لفظ آهي، دڙو پوءِ اهو پٿرن جو هجي يا مٽيءَ جو. ڏسو ڪول بروڪ امرڪوش Amara Kosha. پاليءَ جو لفظ ٿوپو Thupo لاءِ ڏسو ٽرنرجو مهاونسو. پنڻاب مان لڌل آرين ٻولي ۾ لکتن ۾ ٿوپو يا ٿووا Thuvaجو لفظ ملي ٿو. هاڻي اهو لفظ ڦري گهري ٿوپ Thup بڻجي ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سالم حالت ۾ ڪا جاءِ ۽ ٿوپي Thupi معنيٰ تباهہ ٿيل جاءِ جو دڙو. افسوس جي ڳالهہ آهي جو ان بدران ٽوپ Tope جو لفظ ڪتب آندو ويو ٿو، جنهن جي هجي ۽ اُچار هتان جي ڏيهي لفظ سان نهڪي ڪونہ ٿو اچي.

(۱۸۸) مور ڪرافٽ- ترپولس ii- 311.

(۱۸۹) فاهيان جو ترجمو- بيلس c.xi- ص- 32.

(۱۹۰) سنگ- يون Sung-yun جو ترجمو- بيلس ص- 193.

(۱۹۱) جولين هيون سئنگ ii- 164.

(۱۹۲) ڏسو نقشو v ۽ vi.

(۱۹۳) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 834- ص- 562.

(۱۹۴) ايضاً 1853 ص- 570.

(۱۹۵) اهڙيءَ ريت سنسڪرت جو لفظ سرسوتي زيند هَرڪئتي Zend Hara Khaiti ۽ يوناني لفظ ارڪاٽوس Arakhatos بڻجي ويو.

(١٩٦) جولين هيون سئنگ ii- 162.
(١٩٧) ايضاً- ii- 187.
(١٩٨) ٽريولس- ii- 298.
(١٩٩) ڏسو نقشو نمبر v ۽ vi.
(٢٠٠) جولين "هيون سئنگ" ii-188.
(٢٠١) ڏسو نقشو نمبر v ۽ vi.
(٢٠٢) آئين اڪبري ii- 155.
(٢٠٣) برجس فرشتہ vi- 483.
(٢٠٤) راجا ترن جيني ii- 589-220.
(٢٠٥) ايضاً vi- 318 نندري گپت Nandrigupta.
(٢٠٦) هيم ڪوش Hema Kosha جلنڌرس تري گرتسيو Talandharas Trigaettasyuh يعني جلنڌر تري گرت بہ سڏيو ويندو آهي.
(٢٠٧) هيون سينگ- جولين ii- 202.
(٢٠٨) پدم پراڻ جو اتر کنڊ ۽ ڪينيڊي Kennedy جي هندو مئٿالاجي ص- 456.
(٢٠٩) جلنڌرپراڻ.
(٢١٠) ڊايو ڊورس xvii- 51 "فيگايس" Phegaeus ڪوٽس-2 xi-1 وڏيڪ لئٽن ۾ لکيل آهي.
(٢١١) راجا ترن جيني iii- 100.
(٢١٢) هيون سئنگ i- 261 جولين.
(٢١٣) راجا ترن جيني vii- 150.
(٢١٤) ٽريولس- ياگو c-iii- 37.
(٢١٥) واويج تہ ايسٽ انديا ص- 88.
(٢١٦) ايضاً ص- 81 لنڊن 1655ع.
(٢١٧) فرئگمينٽس آرابس 149.
(٢١٨) برجس فرشتہ i- 283 گکڙ Gakars قبيلو نيلاب (سنڌو) جي ڪناري سان رهندو هو ۽ اهو علائقو سواليڪ جبل جي ترائين تائين پکڙيل هو.
(٢١٩) راجاترن جيني vii- 218.
(٢٢٠) ايضاً 589-1520-viii- 1092.
(٢٢١) جولين هيون سئنگ ii- 203.

(٢٢٢) ولسن- وشنو پراڻ- مرتب هال ii- 3 جلد ii ص- 174.
(٢٢٣) ڪرن بريهٽ سنميٽ xiv-29.
(٢٢٤) جولين هيون سئنگ ii- 205.
(٢٢٥) ايضاً i- 104-211.
(٢٢٦) محمدن هسٽورينس آف انڊيا- ايليٽ- مرتب ڊائو سن ii- 295.
(٢٢٧) ڊاڪٽر ڪرن بريهٽ سنهيٽ xiv-b- 29-30.
(٢٢٨) ڏسو نقشو نمبر v ۽ vi.
(٢٢٩) ڊاڪٽر استونسن. هن کي پاليءَ جو لفظ سمجهي ٿو ۽ يوناني شڪل ۾ زينوڪراٽس Zeno krates پڙهي ٿو. پر هيءُ لفظ ڪنبري ڪارلي جي سيني لکتن ۾ هيءُ ڪنهن شهر يا علائقي جو نالو آهي.
(٢٣٠) مهاڀارت ۽ وشنو پراڻ ۾ هيءُ نالو ٻـهيڪ Bahika لکيل نظر اچي ٿو. ڪلوٽس Kulutus مطابق ان جي صحيح پڙهڻي بہ ٻـهيڪ ٿي سگهي ٿي. لئسن بہ ان جي پڙهڻي اها سمجهي ٿو.
(٢٣١) لئسن پئنٽاپاٽ انڊيڪا Pentapat Indica ص-21 بهيڪشٽ ڪنهنو Bahikashta Khanamano.
(٢٣٢) راجا ترنجيني v- 150- تريورv- 155 ڪلڪتي وارو ڇاپو.
(٢٣٣) سڪلا Sakala يا تڪي Taki جي جاگرافيائي بيهڪ لاءِ ڏسو نقشو v ۽ vi.
(٢٣٤) سر هينري ايليٽ محمدن هسٽورينس آف انڊيا ص-56 پروفيسر ڊائوسن وارو ڇاپو-1- 21. هتي ان لفظ جي پڙهڻي طافن Tafan آهي. پر اسپرنجر Sprenger مسعوديءَ جي ترجمي ص- 193 طافي Tafi لکيو آهي ۽ ان جون ٻيون پڙهڻيون طاقن Takan ۽ طافن Tafan ڏنيون آهن. ۽ ص- 390 تي طاقين Takin جو لفظ نظر اچي ٿو.
(٢٣٥) ص- 161 De Rebus Indicis.
(٢٣٦) ريناڊ فرئگمنٽس آرابس ص-118 سر هينري ايليٽ ص-41 ايليٽ جو ڊائوسن وارو ڇاپو i ص- 65، طاقيشر Takishar کي بدلائي ڪشمير جو لفظ لکيو ويو آهي.
(٢٣٧) سر هينري ايليٽ ص-41- ايليٽ جو ڊائوسن وارو ڇاپو i- 46 جيڪڏهن اهو ابن بطوطہ جي لکت جيان ڪراڪل Karachal يعني ڪارو جبل آهي تہ پوءِ اهو سمجهڻ کپي تہ مذڪوره جبل خشڪ آهي ۽ برف نہ هجڻ ڪري ڪارو ڏسبو آهي.

(٢٣٨) سر هينري ايليٽ ص- 49 ڊائوسن وارو ڇاپو i ص- 4.
(٢٣٩) سر ايليٽ محمدن هسٽورين آف انڊيا ص- 53 ڊائوسن وارو ڇاپو i ص- 13. جتي هيءَ نالو طافن لکيل آهي.
(٢٤٠) ص- 208- Gilde meister de Rebus Indicis.
(٢٤١) آناباسس vi- 3.
(٢٤٢) بيل جو ترجمو باب xv فاهيان هن کي پي- چا Pi-cha يا پيدا Bhida سڏيو آهي. چيني ٻوليءَ جو چ جو اچار د جي نمائندگي ڪندو آهي.
(٢٤٣) جيوگر i-xv- 30.
(٢٤٤) هسٽري xix- 47.
(٢٤٥) جاگرافي i-xv- 30. هيءُ حوالو سڪندر جي فوجي جنرل ڪليٽارڪس Kleitarchos تان ورتل آهي. اسٽرئبو بہ هن جو حوالو (V.2.6) ڏنو آهي، جنهن کي هو هندستان جون لوٽ جون ڪاٺيون سڏي ٿو.
(٢٤٦) هسٽري نيچرل viii- 61.
(٢٤٧) ايضاً xxxi- 39- وڌيڪ حوالو لئٽن ۾ آهي.
(٢٤٨) هسٽري نيچرل xxxi-ِ39- وڌيڪ حوالو لئٽن ۾ آهي.
(٢٤٩) ڏسو هن جي سنسڪرت ڊڪشنري، رومہ Ruma، رؤمہ Rauma، رؤمڪا Raumaka.
(٢٥٠) ڏسو نقشو نمبر v-vi.
(٢٥١) Vita. Alex. ix-1.
(٢٥٢) هسٽري xvii- 49.
(٢٥٣) جاگرافي ixv-30.
(٢٥٤) ايلفن اسٽون ڪابل i- 109.
(٢٥٥) ٽريولس ان پنجاب، بخارا ii- 49.
(٢٥٦) جرنل آف دي ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1836ع ص ص 472-473.
(٢٥٧) ايضاً 1848 ڀاڱو ii ص- 619.
(٢٥٨) ڏسو نقشو vii "سڪندر جو جهلم ڏانهن پيش قدمي وارو رستو."
(٢٥٩) ٽريولس اِن پنجاب، بخارا-ii- 51.
(٢٦٠) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1836-472،473.
(٢٦١) گلئڊون Gladwyn جو ترجمو ii- 263.
(٢٦٢) ولفورڊ جو تيار ڪيل پنجاب ۽ ڪابل ماٿريءَ جو نقشو جيڪو هن

مرزا مغل بيگ جي سروي ذريعي جوڙيو هو. هاڻ مصنف وٽ موجود آهي.

(٢٦٣) آئين اڪبري ii- 110.

(٢٦٤) حاشيه لئٽن ۾ آهي.

(٢٦٥) هسٽري نيچرل vi- 21 وڌيڪ لئٽن ۾ لکيل آهي.

(٢٦٦) جاگرافي xv-1-32.

(٢٦٧) ڏسو نقشو نمبر v.

(٢٦٨) حاشيه يوناني ٻوليءَ ۾ لکيل آهي.

(٢٦٩) ويٽا اليگزينڊر viii- 13 وڌيڪ لئٽن ۾ لکيل آهي.

(٢٧٠) اناباسس v- 12 وڌيڪ يوناني ٻوليءَ ۾ آهي.

(٢٧١) ڏسو نقشو نمبر vii.

(٢٧٢) ايضاً.

(٢٧٣) سر ڊبليو نئپيئر Sir. W. Napier پنهنجي تصنيف "Life of Alexander" ۾ پنهي فوجي مهندارن کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. سڪندر جي گرانيڪس Granicus ڏانهن پيش قدميءَ بابت لکندي هو ٻڌائي ٿو ته اهو سفر جهلم ڏانهن وڃڻ واري سفر ۽ پورس سان ٿيل مقابلي کان گهٽ وقعت رکي ٿو ۽ سائٽس ٻئي مقابلي جي ڪيس جرئت ئي ڪانه هئي. لنڊن ۽ ويسٽ منسٽر رويو v- 1838ع ص- 377.

(٢٧٤) ائناباسس v- 13.

(٢٧٥) مان چيلان والا Chillan wala واري علائقي کي هڪلي وڃي ڏنو هو. چيو ويندو آهي ته سڪندر سان جنگ واري زماني اتي مينهن وسيو هو. مونگ Mongءِ پٻي Pabhi جي وچ تي ساڳيءَ ميدان تي ٻه ڀيرا جنگ ٿي هئي.

(٢٧٦) ڪرٽس ويٽا اليگزينڊر viii-14-27.

(٢٧٧) اناباسس v- 18.

(٢٧٨) هسٽري آف گريس xii- 308 حاشيه.

(٢٧٩) جاگرافي xv-1-29.

(٢٨٠) Life of Alexander

(٢٨١) ناباسس v- 19.

(٢٨٢) ٿي سگهي ٿو ته هرات Hairat لفظ رات Aratta جو بدليل روپ آهي.

(٢٨٣) جلد v- 282 جلد vi ص- 520 جلد ix- ص-53.

(٢٨۴) پنتاپات اندين ص- 73-74.
(٢٨٥) هيون سئنگ i- 97.
(٢٨٦) اناباسس vi-6.
(٢٨٧) هاردي. مئنيوئل آف بڌيزم حاشيہ 263.
(٢٨٨) ايضاً 513.
(٢٨٩) ڏسو نقشو نمبر vi.
(٢٩٠) ايضاً.
(٢٩١) ٽالمي جنهن شهر جو نالو لابڪلا Labokla لکيو، تنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ لاهور جو شهر آهي. اهڙي سڃاڻ ڪپرٽ جي جوڙيل هندستان جي نقشي جي آڏار تي ڪئي وئي آهي. ٽالميءَ جي تصنيف ۾ لئسن جي انڊسڪي الٽرٿومسڪنڊي کي آڏو رکي هسٽري ائنڊ انٽيڪيوئيٽز آف لاهور جي مصنف ٽي. ايڇ. ٿورنٽن T. H. Thornton وڏي ڪوجنا ڪري اها حقيقت قلمبند ڪئي آهي.
(٢٩٢) جولين- هيون سئنگ 1-99.
(٢٩٣) هيءَ تاريخ فرشتہ تان ورتي وئي آهي، پر محمود جا سڪا لڌا ويا آهن، جن تي عربيءَ سان گڏ سنسڪرت جا اکر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي محمود پور نالي هڪ شهر ۾ ڍاليا ويندا هئا. انهن سڪن جو 1019هہ سان واسطو آهي. مسٽر ٿامس ان شهر کي لاهور سمجهي ٿو. ابو ريحان ۽ ٻين مسلمان مورخن هن شهر جو نالو منڌوڪر Mandhukur لکيو آهي، جيڪا اصلي نالي جي بگڙيلصورت آهي. چيو وڃي ٿو تہ اهو لاهور واري علائقي جو راڄ ڌاڻي هو.
(٢٩۴) ڏسو نقشو نمبر vi.
(٢٩٥) مان هيءُ بيان پنهنجي ڪيل سروي Survey ۽ ذاتي جاچ پڙتال جي آڌار تي لکيو آهي. ان سان گڏ ليفٽيننٽ بار Barr جي تصنيف ”ڪابل ائنڊ دي پنجاب“ ص- 409 جو حوالو بہ پيش ڪري سگهان ٿو. ”قصور بہ تمام گهڻو آڳاٽو شهر آهي. ان شهر جي ڪنڊرن مان پتو پوي ٿو تہ اوج جي زماني ۾ گهڻي ايراضيءَ تي پکڙيل هوندو هو.“
(٢٩٦) ڏسو نقشو نمبر-7.
(٢٩٧) جولين هيون سئنگ i- 102.
(٢٩٨) ايضاً ii- 198.
(٢٩٩) ٽريولس انٽ پنجاب ائنڊ بخارا ii-9.

(٣٠٠) همايون نامہ 112.

(٣٠١) آئين اڪبري ii- 262.

(٣٠٢) همايون نامہ ص- 113.

(٣٠٣) پنجاب ائنڊ بخارا ii- 9.

(٣٠٤) ڪابل ائنڊ پنجاب 62.

(٣٠٥) ڏسو نقشو نمبر vi.

(٣٠٦) بخارا ائنڊ پنجاب i - 113.

(٣٠٧) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1840ع ص- 913.

(٣٠٨) ڊايوڊورس xvii- 52- ڪرٽس- ڪورونا سبيٽ.

(٣٠٩) Vita. alex. ix -4,10.

(٣١٠) اناباسس vi- 7.

(٣١١) ڏسو نقشو نمبر v-vi.

(٣١٢) اناباسس vi-7.

(٣١٣) ڏسو نقشو نمبر v-vi.

(٣١٤) اناباسس vi-7.

(٣١٥) ايضاً.

(٣١٦) ڏسو نقشو نمبر v-vi.

(٣١٧) بخارا i- 117.

(٣١٨) تريولس i- 453.

(٣١٩) جاگرافي xiv- 8 ۽ 23.

(٣٢٠) استينا- باهيڪا ڌانا گائوڊ سرم پتوا گومانسم Stena- Bahika dhanagaud- pitwa gomansam.

(٣٢١) انڊيڪا iv.

(٣٢٢) ايضاً.

(٣٢٣) برجس- فرشتہ مهاڳ- i- ixxii.

(٣٢٤) اناباسس- vi- 22.

(٣٢٥) هسٽري نيچرل xii- 12.

(٣٢٦) گبن "Decline and fall of Roman Empire" مقدونيہ جو هيءُ جهونجهار بياس درياہ جي ڪناري ۽ رت پٽ جي ڏنگ تي بہ ٿورو ترسيو ۽ رنو هو.

(٣٢٧) هسٽري نيچرل vi- 21 وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾ آهي.

(٣٢٨) آئين اڪبري ii- 3.
(٣٢٩) همايون نامہ ص- 113.
(٣٣٠) آئين اڪبري ii- 106.
(٣٣١) ٽريولس i- 456.
(٣٣٢) برجس جو فرشتہ i- 487.
(٣٣٣) ٽريولس i- 456.
(٣٣٤) اناباسس vi- 3.
(٣٣٥) ويتا- اليگز ix-4، 10 متن ۾ ”وبيا فلمينم“ جا لفظ نظر اچن ٿا، جيڪي ظاهر ظهور غلط ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڇاڪاڻ تہ فلومينس Fluminis جي هڪدم پويان ايمني Amne جو لفظ ايندو آهي.
(٣٣٦) اناباسس vi-7.
(٣٣٧) ويتا- اليگز-ix-4،10.
(٣٣٨) هسٽري xvii- 52.
(٣٣٩) ويتا. اليگز-ix- 4 وڌيڪ حاشيہ لئٽن ٻوليءَ ۾ آهي.
(٣٤٠) ايضاً- وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾ آهي.
(٣٤١) برنس پنهنجي ڪتاب ٽريولس i- 97 تي ملتان واري علائقي ۽ چناب نديءَ واري ايراضيءَ ۾ ٻوڏ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو غلط آهي. جيڪڏهن هو درياهي سفر کي ڇڏي خشڪيءَ وسيلي سفر ڪري ها تہ ڪيس پتو پئجي وڃي ها تہ اهو چاڙهہ چناب جي اٿل ڪري نہ، پر ٻر راويءَ جي اٿل ڪري آيو هو ۽ اها ندي سڌو- ڪي- سراءِ وٽان پراڻو وهڪرو ڏئي ملتان ڏانهن وڃي هئي. مون پاڻ آگسٽ 1856ع ۾ ساڳي رستي سان سفر ڪيو هو ۽ ڏٺو هوم تہ راوي اٿلي پنهنجي پراڻي پيٽ مان وهي رهي هئي.
(٣٤٢) جولين- هيون سئنگ iii- 173.
(٣٤٣) ڪابل i- 27.
(٣٤٤) ڏيان ڏرڻ جوڳي هيءَ ڳالهہ بہ آهي تہ سيکي دروازي Sikhi Darwaza (سيکن واري دروازي) وٽ مون کي توب جي ٻن گولن جا نشان نظر آيا هئا. اها توب هلندڙ صديءَ جي شروعات ۾ سکن جي ڀنگي مسال Bhangi Misal فوج ملتان جي حملي لاءِ آندي هئي. اهي ٻئي گولا قلعي جي ست فوٽ ٿلهيءَ پٽ مان آر پار ٿي ويا هئا ۽ انهن ٻنهي گولن جي وچ ۾ ٽن فوٽن جي وٿي هئي.

(٣٤٥) ولفورڊ "ايشياٽڪ ريسرچز" xi- 69 ۽ ايچ. ايچ. ولسن- ريناڊ ممايرس Sur I, Tnde ص- 392.

(٣٤٦) مسعودي- گلڊ ميسٽر جو ترجمو ص- 134- سر ايليٽ محمدن هسٽورين ص-56 پر ص- 57 تي هن "سونو مندر" لکيو آهي. پروفيسر ڊائو سن (i-23) مسعودي مطابق سون واري گهر جي حد ۽ ادريسيءَ (i- ص- 18) موجب "سون وارو گهر" ترجمو ڪيو آهي.

(٣٤٧) سرهندي ايليٽ هن کي پابيا Pabiya (پروفيسر ڊائوسن وارو ڇاپو i- 141) ليفٽيننٽ پوسٽنس رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1841ع ص- 195 باهيه Bahiya لکيو آهي.

(٣٤٨) ليفٽيننٽ پوسٽنس رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1838ع ص-49- سر ايليٽ هسٽري آف انڊيا- مرتب- ڊائوسن i- 143.

(٣٤٩) اناباسس vi-8.

(٣٥٠) ايضاً vi-11

(٣٥١) جاگرافي xv- 5.

(٣٥٢) اناباسس vi-5.

(٣٥٣) ريناڊ فرئگمينٽس آرابس ص- 199.

(٣٥٤) جاگرافي جابرٽ Jaubert جو ترجمو i- 168.

(٣٥٥) ليفٽيننٽ پوسٽنس رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1938ع ص-95. هتي مصنف ڪرور بدران ڪردد پڙهيو آهي.

(٣٥٦) بخارا i- 97.

(٣٥٧) ٽريولس i- 022

(٣٥٨) پوسٽنس جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1838ع ص-94.

(٣٥٩) اناباسس vi- 15.

(٣٦٠) پوسٽنس جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي 1838ع ص-380.

(٣٦١) ايضاً 1838ع ص-94.

(٣٦٢) برجس جو فرشته iv- 380.

(٣٦٣) ڊاڪٽر ڀائوداجي Bhaudaji بامبي جرنل vii- 120.

(٣٦٤) پيٽا اليگز- وڏيڪ حاشيه لڱن ۾ آهي.

(٣٦٥) هسٽري xvii- 10.

(٣٦٦) هيءَ معلومات مون کي بيڪانير جي مشهور قلعي ۾ٽنير مان ملي هئي. تالوبه جهانگير جي دور جيترو پراڻو لڳي ٿو. چپلين ٽيري Chaplain

Terry بيڪانير کي بڪار جي راجڌاني لکيو آهي. ڏسو A voyage of East india ص- 86.

(٣٦٧) ڏسو نقشو ix.

(٣٦٨) پوسٽنس جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1838ع ص- 93.

(٣٦٩) ريناڊجي فرئگمينٽس آرابس جي ص-47 تي رشيد الدين جو حوالو.

(٣٧٠) پوسٽنس جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1836ع ص- 103.

(٣٧١) درياهن جا اهي وهڪرا جيڪي قطبن کان خط استوا ڏانهن وهن ٿا، سي الهندي ڏانهن سرڪندا ويندا معلوم ٿيندا آهن ۽ اهي وهڪرا جيڪي خط استوا کان قطبن ڏانهن ويندا آهن، سي اوڀر پاسي سرڪندا معلوم ٿيندا آهن. اهو ڌرتي جي قطبن ۽ خط استوا وٽ ڦرڻ جي رفتار ڪري ٿيندو آهي. تجارتي هوائون انهيءَ ڪري گهلنديون آهن.

(٣٧٢) ڏسو نقشو ix

(٣٧٣) اناباسس vi- 15.

(٣٧٤) هسٽري يونيورس 56-xvii.

(٣٧٥) ويٽا اليگز 8.

(٣٧٦) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 33.

(٣٧٧) آئين اڪبري-II- 117.

(٣٧٨) ٽارنٽن گزيٽيئر (Invoca).

(٣٧٩) ارسڪن- هسٽري آف انڊيا i- 388 پوسٽنس جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1841-275.

(٣٨٠) ٽريولس i- 382.

(٣٨١) اناباسس vi- 15.

(٣٨٢) ايضاً vi-17.

(٣٨٣) سر ايليٽ- مرتب ڊائوسن i- 138.

(٣٨٤) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1846 ص- 171.

(٣٨٥) ايضاً 1845 ص- 79.

(٣٨٦) برجس جو فرشتہ i- 39. سر هينري ايليٽ ص- 186 تي طبقات ناصري جو حاشيہ.

(٣٨٧) اسٽرئبو جي جاگرافي i-xv 22، 34 ۽ 54. ڊايو ڊورس xvii- 10 ائرين جي اناباسس vi- 15.

(٣٨٨) ويٽا اليگز ix-8.

(٣٨٩) ڏسو نقشو ix.
(٣٩٠) اناباسس vi- 16.
(٣٩١) ويٽا اليگز ix- 8-26.
(٣٩٢) ٽريولس i- 461.
(٣٩٣) ويٽا اليگز ix-8.
(٣٩٤) اناباسس vi- 16.
(٣٩٥) ويٽا اليگز ix-8.
(٣٩٦) هسٽري يونيورس xvii- 56.
(٣٩٧) جاگرافي xv-i- 32.
(٣٩٨) ويٽا اليگز ix-8 حاشيہ لئٽن ۾ آهي.
(٣٩٩) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1840ع ص- 913.
(٤٠٠) ويسٽ مئڪاٽ Westmacott جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1840. ص- 1209 تي ٻڌائي ٿو تہ سنڌوءَ جي ڇاڙهہ اڙل Arral يا ارل Aral کان هڪ سؤ فوٽ مٿي اوچي هئي.
(٤٠١) ويسٽئڪاٽ- جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1840 ص- 1207.
(٤٠٢) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 30.
(٤٠٣) ڪرٽس- ويٽا اليگز- حاشيہ لئٽن ۾ لکيل آهي.
(٤٠٤) ائرين اناباسس vi- 16.
(٤٠٥) ڪرٽس ويٽا اليگز ix- 8.
(٤٠٦) هسٽري يونيورس xvii- 56.
(٤٠٧) جسٽين Justin هسٽري xii- 10.
(٤٠٨) پوسٽنس جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1838 ص- 93 ۽ 96.
(٤٠٩) ڏسو ٻانيٺو. ٻانيٺا يا ٻاپٺا لاءِ اشوڪ واريون ڌانلي Dhanli جون لکتون- جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جلد vii.
(٤١٠) سر ايليٽ- محمدن هسٽررين آف انڊيا ص- 63.
(٤١١) جابرٽ جو ادريسي i- 162.
(٤١٢) ايضاً ص- 160.
(٤١٣) ريناڊ جو فرئگمنٽس آرابس ۽ جابرٽ جو ادريسي i- 162.
(٤١٤) ايضاً ص- 160.
(٤١٥) ريناڊ جو فرئگمنٽس آرابس ۽ جابرٽ جو ادريسي i- 162.
(٤١٦) ايليٽ- محمدن هسٽورين آف انڊيا ص-57.

(۴۱۷) سر ايليٽ جو محمدن هسٽرين آف انديا مرتب ڊائوسن ص- 34. - جابرٽ جو ادريسي-1- 162 لي نوم ڊي لاولي Le nom de la cille (Mansara est Indian miriman) گولڊ ميسٽر جي ابن حوقل ۾ تاميرمان Tamirman آهي، جيڪو باميوان Bamiwan يا باماواس جي بگڙيل صورت آهي.

(۴۱۸) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بامبي v- 413 ٿامس پرنسيپ ii- Prinsep ص- 119 ايسٽ وِڪ East Wick جو ”هئنڊ بوڪ فار بامبي“ ص- 190.

(۴۱۹) آئين اڪبري ii- 115 گلئڊون جي ترجمي ۾ هن کي 1400 چبوترا آهن. ان حسابَ سان شهر جو گهيرو وڃي 40 ميل بيهي ٿو. پر اصلي نسخي (MSS) ۾ 140 چبوترا لکيل آهن. الهي گز ۾ ساڍا 41 سڪندري تنگها Tanghas هوندا هئا. منهنجي معلومات مطابق 62 سڪندري گزن ۾ 7234 انچ هوندا هئا ۽ الهي گز جي ماپ 30-0211 انچ هوندي هئي. وڏيڪ لاءِ ڏسو مسٽر ٿامس ii- 123 جنهن ۾ في گز فقط 30 انچن جي برابر ڏسڻ ۾ ايندو.

(۴۲۰) پرنسيپ "Essays" جلد ii ص- 121- هن ڪتاب ۾ هتان لڌل سڪن جو تفصيل نهايت خبرداريءَ سان ڏنو ويو آهي.

(۴۲۱) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 28.

(۴۲۲) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بامبي v- 417.

(۴۲۳) ايضاً v- 423.

(۴۲۴) ٿامس پرنسيپ جا "Essays" ii- 113.

(۴۲۵) ريناڊ- فرئگمينٽس آرابس ص-113.

(۴۲۶) ڪرٽس- ويا. اليگز ix 10 وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾ آهي.

(۴۲۷) هسٽري xii- 10.

(۴۲۸) ايليٽ- محمدن هسٽورين آف انديا. مرتب ڊائوسن i- 35 ابنحوقل جو حوالو.

(۴۲۹) مئڪ مرڊو- جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 30. مئسن- ٽريولس i- 463 برٽن- سنڌ ص- 131، 367. ايسٽ وِڪ ”هئنڊ بوڪ فار بامبي“ ص- 483- ڏسو پڻ نقشو ix.

(۴۳۰) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 236.

(۴۳۱) آئين اڪبري ii- 272.

(۴۳۲) سر ايليٽ محمدن هسٽورين آف انديا- ڊائوسن وارو ڇاپو i- 400.
(۴۳۳) ووڊ "Journey to the sources of the oxus" ص-30.
(۴۳۴) مئڪ مرڊو- جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 234.
(۴۳۵) "سنڌ" باب پهريون حاشيہ 7.
(۴۳٦) اسٽرابو جاگرافي i-xv- 33.
(۴۳۷) ائرين اناباسس iv- 17 ڪرٽس جو ويٽا اليگز ix- 8- 28 جنهن ۾ بيان آهي تہ جبلن ڏانهن هليو ويو.
(۴۳۸) ڪرٽس جو ويٽا اليگز ix-Alex- 9- 29.
(۴۳۹) انڊيڪا ص-2.
(۴۴۰) سر ايليٽ- هسٽري آف انڊيا i- 37 مرتب پروفيسر ڊائوسن.
(۴۴۱) ايليٽ- هسٽري آف انڊيا- مرتب ڊائوس i- 40 جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ابن حوقل قنزبور Kannaz bur لکيو آهي. ص- 29 تي اصطخري آوالي موجب ان ماڳ جو نالو قنزبون Kannaz bun ڏنو ويو آهي، جنهن کي مورڊ مين Mordtmann فيرون Firiun پڙهي ٿو. نيرون Nirun ۽ مڪران جي راجڌانيءَ جي نالن جي وچ ۾ مونجهارا عربي صورتخطيءَ ڪري پيدا ٿيا آهن.
(۴۴۲) بامبي جرنل v- 356.
(۴۴۳) "جرني ٽُ دي سورس آف اوڪسس" ص-17.
(۴۴۴) نيو اڪائونٽ آف ايسٽ انڊيز i- 123.
(۴۴۵) اوڪسس ص- 20.
(۴۴٦) ڏسو نقشو ix.
(۴۴۷) جاگرافي i- 163.
(۴۴۸) سر ايليٽ- محمدن هسٽورينس آف انڊيا i- 67 گلڊ ميسٽر "دي ريبس انڊيڪس De Rebus Indicis ص- 172. جتي هو "ڪامُهل" Kamuhal کي علائقي جي اوڀارين سرحد ٻڌائي ٿو.
(۴۴۹) ريناڊ فرئگمينٽس آرابس وغيره ص- 25.
(۴۵۰) سر ايليٽ محمدن هسٽورينس آف انڊيا- ڊائوسن وارو ڇاپو i- 57.
(۴۵۱) Peripl. Mar. Eryty. in Hudson's Geogr. vet- i- 29
(۴۵۲) جاگرافي i- 164.
(۴۵۳) "نيو اڪائونٽ آف ايسٽ انڊيز" i- 123.
(۴۵۴) هڊسن جاگرافي- ويٽ- i- 22.

(۴۵۵) لفظ هي آهن Kar'a vloorov meo yelos جن جو مطلب آهي بار بريڪي Barbarike ڪان پرئين پاسي خشڪيءَ تي.
(۴۵٦) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 31 ان ڪان پوءِ وري ڏسندا ص- 233 تي جتي تحفة الڪرام جو حوالو ڏنو ويو آهي.
(۴۵۷) محمدن هسٽورينس آف انڊيا- مرتب ڊائوسن i- 66.
(۴۵۸) ايسٽ وڪ "هنڊ بوڪ آف بامبي" ص- 481.
(۴۵۹) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i - 25 ڏسو نقشو نمبر ix.
(۴٦٠) محمدن هسٽورينس آف انڊيا- ڊائوسن وارو ڇاپو i- 299.
(۴٦١) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 25 ۽ 232.
(۴٦٢) ايليٽ جو رشيد الدين- ڊائوسن وارو ڇاپو i- 26.
(۴٦٣) هڊسن- جاگرافي ويٽ i- 22.
(۴٦۴) سنڌ ص- 222 ۽ 224.
(۴٦۵) ايليٽ جو محمدن هسٽورينس آف انڊيا ڊائوسن ڇاپو i- 53 ۽ 57.
(۴٦٦) محمدن هسٽورينس آف انڊيا- مرتب ڊائوسن i- 61 اصطخري i- 65 اشڪال البلاد i- 65 ڏسو پڻ ابن حوقل تي حاشيه. قزويني لاءِ ڏسو گلڊميسٽر جو "ڊي ريبس انڊيڪس" ص- 205.
(۴٦۷) ڊاڪٽر لي Dr. lee جو ٽريولس ص- 102.
(۴٦٨) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 129 ۽ 233.
(۴٦٩) مئڪرڊوجرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي i- 28 ۽ پوسٽنس جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 193.
(۴۷٠) نيو اڪائونٽ آف ايسٽ انڊيز i- 30.
(۴۷١) ايم جولين- هيون سئنگ i- 207 ۽ 208- ڏسو پڻ نقشو نمبر ix.
(۴۷٢) ايضاً iii- 75.
(۴۷٣) هسٽري نيچرل vi- 23.
(۴۷۴) ايم. جولين جو هيون سئنگ iii- 175 وڏيڪ حاشيه لٽن ۾ آهي.
(۴۷۵) ائرين انڊيڪا 22 اسٽرئبو جي جاگرافي xv -2-1.
(۴۷٦) ڪرٽس تو ويٽا الگيز ix- 10- 33.
(۴۷۷) ايم. جولين- هيون سئنگ- iii- 177.
(۴۷٨) ائرين جو انڊيڪا 21- اسٽرئبو جاگرافي xv- 2-1 پليني جي هسٽري نيچرل vii-2.
(۴٦٩) ويٽا اليگز ix- 10-33.

(۴۸۰) ايسٽ وِڪ هئنڊ بوڪ آف بامبي ص- 474 ۽ 477.
(۴۸۱) ايضاً ص- 476- برنس جو بخارا i- 10 تي ڪُروڪولا Crocola
جو نالو لکيل آهي.
(۴۸۲) ائرين انڊيڪا ص- 22.
(۴۸۳) بلوچستان ص- 9.
(۴۸۴) ائرين- اناباسس vi- 21 انڊيڪا 23. ڪرٽس 10-34 ix.
(۴۸۵) ايضاً.
(۴۸٦) هسٽري نيچرل vi- 25.
(۴۸۷) حاشيه يونانيءَ ۾ لکيل آهي.
(۴۸۸) ڪرٽس- ويٽا- اليگز ix- 10 وڏيڪ لئٽن ۾ لکيل آهي. ڊايوڊورس
هسٽري xvii.
(۴۸۹) هنگلاج جنهن کي ٿبيٽ جي تارا ناٿ ڪنگلاچي Khingalatchi
ڪري لکيو آهي. ڏسو وارسيليف Vassilief جوفرينچ ترجمو ص- 45
جتي هن ماڳ کي رڪشاسا Rakshasa ڪري لکيو آهي. وڌيڪ اهو به
ٻڌايو ويو آهي ته اهو آستان اولهه هندستان ۾ بروڪاچا Brukacha يا
ٻڙوچ کان پرئين پاسي آهي.
(۴۹۰) قلات ص- 63 بلوچستان ii- 64.
(۴۹۱) چيني ٻوليءَ جي لئنگ Lang واري خصوصيت باگلان Baghalan
۾ به نظر اچي ٿي، جتي لفظ جي پوئين پد ۾ سر آواز ڏگهو نظر ايندو.
(۴۹۲) ڊائوسن جو سر ايليٽ i-4.
(۴۹۳) محمدن هسٽورينس آف انڊيا i- 13 ڊائوسن وارو ڇاپو.
(۴۹۴) ايضاً i- 34.
(۴۹۵) سر ايليٽ "عربس اِن سنڌ" ص- 36- مرتب ڊائوسن وارو ڇاپو i- 3.
(۴۹٦) محمدن هسٽورينس آف انڊيا ڊائوسن وارو ڇاپو i- 24.
(۴۹۷) جاگرافي i- 75 جابرٽ جو ترجمو.
(۴۹۸) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال viii- 300.
(۴۹۹) ايضاً نئون سلسلو i- 270، 277.
(۵۰۰) ايضاً 1838ع ص- 976.
(۵۰۱) ايضاً 1839ع ص- 300 ٻڙودا مان لڌل لکت.
(۵۰۲) آئين اڪبري- 11- 73 ابوالفضل سنبت سن 802 ٻڌائي ٿو، جيڪو
4745 جي برابر ٿيندو. مذڪوره دور وڪرماجيت جي زماني کان ڳڻيو

ويندو آهي.
(٥٠٣) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1838ع ص- 866.
(٥٠٤) برجس جو ترجمو i- 69.
(٥٠٥) ايضاً 179-194.
(٥٠٦) پروفيسر ڊائوسن- جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جو نئون سلسلو i- 280.
(٥٠٧) گزيٽيئر (invoce) "گجرات" i- 60.
(٥٠٨) بلفن استون "انڊيا" i- 550.
(٥٠٩) "ٽريولس انٽ ويسٽرن انڊيا" ص- 268.
(٥١٠) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي xiii- 146.
(٥١١) آئين اڪبري ii- 69.
(٥١٢) ايليٽ محمدن هسٽورينس آف انڊيا i-63.
(٥١٣) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بامبي vii-119 "دي ارجياتا Urjayata هِل" ص- 123 "ارجايات" ص-124. جاينتا جي ٽڪرين کي اجنتا جون ٽڪريون پڙهڻ کپي.
(٥١٤) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1838 ص- 874 ۽ 876.
(٥١٥) ايسٽ وڪ هئنڊ بوڪ آف بامبي ص- 424.
(٥١٦) آئين اڪبري ii- 66.
(٥١٧) "واويچ ۽ ايسٽ انڊيا" ص- 80.
(٥١٨) ماهي درياه گجرات جي اتر- اوپر پاسي آهي. تنهن ڪري اسان کي اوپر پڙهڻ کپي يا وري اهو ڀانئڻ گهرجي تہ ياتريءَ جو اشارو درياه جي الهندي ڪپ ڏانهن آهي.
(٥١٩) ٽالمي هن کي مئس Mais درياه لکيو آهي.
(٥٢٠) Peupal Mar. Erythr, in Hudson Geogr. Vet, -i-29
(٥٢١) ڏسو نقشو نمبر i.
(٥٢٢) ڏسو نقشو نمبر x.
(٥٢٣) جيولن هيون سئنگ ii- 213.
(٥٢٤) آئين اڪبري ii-517.
(٥٢٥) چيپٽر 83-v-4.
(٥٢٦) وانا پروا Vana Parva جو اڌيا 83 جو آخري اشلوڪ.
(٥٢٧) هاٽن Houghton جو انسٽيچيوٽس آف منو Manu 11-17.

(٥٢٨) Reinaud, Memaire Sun I'lade P-287

(٥٢٩) ولسن جو ترجمو i- 216.

(٥٣٠) جيولن هيون سئنگ ii-214.

(٥٣١) "بوڪ" i-13 ولسن جو ترجمو هال Hall وارو ڇاپو i-183.

(٥٣٢) جولين جو هيون سئنگ ص-206 ۽ 207- ڏسو نقشو نمبر x.

(٥٣٣) ريناڊ جو فرئگمنٽس آرابس ص-107- مترجم بزان Bazana جو لفظ لکيو آهي. پر سر ايليٽ ان جي تصحيح ڪري نران Narana لکيو آهي.

(٥٣٤) ريناڊ فرئگمينٽس آرابس ص-106- سر ايليٽ جو ڊائوسن وارو ڇاپو i-58.

(٥٣٥) ريناڊ- فرئگمينٽس آرابس ص- 108-112.

(٥٣٦) هاٽن جو ترجمو vii-193.

(٥٣٧) جولين جو هيون سئنگ ii-206.

(٥٣٨) ايليٽ- محمدن هستورينس- ڊائوسن وارو ڇاپو i-59.

(٥٣٩) برجس جو فرشتہ i-64.

(٥٤٠) جولين جو هيون سئنگ ii- 215 ڏسو پڻ نقشو نمبر x.

(٥٤١) ڏسو نقشو نمبر x.

(٥٤٢) جولين- هيون سئنگ ii- 230 ڏسو پڻ نقشو نمبر x.

(٥٤٣) بوڪ ii-8 ولمن جو ترجمو هال وارو ڇاپو ii-272.

(٥٤٤) ايضاً.

(٥٤٥) "هسٽري آف تيمور" مترجم پيٽس دي لاڪرائڪس Petis de la Croix iii- 131.

(٥٤٦) آئين اڪبري ii- 516.

(٥٤٧) جولين هيون سئنگ ii- 217.

(٥٤٨) Ctesiae Indica, Ex cerp. ab photio-19- edit lion

(٥٤٩) هسٽري نيچرل xxxvii-11.

(٥٥٠) جولين هيون سئنگ i- 434 ۽ ii- 231.

(٥٥١) ايضاً ii- 231 ڏسو پڻ نقشو نمبر x.

(٥٥٢) ايضاً ii- 231 ڏسو پڻ نقشو نمبر x.

(٥٥٣) ٽريولس انٽ انڊيا ii- 246.

(٥٥٤) جولين هيون سئنگ ii- 234 ڏسو پڻ نقشو نمبر x.

(٥٥٥) ايضاً ii- 233.

(٥٥٦) برجس جو فرشتہ i- 457.
(٥٥٧) جولين جو هيون سئنگ ii- 235 ڏسو پڻ نقشو نمبر x.
(٥٥٨) گلڊون "سڪندر پوري اٽيرچي" Secuudarpoor Aterchhy ii- 214.
(٥٥٩) بيل جو فا- هيان- باب xviii.
(٥٦٠) جولين جو سئنگ ii- 238.
(٥٦١) ڏسو نقشو نمبر x.
(٥٦٢) جولين هيون سئنگ ii- 207 ڏسو پڻ نقشو نمبر x.
(٥٦٣) انڊيڪا viii.
(٥٦٤) نيچرل هسٽري vi-19.
(٥٦٥) ڏسو نقشو نمبر x.
(٥٦٦) بيل- فاهيان xviii.
(٥٦٧) برجس جو فرشتہ i- 57.
(٥٦٨) جولين هيون سئنگ ii- 243 ڏسو پڻ نقشو نمبر x.
(٥٦٩) ضميمہ الف ۾ شين سئنگ (هيون سنگ) جي سفر بابت ڏنل تاريخوار جدول ۾ هرش ورڌن Harsha Vardhana جي موت جي تاريخ لاءِ وزندار دليل ڏنا ويا آهن تہ ان راجا سن 648ع ۾ وفات ڪئي هئي. ما- وان- لِن Ma- Twan-lin بہ چيني سفير جي ڏنل احوال جي آڌار تي هن حقيقت جي پٺڀرائي ڪئي آهي، جيڪو مذڪوره راجا جي مرڻ کان سنڌ پوءِ هندستان پهتو هو.
(٥٧٠) ريناڊ "فرئگمينٽس" ص- 139.
(٥٧١) بيل جو فاهيان xviii-71.
(٥٧٢) جولين هيون سئنگ ii- 256.
(٥٧٣) بنگال- ايشياٽڪ ريسرچس xx- 88.
(٥٧٤) جولين هيون سئنگ ii- 267.
(٥٧٥) ايضاً ii- 274.
(٥٧٦) ايضاً ii- 276.
(٥٧٧) ايضاً ii- 276.
(٥٧٨) ايليٽ محمدن هسٽورين آف انڊيا ص- 343.
(٥٧٩) ريناڊ فرئگمينٽس آرابس ص- 103- ايليٽ محمدن هسٽورين آف انڊيا ڊائوسن وارو ڇاپو i- 55.
(٥٨٠) ولسن "ميگهہ دوت" حاشيہ 64- هندو ٿئيٽر ii- 257 تي ڏنل حاشيہ.

(٥٨١) ايشياٽڪ ريسرچز ix- 433- جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال v- 731.
(٥٨٢) ولسن- هندو ٿيئٽر رتن ولي پريليوڊ ii- 264.
(٥٨٣) ٽرنر جو مهاونسو ص- 16.
(٥٨٤) هارڊي "مئنويئل آف ٻڌيزم" ص- 356.
(٥٨٥) فائوڪس Foucaux- للت- وستار جو ترجمو.
(٥٨٦) ڪومادي ڪوروز C●made Koros- ايشياٽڪ ريسرچز xx- 299.
(٥٨٧) هارڊي مئنويئل آف ٻڌيزم ص- 356.
(٥٨٨) جولين- هيون سئنگ ii- 283.
(٥٨٩) "مئنوئيل آف ٻڌيزم" ص- 501.
(٥٩٠) جولين هيون سئنگ i- 121- ii- 283 ۽ i- 260.
(٥٩١) جولين هيون سئنگ ii- 287- 290 ياتري سفرنامي ڪوس پور جو احوال نظر ڪونہ ايندو ۽ ڪوسمبي ان ويساک 500 لي اوپر ٻڌايو ويو آهي. جولين i- 122 ڏسو پڻ نقشو نمبر xi جنهن ۾ ان جي جاگرافيائي بيهڪ ٻڌائي وئي آهي.
(٥٩٢) هارڊي جو مئنوئيل آف ٻڌيزم ص- 364.
(٥٩٣) ايضاً ص- 301.
(٥٩٤) ريموسات Remusat جو فو- ڪيو- ڪي Fo-kwe-ke ۽ بيل جو فا- هيان xix-c- 27.
(٥٩٥) جُولين جو هيون سئنگ ii-292.
(٥٩٦) هن چيني ياتري ٻڌ ڌرم جي اڀياس لاءِ اٽڪل 16 سال هندستان ۾ گذاريا. پر غلطيءَ وچان اهو عرصو 6 سال سمجهيو ويو آهي. اها حقيقت سري لنڪا جي ٻڌ ڌرم جي حوالن ۾ محفوظ آهي.
(٥٩٧) "مئنويئل آف ٻڌيزم" ص- 220. جولين هيون سئنگ i- 305. سري لنڪا جي ٻڌ حوالن ۾ پيارامو Pubhiaramo جو پڻ ذڪر ملي ٿو. ڏسو ٽرنر جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 790.
(٥٩٨) ٽرنر جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 790.
(٥٩٩) بجنڊيٽ Bigandet "ليجينڊ آف برميز ٻڌا" ص- 142.
(٦٠٠) جولين هيون سئنگ ii- 292.
(٦٠١) ايشياٽڪ ريسرچز xx- 442.
(٦٠٢) رگهو ونس Ragho vansa سرگ xiii صلوڪ 79 سرگ xiv سلوڪ 13.

(٦٠٣) گلئڊون جو ترجمو ii- 32.
(٦٠٤) بيل- فاهيان xx-c- 73 جولين- هيون سئنگ ii- 292.
(٦٠٥) ڏسو نقشو نمبر xi جنهن ۾ ان جي جاگرافيائي بيهڪ ڏنل آهي.
(٦٠٦) ولسن جو وشنو پراڻ- باب iv ص-2- هال وارو ڇاپو جلد iv ص- 263.
(٦٠٧) جولين- هيون سئنگ ii- 306.
(٦٠٨) ترنر- جرنل ايشيائڪ سوسائٽي بنگال - 865.
(٦٠٩) ولسن جي وشنو پراڻ ۾ ان جو ذڪر آهي ص- 479 تي حاشيہ. هال وارو ڇاپو iv- 218.
(٦١٠) جولين- هيون سئنگ ii- 309.
(٦١١) بيل- فا- هيان xxi- xxii.
(٦١٢) ڏسو نقشو نمبر xi.
(٦١٣) ڪومادي ڪوروز- جرنل رايل ايشيائڪ سوسائٽي بنگال ii-391.
(٦١٤) بيل- فاهيان xxii-87.
(٦١٥) هيون سئنگ ii- 322.
(٦١٦) هاردي "مئنيوئل آف بڌيزم" ص- 307.
(٦١٧) ايضاً ص- 136.
(٦١٨) هاردي مئنيوئل آف بڌيزم ص- 307.
(٦١٩) ايسٽرن انديا ii- 301.
(٦٢٠) ڪلاب روٿ Klap roth فو- ڪيو- ڪي xxii-c fo-kwe-ki حاشيہ 17.
(٦٢١) آئين اڪبري ii- 305.
(٦٢٢) بچانن Buchanan ايسٽرن انديا ii- 458.
(٦٢٣) سپت بڌا ستوترا Sapta Budha Stotra جنهن جو فو- ڪيو- ڪي xxi-c حاشيہ 3 ۾ ريموسات حوالو ڏنو آهي.
(٦٢٤) ترنر جي مهاونسو جو مهاڳ ص- 33.
(٦٢٥) هاردي- مئنيوئل آف بڌيزم ص- 96.
(٦٢٦) مهاونسو جو مهاڳ ص- 34.
(٦٢٧) بيل جو فاهيان xxii-c ص- 89.
(٦٢٨) جولين هيون سئنگ ii- 325.
(٦٢٩) ڏسو نقشو نمبر xi.
(٦٣٠) مهاونسو xxxi-c ص- 185.

(٦٣١) ايضاً xxxi-c.
(٦٣٢) بيل جو فا- هيان xxiii-c ص- 90.
(٦٣٣) جولين- هيون سئنگ ii- 326.
(٦٣٤) ايضاً.
(٦٣٥) مهاونسو xxxi-c ص- 188.
(٦٣٦) بجنديٽ "ليجينڊ آف برميز ٻڌا" ص- 41.
(٦٣٧) ٽرنر- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 809- هارڊي مئنيوئل آف ٻڌيزم ص- 160 تي 480 ميل جو فاصلو ٻڌائي ٿو، جنهن مان معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ هن اهو غلط حوالو ٽرنر تان ورتو آهي.
(٦٣٨) نائوڪس- فرينچ ترجمو ص- 214.
(٦٣٩) ايسٽرن انڊيا ii- 314 ٻچانن هن کي نوار Nawar ڏني سڏيو آهي. پر ائٽلس آف انڊيا ۾ سرڪاري نقشن ۾ هن کي اميرتال Amiyartal ۾ پاڻيءَ جي وهڪري کي آمي ندي Ami Nadi لکيو آهي.
(٦٤٠) فائوڪس جو ٽپيٽ جو ترجمو ص- 214.
(٦٤١) بجنديٽ جو "ليجينڊ آف برميز ٻڌا" ص- 41.
(٦٤٢) مئنيوئل آف ٻڌيزم ص- 160.
(٦٤٣) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 808.
(٦٤٤) لليت وستار- فائوڪس جو ٽپيٽ جو ترجمو.
(٦٤٥) بجنديٽ- ليجينڊ آف برميز ٻڌا.
(٦٤٦) ٽرنر- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 103.
(٦٤٧) ايشياٽڪ ريسرچز بنگال xx.
(٦٤٨) ايسٽرن انڊيا ii- 370 ڏسو پڻ نقشو xi جنهن مان سنڌس جاگرافيائي بيهڪ معلوم ٿي وڃي ٿي.
(٦٤٩) بيل جو فا- هيان xxiv- 93.
(٦٥٠) جاگرافيائي بيهڪ لاءِ ڏسو نقشو xi.
(٦٥١) جولين جو هيون سئنگ ii- 349.
(٦٥٢) ﭘنهي ماڳن جي جاگرافيائي بيهڪ لاءِ ڏسو نقشو نمبر xi.
(٦٥٣) ٽرنر- جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال viii- 1005 ۾ ٻڌ گهوسو Budhaghoso تان ورتل حاشيہ.
(٦٥٤) ڪومادي ڪوروز- بنگال ايشياٽڪ ريسرچز xx.
(٦٥٥) اهو نالو پهريون ڀيرو سري لنڪا جي تذڪرن ۾ ڀيو ڀيرو برمي

تذ ڪرن ۾ نظر اچي ٿو.

(٦٥٦) ايم- جولين جو ڪتاب "Life and Pilgrimage of Hiouen Tsang" i- ص- 132 ۽ ii- 354 مطابق هن نديءَ جو نالو پو- لو- ني- سي Po-lo-no-se يا وارانسي آهي. پر هيءَ ترجمي جي غلطي آهي ۽ اهڙو اشارو ڊاڪٽر فزڊ ورڊ هال Fitzed ward Hall ڪيو آهي. ان نديءَ جو صحيح نالو پولوناءِ Po-lo-nie يا ورنا Varana آهي.

(٦٥٧) آئين اڪبري ii- 28.

(٦٥٨) "جرنل" i- 397-399.

(٦٥٩) فو-ڪيو-ڪي- باب xxxiv- مسٽر بيل پنهنجي ترجمي ۾ هن وهار Vihar کي رڻ پٽ يا ويران علائقو سڏيو آهي.

(٦٦٠) ايسٽرن انڊيا i- 143.

(٦٦١) جولين هيون سئنگ ii- 381 ڏسو نقشو نمبر xi.

(٦٦٢) ٽرنر- جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 1013.

(٦٦٣) مئنيوئل آف بڌيزم ص- 351.

(٦٦٤) بجنڊيٽ- ليجينڊ آف برميز بڌا ص- 212.

(٦٦٥) آئين اڪبري ii- 198 ڏسو نقشو نمبر xi جنهن ۾ سندس جاگرافيائي بيهڪ ڏيکاري وئي آهي.

(٦٦٦) جولين هيون سئنگ ii- 399 اتان کان سويت پور Swetpura 90 لي ۽ اتان کان گنگا 30 لي، ويسالي کان اهو ڪل فاصلو 120 لي بيهي ٿو. پر Pilgrims life جلد i- ص- 137 سويت پور تائين فاصلو 100 لي ٻڌايو ويو آهي.

(٦٦٧) جولين هيون سئنگ ii- 384.

(٦٦٨) Intraruelir a I' Hist. du Budh Ind. p-74

(٦٦٩) جولين هيون سئنگ ii- 402.

(٦٧٠) ٽرنر- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال.

(٦٧١) ايضاً vii- 993 ۽ حاشيه.

(٦٧٢) ايضاً vii- 992.

(٦٧٣) ايضاً vii- 992 تي حاشيه.

(٦٧٤) جولين هيون سئنگ.ii- 402 ڏسو پڻ نقشو xi.

(٦٧٥) ڏسو نقشو نمبر xi.

(٦٧٦) ايضاً.

(٦٧٧) ترنر- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 994.
(٦٧٨) جولين- هيون سئنگ ii- 407.
(٦٨٩) انڊيڪا x اسٽرئبو i-xv- 36 جنهن ۾ هن بلڪل ساڳيو مواد ڏنو آهي.
(٦٨٠) گزيٽيئر v پٽنا- ايراضي 20 ميل همچورس ٻڌائي ٿو.
(٦٨١) هسٽري بونيورس ii- 24.
(٦٨٢) ولسن- وشنو پراڻ ص- 467 حاشيہ 45.
(٦٨٣) ترنر- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vii- 998.
(٦٨٤) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال xiv- 137.
(٦٨٥) جولن- هيون سئنگ i- 151 وڌيڪ حاشيہ لئٽ ۾ آهي.
(٦٨٦) ويٽا اليگزينڊري ix- 2.
(٦٨٧) جولين هيون سئنگ - 409.
(٦٨٨) ايضاً ii- 439-440-441.
(٦٨٩) ايضاً ii- 445.
(٦٩٠) ايضاً i- 211 ڏسو پڻ نقشو xii.
(٦٩١) بيل- فا- هيان xxxi-c- 121.
(٦٩٢) جولين هيون سئنگ iii- ڏسو پڻ نقشو xii.
(٦٩٣) ايضاً iii- 6 ڏسو پڻ نقشو xii.
(٦٩٤) ايضاً iii- 10.
(٦٩٥) ايضاً iii- 11.
(٦٩٦) ايضاً iii- 15.
(٦٩٧) ڪومادي ڪوروس- بنگال ريسرچز xx-91.
(٦٩٨) بيل- فاهيان xxviii-c- 112.
(٦٩٩) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1938-998.
(٧٠٠) لئسن انڊ- الترٿم ii- 79 نقشي نمبر xii ۾ پنج ئي ٽڪريون ڏيکاريون ويون آهن.
(٧٠١) ڪومادي ڪوروس- بنگال ايشياٽڪ ريسرچز xx- 91.
(٧٠٢) بيل- فا- هيان xxix-c.
(٧٠٣) ايضاً xxviii-c ص- 111.
(٧٠٤) جولن هيون سئنگ i- 143.
(٧٠٥) ايم ووين ڊي سئنٽ مارٽن اڳيئي پنهنجو شڪ ڏيکاريو آهي تہ متن ۾ جيڪو 150 کان 160 لي فاصلو ڏيکاريو ويو آهي سو فقط 50 کان 60

لي سمجهڻ کپي. هيون سئنگ تي حاشيہ- ڏسو پڻ نقشو xii.
(٧٠٦) جولين- هيون سئنگ iii- 385.
(٧٠٧) ايضاً iii- 65-66.
(٧٠٨) ڏسو نقشو نمبر i.
(٧٠٩) ايضاً.
(٧١٠) جولين- هيون سئنگ iii- 73- ڏسو پڻ نقشو i.
(٧١١) آئين اڪبري ii- 178.
(٧١٢) گزيٽيئر آف انڊيا v- راج محل.
(٧١٣) جولين هيون سئنگ iv- 421 ڏسو پڻ نقشو i.
(٧١٤) راجا ترنجيني. ڏسو پڻ ڪوارٽرلي اورينٽ مئگزين ii- 168- جنهن ۾ پوندر ديس Pundra desa جو احوال ڏنو ويو آهي. ايچ. ايچ. ولسن اهو حصو پوشيہ پراڻ Bhoirsha Purana جي براهمند Brahmanda ڀاڱي مان کنيو آهي. علائقي جو وڏو حصو گنگا جي اتر ۾ هوندو هو جنهن ۾ گؤ Gaud ۽ پبنا Pabna هو.
(٧١٥) جيولين- هيون سئنگ- ضميمو iii 530، 408 ڏسو پڻ نقشو i.
(٧١٦) ريناڊ فرئگمينٽس آرابس ص- 106.
(٧١٧) ڊاڪٽر لي جو ترجمو ص- 162 جتي ڪجوارا Kajwara نالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر فارسيءَ ۾ ان کي ڪجورا Kajura لکيو ويو آهي.
(٧١٨) ايسٽرن انڊيا ii- 452.
(٧١٩) چاند Chand جي شاعريءَ جي هڪ نظم ۾ چانديل Chandel راجا پرمال Parmal (يا پرمار دي ديو) جي جنگ جو ذڪر ملي ٿو جنهن ۾ چانديل گهراڻي جي ماڻهن جو اصلي ديس مهوب کنڊ Mahoba Khand ٻڌايو وڃي ٿو.
(٧٢٠) ڪن قلمي نسخن ۾ هن نديءَ جو نالو ڪيان Kiyan ۽ ڪرن وتي Kiranavati ٻڌايو ويو آهي. پهرئين نالي مان پتو پوي ٿو تہ ان کي ائرين ڪائنس Kainas ڪري لکيو آهي ۽ اصلي لفظ ڪيانس Kianas آهي.
(٧٢١) سليمن Sleeman جرنل ايشيائڪ سوسائٽي بنگال 1837ع ص- 622.
(٧٢٢) ٽرنر ماونسو ص- 71.
(٧٢٣) جولين- هيون سئنگ iii- 167- ڏسو نقشو نمبر i.
(٧٢٤) ايضاً iii- 155.
(٧٢٥) ريناڊ- فرئگمينٽس آرابس ايٽ پرسانس et persans ص- 109.

(٧٢٦) جولين هيون سئنگ iii- 161.
(٧٢٧) ايضاً iii- 164.
(٧٢٨) ايضاً iii- 160.
(٧٢٩) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال x- 668.
(٧٣٠) نيچرل هسٽري c-vi- 23.
(٧٣١) ڊاڪٽر ڪرن- بريهٽ سنهيت.
(٧٣٢) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بامبي vii- 120.
(٧٣٣) ولسن جو ترجمو- هال وارو ڇاپو ڪتاب ii- 3 جلد ii- ص- 133.
(٧٣٤) xxii-c- 24 ۽ xxvii-16.
(٧٣٥) 2 Cron. viii- 18. In 1 kingr ix. 28 the amount is 420 talents of gold.
(٧٣٦) 12-xii-c.
(٧٣٧) جوشيوا Jashua vii-21.
(٧٣٨) هسٽري نيچرل vi- 23 وڌيڪ حاشيه لئتن ۾ آهي.
(٧٣٩) ڏسو نقشو نمبر i.
(٧٤٠) جولين- هيون سئنگ iii- 76.
(٧٤١) آئين اڪبري ii- 3- ڪامروپ ڪي ڪامتهه Kamtah به سڏيو ويو آهي.
(٧٤٢) ڏسو نقشو نمبر i.
(٧٤٣) جولين- هيون سئنگ iii-81 ڏسو نقشو نمبر i.
(٧٤٤) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vi- 793 ۽ لکت جي سٽ 19.
(٧٤٥) ڊاڪٽر ڪرن جي بريهسٽ سنهيت.
(٧٤٦) جولين- هيون سئنگ iii- 82.
(٧٤٧) ايضاً iii- 83.
(٧٤٨) ايضا iii- 84 ۽ 88.
(٧٤٩) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1866ع ص- 15.
(٧٥٠) ايضاً ص- 158 مان سون ٿل Sonthal کان سانتل Santal لفظ کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي. مون کي پڪ آهي ته وه جو نندو اچار بنگاليءَ ۾ ڏکهي الف a لاءِ ڪم ايندو آهي.
(٧٥١) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1868ع ص- 168.
(٧٥٢) ولسن جو ترجمو- هال وارو ڇاپو ڪتاب iv- 24 ۽ جلد iv ص- 203.
(٧٥٣) سمندر گپت سن 125ع ٽامي واري ٽڪيءَ جو سال 214ع يا

292ع معلوم ٿئي ٿو.
(٧٥۴) هسٽري نيچرل 22-c-vi وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾ آهي.
(٧٥٥) ايضاً vi- 21 وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾ آهي.
(٧٥٦) هيون سئنگس لائيف i- 112-235- پڻ ٽريولس ii- 349، 422 ۽ 468.
(٧٥٧) جولين- i- 184- ڏسو پڻ نقشو i.
(٧٥٨) جولين iii- 88.
(٧۴٩) هسٽري نيچرل ڏسو پڻ vi- 22.
(٧٦٠) جولين هيون سئنگ iii- 91 ڏسو پڻ نقشو i.
(٧٦١) جرنل ايشياٽڪ 1839 ص- 404. اوپر هندستان ۾ موجود اڄ U-cha يا اوڊ Oda کي ان زماني ۾ ڪيون- يو- مو Kiuen-yu-mo بہ سڏيو ويو آهي- تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سن 650ع کان 684ع تائين اهو علائقو اودر Odra يا اوڙيسا جو ڏن پرو هو.
(٧٦٢) جولين- هيون سئنگ i- 236.
(٧٦٣) ڏسو نقشو نمبر i.
(٧٦۴) جولين هيون سئنگ iii- 92 ڏسو پڻ نقشو i ۽ xiii.
(٧٦٥) هسٽري نيچرل vi- 21 وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾.
(٧٦٦) ايضاً vi- 23 وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾.
(٧٦٧) ٽرنر- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1837-860 جنهن ۾ ڏا- ڏاتو- ونسو Danth- Dhatu- wanso يعني ڏند متبرڪ جي تاريخ.
(٧٦٨) ٽرنر- مهاونسو ص- 46.
(٧٦٩) ايضاً ضميمو v ص- 88-89 هتي هيءُ بيان نظر ايندو تہ واڪلنجا جي راجڪماري تلڪ سندري سنهاپور مان آئي هئي.
(٧٧٠) ولسن- وشنو پراڻ ص- 185 ۽ 187 ۽ حاشيہ ۽ ص- 188.
(٧٧١) جيمس پرنسيپ- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال vi- 1082.
(٧٧٢) ڪوما ڊي ڪوروس- ايشياٽڪ ريسرچر xx- 85 ۽ 317.
(٧٧٣) جولين- هيون سئنگ جلد i- ص- 185 جنهن ۾ 1800 لي لکيل آهي ۽ جلد iii ص-94 تي 1900 لي نظر ايندو. ڏسو پڻ نقشو نمبر i.
(٧٧۴) ولسن- وشنو پراڻ- هال وارو ڇاپو ii- 172 ۽ حاشيہ.
(٧٧٥) هيون سئنگ iii- 101 حاشيہ 4 ۽ 5 وڌيڪ تفصيل لئٽن ۾ آهي.
(٧٧٦) ايضاً iii- 101.
(٧٧٧) بيل- فا- هيان v- xxxv.

(٧٧٨) حاشيہ لڪتن ۾ آهي.

(٧٧٩) پاٿيئر جرنل ايشياٽڪ آڪٽوبر 1839ع ص- 292.

(٧٨٠) پاٿيئر Pauthier- جرنل ايشياٽڪ 1899 ص- 293.

(٧٨١) اسان وٽ اهڙي ترجمي جو مثال "بلند شهر" آهي جنهن کي هندو انچا ڳائون Uncha gaon سڏيندا آهن.

(٧٨٢) بامبي جرنل vii ناسڪ Nasick لڪت نمبر 6 ليڪ مسٽر ويسٽ Mr. West.

(٧٨٣) سات Sata يا ساتي Sati. هي نالو يڪش Yaksa يا ديوتا جو هو جنهن جي شڪل تبديل ڪري شينهن بڻايو ويو هو ۽ مٿس هڪ ننڍڙي راجڪمار سواري ڪئي هئي. ان راجڪمار کي سات واهن Saṭavahan يا سالي واهن Salivahan جي لقب سان سڏيو ويندو هو.

(٧٨٤) ڪنهري وارن غارن ۾ ناسڪ ۽ ڪارلي وارين لڪتن جو وڏو انگ هڪ دور سان لاڳاپيل نظر ايندو. اهي سڀ لڪتون گوتمي پترا- سات ڪرني Gotami putra- Sata karni، پدوميہ Pudumayia ۽ يادنيہ- سري Yadnya-sri جي سوڪڙين سان واسطو رکن ٿيون ۽ انهن سڀني جو آنڌرا جي آزاد ملڪ سان لاڳاپو آهي، پر هڪ ساڪ دتيہ- ڪل يا ساڪ زماني جي ٽيهين سال سان لاڳاپيل نظر اچي ٿو جيڪو 108ع جي برابر ٿئي ٿو تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ آنڌرا گهراڻي جي راڄ جو زمانو بہ اهو هوندو.

(٧٨٥) هسٽري نيچرل vi-22.

(٧٨٦) وشنو پراڻ- هال وارو ڇاپو iv- 203 ۽ حاشيہ.

(٧٨٧) ڏسو نقشو i ۽ xiii منهنجي تصحيح هندستان سرڪار جي آرڪيالاجيڪل رپورٽ 1864 ۾ ڇپي هئي پر مون اهو ليک ڪيترا سال اڳ لکيو هو. ڊاڪٽر ڀائو داجي بہ چيني نالي کي ڏنڪڪٽ سمجهي ٿو پر هيءُ صاحب چيني پد جي صحيح پڙهٽي سمجهي ڪونہ سگهيو آهي. (بامبي جرنل جلد vii ص- 68)

(٧٨٨) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بامبي v- 159 ڪارلي لڪت نمبر 14.

(٧٨٩) ايضاً v- 156 ڪارلي لڪت نمبر 11.

(٧٩٠) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بامبي v- 155 ڪارلي لڪت نمبر 10.

(٧٩١) ايضاً v- 20 ڪارلي لڪت نمبر 8.

(٧٩٢) ايضاً vi- لڪت نمبر 39.

(٧٩٣) ايضاً v لڪت نمبر 10 ليفٽيننٽ بريٽ Brett جي ڏنل ڪنهري جي
پليٽن موجب جنهن سان گڏ ڊاڪٽر اسٽيون سن Dr. Stevenson جي
مماير نمبر 8 ص- 20 شامل آهي.

(٧٩٤) Burnouf Introduction a Histoire du Buddisme Indien

(٧٩٥) ڪرنل لو Low جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1848 حصو 2
ص- 87 ڏسو پڙ نقشو نمبر 13.

(٧٩٦) ٽرنر مهاونسو ص- 185.

(٧٩٧) ايضاً ص- 188.

(٧٩٨) ٽرنر مهاونسو ص- 241.

(٧٩٩) جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جو نئون سلسلو 3 ص- 155.

(٨٠٠) بيل- فاهيان xxii-c ۽ ايم جولين جو هيون سئنگ ii- 326.

(٨٠١) ڏسو نقشو نمبر 13.

(٨٠٢) ٽرنر- مهاونسو ص- 185 "منجريڪ ناگيونو" Manjerika nag
bhowanau يعني مجريڪ جي ناگن جو مالڪ.

(٨٠٣) جولين- هيون سئنگ i- 188.

(٨٠٤) هئملٽن جو گزيٽيئر آف انڊيا ۾ امروتي Amravatty آهي.

(٨٠٥) "ڀيلس ٽوپس" Bhilas Topes. مسٽر فرگوسن Ferguson هن
کي اشوڪ واري لاٽ Lat لڪت جيان سمجهي ٿو، پر هو پنهنجي خيال ۾
بلڪل غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ لنگهہ تي نظر اينڊڙ ڀيلس ٽوپس واريون
لڪتون بلڪل [illegible] ۾ متلف آهن. منهنجي لڪتن جي ناتي بہ انهن جو
اڀياس ڪري سگهجي ٿو.

(٨٠٦) سر والٽر ايليٽ- مدراس، لٽرري جرنل 1858- جلد-3 سلسلو نئون
New Series. اهڙيون پڙهٽيون مون قائم ڪيون آهن ڏسو پليٽ xi
نمبر 105- رجنيہ گوتمي پوٽ ست ڪنيس Rojnya Gotamiputa
Sata kanisa ڏسو نمبر 97 ۽ 101 نمبر 96 تي ست ڪنيس ۽ نمبر
100 تي پدوما ويس Puduma visa نظر اچي ٿو.

(٨٠٧) ريناڊ فرئگمينٽس آراباس ص- 109.

(٨٠٨) سر هينري ايليٽ محمدن هسٽورينس آف انڊيا- مرتب ڊائوسن 1-5.

(٨٠٩) ايضاً 1- 25.

(٨١٠) اسٽرلنگ جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1837 ص- 760.

(٨١١) جولين- هيون سئنگ- 3- 396 وڌيڪ حاشيہ لٽن ۾ آهي.

(٨١٢) ڊاڪٽر ڪرن بريهٽ سنهيٽ- 7 v-xic- 12، 13، 14.
(٨١٣) جولين- هيون سئنگ iii- 110 حاشيہ 2.
(٨١٤) ايضاً iii- 116.
(٨١٥) ايضاً iii- 398.
(٨١٦) جرنل برجس- جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي xiii- 294.
(٨١٧) جولن- هيون سئنگ iii- 118 ڏسو نقشو 1.
(٨١٨) ايضاً iii- 121 ڏسو نقشو نمبر 1.
(٨١٩) جولين -1- 193 وڌيڪ حاشيہ لئٽن ۾ آهي.
(٨٢٠) هيون سئنگ 1- 193 ۽ 3- 121.
(٨٢١) ايضاً 3- 121.
(٨٢٢) جولين- هيون سئنگ iii- 146 ڏسو نقشو 1.
(٨٢٣) ولڪس Wilks ميسور-1- 14 حاشيہ مئڪنزي Mackenzie واري نسخي Mss تان ورتل.
(٨٢٤) جولين- هيون سئنگ iii- 149 ڏسو نقشو نمبر 1.
(٨٢٥) ايمر- جولين- هيون سئنگ iii- 401 لائيف آف پلگرام 1- 203 تي طرف اتر- اوڀر لکيل آهي. جيڪڏهن هن ڳالهہ تي غور ڪبو تہ مهاراشٽر جي راجڌاني هندي سمنڊ جي ڀاٽيءَ ۾ وچي بيهي ٿي تنهن ڪري اتر- اوڀر طرف جي تصحيح لازمي آهي.
(٨٢٦) ٽرنر- مهاونسو ص- 50.
(٨٢٧) ايضاً ص- 49،3،2.
(٨٢٨) جولين هيون سئنگ iii- 125 ڏسو نقشو نمبر 1.
(٨٢٩) سيلان Ceylon 1- 567 هيءَ yevsia ڪي گائو Gaou سمجهي ٿو. اهو فاصلو ايترو آهي جو عام ماڻهو هڪ ڪلاڪ اندر طئي ڪري سگهي ٿو پر ڪلاڪ Howr جو مفهوم چا ٿو ٿي سگهي هي تہ يورپي نموني جو وقت جو ڪاٿو آهي. امڪان آهي تہ گائو پنڌ جو ماپو آهي جيڪو ماڻهو گهڙيءَ يا چوويهن منٽن ۾ طئي ڪري سگهي ٿو ۽ گهڙي هندستان وقت جو چاتل سڃاتل ماپو آهي. في ميل في ڪلاڪ جي حساب سان گائو فاصلو 6/5 ميل جي برابر وچي بيهندو جيڪو مٿي ڏنل گائو- ڪوس جي فاصلي سان ذري گهٽ ٺهڪي بيهي ٿو. ولسن گائو چئن ڪوهن جي برابر ٻڌائي ٿو.
(٨٣٠) بيل جو فاهيان 7- xxxvii ص- 148- پر هيءَ ڊيگهہ وارو فاصلو

اتر کان ڏکڻ بدران اوير کان اولهہ پاسي پڌائي ٿو.

(٨٣١) سيلان ii- 101.

(٨٣٢) فو- کيو- کي xxxviii-c مهاونسو ص- 48- هيون سئنگ iii- 132.

(٨٣٣) Josephus, Antiq-1,6,4-1 kings x. II; and 2 chron viii-18- Sofir is the coptic name of India

## ضميمن جا حاشيا

(١) جولين- هيون سئنگ-1- 47.
(٢) ايضاً 1- 215.
(٣) جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال 1837 ص- 69 گمنام انگريزي ترجمو- ڏسو پڻ جرنل ايشياٽڪ 1839-398 ايم پاٿيئر جو فرنيچ ترجمو.
(۴) ايم جولين- هيون سئنگ 1- 211.
(۵) ايضاً- 1- 171.
(٦) جولين- هيون سئنگ ii- 60.
(٧) اسٽرئبو- جاگرافي i-xv- 50- للت وستار ۾ هي بيان منجهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جتي مگڌ جو ڪوهه 4000 پرهن جي ماپ جيترو ٻڌايو ويجي ٿو. (فائوڪس ص- 142)
(٨) Histoire de I'Astronomie chinorse-1-77 جو حوالو هيون سئنگ iii- 258 ۾ ڏنو آهي. شين سئنگ جي هندستان جي سفر کان اٽڪل هڪ صدي يعني 713ع کان 756ع جي وچ ڌاران چين جي هڪ جوتش جي ماهر واءِ- هئنگ Y-Hang لي Li فاصلي جون ٽي مختلف ماپون ٻڌايون آهن.
(٩) اسٽرئبو- جاگرافي xv-1-50.
(١٠) آئين اڪبري 1-171.
(١١) تزڪ جهانگيري ص- 90 ٻن سرائن جي وچ ۾ فاصلو 9 کان 13 ميل هوندو هو.
(١٢) On the site of the Atropatenian Ecbatana ص-122.




A. Cunningham del.



View from North.
A
B
HILL OF
SANGALA
between the Rivers
CHENAB AND RAVI.
D
Mundapapura
to Pindi Bhatyian 20 miles
From Chaniot 30 miles
Nar Well
E
Seasonal Swamp
A. Peak. 215 feet.
B. Ridge. 160 feet.
C. Hollow, 32 feet.
W. Brick Walls.
D. Isolated low hill
E. Ruined Buildings.
W
C
to Lahor 60 miles
3 feet deep after rain
From Shahkot 10 miles
Scale of Feet
1000
500
0
1000
2000
View from South
A
B
C
215
200
150
100
50
A. Cunningham del.




A. Cunningham delt




A. Cunningham del.




A. Cunningham. delt




A. Cunningham delt.

# INDIA.




A. Cunningham, Del.




A. Cunningham del.


MAP
OF
INDIA
shewing the
POLITICAL DIVISIONS
IN
A. D. 629-642.
References
N — Northern India
W — Western India
C — Central India
E — Eastern India
S — Southern India
Hwen Thsang's Route
Samarkand
Yarkand
Kashgar
Balkh
Kotan
Srinagar
N
W
C
E
S
STHANESWARA
VIRATA
MATHURA
GURJARA
UJJAIN
MAHA-KOSALA
UTKALA
KALINGA
ANDHRA
MAHARASHTRA
DRAVIDA
MALAKUTA
NEPALA
KAMARUPA
Kulyani
Warangol
Kanchipura
Kochin
Kaulam
Madura
Valabhi
Ujain
Mathura
Alor
Multan
Kabul
Ganjam
Jajipur


CAMPAIGN OF ALEXANDER IN SINDH
B.C. 326-325.
64 Miles to 1 Inch
MASSANI
MUSARNEI
Muxarka
OSKANA
OXYKANI
PORTIKANI
PRÆSTI
MUSIKANI
Abhijanwapura
BINAGARA
Upper Sindh
SINDOMANA
SAMBI
Middle Sind
HARMATELIA
Brahmanabad
ARABITÆ
PATALENE
BARBARIKE
MINNAGARA
Lower Sindh
XYLENOPOLIS
Audumbara
Khozdar
Shikarpur
Khairpur
Jakrao
Sonmiani
Hab R.
Hala
Nasirpur
Amari
Jharak
Mirpur
Wanga Bazar
Maghribi
Lakpat
Kotasir
Kipra
Kasmor
Rojhan
Khangarh
Larkana
Sehwan
Bela
Jamot
Ghara
Debal
Thatha
Khedewari M.
Kukiwari M.
SAGAPA OST.
SINTHON OST.
LONIBARI OST.
ERIN